

بسم اللہ الرحمن الرحیم

احسن البیان فی تفسیر القرآن


حضرت العلامہ مولانا محمد ادریس کاندھلوی

ادارۃ خدمۃ القرآن والسنۃ




www.maktabah.org





بسم الله الرحمن الرحيم

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِينَ (الاسراء)

تحقيق ۾ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽ ايمان وارن

ڪي خوشخبري ڏئي ٿو

احسن البيان في تفسير القرآن

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري

ناشر:

ادارهٔ خدمة القرآن والسنة

شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

نالو : **احسن البيان في تفسير القرآن**

مفسّر : شيخ التفسير والحديث

حضرت الحاج مولانا محمّد ادريس ڏاهري

مهتمم جامعه محمّديه مديرادارهٔ خدمة القران والسنّة - شاهپور جهانيان

0244-314244 - 0300-3028840

0301-3814120 - 03342822660

تاريخ اشاعت : 2006

ڇپائيندڙ : ادارهٔ خدمة القرآن والسنّة

شاهپور جهانيان ضلع نواب شاهه سنڌ

پريس : ضياء القرآن پبليڪيشنز لاهور

زيرنگراني : صاحبزاده عاشق حسين ڏاهري

صاحبزاده حافظ احسان الله ڏاهري

صاحبزاده قاري محمّد اسد الله ڏاهري

ملڻ جو هنڌ

جامعه محمديه

شاهپور جهانيان ضلع نواب شاهه سنڌ

* ساٿي ۽ سونهان *

١- قرآن ڪريم	باري تعاليٰ جو ڪلام
٢- تفسير ڪبير	علامه رازي عليه الرحمة
٣- مرٰاة التفسير	اشفاق الرحمٰن
٤- ڪمالين شرح اردو جلالين	محمد نعيم صاحب
٥- تفسير نعيمي	مفتي احمد يار خان صاحب
٦- تفسير القرطبي	محمد بن احمد انصاري
٧- الاتقان	جلال الدين سيوطي
٨- التفسير الڪشاف	محمود بن عمر زمخشري
٩- الدر المنثور	جلال الدين سيوطي
١٠- تفسير هاشمي	مخدوم محمد هاشم ٺٽوي
١١- التفسير المظهري	ثناءَ الله پاني پتي
١٢- تفسير فتح القدير	محمد بن علي شوڪاني
١٣- تنوير الايمان	محمد عثمان نورنگ زاده
١٤- روح المعاني	شهاب الدين محمود آلوسي بغدادي
١٥- تفسير البيضاوي	عبدالله بن عمر شيرازي
١٦- تفسير ابن ڪثير	ابو الفداءِ اسمعيل بن ڪثير الدمشقي
١٧- تفسير المنار	محمد رشيد رضا
١٨- تفسير ابن جرير	ابو جعفر محمد بن جرير الطبري
١٩- تفسير الجمل	سليمان بن عمر العجيلي
٢٠- روح البيان	اسماعيل حقي
٢١- تفسير خازن	علاو الدين علي بن محمد بغدادي
٢٢- تفسير زاد المسير	عبدالرحمن ابن الجوزي
٢٣- البحر المحيط	ابوحيان اندلسي
٢٤- تفسير جلالين مع حاشيه ڪمالين	علامه جلال الدين سيوطي ۽ شيخ سلام آلله
٢٥- تفسير احمدي	علامه احمد جيون
٢٦- تفسير صاوي	احمد بن محمد الصاوي المالڪي

٢٧- تفسير المراغي	احمد مصطفيٰ المراغي
٢٨-احكام القرآن	ابو بكر الجصاص
٢٩-تفسير ابو السعود	محمد بن احمد العمادي
٣٠- الجواهر في تفسير القرآن	الشيخ طنطاوي جوهري
٣١- لباب النقول	علامه جلال الدين سيوطي
٣٢- تفسير ضياءِ القرآن	پير محمد كرم شاه الازهري
٣٣- معارف القرآن	مفتي محمد شفيع صاحب
٣٤- نورالعرفان	مفتي احمد يار نعيمي گجراتي
٣٥- تفسير حقاني	عبدالحق حقاني دهلوي
٣٦- تفهيم القرآن	سيد ابوالاعليٰ مودودي
٣٧- المفردات	امام راغب اصبهاني
٣٨- اشعة اللمعات	شيخ عبدالحق محدث دهلوي
٣٩- الترغيب والترهيب	امام منذري
٤٠- سنن الترمذي	محمد بن عيسيٰ بن سورة الترمذي
٤١- مجمع الزوائد	نورالدين هيثمي
٤٢- الدررالمتناثرة	علامه جلال الدين سيوطي
٤٣- زرقاني شرح مواهب لدنيه	محمد بن عبدالباقي زرقاني
٤٤- خصائص كبريٰ	جلال الدين سيوطي
٤٥- تنوير الحوالک شرح موطا امام مالک	〃 〃 〃
٤٦- حجة الله البالغة	شاه ولي الله محدث دهلوي
٤٧- ترجمه قرآن فارسي	〃 〃 〃
٤٨- اطيب النغم في مدح سيد العرب والعجم	〃 〃 〃
٤٩- مرقاة شرح مشكواة	علامه علي قاري
٥٠- عمل اليوم والليلة	محدث ابن السني
٥١- صحيح بخاري	محمد بن اسماعيل بخاري
٥٢- مشكواة المصابيح	ولي الدين الخطيب
٥٣- شمائل ترمذي مع خصائل نبوي	محمد بن عيسيٰ ترمذي وعلامه زكرياكاندلوي
٥٤- بذل المجهود شرح ابي دائود	خليل احمد سهارنپوري

٥٥- شرح معاني الآثار	احمد بن محمد طحاوي
٥٦- المستدرک للحاکم	حاکم نیشاپوري
٥٧- صحيح مسلم	مسلم بن حجاج القشيري
٥٨- مسند امام احمد	احمد بن حنبل
٥٩- در مختار	علاؤالدين حصكفي
٦٠- الادب المفرد	محمد بن اسماعيل بخاري
٦١- حصن حصين	الجزري الشافعي
٦٢- الفتوحات الربانية شرح الاذكار النووية	محمد بن علان الشافعي
٦٣- حاشية القرآن	شبير احمد عثماني
٦٤- تفسير ماجدي	عبدالماجد دريابادي
٦٥- كليات امداديه	امدادالله مهاجر مكي
٦٦- سلاسل طيبه	شاه ولي الله محدث دهلوي
٦٧- نشرالطيب	علامه اشرف علي ثانوي
٦٨- سيرت حلبيه	علي بن برهان الدين حلبي
٦٩- تلبيس ابليس	ابن الجوزي
٧٠- بلوغ المرام	ابن حجر عسقلاني
٧١- الجامع الصغير	محدث سيوطي
٧٢- كتاب الكبائر	امام ذهبي
٧٣- نفحة العرب	اعزاز علي ديوبندي
٧٤- لسان العرب	جمال الدين آفريقي مصري
٧٥- القاموس المحيط	مجد الدين فيروز آبادي

فهرست

تمت بالخير

بسم الله الرحمن الرحيم

اظهار تشكر

الله تعاليٰ جي شڪر ۽ حمد ۽ حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن تي درود لامحدود پڙهڻ کان پوءِ مان دل جي گهراين‌سان پنهنجي مهربان ۽ مديني منوره جي سفر ۾ رفيق، الحاج الله ڏنو خان ولد حاجي شهزادو خان ڏاهريءَ لاءِ دعاگو آهيان ۽ ٻين سيني دوستن کي ٻه سندس لاءِ دعا جو عرض ڪندڙ آهيان، جنهن الله تعاليٰ جي رضا ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام ۽ قرآن ڪريم جي محبت ۾ پنهنجي طرفان سمورو خرچ ڪري هيءُ تفسير ڇپرايو آهي. الله تعاليٰ سندس نيڪ عمل، اولاد ۽ مال ۾ برڪتون پيدا فرمائي ۽ کيس صحت ۽ عافيت سان سدائين شاد ۽ آباد رکي.

آمين يارب العالمين.

دعا گو

الفقيرمحمد ادريس ڏاهري عفي عنه

۴ صفر المظفر ۱۴۱۴ھ
جولائي ۲۶-۷- ۱۹۹۳

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

* انتساب *

آءٌ هن تفسير سڳوري جو انتساب پنهنجي والد بزرگوار حاجي رب رکيو ڏاهريءَ رحمۃ اللہ عليه ۽ پنهنجي جيجل ماءُ مرحومہ ڏي کيان ٿو. جن پنهنجي شفقتن ۽ مهربانين سان مون کي ديني علم پڙهڻ لاءِ چڏيو. اللہ تعالیٰ پنهنجي پياري حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صدقي کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ مون کي بہ سندن دعائن جي صدقي مزيد ديني خدمتون نصيب فرمائي.

آمين ثم آمين يا رب العالمين

الفقير محمد ادريس عفي عنه

تاريخ:
۴ صفر المظفر ۱۴۱۴ھ
جولائي ۲۶-۷- ۱۹۹۳



بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ وَحْدَهٗ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰي مَنْ لَّا نَبِيَّ بَعْدَهٗ وَعَلٰي آلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَمَنْ نَحٰي نَحْوَهٗ اَمَّا بَعْدُ:

ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جيئن انسان کي اشرف الخلق ڪري پيدا فرمايو تيئن سندس رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ لاءِ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي بعثت جوسلسلو جاري ڪيو ۽ انهن مان ڪن ڀلارن تي صحيفا تہ ڪن تي ڪتاب نازل فرمايا ۽ سيني ڪان آخر ۾ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن کي موڪلي جيڪوڪتاب سندن قلب منير تي نازل فرمايو ان کي پوري دنيا جا ماڻهو قرآن ڪريم جي مٺي نالي سان ڄاڻن ۽ سڃاڻن ٿا ۽ اسان مسلمانن جو تہ عقيدو ۽ ايمان آهي تہ هي الله پاڪ جو آخري ڪتاب الله جي آخري پيغمبر صلي الله عليه وسلم تي نازل ڪيل آهي جيڪو چوڻ ۾ تہ هڪ ڪتاب آهي ۽ دنيا ۾ ڪتاب تہ اڻ ڪٿ آهن وڏاوڏا جلد، ڏسڻ ۾چمڪدار، سهڻا ۽ وڏي رونق وارا پر هن ڪتاب مبين، قرآن ڪريم، فرقان عظيم جوشان ئي نرالو آهي هي هڪ ئي وقت ڪتاب بہ آهي تہ علم ۽ معرفت جو آفتاب جهانتاب بہ آهي .جنهن ۾ زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني پيل آهي ان جي تجليات سان دنياءِ عقبيٰ ٻئي چمڪي رهيا آهن. ان جو فيض هر اجايل کي ان جي اڄ جي ضرورت آهر ڊؤ ڪرائي ٿو. ان جو پيغام عقل ۽ دانائيءَ کي جستجو جي لذت بخشي قلب ۽ روح کي عشق ۽ محبت سان مالا مال ڪري ٿو. ان جي تعليم انسان کي خود شناس ۽ خداشناس بنائي ٿي. قرآن ڪريم هر لحاظ سان جامع ۽ ان جو هر پهلو دل کي وڻندڙ ۽ دلربا آهي. جو پنهن جي پڙهندڙ کي مسحور ۽ متاثر ڪري ٿو. جڏهن ان جونزول ٿيو هو تہ ان پنهنجي فطري جاذبيت سان انساني نوع جي هر طبقي مان سنجيده ۽ ذهين فردن کي پاڻ ڏي ڇڪي ورتو ۽ ان ڳالهہ ۾ قطعًا مبالغو نہ آهي تہ قرآن ڪريم جي متعلق جيترو

ڪجهہ لکيو ويو آهي ايترو پوري دنيا ۾ ڪنهن بہ ڪتاب يا موضوع تي لکيل نہ آهي. لکندڙن ۾ پنهنجا ۽ پراوا سڀ شامل آهن .محقق بہ آهن تہ متعصب بہ. اديب بہ آهن تہ فلسفي بہ. عربي بہ آهن تہ عجمي بہ. علم جي شمع جا پروانا بہ آهن تہ معرفت جي ميخانہ جا مستانا ۽ متوالا بہ. سيني پنهنجي حال آهر قرآن حڪيم جي خدمت ڪئي آهي. بلڪ مان ائين چوڻ ۾ حق بجانب آهيان تہ قرآن پاڪ انهن سيني کان پنهنجي خدمت ورتي آهي. ۽ سيني سندس خدمت ڪي پنهنجي لاءِ عزت ۽ افتخار جو باعث سمجهيو آهي. هن بيڪنار بحر ۾ لکين ۽ ڪروڙين ٽوٻن ٽٻيون هڻي پنهنجي همت آهر املهہ موتين ۽ هيرن مان جهوليون ڀريون آهن پر ان جي اڻکٽ خزانن ۾ ڪا بہ کوٽ نہ آئي آهي ۽ جهڙا آهن تهڙائي ڀريا پيا آهن ۽ ان جي اسرار ۽ رموز جي حقيقت جي اجان پوري ڄاڻ حاصل ڪري نہ سگهيا آهن. جن پلارن بہ هن معنائن جي باغ مان گل چونڊيندي چونڊيندي عمر گذاري انهن بہ ائين ڪونہ چيو تہ اسان سڀ گل چونڊي ڇڏيا پر سيني پنهنجي بي علميءَ ۽ عاجزيءَ جو اعتراف ڪيو آهي. ۽ انهن جو اهو اعتراف تواضع ۽ انڪساريءَ جي لحاظ سان نہ پر هڪ تسليم ٿيل حقيقت جو اظهار آهي ۽ اهو انهن بيوس تي هڪ روشن حقيقت ڪي مڃيو آهي. علامہ ابن جرير ۽ ابن ڪثير جهڙا محدث ۽ مؤرخ، علامہ زمخشريؒ ۽ ابو حيان اندلسيؒ جهڙا اديب ۽ نڪتا بيان ڪندڙ، امام رازيءَ ۽ بيضاويءَ جهڙا فلسفي ۽ متڪلم، ابوبڪر جصاص ۽ ابو عبدالله القرطبيؒ جهڙا فقيہ ۽ قانون دان، ابن جوزيءَ ۽ فراءَ جهڙا ماهر ۽ قابل، علامہ حقيؒ ۽ آلوسيءَ بغداديءَ جهڙا صوفي ۽ بزرگ، علامہ قطب مصريءَ ۽ جوهريؒ طنطاويءَ جهڙا سياسي ۽ سائنسدان علامہ سيوطيءَ ۽ فرنگيءَ محليءَ جهڙا مختلف فنون ۾ مهارت جا مالڪ. جڏهن قرآن ڪريم جي عظمت ۽ جلال جي اڳيان ايندا آهن تہ " سُبْحَانَکَ لَا عِلْمَ لَنَا اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا "چوندي گوڏا کوڙي ڪنڌ جهڪائي وهندا آهن. مون عاجز گهنگار ۾ تہ نہ ايترو علم ، نہ عقل ،نہ فهم ، نہ فراست آهي پر تنهن هوندي بہ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ رب جي بي پايان رحمت ۾ اميد رکي سندس ئي سهاري سندس ئي رضا خاطر سندس پاڪ ۽ مقدس ڪلام ڪي سمجهڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ هيءُ تفسير لکڻ شروع ڪيو اٿم ۽ انجو نالو "اَحْسَنُ الْبَيَانْ فِيْ تَفْسِيْرِ الْقُرْاٰنِ" رکيو اٿم .شال اهو ڪريم ڪرم ڪري قبول ڪرڻ فرمائي ۽ ان ڪي

مون سيه ڪار لاءِ دين ۽ دنيا ۾ برڪت ۽ مصيبتن ، فتنن ۽ بلائن کان بچاءُ ۽ اولاد جي صالح ٿيڻ جووسيلو ۽ قبر ۽ قيامت جي هر تنگيءَ ۽ عذاب کان بچاءُ جو باعث ۽ ذريعو بنائي ۽ حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم سان گڏ جنت ۾ رهڻ نصيب فرمائي.

آمين ثم آمين يارب العالمين.

دعائن جو طالب الفقير محمد ادريس ڏاهري

٢١- ١١- ١٤١٢هه الموافق ١٥-٥-١٩٩٢



* قرآن ڪريم جي فياضي *

الله تعاليٰ پنهنجي احسان، عنايت ۽ خصوصي مهربانيءَ سان فاران جي وادين مان قرآن پاڪ جي فيض جو اهڙو عظيم چشمو ظاهر ڪيو جنهن مان ڪيترا علوم ۽ فنون دريائن جي صورت ۾ موجون ڪري وهڻ لڳا جن عرب جي جزيري جي اجايلن کي سيراب ڪيو ۽ انهن کي معارف ۽ حڪمتن جو جلوه گاهه بنايو. هن هڪ ڪتاب سڄوري جتي اڳين علمن کي نئين زندگي ۽ حياتي بخشي اتي بيشمار جديد علمن جي تشڪيل جوسامان به مهيا ڪيو. تفسير، لغت، فقه، اصول فقه، معاني، بلاغت، بديع، صرف، نحو، قراءت، تجويد، وعظ، خطابت، قصا، خبرون، امثال، حڪايتون ۽ انهن کان سواءِ ڪئين علوم آهن جن قرآن ڪريم جي سايهءَ عاطفت ۾ جنم ورتو ۽ ان جي آغوشِ تربيت ۾ بلندين جي چوٽين تي پهتا. اهڙيءَ طرح قرآن حڪيم جي فيض سان دنيا جي سڀ کان زياده جاهل قوم وارا علم ۽ حڪمت جي عظيم خزانن جا نه صرف مالڪ بلڪ ايجاد ڪندڙ بنيا ۽ هر دور ۾ ملت اسلاميه جي هوشيار، ذهين، روشن دماغ ۽ روشن ضمير فردن پنهنجي ذاتي صلاحيت، استطاعت، استعداد ۽ مخصوص ماحول جي ضروريات ۽ تقاضائن جي پيش نظر قرآن مجيد، فرقان حميد جي ان خدمت ڪندڙ علمن مان ڪنهن هڪ کي پنهنجي لاءِ منتخب ڪري ان تي ڪم ڪيو آهي. ۽ پنهنجي پنهنجي موضوع تي اهڙي زنده تصنيفات ۽ تاليفات جو ڳري قيمت ۽ قدر وارو ذخيرو ڇڏيو اٿن جنهن جي روشنيءَ سان پوري دنيا جا ڪتب خانا ۽ درسگاهه اڄ به چمڪي رهيا آهن پر سيني ڪان وڌيڪ اهم پهلو هيءُ آهي ته قرآن مجيد هدايت وارو ڪتاب آهي جيئن ڪيس نازل ڪندڙ الله جلَّ جَلَالُهٗ ڪيترين جاين تي سندس تعارف ان ئي معنيٰ سان ڪرايو آهي. ارشاد رباني آهي: هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ (۱) يعني هي (قرآن) ماڻهن لاءِ بيان ۽ پرهيزگارن لاءِ هدايت ۽ نصيحت آهي. (۱)

(۱) سورة آل عمران رڪوع ۱۴پ۴

ان جي ڪري هر مسلمان کي ان مان هدايت حاصل ڪرڻ ڏانهن توجهه ڏيڻ گهرجي. ڇو ته قرآن ڪريم جو اولين مقصد انسان جي اصلاح ۽ مسلسل تربيت سان ان جي نفس اماره کي مطمئن بنائڻ ۽ هواءِ هوس جي غبار کان دل جي آئيني کي صاف ڪري ان کي رباني انوار جو جلوه گاهه بنائڻ آهي. انانيت، غرور، تمرد ۽ سرڪشيءَ جي پاڙ پٽي انسان کي پنهنجي حقيقي مالڪ جي اطاعت ۽ انقياد جو عادي ڪرڻ آهي. اهو ڪم سڀ کان اهم ۽ سڀ کان سخت مشڪل ته آهي پر قرآن ڪريم ان اهم ۽ سخت ڪم کي اهڙيءَ خوبيءَ ۽ سهڻي طريقي سان سرانجام ڏنو جو دنيا جو نقشو ئي بدلجي ويو. هيءَ صرف ڳالهه نه پر هڪ حقيقت ، زنده جاويد حقيقت ۽ ناقابل انڪار حقيقت آهي ته قرآن ڪريم جي هدايت ۽ رهنمائيءَ سان انسان سڌريو ۽ ساري ڪائنات جي لاءِ آيتِ رحمت بڻيو. ذرا غور ڪري ته ڏسو حڪمتِ الٰهيه جنهن سر زمين کي قرآن ڪريم جي نزول لاءِ منتخب ڪيو اُهو عرب جو اهڙو خطو هو جتي رهڻ وارا شڪل ۽ صورت ۾ ته انسان هئا پر حقيقي طرح انسانيت سان انهن جو پري جو واسطو به نه رهيو هو. ڪفر ۽ شرڪ ، فسق ۽ فجور ،ظلم ۽ ستم ، وحشت ۽ بربريت جهالت ۽ اڻ ڄاڻائي ان کان مٿي سچائي ۽ مسڪيني مطلب ته ڪو عيب يا گمراهي اهڙي نه هئي جا انهن ۾ موجود نه هجي. پر سڄي دنيا ڏٺو ته قرآن ڪريم جي تاثير ۽ صاحبِ قرآن جي بابرڪت صحبت ۽ نوري نگاه سان اهي ڇا مان ڇا ٿي ويا جيئن سيد عبداللطيف ڀٽائيءَ عليه الرحمة فرمايو آهي :

برو هو ڀنڀور اڄ آرياڻيءَ اجاريو
لاٿو سڀ لوڪ تان هاڙي ڏي ٿئو
چوريون چرڻ سکيون پنهون ڪياڻون پور
آيو سوا نور جنهن ڏکيون ڏيل وهاريون

(رسالو)

* مسلمانو! متوجه ٿيو! *

جيڪڏهن قرآن ڪريم عرب جي اڻ ڄاڻ ،بي علم ۽ جٽن بدوين کي حضرت آدم عليه الصلواة والسّلام ۽ ان جي اولاد لاءِ باعث عز وشرف بنائي سگهي ٿو ۽ اهڙن جاهلن، اڻ پڙهيلن کي جيڪي الف - با- تا- ثا بہ پڙهي نہ سگهنداهئا علم ۽ دانش جي بزم جو صدر بڻائي سگهي ٿو ۽ ڪعبة الله شريف جي حرم ۾ ٽي سؤسٺ (٣٦٠) بتن جي پوڄا ڪرڻ واري قوم جي دل ۾ الٰهي محبت ۽ معرفت جي شمع روشن ڪري سگهي ٿو تہ هن هلندڙ دور ۾ اسان جي غلط تصورات جي بتن کي ٽوڙي ذراذرا ڪري نہ سگهندو؟ اسان جو ايمان آهي تہ بنا شڪ ۽ شبهي جي اسان جي انڌيري گهر کي ان جون ضيا بار؛ چمڪدار جهلڪيون روشن ڪري سگهن ٿيون. الله تعالىٰ جو قسم آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو پر ان شرط سان جو اسان ان جي هدايتن ۽ رهبريءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ سچيءَ دل سان تيار هجون ۽ اسان جي زندگيءَ جو قافلو ان هدايت جي شاهراه تي هلڻ شروع ڪري جيڪا قرآن مُجيد اسان لاءِ تجويز ڪئي آهي.اي عاجز ۽ پريشان ٿيندڙ مسلمانو! اڄ بہ قرآن ڪريم اوهانکي عظمت ۽ عزت جي بلندين ڏانهن وٺي هلي سگهي ٿو ان شرط سان جو اوهان ان جي قيادت قبول ڪيو.

اي پنهنجي بدقسمتيءَ تي روئڻ وارا نوجوانو! ساري جهان ۽ پوريءَ دنياجي اڳواڻي ڪرڻ اوهان جو ڪم آهي، جيڪا اوهان کان گم ٿي وئي آهي. اها اوهان کي واپس ملي سگهي ٿي جيڪڏهن اوهان ان لاءِ جدوجهد ڪيو ۽ تڙپ رکو.ڄاڻڻ گهرجي تہ زندگيءَ جي هيءَ ساري هل هلان ڪمن جي تقسيم تي وجڻ جي ڪري آهي. ڏسو ڪنهن جي هٿ ۾ حڪومت جي واڳ آهي تہ ڪو مجلس مشاورت جو رڪن آهي .ڪو تجارت ۽ صنعت کي سينگاريو اچي تہ ڪو زمين جي پيٽ مان رزق جابند ٿيل خزانا ٻاهر ڪڍي ڍير لڳايو ويٺو آهي ڪو وعظ ۽ نصيحت جي منبر تي جلوه افروز آهي تہ ڪو تعليم ۽ تدريس جي مسند کي رونق بخشيو ويٺو آهي ڪو فقيريءَ جي فڪر ۾ فنا لڳو پيو آهي تہ ڪو درويشيءَ جي

گاديءَ تي تشريف فرما آهي. مگر ڪنهن بہ قوم کي مجموعي طوراصلاح يافتہ ۽ سڌريل تڏهن چئي سگهبو جڏهن ان جا سڀ عناصر حق جي دامن کي مضبوطيءَ سان وٺي وهن ۽ پنهنجي پنهنجي عمل جي دائري ۾ قرآن مجيد جي هدايتن تي ڪار بند رهن ۽ پنهنجي فرائض جي انجام ڏهيءَ ۾ پوريءَ ديانتداريءَ کان ڪم وٺندي ايترو باهمي گهرو ۽ مستحڪم تعلق پيدا ڪن جوجيڪڏهن انهن مان ڪو هڪڙوبہ حق جي رستي کان ڦري تہ ٻيا عناصران کان متاثر نہ ٿين بلڪ ان کي "صِرَاطِ مُسْتَقِيْمِ" تي آڻڻ لاءِ هڪ قوت ٿي وڃن. قرآن ڪريم هر انسان کي پنهنجي خصوصي توجہ جو مستحق سمجهيو آهي ۽ پيدا ٿيندڙ خرابين جي نشاندهي ڪندي انهن جي عبرتناڪ انجام کان واقف ڪيو آهي. قرآن پاڪ توجہ سان پڙهجي ٿو تہ ان ۾ ڪيترين بگڙيل قومن جي حالات ۽ انهن جي حسرت ڀريي انجام جي متعلق ذڪر موجود آهي پر اسان انهن جي ذڪر پڙهندي هڪ لمحو بہ فڪر نہ ٿا ڪيون. اسين اها تڪليف تمام ٿوري برداشت ڪيون ٿا جو پنهنجي عملن جو موازنو انهن برباد ٿيل قومن جي حالات سان ڪيون ۽ سوچيون تہ ڪٿي اسين بہ انهن عملن جي ڪرڻ جي ڪري خدانخواستہ ان سزا جا مستحق نہ ٿيون. ڇو تہ الله تعاليٰ جو مڪافاتِ عمل وارو قانون اٽل ۽ نہ بدلجندڙ آهي. جيئن سندس پاڪ فرمان شاهد آهي. "وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيلًا"(١) (۽هرگز نہ لهندين الله تعاليٰ جي قانون ۾ ڪا تبديلي).

تفسير جي معنيٰ ۽ علم التفسير جا فضائل

تفسير تفعيل جي وزن تي فسر کان ورتل آهي. لغت ۾ بيان ۽ ڳالھ کولڻ کي تفسير سڏيو ويندو آهي ۽ اصطلاح ۾ هڪ اهڙي علم جو نالو آهي جنهن ۾ بشري طاقت آهر عربي قانون ۽ قاعدن جي موافق نظم قرآن جي معنيٰ جو بحث ڪيو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ قرآن مقدس ۾ آيل آيات مبارڪ جي صحيح مفهوم، معنيٰ ۽ مطلب بيان ڪرڻ جو نالو تفسير آهي. جيڪو الله تعاليٰ جي پياري حبيب صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ جن بيان ڪري اصحابن سڳورن رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ کي ٻڌايو ۽ انهن تابعين ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ تائين پهچايو ۽ ائين هلندي هلندي اسان

عـ١ سورة الفتح رڪوع ٣ پ ٢٦

تائين پهتو. علم تفسير جي غرض ۽ غايت کان هر ذي شعور واقف آهي. ان جو مقصود ۽ مطلوب اهوئي آهي تہ ان جي ذريعي ڪلام الله جي اسرار کان آگهي، واقفيت ۽ ڄاڻ حاصل ٿئي تانتہ صحيح طريقي سان اسلام جي احڪام کي استنباط ڪري سمجهي سگهجي جنهن جي هر مسلمان کي پنهنجيءَ زندگيءَ جي هر لمحہ ۾ ضرورت آهي. ۽ جزا ۽ سزا جون خبرون پڙهي انهن جي افعال ۽ اطوار جو محور بنجي سگهي. ان ئي غرض جي تحت اهو علم عهدِ رسالت مآب ﷺ ۾ ظهور پذير ٿيو. قرآن ڪريم جي سمجهائيندڙ علم التفسير جا فضائل تمام گهڻا آهن. محدث ابن ابي حاتم ۽ ٻين حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ الله تعاليٰ جي فرمان: "يُؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَاءُ" ۾ حڪمت مان مراد قرآن مجيد جي ڄاڻ ناسخ ۽ منسوخ، محڪم ۽ متشابہ، مقدم ۽ مؤخر، حلال ۽ حرام وغيره سمجهڻ آهي. ابوعبيده حضرت حسن بصريؒ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ الله تعاليٰ تہ ان ڳالهہ کي پسند ٿو فرمائي تہ ماڻهو اها ڄاڻ رکن تہ قرآن پاڪ جون آيتون ڇاجي باري ۾ نازل ٿيون آهن. ابن ابي حاتم حضرت عمرو بن مره کان روايت آندي آهي تہ جيڪڏهن مان ڪا اهڙي آيت پڙهندو آهيان جنهن کي سمجهندو نہ آهيان تہ مون کي ڏک ٿي پوندو آهي. (۱)

عقلاً بہ علم التفسير ٻين سڀني علمن کان افضل، عمدو ۽ اعليٰ آهي. ڇو جو هر علم جي فضيلت ان جي موضوع تي ٻڌل آهي ۽ علم تفسير پنهنجي موضوع جي تقديس ۽ بلند پايہ هجڻ جي لحاظ سان علمن ۾ وڏي شرف ۽ شان وارو آهي. وحي الاهيءَ ۽ احڪام خداونديءَ کان مٿي ڪائنات جو ڪهڙو موضوع آهي. جنهن علم جو موضوع اهڙو باعظمت ۽ بابرڪت هوندو تہ ان جو لکڻ پڙهڻ، پڙهائڻ بہ يقينًا عظيم الشان ۽ بي مثال هوندو. اهو چوڻ بہ صحيح ۽ بالڪل درست آهي تہ اسان وٽ جيڪو قرآن ڪريم جو تفسيري سرمايو آهي اهو ٻين سڀني الهامي ڪتابن جي تفسير ۽ تشريح کان تمام گهڻو آهي.

پهريون مفسّر

قرآن مجيد فرقان حميد جو پهريون مفسّر، سمجهائيندڙ، وضاحت ڪندڙ، صاحبِ قرآن، سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ذات والاصفات آهي.

(۱) مرآة التفسير، ص۳

جيئن فرمان ايزدي آهي:
"وَاَنزَلْنَآ اِلَيْکَ الذِّکْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَفَکَّرُوْنَ". ع١
۽ نازل ڪيوسون توڏي ذڪر (قرآن) تہ بيان ڪريين ماڻهن لاءِ جيڪي نازل ڪيو ويو آهي انهن ڏانهن ۽ من اهي فڪر ڪن.

* عربي ادب جو ڄاڻڻ قرآن پاڪ جي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي *

هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ فرقان حميد عربي زبان ۾ نازل ٿيل آهي ۽ عربيءَ ٻوليءَ جو پنهنجو ادب آهي ۽ ان جي فصاحت ۽ بلاغت جو جدا ۽ نرالو معيار آهي ان جا مجاز، حقيقتون استعارا، امثال پنهنجا آهن ان جا اشتقاق، قواعد ۽ قانون جدا آهن ۽ ان ٻوليءَ جي دامن لفظن جي گهڻائيءَ سان ڀرپور آهي - مفردات - اشتقاق جي قاعدن تہ هن ۾ ايتري وسعت پيدا ڪئي آهي جو دنيا جي ڪا بہ ترقي يافتہ زبان ان جو مقابلو ڪري نہ ٿي سگهي. هن پاڪ ۽ مقدس پيغام کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ عربي زبان سان ربط پيدا ڪجي. ان جي قاعدن، ضابطن ۽ قانونن جي چڱيءَ طرح واقفيت رکجي. انجي ادب ۽ انشاءَ جي اسلوب جي خصوصيات کي سمجهي هر هڪ لفظ جي حقيقت کان پوريءَ طرح آگاه ۽ لطف اندوز ٿيڻ گهرجي. جتي بہ صرفي يا نحوي مونجهارو پيدا ٿئي تہ ان فن جي ماهرن جا مستند اقوال پيش ڪري خلش دور ڪجي.

* امت جي اختلافن ۽ انتشار کي ختم ڪرڻ جو حل قرآن پاڪ آهي *

قرآن ڪريم الله تعاليٰ جو آخري پيغام ۽ هر شيءِ جو تفصيل آهي. گهڻي وقت گذرڻ جي ڪري هن امت ۾ جيڪو افتراق ۽ انتشار پيدا ٿيو آهي ان کي "وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللهِ جَمِيْعًا وَّلَاتَفَرَّقُوْا" ع٢ تي عمل ڪندي ختم ڪرڻ گهرجي. قرآن

(١) سورة النحل رڪوع ٦ پ ١٤ (٢) آل عمران رڪوع ١١ پ ۴

پاڪ جي تعليمات کي نهايت شايسته ۽ دلنشين انداز ۾ پيش ڪندي بدظنيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏجي.
قرآن پاڪ کي محبت ۽ حق تي هلڻ جي سچي نيت سان غور ڪري پڙهجي تہ سڀ منجهيل مسئلا حل ٿي ويندا. قرآن پاڪ جي آيتن کي قرآن پاڪ جي آيتن ۽ احاديث مبارڪہ جي روشنيءَ ۾ علماءِ حق جي فرمودات کي ذهن نشين ڪري مطالعہ ڪجي تہ صاف صاف ظاهر ٿيندو تہ هڪ ئي حق ۽ سچ جو رستو آهي جنهن کي "صراط مستقيم" سڏيو ويو آهي.

* قرآن ڪريم هڪ مڪمل ۽ واضح ضابطۂ حيات آهي *

الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن کي صحيح ۽ سهڻي رستي سان زندگي گذارڻ لاءِ قرآن پاڪ جي صورت ۾ هڪ مڪمل ۽ واضح ضابطۂ حيات عطا ڪيو آهي ۽ اهو ايترو وسيع آهي جيتري انسان جي زندگي مختلف قسمن سان وسيع آهي.
انسان جو پنهنجي خالق سان ڪهڙو تعلق ۽ مخلوق سان ڪهڙو برتاءُ هجي. جيڪڏهن اهو حاڪم آهي تہ ان جون ذميداريون ڇا آهن ۽ جيڪڏهن رعيت آهي تہ ان کي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ان جا ڪهڙا فرائض آهن؟
جيڪڏهن دولت مند آهي تہ سندس طرزِعمل ڇا هجي ۽ جيڪڏهن فقير يا محتاج آهي تہ اهو ڪهڙي طرح وقار ۽ عزت سان زندگي گذاري؟ قرآن ڪريم جيڪا شريعت ۽ دين ڪامل اسان کي عطا ڪيو آهي ان ۾ انهن سيني سوالن جا جواب موجود آهن. عبادات، سياسيات، معاشيات، اخلاقي نظام ۽ ٻيا سڀئي امورِ شريعت پاڪ پنهنجي دامن ۾ آندا آهن جن جو سمجهڻ هر انسان جي هر وقت اهم ضرورت آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ئي دارين جي سعادت، دنياجي برڪت، ڀلائي، عزت ۽ آخرت ۾ عذاب کان نجات ۽ جنت ۾ انعامات جو ملڻ وابسته آهي

.شال قادر ڪريم رب غفور رحيم اسان ۾ عمل با اخلاص پيدا ڪري.

آمِيْنَ ثُمَّ آمِيْنَ يَا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ
بِحُرْمَةِ حَبِيْبِكَ رَحْمَةٍ لِّلْعَالَمِيْنَ
صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِلٰي يَوْمِ الدِّيْنِ.

* قرآن پاڪ جو گڏ ڪرڻ ۽ محفوظ رهڻ *

جيئن الله تعاليٰ جو مقدس ڪلام حضرت جبريل سڳوري حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن وٽ پهچايو ٿي تہ پاڻ ان کي سيني ۾ سانڍڻ سان گڏ پنهنجن اصحابن سڳورن (رضي الله عنهم) مان لکڻ جي فن ۾ مهارت رکندڙن جي هڪ جماعت کي قرآن پاڪ جي لکڻ جي لاءِ مقرر فرمايو هئائون جن کي وحي جا ڪاتب سڏيو ويندو هو جڏهن بہ ڪا هڪ آيت، يا آيتن جو مجموعو، ياڪا سورت نازل ٿيندي هئي تہ اهي ڪاتب سڳورا نبوي ارشاد جي موجب تہ "هيءَ آيت فلاڻي سورت جي فلاڻي مقام تي لکو" لکندا ويندا هئا۔ رسولِ مڪرمؐ نبي معظم، سيدِ عالم صلي الله عليه وسلم جن جي نگرانيءَ ۾ اهو سڀ ڪم هلندو هو. پر اها لکت هڪ ڪتاب جي سورت ۾ نهيل نہ هئي. بلڪ هڏين، کجيءَ جي پنن، پٿر جي ٽڪرن وغيره تي لکيو ويندوهو. ڪيترا الله تعاليٰ جا ٻانها اتاهين ڏسي پڙهندا هئا ۽ ياد بہ ڪندا هئا . قرآن ڪريم جي حفاظت جو تہ الله تعاليٰ پاڻ ذمو ڪنيو آهي. اڳ ۾ جيڪي ڪتاب اڳين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي عطا ٿيا هئا انهن ۾ لفظي ۽ معنوي تحريف ڪئي وئي هئي ۽ انهن امتن جو گمراهيءَ مان نڪرڻ جو رستو انهن ڪتابن مان نہ پر ٻين پيغمبرن سڳورن عليهم السلام جي موڪلڻ سان روشن ڪيو ويندوُ هو. پر جڏهن تہ حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن تي رسالت ۽ نبوت ختم آهي ۽ انهن تي نازل ڪيل ڪتاب بہ آخري ڪتاب آهي تہ ان ڪتاب جي حفاظت جو ذمو بہ الله تعاليٰ پاڻ ڪنيو. جيئن فرمان الهي آهي تہ "اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحَافِظُوْنَ ۰" يعني اسان قرآن کي

(١) سورة الحجر رڪوع ١ پ١٤

نازل ڪيو آهي ۽ اسين ئي ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون.
هيءَ ڳالهه به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته قرآن پاڪ جي محفوظ رهڻ جو هڪ اهم ذريعو ان کي ياد ڪرڻ آهي. سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم اجمعين کي قرآن پاڪ جي ياد ڪرڻ جو شوق ڏياريندي قيامت جي ڏينهن حفاظِ ڪرامن جي جيڪي بلند مقامات ۽ مدارج ملندا انهن جون بشارتون ڏيندا هئا نماز جهڙي پياري ۽ اهم فرض ۾ به قرآن پاڪ جي قرأت ڪرڻ فرض ڪئي وئي ته هر مسلمان ڪجهه نه ڪجهه قرآن ڪريم ياد رکي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم اجمعين مان ڪيترا فرد اهڙا هئا جن کي سارو ڪلام الله ياد هوندو هو. مگر جڏهن رحمتِ عالم، سرور اولاد آدم، نور مجسم، نبيِ مڪرم، محبوبِ معظم صلي الله عليه وسلم جن جي رفيق اعليٰ سان ملڻ دنيا مان ظاهري رحلت ڪرڻ کان پوءِ ڪن ماڻهن جي مرتد ٿيڻ ۽ اسلام کي ڇڏڻ جو فتنو ظاهر ٿيو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي پياري سهري، جان نثار صحابيءَ ۽ پهرئين سچي خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ مسلمانن جو لشڪر روانو ڪيو. ان ئي وقت ۾ نبوة جي ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ مسيلمه ڪذاب ۽ ان جي حامين سان يمامه نالي مقام تي مسلمانن جي هڪ زبردست خونريز لڙائي ٿي. ان جنگ ۾ جيتوڻيڪ مسيلمه ڪذاب ۽ ان جي ڪوڙيءَ نبوت جو خاتمو اچي ويو پر ختمِ نبوت جي فدائين جو به بي انداز جاني نقصان ٿيو جنهن ۾ ست سؤ (٧٠٠) جي قريب قرآنِ ڪريم جا حافظ سڳورا شهيد ٿي ويا. ان دردناڪ سانحه حضرت فاروقِ اعظم عمربن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه کي گهڻو پريشان ڪيو پاڻ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي بارگاه خلافت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين ته اي صديق سونهارا! باطل سان جنگين جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو آهي اهو هلندو رهندو ۽ جيڪڏهن قرآن ڪريم جي حافظن جي شهادت جو سلسلو به جاري رهيو ته مون کي انديشو آهي ته ڪٿي اسين الله تعاليٰ جي هن پياري ڪلام کان محروم نه ٿي وڃون. ان

جي ڪري مصلحت جي تقاضا هيءَ آهي تہ قرآن مجيد کي ڪتابي شڪل ۾ هڪ جاءِ گڏ ڪيو وڃي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو تہ اي عمر! مان اهو ڪم ڪيئن ڪيان جيڪو حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن نہ ڪيو آهي؟ پر حضرت عمربن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه جن ان جي اهميت ۽ ضرورت کي بيان ڪندي ان ڳالهہ تي اصرار ڪندا رهيا. نيٺ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي بہ ان جي اهميت جو احساس ٿيو ۽ پاڻ حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنه کي طلب ڪري قرآن ڪريم جي جمع ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنائون. حضرت زيد رضي الله تعاليٰ عنه جو فرمان آهي تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ جيڪڏهن مون کي حڪم ڪري ها تہ هڪ جبل کي ان جي اصلي جاءِ تان کڻي ٻئي جاءِ تي رک تہ اهو مون کي ايترو ڏکيو نہ لڳي ها جيترو هن حڪم تي عمل ڪرڻ مون کي ڏکيو ٿي لڳو. حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنه بہ اهائي ڳالهہ عرض ڪئي تہ جيڪو ڪم عهدِ رسالت ۾ نہ ٿيو آهي اهو ڪيئن ڪجي؟ پر سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي سمجهائڻ تي ان کي بہ ان ڪم جي ضرورت ذهن نشين ٿي ۽ وڏي جانفشانيءَ، محنت، تجسس ۽ جستجو سان قرآن پاڪ جو لکيل ڪتابي صورت ۾ نسخو تيار ڪيو ويو. خلافت صديقيه ۾ اهو نسخو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جن وٽ هو.ان کان پوءِ مومنن جي ماءُ حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي اهليه سيده حضرت بيبي حفصه رضي الله تعاليٰ عنها جن وٽ باحفاظت رکيو ويو ۽ جڏهن بہ ضرورت محسوس ٿيندي هئي تہ ان ڏانهن رجوع ڪيو ويندو هو. مخفي نہ رهي تہ قرآن مبين جا اولين مخاطب اهلِ عرب هئا جن جي مادري زبان عربي هئي . جيڪا عرب جي سيني قبيلن ۾ مشترڪ هئي پر انهن جي لهجي، الفاظ جي تلفظ ۽ بعضي اعرابن ۾ چڱو ۽ صاف تفاوت بہ هوندوهو ۽ اهو هر زبان جي ڳالهائيندڙن ۾ هوندو آهي. اسلام جي ابتدا ۾ انهن مختلف قبيلن جي ماڻهن کي سندن مخصوص انداز ۾ قرآن ڪريم جي قرأت جي اجازت هئي. جڏهن تہ اهي سڀ اهل زبان هئا ۽ اهڙي ٿوري تفاوت جي ڪري ڪنهن غلط فهميءَ جو ڪو بہ خطرو نہ هو تہ اهو سلسلو ڪجهہ عرصو ائين جاري رهيو،پر جڏهن الله تعاليٰ جي مهربانيءَ، نصرت ۽ مدد سان مسلمانن ٻيا

ملڪ ۾ اسلام تي آندا ۽ فتوحاتِ اسلاميه جو سلسلو وسيع کان وسيع تر ٿيندو ويو ته اتي مسلمان ٿيندڙن کي قرآن ڪريم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ضروري هو ۽ جڏهن انهن پڙهڻ، پڙهائڻ شروع ڪيو ته هر ڪنهن اهي الفاظ ۽ لهجو استعمال ڪيو جيڪو ان کي ان جي استاد کان مليو هو اهڙيءَ طرح مختلف شاگرد هڪ ٻئي جي تلفظ ۽ لهجي کي غلط سمجهڻ لڳا ۽ امڪان هو ته ڪا فتني جي باهه نه ڀڙڪي. اها خبر جڏهن امير المؤمنين سيدنا حضرت عثمان غنيءَ رضي الله تعاليٰ عنه جن کي پهتي ته پاڻ حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنه کي گهرائي فرمايائون ته قرآن ڪريم جو نزول اصل ۾ قريشين جي زبان ۽ لغت تي ٿيو هو. جو سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي اهائي زبان ۽ لغت هئي. تنهن جي ڪري قرآن ڪريم لاءِ صرف اها لغت استعمال ڪري هڪ نسخو تيار ڪيو ۽ ان جون ٻئي ڪاپيون ناهي ٻين ملڪن ۾ ورهايو. باقي ٻين لغتون منع ڪيو تانت ڪوبه فتنو ۽ فساد نه ٿئي ۽ قرآن پاڪ پنهنجي اصلي لغت ۾ پوريءَ دنيا جي مسلمانن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندو رهي. انهيءَ ڪوشش ۽ ڪامياب جدوجهد جي ڪري سيدنا اميرالمومنين حضرت عثمان ذوالنورين رضي الله تعاليٰ عنه کي جامع القرآن جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي سندن ئي اعليٰ تدبر، بلند فڪر، نهايت ئي بهترين سوچ سان ملت اسلاميه هڪ وڏي فتني ۽ فساد جي ايرڻ کان محفوظ ٿي وئي .

سوال

مختلف قبيلن جي لهجي ۽ تلفظ ۾ فرق ڪيئن هو؟ ان جو هڪ به مثال ڏيندا؟

جواب

ان جو مثال هيئن آهي ته قريشي قبيلي وارا حتّيٰ چوندا هئا ته بني هذيل ۽ بني ثقيف وارا ان جي جاءِ تي ح جي بجاءِ آ ٽي اتّيٰ ڳالهائيندا هوا معنيٰ ۽ مقصد ته هڪڙو هو پر تلفظ ۾ ڪيترو فرق آهي اهو ظاهر آهي. بني اسد قبيلي وارا مضارع جي صيغي ۾ پهرئين اکر کي زير پڙهندا هئا تَعْلَمُوْنَ کي تِعْلَمُوْنَ چوندا هئا

تہ قريشي ان کي زبر سان تَعْلَمُوْنَ پڙهندا هئا. مصر وارا تہ پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ ۾ اڄ بہ زبر جي جاءِ تي زير استعمال ڪندا آهن ۽ بظاهر تہ اهو اختلاف ايڏو وڏو نہ هو پر قرآن ڪريم جو تقدس ۽ عظمت اهڙي اختلاف کي بہ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي ان جي ڪري انهن اختلافن کي سختيءَ سان منع ڪندي قرآن ڪريم کي جنهن صورت ۾ الله تعالىٰ عرشِ برين کان جبريل امين جي واسطي سان سيدالمرسلين خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم تي نازل فرمايو هو ۽ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن ان جي تعليم ڏني ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه ان کي ڪتابي صورت ۾ جمع ڪرايو ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي نياڻي ۽ سندن پڦيءَ جي ڌيءُ جي پٽ حضرت عثمان ذوالنورين رضي الله تعالىٰ عنه خالص قريشين جي لغت جي مطابق جنهن ۾ ان جو نزول ٿيو هو هڪ صحيفي ۾ لکائي ان جون ٻيون ڪاپيون ٺهرائي ٻين ملڪن ڏي موڪليون هيون. اهوئي قرآن مجيد جيئن هو تيئن بغير ڪنهن تحريف، بغير ڪنهن ذرا برابر تغير ۽ بغير ڪنهن ادنىٰ رڌوبدل جي اڄ تائين سيني مسلمانن جي سينن، گهرن، مسجدن ۽ مڪتبن ۾ موجود آهي ۽ قيامت تائين موجود رهندو ان جو اعتراف دوستن سان گڏ دشمنن، موافقن سان گڏ مخالفن، پنهنجن سان گڏ پراون کي بہ آهي تسليءَ لاءِ انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ص ١٨٠ جلد ١٣ پڙهي ڏسو.

* قرآن ڪريم جي ترتيب *

قرآن پاڪ جي آيتن ۽ سورتن جي ترتيب ٻن قسمن جي آهي هڪ تدويني. ٻي تنزيلي- ١- تدويني سورة فاتحه کان وٺي والناس تائين جيڪو ترتيب ڏنل قرآن اسان وٽ موجود آهي اها ترتيب الله تعالىٰ جبرئيل عليه السلام کي ڏني ۽ ان حضور عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ پيش ڪئي ۽ پاڻ اها اصحابِ ڪرام رضي الله عنهم کي ارشاد فرمايائون. اها ترتيب توقيفي آهي. دنيا ۾ ڪو بہ مصنف ڪنهن ڪتاب کي لکڻ شروع ڪندو آهي تہ ان جا سڀ عنوان ذهن ۾ رکي

ڪم ڪٽندو آهي ۽ جيئن ڪيس مختلف بابن ۾ مواد هٽ لڳندو ويندو آهي ته موقعي ۽ محل جي مناسبت سان هر باب ۾ اضافو ڪندو ويندو آهي. الله تعاليٰ جي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن وٽ به جيئن جيئن آيتون نازل ٿي پهچنديون ٿي ويون تيئن الهي امر سان پاڻ انهن آيتن کي موقعي ۽ محل جي موافق جيئن لوح محفوظ ۾ هو هر سورة ۾ جاءِ ڏيندا لکائيندا ٿي ويا.

٢- تنزيلي يعني نازل ٿيڻ واري ترتيب، جنهن سان سورتون ۽ آيتون نازل ٿينديون هيون. ان لحاظ سان سورتون به قسم آهن. هڪڙيون مڪي، جيڪي هجرت کان اڳ ۾ نازل ٿيون انهن جي نزول جي ترتيب هن طرح آهي. ١- اَلْعَلَقُ ٢- اَلْقَلَمُ ٣- اَلْمُزَّمِّلُ ٤- اَلْمُدَّثِّرُ ٥- اللهب ٦- اَلتَّكْوِيْرُ ٧- اَلْاَعْلٰي ٨- اَللَّيْلُ ٩- اَلْفَجْرِ ١٠- اَلضُّحيٰ ١١- اَلْاِنْشِرَاحُ ١٢- اَلْعَصْرِ ١٣- اَلْعٰدِيٰتِ ١٤- اَلْكَوْثَرُ ١٥- اَلتَّكَاثُرُ ١٦- اَلْمَاعُوْنَ ١٧- اَلْكَافِرُوْنَ ١٨- اَلْفِيْلُ ١٩- اَلْاِخْلَاصُ ٢٠- اَلنَّجْمُ ٢١- عَبَسَ ٢٢- اَلْقَدْرِ ٢٣- اَلْبُرُوْجُ ٢٤- اَلتِّيْـن ٢٥- اَلْقُرَيْشُ ٢٦- اَلْقَارِعَةُ ٢٧- اَلْهُمَزَةِ ٢٨- اَلْمُرْسَلَاتِ ٢٩- قٓ ٣٠- اَلْقِيَامَة ٣١- اَلْبَلَدُ ٣٢- اَلطَّارِقُ ٣٣- اَلْقَمَرُ ٣٤- صٓ ٣٥- اَلْاَعْرَافُ ٣٦- اَلْجِنّ ٣٧- يٰسٓ ٣٨- اَلْفُرْقَانُ ٣٩- اَلْفَاطِرُ ٤٠- مَرْيَمَ ٤١- طٰهٰ ٤٢- اَلْوَاقِعَةُ ٤٣- اَلشُّعَرَآءِ ٤٤- اَلنَّمْلُ ٤٥- اَلْقَصَصُ ٤٦- بَنِيْ اِسْرَآئِيْل ٤٧- يُوْنُسَ ٤٨- هُوْدُ ٤٩- يُوْسُفُ ٥٠- اَلْحِجْرُ ٥١- اَلْاَنْعَامُ ٥٢- اَلصَّآفَّاتِ ٥٣- لُقْمَانُ ٥٤- اَلسَّبَا ٥٥- اَلزُّمَرُ ٥٦- اَلْمُؤْمِنُ ٥٧- حٰمٓ السَّجْدَة ٥٨- حٰمٓعٓسٓقٓ ٥٩- اَلزُّخْرُفُ ٦٠- اَلدُّخَانُ ٦١- اَلْجَاثِيَةُ ٦٢- اَلْاَحْقَافُ ٦٣- اَلذَّارِيَات ٦٤- اَلْغَاشِيَةُ ٦٥- اَلْكَهْفُ. ٦٦- اَلنَّحْلُ ٦٧- نُوْحٌ ٦٨- اِبْرَاهِيْمُ ٦٩- اَلْاَنْبِيَآءِ ٧٠- اَلْمُؤْمِنُوْنَ ٧١- تَنْزِيْلُ السَّجْدَةِ ٧٢- اَلشُّوْرٰي ٧٣- اَلطُّوْر ٧٤- اَلْمُلْك ٧٥- اَلْحَآقَّة ٧٦- اَلْمَعَارِجُ ٧٧- اَلنَّبَأَ ٧٨- اَلنَّازِعٰتِ. ٧٩- اَلْاِنْفِطَارُ ٨٠- اَلْاِنْشِقَاقُ ٨١- اَلرُّوْمُ ٨٢- اَلْمُطَفِّفِيْنَ ٨٣- اَلْعَنْكَبُوْتُ.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْتِ کي آخري مڪي سورة سڏيو آهي ۽ ٻن تابعن سڳورن حضرت ضحاڪ ۽ حضرت عطاءعليهما الرحمة سورة المؤمنون کي آخري مڪي سورة سڏيو آهي ۽ مدني سورتن (جيڪي سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت کان پوءِ نازل ٿيون انهن) جي نزول جي

ترتيب هن طرح آهي.
١- اَلْبَقَرَةُ ٢- آل عِمْرَانَ ٣- اَلْاَحْزَابُ ۴- اَلْمُمْتَحِنَةُ ٥- اَلنِّسَآءُ ٦- اَلزِّلْزَالُ ٧- اَلْحَدِيْدُ ٨- مُحَمَّدُ ٩- اَلرَّعْدُ ١٠- اَلرَّحْمَانُ ١١- اَلدَّهْرُ ١٢- اَلطَّلَاقُ ١٣- اَلْبَيِّنَةُ ١۴- اَلْحَشْرُ ١٥- اَلْفَلَقُ ١٦- اَلنَّاسُ ١٧- اَلنَّصْرُ ١٨- اَلنُّوْرُ ١٩- اَلْحَجّ ٢٠- اَلْمُنَافِقُوْنَ ٢١- اَلْمُجَادَلَةُ ٢٢- اَلْحُجُرَاتُ ٢٣- اَلتَّحْرِيْمُ ٢۴- اَلصَّفُّ ٢٥- اَلْجُمُعَةُ ٢٦- اَلتَّغَابُنُ ٢٧- اَلْفَتْحُ ٢٨- اَلتَّوْبَةُ ٢٩- اَلْمَائِدَةُ ٣٠- اَلْفَاتِحَةُ. هن سورت سڀوريءَ جو نزول مڪي مڪرمه ۽ مديني منوره ۾ ٻنهي جاين تي ٿيو آهي ان جي ڪري ان کي مڪيه به سڏين ٿا ته مدنيه به چون ٿا. گوياڪ اها ٻن سورتن جي جاءِ تي آهي.
فائده: بعضي بزرگن سورة مائده جي نزول کي سورة توبه جي نزول کان اڳ ۾ لکيو آهي (١)

قرآن ڪريم جي سورتن ۽ آيتن جي نزول جي موافق ترتيب نظر نه اچڻ جي ڪري ڪن سطحي نظر رکندڙ ماڻهن جي دل ۾ شبها پيدا ٿيندا آهن ڪي وري معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ پڇندا آهن ته اها ترتيب ڇو ۽ ڇاجي ڪري رکيل نه آهي؟ اڪثر عيسائي مستشرق ته ان تي وڏو زور ڏيندي ان ڳالهه جي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته قرآن ڪريم جي موجوده ترتيب عهدِ نبوت واري نه آهي بلڪ ان کان بعد صحابه ڪرام رضي الله عنهم اجمعين پنهنجي خيال سان ڏني آهي مگر انصاف سان ڪو به سمجهدار ماڻهو سوچيندو ته حقيقت ائين نه آهي اسان وڏيءَ دعويٰ سان ٿا چئون ته الله تعاليٰ جي پياري پيغمبر،ڪائنات جي رهنما ۽ رهبر صلي الله عليه وسلم جن الله تعاليٰ جي ارشاد جي مطابق قرآن ڪريم جي سورتن ۽ سورتن جي آيتن کي مرتب فرمايو ۽ هيءَ موجوده ترتيب بعينه اهائي ترتيب آهي ان لاءِ متعدد دلائل ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ رکجن ٿا. (١)
الله تعاليٰ فرمايو آهي."اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَقُرْاٰنَهٗ ۚ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ" (٢)
يعني قرآن ڪريم کي جمع ڪرڻ ۽ ان کي پڙهڻ اسان جي ذمي آهي ۽ جنهن وقت اسان ان کي پڙهون ته پوءِ ان پڙهڻ جي اتباع ڪر. هاڻي

(١)ڪمالين شرح اردو جلالين ص١١ ج ١ (٢) سوره القيامة رڪوع ١ پ ٢٩

اوهان سوچيو تہ ڇاترتيبؔ کان سواءِ ان جو پڙهڻ ممکن ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن ان جي پڙهڻ جي لاءِ ان جو مرتب هجڻ ضروري آهي تہ جنهن ذات پاڪ جي ذمي ان جو جمع ڪرڻ ۽ پڙهڻ آهي ان ئي ان جي ترتيب جو انتظام ڪيو آهي.

(٢)

تاريخي لحاظ سان سوچيو تہ عهدِ رسالتؐ ۾ بعضي اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم کي پورو قرآن ڪريم ياد هو تہ ڪن کي ڪي سڄيون سورتون ياد هيون جو اصحابي سڳورا نماز ۾ ۽ نمازن کان ٻاهر انهن جي تلاوت ڪندا هئا حضور رحمتِ عالم رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پاڻ بہ تهجد ۽ ٻين نمازن ۾، خطبات ۽ ارشادات ۾ قرآن ڪريم گهڻو تلاوت ڪند اهئا ۽ حضورصلي الله عليه وسلم جن جي قرأت ۽ ترتيب ۾ ۽ صحابہ ڪرام جي قرأت ۽ ترتيب ۾ وار جيترو بہ تفاوت نہ هوندو هو ۽ اها اهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي انڪار ڪرڻ جي ڪوبہ جراءت نہ ٿو ڪري سگهي. هاڻي اوهان پاڻ فيصلو ڪيو تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلمؐ بحڪمِ الٰهي ان کي ترتيب نہ ڏنو هو تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم ڪيئن ياد ڪيو ۽ اهي قرآن پاڪ جا حافظ ڪيئن بڻيا، بلڪ انهن جي لاءِ مسلسل تلاوت بہ ڪيئن ممڪن ٿئي ها ؟؟؟

(٣)

جيڪڏهن قرآن پاڪ کي نبي پاڪ،رسول عربي، شافِعِ محشر، صاحبِ لولاڪ، سياج افلاڪ صلي الله عليه وسلم جن ترتيب نہ ڏين ها تہ اصحاب سڳورا هڪ ٻئي سان پنهنجي دور ۾ ئي قراءت تي اختلاف ڪن ها پر جڏهن ائين نہ ٿيو تہ اهو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ قرآن ڪريم عهدِ رسالت ۾ ئي ترتيب ڏنل هو ۽ سيئي اصحابي سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم ان جي پيروي ۽ پائبندي ڪندا هئا ان جي ڪري عيسائي مستشرقين جو شور ۽ غوغا ڪو وزن نہ ٿو رکي ۽ مسلمان تہ انهن جي طرف قطعًا توجهہ نہ ڪندو.

* قرآني علم جو موضوع *

قرآن پاڪ هڪ اهڙو بي ڪنار بحر آهي جنهن جو اندازو نہ ٿو لڳائي سگهجي پران هوندي بہ هن علم، علم التفسير جو موضوع انسان آهي ان لحاظ سان تہ حقيقت نفس الامريءَ جي اعتبار سان ان جي ڀلائي، فوز ۽ فلاح ڪهڙي شيءِ ۾ ۽ نقصان ۽ خسارو ڇا ۾ آهي ۽ انجو مرڪزي مضمون هيءُ آهي تہ ظاهربينيءَ، قياس آرائيءَ ياخواهشات جي غلاميءَ جي ڪري انسان جيڪي بہ نظريا الله تعاليٰ ۽ ڪائنات جي نظام ۽ پنهنجي هستيءَ ۽ پنهنجي دنيوي زندگيءَ لاءِ قائم ڪيا ۽ انهن نظرين جي بناءَ تي رويا اختيار ڪيا آهن سيئي حقيقت نفس الامريءَ جي لحاظ سان غلط ۽ نتيجي جي اعتبار سان خود انسان لاءِ تباه.ڪندڙ آهن حقيقت اها ئي آهي جيڪا انسان کي خليفي بنائڻ وقت الله تعاليٰ پاڻ بيان ڪئي هئي ۽ ان حقيقت جي لحاظ سان انسان جي لاءِ اهوئي رويو درست ۽ خوش انجام آهي جنهن کي قرآن ڪريم صحيح سڏيو آهي قرآن ڪريم جو مقصد ۽ مدعا انسان کي صحيح رويي جي طرف سڏڻ ۽ پنهنجي پالڻهار جي ان هدايت کي واضح طور پيش ڪرڻ آهي. جنهن کي انسان پنهنجي غفلت جي ڪري گم ۽ شرارت جي ڪري مسخ ڪندو رهيو آهي.

* قرآن ڪريم هڪ زنده ۽ قيامت تائين قائم رهندڙ معجزو آهي *

ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جو ساريءَ ڪائنات جو خالق، مالڪ ۽ فرمانروا آهي ان پنهنجي بي پايان مملڪتن جي ان حصي ۾ جنهن کي زمين چوندا آهن انسان کي پيدا ڪري ان کي ڄاڻڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ جون قوتون عطا ڪري، ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جي تميز ڏئي انتخاب ۽ ارادي جي آزادي ۽ تصرف جا اختيار بخشي

پنهنجو خليفو بنائي ۽ ان منصب تي مقرر ڪرڻ وقت سندس ڪن ڪولي هيءَ ڳالهه ان کي ذهن نشين ڪرائي ته تنهنجو ۽ ساري جهان جو معبود، مالڪ ۽ حاڪم مان آهيان منهنجيءَ هن سلطنت ۾ تون نه صفا خود مختار آهين ۽ نه ڪنهن ٻئي جو ٻانهو ۽ مون کان سواءِ نه ڪو ٻيو تنهنجي لاءِ اطاعت، بندگيءَ ۽ پوڄا جو مستحق آهي. دنيا جي هيءَ حياتي جنهن ۾ توکي ڪجهه اختيار ڏئي موڪليو ويو آهي دراصل تنهنجي لاءِ هڪ امتحان جي مدت آهي جنهن کان پوءِ توکي موٽي اچڻو آهي ۽ تنهنجي عملن جو فيصلو ٿيڻو آهي جيڪڏهن منهنجي حڪم تي هلندين ته توکي دنيا ۾ امن ۽ اطمينان حاصل ٿيندو ۽ آخرت ۾ ابدي راحت ۽ سرمدي مسرت جو اهو گهر عطا ٿيندو جنهن جو نالو جنت آهي ۽ جيڪڏهن تو برائي ۽ فساد برپا ڪيو ته توکي دنيا ۾ ئي بيقراريءَ ۽ بيچينيءَ جو مزو چکڻو پوندو ۽ عالمِ آخرت ۾ رنج ۽ مصيبت ۽ ابدي عذاب ملندو ۽ ان جاءِ ۾ توکي رکيو ويندو جنهن جو نالو دوزخ آهي. اهي سڀ ڳالهيون سمجهائي ڪائنات جي مالڪ انسان کي زمين ۾ جاءِ ڏني ۽ کيس قانونِ حيات جي پوري پوري تعليم ڏئي پنهنجي فرمان ۽ حڪم تي هلڻ جو تاڪيد ڪيو. هلندي هلندي جڏهن انهن ۾ برائي، بيحيائي ۽ بدعملي پيدا ٿي ته انهن جي رهبريءَ لاءِ الله تعاليٰ پنهنجن پيارن ٻانهن نبين سڳورن عليهم السلام جي موڪلڻ جو سلسلو جاري ڪيو ۽ انهن نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي تائيد ۽ تصديق لاءِ سندن هٿن تي معجزات جو اظهار فرمايو ۽ سڀني کان آخر ۾ اينده حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلمؐ جن جي هٿن مبارڪن تي ڪيترا معجزا ظاهر ٿيا. جن مان سڀني کان وڏيڪ ۽ قيامت تائين رهڻ وارو معجزو اهو الٰهي ڪلام آهي جيڪو سندن پاڪ زبان فيض ترجمان مان ظهور پذير ٿيو. اهو سندن هڪ عظيم الشان ۽ قيامت تائين زنده رهڻ وارو وڏو معجزو آهي جنهن جي هڪ ننڍيءَ سورة سڳوريءَ جو مثال پيش ڪرڻ لاءِ چئلينج جي باوجود ڪافر قاصر بلڪ صفا عاجز رهيا ان جو هڪ هڪ نقطو ۽ هڪ هڪ اعراب چوڏهن سؤ (١٤٠٠) سالن گذرڻ کان پوءِ به مسلمانن جي نوراني سينن ۾ محفوظ ۽ موجود آهي دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ هڪ لفظ جو فرق نه پري پر زير يا زبر جو تفاوت به ڪري نه سگهبو انڊونيشيا کان ام القريٰ تائين.

چين کان امريڪا تائين جهان جي سيني ولايتن ۾ اهو هڪ ئي قرآن آهي جيڪو لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو ان جو پڙهڻ هر مسلمان جي سعادت ۽ پڙهي خداوندي احڪام کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل پيرا رهڻ هر ايمان واري تي فرض آهي اهوئي سندس ڪمال آهي جو جمع ڪرڻ جي سعادت واري وقت کان وٺي اڄ تائين ڪير به ٻڌائي نه سگهندو ته قرآن ڪريم جي شايع ٿيندڙ نسخن جو تعداد ڪيترو آهي عربن، ڪربن يا پدمن تائين پهچي ٿو. ڪا به حد مقرر نه آهي الله تعالىٰ ئي انهن جي تعداد کي ڄاڻي ٿو. ياد رکڻ گهرجي ته جهڙيءَ طرح نزولِ قرآن هڪ معجزو آهي اهڙيءَ طرح نظمِ قرآن به هڪ معجزو آهي ۽ ان ئي نظمِ قرآن مان عربي زبان جي قاعدن جي مطابق بشري طاقت آهر علمي بحث ڪرڻ جو نالو علمِ تاويل آهي ۽ اهو علم صحيح نموني ان کي حاصل ٿيندو جنهن کي مختلف علوم، علم ادب، اصولِ ڪلام، اصولِ فقهٗ اخلاقيات وغيره تي ڪامل عبور ۽ دسترس هوندي قرآن ڪريم ايمان وارن جي رهبريءَ سان گڏ باغي ذهنن کي به غور ڪرڻ ۽ فڪر جي دعوت ڏئي ٿو ۽ قرآن پاڪ جو نزول الله تعالىٰ جي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي ذات بابرڪات تي منشا ايزديءَ سان ضرورت جي مطابق ٿورو ٿورو ٿيندو رهيو تانت منڪرن جي ذهنن ۾ توحيد جي تعليم ۽ اسلامي عقائد چڱيءَ طرح جاءِ پيدا ڪن ۽ آهستي آهستي انهن جي طبيعتن ۾ ديني احڪام ۽ فرائض جي ادا ڪرڻ جو شوق ۽ صحيح جذبو پيدا ٿئي ۽ اندر ۾ مضبوط ۽ راسخ رهي اهڙيءَ طرح ڪڏهن ايمانيات ۽ معتقدات تي مبني احڪام جو نزول ٿيندو هو ته ڪڏهن صالح عمل جي تعليم ڏني ويندي هئي ڪڏهن ڪڏهن وري بصيرت افروز قصا ۽ واقعات نازل ٿيندا هئا جن مان عبرت وٺي پنهنجي اصلاح ڪري سگهجي ڪڏهن جنت جي بشارت جو ذڪر نازل ٿيندو هو ته ڪڏهن جهنم جي عذاب جو بيان ايندو هو ڪڏهن وقتي ضرورت ۽ مصلحت خاطر هڪ حڪم ايندو هو ته ڪڏهن ان کي منسوخ ڪندڙ ٻيو حڪم نازل ٿيندو هو. الله تعالىٰ جي محبوب عليه الصلٰوٰة والسلام جن مجمل حڪمن جي وضاحت ۽ ناسخ کي منسوخ کان جدا ڪرڻ جي هدايت فرمائيندا هئا اهو ئي علمِ تفسير جو نقطهٔ آغاز هو سندن انهن وضاحتي فرمانن کي اصحابي سڳورا رضي الله تعالىٰ عنهم قرآن پاڪ جي آيتن وانگر سينن ۾ سانديندا ۽ ياد

ڪندا ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي وضاحتي بيان لکي ڇڏيندا هئا پر اهو تمام ٿورو. زياده تر اهو ئي هوندو هو تہ اصحابي سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم نبوي ارشاداتِ کي پنهنجن سينن ۾ محفوظ رکندا هئا چنانچہ اڪابر صحابہ رضي الله تعاليٰ عنهم، رسولِ اڪرم نورِ مجسم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي ارشاد ڪيل وضاحتن سان گڏ قرآني آيتن جي اسبابِ نزول ۽ انهن جي احوال جي تقاضا کان بين کي واقف ڪندا هئا انهن کان اهي تفسيري بيان تابعين ۽ تبع تابعين تائين پهتا ان کان پوءِ انهن حقيقتن ۽ معارف کي باضابطہ طور هڪ خاص علم جي شڪل ڏني وئي ۽ ان موضوع تي وڏا وڏا ڪتاب لکيا ويا. قرآن ڪريم اهڙي پياري شيءِ آهي جنهن جي پڙهڻ سان وار ڪاندارجندا. روح وجد ۾ ايندو. اکين مان ڳوڙها ڳڙندا ۽ جذبات جو طوفان اپرندو آهي. قرآن پاڪ عقل ۽ فڪر کي مسخر ۽ مطيع ڪري قلب ۽ جگر ۾ اندر لهي ويندو آهي اهوئي مقدس ڪتاب ۽ حق جو پيغام آهي جنهن جو مثال آڻڻ لاءِ دنيا کي چئلينج ڪيو ويو آهي قرآن پاڪ ئي اها شيءِ آهي جيڪو سخت کان سخت دل کي ڳاري روئاري نرم ڪندو آهي. قرآن ڪريم جو مطالعو ڪندڙن کي ان ۾ اعتقادي مسائل، اخلاقي هدايتون، شرعي احڪام، دين جي دعوت، نصيحت، عبرت، تنقيد، ملامت، تخويف، بشارت، تسلي، دلائل، شواهد، تاريخي قصا ۽ آثارِ ڪائنات ڏي اشارا بار بار هڪ ٻئي جي پويان نظر ايندا. مگر تاريخ آهي تہ تاريخ نگاريءَ جي انداز ۾ نہ. فلسفو ۽ مابعد الطبيعيات آهن تہ فلسفي ۽ منطق جي زبان ۾ نہ. انسان ۽ موجوداتِ عالم جوذڪر آهي تہ طبيعي علوم جي طريقي تي نہ. تمدن، سياست، معيشت ۽ معاشرت جو بيان آهي نہ عمراني علوم جي طريقي تي نہ. قانوني احڪام ۽ اصولِ قانون آهي تہ دنيا جي قانون ناهيندڙ جي ڍنگ کان بلڪل جدا آهي.

قرآن ڪريم جي مطالعي ڪرڻ جو طريقو

جيڪو شخص قرآن مجيد کي سمجهي پڙهڻ گهري تہ اول پنهنجي ذهن کي پهرين قائم ڪيل تصورات ۽ نظريات ۽ موافقانہ يا مخالفانہ اغراض کان جيتري قدر ٿي سگهي خالي ڪري ۽ قرآن پاڪ جي سمجهڻ جو خالص مقصد رکي ڪلئي

دل سان ان جو پڙهڻ شروع ڪري. جيڪڏهن هڪ قسم جي مخصوص خيالن کي ذهن ۾ رکي قرآن ڪريم کي پڙهندو ته ان کي قرآن ڪريم ۾ صرف اهي خيال ئي نظر ايندا ۽ ان لاءِ قرآن پاڪ جي وسيع علوم جا دروازا نه کلندا. قرآن پاڪ کي مطالعو ڪندڙ ڪاغذ ۽ قلم کڻي ويهي ۽ هڪ طالب علم جي حيثيت سان ضروري نڪتا نوٽ ڪندو وڃي اهڙيءَ طرح ان جي اڳيان مجموعي حيثيت سان پورو نظامِ فڪر ۽ عمل ايندو جنهن کي هي پاڪ ڪلام پيش ڪرڻ چاهي ٿو ان ابتدائي مطالعي جي دوران قرآن پاڪ جي پوري منظر تي هڪ جامع نظر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ڏسندو وڃي ته هي ڪتاب ڪهڙا بنيادي تصورات پيش ڪري ٿو ۽ ان تصورات تي ڪهڙي قسم جو نظامِ زندگي تعمير ڪري ٿو ان مطالعي جي دوران جيڪڏهن ڪنهن مقام تي ڪو سوال ذهن ۾ ڪٽڪي ته ان تي اتيئي ان وقت ڪو فيصلو نه ڪري پر ان کي نوٽ ڪري ۽ صبر سان اڳتي مطالعو شروع ڪري ۽ گهڻو ڪري اڳتي ڪٿي نه ڪٿي ان کي ان جو جواب ملي ويندو ۽ جيڪڏهن اهو جواب ملي ته ان کي سوال واري نوٽ سان گڏ لکي ڇڏي ۽ جيڪڏهن نه ملي ته وري ٻيو پيرو مطالعو ڪرڻ شروع ڪري اميد ته ان سوال جو جواب ڪيس ضرور ملندو. ان ڪان پوءِ قرآني علوم تي هڪ جامع نظر حاصل ڪرڻ لاءِ تفصيلي مطالعو شروع ڪري ۽ قرآن پاڪ جو هڪ هڪ پهلو ذهن نشين ڪندو وڃي مثلا انسانيت جو ڪهڙو نمونو آهي جنهن کي قرآن پاڪ پسند فرمايو آهي ۽ ان جو ڪهڙو نمونو آهي جو ناپسند ۽ مردود آهي ان مضمون کي چڱيءَ طرح محفوظ رکڻ لاءِ پنهنجي نوٽ بوڪ تي هڪ طرف "پسنديدو انسان" ۽ ٻئي طرف " ناپسنديدو انسان"جون خصوصيتون لکندو وڃي ۽ اها معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته انسان جي فلاح ۽ نجات جو مدار ڪهڙن ڪمن تي رکيو ويو آهي ۽ ڪهڙا ڪم آهن جيڪي اُن لاءِ بربادي، نقصان ۽ هلاڪت جو سبب آهن ڪاميابيءَ جا اسباب ڪهڙا آهن ته نقصان ۽ ناڪاميءَ جا ڪهڙا؟ اهڙي طرح عقائد، اخلاق، حقوق، فرائض، معاشرت، تمدن، معيشت، سياست، قانون، نظم، جماعت، صلح، جنگ ۽ ٻيا زندگيءَ جا مسائل قرآن ڪريم جي هدايتن جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ گهرجن.

* قرآن پاڪ جي حڪمن تي هلڻ *

قرآن ڪريم جي سمجهڻ جي انهن تدبيرن جي باوجود انسان قرآن جي روح کان پوريءَ طرح تيستائين واقف نہ ٿيندو جيستائين عملاً اهو ڪم نہ ڪندو جنهن لاءِ قرآن پاڪ نازل ٿيو آهي ڇو تہ هيءُ صرف نظريات ۽ خيالات جو ڪتاب نہ آهي جو آرام سان ڪرسيءَ تي ويهي مطالعہ ڪري سڀ ڳالهيون سمجهي. هيءَ هڪ دعوت ۽ هڪ تحريڪ آهي. جنهن جي سڏ تي سعيد ۽ پاڪ ارواح هڪ جهنڊي هيٺان گڏ ٿيا ۽ خلافت الاهي قائم ڪيائون. قرآن پاڪ جا صرف الفاظ پڙهي انهن جي حقيقت تائين پهچڻ ناممڪن آهي. ٻانهي کي قرآن پاڪ پوريءَ طرح تڏهن سمجهہ ۾ ايندو جڏهن ان جي مقصدِ نزول کي ڪٺي اٿندو ۽ دعوت الي الله جو ڪم شروع ڪندو ۽ جهڙيءَ طرح قرآن پاڪ هدايتون ڏيندو وڃي اهڙيءَ طرح قدم کڻندو ۽ وڌندو وڃي ائين ڪرڻ سان اهي سڀ تجربا سامهون ايندا ويندا ــــــ مڪي پاڪ ،حبش ۽ طائف جون منزلون بہ ڏسڻ ۾ اينديون تہ بدر ۽ اُحد کان وٺي حُنين ۽ تبوڪ تائين جنگين جا مرحلا بہ نظر مان گذرندا. ابولهب ۽ ابوجهل جون حالتون، منافقن يهودين ۽ عيسائين جا احوال بہ اڳيان ايندا ۽ سابقين اولين کان وٺي مؤلفة القلوب تائين هر قسم جا انساني نمونا سامهون اچي بيهندا. قرآني سلوڪ جو شان آهي تہ پڙهندڙ جن جن منزلن کان گذرندو ويندو تہ قرآن ڪريم جون ڪجهہ آيتون ۽ ڪجهہ سورتون خودبخود اڳيان اچي ٻڌائينديون تہ اهي هن منزل تي نازل ٿيون هيون ۽ هي هي هدايتون ڪٺي آيون هيون. هن وقت اهو ممڪن آهي جو لغت، نحو، معانيءَ ۽ بيان جا ڪجهہ نڪتا سالڪ جي نگاهہ کان مخفي رهن پر اهو ناممڪن آهي جو قرآن مقدس پنهنجي فيض واري روح کي کولي تلاوت ڪندڙ جي اڳيان رکڻ کان بخل ڪري. قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ سان سڀ مسائل حل ٿي ويندا آهن. ۽ ان تي عمل ڪندڙ کي ئي پڙهڻ ۾ لطف ۽ حظ حاصل ٿيندو آهي.

* قرآن‌ڪريم سان گڏ صاحبِ قرآن عليه الصلوٰة والسلام جي اهميت ۽ ضرورت *

هن فتني ۽ فساد واري دور ۾ قرآن پاڪ جي پڙهندڙن جي اڳيان هڪ هي سوال به آندو ويندو آهي ته: جڏهن قرآن ڪريم هڪ مفصل هدايت نامو ۽ آئين آهي ته ان ۾ معاشرت، تمدن، سياست ۽ معيشت وغيره جا تفصيلي احڪام ۽ ضابطا چونه ٿا ملن ۽ انهن جي سمجهائڻ لاءِ نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جن جي موڪلڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

ان ڪي جواب ڏنو ويندو ته الله تعاليٰ ڪتاب نازل ڪرڻ سان گڏ ان جي سمجهائڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ ۽ عملي نمونو ڏيکارڻ لاءِ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام کي موڪلڻ ضروري سمجهيو ان ۾ ڪئين حڪمتون، مصلحتون ۽ ڀانهن لاءِ ڀلايون آهي جن جو تفصيل ته وڏن تفسيرن ۽ ڪتابن ۾ آهي. هتي صرف هڪ مثال ڏئي سمجهائجي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن به جاءِ يا بلڊنگ جي اسڪيم ڏني ويندي آهي ته ان لاءِ هڪ تعميري نقشو تيار ڪري رکبو آهي ۽ جيڪڏهن اتي جا ماڻهو ان نقشي تي پاڻ تعمير ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته صحيح تعمير نه بيهندي ان نقشي تي صحيح تعمير ڪرائڻ لاءِ هڪ ماهر انجنيئر جي خدمتن جي به ضرورت پوندي آهي جنهن جي مشوري سان اهوڪم پايهٔ تڪميل کي پهچندو آهي. قرآن ڪريم جزئيات جو نه پر اصول ۽ ڪليات جو ڪتاب آهي ان جو اصل ڪم هي آهي ته اسلامي نظام جي فڪري ۽ اخلاقي بنيادن لاءِ وضاحت ڪري عقلي استدلال ۽ جذباتي اپيل سان ان کي مستحڪم ۽ مضبوط بنائي پر ان تي عملي نمونو پيش ڪري ان جي حڪمن تي هلڻ جي خواهش ڪندڙن جي رهبري ۽ رهنمائي الله تعاليٰ جو سچو رسول صلي الله عليه وسلم ئي ڪري سگهي ٿو ان ڪري نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي بعثت ضروري ۽ اهم رهي.

* قرآن پاڪ جي تلاوت جا آداب *

قرآن ڪريم فيض جو سرچشمو ۽ هدايت جو ڪتاب آهي ان جي تلاوت جو مقصد دل بهلائڻ ۽ وقت گذارڻ نه آهي بلڪ ان جو اولين مقصد انسانيت جي تعمير ۽ سيرت جي تشڪيل آهي ۽ اهو مقصد تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن پڙهندڙ ان ڪتاب عزيز سان دل جو لڳاءُ ۽ طبعي ربط پيدا ڪندو ۽ ان ربط ۽ لڳاءَ جي لاءِ اسلامي مفڪرن ۽ روحاني حڪيمن ڪجهه آداب ۽ شرائط بيان فرمايا آهن جن جي پائبندي ڪرڻ سان قرآن ڪريم مان فيضياب ٿيڻ جا دروازا کلندا آهن.

١

تلاوت ڪندڙ لاءِ ضروري آهي ته وضوءَ سان هجي بيٺي يا ويٺي ادب ۽ سڪون سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري.

٢

ڪي ماڻهو جلد جلد پڙهندا ويندا آهن ته قرآن پاڪ جو ختم شريف جلدي ۽ ٿوري وقت ۾ پوروٿئي پر بهتر آهي ته سوچي سمجهي ناهي پڙهي ۽ اهو مختلف ذهنن ۽ علمي ڪمالات جي مختلف هجڻ جي ڪري مختلف وقتن ۾ پورو ٿيندو آهي حضرت عبدالله بن عمر، حضرت زيد بن ثابت، حضرت عثمان، حضرت ابن مسعود، حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنهم هڪ هفتي ۾ قرآن ڪريم جو هڪ ختم شريف ڪيندا هئا. سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ.

٣

قرآن پاڪ پڙهڻ وقت هر هڪ ڳالهه تي غور ڪندو هلي آهستي پڙهڻ جي صورت ۾ قرآن مجيد جهڙي جامع ۽ مقدس هر شيءِ لاءِ تبيان ۽ تفصيل ڪتاب تي غور ۽ فڪر ڪري سگهبو.

۴

قرآن پاڪ پڙهندي روئجي ياروئڻ جي لاءِ ڪوشش ڪجي ڇو تہ روئڻ ۽ زاري ڪرڻ سان الله تعاليٰ جي رحمت کي پاڻ ڏي متوجہ ڪري سگهبو آهي.

۵

جيڪا آيت پڙهي ان جو حق ادا ڪري يعني تسبيح واري آيت اچي تہ سبحان الله ۽ جيڪڏهن تڪبير واري آيت اچي تہ الله اڪبر چوي ۽ جيڪڏهن دعا گهرڻ لاءِ حڪم اچي تہ دعا گهري ۽ جيڪڏهن استغفار لاءِ فرمان هجي تہ مغفرت جي طلب ڪري جيڪڏهن ڪنهن آيت ۾ انعاماتِ الٰهيءَ جو ذڪر اچي تہ انهن جي ملڻ لاءِ بارگاه ايزديءَ ۾ التجا ڪري جيڪڏهن ڪٿي مصيبت ۽ عذاب جو ذڪر اچي تہ الله تعاليٰ کان پناه گهري جيڪڏهن سجدي واري آيت سڳوري پڙهي تہ تلاوت جو سجدو ڪري غرض تہ جهڙي مضمون واري آيت پڙهي ان جي تاثر جو اظهار ڪري.

٦

تلاوت شروع ڪرڻ وقت هيءَ دعا پڙهي أَعُوذُ بِاللهِ السَّمِيْعِ الْعَلِيْمِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ رَبِّ اَعُوْذُ بِکَ مِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِيْنِ وَاَعُوْذُ بِکَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ. ۽ جڏهن تلاوت ختم ڪري تہ هيئن چوي صَدَقَ اللهُ تَعَالىٰ وَبَلَّغَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَللّٰهُمَّ انْفَعْنَا بِهٖ وَبَارِکْ لَنَا فِيْهِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَاَسْتَغْفِرُ اللهَ الْحَيَّ الْقَيُّوْمَ.

۷

پڙهڻ وقت گهٽ ۾ گهٽ ايترو آواز ڪري جو پاڻ ٻڌي سگهي. وڏي آواز سان پڙهڻ ڪري جيڪڏهن ڪنهن کي مجبوريءَ جي ڪري ڪا تڪليف ٿي پهچي مثلاً بيمار آهي يا ڪو ٻيو عذر اٿس تہ وڏي آواز سان پڙهڻ مڪروه آهي.

٨

سهڻي ۽ مٺي آواز سان تصنع ۽ تكلف كان سواءِ خوش الحانيءَ سان پڙهي تانت پاڻ ۽ ٻڌڻ وارا لطف اندوز ٿين.

هي هئا ظاهري آداب،هاڻي كجهه باطني آداب به لکجن ٿا:

١- ته پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ قرآن پاڪ جي عظمت ۽ ان جي نازل كندڙ جي تعظيم سان لبريز هجي ۽ احساس رکي ته هيءُ كو معمولي يا كنهن انسان جو ناهيل كتاب نه آهي بلك جن وبشر، بحر و بر جي خالق، مالك ۽ آسمانن ۽ زمينن جي رب جو كلام معجز نظام آهي جو ان بنده پروري كندي پنهنجي ٻانهن جي هدايت جي لاءِ پنهنجي آخري پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن تي نازل فرمايو آهي.

٢-دل كي سيني وسوسن ۽ انديشن كان پاڪ كري دل جي حضور سان تلاوت ۾ مشغول رهي فكر ۽ تدبر جي جملي صلاحيتن كي قرآن پاڪ جي اسرار حاصل كرڻ لاءِ استعمال كري تانت رحمت الاهي ان جي شوق ۽ طلب جي بيقرارين تي رحم كري ان لاءِ قرآني معارف جا دروازا كولي ٣- نفس ۽ ان جون پيدا كيل خواهشون ۽ غلطيءَ ۽ جهالت جا مضبوط اعتقاد، ماحول جون مجبوريون، گناهن جون نحوستون ٻانهي كي گهڻو وقت قرآن پاڪ جي سمجهڻ ۾ ركاوٽون پيدا كنديون آهن قرآن پاڪ جهڙي زندگي بخشيندڙ چشمي تائين پهچندڙن لاءِ ضروري آهي ته هك هك ركاوٽ كي ختم كري مڙسيءَ سان اڳتي وڌندو رهي. قرآن پاڪ جي كرم جي ككر مان جيكي عرفان ۽ فيضان جا قطرا ان جي ايمان جي ٻوڪ تي پون انهن كي هر ركاوٽ كان بچائي كيس محفوظ ركڻ گهرجي.

قرآن كريم جي سمجهڻ لاءِ صرف پنهنجي عقل، هوشياريءَ، علم ۽ دانش تي ڀروسو نه كري پر الله تعاليٰ جي توفيق ۽ تائيد تي اعتماد كري ۽ قدم قدم تي ان جي توفيق، رهنمائيءَ ۽ دستگيريءَ جي لاءِ عاجزيءَ ۽ نياز سان التجا كندو رهي.

قرآن پاڪ ۾ لکيل اوقاف ۽ رموزجي سمجهاڻي

قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارا ڄاڻندا آهن تہ آيتن جي آخر يا وچ ۾ مختلف علامات ۽ اشارات ٺهيل هوندا آهن. ڪٿي ننڍڙو گول° ٺهيل هوندو آهي تہ ڪٿي م يا ص يا ز وغيره حروف لکيل هوندا آهن.هي علامات يا اشارا حقيقت ۾ رموزِ اوقاف (Ponctuation) آهن. آيت جي مطلب ڪي صحيح نموني سمجهڻ جو انحصار ڪافي حد تائين انهن رموز جي حقيقت ڪي سمجهڻ تي موقوف آهي. ان اهميت ڪي نظر ۾ رکندي انهن جو تفصيلي بيان لکجي ٿو:

◯ هي ننڍڙو گول دائرو وقف تام جي نشاني آهي. يعني هتي آيت سڄوري پوري ٿي، اتي رڪجڻ گهرجي. اصل ۾ هي گول ة هئي پر گول دائري جي شڪل ۾ لکي وڃي ٿي.

م هي وقف لازم جي نشاني آهي. هتي بيهڻ لازم آهي نہ تہ ڪلام جي خلط ملط ٿيڻ جو انديشو آهي.

ط هي وقف مطلق جي نشاني آهي،هتي پڙهندڙ ڪي بيهڻ گهرجي، پر ڪلام جو سلسلو اڃان جاري آهي ۽ ڳالهائيندڙ جومطلب اڃان پورو نہ ٿيو آهي.

ج وقف جائز جي نشاني آهي،هتي بيهي تہ بهتر ، نہ بيهي تہ ڪو حرج نہ آهي.

ز وقف مجوز جي نشاني آهي. هتي بيهي تہ درست آهي نہ تہ بهتر آهي.

ص وقف خاص جي نشاني آهي،هتي ملائي پڙهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ٿڪجي بيهي رهي تہ رخصت آهي.

صلے هي الوصل اوليٰ جو مخفف آهي يعني ملائي پڙهڻ بهتر آهي.

ق قيل عليہ الوقف جو اختصار آهي هتي نہ بيهڻ گهرجي.

صل قد يوصل جو مخفف آهي هتي بيهڻ نہ بيهڻ ٻئي جائز آهن پر بيهڻ بهتر آهي.

قف هن جو مطلب آهي بيهه. هيءَ نشاني اتي لکي ويندي آهي جتي هيءُ احتمال هوندو آهي ته پڙهندڙ هتي ملائي پڙهندو آهي.

س ياسڪته- هتي بيهڻ گهرجي پر ساهه هرگز نه ڪٽي.

وقفه ڊگهي ساهي ڪٽڻ جي نشاني آهي پر ساهه هتي به نه ڪُٽي.

لا هن جي معنيٰ آهي نه- هيءَ نشاني ڪڏهن آيت جي پوري ٿيڻ تي لکي ويندي آهي ته ڪڏهن آيت جي اندر. جيڪڏهن آيت جي اندر هجي ته اصل بيهڻ نه گهرجي ۽ جيڪڏهن آيت جي اختتام ۝ تي هجي ته بعض وٽ بيهڻ گهرجي ۽ بعض وٽ نه. ٻنهي صورتن ۾ آيت جي مفهوم ۾ ڪو فرق نه ٿو پوي.

ڪ -ڪذالڪ جو مخفف آهي يعني جيڪا نشاني پهريان هئي اها ئي هتي سمجهڻ گهرجي.



* اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ *

پناه ٿو وٺان الله جي،شيطان تڙيل کان.

اَعُوْذُ پڙهڻ جي لاءِ ٻه تي ڳالهيون سمجهڻ گهرجن.

(۱) هڪ قرآن ڪريم جي تلاوت کان اڳ ۾ پڙهڻ جي ضرورت .

(۲) ٻيو- پڙهڻ ۾ حڪمتون .

(۳) ٽيون - ان جي لفظي معنيٰ ۽ تفسير.

(۴) چوٿون - ان جي پڙهڻ جا فائدا

* پهريون پڙهڻ جي ضرورت *

الله تعالي جو فرمان آهي: "فَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ".(۱) يعني جنهن وقت پڙهبين قرآن(ڪريم) ته الله جي پناهه وٺ شيطان تڙيل کان

اهڙيءَ طرح هر ضرورت جي وقت ۾ الله تعالي جي پناهه طلب ڪرڻ، نبين سڳورن عليهم السلام ۽ ولين پلارن کان به ثابت آهي:

حضرت موسي عليه الصلواة و السلام جن جڏهن بني اسرائيل کي ڳئون کهڻ بابت الله تعاليٰ جو حڪم ٻڌايو ۽ ڪيس جواب ۾ چيائون ته تون اسان سان چٽر ٿو ڪرين ؟ تڏهن فرمايائين:"اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجَاهِلِيْنَ"(۲) پناهه ٿو وٺان الله جي هن ڳالهه کان جو جاهلن مان هجان ۽ جڏهن فرعونين سندس مخالفت ۽ قتل جو ارادو ڪيو ته فرمايائين:"اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ اَنْ تَرْجُمُوْنِ"(۳)

بي شڪ مون پناهه ورتي پنهنجي رب ۽ اوهان جي رب جي (هن ڳالهه) کان جو مون کي سنگسار ڪيو. ٻيءَ آيت ۾ آهي: "اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ مِّنْ كُلِّ مُتَكَبِّرٍ لَّا يُؤْمِنُ بِيَوْمِ الْحِسَابِ." (۴)بي شڪ مون پناه ورتي پنهنجي رب ۽ اوهان جي رب جي هر هڪ ڪندڙ کان جيڪو نٿو ايمان آڻي حساب جي ڏينهن تي. حضرت نوح عليه السلام کي جڏهن سندس پٽ لاءِ دعا گهرڻ تي الله تعاليٰ خبردار ڪيو تڏهن

(۱) سورة النحل رڪوع ۱۳ پ ۱۴ (۲) سورة بقرة رڪوع ۸ پ۱

(۳) الدخان ع ۱ پ ۲۵ (۴) المؤمن رڪوع ۳ پ۲۴

عرض ڪيائين: "رَبِّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْاَلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ" (۱) اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مان پناهه ٿو وٺان تنهنجي هن ڳالهه کان جو گهران تو کان اها شيءِ جو مون کي ان جو علم نه آهي.

حضرت يوسف عليه السلام کي جڏهن مصر واري عزيز جي گهر واريءَ برائيءَ لاءِ سڏيو تڏهن فرمايائين "مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّيْٓ اَحْسَنَ مَثْوَايَ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ۝ (۲)" پناهه الله جي بيشڪ اهو منهنجو سنڀاليندڙ آهي جنهن منهنجي رهڻ کي سٺو بنايو. بيشڪ شان هي آهي ته نه ڪامياب ٿيندا ظالم-

اهڙيءَ طرح جڏهن. بادشاهي ٿانو جي ڳولا لاءِ پنهنجي ڀاءُ بنيامين کي روڪيائين ۽ ٻين ڀائرن چيس ته ان جي بدلي ۾ اسان مان ڪنهن هڪڙي کي پاڻ وٽ ويهار ته جواب ۾ فرمايائين: "مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗٓ اِنَّآ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ۝" (۳) پناهه آهي الله جي جو وٺون اسان ان کان سواءِ جو لڌو اسان ان وٽ پنهنجي سامان کي. بيشڪ اسان ان وقت البته ظالم آهيون. اهڙيءَ طرح ٻيبي مريم عليها السلام جي والده پنهنجي اولاد لاءِ هن طرح دعا گهري "اِنِّيْٓ اُعِيْذُهَا بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ." (۴) "بيشڪ مان تنهنجي پناهه ۾ ٿي ڏيان ان ۽ ان جي اولاد کي شيطان تڙيل کان.

ٻيبي مريم سڳوريءَ جڏهن جبرئيل عليه السلام کي انساني صورت ۾ پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو تڏهن فرمايائين: "اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ تَقِيًّا" (۵) بيشڪ مان پناهه ٿي وٺان الله جي تو کان، جيڪڏهن آهين تون پرهيزگار.

اهڙيءَ طرح حضرت رسول اڪرم، نور مجسم ﷺ جن کي به متعدد جاين تي پناهه گهرڻ لاءِ امر ٿيل آهي. جيئن فرمان آهي: "فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ" (۶) پوءِ پناهه وٺ الله جي بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

ٻيءَ آيت ۾ ساڳيو ئي لفظ آهي: "فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ" (۷) "وَقُلْ رَّبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ وَاَعُوْذُ بِكَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ (۸) ۽ چئو تون (اي حبيب! ﷺ) اي پالڻهار! مان تنهنجي پناهه ٿو وٺان شيطانن جي حرڪتن کان

(۱) سورة هود رکوع ۴ پ ۱۲ — (۲) سوره يوسف رکوع ۳ پ ۱۲
(۳) سورة يوسف رکوع ۹ پ ۱۳ — (۴) آل عمران رکوع ۴ پ ۳
(۵) مريم رکوع ۲ پ ۱۶ — (۶) الاعراف رکوع ۲۴ پ ۹
(۷) حم سجده رکوع ۵ پ ۲۴ — (۸) المؤمنون رکوع ٦ پ ۱۸

۽ تنهنجي پناهہ ٿوونان،اي پالڻهار! هن ڳالهہ کان جو حاضر ٿين مون وٽ. اهڙيءَ طرح قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۾ بہ پناه وٺڻ جو ذکر آيل آهي.

علامہ رازيءَ هنن آيتن جي تفسير ڪانپوءِ لکيو آهي تہ " فهٰذِهِ الآيات دالة علىٰ ان الانبياء عليهم السلام كانوا ابدا في الاستعاذة من شرّ شياطين الانس والجنّ. (۱) يعني هي آيتون دلالت ڪندڙ آهن هن ڳالهہ تي تہ نبي سڳورا عليهم الصلواة والسلام هميشہ انسانن ۽ جنن جي شر کان پناه گهرندا رهيا.

فائده

اَعُوْذُ پڙهڻ ۾ ٽي شيون بيان ٿيون:



هڪ جنهن جي پناهہ طلب ڪجي، يعني الله تعاليٰ حقيقي پناهہ ڏيندڙ اهوئي آهي. جيئن آيت مبارڪ " قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللهِ اَحَدٌ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا "(۲) ۾ آيل آهي يعني فرماءِ تہ بيشڪ هرگز نہ بچائي سگهندو مونکي ڪو الله کان ۽ هرگز نہ لهندس مان ان ڪانسواءِ پناهہ جي جاءِ.

مگر مجازي طرح ٻيو بہ پناهہ ڏيندڙ ٿي سگهي ٿو، جيئن: " وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰي يَسْمَعَ كَلَامَ اللهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ "(۳)

يعني جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو هڪڙو تو کان (اي حبيب ﷺ!) پناهہ گهري تہ پوءِ ان کي پناهہ ڏي تانجو الله جي ڪلام کي ٻڌي پوءِ ان کي ان جي امن واري جاءِ تي پهچاءِ، اهو انجي ڪري جو اهي اڻ ڄاڻ قوم آهن."
ان جي ڪري ٻئي ڪنهن کي الله تعاليٰ جي مدد جو مظهر سمجهي مدد طلب ڪرڻ ۽ پناهہ وٺڻ شرڪ نہ آهي.



ٻيو پناهہ طلب ڪندڙ اهو مخصوص يا مقرر نہ آهي،عام امر آهي. علامہ رازيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: وهذا غير مختص بشخص معين فهو امر علىٰ سبيل العموم لانه تعاليٰ حكي ذالک عن الانبياءِ والاولياءِ. وذالک يدل علىٰ ان كل مخلوق يجب ان يكون مستعيذا بالله" (۴)

(۱) تفسير ڪبير ص ۷۳ ج ۱ — (۲) الجن ع ۲ پ ۲۹
(۳) سورة توبہ رڪوع ۱ پ ۱۰ — (۴) تفسير ڪبير ص ۷۳ ج ۱

يعني اهو ڪنهن شخص مقرر لاءِ خاص حڪم نہ آهي.
چو تہ اهو الله تعاليٰ، نبين سڳورن عليهم السلام ۽ ولين سڳورن کان نقل ڪيو آهي، جنهن مان ثابت آهي تہ هر مخلوق تي واجب آهي تہ اهو الله تعاليٰ جي پناهہ طلب ڪندڙ هجي.

فائدو:

اَعُوذُ پڙهڻ جون برڪتون

جڏهن حضرت نوح عليه السلام جن الله تعاليٰ جي پناهہ طلب ڪئي تہ الله تعاليٰ ان کي سلامتي ۽ برڪتون عطا ڪيون. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي: "قِيْلَ يَا نُوْحُ اهْبِطْ بِسَلَامٍ مِّنَّا وَبَرَكَاتٍ عَلَيْكَ" (١) يعني چيو ويو تہ اي نوح! لهہ تون ٻيڙيءَ مان سلامتيءَ سان اسان جي طرفان ۽ برڪتن سان تنهنجي مٿان.

حضرت يوسف عليه السلام جن جڏهن مصري بادشاه جي اهليہ جي شر کان بچڻ لاءِ الله تعاليٰ جي پناهہ طلب ڪئي تہ ان کي الله تعاليٰ بڇڙائيءَ ۽ بيحيائيءَ کان بچائڻ واري نعمت عطا ڪئي، جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي: "لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْءَ وَالْفَحْشَآءَ" (٢) يعني تان تہ ان کان بڇڙائيءَ ۽ بيحيائيءَ کي ڦيرائي ڇڏيون. حضرت موسيٰ عليه السلام جن جڏهن پنهنجي قوم کي ڳئون ڪهڻ لاءِ فرمايو تہ انهن ان ڳالهہ کي چٽر سمجهيو ۽ پاڻ الله تعاليٰ کان پناه طلب ڪيائون تہ الله تعاليٰ کيس اها نعمت عطا ڪئي جو چٽر جي تهمت کان پاڪ ۽ صاف رهيو ۽ ان ڪنل شخص جيئرو ٿي پنهنجا قاتل بيان ڪيا.
جڏهن سندس قوم وارن کيس فرعون جي طرفان قتل ڪرائڻ جو خوف ڏياريو ۽ پاڻ الله تعاليٰ کان پناهہ طلب ڪيائين تہ الله تعاليٰ انهن دشمنن کي برباد ۽ فنا ڪري ڇڏيو. حضرت بيبي مريم جي والده جڏهن بيبي مريم ۽ ان جي اولاد کي الله تعاليٰ جي پناهہ ۾ آندو تہ الله تعاليٰ بيبي مريم ۽ ان جي فرزند حضرت **عيسيٰ**

(١) سوره هود ع ۴ پ ١٢ (٢) سوره يوسف ع ٣ پ ١٢

عليہ السلام کي وڏا مرتبا ڏنا(۱)

۳

جنهن جي شر کان پناهہ گهري وئي،سو شيطان لعين آهي،جنهن کي قرآن ڪريم ۾ ڪيترين جاين تي انسان جو دشمن سڏيو ويو آهي. پوءِ اهو شيطان جنن مان هجي يا انسانن مان، جيئن آيت مبارڪہ " مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ"(۲)مان واضح آهي.

* فائده *

علامه رازيءَ عليہ الرحمة لکيو آهي تہ حديث پاڪ ۾ جو " اَعُوْذُ بِکَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ"آيل آهي،ان مان مراد اهي پاڪ ۽ بلند ارواح آهن، جن سان بشري ارواح خبيث ۽ انڌيري وارن ارواحن جي شر کان پناهہ حاصل ڪندا آهن(۳)

* فائده *

هن حديث مان بہ پاڪ روحن سان پناهہ وٺڻ ثابت آهي.

* اَعُوْذُ پڙهڻ جون حڪمتون *

۱- پهرين حڪمت

انسانن جي اڳيان ڪئين آفتون اچن ٿيون،جيڪي ديني يا دنيوي لحاظ سان نقصان ڏيندڙ آهن ۽ انسان جي ايتري قوت نہ آهي،جو انهن کي دفع ڪري، چو تہ فرمان الٰهيءَ "خُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا "موجب انسان ضعيف پيدا ڪيل آهي.انهن قوي مصيبتن،آفتن ۽ دشمنن کي دور ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ جي ذات کان مدد وٺڻ گهرجي. شيطان وڏو دشمن آهي. ان کي الله حيّ، قيّوم ،دفع ڪندو،ٻئي جي مجال نہ آهي. انهيءَ ڪري شيطان کان بچاءَ لاءِ الله تعاليٰ جي پناهہ ورتي ويندي آهي. (۴)

۲- ٻي حڪمت اعوذ پڙهڻ سان ماڻهو خلق کان پري ٿي خالق ڏي رجوع ٿو ڪري ۽ تصوف جي پهرين ڳالهہ اها آهي.

(۱) تفسير ڪبير ص ۷۳ ج ۱ (۲)سورة الناس پ ۳۰
(۳)تفسير ڪبير ص ۷۲ ج ۱ (۴)تفسير نعيمي ص ۲۶ ج ۱

٣- ٽين حڪمت : اعوذ پڙهڻ سان انسان پنهنجي عاجزي ۽ بي وسي ظاهر ٿو ڪري ۽ الله تعاليٰ جل شانه جي قدرت ۽ قوت جو اقرار ٿو ڪري.
٤- چوٿين حڪمت : انسان الله تعاليٰ جي راضي ڪرڻ لاءِ جيڪو رستو اختيار ٿو ڪري ان ۾ شيطان رڪاوٽ ٿو وجهي ته انسان الله تعاليٰ جي پناهه وٺي ان دشمن کان بچاءُ حاصل ٿو ڪري.
٥- پنجين حڪمت: قرآن پاڪ کي پاڪائيءَ سان هٿ لائڻ جو حڪم آهي ته جنهن زبان سان قرآن پڙهجي اها به گناهن مثلا: ڪوڙ گلا، گار وغيره کان پاڪ هجي ۽ اها اعوذ پڙهڻ سان پاڪ ٿيندي آهي.
٦- ڇهين حڪمت: شيطان انسان جو دشمن آهي، جنهن انسان کي گهٽ سمجهي، الله تعاليٰ جو حڪم ڇڏي سجدو نه ڪيو ۽ الله تعاليٰ ان کي جنت مان ڪڍي ڇڏيو. انسان به شيطان کي الله تعاليٰ جو بيفرمان سمجهي پنهنجيءَ دل (جيڪا رباني نور ۽ الهي تجليات جو مرڪز آهي) مان ڪڍي ڇڏي. اعوذ بالله پڙهڻ سان اهو پليد پري ٿي ويندو آهي (١)

* اعوذ جي لفظي معنيٰ ۽ تفسير *

اعوذ واحد متڪلم فعل مضارع جو صيغو عوذ کان ورتل آهي. جنهن جون ٻه معنائون آهن: (١) هڪ التجا ڪرڻ ۽ پناهه وٺڻ. (٢) ٻي ملڻ. پهرئين لحاظ کان معنيٰ ٿيندي: الله جي بارگاهه ۾ پناهه ٿو وٺان ۽ پناهه لاءِ التجا ٿو ڪريان. ٻئي لحاظ سان معنيٰ ٿيندي ته پاڻ کي الله جي فضل، ڪرم ۽ رحمت سان ملايان ٿو (٢)

الله جي لفظ جي معنيٰ ۽ زياده وضاحت بسم الله جي تفسير ۾ ايندي. (انشاءَ الله تعاليٰ)

اَلشَّيْطَان جي معنيٰ ۾ ٻه قول آهن: هڪ ته اهو شَيْطَنٌ کان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پري هجڻ. شيطان به الله جي رحمت کان پري آهي، ان جي ڪري ان کي شيطان سڏيو ويو. ٻيو قول آهي ته شَيْطٌ کان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: هلاڪ هجڻ، برباد هجڻ. جڏهن ته ابليس بي فرمانيءَ جي ڪري هلاڪ ۽ برباد ٿيل

(١) تفسيرنعيمي ص ٢٨ ج ١ (٢) تفسير ڪبير ص ٦٤ ج ١

آهي، تنهن جي ڪري ان کي شيطان سڏيو ويو آهي.
اَلرَّجِيُم : فعيل جي وزن تي مفعول جي معنيٰ ۾ آيل آهي. يعني تڙيل، ڌڪاريل ۽ لعنت ڪيل. جيئن قتيل مقتول جي معنيٰ ۾ ايندو آهي هن جو اصل الرجم آهي، جيڪو قتل ،لعنت، ڌڪار، گاريون ڏيڻ، گمان ڪرڻ،چنڻ ۽ پٿرن سان مارڻ جي معنيٰ ۾ ايندو آهي(١)

قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي: "فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّکَ رَجِيْمٌ "(٢)
علامہ رازيءَ رحمة الله عليه لکيو آهي تہ:شيطان جي تڙيل هجڻ مان بہ مرادون آهن:
(١) هڪ تہ الله رب العالمين جي طرفان لعنت ڪيل آهي. (٣) ٻيو تہ الله تعاليٰ خاص ملائڪ مقرر ڪيا آهن،جيڪي ڪيس ۽ سندس ساٿين کي باهہ جا الا چنبڙ تا (٣)

*اعوذ پڙهڻ جا فائدا *

(١) ڪاوڙ وغيره جي ڪري انسان ڪڏهن ڪنٽرول کان نڪري ويندو آهي، ان وقت اعوذ پڙهڻ سان اهو بيجا غصو، غلط خيال ۽ وهم دور ٿي ويندو آهي.
(٢)جڏهن بہ دل ۾ باطل خيال يا دين جي خلاف وهم ۽ شبها پيدا ٿين يا اهڙي شخص سان ملاقات ٿئي، جيڪو دين تي اعتراض يا سنت تي شبها پيدا ڪري، جنهن جي چالاڪيءَ جي ڪري مسلمان جي ايمان يا يقين کي خطرو پيدا ٿئي تہ ان وقت اعوذ پڙهڻ گهرجي.

*اعوذ جي متعلق مسئلا *

١- قرآن ڪريم جي تلاوت کان اڳ ۾ اعوذ پڙهڻ سنت آهي.
٢ - اعوذ بالله من الشيطن الرجيم قرآن جي آيت نہ آهي.
٣ - بڇڙا خواب ڏسي تہ ٽي ڀيرا اعوذ بالله پڙهي.

(١) القاموس ص ١١٧ج۴ - تفسير القرطبي ص٩٠ ج ١ - تفسير نعيمي ص ٢٦ج ١
(٢) سورة ص رڪوع ۵ پ ٢٣ (٣) تفسير ڪبير ص ٦١٤ج ١

سورة الفاتحة

* سورة فاتحہ جو تعارف *

هيءَ مختصر مگر حقيقتن ۽ معنائن سان ڀريل، دلنشين، پياري ۽ جليل القدر سورة آهي. جنهن سان هن مقدس آسماني ڪتاب جي شروعات ٿي. جنهن نظر ۽ فڪر ۾ انقلاب پيدا ڪيو آهي. جنهن دل ۽ روح کي نئين زندگي بخشي آهي. هن پاڪ سورت جون ڪئين قسمن جون برڪتون آهن، جيڪي قلمبند ٿي نہ سگهنديون.

هن جي متعلق هتي هي چند ڳالهيون عرض ڪرڻيون آهن.

(۱)هڪ هن سورة جا نالا. (۲)ٻيو شان نزول. (۳)ٽيون هن جون فضيلتون. (۴)چوٿون انجا مسئلا. (۵)پنجون لفظي تحقيق ۽ تفسير.

* نالا *

هن سورت سڳوريءَ جا نالا گهڻا آهن: جن مان هن جي ڀلائي ظاهر ٿئي ٿي. علامہ سيوطيءَ عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: فَاِنَّ كَثْرَةَ الْاَسْمَاءِ دَالَّةٌ عَلٰى شَرْفِ الْمُسَمّٰى (۱)

يعني نالن جي گهڻائي نالي رکيل شيءِ جي شرف تي دلالت ڪندڙ آهي.

علماءِ ڪرام هن سورت سڳوريءَ جا هي نالا بيان ڪيا آهن:

(۱)

فَاتِحَةُ الْكِتَابِ

حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "هِيَ اُمُّ الْقُرْاٰنِ وَهِيَ فَاتِحَةُ الْكِتَابِ وَهِيَ السَّبْعُ الْمَثَانِيْ" (۲)

اها قرآن شريف جو منڍ آهي ۽ اها ڪتاب جي شروعات آهي ۽ اها ٻيو ڀيرو ورائي

(۱) الاتقان ص۷۰ ج۱ ، تفسير ڪبير ص۱۷۳ ج۱ (۲) تفسير ابن جرير طبري ص۳۶ ج۱

آندل ست آيتون آهي. هن سورت پاڪ کي سورة الفاتحه ان ڪري چيو وڃي ٿو جو قرآن پاڪ ۾ تلاوت ڪرڻ وقت، نماز ۾ قراءت ڪرڻ وقت پهريان هن سورت سان شروعات ڪئي ويندي آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ سيني کان اڳ ۾ اها سورت نازل ٿي آهي. ان ڪري فاتحة الڪتاب سڏي وئي، يعني وحي جي شروعات پهريان سورة اقرأ سان، پوءِ وحي جي رڪجڻ کان بعد يَآ اَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ سان ٿي. ان کان بعد جڏهن باقاعده قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ پهريائين سورت فاتحه نازل ٿي. عقل بہ چوي ٿو تہ جڏهن هر مضمون تحريري هجي يا تقريري - الله تعاليٰ جي حمد سان شروع ٿيندو آهي تہ الله تعاليٰ جو هيءُ ڪلام جو پوري دنيا لاءِ عام قانون آهي، سو بہ الله تعاليٰ جي حمد سان شروع ٿيڻ گهرجي (١)

٢

فَاتِحَةُ الْقُرْآن

قرآن جو منڍ - لوح محفوظ ۾ بہ اها پهرين سورت آهي تنهن ڪري ان لاءِ اهو نالو نهايت موزون آهي.

٣

اُمُّ الْكِتَابِ
(ڪتاب جو منڍ)

اهو نالو ان جي ڪري آهي جو هيءَ سيني سورتن کان اڳيان آهي. جيئن مڪ پاڪ کي ام القريٰ سڏيو ويندو آهي جو تہ سيني شهرن کان اڳ ۾ آهي. پوري قرآن ڪريم جو خلاصو هن سورة ۾ آهي ۽ هيءَ سورة قرآن ڪريم جي سيني حڪمن ۽ مضمونن تي شامل آهي.

---

(١) تفسير ڪبير ص ١٤٣ ج ١

۴

اُمُّ الْقُرْآن

(قرآن جو منڍ)

علامه رازيءَ لکيو آهي ته هن سورة کي ام القرآن چوڻ جا هي وجهه آهن.
١- ته ام چئبو آهي اصل کي ۽ قرآن کريم ۾ مقصد آهي چئن ڳالهين کي ثابت ڪرڻ ١- الٰهيات - ٢- قيامت ٣- نبوت ۴- تقدير جو ثبوت - اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۾ الٰهيات جو ذڪر آهي. مَالِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۾ قيامت جو اِيَّاکَ نَعْبُدُ وَاِيَّاکَ نَسْتَعِيْنُ ۾ تقدير جو ثبوت آهي. چو ته الله تعاليٰ ئي مدد ڪري ٿو. اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ کان پڇاڙيءَ تائين نبوت جو بيان اچي ويو چو ته نعمت ڪيل ٻانهن ۾ اول نبي سڀ ڳورا آهن.

٢- ٻيو ته جيڪي به آسماني ڪتاب آهن انهن ۾ ٽن شين جو بيان آهي.
١- زبان سان الله تعاليٰ جي ثنا ڪرڻ ٢- خدمت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ مشغول رهڻ.
٣- مڪاشفي ۽ مشاهدي جي طلب. پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ مَالِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۾ ثناء آهي. اِيَّاکَ نَعْبُدُ وَاِيَّاکَ نَسْتَعِيْنُ ۾ خدمت ۽ تابعداري آهي مگر اِيَّاکَ نَعْبُدُ ۾ عبودية لاءِ جدوجهد جو بيان آهي ۽ ان جي حاصل ڪرڻ کان عاجزي ۽ مسڪيني ڏيکارڻ لاءِ الله تعاليٰ کان مدد طلب ڪرڻ جو ذڪر وَاِيَّاکَ نَسْتَعِيْنُ ۾ آهي. ۽ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ کان آخر تائين مڪاشفي ۽ مشاهدي جي طلب آهي. (١)

فائدو

هن سورة ۾ ست (٧) آيتون آهن. ۽ جهنم جا دروازا به ست (٧) آهن جيڪو هن کي گهڻو پڙهندو ان لاءِ جهنم جا ستئي دروازا بند رهندا. (٢)

---

(١) تفسير ڪبير ص ١٧۴ ج ١ (٢) التفسير الڪبير ص ١٧۵ ج ١

⑤

"اَلْقُرْآنُ الْعَظِيمُ"
(وڏو قرآن)

حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن فرمايو تہ "اُمُّ الْقُرْآنِ وَهِيَ السَّبْعُ الْمَثَانِيْ وَهِيَ الْقُرْآنُ الْعَظِيْمُ" (١)

يعني هيءَ سورة قرآن ڪريم جو منڍ ۽ ورائي نازل ڪيل ست آيتون ۽ اها ئي قرآن عظيم آهي. هن سورة لاءِ اهو لقب قرآن ڪريم ۾ بہ آيل آهي. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي "وَلَقَدْ اٰتَيْنَاکَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْآنَ الْعَظِيْمَ" (٢) البتہ تحقيق ڏنيون اسان توکي ست آيتون ورائي نازل ڪيل ۽ وڏو قرآن.

⑥

"اَلسَّبْعُ الْمَثَانِيْ"
(ست ورائي نازل ڪيل)

هن سورة سڳوريءَ ۾ ست آيتون آهن جنهن جي ڪري ڪيس السبع (ست) چيو ويندو آهي. مثانيءَ لاءِ ٽي وجہ بيان ڪيا ٿا وڃن ١- هڪ تہ اهو لفظ ثنا کان ورتل آهي. يعني هن سورت ۾ الله تعاليٰ جي ثنا ۽ تعريف اهڙي ڪيل آهي جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ٢- ٻيو تہ الثنيا کان ورتل آهي. ۽استثناءُ جي معنيٰ ۾ آهي. ڇو تہ الله تعاليٰ هيءَ پلاري سورت ڏئي هن امت کي باقي امتن کان خاص ۽ مستثنيٰ ڪيو آهي.

(ٽيون) ٻيڻائيءَ ۽ تڪرار جي معنيٰ ۾ ورتل آهي ڇو تہ هيءَ ئي سورة آهي

(١) تفسير الدر المنثور ص ١٢ ج ١، تفسير ابن ڪثير ص ٩ ج ١ (٢) سورة الحجر ع ٦ پ ١٤

جيڪا نماز ۾ وري وري پڙهي وڃي ٿي.

⑦
اَلْوَافِيَه
(پوري)

علامه زمخشريؒ لکيو آهي تہ:هيءَ سورة ساري قرآن جي معنيٰ تي مشتمل آهي ان ڪري "الوافيه" سڏي ٿي وڃي. (١)

ہيو تہ نماز ۾ بہ سڄي پڙهي ويندي آهي. اڌ هڪ رڪعت ۾ اڌ ٻيءَ رڪعت ۾ ڪري نہ پڙهي ويندي آهي.

الوافيه - هيءُ نالو حضرت سفيان بن عيينه رضي الله تعاليٰ عنه کان نقل ڪيل آهي (٢)

⑧
اَلْكَنْزُ
(خزانو)

حضرت ابوامامه رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي تہ:سورة فاتحہ، آية الڪرسي ، سورة بقره جي پڇاڙي ۽ سورة ڪوثر چارئي عرش جي خزاني مان لٿيون آهن. (٣)

⑨
اَلْكَافِيَه
(ڪافي ٿيندڙ)

هيءَ سورة ٻيءَ سورة يا دعا جي عيوض ڪافي ٿي سگهي ٿي مگر هن جي عيوض ٻي ڪا بہ سورت ڪافي نہ ٿي ٿي سگهي. حضرت عباده بن الصامت رضي الله

(١) الڪشاف ص ٢٣ ج ١
(٢) التفسير الڪبير ص ١٧٦ ج ١ (٣) الدر المنثور ص ١٦ ج ١ ، تفسير مظهري ص ٢ ج ١

تعاليٰ عنه كان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن فرمايو:
"اُمُّ الْقُرْآنِ عِوَضٌ عَنْ غَيْرِهَا وَلَيْسَ غَيْرُهَا عِوَضًا عَنْهَا" يعني سورة فاتحہ
ٻيءَ سورة جو عيوض ٿي سگهي ٿي ۽ ان جو غير ان جو عيوض نہ آهي" (١)
جڏهن هر سورت جو عيوض ٿي سگهي ٿي ته پوءِ ان جي بدلي ۾ بہ ڪافي ٿي سگهي ٿي.

(١٠) اَلْاَسَاسُ

(بنياد)

چو تہ هيءَ قرآن جي پهرين سورة ۽ منڍ آهي. هن ۾ بہ ٽي وجهہ آهن.
١- قرآن ڪريم جي پهرين سورة آهي. ان جي ڪري "اساس" آهي. ٢- تہ قرآن پاڪ جي وڏي شرف وارن مضمونن تي شامل آهي ۽ اهو اساس آهي. ٣- ايمان کان پوءِ عبادتن ۾ وڏي شرف واري نماز آهي. ۽ ان ۾ هيءَ داخل آهي. (٢)

(١١) اَلنُّوْرُ

(روشني)

هيءَ سورة اهڙي روشني آهي جنهن سان ٻانهو الله تعاليٰ ڏي متوجہ ٿئي ۽ ان جو حمد، ثنا ۽ وڏائي بيان ڪري قيامت جو اقرار ڪري ۽ پنهنجي عاجزي ۽ محتاجي آڏو رکي بندگي ڪري ۽ ان کان صحيح راهہ جي رهنمائي طلب ڪري. تنهن ڪري هيءُ نالو هن لاءِ مناسب ۽ موزون آهي. حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن جي خدمت ۾ جبرئيل عليه السلام ويٺو هو تہ مٿان آواز ٻڌي مٿي نهاري عرض

(١) التفسير الڪبير ص ١٧٦ ج ١
(٢) " " "

ڪيائين تہ آسمان جو هڪ دروازو کليو آهي جو اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ کليو هو پوءِ ان مان هڪڙو ملڪ لٿو ۽ جبرئيل عرض ڪيو تہ هيءُ ملڪ اڄ پهريون ڀيرو لٿو آهي. هن کان اڳ ڪڏهن بہ زمين تي نہ لٿو آهي. پوءِ ان ملڪ اچي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآلہٖ وسلم تي سلام ورائي مبارڪ ڏني تہ اوهان کي ٻہ نور مليا آهن. سورة فاتحه ۽ سورة بقره جون پويون آيتون (آمن الرسول کان پڇاڙيءَ تائين) جيڪي توکان اڳ ۾ ڪنهن بہ نبيءَ کي نہ مليون آهن. (١)

هن روايت ۾ بہ هن سورت سڄوريءَ کي نور سڏيو ويو آهي.

١٢

سُوْرَةُ الْحَمْدِ

چو تہ هن جو پهريون لفظ اَلْحَمْدُ آهي. (٢)

١٣

سُوْرَةُ الشُّكْرِ

چو تہ هن سورة ۾ الله تعاليٰ جي حمد ۽ شڪر جو ذڪر ۽ تعليم آهي ۽ الله جي فضل ۽ ڪرم ۽ احسان جو ذڪر آهي.

١۴

سُوْرَةُ الرُّقْيَة
(ڦيٽو)

هن سورة کي پڙهي بيمار تي ڦيٽو وجهبو آهي. ان جي ڪري هن کي سورة الرقيه ڦيٽي واري سورة سڏيو ويندو آهي.

(١) الدر المنثور ص١۴ ج١ وايضاً في المسلم مع شرح النووي ص٢٧١ ج١ (٢) التفسير الكبير ص١٧٣ ج١

حضرت ابوسعيد خدريءَ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن هڪ جماعت ۾ موڪليو جنهن ۾ ٽيهہ سوار هئا. سفر ڪندي اسان عربن جي هڪ قوم ۾ لٿاسون ۽ انهن کان مهمانيءَ جي طلب ڪئي سون مگر هنن انڪار ڪيو. پوءِ سندن هڪ سردار کي وڇونءَ ڏنگيو. اسان کي چيائون تہ اوهان مان ڪو ڦيٽي وجهڻ وارو آهي؟ مون چيو تہ آءٌ آهيان. مگر اوهان اسان سان سٺو نہ هليا آهيو مان ڦيٽو نہ رڪندس تانجو اوهان اسان کي ڪجهہ ڏيو انهن چيو تہ اسين اوهان کي ٽيهہ (٣٠) ٻڪريون ڏينداسون. پوءِ مون ان تي ست ڀيرا الحمد پڙهيو ۽ اهو چڱو ڀلو ٿي پيو. جڏهن انهن کان اهي ٽيهہ (٣٠) ٻڪريون ورتيوسين تہ دل ۾ خيال آيو تہ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن کان پڇڻ کان سواءِ انهن کي استعمال نہ ڪيو ويندو. پوءِ پاڻ کي روڪيوسون تانجو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت ۾ آياسون. ۽ اها ڳالهہ عرض ڪئي سون. پاڻ فرمايائون تہ " ڇا توهان کي خبر نہ آهي تہ اها سورة ڦيٽو آهي؟ اهي (مليل ٻڪريون) پاڻ ۾ ورهايو ۽ منهنجو بہ ان ۾ حصو رکو ". (١)

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ عليه الرحمة هن روايت کي آڻي بعد ۾ لکيو آهي تہ هن ڀلي حديث مان اهو مسئلہ بہ ثابت ٿيو تہ ڦيٽي جي بدلي ۾ ڪجهہ ملي تہ وٺڻ جائز آهي. بلڪہ گهري ڪا شي وٺي تہ بہ جائز آهي. (٢)

فائدو

هن حديث مان ثابت ٿيو تہ ڦيٽو رکڻ جائز آهي ۽ ان جو عوض وٺڻ بہ جائز آهي. مگر اهڙا الفاظ جن جي معنيٰ سمجهہ ۾ نہ اچي يا ڪفر وارا الفاظ هجن تہ انهن سان ڦيٽو رکڻ ناجائز آهي.

(١٥)

سُوْرَةُ الشِّفَا

(شفا واري سورت)

حضرت عبدالله بن جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن ان کي فرمايو تہ "توکي ڀلي سورت نہ ٻڌايان؟ جيڪا

(١) الدر المنثور ص ١٤ ج ١ (٢) تفسير هاشمي ص ٤٨٧ پ ٣٠

قرآن ۾ نازل ٿي آهي" مون عرض ڪيو ته هائو اي الله جا رسول! پاڻ فرمايائون ته "فَاتِحَةُ الْكِتَابِ" پوءِ مان پانيان ٿو ته پاڻ ائين به فرمايائون ته "ان ۾ هر بيماريءَ کان شفا آهي" (١)

علامه رازيؒ رحمة الله عليه هڪ روايت آندي آهي ته حضرت ابوسعيد خدريؓ رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته "فَاتِحَةُ الْكِتَابِ شِفَاءٌ مِّنْ كُلِّ سَمٍّ" سورة فاتحه هر زهر کان شفاءِ آهي (٢)

(١٦)

سُوْرَةُ الشَّافِيَه
(شفا ڏيندڙ سورت)

ڇو جو منجهس شفا آهي. بهترين ڦيٽو آهي. رَبِّ الْعَالَمِيْنَ جو ڪلام آهي.

(١٧)

سُوْرَةُ الصَّلٰوةِ
(نماز واري سورت)

ڇو جو نماز جي رڪعتن ۾ ورائي ورائي پڙهي ويندي آهي.

(١٨)

اَلصَّلٰوةُ
(نماز)

حديث پاڪ ۾ هن جو نالو اَلصَّلٰوةُ به آيل آهي. جيئن صحيح مسلم شريف ۾ ڊگهي قدسي حديث آيل آهي ته الله تعاليٰ فرمايو: "قَسَمْتُ الصَّلٰوةَ بَيْنِي

(١) الدر المنثور ص ١٤ - ج ١
(٢) التفسير الكبير ص ١٧٦ ج ١، الدر المنثور ص ١٤ ج ١ - تفسير مظهري ص ٢ ج ١

وَبَيْنَ عَبْدِيْ نِصْفَيْنِ وَلِعَبْدِيْ مَا سَئَلَ" مون نماز کي پنهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ ٻه اڌ ڪري ورهايو آهي. ۽ منهنجي ٻانهي لاءِ اهو آهي جيڪي گهريائين. ان ڪان پوءِ الحمد جي ورهائڻ جو ذڪر آهي جنهن مان ثابت آهي تہ الصلواة مان مراد الحمد شريف آهي. (١)

(١٩)

سُوْرَةُ الدُّعَآءِ
(دعا جي سورة)

جو تہ هن ۾ اها بي مثل ۽ جامع دعا آهي جادين ۽ دنيا کي شامل آهي ۽ ٻنهي جهانن جي ڀلاين گهرڻ لاءِ ڪافي آهي.

(٢٠)

سُوْرَةُ السُّوَالِ
(گهرڻ واري سورت)

جو تہ ان ۾ ٻانهون الله تعاليٰ کان رهنمائي جو سوال ڪري ٿو.

(٢١)

سُوْرَةُ تَعْلِيْمِ الْمَسْئَلَةِ
(سوال ڪرڻ جو طريقو سيکارڻ واري سورة)

جو تہ هن ۾ سوال ڪرڻ جا آداب بيان ٿيل آهن. پهريائين الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪري سندس حمد، ثنا ۽ وڏائي بيان ڪري. ۽ پنهنجي عاجزي ظاهر ڪري هڪ الله تعاليٰ کان سوال ڪرڻ سيکاريل آهي.

(١) صحيح مسلم ص١٦٩ ج١ – التفسير الكبير ص١٧٦ ج١

٢٢

سُوْرَةُ الْمُنَاجَاتِ
(لکل گفتگو ڪرڻ واري سورة)

ٻانهون رب سان مناجات ڪندي چوي ٿو. اِيَّاکَ نَعْبُدُ وَاِيَّاکَ نَسْتَعِيْنُ حديث پاڪ ۾ آهي "اِذَا کَانَ اَحَدُکُمْ فِي الصَّلٰوةِ فَاِنَّهٗ يُنَاجِيْ رَبَّهٗ"(١) جنهن وقت اوهان مان هڪڙو نماز ۾ آهي تہ اهو الله تعاليٰ سان لکل گفتگو ٿو ڪري.


٢٣

سُوْرَةُ التَّفْوِيْضِ
(سڀ ڪم الله جي حوالي ڪرڻ واري سورة)

چو تہ هن ۾ ٻانهون الله تعاليٰ کان مدد طلب ڪري ٿو "وَاِيَّاکَ نَسْتَعِيْنُ" (٢)

هي هئا هن پياريءَ سورة جا نالا جيڪي لکيا ويا شال الله تبارڪ وتعاليٰ اسان سيني مسلمانن کي هن سورة سڳوريءَ جي فيض ۽ برڪت سان مالا مال ڪري.
آمِيْن ثُمَّ آمِيْن يَا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ بِحُرْمَةِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

الفقير **محمد ادريس عفي عنه**



(١) روح المعاني ص٣٨ ج١ (٢) الاتقان ص١٧١ ج١

شان نزول

مشهور قول ۽ جمهور جي چوڻ مطابق هيءَ سورت مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي.

ڪن جو قول آهي ته مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي مگر صحيح قول پهريون آهي حضرت علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ عليه الرحمه تفسير بحر مواج جي حوالي سان لکيو آهي ته هڪ ڏينهن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن مڪه پاڪ جي ٻاهران لنگهيا ته ڏٺائون ته ڪافرن جا ست قافلا پهتا جن تي ڪيترن قسمن جو سامان سون، چاندي، زيور، لباس ۽ سينگار جو سامان لڏيل هو.

پاڻ خيال فرمايائون ته ڪافرن ڪي هيترو مال ۽ ملڪيت آهي ۽ اصحاب سڳورا رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين مسڪين ۽ غريب بڪن، ڏکن ۽ مسڪيني حال ۾ رهن ٿا. جن ڪي ڍڪڻ جو ڪپڙو به پورو نه آهي. جيڪڏهن اهي قافلا انهن ڪي هجن ها ته ڏاڍو ڀلو ٿئي ها. تڏهن الله تعاليٰ سورة فاتحه نازل ڪئي ۽ ارشاد فرمايو ته اي پيارا حبيب ڪريم! صلي الله عليه وآله وسلم اسان توکي جيڪي فاتحه واريون ست آيتون ڏنيون آهن سي انهن ستن قافلن کان وڌيڪ ڀليون آهن. جيڪي انهن آيتن کي محبت سان پڙهندا ته انهن کي دنيا جي برڪتن سان گڏ آخرت جا وڏا درجا ۽ ثواب ملندا. (۱)

هن سورة سڳوريءَ جون فضيلتون

۱- حضرت ابو سعيد بن المعلي رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته: آءٌ نماز پڙهي رهيو هوس ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن مون کي سڏ ڪيو. مون (نماز ۾ مشغول هجڻ جي ڪري) جواب نه ڏنو. پاڻ فرمايائون ته "الله تعاليٰ جو حڪم آهي ته جنهن مهل الله يا ان جو رسول(ﷺ)اوهان کي سڏي ته جواب ڏيندا ڪريو". پوءِ پاڻ فرمايائون ته "مسجد مان نڪرڻ کان اڳ توکي اهڙي سورت

(۱) تفسير هاشمي ص ۴۵۸ پ ۳۰

سيڪارينڊس جيڪا ساري قرآن ۾ وڏي شان واري آهي" پوءِ پاڻ مون کي هٿ مان ونئي هليا جڏهن مسجد مان نڪرڻ وارا ٿياسين ته مون عرض ڪيو ته اي الله تعاليٰ جا رسول! اوهان فرمايو هو ته "مان توکي قرآن جي وڏي ۾ وڏي سورة سيڪارينڊس". پاڻ فرمايائون ته "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ. اها سبع مثاني ۽ وڏو قرآن آهي. جيڪو مون کي ڏنو ويو آهي." (١)

احمد، بخاريؒ، دارميؒ، نسائيؒ وغيره هيءَ روايت آندي آهي.

٢- حضرت ابي بن ڪعب رضي الله تعاليٰ عنه کان مرفوعًا روايت آهي ته "مَا اَنْزَلَ اللّٰهُ فِي التَّوْرَاةِ وَلَا فِي الْاِنْجِيْلِ مِثْلَ اُمِّ الْقُرْآنِ وَهِيَ السَّبْعُ الْمَثَانِيْ" يعني الله تعاليٰ توراة ۽ انجيل ۾ فاتحه جهڙي سورة نازل نه ڪئي آهي ۽ اها ست ورائي ورائي پڙهيل آيتون آهي .

٣- حضرت عبدالله بن جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته "قرآن ۾ پهري سورة اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ آهي"

٤ - حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته "قرآن ۾ افضل سورة اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ آهي"

٥ - حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهماکان روايت آهي ته "فَاتِحَةُ الْكِتَابِ تَعْدِلُ بِثُلُثَيِ الْقُرْآنِ" (سورة فاتحه قرآن جي ٻن ٽهاين جي برابر آهي) (٢)

٦- حضرت حذيفه بن اليمان رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وسلم جن فرمايو ته "الله تعاليٰ ڪنهن قوم تي عذاب موڪلڻ جو ارادو فرمائيندو آهي. پوءِ انهن مان ڪو ٻچڪرو مڪتب ۾ الحمد لله رب العالمين پڙهندو آهي ته اهو ٻڌي الله تعاليٰ انهن تان چاليهه (٤٠) سال عذاب ڪٽائي ڇڏيندو آهي. (٣)

هن روايت کان پوءِ علامه رازيؒ لکيو آهي ته الله تعاليٰ آسمان کان صحيفن سميت هڪ سؤ چار ڪتاب (١٠٤) نازل ڪيا هئا. انهن مان هڪ سؤ (١٠٠) جو علم الله تعاليٰ چئن ڪتابن توراة، انجيل، زبور ۽ قرآن ۾ آندو. ۽ توراة ۽ انجيل ۽ زبور وارو علم وري

(١) الدر المنثور ص١٣ ج١

(٢) الدر المنثور ص١٥ ج١ (٣) التفسير الكبير ص١٧٨ ج١

قرآن ۾ آندو آهي ۽ سڄي قرآن ڪريم جو علم فاتحہ سڳوريءَ ۾ آندو آهي. هن ڪان پوءِ لکيو اٿس تہ هن سورة ۾ ست(٧) اکر نہ آهن. ١-ث ٢ - ج ٣ - خ ۴ - ز ٥ - ش ٦ - ظ ٧ - ف ۽ ان جو سبب اهو آهي جو هي ستئي اکر عذاب لاءِ ايندا آهن.

"ث" - مان مراد ثبور آهي. معنيٰ هلاڪت. الله تعاليٰ فرمايو آهي "لَاتَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُوْرًا وَّاحِدًا وَّادْعُوْا ثُبُوْرًا كَثِيْرًا"

"ج" - جهنم جو پهريون اکر آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي "وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ"

"خ" - خزي (معنيٰ خواري) جو پهريون اکر آهي جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي. "اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ وَالسُّوْءَ عَلَيَ الْكَافِرِيْنَ"

"ز"- زفير جو پهريون اکر آهي. ش- شَهِيْقٌ جو پهريون اکر آهي. جيئن الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمايوآهي "لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّشَهِيْقٌ"

"ز" زقوم جو پهريون اکر آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي "اِنَّ شَجَرَةَ الزَّقُّوْمِ طَعَامُ الْاَثِيْمِ"

"ش" شقاوة جو پهريون اکر آهي. جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي "فَاَمَّاالَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِي النَّارِ"

"ظ" - جهنم جي دونهين ڏي اشارو آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي: "اِنْطَلِقُوْا اِلٰي ظِلٍّ ذِيْ ثَلَاثِ شُعَبٍ لَّا ظَلِيْلٍ وَّلَا يُغْنِيْ مِنَ اللَّهَبِ"

"ف" - فراق ڏي اشارو آهي جيئن فرمان رباني آهي:- يَوْمَئِذٍ يَّتَفَرَّقُوْنَ" (١)

(٧) حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کان سورة فاتحه جي باري ۾ پڇيو ويو پاڻ فرمايائين تہ اسان کي الله تعاليٰ جي نبي صلي الله عليه وآله وسلم جن حديث ٻڌائي. هن جي چوڻ جي وقت حضرت علي رضي الله عنه جي چهري جو رنگ ڦري ويو ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جن جي ذڪر جي ڪري ورائي ورّائي چوندو رهيو تہ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي تہ "اِنَّهَا نَزَلَتْ مِنْ كَنْزٍ تَحْتَ الْعَرْشِ" (٢) اها عرش جي هيٺان خزاني مان نازل ٿي آهي.

(١) التفسير الكبير ص ١٧٨ ج ١ (٢) المطالب العالية ص ١٦۴ ج ٣

٨ - علامہ شوڪانيءَ ابو نعيم ۽ ديلميءَ جي حوالي سان حضرت ابودرداء رضي الله تعاليٰ عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وآلہ وسلم جن فرمايو: "سورة فاتحه هر ان شي لاءِ ڪافي ٿي سگهي ٿي، جنهن لاءِ باقي قرآن پاڪ مان ڪا شيءِ ڪافي نہ ٿي ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن سورة فاتحه ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ ۽ باقي قرآن ٻئي پڙ ۾ وجهي ڇڏجي تہ سورة فاتحه باقي قرآن ڪان ست ڀيرا ڳري ٿي ويندي."(١)

حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وآلہ واصحابه وسلم جن فرمايو: "جڏهن بستري تي پاسو رکيئي ۽ سورة فاتحه ۽ قُلْ هُوَ اللّٰه پڙهيئي تہ موت ڪان سواءِ هر شيءِ ڪان امن وارو ٿي چڪين"(٢).

* هن سورة جي بابت ڪجهہ مسئلا *

١- هر نماز ۾ ان جو پڙهڻ واجب آهي. فرض نماز جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ ۽ ٻين نمازن جي سيني رڪعتن ۾.

٢- امام جي پويان مقتدي (جماعتي) سورة فاتحه نہ پڙهندو جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي "وَإِذَا قُرِئَ الْقُرْآنُ فَاسْتَمِعُوا لَهُ وَأَنصِتُوا" (٣)

يعني جنهن وقت قرآن پڙهيو وڃي تہ پوءِ ڪن ڏئي ٻڌو ۽ چپ ڪيو.

حديث پاڪ ۾ آهي "إِذَا قَرَءَ الإِمَامُ فَأَنْصِتُوا" جنهن وقت امام قراءَت ڪري تہ پوءِ چپ ڪيو.

امام جي قراءت مقتدي جي قراءت آهي

حضرت علي ۽ حضرت عبد الله بن مسعود تقريبًا (٨٠) اسي اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم ڪان روايت ڪئي آهي تہ اهي امام جي پويان فاتحه پڙهڻ ڪان منع ڪندا هئا (٤)

وڏيڪ حديث جي تحقيق طحاوي شريف، موطا امام محمد وغيره ۾ ڏسڻ

(١) تفسير فتح القدير ص١٦ ج١
(٢) تفسير مظهري ص ١١ ج١، تنوير الايمان ص٢١ پ١، سورة الفاتحه
(٣) سورة الاعراف رڪوع ٢٤ پ ٩
(٤) التعليق الممجد ص٩٧

گهرجي جن حديثن ۾ آيل آهي تہ "لَاصَلواةَ اِلاَّ بِفَاتِحَةِ الْكِتَابِ" سو ان ۾ اهو نہ آهي تہ هر نمازي جماعت ۾ بيٺل بہ جدا جدا پڙهي بلڪ مراد آهي تہ نماز فاتحه کان سواءِ نہ آهي. جڏهن امام فاتحه پڙهي تہ اها نماز سڀني لاءِ فاتحه واري ٿي، فاتحه کان خالي نہ ٿي.

ٻيو تہ حديث ۾ آهي تہ فاتحه پڙهو ۽ آيت شريف ۾ آهي تہ قرآن چپ ڪري ٻڌو. ان ۾ موافقت ان طرح ٿيندي تہ اڪيلو نماز پڙهڻ وارو سوره فاتحه پڙهو ۽ امام بہ پڙهي پر جماعت ٻڌي پوءِ جڏهن وڏي آواز سان پڙهڻ واري نماز بنا فاتحه ٿي ويندي تہ وڏي آواز سان نہ پڙهڻ واري پڻ ٿي ويندي.

اهڙيءَ طرح حضرت جابربن عبدالله رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن فرمايو: "مَنْ كَانَ لَهٗ اِمَامٌ فَقِرَاءَةُ الْاِمَامِ لَهٗ قِرَاءَةٌ" جنهن جو (نماز پڙهڻ ۾) امام آهي تہ پوءِ امام جي قراءة ان جي قراءة آهي.

ان حديث مبارڪ جي مٿان جامع ازهر شريف جي مشهور محقق حاشيه ۾ لکيو آهي تہ اها حديث امام محمد پنهنجي موطا ۾ حضرت امام ابو حنيفه رحمة الله عليه کان ۽ ان موسىٰ بن ابي عائشه کان پيچاڙيءَ سند تائين هنن لفظن سان آندي آهي. "مَنْ صَلىٰ خَلْفَ الْاِمَامِ فَاِنَّ قِرَاءَةَ الْاِمَامِ لَهٗ قِرَاءَةٌ." يعني جنهن امام جي پويان نماز پڙهي، پوءِ بيشڪ امام جي قراءة ان جي قراءة آهي.

محمد بن منيع ۽ ابن الهمام فرمايو آهي تہ هيءَ اسناد امام بخاريءَ ۽ مسلم جي شرطن تي صحيح آهي(٣)

ان ساڳيءَ سند لاءِ ابوداٺود شريف جي شارح بہ لکيو آهي تہ اسناده صحيح ،ان جي سند صحيح آهي(٤)

مفتي رشيد احمد لڌيانويءَ احسن الفتاوىٰ ص١٠٦ج٣ ۾ هڪ نجو رسالو لکيو آهي، جنهن ۾ غير مقلدن کي مڪمل جواب ڏئي ثابت ڪيو اٿس تہ امام جي پويان فاتحه نہ پڙهي ويندي مگر ڊيگهہ جي ڊپ کان مختصر دليلن تي ڪفايت ڪئي اٿم. شال الله تعالىٰ قبول ڪري ۽ راضي ٿئي.

(١) شرح معاني الآثار ص٢١٧ ج١
(٢) بذل المجهود ص٥٣ ج٢

سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَهِيَ سَبْعُ آيَاتٍ

الله جي نالي سان شروع كيان ٿو جو وڏو مهربان هميشه رحم كندڙ آهي.

سورت فاتحہ مكي آهي ۽ هيءَ(هڪ ركوع)ست آيتون آهي.

تفسير

هت ڇهه ڳالهيون سمجهڻ جهڙيون آهن.

١- هڪ بسم الله جو اعوذبالله سان تعلق كهڙو آهي؟ ٢- ٻيو بسم الله سان شروع كرڻ ۾ كهڙيون حكمتون آهن. ٣- ٽيون كٿي كٿي بسم الله پڙهجي. ۴- چوٿون لفظي تحقيق. ۵- پنجون پڙهڻ جون فضيلتون ۽ فائدا. ٦- ڇهون ان جي متعلق فقهي مسئلا.

پهريون بسم الله جو اعوذ بالله سان ٻن طرحن جو تعلق آهي. هڪ تہ اعوذ بالله ۾ ماسوئ الله كان جدائيءَ جي ڳالهہ هئي ۽ بسم الله ۾ الله تعاليٰ ڏانهن توجه آهي. ٻيو تہ اعوذبالله ۾ بڇڙي عقيدي ۽ بڇڙي عمل كان پاسي كرڻ ۽ پري رهڻ جي ڳالهہ هئي. بسم الله ۾ سهڻي عقيدي ۽ سهڻي عمل جو حاصل كرڻ آهي گويا هو پرهيز ۽ هي آن جو علاج آهي. پرهيز علاج كان مقدم هوندي آهي اول بيماري ختم ٿئي پوءِ طاقت ۽ قوت جون دوائون استعمال كرايون وينديون آهن.

* بِسْمِ اللّٰهِ شروع كرڻ ۾ حكمتون *

هڪ حكمت

كافر پنهنجي كم جي شروعات بتن جي نالن سان كندا هئا. بسم

اللات والعزيٰ ان جي ڪري ضروري هوتہ مسلمان مومن پنهنجي هر هڪ ڪم جي شروعات الله تعاليٰ جي نالي سان ڪن ۽ ڪافرن جي ظاهر ظهور ۾ ڪلي مخالفت ڪن.

ٻِي حڪمت

جنهن ڪم جي شروعات سٺي ٿيندي آهي تہ ان جي پڇاڙي بہ سٺي ٿيندي آهي. بسم الله سان شروع ڪرڻ جي برڪت ڪري ڪم جي پڇاڙي سٺي ٿيندي. ٻار جي جمڻ شرط ان جي ڪن ۾ بانگ ڏني ويندي آهي تانت ان جي ابتدا الله جي نالي سان ٿئي تہ سڄي زندگي ان جي خيريت سان گذري.

ٽِين حڪمت

انسان کي گهرجي تہ هر وقت پنهنجيءَ عاجزيءَ، ڪمزوريءَ، نيازمنديءَ ۽ الله تعاليٰ جي بي پرواهيءَ قدرت ۽ رحمت تي نظر رکي. تانت ڪنهن وڏي ڪم ڪرڻ وقت بہ ان ۾ غرور، تڪبر، خودبيني ۽ پاڻ پائڻ پيدا نہ ٿئي. بلڪ الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪرڻ جي ڪري اهو سمجهي تہ سڀ ان مهربان رب جي ڀلائي آهي.

چوٿين حڪمت

الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ ان جي امت کي سيکاري ٿو تہ هر هڪ ڪم کي ان جي مقدس نالي سان شروع ڪيو وڃي. ڇو تہ جهڙي ان جي ذات برڪت واري آهي، جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي

"تَبَارَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ "(١)

ٻيءَ آيت ۾ آهي: " فَتَبَارَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعَالَمِيْنَ " (٢)

اهڙيءَ طرح ان جو نالو بہ برڪت وارو آهي جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي: "تَبَارَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِي الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ " (٣)

هر ڪم جي شروعات الله تعاليٰ جي نالي سان ڪرڻ ۾ برڪت ۽ رحمت آهي.

---

(١) سورة الملڪ رڪوع ١ پ ٢٩ (٢) المؤمن رڪوع ٧ پ ٢٤.

(٣) سورة الرحمٰن رڪوع ٣ پ ٢٧

* ڪتي ڪتي بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ گهرجي *

١- قرآن شريف جي تلاوت يا ڪنهن ڪتاب جي پڙهڻ وقت جيئن حڪم آهي: "اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِيۡ خَلَقَ " (١)
پڙهه پنهنجي رب جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو.

٢- خط يا ڪنهن ڪتاب لکڻ وقت جيئن حضرت سليمان عليه السلام بيبي بلقيس ڏي خط لکيو هو ته ان ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ هئي. قرآن ڪريم ۾ آهي: "اِنَّهٗ مِنۡ سُلَيۡمٰنَ وَاِنَّهٗ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ " (٢)
(بيشڪ اهو سليمان جي طرفان آهي ۽ بيشڪ اهو الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان آهي.)

حضور پرنور ﷺ جن جيڪي خط ڪافرن بادشاهن ڏي موڪليندا هئا انهن جي شروعات ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ سان ڪندا هئا (٣)

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه جي روايت مطابق حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جيڪو پيغام بحرين وارن ڏي لکي موڪليو هو ان جي شروعات ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ سان ڪئي وئي هئي. (٤)

٣- صلحنامه ۽ دستاويز وغيره جي لکڻ وقت - جيئن حضور ﷺ جن حديبيه جي صلح وقت صلحنامه جي لکڻ ۾ اول بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ لکائي هئي. (٥)

٤- طعام کائڻ وقت ٥- پاڻي پيئڻ وقت ٦- وضو شروع ڪرڻ وقت. ٧- سواري تي سوار ٿيڻ وقت ٨- مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ وقت. ٩- گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت. ١٠- گهر مان نڪرڻ وقت ١١- جماع ڪرڻ وقت ١٢- رات جو سمهڻ وقت

---

(١) سورة العلق پ ٣٠ (٢) سورة النمل رکوع ١ پ ١٩
(٣) شمائل ترمذي مع خصائل نبوي ص ٧٠ ڪان ٧٦
(٤) مشڪواة شريف ص ١٥٨ (٥) بخاري شريف ص ٣٧٩ ج ١

١٣- دروازن بند ڪرڻ وقت ١٤- پاڻيءَ ۾ ڪاڏي جي ٿانون کي ڍڪڻ وقت ١٥- بيت الخلاءِ ڏي وڃڻ وقت. ١٦- بازار ڏي وڃڻ وقت ١٧- جنگ شروع ڪرڻ وقت ١٨- جانور کي ذبح ڪرڻ وقت صرف بِسۡمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكۡبَرُ چوندو اهڙيءَ طرح شڪار ڏي تير هلائڻ وقت ١٩- ميت کي قبر ۾ لاهڻ وقت ٢٠- سواريءَ جي ٿاٻي ڪائڻ وقت ٢١- ڏڪ لڳڻ وقت ٢٢- چوٽ ڪائڻ وقت. ٢٣- گذران جي تنگ هجڻ وقت. ٢٤-صبح ۾ شام ڦيٽي وجهڻ ۾ دم ڪرڻ وقت. هنن سيني صورتن ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ شريف پڙهڻ حديثن ۾ ثابت آهي.

اسلامي معاشري جي آداب جي لحاظ سان بِسۡمِ اللّٰهِ کي اهم مقام حاصل آهي. اسان کي اسان جي هاديءَ مرشد عليه الصلواة والسلام هي سبق ڏنو آهي ته هر ڪم بِسۡمِ اللّٰهِ سان شروع ڪيو. بلڪ ايتري قدر فرمايو اٿن ته ”دروازو بند ڪيو ته به الله تعاليٰ جو نالو وٺو. ڏيو وسايو ته به الله جو نالو وٺو. ٿانوَ ڍڪيو ته به الله جو نالو وٺو ڪليءَ جو منهن بند ڪيو ته به الله جو نالو وٺو.“

مقصد هيءُ آهي ته هر هڪ ڪم ڪٿي ننڍو هجي يا وڏو ڪرڻ وقت انسان پنهنجي حقيقي ڪارساز جي نالي وٺڻ جو عادي هجي. ان جي برڪتن سان مشڪل آسان ٿين ٿا. الله تعاليٰ جي تائيد ۽ مدد تي ان جو يقين پڪو ٿئي ۽ جڏهن هر هڪ ڪم ڪرڻ ۾ الله تعاليٰ جي نالي وٺڻ جي ان ۾ عادت پيدا ٿي ويندي ته اهڙي ڪم کان پاسو ڪندو جنهن جي ڪرڻ سان الله تعاليٰ ناراض ٿئي.

علامه قرطبيءَ صحيح سند سان هيءَ حديث نقل ڪئي آهي ته حضرت عثمان بن العاص رضي الله تعاليٰ عنه عرض ڪيو ته يارسول الله صلي الله عليه وسلمؐ آئون جڏهن کان اسلام سان مشرف ٿيو آهيان جسم ۾ درد ٿو رهي. حضور پرنور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ”جتي درد آهي اتي هٿ رکي (٣) ٽي ڀيرا بسم الله پڙهه ۽ ست ڀيرا هي لفظ چئو. اَعُوۡذُ بِعِزَّةِ اللّٰهِ وَقُدۡرَتِهٖ مِنۡ شَرِّ مَا اَجِدُ وَاُحَاذِرُ“ ”يعني پناهه ٿو وٺان الله جي عزت ۽ ان جي قدرت سان انهيءَ تڪليف کان جو محسوس ٿو ڪيان ۽ ڊڄان ٿو“ (١)

(١) تفسير القرطبي ص ٩٨ ج ١

* لفظي تحقيق ۽ معنيٰ *

ب - هتي "ب" جي معنيٰ "سان" يا "ساڻ" آهي ۽ ان جو حرف محذوف سان تعلق آهي يعني اشرع يا ابتدءُ شروع ٿو ڪيان يا ابتدا ٿو ڪريان الله جي نالي سان. اهو هرڪم لاءِ چئي سگهجي ٿو. يا جهڙو ڪم هوندو ان جي مناسب محذوف ڪديو ويندو. کائڻ لاءِ اُڪُلُ پڙهڻ لاءِ اَقْرَءُ يا اَتْلُوْ - پيئڻ لاءِ اَشْرِبُ وغيره.

* "ب" سان شروع ڪرڻ مان فائدا *

١ هڪ - حصر جو فائدو حاصل ٿئي ٿو يعني خاص ان جي نالي سان ٿو شروع ڪيان نه ٻئي ڪنهن جي نالي سان.

٢ ٻيو - انسان کان جڏهن الله تعاليٰ عالمِ ارواح ۾ سوال ڪيوهو ته اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ (ڇا مان اوهان جو رب نه آهيان؟) سيني چيو بليٰ (هائو) تون اسان جو رب آهين ان بليٰ ۾ به اول "ب" آهي ان جي ڪري بسم الله ۾ به اول "ب" آندي وئي.

٣ ٽيون - الله تعاليٰ جي نالن ۾ بر- بار- باري به آهي "ب" سان شروع ڪري انهن نالن ڏي اشارو ڪيو ويو آهي.

۴ چوٿون- نحو جي لحاظ سان "ب" ملائڻ لاءِ ايندي آهي قرآن ڪريم جي تلاوت وارو به رب العالمين سان ملڻ جي ڪوشش ۾ آهي ان جي ڪري "ب" سان شروعات ڪئي وئي آهي.

۵ پنجون- "ب" ۾ هيٺاهين آهي. ٻانهي ڪي عاجزي ظاهر ڪرڻ لاءِ "ب" سان شروعات ڪرڻ مناسب آهي (١)

اسم

هن ۾ ٻه قول آهن ١- هڪ ته سُمُوٌّ کان ورتل آهي. جيئن بصري ورا ٿا چون معنيٰ مٿاهون هجڻ ٢ ٻيو وَسِمَةٌ کان نڪتل آهي. معنيٰ علامت ۽ نشاني اهو ڪوفي وارن جو قول آهي (٢)

(١) تفسير نعيمي ص٣٣ ج١ (٢) روح المعاني ص٥٢ ج١، القرطبي ص١٠١ ج١

بسم الله لکڻ ۾ ب ۽ اسم کي ملائي اسم وارو همزو کيرائي ڇڏيو آهي. مشهور رسم الخط اها آهي باقي ٻين جاين تي اسم وارو همزو بيٺو هوندو آهي. جيئن " اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ " يا " سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰي " وغيره ۾.

فائدو

هن جاءِ تي بِسمِ اللهِ جي بجاءِ بالله نہ چيو ويو. ٽن وجهن جي ڪري

١- هڪ تہ الله تعاليٰ جي نالي سان برڪت وٺڻ مان ثابت ٿيو تہ جنهن جي پاڪ نالي ۾ ئي برڪت آهي ان جي ذات بہ ڪيڏي نہ برڪت واري هوندي. (١)

٢- ٻيو تہ جڏهن الله تعاليٰ جي نالي سان برڪت ملي ٿي تہ الله تعاليٰ جي پيارن سان بہ برڪت ملي سگهي ٿي. (٢)

٣- ٽيون تہ بالله جو صيغو قسم لاءِ ايندو آهي ۽ برڪت وٺڻ لاءِ بِسمِ اللهِ پڙهي ويندي آهي.

" اللهِ "

هيءَ رب العالمين جي ذات بابرڪات جو ذاتي نالو آهي سيني نالن ۾ وڏو ۽ جامع آهي. ٻئي ڪنهن بہ ذات جو اهو نالو نہ آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي " هَلْ تَعْلَمُ لَهٗ سَمِيًّا " (٣) (ڪي ڄاڻين ٿو ان جي نالي وارو؟)

ان جي ڪري ان لفظ جو نہ تثنيہ آهي نہ جمع آهي هن اسم جي وڌيڪ وضاحت هن عاجز جي لکيل ڪتاب " الدولة الكبريٰ شرح اَسْمَاءِ اللهِ الْحُسْنيٰ " ۾ ڏسو اهوئي اسم اعظم آهي. ان ۾ اختلاف آهي تہ هي اسم مبارڪ ڪنهن مان مشتق آهي يا نہ. بعضي علماء چون ٿا تہ جامد آهي ڪنهن مان بہ نڪتل نہ آهي بعضي چون ٿا تہ مشتق (نڪتل) آهي انهن ۾ بہ ٻہ ٽي قول آهن ڪي چون ٿا تہ اِلٰہٌ کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي سڪون، چين ۽ قرار. الله تعاليٰ

---

(١) نعيمي ص٣٣ ج١ (٢) تفسير قرطبي ص٩٩ ج١

(٣) سورة مريم رڪوع٤ پ١٦

جي ذڪر سان سڪون ايندو آهي. ان جي ڪري ان جو نالو الله آهي. ڪي چون ٿا تہ لَاہُ کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي مٿاهون هجڻ الله جي ذات سڀ ممڪنات کان مٿي آهي ان جي ڪري "الله" سڏيو ويو آهي. وغيره (۱)

ڪي چون ٿا تہ اَلَہٌ کان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي عاجزي ۽ زاري ڪرڻ سڀ ٻانها ان جي بارگاہ ۾ عاجزي ۽ زاري ڪندا آهن. (۲)

ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو اسم ڪنهن مان نڪتل نہ آهي. ڇو تہ ٻيا اسم هن جي صفت ٿيندا آهن. هي ڪنهن جي صفت نہ ٿيندو آهي. ٻيو تہ الله تعاليٰ جي لاءِ اهڙو اسم خاص هجڻ ضروري آهي جنهن تي ان جون صفتون جاري ٿين ۽ ٻئي لاءِ اهو لائق نہ هجي ۽ جيڪڏهن اهو بہ مشتق چوندئو تہ جيئن لَا اِلٰہَ اِلَّا الرَّحْمٰنُ چوڻ توحيد لاءِ ڪافي نہ آهي تيئن لَا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ چوڻ بہ ڪافي نہ ٿيندو. علامہ بيضاويءَ ٻنهي قولن مان پهرين ڪي ترجيح ڏني آهي[1] ۽ تفسير نعيميءَ ٻئي کي.[2]

اَلرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هي ٻئي اسم رحمة مان ورتل آهن. علامہ عمر شيرازي بيضاويؒ لکيو آهي تہ "والرحمة في اللغة رقة القلب وانعطاف يقتضي التفضل والاحسان (۳)

يعني رحمة لغة ۾ دل جي نرم هجڻ ۽ مهربان هجڻ کي چوندا آهن. جنهن سان ڀلائي ۽ احسان ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي پر الله تعاليٰ دل وغيره کان پاڪ آهي ان جي ڪري هت مراد آهي فضل ۽ احسان ڪرڻ. رحمٰن جو لفظ رحيم کان وڌيڪ مبالغي وارو آهي ان جي ڪري ٻئي ڪنهن کي بہ رحمٰن نہ چيو ويندو. ۽ ڪن بزرگن جو چوڻ آهي تہ هي ٻئي مبالغي جا صيغا آهن. انهن جي ماخذ (وٺڻ جي جاءِ) رحمت آهي ۽ رحمت الاهيءَ مان مراد ان جو اهو انعام ۽ اڪرام آهي. جنهن سان اهو پنهنجيءَ مخلوق کي سرفراز ڪندو آهي. وجود، زندگي، علم، حڪمت، قوت، عزت ۽ صالح عمل جي توفيق سڀ ان جي رحمت جا مظهر آهن هيءَ ان جي بي پايان رحمت تہ آهي

(۱) بيضاوي ص ۴-۵ ج ۱ (۲) تفسير نعيمي ص۳۶ ج ۱

(۳) تفسير ضياءُ القرآن ص ۲۱ ج۱

جنهن کنهن حقداريءَ کان سواءِ انسان لاءِ روحاني ۽ جسماني سڀ سامان عطا ڪيا آهن ۽ هيءَ بہ ان جي بي حد ۽ بي شمار رحمت آهي. جو اسان جي لڳاتار ناشڪرين ۽ بي فرمانين جي باوجود اهو پنهنجي لطف ۽ ڪرم جو دروازو بند نہ ٿو ڪري. ڪڏهن اوهان غور ڪيو آهي تہ قرآن الله تعاليٰ جي پهرين پهرين جيڪا صفت بيان ٿو ڪري اها قهاريت ۽ جباريت جي نہ پر رحمانيت ۽ رحيميت آهي هي ان لاءِ تہ ٻانهي جو جيڪو تعلق الله تعاليٰ سان آهي ان جو دارومدار خوف، هراس ، رعب ۽ دٻدٻي تي نہ بلڪ رحمت ۽ محبت تي آهي. ڇو تہ اهوئي اڪسير آهي جنهن سان انسان جون ستل صلاحيتون بيدار ۽ لڪل طاقتون ظاهر ٿينديون آهن ۽ اهوئي انسانيت جو معراج آهي جو انسان پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڏسي. بعضي حق نہ سڃاڻندڙ چوندا آهن تہ اسلام جنهن خدا جو تصور پيش ٿو ڪري اهو خوني آهي. جو پنهنجي مڃڻ وارن کي خون ڪرڻ سيکاري ٿو. ڪاش اهي اسلام جي مقدس ڪتاب جي پهرئين صفحہ جي پهرين آيت پڙهي ڏسن تہ انهن کي خبر پئجي وڃي تہ اسلام جنهن خدا جو بيان ڪيو آهي اهو خون ڪرائيندڙ نہ پر رحمٰن آهي. ان جي رحمت جي وسيع دامن ڪائنات جي ذري ذري کي پنهنجي لطف ۽ ڪرم جي پاڪر ۾ ونيو بيٺي آهي. اسلام جو خدا رحيم آهي ان جي رحمت جو بادل هر وقت وسندو رهندو آهي—

بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ جا فائدا

١- جيڪو شخص جماع ڪرڻ جي ارادي وقت بسم الله پڙهندو تہ شيطان ان کان پري رهندو ۽ جيڪڏهن ان صحبت سان ٻار ٿي ويو تہ اهو ٻار دنيا تي جيترا پساه ڪڍندو ايتريون ان جي پيءُ جي دفتر ۾ نيڪيون لکيون وينديون.

٢- جيڪو شخص سواريءَ تي سوار ٿيندي بسم الله ۽ الحمد لله پڙهندو تہ ان جي جانور جي وک وک جي بدلي ۾ ان جي سوار جون نيڪيون لکيون وينديون.

٣- ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندي بسم الله ۽ الحمد لله پڙهندو تہ جيستائين ان ۾ سوار هوندو ان جون نيڪيون لکجنديون رهنديون.

۴-جيڪڏهن ڪو بيمار بسم الله پڙهي دوا پيئندو تہ اها دوا انشاءَ الله فائدو ڏيندي.

۵-رات ۽ ڏينهن ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن جن مان پنج نمازن وارا ڪٽيو تہ باقي ١٩ ڪلاڪ بچيا جيڪو شخص بسم الله پڙهندو رهندو تہ بسم الله ۾ بہ اوڻويهہ حرف آهن هڪ هڪ حرف جي بدلي هڪ هڪ ڪلاڪ جي عبادت لکي ويندي. (١)

بِسۡمِ اللّٰهِ جا مسئلا

بسم الله - الله تعاليٰ جو ڪلام آهي. ٻن سورتن ۾ فرق ۽ سنڌي ڪرڻ لاءِ نازل ٿيل آهي. نہ سورة فاتحہ جي آيت آهي نہ ٻيءَ ڪنهن سورت جي. ان جي متعلق علامه سيد شهاب الدين محمود آلوسي بغداديؒ زبردست دليل ڏنا آهن جنهن ڪي ڏسڻا هجن سو تفسير روح المعاني ص ۴٢ ج ١ تان ڏسي جيڪا بسم الله الرحمٰن الرحيم سورة نمل ۾ آيل آهي اها ان جي آيت آهي. حنفي ۽ مالڪي بزرگن وٽ سورة فاتحہ وانگر بسم الله جو بلند آواز سان پڙهڻ منع آهي. (٢)

علامه رازيؒ بلند آواز سان پڙهڻ لاءِ جيڪي دليل ڏنا آهن انهن جو جواب علامه آلوسيؒ بغداديؒ تفسير روح المعاني ۾ ڏنو آهي ڏسو تفسير روح المعاني ص ۴٦ ج ١

مسئلہ ١ جيڪو حافظ تراويح ۾ قرآن ڪريم ختم ڪري اهو ڪنهن نہ ڪنهن سورة سان بسم الله ملائي وڏي آواز سان پڙهي.

مسئلہ ٢ سورة توبه ڪان سواءِ باقي هر سورة بسم الله سان شروع ڪري پڙهي پر جيڪڏهن تلاوت شروع ئي سورة توبه ڪان ٿو ڪري تہ اها بہ بسم الله سان شروع ڪري.

مسئلہ ٣ ناجائز ڪم بسم الله سان شروع ڪرڻ منع آهي. جيڪڏهن ڪو شخص بسم الله پڙهي شراب ٿو پيئي يا چوري يا گلا ٿو ڪري يا ڪوڙ ٿو هڻي

---

(١) تفسير ڪبير ص ١٧٢ ج ١ تفسير نعيمي ص ۴٠ ج ١

(٢) تفسير ضياءُ القرآن ص ٢٢ ج ١

ته ان ۾ ڪفر جو انديشو آهي. فقه جي ڪتاب شاميءَ ۾ آهي ته حقي ڇڪڻ يا بدبودار شي کائڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ نه پڙهي.

مسئلو ۴ ننگوٽئي يا پائخاني ۾ اندر وڃي ته ان وقت بِسْمِ اللّٰهِ پڙهڻ منع آهي.

مسئلو ۵ نمازيءَ کي نماز ۾ سورة شروع ڪرڻ وقت آهسته بِسْمِ اللّٰهِ پڙهڻ مستحب آهي.

مسئلو ۶ جيڪڏهن ڪو به جائز ڪم بِسْمِ اللّٰهِ کان سواءِ شروع ڪيو ويندو ته ان ۾ برڪت نه پوندي

مسئلو ۷ جانور کي کهڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ پڙهڻ واجب آهي (۱)

فائدو

علامه شهاب الدين محمود آلوسيءَ بغداديءَ عليه الرحمه لکيو آهي ته بِسْمِ اللّٰهِ جي "ب" محمدي حقيقتِ ۽ پهرئين تعين ڏي اشارو آهي جيئن حديث پاڪ ۾ آيل آهي اول ما خلق الله نور نبيک يا جابر (پهريان الله تنهنجي نبي جي نور کي پيدا ڪيو اي جابر (رضي الله عنه) ۽ ان جي واسطي سان ٿي فيض حاصل ٿيندو آهي. (۲)



(۱) تفسير نعيمي ص ۴۲ ج ۱ (۲) روح المعاني ص ۵۱ ج ۱

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ ①

سڀ ساراه(ثابت)آهي الله جي لاءِ جيڪو پالڻهار جهانن جو آهي.

تفسير

حمد نالو آهي ان تعريف ۽ ثنا جو جيڪا اختيار ۽ ارادي سان ظاهر ٿيندڙ خوبيءَ ۽ ڪمال تي ڪئي ويندي آهي جيئن علامه بيضاويؒ لکيو آهي "الحمد هو الثناءُ علي الجميل الاختياري من نعمة او غيرها (١)

۽ الحمد جي لفظ مان اهو به ثابت ٿيو ته الله تعاليٰ جو ڪمال جي صفتن سان متصف هجڻ اضطراري ۽ غيراختياري نه آهي. بلڪ ان جي پنهنجي مرضي ۽ ارادي جي جلوي نمائي آهي. ڪمال ڪٿي به هجي جمال ڪنهن به صورة ۾ هجي ان جي قدرت جو ڪرشمو آهي. ان جي ئي بااختيار تدبير جو اعجاز آهي ته تعريف ۽ ثنا ڪنهن جي به ڪئي وڃي احسان حقيقت ۾ ان ئي لاشريڪ ذات جو آهي جنهن جي قدرت ۽ اختيار سان هن بوءِ ۽ رنگ واري جهان جون رنگ واريون رونقون ۽ ڪششون ظاهر ٿيون آهن ان جي ڪري فرمايائين الحمد لله.

الحمد سان سورة فاتحه جي شروع ڪرڻ ۾ هڪ اهو نڪتو آهي ته سالڪ جڏهن طلب جي راه ۾ قدم رکي ته پهريان پنهنجي رب جي ساراهه ڪري جنهن هن راه تي هلڻ جي ان کي توفيق بخشي ۽ مقصود واريءَ منزل جي محبت ان جي دل ۾ پيدا ڪئي. جيئن ڪنهن شاعر جو شعر آهي.

میري طلب بهي انهيں کے کرم کا صدقہ هے
قدم یہ اٹهتے نهيں هيں اٹهائے جاتے هيں

ٻيو ته

هن سورة ۾ دعا به آهي ۽ دعا جي آداب ۾ هي به آهي ته جنهن مولا

(١) بيضاوي شريف مع عبدالحكيم ص۴۹ ج ١

ڪريم جي اڳيان ٻانهون طلب جي دامن جهلي رهيو آهي ان جي بخشش بي انداز ۽ عنايت جهان ڪي پالیندڙ جو اعتراف ڪري ۽ مڃي.

ٽيون تہ

ساراهہ جنهن جي بہ ڪئي ويندي آهي اها ٻن وجهن جي ڪري. ١- هڪ تہ جنهن جي ساراه ڪئي ٿي وڃي اهو خوبيءَ، حسن ۽ ڪمال جو صاحب آهي. ڪنهن تي ان جي ڀلائي هجي يا نہ. ٢- ٻيو تہ اهو محسن ۽ مهربان آهي. ان جي احسان ڪي ڏسي ساراه ڪئي وڃي. الله تعاليٰ جي لاءِ ٻنهي قسم ساراه ثابت آهي ڇو تہ (جيڪڏهن ڪو ڪمال آهي تہ ان جو بہ سرچشمو الله تعاليٰ جي ذات آهي سڀ الله تعاليٰ جي عطا آهي. اگر معبود هجڻ جو لائق آهي تہ بہ ان جي ذات آهي. سڀ ان جا نياز مند، احسان مند، شڪر گذار ۽ پوڄاري آهن.

جيڪي بہ ساراه ڪندڙ ساراه ڪن ٿا انسان، جن، ملائڪ، بهشتي حورون، غلمان، پکي ۽ مڇيون، چوپايا حيوان، وڻ پٽر سڀ ان جي ذات عالي صفات لاءِ آهي.)

جيڪڏهن ڪو پٽ پنهنجي پيءُ جي ساراه ٿو ڪري تہ اها بہ حقيقت ۾ الله تعاليٰ جي ساراه آهي.

سهڻي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي صفت ۽ ساراه، ثنا ڪرڻ بہ حقيقت ۾ الله تعاليٰ جي ساراه آهي ڇو تہ حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کي ڏاج ڏيندڙ بہ پاڻ آهي. جاڻڻ گهرجي تہ سورة فاتحہ کان سواءِ ٻيون سورتون بہ آهن جيڪي الحمد سان شروع ٿين ٿيون. ١- سورة الانعام ٢ - سورة ڪهف ٣ - سورة سبا ٤- سورة فاطر (١)
الله تعاليٰ جا ملائڪ بہ الله تعاليٰ جو حمد ڪندا رهن ٿا جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي "نَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ" (٢)
ٻيءَ آيت ۾ آهي "وَتَرَى الْمَلَآئِكَةَ حَآفِّيْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ" (٣)
نبين سڳورن عليهم السلام بہ هر وقت الله تعاليٰ جو حمد ڪيو. حضرت

(١) تفسير ڪبير ص ١٨٠ ج ١ (٢) البقرة رڪوع ٤ پ ١
(٣) الزمر رڪوع ٨ پ ٢٤

نوح عليه السلام کي حکم ٿيو تہ جنهن وقت ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿين تہ:
" فَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ نَجّٰانَا مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ " (١)

حضرت ابراهيم عليه السلام فرزندن جي ملڻ تي فرمايو" اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ لِيْ عَلَي الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰاقَ اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ الدُّعَآءِ " (٢)

حضرت داوٗد ۽ حضرت سليمان عليهما السلام چيو " اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ فَضَّلَنَا عَلٰي كَثِيْرٍ مِّنْ عِبَادِهِ الْمُؤْمِنِيْنَ " (٣)

سهڻي حبيب صلي الله عليه وآله وسلم کي حکم مليو "وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ وَسَلَامٌ عَلٰي عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰي " اهڙيون ٻيون بہ ڪئين آيتون ملنديون جن ۾ حمد جو ذڪر آهي.

قيامت جي ڏينهن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن شفاعت ڪندا تہ اول سجدو ڪري الله تعاليٰ جو حمد ڪندا. جيئن حديث شريف ۾ حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو. "آءُ ان وقت الله تعاليٰ جا اهي حمد ۽ تعريفون ڪندس جيڪي پاڻ منهنجي دل ۾ وجهندو ويندو. ۽ مان سجدو ڪري عرض ڪندس (۴)

جنت وارا جنت ۾ بہ الله تعاليٰ جو حمد ڪندا جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي " وَآخِرُ دَعْوَاهُمْ اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰالَمِيْنَ " (٥)

ڪائنات ننڍي توڙي وڏي جاندار يا بي جان الله تعاليٰ جو حمد ڪري ٿي.
" وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ" (٦)

اهڙيءَ طرح هر ڪم ۾ الله تعاليٰ جو حمد ڪرڻ گهرجي جيڪو بہ ڪم حمد کان سواءِ آهي اهو برڪت کان خالي آهي جيئن حديث پاڪ ۾ آهي "كُلُّ اَمْرٍ ذِيْ بَالٍ لَّمْ يُبْدَءْ فِيْهِ بِالْحَمْدِ فَهُوَ اَقْطَعُ"

فائده:- اهي ڪم جن ۾ اَلْحَمْدُ پڙهيو ٿو وڃي هي آهن. ١- نماز ٢-حج

(١) سورة المؤمنون رکوع ٢ پ ١٨ (٢) سورة ابراهيم رکوع ٦ پ ١٣
(٣) سورة النمل رکوع ٢ پ ١٩ (۴) مشڪواة ص ۴٨٨
(٥) سورة يونس رکوع ١ پ ١١ (٦) سورة بني اسرائيل رکوع ٥ پ ١٥

يا عمره جي احرام کان پوءِ لبيک ۾ اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَکَ ايندو آهي- ٣- دعا گهرڻ وقت ٤- کنهن نعمت ملڻ وقت ٥- نماز جي تسبيح پڙهڻ وقت ٦- مصيبت پهچڻ وقت ٧- کنهن خوشخبريءَ ملڻ وقت ٨- هر خطبي ۽ وعظ وقت ٩- نڪاح پڙهڻ وقت ١٠- مشڪل پيدا ٿيڻ وقت ١١- کائڻ ۽ پيئڻ کان پوءِ ١٢- نئين ڪپڙي ڍڪڻ وقت ١٣- قضا حاجت کان پوءِ ١٤- ظالمن جي هلاڪت وقت ١٥- کنهن مصيبت واري کي ڏسي پاڻ کي ان مصيبت کان آزاد ڏسي ان وقت ١٦- سمهڻ وقت ١٧- ننڊ مان جاڳڻ وقت ١٨- ڇڪ اچڻ وقت ١٩- ڪچهريءَ يا مجلس جي اٿڻ وقت ٢٠- سفر ۾ نڪرڻ وقت ٢١- سفر تان موٽڻ وقت ٢٢- خطن ۽ رسالن ۽ ڪتابن جي شروعات ۾ ٢٣- قيامت جي ڏينهن قبرن مان نڪرڻ وقت ٢٤- اسلام جي نعمت ملڻ جي ڪري الغرض ته ٻانهون هر حال ۽ هر گهڙيءَ ۾ الله تعاليٰ جو حمد ڪندو رهي.

فائدو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۾ اکر اٺ آهن ته جنت جا دروازا به اٺ آهن ان جي ڪري الحمد لله پڙهڻ وارو به جنتي آهي.

مسئلا

١- جمعي جي خطبي ۾ حمد پڙهڻ واجب آهي.

٢- نڪاح جي خطبي، دعا ۽ هر جائز ڪم جي اول ۽ آخر ۾ هر کاڌي پيتي کان پوءِ حمد ڪرڻ مستحب آهي.

٣- ڇڪ اچڻ کان پوءِ الحمد پڙهڻ سنت مؤڪده آهي (١)

لِلّٰهِ - الله جي معنيٰ مٿي بِسْمِ اللّٰهِ جي بحث ۾ بيان ٿي آئي آهي.

رَبِّ - اصل ۾ مصدر جو صيغو آهي. جو مبالغي جي لاءِ صفت جي معنيٰ ۾ آيل آهي.

علامه آلوسيءَ لکيو آهي ته "والرب في الاصل مصدر بمعني التربية وهي تبليغ الشيء الیٰ کماله بحسب استعداده الازلي شيئا فشيئا". يعني رب اصل ۾

(١) تفسير نعيمي ص ٥٢ ج ١

مصدر آهي. تربيت جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي ان جي ازلي استعداد ۽ فطري صلاحيت جي موافق آهستي آهستي ڪمال جي مرتبي تي پهچائڻ.

الله تعاليٰ جي بي شمار نعمتن مان وڏي نعمت تربيت آهي. ان جي ڪري حمد کان پوءِ فوريً طرح ان جو ذڪر ڪري ساراه ڪندڙ کي ياد ڏياريو ويو تہ جنهن جو تون حمد ڪري رهيو آهين. اهوئي هر حمد جو لائق آهي. ڇو تہ ان توکي ضعيفائي، ڪمزوريً جهالت ۽ بي وسيءَ جي حالت مان ڪڍي هن منزل تي پهچايو آهي. الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي کي مطلق رب نہ چيو ويندو. ها ڪنهن خصوصي نسبت کي نظر ۾ رکي چئي سگهجي ٿو.

جيئن حضرت يوسف عليه السلام فرمايو" اِرْجِعْ اِلٰي رَبِّكَ يا اِنَّهٗ رَبِّيْ اَحْسَنَ مَثْوَايَ " علامه آلوسيً عليه الرحمة لکيو آهي تہ وعليٰ کل حال لا يطلق لغة عليٰ غيره تعاليٰ اطلاقا مستفيضا الا مقيدا باضافة ونحوها مما يدل عليٰ ربوبية مخصوصة (۱)
الله تعاليٰ جي تربيت مخلوق جي تربيت کان ٻٽن وجهن جي ڪري نرالي آهي.

١- هڪڙي الله تعاليٰ جي ربوبيت ۾ الله تعاليٰ جو ڪو غرض يا مطلب نہ آهي پر ٻين جي تربيت ۾ انهن جو ڪو نہ ڪو غرض هوندو آهي. مائٽ اولاد جي تربيت ڪندو آهي ان ۾ مائٽ جي دل جو سڪون آهي. ۽ ان کي اها اميد آهي تہ اهو اولاد وڏو ٿي ان کي ڪم ايندو ان جي خدمت ڪندو ۽نيڪ ناميءَ جو سبب بنجندو

٢- ٻيو تہ جيڪڏهن ڪو ڪنهن جي تربيت ڪندو تہ ان کي ڪافي تڪليفون سهٽيون ۽ محنتون ڪرڻيون پون ٿيون ۽ خرچ بہ ڪري ٿو. مگر الله تعاليٰ جي تربيت جو شان هن کان مٿي آهي.

٣- ٽيون تہ ٻيو ڪو جيڪڏهن تربيت ڪري بہ ٿو پر اهو بار بار سوال ڪرڻ، حاجت گهرڻ سان تنگ ٿي پوي ٿو مگر الله تعاليٰ تنگ ٿيڻ کان پاڪ آهي.

۴- چوٿون تہ ٻيو ڪو ڀلائي تڏهن ٿو ڪري جڏهن ان کان گهريو وڃي. مگر الله تعاليٰ بنا گهرڻ جي بہ ڀلائي ڪندو آهي.

۵- پنجون تہ ٻيو تربيت ڪندڙ ڪنهن محدود وقت تائين تربيت ڪري

(۱) تفسير روح المعاني ص ۷۸ ج ۱

ٿو. پوءِ ان کي ڇڏي ڏيندو آهي مگر الله تعاليٰ هميشہ سنڀاليندڙ آهي.

الله تعاليٰ جو انعام، نوازش دائمي آهي. الله تعاليٰ جي تربيت ۽ انعام سڀني لاءِ عام آهي. اهڙي عام تربيت ٻيو ڪري نہ ٿو سگهي. (١)

* فائدو *

بعض علماءِ ڪرام چون ٿا تہ الرب اسم اعظم آهي جو بار بار دعائن ۾ ربنا جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. (٢)

اَلْعَالَمِيْنَ — عالم جو جمع علم ڪان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي نشاني. علامه آلوسي لکيو آهي تہ والعالم کالخاتم اسم لما يعلم بہ (٣)

علامہ بيضاويءَ لکيو آهي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ جيڪي بہ جوهر، يا عرض آهن اهي ممڪن هجڻ ۽ حقيقي مؤثر ڏي محتاج هجڻ جي ڪري دلالت ٿا ڪن تہ ڪا ذات آهي جنهن هنن کي وجود ڏنو آهي. ان جي ڪري انهن کي عالم سڏيو ويو آهي (٤)

جڏهن هر شيءِ پنهنجي پيدا ڪندڙ جي خبر ڏيندي آهي تہ ان ڪري انهن کي "عالم" سڏيو ويندو آهي.

(عالمين جو رب چئي هن ڳالهہ ڏي اشارو ڪيل آهي تہ الله تعاليٰ ڪنهن مخصوص قوم، نسل ۽ وطن جو خدا نہ آهي تان جو ان جون نوازشون ڪنهن مخصوص قوم ۽ نسل سان ئي خاص هجن بلڪ ان جي ربوبيت جو ڳانڍاپو ڪائنات جي هر شيءِ سان برابر آهي) ان جي لطف ۽ احسان جا سڀ حق دار آهن. پر انهن کي بہ گهرجي تہ ان جي حڪمن جي بجاءِ آوريءَ سان پاڻ کي ان جو اهل ثابت ڪن. جهان ڪيترا آهن انهن جو صحيح تعداد الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي" وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّا هُوَ" حضرت ابوسعيد خدريؓ کان چاليهہ هزار (٤٠،٠٠٠) ۽ حضرت مقاتل کان اسي هزار (٨٠،٠٠٠) جهان منقول آهن. (٥)

---

(١) تفسير ڪبير ص ٢٣٠ ج ١ (٢) القرطبي ص ١٣٧ ج ١
(٣) روح المعاني ص ٧٨ ج ١ (٤) بيضاوي ص ٦ ج ١
(٥) تفسير معارف القرآن ص ٢٣ ج ١

علويات - سفليات - مجردات - روحانيات - جسمانيات وغيره ڪئين جهان آهن.

علامه آلوسيءَ لکيو آهي تہ الله تعاليٰ هڪ لک(١٠٠٠٠٠) قنديل پيدا ڪري عرش سان لٽڪايا آهن. آسمان، زمينون ۽ جيڪي انهن ۾ آهي. جيئن جنت، دوزخ وغيره سڀ هڪ قنديل ۾ آهن باقي قنديلن ۾ ڇا آهي اهو سڀ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو (١)

رَبِّ الْعَالَمِيْنَ نهايت وڏي ۽ هڪ عظيم صفت آهي. قرآن جي مضمونن ۾ ان کي وڏي اهميت آهي.

رَبّ : سڀني اسمن کان زياده استعمال ٿيل آهي. قرآن ڪريم ۾ اهو اسم تقريبًا نو سوَ پنجويهہ (٩٢٥) ڀيرا استعمال ٿيل آهي. جنهن ۾ چاليهہ (٤٠) ڀيرا صفت رب العالمين ۽ ڇهہ (٦) ڀيرا پورو جملہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ آيل آهي رَبِّ الْعَالَمِيْنَ پهريُن جملي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ جو دليل آهي. جڏهن سموري ڪائنات جي تربيت ۽ پرورش جي ذميدار صرف الله تعاليٰ جي هڪ ذات آهي تہ حمد ۽ ثنا جي حقيقي مستحق بہ اها ذات ئي ٿي سگهي ٿي ان جي ڪري پهريان اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ پوءِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ آندو ويو آهي.

الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

گهڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ

هنن ٻنهي صفتن جو بيان بہ مٿي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۾ ٿي آيو آهي. ۽ هتي انهن جي آڻڻ مان اهو فائدو آهي تہ الله تعاليٰ جي ربوبيت - عدل - انصاف سڀ ان جي رحمت تي ٻڌل آهي مجبوريءَ جي ڪري نہ آهيَ ۽ ربوبيت ۽ رحمت جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم ۾ ڪيترين جاين تي ٻنهي جو گڏ ذڪر ٿيل آهي.

(٣) روح المعاني ص ٧٩ ج ١

* فائدو *

قرآن ڪريم ۾ ڪيترا ڀيرا الله تعاليٰ جي رحمت ۽ محبت جي صفتن جو ذڪر آهي. پر ٻنهي ۾ فرق آهي. رحمت خالص احسان ۽ بغير عيوض جي فيض ۽ انعام آهي.مگر محبت جي لاءِ محل ۽ موقع ڪي خيال ۾ رکيو ويندو آهي.

مَالِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۝٣

مالڪ آهي ڏينهن جزا جو

مَالِكِ جو لفظ ملڪ کان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ تي اهڙو قبضو رکڻ جو ان ۾ تصرف ڪرڻ جي جائز قدرت رکندو هجي. (١)

هن مان هڪ وڏو فائدو هيءُ به حاصل ٿيو ته دنيا چڱي ۽ بري عمل جي جزا ۽ سزا ملڻ جي جاءِ نه آهي بلڪ عمل ڪرڻ جي جاءِ آهي هت ڪنهن کي عيش ۽ عشرت دولت ۽ راحت سان مالا مال ڏسي هي نه ٿو چئي سگهجي ته اهو الله تعاليٰ وٽ مقبول ۽ پيارو ٻانهون آهي. يا ڪنهن کي رنج ۽ مصيبت ۾ قاتل ڏسي اهوفيصلو نه ٿو ڏجي ته اهو الله وٽ ناپسند ۽ بغض ڪيل ٻانهون آهي. جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن ڪارخاني ۾ ڪنهن انجنيئر يا مزدور کي ڪم ڪندي ڏسي اهو نه چئبو ته سورن ۾ آهي بلڪ اهو چئبو ته ڪامياب انجنيئر يا مزدور آهي. جيڪو پنهنجي حياتي سجائي گذاري رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو مهربان ان کي ان نوڪريءَ تان لاهي ته ان کي مهرباني نه پر دشمني سمجهندو ڇو ته اهو ڪم ڪندڙ محنت کي ڪو نه ٿو ڏسي پر ان پگهار تي نظر ٿو رکي جيڪا هن کي مهيني کان پوءِ ملندي. اهوئي سبب آهي جو هن دنيا ۾ نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام

(١) معارف القرآن ص ٢٥ ج ١

۽ ولين سڳورن عليهم الرحمة سڀ کان وڌيڪ مصيبتون ۽ تڪليفون ڏٺيون آهن ۽ اهي هن حالت تي سڪون وارا ۽ مطمئن نظر ايندا آهن.

مالڪ لفظجي تعريف ۾ علامه بيضاويؒ لکيو آهي : المتصرف في الاعيان المملوكة كيف شاء (۱)

يعني مالڪ اها هستي آهي جو پنهنجي ملڪيت ڪيل شين ۾ جهڙي نموني گهري تصرف ڪري. هن لفظ سان ان باطل عقيدن جي ترديد ٿي جن ۾ هندستان جا مشرڪ ۽ ڪئين بيون قومون قائل هيون. يعني اهي چوندا هيا ته الله تعاليٰ مجرم کي سزا ڏيڻ لاءِ مجبور آهي. ان کي معاف ڪرڻ جو ڪيس اصل اختيار نه آهي.

قرآن ڪريم ان عقيدي جي ترديد ڪندي ٻڌايو ته الله تعاليٰ مالڪ ۽ مختار آهي. ۽ هر شيءِ جن ۽ انسان سڀ ان جي ملڪيت آهن جهڙي نموني گهري انهن سان سلوڪ ڪري. جيڪڏهن مجرم کي سزا ڏي ته ان کي ڪير روڪي نٿو سگهي. جيڪڏهن بخشڻ گهري ته ان کي ڪو منع ڪري نٿو سگهي.

دين جي معنيٰ آهي حساب ۽ جزا. ثواب ۽ عذاب کي دين جي لفظ سان بيان ڪيائين تانت خبر پوي ته هي ثواب ۽ عذاب بغير ڪنهن سبب جي نه آهي. بلڪ ان جي عملن جو نتيجو آهي جنهن کان بچڻ جي ڪا ڳلي نه آهي.

مقصد هي آهي ته انسان گناهن جي لذتن ۾ وڃي انهن جي نتيجن کان جيڪي قيامت ۾ ظاهر ٿيندا، بي خبر نه ٿي وڃي. پنهنجي بي بقا عمر ۽ فنا ٿيندڙ راحتن ۽ عزتن تي مغرور ٿي ان ڏينهن کي وساري نه ڇڏي جڏهن انصاف جي ساهميءَ ۾ ان جا ننڍا ۽ وڏا برا ۽ چڱا عمل توريا ويندا. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته اهو رب آهي رحمٰن آهي ان جي رحمت بي پايان آهي. پر ان جي اها ڪمال واري صفت به هر وقت نگاه ۾ رهي ته اهو عادل به آهي. حق ته اهو آهي ته ان جون ربوبيت ۽ رحمت واريون صفتون عدل کان سواءِ پوريون ظاهر نٿيون ٿين.

ڪن ڪولي ٻڌڻ گهرجي ته اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي جڏهن دبدبي ۽ جبروت جون وهم واريون شڪليون مٽجي ويندون. ڪڙا ڪنڌ جهڪي پوندا. ظاهر ۽ باطن

(۱) بيضاوي ص ۷ ج ۱

۾ ان جي حڪومت هوندي. جيڪو حقيقي حاڪم آهي. پر ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي جو جنهن امت جو ديني بنياد ان عقيدي تي آهي تہ جزا واري ڏينهن تي ايمان آڻڻ لازم آهي. عمل جي ميدان ۾ ان امت جي اڪثريت ان ڳالهه کي محسوس نٿي ڪري. اهي حساب جي ڏينهن ۽ عمل جي بدلي ملڻ کان اهڙا غافل آهن جڻ تہ اها ڳالهه انهن کي ڪنهن ٻڌائي ڪانہ آهي.

اِيَّاکَ نَعْبُدُ

خاص تنهنجي ئا عبادت ڪيون

اِيَّا ضمير منفصل آهي ان جي جي پٺيان ڪٿي "کَ" ضمير خطاب جو تہ ڪٿي "ي" متڪلم جي ڪٿي "ه" ضمير غائب جو آندو ويندو آهي.

نَعْبُدُ "عِبَادة" کان ورتل جمع متڪلم جو صيغو آهي. عبادت جي معنيٰ آهي. اقصي غاية الخضوع والتذلل. يعني حد درجي جي عاجزي ۽ انڪساري. (۱) لغت ۽ تفسير جي سيني ڪتابن ۾ هن جي اها ئي معنيٰ ملندي.

مفسر سڀورا ان جو مثال سجدي سان ڏيندا آهن. حالانڪ صرف سجدو عبادت نہ آهي. بلڪ نماز جي حالت ۾ سموري چرپر عبادت آهي. هٿ ٻڌي بيهڻ، رڪوع ۽ رڪوع کان پوءِ هٿ ڇوڙي بيهڻ، سجدو ۽ ان کان پوءِ التحيات جي حالت ۾ گوڏا پيجي ويهڻ، سلام جي لاءِ سڄي ۽ کٻي منهن ڦيرائڻ هي سڀ عبادت آهي. جڏهن عبادت صرف تذلل ۽ انڪساريَ جي آخري مرتبي جو نالو آهي. ۽ اهو آخري مرتبو سجدوئي آهي تہ ڇا باقي هي سيئي شيون عبادت نہ آهن ان جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. ۽ جڏهن اهي سڀ شيون مطلقا عبادت آهن تہ جڏهن ڪو شاگرد پنهنجي استاد جي سامهون ۽ پٽ پنهنجي پيءُ جي سامهون گوڏا پيجي ويهي يا ان جي اچڻ تي اٿي بيهي تہ ڇا اهو چوڻ درست ٿيندو تہ ان پنهنجي استاد يا پيءُ جي

(۱) بيضاوي ص۸ ج ۱

عبادت ڪئي. ان کي پنهنجو معبود بنايو. نه هرگز نه. پوءِ ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا انهن چرپرن کي جيڪڏهن اهي نماز ۾ هجن ته عبادت تي بنائي. ۽ اهڙي نموني سان بيهڻ ۽ ويهڻ ۽ سجي ڪبي منهن ڦيرائڻ کي تذلل ۽ انڪسار جي آخري مرتبي تي پهچائي ٿي. ۽ جيڪڏهن اهي ئي ڪم نماز کان ٻاهر هجن ته نه انهن ۾ نهايت خضوع آهي ۽ نه اهي عبادت متصور ٿيند آهن.

ان ۾ فرق پيدا ڪندڙ هڪ شيءِ آهي. ۽ اها هيءَ آهي ته جنهن ذات لاءِ ۽ جنهن جي سامهون اوهان هي ڪم ڪري رهيا آهيو ان جي متعلق اوهان جو عقيدو ڇا آهي. جيڪڏهن اوهان ان کي الله ۽ معبود ٿا سمجهو ته هي سڀ عمل عبادت آهن ۽ سيني ۾ گهٽو نياز ۽ نوڙت آهي پر جيڪڏهن اوهان ان کي عبد ۽ ٻانهون ٿا سمجهو نه خدا نه خدا جو پٽ نه ان جي زال نه اوتار ته هي عمل عبادت نه سمجهيا ويندا. ها! اوهان ان کي احترام ۽ تعظيم ڇئي سگهو ٿا. پر محمدي شريعت علیٰ صاحبها الصلواة والسلام ۾ الله تعالیٰ کان سواءِ ٻئي کي تعظيم جو سجدو ڪرڻ به حرام آهي. هن ڳالهه سمجهڻ کان پوءِ هاڻي هيءَ ڳالهه پاڻهي واضح ٿي وئي ته الله تعالیٰ جي ذات پاڪ کان سواءِ ڪا بي اهڙي شيءِ نه آهي جنهن جي عبادت عقلا يا شرعًا جائز هجي سڀ کان مٿي ۽ قوي اهو سيني جو خالق ۽ مالڪ آهي ۽ سيني کي پنهنجي خصوصي تربيت سان ڪمال جي مرتبي تائين پهچائڻ وارو به اهو آهي. لطف ۽ ڪرم جو لاڳيتو مينهن وسائيندڙ، ٻانهي جي هزار خطائن، لکن جرمن کي پنهنجي رحمت سان معاف ڪندڙ، قيامت جي ڏينهن هر صالح ۽ گنهگار جي قسمت جو فيصلو ڪندڙ به اهو آهي. ان کي ڇڏي انسان ٻئي ڪنهن جي عبات ڇا جي لاءِ ڪري؟

بلڪ ان کان سواءِ ٻيو آهي به ڪير جيڪو معبود بالحق ۽ الله آهي ۽ ان جي پوڄا ڪئي وڃي. ان جي ڪري قرآن ڪريم اسان کي صرف اها تعليم نه ڏني ته نعبدک تنهن جي ٿا عبادت ڪيون. ڇو ته ان ۾ اهو به احتمال هو ته ٻين جي به عبادت ڪيون ٿا بلڪ اهو سبق ڏنو ته اِيَّاكَ نَعْبُدُ خاص تنهنجي ٿا عبادت ڪيون ٻئي ڪنهن جي به نه. مفسرن سڳورن اياک کي اڳ ۾ آڻڻ ۾ حصر ۽ تخصيص کان سواءِ ٻين عجيب نڪتن جو به ذڪر ڪيو آهي. فرمائن ٿا ته هت ٽي شيون آهن.

عابد، عبادت ۽ معبود. عارف کي گهرجي تہ ان مقام ۾ پاڻ کي وساري عبادت کي بہ مقصود نہ بنائي بلڪ ان جي نگاه هجي تہ صرف حقيقي معبود تي تان تہ ان جي جمال ۽ جلال جي انوار کي ڏسڻ ۾ مستغرق هجڻ جي نعمت سان سرافراز ٿئي. ان جي ڪري فرمايائين اِيَّاکَ نَعْبُدُ - ٻيو اهو بہ نڪتو آهي تہ عابد (عبادت ڪندڙ) هڪڙو آهي پر نَعْبُدُ جمع جي صيغي سان ٻيو عرض ڪري تان تہ پنهنجي نقص واري عبادت کي بارگاه صمديت جي مقربن جي اخلاص ۽ نياز ۾ ٽٻي هنيل عبادت سان گڏي پيش ڪري تانت انهن جي برڪت سان هن جي عبادت کي بہ قبوليت جو شرف حاصل ٿئي. ان جي ڪري جماعت سان نماز پڙهڻ جو حڪم ٿيل آهي تانت هڪ ٻئي جي برڪت سان نماز شرف قبوليت حاصل ڪري.

* فائدو *

اِيَّاکَ نَعْبُدُ کان اڳ ۾ الله تعاليٰ جا پنج نالا بيان ٿيا. الله. رب. رحمٰن رحيم. مالڪ. گويا ائين چيو ويو تہ مون توکي وجود ڏنو ان جي ڪري الله آهيان پوءِ مون توکي پاليو ان جي ڪري رب. پوءِ تو گناه ڪيا مون ڍڪيو ان جي ڪري رحمٰن. تو توبه ڪئي مون بخشيو ان جي ڪري رحيم تون منهنجي قبضي ۾ آهين ۽ جزا ۽ سزا جو ڏينهن بہ اچڻ وارو آهي ان جو مان مالڪ آهيان پوءِ ٻانهان عبادت منهنجي ڪر چو تہ عبادت جو مستحق مان آهيان.

ٻيو تہ انسان جا ٽي دور آهن. گذريل. موجوده. ايندڙ. ٽنهي حالتن ۾ انسان الله تعاليٰ جو محتاج آهي. چو تہ جڏهن موجود نہ هو تہ ان ئي هن کي وجود ڏنو. ان ۾ الله تعاليٰ ڏي اشارو آهي. جڏهن ڪمائڻ جي لائق نہ هو تہ ان هن کي رزق ڏنو ان جي ڪري رب آهي. پوءِ موجوده حالات ۾ هر طرح ان کي سنڀالي ٿو ان جو ذڪر رحمٰن ۽ رحيم ۾ آهي. وري قبر ۽ قيامت ۾ ان جو محتاج آهي. ان جو بيان مَالِکِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۾ آهي.

جڏهن هو هردم ان جو محتاج آهي تہ عبادت بہ ان جي ڪري. ۽ ان عبادت جو بيان اياک نعبد ۾ آهي. جاڻڻ گهرجي تہ ٻانهو اِيَّاکَ نَعْبُدُ پڙهڻ سان غائب کان مخاطب ڏي آيو. هن کان اڳ ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر هو هاڻي ٻانهي جو بيان آيو.

اِيَّاکَ کي اڳ ۾ آڻي اهو بہ واضح ڪيو ويو تہ الله تعاليٰ قديم ۽ اڳ ۾ آهي اسين حادث ۽ بعد ۾ پيدا ڪيل آهيون اڳ ۾ ان جو ذڪر بعد ۾ اسان جو. ان ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ ٻانهون جڏهن الله تعاليٰ جو ۽ پنهنجو ذڪر ڪري تہ الله تعاليٰ جو ذڪر اڳ ۾ آڻي.

علامه ناصر الدين شيرازيؒ هن نڪتي کي بيان ڪندي لکيو آهي تہ وقدم المفعول للتعظيم والاهتمام بہٖ والدلالۃ علي الحصار ولذالک قال ابن عباس معناه نعبدک ولا نعبد غيرکؐ. وتقديم ما هو مقدم في الوجود والتنبيه عليٰ ان العبد ينبغي ان يکون نظره الي المعبود اولا وبالذات ومنه الي العبادة لا من حيث انها عبادة صدرت عنه بل من حيث انها نسبۃ شريفة اليه ووصلة بينه وبين الحق فان العارف انما يحق وصوله اذا استغرق فيه في ملاحظۃ جناب القدس وغاب عما عداه حتيٰ انه لا يلاحظ نفسه ولا حالا من احوالها الا من حيث انها ملاحظۃ لہٗ ومنتسبۃ اليه. ولذالک فضل ما حکي الله عن حبيبه حيث قال لاتحزن ان الله معنا عليٰ ما حکاہ عن کليمه حيث قال ان معي ربي سيهدين (۱)

يعني اِيَّاکَ مفعول کي اڳ ۾ آندو ويو آهي ٽن وجهن جي ڪري ۱- تعظيم ۽ ان جي اهم هجڻ کي بيان ڪرڻ لاءِ ۲- حصر تي دلالت ڪرڻ جي لاءِ. ان جي ڪري حضرت ابن عباس رضي اللّٰہ تعاليٰ عنہما فرمايو آهي تہ ان جي معنيٰ آهي تنهنجي عبادت ٿا ڪيون ٻئي ڪنهن جي نہ. ۳- ٽيون تہ جيڪو وجود ۾ (يعني الله تعاليٰ) اڳ ۾ آهي ان جو ذڪر بہ اڳ ۾ ڪيو وڃي. ۽ ان ڳالهہ لاءِ بہ خبردار ڪيو ويو آهي تہ عبادت ڪندڙ جي نظر اول ۽ بالذات معبود تي هجي ۽ ان کان پوءِ عبادت تي نظر هجي ان جي ڪري نہ تہ اها عبادت آهي جيڪا ان کان ظاهر ٿي آهي. پر ان حيثيت سان تہ اها ان ذاتِ سهڻي نسبت آهي. ۽ ٻانهي ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ ڳانڍاپو آهي پوءِ بيشڪ عارف جو وصول تڏهن ٿو ثابت ٿئي جڏهن قدس جي بارگاه جي ملاحظي ڪرڻ ۾ مستغرق ٿئي ۽ غير کان غائب ٿئي. تانجو پنهنجي پاڻ کي بہ لحاظ ۾ نہ رکي. ۽ نہ احوال مان ڪنهن حال کي سڃاڻي مگر ان حيثيت سان جو ان

(۱) تفسير بيضاوي ص ۹ ج ۱

جي لحاظ ۾ آهي. ۽ ان ڏانهن نسبت ڪيل آهي. ان جي ڪري جيڪي حبيب ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلمؐ کان نقل ڪيو ويو آهي ته ان فرمايو "اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا" الله کي "مَعَنَا" کان اڳي آندائين سو حضرت موسىٰ ڪليم عليه السلام جي فرمان "اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ" (مون سان منهنجو رب گڏ آهي مون کي جلد هدايت ڪندو) کان پلو آهي. ڇو ته هن ۾ رب کان اڳ ۾ "معي" آندو ويو آهي.

* سوال *

جڏهن الله تعالىٰ غني آهي ته ان کي پانهن جي عبادت جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

* جواب *

الله تعالىٰ کي ڪا ضرورت نه آهي ضروت خود پانهي کي آهي. جو اهو عبادت ڪرڻ سان صفائيءَ ۽ باطن جو تزڪيه حاصل ڪري ٿو. ۽ جنت ۾ رهڻ جو لائق بنجي ٿو. گندي ماڻهوءَ کي ڪو پر ۾ ويهارڻ نه چاهيندو آهي. صفائي، سٺائي ضروري آهي. عبادت رحمت جو پاڻي آهي جنهن سان انسان ڌوپي صاف سٺو ٿيندو آهي؟

* سوال *

مسلمان چوندا آهن ته اسين موحد آهيون الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪندا آهيون حالانڪ اهي سڀ بيت الله کي سجدو ٿا ڪن جيڪو پٿر جو ٺهيل گهر آهي. هندو به اهوئي ڪندا آهن جو پٿر جي مورت کي سجدو ڪندا آهن.

* جواب *

مسلمان بيت الله کي سجدو نه ڪندا آهن پر الله تعالىٰ جي حڪم کي ادا ڪندي يڪجهتيءَ جو ثبوت ڏيندي بيت الله ڏي منهن ڪري الله جي عبادت ڪندا آهن. مسلمان نماز ۾ نيت اها ڪندو آهي ته نماز پڙهان ٿو الله جي لاءِ منهن بيت الله ڏانهن. پيو ته هندو جيڏانهن مورت وارو پٿر هوندو اوڏانهن منهن ڪندا آهن. اسان جو منهن سدائين بيت الله ڏي آهي. بالفرض جيڪڏهن بيت الله شريف جي پتين وارا پٿر ڪڍي پري وجي رکو ته اسين پٿر ڏي منهن نه ڪنداسين ان جاءِ ڏي

منهن كنداسين جتي بيت الله آهي.

* سوال *

جڏهن نماز ۾ چئو ٿا تہ خاص تنهنجي ٿا عبادت ڪيون تہ پوءِ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ ٻين پيرن فقيرن کي ڇوٿا سڏيو. سڏڻ کي عربيءَ ۾ دعا چيو ويندو آهي ۽ دعا عبادت آهي جيئن حديث ۾ آيو آهي "اَلدُّعَآءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ" دعا عبادت جو مغز آهي. تہ غيرالله کي سڏڻ بہ هڪ طرح ان جي عبادت ڪرڻ آهي جيڪا اِيَّاکَ نَعْبُدُ جي خلاف آهي؟

* جواب *

اهو مسلمانن کي هرويرو ڪافر ۽ مشرڪ سڏڻ آهي. ڪنهن ٻلاري ٻانهي کي سڏڻ ان لاءِ تہ اهو دعا سان مدد ڪري شرڪ نہ آهِي عبادت نہ آهي دعا عبادت جي معنيٰ سان تڏهن آهي جڏهن جنهن کي سڏي ٿو ان کي الله سمجهي پر جيڪڏهن الله نٿو سمجهي تہ نہ ڪفر نہ شرڪ نہ عبادت آهي. حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي حڪم ٿيو تہ پکي پالي کهي ذرا ذرا ڪري جبل تي اڇلائي. "ثُمَّ ادْعُهُنَّ" پوءِ انهن کي سڏ ڪر . هتي ادع دعا يدعوا کان امر جو صيغو آهي ڇا ابراهيم عليہ السلام کي اهو سيکاريو ويو تہ انهن پکين جي عبادت ڪر. جيڪڏهن مطلق دعا بمعنيٰ "سڏڻ" کي عبادت چوندئو تہ پوءِ تہ ڪو بہ مسلمان نہ رهندو. ان جي ڪري الله تعاليٰ جو خوف رکي صحيح رستو بيان ڪيو. دعا عبادت جي معنيٰ ۾ تڏهن آهي جڏهن الله تعاليٰ کان گهري وڃي. اِيَّاکَ نَعْبُدُ جي معنيٰ ۽ مطلب کي صحيح سمجهو. حضرت اميرالمومنين سيدنا عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه حضرت سارية کي غائبانہ ياسارية الجبل چوندي سڏيو هو (١)
ڇا اها بہ ان جي عبادت ڪئي هيائين (نعوذبالله مِن ذالڪ)

---

(١) مشڪواة شريف ص٥٤٦

* سوال *

عبدالنبي- عبدالرسول، عبدالحسين وغيره نالارکڻ بہ جائز نہ آهن ڇو تہ عبد عبادت مان ورتل آهي ۽ عبادت الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي جي جائز نہ آهي؟

* جواب *

عبد جي لفظ جي معنيٰ نسبت جي لحاظ سان ڪئي ويندي آهي جيڪڏهن ان جي نسبت الله تعاليٰ ڏانهن ڪيل هوندي جيئن عبدالله، عبدالرحمٰن، عبدالرحيم وغيره تہ ان مان مراد آهي الله تعاليٰ جي عبادت ڪندڙ، رحمٰن جو ٻانهو، رحيم جو ٻانهون وغيره ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڏانهن نسبت هوندي تہ ان مان مراد آهي ان جو خادم، نوڪر وغيره. جيئن قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي. "وَاَنْكِحُوا الْاَيَامىٰ مِنْكُمْ وَالصَّالِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَاِمَآئِكُمْ" هن آيت سڳوريءَ ۾ عباد- جيڪو عبد جو جمع آهي ان جي كُمْ جمع مخاطب جي ضمير ڏي اضافت ۽ نسبت آهي، پر هن مان مراد خادم آهن اهڙيءَ طرح حديث شريف ۾ بہ عبد جي نسبت غير ڏي آيل آهي: ترمذيءَ، ابوداود، ابن ماجه، حضرت عمرو بن شعيب جي ڏاڏي رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "مَنْ كَاتَبَ عَبْدَهٗ عَلىٰ مِائَةِ اُوْقِيَةٍ فَاَدَّاهَا اِلَّا عَشْرَةَ اَوَاقٍ اَوْقَالَ عَشْرَةَ دَنَانِيْرَ ثُمَّ عَجَزَ فَهُوَ رَقِيْقٌ" يعني جنهن پنهنجي عبد کي سؤ اوقين ڏيڻ جيشرط تي آزاد ڪيو پوءِ ان اهي ادا ڪيا مگر ڏهہ اوقيون يا ڏهہ دينار رهجي ويا ۽ انهن جي ادا ڪرڻ کان عاجز ٿيو تہ اهو آزاد آهي. (١)

هن حديث شريف ۾ عبد جي نسبت ﷺ ضمير ڏي ڪيل آهي جنهن مان مراد آزاد ڪندڙ سردار آهي

ٻيءَ حديث پاڪ ۾ حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

(١) مشڪواة شريف ص٢٩٥

"لَيْسَ عَلَي الْمُسْلِمِ فِيْ عَبْدِهٖ وَلَا فِيْ فَرَسِهٖ صَدَقَةٌ"[(١)] مسلمان تي ان جي عبد ۽ گهوڙي ۾ زڪوات نہ آهي.

هن حديث پاڪ ۾ عبد جي اضافت ۽ نسبت ﷺ ضمير ڏي ڪيل آهي جيڪو غيرالله ڏي ورندڙ آهي.

اهڙيءَ طرح فقہ جا ڪتاب جتي پانهن ۽سردارن جو ذڪر لکن ٿا تہ عبد جي نسبت غير الله ڏي ڪندي لکندا آهن عبده وغيره در مختار جو مصنف پنهنجي فقہ واري سلسلي ڪي جنهن استاد ڪان روايت ٿو ڪري ان جو نالو عبدالنبي آهي (٢)

ديوبندي علماء جي پيشوا علامہ رشيد احمد گنگوهيءَ جي مرثيي ۾ علامہ محمود الحسن صاحب هي شعر چيو آهي.

عبيد سود کے ان کا لقب ہے يوسف ثاني

هت بہ عبد جي نسبت غير ڏي ڪيل آهي.

مٿي لکيل دليلن مان صاف ثابت آهي تہ عبدالنبي، عبد الرسول جهڙا نالا رکڻ جائز آهن.

وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ۝۴

۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا

اِيَّاكَ -جو بحث مٿي گذري چڪو آهي.

نَسْتَعِيْنُ - جمع متڪلم جو صيغو الاستعانة ڪان ورتل آهي. ان جي تفسير ۾ علامہ ناصر الدين شيرازيءَ لکيو آهي. والاستعانة طلب المعونة. يعني استعانة جي معنيٰ آهي. مدد طلب ڪرڻ ۽ اڳتي لکيو اٿس:وڪرر الضمير للتنصيص عليٰ انه المستعان به لاغير وقدمت العبادة علي الاستعانة ليتوافق رؤس الآي ويعلم منه ان تقديم الوسيلة عليٰ طلب الحاجة ادعي الي الاجابة (٣)

يعني اِيَّاكَ ورائي آندو ويو آهي. ان ڳالھ تي نص ڪرڻ لاءِ تہ ان ڪان مدد

(١) صحيح مسلم شريف ص٣١٦ ج ١ مشكوٰة ص١٥٨ (٢) الدرالمختار مع حاشية الطحطاوي ص١٣ ج ١
(٣) بيضاوي ص ٩

ورتي ويندي نہ ٿئي کان. ۽ عبادت کي استعانة کان اڳ ۾ آندو ويو آهي ان جي
ڪري تہ آيتن جي پڇاڙي هڪ ٻئي سان موافق رهي ۽ اها بہ ڄاڻ پوي تہ وسيلي کي
اڳ ۾ ذڪر ڪرڻ قبول پوڻ لاءِ وڌيڪ آهي. عبادت وسيلو آهي ۽ ان جي آڌڻ سان
مدد طلب ڪرڻ واري دعا قبول پوندي.

بيضاويءَجي ان عبارت مان صاف صاف ظاهر آهي تہ وسيلو وٺي دعا
گهرجي. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جو اسم مبارڪ وٺي ان جي وسيلي سان
دعا گهرجي تہ جلد قبول پوندي ڇو تہ اهو اسم مبارڪ پڙهڻ بہ عبادت آهي. الله
تعاليٰ جي مدد هر وقت ٻانهيجي لاءِ ضروري آهي. جيڪڏهن ظاهر ۾ ڪو ماڻهو
ڪنهن جي مدد ڪري ٿو تہ اها بہ الله تعاليٰ جي طرفان سمجهڻ گهرجي ڇو تہ
حقيقي مددگار اهوئي آهي.

سوال

ڇا نبين سڳورن عليهم السلام ۽ بزرگن ۽ صالحن کان انهن کي الله
تعاليٰ جي مدد جو مظهر، وسيلو ۽ سبب سمجهي مدد گهرڻ جائز آهي؟

جواب

هائو جائز آهي. هن آيت جي متعلق علامہ شبير احمد عثماني صاحب
ديوبنديءَ شيخ الهند محمود الحسن جي ترجمهٔ قرآن ڪريم جي حاشيه ع۲ تي
لکيو آهي تہ

اس آيت شريفہ سے معلوم هوا کہ اس کي ذات پاک کے سوا کس سے
حقيقت ميں مدد مانگنا بالکل ناجائز هے - هاں اگر کسي مقبول بندے کو محض
واسطۂ رحمت الاهي اور غير مستقل سمجهہ کر استعانت ظاهري کرے تو جائز هے (۱)

قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي: وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ
وَالصَّلٰوۃِ (۲) (مدد وٺو صبر ۽ نماز سان)

(۱) حاشيه شبير احمد عثماني ص۱ (۲) سورة البقره رڪوع ۵ پ ۱

مسلمانو! ڇا صبر ۽ نماز الله آهن؟ نه هرگز نه - بلڪ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جا ذريعا آهن. اهڙيءَ طرح صالح ٻانها به الله تعاليٰ جي دربار جا برگزيده ۽ رضا حاصل ڪندڙ آهن. انهن کي مدد لاءِ عرض ڪرڻ آيت جي خلاف نه آهي. حديث پاڪ ۾ آهي.

"اِذَا انْفَلَتَتْ دَابَّةُ اَحَدِكُمْ فَلْيُنَادِ اَعِيْنُوْنِيْ يَا عِبَادَاللهِ"(١) يعني جنهن وقت اوهان مان ڪنهن هڪ جي سواري ڇڏائي وڃي ته پوءِ پلي ته سڏي (چوي) مدد ڪيو منهنجي اي الله جا ٻانها!

ٻي روايت ۾ آهي " وَاِنْ اَرَادَ عَوْنًا فَلْيَقُلْ يَاعِبَادَاللهِ اَعِيْنُوْنِيْ يَا عِبَادَاللهِ اَعِيْنُوْنِيْ يَا عِبَادَاللهِ اَعِيْنُوْنِيْ " يعني جيڪڏهن مدد وٺڻ جو ارادو ڪري ته پوءِ پلي چوي اي الله جا ٻانها منهنجي مدد ڪيو .اي الله جا ٻانها منهنجي مدد ڪيو. اي الله جا ٻانها منهنجي مدد ڪيو.

امام بخاريؒ پنهنجي ڪتاب "الادب المفرد" ۾ عبدالرحمان بن سعد کان روايت آندي آهي ته حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما جي پير کي ننڊ کڄي وئي پوءِ ان کي هڪڙي شخص چيو ته اُذْكُرْ اَحَبَّ النَّاسِ اِلَيْكَ - يعني جيڪو ماڻهن ۾ توکي وڌيڪ پيارو آهي ان کي ياد ڪر. فَقَالَ يَا مُحَمَّدُ پوءِ (حضور صلي الله عليه وآله وسلم کي ياد ڪندي) چيائين يا محمّد (٢)

اها ساڳي روايت علامه نوويؒ "الاذڪار" ۾ حضرت ابن عمر ۽ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما ٻنهي کان آندي آهي الاذڪار جي شرح ۾ علامه ابن علان صديقي شافعيؒ عليه الرحمة لکيو آهي ته ويحتمل تعدد القصة وهذا ظاهر سياق الشيخ وغيره. يعني احتمال آهي ته اهو واقعو ٻنهي جي وفات ٿيل هجي ۽ شيخ نوويؒ جي لکڻ واري طريقي مان به اهوئي ظاهر آهي (٣)

المقصد ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم کي سڏڻ صحابه ڪرام رضوان الله تعاليٰ عنهم اجمعين جو معمول هو. حضرت ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما جي سڏڻ کان پوءِ اتي جو اتي تڪليف دور ٿي وئي. علامه ابن السنيؒ جي روايت ۾

(١) حصن حصين ص ١٢٧ (٢) الادب المفرد ص ٤٣٣

(٣) الفتوحات الربانيه شرح الاذڪار النوويه ص ١٩٩ ج ٣ جزء ٦

آهي." فَكَاَنَّمَا نَشَطَ مِنْ عِقَالٍ(جڻ تہ ڏانوڻ مان ٻڌل آزاد ٿي ويو) (١)

جڏهن ٽن تابعين سڳورن مجاهد، ابوسعيد، عبدالرحمان بن سعد رضي الله تعاليٰ عنهم ان روايت کي ابن عمر ۽ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت ڪيو آهي ۽ ان تي ڪو بہ اعتراض نہ ڪيو تہ پوءِ اهو شرڪ ڪيئن آهي. ڇا اهي يا محمد صلي الله عليه وآله وسلم ۾ سمايل شرڪ کان بي خبر هيا. معاذ الله اعاذنا الله من سوءِ الاعتقاد

ان حديث جي اردو ترجمي کان پوءِ مولوي خليل الرحمان نعماني مظاهريؒ لکيو آهي تہ:

روايت مين آگے درج نهيں کہ اسکا کيا اثر هوا مگر ميرا خيال هے کہ اس کے بعد پائوں ٹھيک هوگيا هوگا. (٢)

فائدو:-

هن روايت ۾ غائبانہ ندا جو بہ ثبوت آهي جنهن کان بعضي علماءِ منع ڪن ٿا پر اهو منع ڪرڻ صحيح نہ آهي.

مولانا امداد الله مهاجر مڪيؒ پنهنجي مرشد کان هن طرح مدد طلب ڪئي آهي.

آسرا دنيا مين هے از بس تمهاري ذات کا
تم سوا اوروں سے هرگز کچھ نهيں هے التجا
بلکہ دن محشر کے بهي جس وقت قاضي هو خدا
آپ کا دامن پکڑ کر يہ کهوں گا برملا
اي شهِ نور محمد وقت هے امداد کا (٣)

علامه حسين احمد صاحب مدنيؒ لکيو آهي تہ:

هاديِ عالم علي مشکل کشا کے واسطے (۴)

علامه اشرف علي صاحب ٿانويؒ لکيو آهي:

دستگيري کيجئے ميرے نبي! - کشمکش ميں تم هي هو ميرے ولي
جز تمهاري هے کهان ميري پناه - فوج کلفت مجھ پہ آغالب هوئي (۵)

(١) عمل اليوم والليله ص ٧٢ (٢) الادب المفرد مترجم ص ۴٣٢
(٣) کليات امداديہ ٢٣ (۴) سلاسل طيبہ ص ١۴ (۵) نشر الطيب ص ١٩۴

علامه محمد قاسم نانوتويءَ صاحب فرمايو آهي تہ:

مدد کر اے کرم احمدي کہ تیرے سوا۔ نھیں ھے قاسم بیچاره کا کوئي حامي کار (١)

مولانا امداد الله مکيءَ عليه الرحمة حضرت حبيب کريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم کان هن طرح مدد گهري آهي ۽ کين فرياد کيو آهي

اي رسولِ کبريا فرياد ھے

يامحمد مصطفىٰ فرياد ھے

آپکي الفت ميں ميرا يا نبي

حال یہ ابتر ھوا فرياد ھے

سخت مشکل مين پهنسا هون آج کل

اي ميرے مشکل کشا فرياد ھے (١)

انهن سيني دليلن مان صاف واضح آهي تہ الله تعالىٰ جي پيارن کي الله تعالىٰ جي مدد جو مظهر ۽ ذريعو سمجهي انهن کان مدد گهرڻ جائز آهي

هن آيت سڳوريءَ جو مقصد اهو آهي تہ اي الله جهڙيءَ طرح عبادت صرف تنهنجي ٿا ڪيون اهڙيءَ طرح مدد بہ صرف توکان ٿا گهرون. تون ئي حقيقي ڪارساز آهين. تون ئي حقيقي مالڪ آهين هر ڪم ۾ هر حاجت ۾ تنهنجي اڳيان ئي سوال جو هٿ ڊگهو ڪندا آهيون. پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ هن اسباب جي جهان ۾ اسباب کان نظر قطع ڪري ڇڏيون. بيمار هجي تہ علاج ڪان پري. رزق جي تلاش لاءِ ان جي ذريعن کان پري. علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ استاد جي صحبت ڪان پري ان ڳالهہ سان اسلام ۽ توحيد جو ڪو بہ تعلق نہ آهي. ڇو تہ اها ذات جو شافي، حڪيم ۽ رازق آهي ان ئي انهن نتيجن کي انهن سببن سان وابسته ڪيو آهي. ان ئي انهن ۾ اثر رکيو آهي. انهن سببن ڏي رجوع ڪرڻ غير کان مدد وٺڻ نہ آهي. انهن سببن مان قوي ۽ اثر پيدا ڪندڙ سبب دعا بہ آهي. اَلدُّعَاءُ يَرُدُّ الْقَضَاءَ.

دعا تہ تقدير کي بہ بدلائي ٿي ڇڏي. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ الله تعالىٰ جو پنهنجن پيارن سان وعدو آهي تہ اهو انهن جي عاجزانه ۽ نيازمندانه التجائن کي قبوليت جو شرف ضرور بخشيندو جيئن قدسي حديث ۾ (جيڪا بخاريءَ ۾ بين

(١) تبليغي نصاب جي آخر ۾ ڇپايل قصائد قاسميہ (٢) ڪليات امداديہ ص ٢٣

محدثن آندي آهي) ذڪر ڪيل آهي تہ الله تعاليٰ مقبول ٻانهي لاءِ فرمايو آهي.

"لَإِنْ سَأَلَنِيْ لَأُعْطِيَنَّهٗ وَلَئِنِ اسْتَعَاذَنِيْ لَأُعِيْذَنَّهٗ" (١)

جيڪڏهن منهنجو (مقبول ٻانهو) مون کان گهرندو تہ مان ضرور ان کي ڏيندس ۽ جيڪڏهن پناهہ گهرندو تہ ضرور پناهہ ڏيندوسانس پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص انهن الله تعاليٰ جي پيارن جي دربار ۾ خصوصي طرح حبيب ڪبريا عليه التحية والثناءُ جي دربار ۾ ڪنهن نعمت جي حاصل ٿيڻ يا ڪنهن مشڪل جي حل ٿيڻ جي لاءِ دعا طلبي ٿوڪري تہ اها بہ غير سان مدد وٺڻ يا شرڪ نہ آهي. بلڪ عين اسلام ۽ عين توحيد آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن ولي يا شهيد يا نبيءَ جي متعلق ڪنهن جو هيءُ عقيدو آهي. تہ هيءُ مستقل بالذات آهي. ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ نہ گهري تڏهن بہ هيءُ ڪري سگهي ٿو تہ اهو شرڪ آهي ۽ اهو عقيدو رکڻ وارو مشرڪ آهي ۽ ان حقيقت کي حضرت شاهہ عبدالعزيز نهايت تفصيل سان پنهنجي تفسير ۾ لکيو آهي. الله جي پيارن جي مدد وٺڻ تہ امت محمديہ عليٰ نبيها الصلواة والسلام جي برگزيده هستين جو معمول رهيو آهي حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ عليه الرحمة جناب رسالت مآب ﷺ جي خدمت ۾ هن طرح عرض ڪيو آهي

وَاَنْتَ مُجِيْرِيْ مِنْ هُمُوْمٍ مُلِمَّةٍ
اِذَا اَنْشَبَتْ فِي الْقَلْبِ شَرَّ الْمَخَالِبِ(٢)

ترجمہ:(يا رسول الله)اوهان مون کي پناهہ ڏيندڙ آهيو. جڏهن مصيبتون ٿني پون ۽ دل ۾ پنهنجا چنبا وجهن.

هن آيت جي تفسير ۾ علامه مفتي محمد شفيع صاحب ديوبنديؒ لکيو آهي تہ

اس ميں انسان کو تعليم دي گئي هے کہ الله تعاليٰ کے سوا کسي کي عبادت نہ کرےاور حقيقي طور پر الله کے سوا کسي کو حاجت روا نہ سمجھے اور کسي کے سامنے دست سوال دراز نہ کرے. کسي نبي يا ولي وغيره کو وسيلہ قرار ديکر الله تعاليٰ سے دعا مانگنا اس کے منافي نهيں (٣)

(١) مشڪواة ص ١٩٧ (٢) اطيب النغم في مدح سيد العرب والعجم مع الشرح ص ١٦٢
(٣) معارف القرآن ص ٢٩ ج ١

انهن سيني حوالن مان ثابت ٿيو آهي ته مسلڪ اهلسنت والجماعت صحيح آهي ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي.

اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَۙ

هلاءِ اسان کي واٽ سڌيءَ تي

تفسير

اِهۡدِ واحد مذڪر مخاطب امر جو صيغو هداية کان ورتل آهي. جنهن جي معنىٰ آهي دلالة بلطف يعني مهربانيءَ ۽ عنايت سان ڪنهن کي منزل مقصود تي پهچائڻ (١)

ياهوالله تعاليٰ جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جي بيان،ان جي مسلسل انعامات جي اعتراف ۽ پنهنجي عبوديت ۽ ڪمزوريءَ جي اعلان ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي رحمٰن ۽ رحيم رب جي حضور ۾ دعا جي لاءِ هٿ کڻي جڻ ته عرض ٿو ڪري يا الله مان ڪمزور آهيان نفس جا ڌوڪا ۽ شيطان جا وسوسا تمام گهڻا ۽ سخت آهن. تون پاڻ منهنجي دستگيري ڪري پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان مون کي سڌي راه تي ثابت قدميءَ سان هلڻ جي توفيق بخش ۽ پنهنجي رضا جي منزل تائين پهچاءِ.

قرب ۽ الٰهي وصال جي ان منزل تي پهچي مومن اڪيلو پنهنجي سر لاءِ هدايت طلب نٿو ڪري بلڪ ساريءَ محمدي امت جي لاءِ هدايت جو طلبگار ٿو بنجي ۽ عرض ٿو ڪري (اِهۡدِنَا اسان سيني کي هدايت ڪر) ڇو ته جيڪڏهن هدايت ٻن فردن تي محدود رهندي ته ان جي عالمگير برڪتن ۽ فيض جو اظهار ڪيئن ٿي سگهندو. اوير ۽ اولهه ۾ انسان جن گمراهين ۾ ٺوڪرون کائي رهيو آهي انهن کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهندو. ۽ كُنۡتُمۡ خَيۡرَ اُمَّةٍ اُخۡرِجَتۡ لِلنَّاسِ جي تعبير ڪهڙيءَ طرح ٿي سگهندي.

(١) بيضاوي ص ٩ ج ١

سوال

صراط مستقيم تي هلڻ لاءِ جيڪا دعا هن آيت ۾ سيکاري وئي آهي اها ته عام آهي جهڙيءَ طرح سڀ انسان ۽ عام مومن ان ۾ شامل آهن تہ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جا ولي سڳورا ۽ انبياءِ ڪرام عليهم السلام به ان جا مامور آهن. جيڪي شبهي کان سواءِ هدايت وارا آهن. بلڪ هدايت جا سرچشما آهن پوءِ انهن کي حاصل ڪيل شيءِ جي لاءِ بار بار دعا گهرڻ جو مطلب ڇا آهي؟

جواب

حقيقي هدايت ڪندڙ الله تعاليٰ آهي پر هدايت جا مختلف درجا آهن هڪڙي عام هدايت جيڪا مخلوقات ۽ ڪائنات جي سيني قسمن حيوانات، نباتات، جمادات کي شامل آهي. اتي اوهان اهو خيال نہ ڪجو تہ انهن بي ساه بي شعور شين کي هدايت سان ڪهڙو واسطو؟ ڇو تہ قرآني تعليم سان اها ڳالهہ روشن ٿي چڪي آهي تہ ڪائنات جا سڀ قسم ۽ ان جو ذرو ذرو پنهنجي درجي موافق حياتي ۽ احساس رکي ٿو. ها اها جدا ڳالهہ آهي تہ اهو جوهر ڪنهن ۾ گهٽ ڪنهن ۾ زياده آهي ان جي ڪري جن شين ۾ هي جوهر تمام گهٽو گهٽ آهي انهن کي بي ساهہ ۽ بي شعور سمجهيو ۽ چيو وڃي ٿو.

الٰهي حڪمن ۾ بہ ان ٿورڙي ۽ ضعيف شعور جو ايترو اثر آيو جو انهن کي ٻين وانگر شرعي حڪمن جي پابندي نہ لڳائي وئي. جن شين ۾ حياتيءَ جا آثار ظاهر آهن مگر عقل ۽ شعور ظاهر نہ آهي. تہ انهن کي حياتيءَ وارو جاندار مگر بي عقل ۽ بي سمجهہ بي شعور چيو ٿو وڃي. ۽ جن ۾ حياتيءَ ۽ احساس سان گڏ عقل ۽ شعور جا اثر نمايان نظر ايندا آهن انهن کي ذَوُوالعُقُوْلِ (عقل وارا) سڏيو ويندو آهي. ۽ عقل ۾ گهٽ وڌ هجڻ ۽ مختلف درجن ۾ رهڻ جي ڪري سموري ڪائنات ۾ شرعي حڪم جو پابند انسانن ۽ جنن کي قرار ڏنو ويو آهي. ڇو تہ اِنهن ۾ عقل شعور ۽ سمجهہ مڪمل آهي. پر ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ ٻين شين ۾ سمجهہ ۽

شعور بالڪل نہ آهي. ڇو تہ قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي.

"وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ" (۱)

يعني ڪا بہ شيءِ اهڙي نہ آهي جيڪا ان جي تسبيح نہ پڙهندي هجي پر اوهان انهن جي تسبيح کي ڪونہ ٿا سمجهو.

ٻيءَ آيت ۾ آهي:

"اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ كُلٌّ قَدْ عَلِمَ صَلٰوتَهٗ وَتَسْبِيْحَهٗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِمَا يَفْعَلُوْنَ" (۲)

ڇا نہ ڏٺو تو؟ بيشڪ الله لاءِ تسبيح ٿا پڙهن اهي جو آسمانن ۽ زمينن ۾ آهن ۽ پکي صفون ٻڌندڙ. مڙني تحقيق ڄاتو ان جي عبادت ۽ تسبيح کي ۽ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا.

ظاهر آهي تہ الله تعاليٰ جو حمد ۽ ثنا ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪرڻ الله تعاليٰ جي معرفت تي موقوف آهي. ۽ اهو بہ ظاهر آهي تہ الله جي معرفت ٿي وڏو علم آهي. ۽ اهو علم عقل ۽ شعور کان سواءِ نٿو ٿي سگهي ان جي ڪري انهن آيتن مان ثابت ٿيو تہ سموريءَ ڪائنات ۾ روح ۽ حياتي ادراڪ ۽ احساس، عقل ۽ شعور آهي. مگر بعضي ڪائنات ۾ هيءُ ايترو گهٽ ۽ مخفي آهي جو عام ڏسڻ وارن کي ان جو احساس بہ نہ آهي ان جي ڪري عرف ۾ انهن کي بي جان يا بي عقل چيو ويندو آهي. ۽ ان لحاظ سان انهن کي شرعي حڪمن جو بار نہ ڪٽايو ويو آهي. قرآن ڪريم جو هيُ فيصلو ان وقت جو آهي جڏهن دنيا ۾ نہ ڪتي ڪو فلسفي هو نہ ڪو فلسفي جي علم تي عمل ڪيل هو. بعد ۾ اچڻ وارن فلاسفرن پنهنجي پنهنجي دور ۾ ان جي تصديق ڪئي. قديم فلسفي ۾ ان خيال جا ماڻهو گذريا آهن ۽ جديد فلسفي ۾ سائنس وارن تہ ان ڳالهہ کي پوريءَ وضاحت سان ثابت ڪيو آهي. هدايت جو اهو درجو سڄيءَ مخلوقات کي شامل آهي ان عام هدايت جو ذڪر قرآن ڪريم جي آيت "اَعْطٰي كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰي" ۾ ڪيل آهي ۽ ان هدايت جو ذڪر سورة اعليٰ ۾ بہ آيل آهي. "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَي الَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰي وَالَّذِيْ قَدَّرَ فَهَدٰي" ان عام هدايت جو نتيجو آهي تہ سموريءَ ڪائنات جا سڀ قسم پنهنجي

---

(۱) سورة بني اسرائيل رڪوع ۵ پ ۱۵ (۲) سورة نور رڪوع ۶ پ ۱۸

پنهنجي مقرر فرض کي نهايت سهڻي سليقہ سان ادا ڪري رهيا آهن.

جيڪا شي جنهن ڪم لاءِ ٺهيل آهي اها ان کي اهڙيءَ خوبيءَ سان ادا ڪري رهي آهي جو عقل حيران آهي. حضرت مولانا روميءَ عليه الرّحمۃ ان مضمون کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

خاک وباد وآب وآتش بنده اند

بامن وتو مرده باحق زنده اند

يعني مٽي ۽ هوا پاڻي ۽ باھ ٻانها آهن. اسان توسان مئل الله سان زنده آهن.

هدايت جو ٻيو درجو ان جي مقابلي ۾ خاص آهي. يعني انهن شين لاءِ آهي جن کي عرف ۾ ذوي العقول سڏيو ويندو آهي ملائڪ، انسان ۽ جن. اها هدايت نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام ۽ آسماني ڪتابن جي ذريعي هر انسان تائين پهچي ٿي. پوءِ ڪي ان کي قبول ڪري مومن مسلمان ٿين ٿا ڪي ان کي رد ڪري ڪافر ٿيندا آهن.

هدايت جو ٽيون درجو اجان بہ وڌيڪ خاص آهي. جو صرف مومنن ۽ متقين سان مخصوص آهي. اها هدايت بہ الله تعاليٰ جي طرفان واسطي ڪان سواءِ انسانن تي فائز ٿيندي آهي. ان هدايت جو ٻيو نالو توفيق آهي ان جا درجا بہ اڻ ڪٿ آهن اهوئي درجو انسان جي ترقيءَ جو ميدان آهي. صالح عملن سان گڏ ان درجي ۾ ترقي ٿيندي آهي. قرآن ڪريم جي ڪئين آيتن ۾ ان جو بيان آهي.

هڪ آيت: "وَالَّذِيْنَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًي" ۽ جيڪي هدايت وارا ٿيا انهن کي هدايت ۾ وڌايائين.

ٻي آيت: "وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا" جن اسان جي وصال لاءِ ڪوشش ڪئي انهن کي پنهنجي واٽن جي هدايت ڪنداسين.

هر نبي سڳورو عليه السلام يا ولي جيڪو هدايت جي طلب ڪندو آهي سو هدايت جي ان اعليٰ درجات کي طلب ڪندو آهي.

الغرض هدايت جا بي شمار درجا آهن. هڪ ڪان ٻيو مٿي آهي هڪ ڪان ٻيو اعليٰ آهي. مومن جڏهن هيءَ دعا گهرندو آهي تہ ان جو مقصد هيءُ هوندو آهي تہ

ان کي ان جي هدايت ۾ قرب جي موجود مقام کان ارفع ۽ اعليٰ مقام تي فائز کيو وڃي. يا شيطان جي وسوسي ۽ نفس جي ڪمزوريءَ جي ڪري پير جي ترڪڻ جو هر وقت خطرو آهي ان کان ان کي محفوظ رکيو وڃي ۽ ان کي ان واٽ تي ثابت رهڻ نصيب ٿئي ۽ اهو آخري دم تائين شيطان جي فريب ۽ دام کي ذرا ذرا ڪندي هدايت جي واٽ تي هلي. علامه ثناءُ الله عليه الرحمة به اهائي ڳالهه بيان ڪندي لکيو آهي ته: وهذا الدعاء من المومنين ومن النبي صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مع کونهم علي الهداية لطلب التثبت او طلب مزيد الهداية فان الالطاف والهدايات من الله تعاليٰ لاتتناهي عليٰ مذهب اهل السنة (۱) يعني هدايت جي طلب ڪرڻ واري دعا مومنن کان ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان باوجود سندن هدايت تي هجڻ جي ان تي ثابت رهڻ لاءِ آهي يا زيادتيءَ جي طلب لاءِ. پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ جون مهربانيون ۽ هدايتون اڻ کٽ آهن. اهل سنت وارن جو مذهب به اهو آهي.

صِرَاطَ: اصل ۾ س سان سراط آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڳهي ڇڏڻ. واٽ به گوياڪ سفر ڪندڙ کي ڳهندي آهي ان ڪري ان کي سراط سڏيو ويو ان کان پوءِ س جي جاءِ تي ص آندو ويو ۽ صراط ٿيو.

مُسْتَقِيْمَ: جي معنيٰ آهي المستوي(۲) برابر- ان مان مراد آهي حق جي واٽ. ۽ ڪن چيو آهي اسلام

صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ

واٽ انهن جي جو نعمت ڪئي تو انهن تي.

اَنْعَمْتَ: واحد مخاطب جو صيغو انعام کان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ايصال النعمة نعمت پهچائڻ. ۽ اها اصل ۾ اها حالت آهي جنهن ۾ انسان کي لذت حاصل ٿئي. پوءِ انعام ان نعمت کي چيو ويو آهي. جنهن مان انسان کي خوشي حاصل ٿئي. ۽ اهو دين آهي. ۽ الله تعاليٰ جون نعمتون جيتوڻيڪ اڻ کٽ

(۱) تفسير مظهري ص ۸ ج ۱ (۲) بيضاوي ص ۱۰

آهن. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي. "وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا" (١)
۽ جيڪڏهن اوهان الله تعاليٰ جي نعمت کي ڳڻيندؤ تہ ڳڻي نہ سگهندؤ پر اهي ٻن جنسن ۾ ورهايل آهن. دنيوي ۽ اُخروي.
۽ ٻهرين وري ٻہ قسم آهي. موهبي ۽ ڪسبي ۽ موهبي وري ٻہ قسم آهي روحاني ۽ جسماني.

روحاني جيئن روح ڦوڪڻ، ان کي عقل سان روشن ڪرڻ سمجهہ، فڪر ۽ ڳالهائڻ جي قوة عطا ڪرڻ.

جسماني جيئن بدن پيدا ڪرڻ. ۽ ٻيون قوتون ان ۾ آڻڻ. جيئن صحت تندرستي ۽ عضوا پورا پورا ڏيڻ.

ڪسبي آهي نفس کي رذيل عادتن کان بچائڻ. سهڻن اخلاقن سان سينگارڻ. عمدا ملڪا پيدا ڪرڻ وغيره.

اخروي نعمت اها آهي جو الله تعاليٰ ٻانهي جا گناه بخشي، راضي ٿئي ۽ ان کي اعليٰ عليين ۾ مقرب ملائڪن سان جاءِ عطا ڪري. ۽ هت مراد بہ اهي اخروي نعمتون آهن يا دنيوي اهي نعمتون جيڪي اخروي نعمتن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ذريعو ۽ وسيلو ۽ واسطو بڻجن. صرف دنياوي نعمتون تہ دنيا ۾ ڪافرن ۽ مومنن ٻنهي کي حاصل آهن. (٢)

علامه ثناءُ الله پاني پتيءَ عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ: والمراد بالذين انعمت عليهم كل من ثبته الله تعاليٰ علي الايمان والاطاعة من النبيين والصديقين والشهداءِ والصالحين (٣) يعني الذين انعمت عليهم مان مراد هر اهو شخص آهي جنهن کي الله تعاليٰ ايمان ۽ تابعداريءَ تي ثابت رکيو آهي. نبين سڳورن عليهم السلام ۽ صديقن ۽ شهيدن ۽ صالحن مان.

فائدو

هن آيت سڳوريءَ جي هنن لفظن مان صاف صاف ثابت آهي تہ سڌي راهہ وارا سني آهن جن وٽ نبين، صديقن، شهيدن، صالحن، صحابہ، اهلبيت رضي الله عنهم جو ادب احترام محبت ۽ تعظيم آهي. ولين جا سڀ سلسلا بہ انهن ۾ ئي آهن.

(١) النحل رکوع ١٤ پ ١٤ (٢) تفسير بيضاوي ص ١٠ ج ١ (٣) تفسير مظهري ص ٩ ج ١

فائدو

مفتي محمد شفيع صاحب هن آيت جي تفسير ۾ هڪ نڪتو بيان ڪندي لکيو آهي تہ هتي هڪ ڳالھہ غور ڪرڻ جھڙي آهي ۽ ان ۾ غور ڪرڻ سان هڪ وڏي علم جو دروازو کلي ٿو اهو هي آهي تہ صراط مستقيم جي مقرر ڪرڻ لاءِ ظاهر ۾ اها ڳالھہ صاف هئي جو صراط الرسول يا صراط القرآن فرمايو وڃي ها جيڪي ٿورا لفظ بہ هيا ۽ چٽا بہ ڇو تہ سڄو قرآن حقيقت ۾ صراط مستقيم جي تشريح آهي. رسول الله صلي الله عليه وآلہ وسلم جن جي پوري تعليم ان جو تفصيل آهي. پر هن ننڍيءَ سورت ۾ اختصار ڪي ڇڏي صراط مستقيم جي مقرر ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ مستقل بہ آيتون هڪ ايجابي ٻي سلبي نازل فرمائي. ان جي ڪري تہ جيڪڏهن صراط القرآن چوي ها تہ صرف ڪتاب وجود انسانيءَ جي تربيت لاءِ ڪافي نہ آهي. ۽ جيڪڏهن صراط الرسول چوي ها تہ قيامت تائين اچڻ وارا ماڻهو سيئي حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن جي صحبت مبارڪ سان بهرور نہ ٿيا هئا ۽ حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن کان پوءِ ڪو نبي بہ اچڻ وارو نہ آهي. ان جي ڪري سڌي راھہ مقرڻ لاءِ نبين عليهم السلام کان سواءِ اهڙا فرد بہ بيان ڪيا ويا جن جي واٽ حق واري واٽ آهي. ۽ اهي قيامت تائين ايندا رهندا. صديق، شهيد ۽ صالح. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہٖ وسلم جن فرمايو: "جلدي منهنجي امت ٧٣ فرقن ۾ ورهائجي ويندي. سڀ جهنم ۾ ويندا. مگر هڪ" صحابہ ڪرام پڇا ڪئي تہ اهي ڪير آهن؟ پاڻ فرمايائون تہ "مَآ اَنَا عَلَيۡهِ وَاَصۡحَابِيۡ" حق تي اهي هوندا جيڪي منهنجي ۽ منهنجي اصحابن جي طريقي تي هلندا. (١)

غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ۟ ع ١

نہ انهن جي (واٽ) جن تي غضب ڪيل آهي ۽ نہ گمراهن جي (واٽ)

جمهور علماء وٽ مغضوب مان مراد يهودي آهن جن تي الله تعاليٰ جو

(١) معارف القرآن ص ٣٥ ج ١

غضب آهي ۽ اهڙيءَ طرح الله جي رسول صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ناراض ڪندڙ تي به الله تعاليٰ جو غضب آهي جيئن صحيح بخاريءَ ۾ آهي ته حضرت امير المومنين عمربن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي ڌيءُ ام المومنين حضرت حفصه رضي الله عنها کي نصيحت فرمائيندي چيو اَفَتَامَنِيۡنَ اَنۡ يَغۡضِبَ اللّٰهُ لِغَضَبِ رَسُوۡلِهٖ فَتَهۡلِكِيۡنَ (١) يعني ڇا تون امن ۾ آهين هن ڳالهه کان جو غضب ڪري الله پنهنجي رسول جي غضب ڪرڻ جي ڪري پوءِ هلاڪ ٿي وڃين.

ضَآلِّيۡنَ. مان مراد عيسائي آهن جيئن حضرت عدي بن حاتم رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ الۡمَغۡضُوۡبَ عَلَيۡهِمُ الۡيَهُوۡدُ وَاِنَّ الضَّآلِّيۡنَ النَّصَارٰي" رواه احمد والترمذي وحسنه ابن حبان في صحيحه(٢) پر هن مان مراد عام ڪافر به آهن.

مسئلو

سنت آهي ته سورة فاتحه پوري ڪجي ته آمين چئجي آمين جي معنيٰ بيان ڪندي تفسير مظهريءَ لکيو آهي ته:قال ابن عباس معناه اسمع واستجب(٣) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي ته:ان جي معنيٰ آهي ٻڌ ۽ قبول ڪر.

آمين چوڻ جي پلائي حديثن جي روشنيءَ ۾

حديث ①

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو"اِذَا اَمَّنَ الۡاِمَامُ فَاَمِّنُوۡا فَاِنَّهٗ مَنۡ وَافَقَ تَاۡمِيۡنُهٗ تَاۡمِيۡنَ الۡمَلَآئِكَةِ غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِهٖ" مُتَّفَقٌ عَلَيۡهِ (٤)

يعني جنهن وقت امام آمين چوي ته اوهان به آمين چئو. ڇو ته حقيقت هيءَ آهي ته جنهن شخص جي آمين ملائڪن جي آمين سان موافق ٿي ته ان جا گذريل گناهه بخشيا وڃن ٿا.

(١) صحيح بخاري شريف ص٣٣٤ ج ١ (٢) تفسير مظهري ص٩ ج ١
(٣) تفسير مظهري ص١٠ ج١ (۴) مشڪواة شريف ص٧٩

شاه ولي الله محدث دهلويؒ فرمايو آهي تہ الملائكة يحضرون الذكر رغبة منهم فيه ويؤمنون عليٰ ادعيتهم لاجل ما يترشح عليهم من الملاءِ الاعليٰ (١) يعني الله تعاليٰ جي ذكر وارين مجلسن ۾ ملائڪ رغبت ۽ شوق سان شريڪ ٿين ٿا ۽ انهن جي دعائن تي آمين چون ٿا، ڇاڪاڻ تہ انهن تي ملاءِ اعليٰ، مقرب فرشتن طرفان برڪتون وسن ٿيون.

حديث (٢)

حضرت ابو موسيٰ اشعريؓ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِذَا قَرَءَ يَعْنِي الْاِمَامُ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَاالضَّآلِّيْنَ فَقُوْلُوْا آمِيْنَ يُحِبُّكُمُ اللّٰهُ" (٢)
يعني جنهن وقت امام غير المغضوب عليهم ولاالضالين پڙهي تہ اوهان آمين چئو تہ الله تعاليٰ اوهان سان محبت رکندو.

مسئله: جڏهن امام نماز پڙهائيندي وَلَاالضَّآلِّيْنَ پڙهي تہ جماعتي آمين چوي. پر آهستي چوي. علامہ ابن الهمام لکيو آهي تہ: احمد،ابو يعليٰ،طبرانيؒ، دارقطنيؒ ۽ حاکم مستدرک ۾ شعبہ جي روايت علقمہ بن وائل، سندس پيءُ کان آندي آهي تہ "انه صليٰ مع رسول الله صلي الله عليه وسلم فلما بلغ غيرالمغضوب عليهم ولاالضالين قال آمين واخفيٰ بها صوته"(٣) يعني ان (وائل رضي الله عنه) حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان نماز پڙهي پوءِ جڏهن غير المغصوب عَلَيْهِمْ وَلَاالضَّآلِّيْنَ تي پهتا تہ آمين چوڻ فرمايائون ۽ ان ۾ آواز آهستي ڪيائون.
اهڙيءَ طرح حضرت علامہ علي قاري عَلَيهِ الرَّحمَة مشڪوٰة جي شرح ۾ بيا ڪيترا دليل آندا آهن جن مان صاف ثابت آهي تہ آمين آهستي پڙهجي.

(١) حجة الله البالغة ص٨ ج ٢ (٢) الدر المنثور ص١٤٣ ج١
(٣) مرقاة شرح مشكواة ص٥٣٠ ج١

سورة البقره جو تعارف

حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جڏهن هجرت ڪري مدينه منور ۾ تشريف فرما ٿيا ته ابتدائي دور ۾ هن سورت جو اڪثر حصو نازل ٿيو. هتي اسلامي دعوت جا جيڪي مخاطب هيا اهي مڪہ مڪرمہ جي باشندن ڪان مذهبيءَ ذهني ۽ آباديءَ جي لحاظ سان مختلف هيا اسلام ڏي سڏڻ اهڙي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيو هو جو ان جون ضرورتون ۽ تقاضائون بہ بلڪل نيون هيون ان جي ڪري اسان کي هن سورة ۽ مڪي سورتن ۾ صاف ۽ چٽو فرق نظر ٿو اچي.

مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو مشرڪ، بتن جي پوڄا ڪندڙ هئا وحي، نبوت، قيامت وغيره جو ڪوبہ تصور انهن جي ذهن ۾ نہ هو قتل ڪرڻ، ڦرڻ، لٽڻ، تي اهي فخر محسوس ڪندا هئا ان جي ڪري مڪي سورتن ۾ باطل عقيدن ۽ بڇڙن عملن جو اصلاح نظر ۾ هو مدينہ جا اصل رهاڪو تہ انصار سڀئورا هئا پر قوت،طاقت ۽ غلبو اتي جي يهودين کي حاصل هو.

انصار سڀئورا مذهبي ۽ ذهني لحاظ سان يهودين ڪان گهٽو متاثر هئا. يهودين جوو ري اهل ڪتاب هجڻ جي ڪري وحي، رسالت، قيامت، جنت، دوزخ وغيره تي ايمان هو پر اهي بہ پنهنجي قوم جي مٽي هجڻ جي نشي ۾ ايتريءَ حد تائين مست هئا، جو انهن کي اها ڳالهہ تصور ۾ ئي نہ هئي تہ انهن ڪان سواءِ نبوت ڪنهن ٻيءَ قوم کي ملي سگهي ٿي. عملي اعتبار ڪان انهن جي هيءَ حالت هئي جو دنياوي فائدي جي لاءِ توراة جي روشن آيتن جو انڪار بلڪ انهن ۾ هيرا ڦيري ڪرڻ ۾ ذرا برابر بہ ڪا ڳالهہ محسوس نہ ڪندا هئا. تجارت جي اڏن تي انهن جو قبضو هو. مدينہ منوره جي زرخيز زمين ۾ پلا ۽ وڏا وڏا باغ بہ انهن جي ملڪيت ۾ اچي چڪا هئا.

علم ۽ ڄاڻ ۾بہ انهن سان ڪنهن جي ڪا نسبت نہ هئي آئيني طور تي نہ پر عملي طور مدينه منوره ۾ حڪومت يهودين جي هئي.

جڏهن حضور صلي الله عليه وسلم جن مدينه منوره ۾ قدم مبارڪ رکيا ۽ يهودين ۽ انصارن کي اسلام جي دعوت ڏني تہ حيران ٿي ويا ۽ انهن کي پنهنجي وڏائيءَ ۽ بزرگيءَ جون محلاتون ڊهندي نظر آيون. ڪٿي انهن جو پاڻ پائڻ ۽ پاڻ کي پوڄڻ ۽ ڪٿي هڪ نئين دين کي قبول ڪري نئين رسول صلي الله عليه وسلم

جي فرمانبرداري ڪرڻ. يهودي انهيءَ دين کي ڪيئن قبول ڪن انهن جي اڳيان ته رڪاوٽن جا ظاهري ڪئين پهاڙ هئا.

پوءِ قرآن ڪريم جو ڪم اهو هو جو انهن رڪاوٽن کي دور ڪري. ان جي ڪري مدينه منوره ۾ جيڪا پهرين سورت نازل ٿي ان جا ڪئين رڪوع يهودين جي اصلاح جي لاءِ آيل آهن.

بي نئين صورت حال جنهن سان مدينه منوره ۾ اسلام جو واسطو پيو اها هيءَ هئي ته جڏهن انصارن جي اڪثريت اسلام قبول ڪيو ۽ مڪه مڪرمه مان مسلمان هجرت ڪري مدينه ۾ آيا ته اسلام صرف جدا جدا فردن جو نه پر هڪ وڏيءَ جماعت جو مذهب بنجي ويو. ۽ قوم به اهڙي جن ۾ ترقيءَ جون ڪئين صلاحيتون اپري رهيون هيون. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته انهن کي مضبوط واٽن ۽ رستن تي منظم ڪيو وڃي ۽ اِنهن کي اهو ڏسيو وڃي جيڪو انهن جا صحيح فيصلا ڪري ۽ اهڙو اقتصادي نظام قائم ڪيو وڃي جو معاشي لحاظ سان خوشحاليءَ جو ضامن هجي اهڙو آئين گهرجي جيڪو عالمگير سياست جو بنياد رکي. انهن سڀني ڳالهين جي لحاظ سان هن سورت ۾ قانون، اخلاق، آئين ۽ سياست جا گهڻا امر بيان ڪيا ويا آهن هن سورة ۾ انهن ڳالهين سان گڏ جهاد جو مقرر ڪرڻ به بيان ٿيل آهي ۽ ان وقت اسلام کي ظاهري طرح مڃڻ ۽ اندر ۾ نه مڃڻ وارا منافق به وجود ۾ آيا هئا انهن جي حالت به بيان ٿيل آهي.حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته هن سورت جون آخري آيتون معراج واريءَ رات ان وقت نازل ٿيون هيون جڏهن حضور صلي الله عليه وسلم سدرة المنتهيٰ وٽ پهتا هئا(١)

فائدو

بقر ۽ بقره نر مادي ٻنهي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي هن ۾ ت تانيث جي نه پر جنس جي آهي جيئن تمر ۽ تمرة (٢)

(١) تفسير حقاني ص٦٥ ج١ حاشيه ٤ ۾ آهي. (٢) تفسير حقاني ص٦٥ ج١ حاشيه ٤ ۾ آهي.

هن نالي رکڻ جو وجه

هن جو نالو بقره (ڳئون) ان جي ڪري رکيو ويو آهي جو هن ۾ هڪ جاءِ تي ڳئون جو ذڪر آيل آهي - باقي ٿورڙو حصو پوءِ نازل ٿيو جيڪو مضمون جي مناسبت جي لحاظ سان هن ۾ شامل ڪيل آهي تان جو وياج جي منع هجڻ واريون آيتون جيڪي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي دنيا تي رهڻ واري آخري زماني ۾ نازل ٿيون هيون سي هن ۾ آيل آهن ۽ جن آيتن تي سورت جي پڄاڻي آهي اهي هجرت کان اڳ ۾ مڪي مڪرمه ۾ نازل ٿيون هيون. مضمون جي مناسبت جي ڪري انهن کي به هن جي آخر ۾ آندو ويو آهي (١)
هن ۾ ڪل چاليهه(٤٠) رڪوع ٻه سؤ ڇهاسي(٢٨٦) آيتون - ڇهه هزار ٻه سؤ ايڪويهه(٦٢٢١) ڪلما پنجويهه هزار پنج سؤ(٢٥٥٠٠) حرف آهن (٢)

هن سورت جي پڙهڻ جي فضيلت ۽ فائدا

حضرت ابومسعود انصاريؒ رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ”اَلْآيَتَانِ مِنْ سُوْرَةِ الْبَقَرَةِ مَنْ قَرَءَ بِهِمَا فِيْ لَيْلَةٍ كَفَتَاهُ“ يعني سورة بقرة ۾ ٻه آيتون اهڙيون آهن جيڪو انهن کي رات جو پڙهندو ان لاءِ ڪافي آهن رواه الائمة الستة.

بغويؒ پنهنجي سند سان حضرت نعمان بن بشير رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ”اِنَّ اللهَ تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ كَتَبَ كِتَابًا قَبْلَ اَنْ يَّخْلُقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِاَلْفِ عَامٍ اَنْزَلَ مِنْهُ آيَتَيْنِ خَتَمَ بِهِمَا سُوْرَةَ الْبَقَرَةِ فَلَا تُقْرَئَانِ فِيْ دَارٍ ثَلَاثَ لَيَالٍ فَيَقْرُبُهَا الشَّيْطَانُ“ (٣)
يعني الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمينن جي پيدا ڪرڻ کان ٻه هزار سال اڳ ۾ هڪ ڪتاب لکيو ان مان ٻه آيتون لاهي انهن سان سوره بقرة کي پورو ڪيو اٿس ڪنهن

(١) تفهيم القرآن ص٤٦ ج١ (٢) ابن ڪثير ص٣٥ ج١
(٣) تفسيرمظهري ص٤١٥ ج١

بہ جاءِ ۾ ٽي راتيون پڙهيون ويندیون تہ شيطان انَ جي ويجهو بہ نہ ايندو.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کان ٻارهن سال سورة بقرة جا اسرار ، حکمتون ۽ نکتا سکي سورة پوري کئي هئي ۽ جنهن ڏينهن سورة ختم کيائين تہ ان جي خوشيءَ ۾ هڪ اٺ کهي اصحابن سڀني رضي الله تعاليٰ عنهم جي دعوت کئي هيائين. (۱)

فائدا

جيکو شخص هميشه سمهڻ وقت هن سورة جون ڏهہ آيتون چار پهريون ۽ هڪ آية الکرسي بہ ان کان پويون ۽ ٽي سورة جي پڇاڙيءَ واريون پڙهي سمهندو تہ ان کان انشاءَ الله تعاليٰ قرآن نہ وسرندو. (۲)

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ ميت کي دفن کري پوءِ ان جي مٿن کان پهريون چار آيتون مفلحون تائين ۽ پويون رکوع پيرانديءَ کان پڙهڻ گهرجي. (۳)

هڪ روايت ۾ آيل آهي تہ هڪ ڀيري حضور صلي الله عليه وآلہ وسلم جن لشکر جي امير مقرر کرڻ لاءِ انتخاب ٿي فرمايو تہ پاڻ مختلف ماڻهن کان قرآن ٻڌائون انهن مان هڪ نوجوان پيش ٿيو جنهن کي سورة بقره ياد هئي پاڻ ان کي هن سورة ڀلاريءَ جي ياد هجڻ کري لشکر جي قيادت عطا کيائون. (۴)

هن سورة ۾ هڪ هزار(۱۰۰۰) امر- هڪ هزار(۱۰۰۰) نهي هڪ هزار(۱۰۰۰) حکمتون هڪ هزار(۱۰۰۰) خبرون ۽ قصن جا اشارا آهن. (۵)

(۱)نعيمي ص ۹۸ ج ۱ (۲) تفسير نعيمي ص ۹۹ ج ۱
(۳) تفسير نعيمي ص ۹۹ج ۱ (۴) معارف القرآن ص ۵۰ ج ۱
(۵) معارف القرآن ص ۵۰ ج ۱

سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مِائَتَانِ وَسِتٌّ وَّثَمَانُوْنَ آيَةً وَّاَرْبَعُوْنَ رُكُوْعًا

سوره بقره مدني آهي ۽ اها ٻه سؤ ڇهاسي (٢٨٦) آيتون ۽ چاليهه (٤٠) رکوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ ۚ ﴿١﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۚ فِيْهِ ۚ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۙ ﴿٢﴾

الف لام ميم هيءُ (شان وارو) ڪتاب ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي. (هي) هدايت آهي پرهيزگارن لاءِ

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا

جيڪي ايمان آڻين ٿا غيب تي ۽ صحيح ادا ڪن ٿا نماز ۽ ان مان جو

رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۙ ﴿٣﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ

روزي ڏني اسان انهن کي خرچ ڪندا آهن ۽ جيڪي ايمان آڻين ٿا ان تي جو (اي حبيب!) نازل ڪيو ويو

اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ

آهي اوهان تي ۽ ان تي جو نازل ڪيو ويو آهي اوهان کان اڳ ۾ ۽ آخرت تي اهي

يُوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ ۚ

يقين رکن ٿا اهي ئي هدايت تي آهن پنهنجي رب جي (توفيق سان)

وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٥﴾

۽ اهي ئي (پنهي جهانن ۾) ڪامياب آهن.

تفسير

الف - لام - ميم - مفسرن سڳورن جا هنن حرفن جي سمجهاڻيءَ ۾ مختلف اقوال ۽ خيال آهن. قتاده ۽ مجاهد کان روايت آهي ته الم قرآن پاڪ جو نالو آهي (١) ۽ وڪيع، عبد بن حميد، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ نحاس مختلف روايتن سان حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان آندو آهي ته الم جي معنيٰ آهي. اَنَا اللّٰهُ اَعْلَمُ (آئون الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيان) (٢)

هن معنيٰ کي اهميت آهي جو صحابي سڳوري رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت ڪيل آهي پر سلف صالحن کان هي بہ منقول آهي ته هي حروف مقطعات الله جل جلاله ۽ ان جي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن جي وچ ۾ راز آهن. علامه آلوسي بغداديءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته: فلا يعرفه بعد رسول الله صلي الله عليه وسلم الا الاولياءُ الورثة فهم يعرفونه من تلک الحضرة وقد تنطق لهم الحروف عما فيها کما کان تنطق لمن سبح بکفه الحصي وکلمه الضب والظبي صلي الله عليه وسلم کما صح ذالک من رواية اجدادنا اهل البيت رضي الله تعاليٰ عنهم بل متي جني العبد ثمرة شجرة قرب النوافل علمها وغيرها بعلم الله تعاليٰ الذي لا يعزب عن علمه مثقال ذرة في الارض ولا في السماءِ. (٣)

يعني هنن حرفن جو صحيح مفهوم نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن الله تعاليٰ جي ڄاڻائڻ سان ڄاڻن ٿا. انهن کان پوءِ انهن جو علم ولين سڳورن کي نبوي بارگاهہ مان ورثي طور ملندو آهي ۽ اهي حرف ڪڏهن انهن ولين، وارثن سان ڳالهائي جيڪي منجهن راز آهن بيان ڪندا آهن جيئن ان ذات سان ڳالهائيندا هئا جنهن جي هٿ مبارڪ ۾ پٿرن تسبيح پڙهي ۽ ان سان ڳوهہ ۽ هرڻيءَ ڳالهايو. صلي

ع١ تفسير ابن جرير ص٦٧ ج١ ع٢ الدر المنثور ص ٥٦ ج١ ع٣ روح المعاني ص ١٠٠ ج١

الله تعالىٰ عليه وسلم جيئن اها روايت اسان جي ڏاڏن اهلبيت سڳورن رضي الله تعالىٰ عنهم کان صحيح طرح سان ثابت آهي بلڪ جڏهن ٻانهو نفلن جي ذريعي حاصل ٿيندڙ روحاني وڻ مان قرب جا ميوا چوندبندو آهي تہ الله تعالىٰ جي علم سان (جنهن کان ڪو ذرو بہ زمين ۽ آسمان ۾ لڪل نہ آهي) انهن حرفن جي رازن کي ڄاڻندو آهي.

ذَالِكَ الْكِتَابُ ۾ ذالڪ اسم اشارو آهي. جنهن سان گهڻو ڪري پري واري شيءِ ڏي اشارو ڪيو ويندو آهي پر ان سان اهڙي شيءِ ڏي بہ اشارو ڪيو ويندو آهي جيڪا موجو د هجڻ جي لحاظ سان تہ ويجهي آهي پر شان ۽ مرتبي جي لحاظ سان تمام گهڻو مٿي، بلند ۽ بالا آهي قرآن ڪريم بہ مرتبي جي لحاظ سان گهڻو بلند ۽ بالا آهي ان جي ڪري ان ڏانهن ذالڪ سان اشارو ڪيو ويو آهي مگر جڏهن تہ قرآن پاڪ اسان جي اکين جي اڳيان ۽ هٿن ۾ موجود يا دل ۾ ياد آهي ان جي ڪري ترجمي ۾ ذالڪ الڪتاب جي معنىٰ هي (شان وارو) ڪتاب ڪئي وئي آهي.

لَا رَيْبَ فِيْهِ - ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو شڪ نہ آهي، هتي مطلق ۽ حقيقي طرح شڪ جي نفي ڪيل آهي، معنىٰ قرآن پاڪ ۾ شڪ جي گنجائش اصل نہ آهي پر جيڪڏهن ڪو هروڀرو شڪ ٿو ڪري جيئن ان وقت جي ڪافرن يا موجوده دور جي ڪميونسٽن جا اعتراض آهن تہ اهي انهن جون ذهني غلطيون ۽ سمجهہ کان دوري آهي جيئن يرقان جي بيماريءَ ۾ قاتل کي هر شيءِ زرد (ڦڪي) رنگ واري نظر ايندي آهي جيڪو ان جي بيماريءَ جو اثر ۽ سندس اکين جو قصور آهي نہ تہ سڀ ڪا شيءِ ڦڪي نہ آهي جيڪڏهن قرآن ڪريم جا روشن دليل، تعليمات ۽ ان جي بيان ڪيل تاريخي واقعات ۽ پيشين گوين جي حق ۽ سچ هجڻ کي ڏٺو ويندو تہ ان جي حق هجڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي شڪ، شبهي ۽ اعتراض جي گنجائش يا جاءِ نہ رهندي.

هُدًي لِّلْمُتَّقِيْنَ - پرهيزگارن لاءِ هدايت آهي. حقيقت ۾ قرآن پاڪ تہ سيني لاءِ هدايت جو پيغام آهي پر ان مان فائدو وٺڻ وارا صرف پرهيزگار آهن ان جي ڪري انهن جو خصوصي طرح بيان ڪيو ويو آهي متقين اسم فاعل جو صيغو آهي

جنهن جو مادو "وقاية" آهي ۽ وقاية جي معنيٰ آهي فرط الصيانة گهڻي نگهباني ڪرڻ - ۽ شرعي لحاظ سان متقي اهو آهي جيڪو آخرت ۾ نقصان ڏيندڙ شين ڪان پاڻ کي بچائي (١)

تقويٰ جا دور مختلف آهن. مفسر قرآن علامه بيضاويؒ عليه الرحمة تقويٰ جا ٣ درجا لکيا آهن. ١- هڪ شرڪ کان بيزار ٿي هميشه واري عذاب کان بچاءُ حاصل ڪرڻ. ٢- ٻيو هر قسم جي گناهه کان پاسو ڪرڻ. ٣- ٽيون پنهنجي اندر کي اهڙين شين کان پاڪ رکڻ جيڪي الله تعاليٰ کان غافل ڪندڙ آهن ۽ اهائي حقيقي تقويٰ آهي جيڪا قرآن ڪريم جي آيت "وَاتَّقُوااللهَ حَقَّ تُقَاتِهٖ" (۽ ڊڄو الله کان جيئن ڊڄڻ جو حق آهي) ۾ ذڪرڪيل آهي. هتي هُدًي لِّلْمُتَّقِيْنَ مان ٽئي معنائون مراد ٿي سگهن ٿيون. الذين يومنون بالغيب کان وٺي المفلحون تائين متقين جون صفتون بيان ڪيل آهن پهرين صفت يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ آهي. يُؤْمِنُوْنَ جمع جو صيغو ايمان کان ورتل آهي ايمان جي لغوي معنيٰ آهي مطلق تصديق (سچو ڪرڻ) ۽ شرعي اصطلاح ۾ ايمان انهن ڳالهين جي تصديق ڪرڻ کي چئبو آهي جيڪي محمدي (صلي الله عليه وسلم) دين ۾ ضروري آهن جيئن توحيد، نبوت، قبرن مان اٿڻ ۽ قيامت جو عقيدو وغيره غَيْبُ - مصدر آهي جنهن کي مبالغي جي لاءِ صفت جو صيغو ڪري آندو ويو آهي ۽ هت ان مان مراد اها لڪل شيءِ آهي جنهن کي ظاهري عقل ۽ حس سمجهي نه سگهي. حس پنج آهن :- ١- ڏسڻ- ٢- ٻڌڻ ٣- سنگهڻ ٤- هٿ لڳائڻ ٥- چکڻ ۽ جيڪا شيءِ انهن سان حاصل نه ٿئي اها غيب آهي جيئڻ وحي، ملائڪ، قيامت، جنت، دوزخ ۽ خود الله تعاليٰ جي پاڪ ذات، هي سڀ اهڙيون شيون آهن جو نه اکين سان ڏسڻ ۾ اچن نه ڪنن سان ٻڌڻ ۾، نه زبان سان چکڻ ۾، نه نڪ سان سنگهڻ ۾، نه هٿ لڳائڻ سان ۽ نه عقل سان سمجهه ۾ ايندڙيون آهن. انهن کي غيب ۽ انهن جي علم کي علمِ غيب سڏيو ويندو آهي. انهن جي ڄاڻڻ جو صرف هڪ ذريعو آهي ۽ اهو نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي ذات گرامي آهي. سندن پياري ۽ پاڪ زبان حق جي ترجمان

ع-١ تفسير بيضاوي ص١٦ ج١

کان جيڪو ظاهر ٿئي انسان جو ان تي يقين محڪم ۽ عقيدو پڪو آهي ان غائبانه ايمان کي تقويٰ جو پهريون شرط قرار ڏنو ويو آهي انهن شين کان سواءِ اسلامي شريعت جا اهي احڪام جن جي حڪمتن سمجهڻ کان عقل شروع کان ئي قاصر رهيو آهي يا اهي ارشادات جيڪي ظاهر ۾ ان جي ذاتي يا جماعتي يا وطني نفعي جي خلاف هوندا آهن اهڙن حڪمن کي تسليم ڪرڻ به ايمان بالغيب ۾ داخل آهي مومن اهو آهي جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ٻڌايل هر شيءِ کي سچو ڄاڻي ۽ ان جي حڪمن کي نفعو ڏيندڙ ۽ مفيد هجڻ تي ايترو يقين رکي جو ڪيترين رڪاوٽن جي باوجود به انهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ تيار هجي.

جيستائين ڪنهن کي اعتماد ۽ اطاعت جو هي مقام حاصل نه آهي، تيستائين اهو قرآن پاڪ جي هدايتن مان ڪوبه فائدو وني نه سگهندو بلڪ بي يقينيءَ ۽ ٻڏ چڙهه جي هيءَ ڪيفيت ان جي سيني عملن کي بي فائدو بنائي ڇڏيندي آهي.

وَيُقِيمُونَ الصَّلٰوةَ - هي متقين جي ٻي صفت آهي يقيمون جمع جو صيغو اقامة کان ورتل آهي. جڏهن ڪنهن کي پورو پورو حق ڏنو ويندو آهي ته چيو ويندو آهي اقمت الشيءِ (مون هن شيءِ کي پورو پورو حق ڏنو) يا يقيمون الصلواة مان مراد ان تي دوام ۽ هميشگي ڪرڻ آهي (١) نماز قائم ڪرڻ مان مراد آهي نماز کي سيني ظاهري ۽ باطني حقن سان ادا ڪرڻ ظاهري حق هي آهن جو نماز جا سيئي ارڪان نبوي سنت (عليٰ صاحبها الصلواة والسلام) جي مطابق ادا ڪيا وڃن ۽ باطني حق هي آهن جو نمازي نياز ۽ نوڙت ۾ ٻڏل هجي ۽ خشوع ۽ خضوع سان گڏ قلبي حضور اهڙو رکي جڻ ته الله تعاليٰ جو ديدار ڪري رهيو آهي. مسلم شريف ۾ حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه جي هڪ ڊگهي حديث ۾ آيل آهي ته جبريل عليه السلام حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي عرض ڪيو ته اَخْبِرْنِيْ عَنِ الْاِحْسَانِ، مون کي ٻڌايو ته احسان ڇا آهي؟ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جواب ۾ فرمايو ته: "اَنْ تَعْبُدَاللهَ كَاَنَّكَ تَرَاهُ فَاِنْ لَّمْ تَكُنْ تَرَاهُ فَاِنَّهٗ يَرَاكَ" (٢) يعني الله تعاليٰ جي اهڙي طرح عبادت ڪرين جڻ ته ان کي ڏسين پيو پوءِ جيڪڏهن تون ان کي نه ٿو ڏسين ته اهو ته توکي ڏسي ٿو.

(١) روح المعاني ص١١٥ ج١ (٢) مشكواة المصابيح ص١١

اهڙي شوق ۽ ذوق سان ادا ڪيل نماز دين جو ٿنڀو ۽ مومن جو معراج آهي. جيڪڏهن نه ته ع ميرا قيام بهي حجاب ميرا سجود بهي حجاب

الصلواة جي لفظي معنيٰ آهي دعا ۽ شرعي اصطلاح ۾ رڪنن واري نماز کي اَلصَّلواةُ سڏيو ويندو آهي ڇو ته ان ۾ به دعا آهي (١)

نماز اسلام جو اهم رڪن ۽ وڏو فرض آهي. پر افسوس جو مسلمان ان مقدس فرض کان غافل ۽ ان جي ادا ڪرڻ ۾ بالڪل سست ۽ قاصر آهن. نمازين جي تعريف اڳين ڪتابن ۾ به آيل آهي جيئن قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ جو فرمان مقدس آهي. ”تَرَاهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللهِ وَرِضْوَانًا سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرَاةِ وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ“(٢)

يعني انهن کي رڪوع ڪندڙ سجدا ڪندڙ ڏسندءُ الله جي فضل ۽ رضا جي طلب ٿا ڪن انهن جي منهن ۾ سجدن جي ڪري نشان آهن. اهو سندن بيان تورات ۾ آهي ۽ سندن بيان انجيل ۾ آهي. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي حديثن ۾ نماز نه پڙهندڙ لاءِ سخت سزائن جو ذڪر آهي انهن مان ڪجهه نبوي حديثون هتي لکجن ٿيون.

(١)

حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو ”مَنْ تَرَكَ الصَّلوٰةَ مُتَعَمِّدًا اَحْبَطَ اللهُ عَمَلَهٗ وَبَرِءَتْ مِنْهُ ذِمَّةُ اللهِ حَتّٰى يُرَاجِعَ لِلّٰهِ عَزَّ وَجَلَّ تَوْبَةً“(٣)

يعني جنهن شخص ڄاڻي واڻي نماز ڇڏي ته الله تعاليٰ ان جا سيئي عمل برباد ڪري ٿو ۽ ان کان الله تعاليٰ جي ذميواري ختم ٿي وڃي ٿي تانجو الله تعاليٰ ڏانهن توبه سان رجوع ڪري.

(٢)

حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي مون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان ٻڌو جو پاڻ فرمايائون ”اِنَّ اَوَّلَ مَا يُحَاسَبُ بِهِ الْعَبْدُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ عَمَلِهٖ صَلَوَاتُهٗ فَاِنْ صَلُحَتْ فَقَدْ اَفْلَحَ وَاَنْجَحَ وَاِنْ فَسَدَتْ فَقَدْ خَابَ

(١) مظهري ص ١٩ ج ١، روح المعاني ص ١١٦ ج (٢) سورة الفتح ع ٤ پ ٢٦ (٣) الترغيب ص ٣٨٥ ج ١

وَخَسِرَ فَاِنِ انْتَقَصَ مِنْ فَرِيْضَتِهٖ شَيْءٌ قَالَ الرَّبُّ تَبَارَکَ وَتَعَالٰي اُنْظُرُوْا هَلْ لِعَبْدِيْ مِنْ تَطَوُّعٍ فَيَكْمَلُ بِهَا مَا انْتَقَصَ مِنَ الْفَرِيْضَةِ ثُمَّ يَكُوْنُ سَائِرُ عَمَلِهٖ عَلٰي ذَالِکَ"(١)

يعني قيامت جي ڏينهن ٻانهي جي عملن مان پهريان ان سان نماز جي باري ۾ حساب ڪيو ويندو پوءِ جيڪڏهن اها صحيح نڪتي ته اهو ڇٽي ويو ۽ ڪامياب ٿيو ۽ جيڪڏهن صحيح نه ٿي ته پوءِ اهو برباد ٿيو ۽ خساري ۾ پيو. پوءِ جيڪڏهن فرضي نمازن ۾ ڪو نقص ٿيو ته الله تعالٰي حڪم ٿو فرمائي ته ڏسو جيڪڏهن منهنجي ٻانهي جو ڪو نفل آهي ته ان سان ان جي فرض جي ڪمي پوري ڪئي وڃي پوءِ ان نموني تي ان جي باقي عمل جو حساب ڪيو ويندو

③

حضرت ابودرداءُ رضي الله تعالٰي عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله تعالٰي عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ تَرَکَ الصَّلٰوةَ مُتَعَمِّدًا فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ (٢)

يعني جنهن ڄاڻي واڻي نماز ڇڏي ته سندس عمل برباد ٿي ويا.

* نماز پڙهندڙن لاءِ وڏو اجرُ ثواب آهي *

جيئن هيٺ لکيل حديثن مان ثابت آهي.

①

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالٰي عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله تعالٰي عليه وسلم جن فرمايو: "تَحْتَرِقُوْنَ تَحْتَرِقُوْنَ فَاِذَا صَلَّيْتُمُ الصُّبْحَ غَسَلَتْهَا ثُمَّ تَحْتَرِقُوْنَ تَحْتَرِقُوْنَ فَاِذَا صَلَّيْتُمُ الظُّهْرَ غَسَلَتْهَا ثُمَّ تَحْتَرِقُوْنَ تَحْتَرِقُوْنَ فَاِذَا صَلَّيْتُمُ الْعَصْرَ غَسَلَتْهَا ثُمَّ تَحْتَرِقُوْنَ تَحْتَرِقُوْنَ فَاِذَا صَلَّيْتُمُ الْمَغْرِبَ غَسَلَتْهَا ثُمَّ تَحْتَرِقُوْنَ تَحْتَرِقُوْنَ فَاِذَا صَلَّيْتُمُ الْعِشَاءَ غَسَلَتْهَا ثُمَّ تَنَامُوْنَ فَلَا يُكْتَبُ

ع١ سنن الترمذي ص٥٥ ج١ (٢) مجمع الزاوئد ص٢٩٥ ج١

عَلَيْكُمْ حَتّيٰ تَسْتَيْقِظُوْا"(١)

يعني اوهان (گناهن جي ڪري) سڙوتا سڙوتا. پوءِ جڏهن فجر جي نماز پڙهو ٿا تہ اها انهن کي ڌوئي ٿي ڇڏي. ان کان پوءِ سڙو ٿا سڙو ٿا پوءِ جڏهن ظهر جي نماز پڙهو ٿا تہ اها ان کي ڌوئي ٿي ڇڏي ان کان پوءِ سڙو ٿا سڙو ٿا پوءِ جڏهن عصر (وچين) نماز پڙهو ٿا تہ اها ان کي ڌوئي ٿي ڇڏي. ان کان پوءِ سڙو ٿاسڙو ٿا پوءِ جڏهن سانجهيءَ جي نماز پڙهو ٿا تہ اها ان کي ڌوئي ٿي ڇڏي. ان کان پوءِ سڙو ٿا سڙو ٿا پوءِ جڏهن عشاءِ (سومهڻي) نماز پڙهو ٿا تہ اها ان کي ڌوئي ٿي ڇڏي. ان کان پوءِ سمهو ٿا تہ پوءِ اوهان تي گناهہ نہ لکبا آهن تانجو سجاڳ ٿيو.

(٢)

حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ "اِنَّ رَجُلًا اَتيٰ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَسَالَهٗ عَنْ اَفْضَلِ الْاَعْمَالِ؟ فَقَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَلصَّلٰوةُ قَالَ ثُمَّ مَهْ قَالَ ثُمَّ الصَّلٰوةُ قَالَ ثُمَّ مَهْ؟ قَالَ ثُمَّ الصَّلٰوةُ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ قَالَ ثُمَّ مَهْ؟ قَالَ الْجِهَادُ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ فَذَكَرَ الْحَدِيْثَ (٢) هڪ شخص رسول الله صلي الله عليه وسلم کان پڇيو تہ سڀني کان ڪهڙو عمل افضل آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ نماز۔ عرض ڪيائين ان کان پوءِ؟ فرمايائون نماز۔ عرض ڪيائين ان کان پوءِ؟ فرمايائون نماز. ٽي ڀيرا سوال ۾ جواب هليو، عرض ڪيائين ان کان پوءِ؟ فرمايائون: الله جي رستي ۾ جهاد ڪرڻ.

هن حديث مان اهو ثابت آهي تہ نماز جهاد في سبيل الله کان بہ پلي آهي. پوءِ عجب آهي ان مسلمان سڏائيندڙ جو جيڪو الله تعاليٰ جي اهڙي پياري فرض کان غافل آهي.

"وَمِمَّا رَزَقْنَاهُمْ يُنْفِقُوْنَ"(جيڪي روزي ڏني اٿئون ان مان خرچ ڪندا آهن) هيءَ متقين جي ٽين صفت آهي رزقنا رزق کان ورتل جمع متڪلم جو صيغو آهي.

علامه راغب اصفهانيءَ عليه الرحمة جن لکيو آهي تہ: الرزق يقال للعطاء

(١) الترغيب ص٢٣٤ ج ١ (٢) الترغيب ص٢٤٧ ج١

الجاري تارة دنيويا كان ام اخرويا (١)

يعني رزق چئبو آهي ان بخشش کي جيڪا هڪ ٻيرو جاري ٿي، دنيوي هجي يا اخروي. علامه رشيد رضا صاحب لکيو آهي تہ: الرزق في اللغة النصيب والعطاء ويطلق علي الحسي والمعنوي (٢)

يعني لغت ۾ رزق جي معنيٰ آهي ڀاڱو ۽ بخشش ۽ حسي ۽ معنوي نصيب تي بہ رزق ڳالهايو ويندو آهي ان لحاظ سان مال، اولاد علم ۽ معرفت سڀ رزق آهن ۽ هت رزق مان مراد لغوي آهي. هتي بہ ڳالهيون ٻيون بہ ثابت ٿين ٿيون ١- هڪ تہ جيڪا بہ نعمت، مال، مرتبو، علم، عرفان ۽ عزت کنهن وٽ آهي اها سڀ الله تعاليٰ جي عطا ڪيل آهي، ڇو تہ سندس فرمان آهي رزقنا اسان اهو رزق ڏنو اٿن. ٢- ٻيو تہ الله تعاليٰ ان ٻانهي کان خوش ۽ راضي آهي جيڪو ان جي ڏنل رزق مان ٻين غريبن کي بہ ڏيندو رهي بخيلي نہ ڪري دولت مند دولت ورهائي، عالم علم ورهائي، معرفت جي درياءَ ۾ ٽٻيون هڻندڙ عارف روحاني فيوضات ۽ برڪات جا موتي ۽ هيرا مستحقين فقيرن کي ڏئي مالا مال ڪري.

الله تعاليٰ جي نالي خير ڏيڻ ۾ وڏيون برڪتون آهن

جيئن هيٺ لکيل حديثن مان واضح آهي.

١

حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ تَصَدَّقَ بِعَدْلِ تَمْرَةٍ مِّنْ كَسْبٍ طَيِّبٍ وَّلَا يَقْبَلُ اللهُ اِلَّا الطَّيِّبَ فَاِنَّ اللهَ يَتَقَبَّلُهَا بِيَمِيْنِهٖ ثُمَّ يُرَبِّيْهَا لِصَاحِبِهَا كَمَا يُرَبِّيْ اَحَدُكُمْ فُلُوَّهٗ حَتّٰي تَكُوْنَ مِثْلَ الْجَبَلِ" متفق عليه (٣)

يعني جنهن شخص کجور جي داڻي برابر (پنهنجي) پاڪ ڪمائيءَ مان خيرات

(١) المفردات ص١٩٣ (٢) تفسير المنار ص ١٢٩ ج١

(٣) مشڪواة المصابيح ص ١٦٧

ڪئي ۽ الله تعاليٰ پاڪ شيءِ ڪان سواءِ قبول نہ ڪندو آهي تہ پوءِ بلا شبہ ان کي الله تعاليٰ پنهنجي (قدرتي) سڄي هٿ (مبارڪ) سان قبول ڪرڻ ٿو فرمائي. ان ڪان پوءِ ان (خيرات واري شيءِ) کي ان جي مالڪ لاءِ اهڙيءَ طرح پالي ٿو جيئن اوهان مان ڪو پنهنجي وڇيري کي پالي. تانجو اهو وڃي جبل جي برابر ٿيندو.

②

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو! "اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِيءُ غَضَبَ الرَّبِّ وَتَدْفَعُ مِيْتَةَ سُوْءٍ رواه الترمذي. (١)

يعني خيرات الله جي ڪاوڙ کي لاهي ٿي ۽ بڇڙي موت کي ٽاري ٿي.

③

ابودائود ۽ ترمذيءَ حضرت ابو سعيد خدريءَ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو! "اَيُّمَا مُسْلِمٍ كَسَا مُسْلِمًا ثَوْبًا عَليٰ عُرًي كَسَاهُ اللهُ مِنْ خُضْرِ الْجَنَّةِ وَاَيُّمَا مُسْلِمٍ اَطْعَمَ مُسْلِمًا عَليٰ جُوْعٍ اَطْعَمَهُ اللهُ مِنْ ثِمَارِ الْجَنَّةِ وَاَيُّمَا مُسْلِمٍ سَقيٰ مُسْلِمًا عَليٰ ظَمَاءٍ سَقَاهُ اللهُ مِنَ الرَّحِيْقِ الْمَخْتُوْمِ"(٢)

يعني جنهن مسلمان ڪنهن اگهاڙي مسلمان کي ڪپڙو ڍڪايو تہ الله تعاليٰ ان کي بهشت جي سائي ريشم مان ڍڪائيندو ۽ جنهن مسلمان ڪنهن بکئي مسلمان کي کاڌو کارايو تہ الله تعاليٰ ان کي جنت جي ميون مان ميوا کارائيندو ۽ جنهن مسلمان ڪنهن اڃايل مسلمان کي پاڻي پياريو تہ الله تعاليٰ اَن کي صاف خالص پين جو نہ پيتل (جنت جو پاڪ شراب) پياريندو.

* فائدو *

جيڪڏهن ڪو ماڻهوالله تعاليٰ جي نالي ان جي راضي ڪرڻ لاءِ

(١) مشڪواة المصابيح ص ١٦٨ (٢) مشڪواة المصابيح ص ١٦٩

خيرات ڪري ان جو ثواب ۾ درجو ڪنهن وفات ڪيل مسلمان جي روح جي حوالي ڪري ٿو تہ اهو جائز آهي ۽ اهو درجو ان مري ويل ڪي ملي ٿو جيئن ابوداود ۽ نسائيؔ حضرت سعد بن عبادة رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ ان (نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي) عرض ڪيو تہ: يَارَسُوْلَ اللّٰهِ(صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ)اِنَّ اُمَّ سَعْدٍ مَاتَتْ فَاَيُّ الصَّدَقَةِ اَفْضَلُ قَالَ الْمَاءُ فَحَفَرَ بِئْرًا وَّقَالَ هٰذِهٖ لِاُمِّ سَعْدٍ (١)
اي الله جا رسول! (صلي الله عليه وسلم) سعد جي ماءُ وفات ڪئي آهي پوءِ (ان جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ) ڪهڙو صدقو ڀلو آهي؟ فرمايائون تہ "پاڻي" پوءِ ان کوه کوٽي ۽ چيو تہ هي سعد جي ماءُ کي (ثواب ملڻ) لاءِ آهي-

* فائدو *

هن حديث پاڪ مان ثابت ٿيو تہ مري ويلن جي نيت رب پاڪ جي واٽ ۾ خيرات ڪرڻ جو دستور اصحابِ ڪرام ۾ بہ جاري هو صحابيءَ صرف اهو پڇيو تہ ڀلي خيرات ڪهڙي آهي. ۽ حضور سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن ان کي ٻڌايو تہ ڀلي خيرات پاڻي آهي. پاڻ ان تي ڪو اعتراض نہ ڪيائون تہ ڇو ٿو ڪرين. ان مان سندن راضي هجڻ ۽ ان درجي جي ملڻ جو ثبوت ملي ٿو. اڃا اهم ڳالهہ جنهن تي هن موجوده دور ۾ لتيون ڪٽي مسلمان وڙهن ٿا اها هيءَ آهي تہ ان خيرات جي نسبت غير ڏي ڪرڻ جائز آهي يا نہ. صحابي ان کوهہ جي والده ڏي نسبت ڪندي فرمايو تہ هٰذِهٖ لِاُمِّ سَعْدٍ هيءَ سعد جي ماءُ لاءِ آهي. جنهن مان ثابت ٿيو تہ ٻئي ڏي ظاهري نسبت ڪرڻ سان خيرات واري شي حرام نہ ٿيندي. جيئن الله جي لاءِ خيرات ڪري ڪنهن بزرگ جي نسبت ڪندي چئجي تہ بادشاهہ پير جي يارهين يا حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جو عرس مبارڪ تہ اهي بہ جائز آهن. والله الهادي -

"وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ" متقين جي چوٿين صفت آهي يعني متقي اهي آهن جيڪي آسمان مان نازل ڪيل ڪتابن تي ايمان رکن ٿا پوءِ اهو اوهان تي

(١) اشعۃ اللمعات فارسي ص٤٧ ج ٢

نازل ڪيل آهي يا اوهان کان اڳ ۾ نازل ڪيل آهي. هنن لفظن مان ٻه ڳالهيون ثابت آهن ١- هڪ تہ جيڪي ماڻهون انساني رشد ۽ هدايت جي لاءِ آسماني وحي جا قائل نہ آهن پر پنهنجي عقل کي پنهنجي رهنمائيءَ لاءِ ڪافي ٿا سمجهن يا وحي جا قائل آهن پر بعض کي مڃين ٿا ۽ بعض جو انڪار ٿا ڪن اهي بہ قرآني هدايتن مان فائدو وٺي نہ سگهندا. ٢- ٻيو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن تي نبوت ختم آهي ڪائنٽ پوءِ ڪو بہ ۽ ڪهڙي قسم جو بہ نبي نہ ايندو ڇو تہ جنهن وحي تي ايمان آڻڻ لازم آهي اهو يا حضور صلي الله عليه وسلم جن تي نازل ٿيل آهي يا ڪائنٽ اڳ ۾ سندن آمد کان پوءِ وحي جو ٻئي ڪنهن تي نزول جو ذڪر نہ آيو آهي جيڪڏهن ڪائنٽ پوءِ بہ نبوت جو سلسلو جاري هجي ها تہ وما ينزل من بعدڪ بہ اچي ها. يعني جيڪو وحي اوهان تي يا اوهان کان اڳ ۾ نازل ٿيو يا اوهان کان پوءِ نازل ٿيندو ان تي ايمان آڻيندا. پر جڏهن تہ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کان پوءِ ڪو بہ ۽ ڪنهن قسم جو بہ نبي اچڻو ئي نہ آهي تہ ان جي ڪري اڳين ڪتابن تي ايمان آڻڻ جو ذڪر آيو پوين تي ايمان جو ذڪر نہ آيو.

* مسئلو *

پوريءَ امتِ مسلمه، امتِ محمديءَ جو قرآن پاڪ ۽ احاديث متواتره جي روشنيءَ ۾ بالاتفاق فيصلو آهي تہ هر قادياني، مرزائي پڪو ڪافر، مرتد آهي. جيڪو انهن جي عقيدي سان موافق آهي يا انهن کي مسلمان ٿو سمجهي ۽ ڪافر نہ ٿو سمجهي اهو بہ ڪافر آهي. ان فتويٰ تي هر مسلمان کي پڪو رهڻ فرض آهي. بعضي ماڻهو لالچ جي ڪري يا مٽيءَ مائٽيءَ يا دوستيءَ جي ناتن کي نظر ۾ رکندي چوندا آهن تہ اسين قادياني نہ آهيون پر قاديانين کي ڪافر ڪونہ ٿا چئون. اهي بہ پنهنجو ايمان وڃائي ڪافر ٿي ويندا آهن. هن مسئلي جي وڌيڪ تحقيق مون گنهگار جي لکيل ڪتاب ختمِ نبوت ۾ ڏسڻ گهرجي.

"وَبِالْآخِرَةِ هُمْ يُوقِنُونَ" (۽ آخرت تي اهي پڪو يقين ٿا رکن) هيءَ متقين جي پنجين صفت آهي. علامه رازيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ الآخرة صفة الدار الآخرة

وسميت بذالک لانها متاخرة عن الدنيا وقيل للدنيا دنيا لانها ادنيٰ من الآخرة (١)
يعني آخرت قيامت جي صفت آهي ۽ ان تي اهو نالو ان جي ڪري رکيو ويو آهي جو اها دنيا کان پوءِ آهي ۽ دنيا کي وري دنيا ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو اها آخرت کان ويجهي آهي.

* آخرت جو عقيدو *

اهو عقيدو ته الله تعاليٰ سيني شين کي فنا ڪري ۽ وري اٿاريندو سڀئي پنهنجي عملن جو حساب ڏيندا ونندا اسلام جي بنيادي عقيدن مان آهي. ان ڏينهن کي آخرت سڏيو ويو آهي. ان ڏينهن جو ذڪر قرآن پاڪ جي ڪيترين جاين تي آيل آهي ان جي انڪار ڪرڻ سان به ماڻهو اسلام کان نڪري ويندو.

يُوقِنُونَ: الايقان کان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي اتقان العلم بنفي الشک عنه نظرا واستدلالا (٢)

يعني علم کي نظري ۽ استدلالي طرح سان مضبوط ڪري شڪ کي ختم ڪرڻ.

امام رازيؒ لکيو آهي ته يقين ڪنهن شيءِ جي ان علم کي سڏيو ويندو آهي جيڪو شڪ کي ختم ڪرڻ کان پوءِ پيدا ٿيندو آهي(٣)

مقصد ته ان اخروي زندگيءَ کي صرف تسليم ڪرڻ ئي ڪافي نه آهي پر ان جو پورو پورو يقين رکڻ ضروري آهي ۽ جڏهن ڪنهن شيءِ جو ايترو پڪو علم ٿيندو آهي ته اهو عقل، دل ۽ ارادي کي پنهنجو تابع بنائي ڇڏيندو آهي ۽ انسان ان جي خلاف نه ڪجهه سوچي سگهندو آهي ۽ نه ڪجهه ڪري سگهندو آهي ۽ جڏهن قيامت جو علم ۽ يقين ان مرتبي تي پهچندو آهي ته دنيا ۾ ڪنهن ڪم جي لاءِ ڪو قدم کڻڻ کان اڳ ۾ انسان ان جي نتيجن جو اندازو لڳائيندو آهي جيڪي ان ڪم ڪرڻ جي ڪري ظاهر ٿيندا آهن. اسان جي قول، فعل ۽ عمل ۾ جيڪو تضاد آهي ان جو سبب هي آهي جو اسان کي قيامت تي اهو يقين نه آهي جو پنهنجي قوت سان اسان جي عمل کي قول جي موافق بنائي. شال الله پاڪ اسان کي قيامت تي ڪامل يقين عطا ڪري تانت اسان جي قول ۽ عمل ۾ اها ڪشمڪش جنهن اسان

(١) تفسير ڪبير ص ٣٢ جلد١ جزءِ ٢- (٢) تفسير مظهري ص ٢٠ ج ١
(٣) تفسير ڪبير ص ٣٢ ج ١ جزءُ ٢

کي ذلت ڏانهن ڌکيو آهي ختم ٿي وڃي. افسوس آهي جو اسان جي حالتن کي غيرمسلم قومون تماشي وانگر حيرت سان ڏسي رهيون آهن.

اُولٰٓئِکَ عَلٰي هُدًي مِّنْ رَّبِّهِمْ وَاُولٰٓئِکَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ○

يعني جيڪي مٿي ذڪر ڪيل صفتن سان موصوف آهن انهن جي لاءِ هي فيصلو آهي ته اهي هدايت وارا ۽ ڪامياب آهن. المفلحون جو اصل فلح آهي ڪنهن اڌوريءَ ۽ جزويءَ ڪاميابيءَ کي فلاح نه چيو ويندو آهي. فلاح ان مڪمل ڪاميابيءَ کي چيو ويندو آهي جنهن جي دامن ۾ دنيا ۽ آخرت جون سعادتون ۽ برڪتون سمايل هجن امام راغب اصفهانيءَ لکيو آهي ته، الفلاح الظفر وادراک بغيه (۱)

يعني فلاح ڪاميابيءَ ۽ مقصود جي حاصل ڪرڻ کي چيو ويندو آهي.

مقصد ته عرب جي سڄيءَ ٻوليءَ ۾ فلاح جي لفظ کان وڌيڪ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ لاءِ ڪو به لفظ نه آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ کَفَرُوْا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ

بلاشڪ اهي شخص جو ڪفر ڪيائون برابر آهي انهن لاءِ تون انهن کي ڊيڄارين يا

تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝ خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ

نه ڊيڄارين (اهي) نه ايمان آڻيندا. مهر هنئي الله انهن جي دلين

وَعَلٰي سَمْعِهِمْ وَعَلٰٓي اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ وَّلَهُمْ

تي ۽ انهن جي ڪنن تي ۽ انهن جي اکين تي پردو آهي ۽ انهن لاءِ

عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝

وڏو عذاب آهي.

(۱) المفردات ص ۳۹۲

تفسير

مٿين آيتن ۾ مومنن جون صفتون ۽ انهن جي ڪاميابيءَ جو ذڪر آيو ۽ هنن آيتن ۾ ڪافرن ۽ انهن جي بريءَ عاقبت جو احوال آهي. ابن جريج، ابن ابي حاتم، طبرانيءَ الڪبير في السنة ۾ ابن مردويه ۽ بيهقيءَ الاسماء والصفات ۾ سيدنا ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي گهڻو حرص هوندو هو ته سيئي ماڻهو مسلمان ٿين ۽ هدايت جي ڳالهين ۾ سندن تابعداري ڪن. پوءِ الله تعاليٰ کين خبر ڏني ته ايمان اهي آڻيندا جيڪي ازل کان سعادتمند آهن ۽ جيڪي ازل کان بدبخت آهن اهي ايمان نه آڻيندا. (١)

* سوال *

آيت عـ٦ ۾ ٻڌايو ويو ته لَايُؤْمِنُوْنَ اهي ايمان نه آڻيندا. جڏهن الله سندن ايمان نه آڻڻ جو فيصلو ڏئي ڇڏيو ته پوءِ اهي ايمان ڪيئن ٿا آڻي سگهن؟

* جواب *

ان جو مطلب اهو نه آهي ته الله تعاليٰ انهن کي اسلام نه آڻڻ تي مجبور ڪيو آهي جيڪڏهن ائين هجي ها ته الله تعاليٰ هدايت ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا انبياء عليهم الصلواة والسلام نه موڪلي ها ۽ نه ڪتاب نازل ڪري ها. پر ان جو مطلب آهي ته جيڪي حق جي سمجهڻ کان پوءِ به ضد ڪري انڪاري ٿيا آهن اهي هاڻي ايمان نه آڻيندا. هن وقت به اوهان ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا چڱي ڳالهه چئو جيڪڏهن پهريان مڃي وٺو ته نيڪ آهي پر جيڪڏهن انڪار ڪيائين ته پوءِ وس آهر مڃڻ لاءِ اصل تيار نه ٿيندو. جيئن هن وقت جا بدمذهب ماڻهو جن جي اڳيان قرآن حديث پڙهه ته ڪئين طريقا ۽ بهانا ڪري حق جي ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيندا ۽ قرآن پاڪ جو صحيح مفهوم بيان نه ڪندا بلڪ قرآن پاڪ هٿن ۾ ڪٽي چوندا ته سني علماء

عـ١ الدر المنثور ص ٧٢ ج ١

قرآن پاڪ جي صحيح معنيٰ ۽ مفهوم نٿا ڄاڻن ۽ نہ بيان ڪن ٿا. شال الله تعاليٰ سني ڀائرن ۽ ڀينرن کي انهن جي مڪر، دجل ۽ فريب کان پناهہ ۾ رکي. آمين ثم آمين يَا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ بجاهہ النبي الحبيب الامين. عليه التحيات والتسليمات الیٰ يوم الدين.

"خَتَمَ اللّٰهُ" هن آيت سڳوريءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مهرون لڳل آهن ۽ اکين تي پردا اٿن. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ مُهرن جي ڪري نہ ڄاڻن ٿا نہ ٻڌن ٿا نہ ڏسن ٿا. (١)

هن آيت سڳوريءَ تي بہ بي دين ماڻهو اعتراض ڪندا آهن تہ جڏهن انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر لڳي وئي ۽ اکين تي پردا اچي ويا تہ پوءِ اهي بي ميار آهن مگر اهي اعتراض ڪندڙ جيڪڏهن ٿڌائيءَ سان ٿورڙو غور ڪن تہ انهن جي اڳيان بہ هيءَ ڳالهہ کلي سامهون ايندي تہ انسان جي عمل تي بہ اثر ۽ نتيجو ظاهر ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو صحت جي اصول کي ٽوڙي ٿو مثال طور ڪاڏو کائڻ ڇڏي ڏي تہ ان جو هر شئي کي هضم ڪندڙ معدو هاضمي جو ڪم ڇڏي ڏيندو ۽ جگر رت پيدا ڪرڻ ڇڏي ڏيندو ظاهري صحت لاءِ جيڪڏهن ائين آهي ۽ يقيناً آهي تہ روحاني صحت لاءِ بہ اصول آهن جن جي پائبنديءَ ڪرڻ سان روحاني قوت پيدا ٿيندي ۽ وڌندي ۽ ان اصول جي خلاف ورزيءَ ڪرڻ سان اها روحاني قوت بيڪار بنجي ويندي ۽ دل مان حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ واري صلاحيت نڪري ويندي آهي. انهن جون اکيون ڏسن ٿيون مگر عبرت حاصل نہ ٿيون ڪن. ڪن ٻڌندا آهن پر نصيحت قبول نہ ڪندا آهن. الله تعاليٰ انهن جي ان ڪيفيت جو هت بيان ڪيو آهي. انهن ڪافرن جي لڳاتار بي فرمانين، حق سمجهڻ جي باوجود ان کان مسلسل انڪار ڪرڻ جي ڪري انهن جي دل ۽ دماغ ڪنن ۽ اکين جون سڀ قوتون حقيقي لحاظ سان بيڪار بنجي ويون آهن ۽ اهي ان هٺ ڌرمين ۽ بي فرمانين جي ڪري محروم بنجي ويا آهن پر ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ انهن کي ظاهري هوش، عقل ۽ سمجهہ کان محروم ڪيو ويو آهي تانت اهي حق کي سمجهي نہ سگهن. قرآن ڪريم ان حقيقت کي ٻين جاين تي اهڙو واضح ۽ صاف لفظن ۾ بيان ڪيو

عـ١ الدر المنثور ص ٧٣ ج١

آهي جو غلط فهميءَ جي ڪا بہ گنجائش ڪانہ رهي آهي. جيئن هڪ جاءِ تي آهي "بَلْ طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ" (١)

يعني بلڪ مهر هنئين الله انهن تي انهن جي ڪفر جي ڪري - يعني پهريان انهن جي دلين تي مهر لڳل نہ هئي پر انهن جي ڪفر، انڪار، ان تي سختيءَ سان اصرار ۽ هميشگيءَ ڪرڻ جي ڪري انهن کي ان نعمت کان محروم ڪيو ويو آهي. جيئن مفسرِ قرآن، بيهقي الوقت علامه ثناءُ الله پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ

ان المراد بالختم ما يخلق الله تعالىٰ من السواد علي القلوب باقتراف المعاصي روي البغوي عن ابي هريرة قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: "اَلْمُؤْمِنُ اِذَا اَذْنَبَ كَانَتْ نُكْتَةٌ سَوْدَاءَ فِيْ قَلْبِهٖ فَاِنْ تَابَ وَنَزَعَ وَاسْتَغْفَرَ صَقَلَ قَلْبُهٗ مِنْهَا وَاِنْ زَادَ زَادَتْ حَتّٰي تَعْلُوَ قَلْبَهٗ فَذَالِكُمُ الرَّيْنُ الَّذِيْ ذَكَرَ اللّٰهُ فِيْ كِتَابِهٖ "كَلَّا بَلْ رَانَ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" قلت وسواد القلب المذكور هو المعبر فيما مر من الحديث بفساد القلب. الخ (٢)

يعني قلب تي مهر هڻڻ مان مراد اها ڪارڻ آهي جيڪا گناهن ڪرڻ جي ڪري الله تعالىٰ بانهن جي دلين تي پيدا ڪندو آهي. بغويءَ حضرت ابوهريرة رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن فرمايو "مومن جنهن وقت گناهہ ڪندو آهي تہ اهو گناهہ ان جي دل ۾ ڪارو داغ ٿي بيهندو آهي. پوءِ جيڪڏهن توبه ڪري ۽ ان گناهہ کي طبيعت مان ڪڍي ۽ مغفرت گهرندو تہ ان جي دل کي ان گناه کان صاف ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن گناهہ زياده ڪندو تہ اهو (ڪارو داغ) بہ وڌندو ويندو تانجو ان جي دل جي مٿان چڙهي ويندو ۽ اهائي اها ڪارڻ آهي جيڪا الله تعالىٰ پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪئي آهي." كَلَّا بَلْ سكتة رَانَ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" (٣)

يعني ائين بالڪل نہ آهي. بلڪ جيڪي ڪمائيندا هئا تنهن جي ڪٽ سندن دلين تي ڄمي وئي آهي. سندن دلين جو آئينو ايترو تہ ڪٽجي ويو آهي جو هدايت جي چمڪائيندڙ سج کان بہ انوار حاصل ڪري نہ ٿو سگهي.

عـ١ سورة النساءِ رڪوع ٢٢ پ ٦ عـ٢ تفسير مظهري ص ٢٢ ج ١

عـ٣ سورة المطففين رڪوع ١ پ ٣٠

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ

۽ بعضي ماڻهو اهي آهن جو چون ٿا تہ ايمان آندو اسان الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن

وَمَا هُمْ بِمُؤْمِنِيْنَ ۝٨ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ

تي ۽ نہ آهن اهي ايمان وارا ٺڳڻ ٿا گهرن الله کي ۽ مومنن کي ۽ (حقيقت ۾) نہ ٿا

وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۝٩ فِيْ

ٺڳي کن مگر پنهنجي پاڻ سان ۽ نہ ٿا سمجهن. انهن جي دلين ۾ بيماري آهي

قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ ۢ

پوءِ وڌائي الله انهن جي بيماري ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي ان جي ڪري جو

اَلِيْمٌ ۢ ۙ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ۝١٠

ڪوڙ ڳالهائيندا هئا.

ربع الحزب

تفسير

متي اول مسلمانن جو ۽ ان کان پوءِ ڪافرن جو ذڪر آڻي ۽ هاڻي هتان کان منافقن جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي. منافق ان کي چوندا آهن جو زبان سان اسلام جو اقرار ڪري پر دل سان منڪر هجي. جاڻڻ گهرجي تہ اسلام جي ترقي ۽ واڌارو ڏسي ڪيترا موقعي شناس دنياوي فائدا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪرڻ لڳا. جيڪي اندر جا ڪوڙا، بڇڙا ۽ حاسد ڪليءَ طرح اسلام جي مقابلي ڪرڻ کان عاجز هئا اهي مسلمانن ۾ شامل ٿي سازشن، فتنن جا ڄار وڇائي مسلمانن کي پريشان ڪرڻ جي پٺيان پيا. هجرت کان اڳ ۾ تہ منافقن جو نالو، نشان بہ نہ هو. ڇو تہ ان وقت مسلمان ٿيڻ هر قسم جي ظلم ۽ مصيبتن برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻو هو. ان جي ڪري ڪنهنکي ڪهڙو لاچار هو جو دل سان

مجڻ، ايمان آڻڻ کان سواءِ اهڙيون تڪليفون برداشت ڪري، اتي تہ صرف انهن ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو جيڪي الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول صلي الله تعاليٰ عليه جن جي لاءِ جان، مال، اولاد غرض تہ هر شيءِ قربان ڪرڻ کي پنهنجي سعادت سمجهندا هئا. جيئن حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر بن خطاب، حضرت عثمان غني، حضرت علي المرتضيٰ، حضرت بلال حبشي، حضرت صهيب رومي، حضرت سلمان فارسي، حضرت طلحه ۽ حضرت خبيب رضي الله تعاليٰ عنهم- اهڙيءَ طرح پڪي مومن ٿي رهڻ لاءِ الله تعاليٰ جي ذات پياري حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي ڪئين حڪم فرمايا هئا. صحيح بخاريءَ ۽ مسلم هيءَ حديث پاڪ آندي آهي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتيٰ يَشْهَدُوْا اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ فَاِذَا قَالُوْهَا عَصِمُوْا مِنِّيْ دِمَآءَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ اِلَّا بِحَقِّهَا وَحِسَابُهُمْ عَلَي اللّٰهِ" (١)

يعني مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ ماڻهن سان جنگ ڪيان تانجو شاهدي ڏين تہ الله کان سواءِ ڪو بہ سچو معبود نہ آهي ۽ تحقيق آئون الله جو رسول آهيان. پوءِ جڏهن اهو (ڪلمو شهادت وارو) چوندا تہ پنهنجا رت ۽ مال مون کان حفاظت ۾ رکندا مگر انهن جي حق سان (جيڪڏهن انهن ڏي ڪنهن جو حق هوندو تہ انهن کان بہ ورتو ويندو) ۽ انهن جو حساب الله تعاليٰ وٽ آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ وٽ اهو مؤمن آهي جيڪو زبان جي اقرار سان گڏ دل سان بہ تصديق ڪري. ۽ جيڪو نہ ٿو ڪري اهو مومن نہ آهي. ڀلي ڪيتري بہ اسلام ۽ ايمان جي دعويٰ ڪري.

* فائدو *

منافق فريب ۽ ٺڳي الله تعاليٰ سان نہ پر الله تعاليٰ جي پياري رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان ڪندا هئا پر الله تعاليٰ واضح ڪري ٻڌايو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان فريب ڪرڻ خود الله تعاليٰ سان فريب ڪرڻو

عـ١ تنوير الايمان ص ٣٣ جزءِ ١

آهي. هن آيت مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ جي پيارن سان مقابلي ڪرڻ وارو جڻ تہ الله تعاليٰ سان ٿو مقابلو ڪري. ۽ ان ڏوڪي بازيءَ جو وبال انهن تي ئي پوندو. اهي الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندا. ڇو تہ هي اهڙو نور آهي جنهن کي هميشه روشن رکڻ جو ذميدار الله تعاليٰ پاڻ آهي.

"فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا": حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خلاف منافقن جي دل ۾ جيڪي جذبات پلجي رهيا هئا ۽ انهن جي سيني ۾ جيڪا حسد ۽ غصي جي باھ پڙڪي رهي هئي قرآن ڪريم ان کي بيماريءَ سان تعبير ڪيو آهي. جيئن جيئن قرآن لهندو ٿي ويو ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي مڃڻ وارن کي ترقي ٿيندي ٿي وئي تيئن انهن جي بيماري وڌندي ٿي وئي. انهن جو ايماندار سڏائڻ سچو ڪوڙ هو. صحيح مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "آيَةُ الْمُنَافِقِ ثَلَاثٌ وَاِنْ صَامَ وَصَلّٰي وَزَعَمَ اَنَّهٗ مُسْلِمٌ اِذَا حَدَّثَ كَذَبَ وَاِذَا وَعَدَ اَخْلَفَ وَاِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ" (١)

يعني منافق جون ٽي ٣ نشانيون آهن جيتوڻيڪ روزا رکي ۽ نماز پڙهي ۽ گمان ڪري تہ اهو مسلمان آهي. جنهن وقت ڳالهہ ڪندو تہ ڪوڙ هڻندو ۽ جنهن وقت وعدو ڪندو تہ مخالفت ڪندو ۽ جنهن وقت ان وٽ امانت رکي ويندي تہ خيانت ڪندو.

فائدو

جيئن منافق دل ۾ هڪڙي ڳالهہ رکندا هئا ۽ زبان سان ٻي چوندا هئا اهڙيءَ طرح مسلمان سڏائڻ وارن مان هڪڙا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي تقية جو لفظ استعمال ڪندا آهن ۽ ان کي حق چوندا آهن پر اصل ۾ انهن جو بہ اهو حال آهي. منافق تہ صرف پاڻ منافقي ڪندا هئا مگر هي ظالم تہ الله تعاليٰ جي پيارن لاءِ بہ چوندا آهن تہ انهن بہ دل ۾ هڪ رکي زبان سان ٻي ڳالهہ ٿي ڪئي. ۽ اهي ان ڪوڙ کي ايمان ٿا سمجهن ۽ واجب ٿا ڄاڻن. صرف نالو مٽائي ڪوڙ کي تقيه ٿا سڏين. شال الله تعاليٰ انهن کي سمجهہ عطا ڪري تہ سنئين راھ تي اچن.

عـ١ مشڪواة ص ١٧

وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُوا فِي الْأَرْضِ ۙ قَالُوا إِنَّمَا

۽ جڏهن چيو ٿو وڃي انهن کي ته نه فساد ڪيو زمين ۾ ته چون ٿا ته اسين ئي

نَحْنُ مُصْلِحُونَ ﴿١١﴾ أَلَا إِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُونَ وَلَٰكِنْ

ته اصلاح ڪندڙ آهيون خبردار بيشڪ اهي ئي فساد ڪندڙ آهن ۽ پر نه ٿا سمجهن ۽

لَّا يَشْعُرُونَ ﴿١٢﴾ وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ آمِنُوا كَمَا آمَنَ

جڏهن چيو ٿو وڃي انهن کي ته ايمان آڻيو جيئن ايمان آندو (ٻين) ماڻهن ته

النَّاسُ قَالُوا أَنُؤْمِنُ كَمَا آمَنَ السُّفَهَاءُ ۗ أَلَا إِنَّهُمْ

چون ٿا ته ڇا ايمان آڻيون اسين جيئن ايمان آندو بيوقوفن؟ خبردار تحقيق اهي

هُمُ السُّفَهَاءُ وَلَٰكِن لَّا يَعْلَمُونَ ﴿١٣﴾

ئي بيوقوف آهن ۽ پر نه ٿا ڄاڻن.

تفسير

هنن آيتن ۾ انهن جي دلين جي بيمار هجڻ جو دليل پيش ڪيو ٿو وڃي ته اهي رات ۽ ڏينهن فتني ۽ فساد ڦهلائڻ ۽ حق جي شمع کي وسائڻ ۾ مصروف آهن. جيڪڏهن ڪين اها فتني بازي ياد ڏياري ان کان روڪيو ٿو وڃي ته اهي الٽو جواب ڏيندي چون ٿا ته ڇا اسين فسادي آهيون؟ نه نه اسين ته سڌارو آڻيندڙ ۽ اصلاح ڪندڙ آهيون. پوءِ جيڪي فسادي ۽ فتنو اٿاريندڙ ماڻهو پاڻ کي اصلاح ڪندڙ سڏين انهن جي دلين ۽ نگاهن کي بيمار نه چئجي ته ڇا چئجي. هن موجوده

دور ۾ به ڪئين جماعتن وارا پاڻ کي اصلاحي سڏائن ٿا پر سندن اندروني حالتون ايتريون خراب آهن جن جي حد ئي نه آهي. شال رب پاڪ مسلمانن کي انهن کان دور رهڻ جي توفيق بخشي. اهي اهڙا ته آهن جو جڏهن انهن کي اڳين صالحن ٻانهن جي طريقي اختيار ڪرڻ لاءِ چئجي ٿو ته اهڙو ئي جواب ڏين ٿا جهڙو منافق ڏيندا هئا.

هڪ سمجهڻ جهڙو نڪتو

هنن آيتن مان ثابت ٿيو ته الله تعاليٰ جي حبيب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي اصحابن سڳورن وارو ايمان قبول آهي ۽ انهن جي طريقي تي ايمان نه آڻڻ وارا منافق هئا. ۽ ٻيو اهو به معلوم ٿيو ته منافق اصحابن سڳورن کي سفهاءُ (بيوقوف) چوندا هئا ته الله تعاليٰ انهن منافقن کي بيوقوف سڏيو ۽ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي شان جو تحفظ ڪيو. هن وقت به جيڪي ماڻهو اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم کي برو يا بيوقوف سمجهن ٿا قرآن پاڪ جي ان نڪتي جي نگاهه سان اهي خود منافق، دين جا دشمن آهن بلڪ اهي اڻ سڌيءَ طرح قرآن پاڪ جا به منڪر آهن. انهن کي الله تعاليٰ قيامت ۾ سخت سزا ڏيندو.

وَإِذَا لَقُوا الَّذِينَ آمَنُوا قَالُوا آمَنَّا ۚ وَإِذَا خَلَوْا إِلَىٰ

۽ جڏهن ملن ٿا ايمان وارن سان ته چون ٿا اسان ايمان آندو آهي ۽ جڏهن اڪيلا

شَيَاطِينِهِمْ ۙ قَالُوا إِنَّا مَعَكُمْ ۙ إِنَّمَا نَحْنُ

تين ٿا پنهنجن شيطانن وٽ ته چون ٿا ته تحقيق اسين اوهان سان گڏ آهيون

مُسْتَهْزِئُونَ ﴿١٤﴾ اللَّهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَيَمُدُّهُمْ فِي

اسين صرف (انهن تي) چٿر ڪندڙ آهيون. الله چٿر جي سزا ڏيندو انهن کي ۽ ڍر

طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا

تو ڏي انهن کي پنهنجي سرڪشيءَ ۾ ڀٽڪندا ٿا رهن. اهي ئي آهن جن خريد

الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا

ڪئي گمراهي هدايت جي بدلي. پوءِ نه نفعي واري ٿي انهن جي تجارت ۽ نه هئا

مُهْتَدِيْنَ ﴿١٦﴾

هدايت وارا ٿيندڙ.

تفسير

هتي به انهن منافقن جو احوال پيو هلي جن وٽ نفعي، نقصان، فائدي ۽ ٽوٽ کي جاچڻ لاءِ ڪسوٽي صرف دنيا جو عيش، آرام، عزت ۽ مرتبو آهي. انهن وٽ اهي هستيون جيڪي پنهنجي دين ۽ ايمان لاءِ سر ۽ ڌڙ جي بازي لڳائيندا آهن سي عقل ۽ سمجهه کان محروم آهن. پر جيڪڏهن حقيقت تي غور ڪبو ته انهن کان وڌيڪ داناءُ ڪير آهي؟ جن فاني ڏئي باقيءَ کي حاصل ڪيو، جن جان ڏئي مالڪ کي راضي بڻايو. قرآن ڪريم ۾ آهي "وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ" (١)

يعني الله جو رضامندو سڀ کان وڏو آهي. ۽ انهن کان وڌيڪ بيوقوف ڪير آهي؟ جن عارضي حياتيءَ جون ھٿن ڏينهن واريون راحتون حاصل ڪرڻ لاءِ ابدي راحت ۽ الله تعاليٰ جي خوشنوديءَ کان پاڻ کي محروم رکيو. ايترا بيوقوف پاڻ هئا مگر اها ڳالهه ذهن مان ڪڏهن ڪي بيوقوف سڏڻ وارا جڏهن مومنن سان ملندا هئا ته

ع-١ سورة توبه رکوع ٩ پ ١٠

بنادير جي چوندا هئا تہ اسين مومن آهيون ۽ جيڪڏهن پنهنجي اڳواڻن (شيطانن) سان ملن ٿا تہ چون ٿا تہ اسين اوهان سان آهيون باقي مسلمانن تي تہ چٿرون ٿا ڪيون. الله تعاليٰ انهن جي رد ۾ فرمايو: "اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ"- يستهزئ استهزاءَ ڪان ورتل آهي الله تعاليٰ ڏانهن ان جي نسبت جزاءِ ۽ انتقام جي اعتبار سان آهي يعني الله تعاليٰ انهن کي سندن استهزاءَ جي بدلي ۾ سزا ڏيندو. علامه بيضاويؒ لکيو آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي ان استهزاءَ (چٿر) جي سزا ڏيندو جيڪا هو ڪندا هئا. استهزاءَ جي جزا، کي استهزاءَ سڏيو ويو آهي. يا مراد آهي تہ استهزاءَ جو وبال مٿن ايندو پوءِ جڻ تہ هنن سان چٿر ٿي رهي آهي، يا مراد آهي تہ هنن سان چٿر جي نموني تي معاملو درپيش ايندو دنيا ۾ ان لحاظ سان تہ انهن جي مٿان ظاهري ڪلمي شريف پڙهڻ جي ڪري مسلمانن وارا احڪام جاري ٿيندا ۽ ڪين مهلت ۽ ڍر ملندي جو ان برائيءَ ۾ ڌيگهہ ڪندا ۽ آخرت ۾ ائين ٿيندو جو الله تعاليٰ انهن جي لاءِ جنت ڏانهن دروازو کوليندو ۽ اهي جلدي وڃڻ جي ڪندا تہ وري دروازو بند ڪرايو ويندو (١)

ابن المنذر ابوصالح کان الله يستهزئ بهم جي تفسير ۾ آندو آهي تہ (اهي منافق جڏهن جهنم ۾ پوندا) تہ انهن کي چيو ويندو تہ جهنم مان نڪرو ۽ دروازا کوليا ويندا پوءِ جڏهن اهي نڪرڻ جي لاءِ دروازن تي پهچندا ۽ مومن اهو منظر تختن تي تاج پايو ويٺا ڏسندا. تہ اهي دروازا انهن جهنمين جي نڪرڻ کان اڳ ۾ وري بند ٿي ويندا، ان لفظ مان اها مراد آهي (٢)

علامہ قرطبيؒ کولي لکيو آهي تہ اصل الاستهزاءِ الانتقام - (٣)

يعني الاستهزاءَ جي اصل معنيٰ آهي بدلو وٺڻ - ان تحقيق جي لحاظ سان "الله يستهزئ بهم" جي معنيٰ ٿيندي - الله تعاليٰ انهن کان انهن جي شرارتن جو بدلو ٿو وٺي. ۽ ان معنيٰ جي لحاظ الاستهزاءَ جي نسبت الله تعاليٰ ڏي ڪرڻ ۾ ڪا بہ قباحت نہ آهي. عربن سڀني ۾ عام محاورو بہ آهي تہ جڏهن ڪو ڪم ڪنهن فعل جي سزا ڏيڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي تہ ان کي الاستهزاء ڪري سڏيندا آهن. اهڙيءَ

ع-١ تفسير بيضاوي ص ٣١- ٣٢ ج ١ ع-٢ الدر المنثور ص ٧٩ ج ١ ع-٣ تفسير القرطبي ص ٢٠٧ جلد ١

طرح جنهن لفظ سان ان فعل جي تعبير ڪئي وڃي جنهن تي سزا يا ڏوراپو ملي. مثلا قرآن ڪريم ۾ آهي "جَزَآءُ سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا" (۱)
يعني بڇڙائيءَ جو بدلو ان جهڙي بڇڙائي آهي حالانڪ بڇڙي ڪي سزا ڏيڻ بڇڙائي نہ پر عين عدل ۽ انصاف آهي يا ٻيءَ آيت ۾ آهي "نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسَاهُمْ اَنْفُسَهُمْ" (۲)
يعني الله کي وساريائون پوءِ انهن کان سندن پنهنجو پاڻ وساري ڇڏيائين حالانڪ الله تعالىٰ ويسرڪان پاڪ آهي. پر انهن جي وسارڻ تي جيڪا انهن کي سزا ڏني وئي انهيءَ کي بہ وسارڻ سڏيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح چٿر ڪرڻ تي جيڪا منافقن کي سزا ملندي ان کي بہ چٿر سڏيو ويو آهي ۽ اهوئي سبب هو جو عرب جا ڪافر جيڪي قرآن ڪريم تي اعتراض ڳوليندا وتندا هئا انهن بہ هنن لفظن تي ڪو اعتراض نہ ڪيو.

سوال

"اِشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ" - گمراهي خريد ڪيائون. اشتروا جمع جو صيغو الاشتراءَ کان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي خريد ڪرڻ. قيمت ادا ڪري ڪا شيءِ وٺڻ. پر هن آيت ۾ اها معنىٰ تڏهن صحيح ٿي سگهي ها جو منافقن وٽ ايمان جي دولت هجي ها ۽ اها ڏئي ان جي عيوض گمراهي خريد ڪن ها پر انهن وٽ پهريان بہ ڪفر ئي ڪفر هو تہ انهن ڪيئن خريداري ڪئي جنهن کي اشتروا سان بيان ڪيو ويو آهي؟

جواب

علامه قرطبيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ:هن آيت ۾ اِشْتَرَوُا مان مراد آهي استحبوا يعني انهن ڪفر کي پسند ڪيو ۽ حق جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو عرب جي ٻوليءَ ۾ هڪ شيءِ کي ٻيءَ سان بدلائڻ جي لاءِ بہ شراءُ جو لفظ عام استعمال ڪيو ويندو آهي
حضرت مفتي احمد يار خان مرحوم جن لکيو آهي تہ انهن (منافقن) جي

(۱)سورة شوريٰ رڪوع ۴ پ ۲۵ (۲) سورة حشر رڪوع ۳ پ ۲۸

اڳيان ڪفر ۽ اسلام ٻئي واضح هئا پر انهن اسلام کي ڇڏي ڪفر کي اختيار ڪيو اهو هڪ قسم جو واپار هو جنهن ۾ اهي نفعي حاصل ڪرڻ جي بجاءِ نقصان ۾ ويا (١) ڇاڪاڻ گهرجي ته انهن منافقي انهيءَ لاءِ ڪئي ته اهي مسلمانن ۾ شامل ٿي دنياوي فائدا حاصل ڪندا. غنيمت جي مال مان انهن کي حصا ملندا ۽ انهن جي وڏيرائي قائم رهندي پر انهن جي اميد پوري نه ٿي الله تعاليٰ انهن جي لڪل رازن کي ظاهر ڪري ڇڏيو ۽ حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن انهن کي نالا وٺي مسجد مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو دنياوي نفعو ڪمائڻ ته پنهنجي جاءِ تي رهيو پر انهن احمقن ته پنهنجو اصلي سرمايو سليم فطرت به تباهه ڪري ڇڏي

علامه پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته المقصود من التجارة حصول الربح مع سلامة راس المال وهم ضيعوا راس المال وهي الفترة وما حصلوا الفضل بادراک الحق ونيل الکمال (٢)

يعني تجارت مان مقصود آهي اصل مال جي سلامتيءَ سان گڏ نفعو حاصل ڪرڻ ۽ انهن ته اصل مال يعني سليم فطرت به ضايع ڪري ڇڏي حق کي پهچي ڪمال حاصل ڪري فضيلت ۽ پلائي ماڻي نه سگهيا.

مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِي اسْتَوْقَدَ نَارًا ۚ فَلَمَّآ أَضَآءَتْ

انهن جو مثال ان شخص وانگر آهي جنهن باه ٻاري پوءِ جڏهن روشن ڪيائين

مَا حَوْلَهُ ذَهَبَ اللَّهُ بِنُورِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِي ظُلُمَٰتٍ لَّا

انهن جي آس پاس کي ته کسيو الله انهن جي نور کي ۽ ڇڏيائين انهن کي انڌيرن

يُبْصِرُونَ ﴿١٧﴾ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُونَ ﴿١٨﴾

۾ نه ٿا ڏسن ٻوڙا آهن گونگا آهن، انڌا آهن پوءِ اهي نٿا موٽن. يا زور سان

(١) نور العرفان ص٥ (٢) تفسير مظهري ص ٢٧ ج ١

اَوۡ كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ فِيۡهِ ظُلُمٰتٌ وَّرَعۡدٌ وَّبَرۡقٌ

وسندڙ مينهن وانگر آسمان (جي ڪڪرن) مان انهيءَ ۾ اونداهيون آهن ۽ گوڙ ۽ وڄ

يَجۡعَلُوۡنَ اَصَابِعَهُمۡ فِىۡۤ اٰذَانِهِمۡ مِّنَ الصَّوَاعِقِ

وڄهن ٿا آڱريون پنهنجون پنهنجن ڪنن ۾ سببان ڪڙڪن جي موت جي ڊپ

حَذَرَ الۡمَوۡتِ ‌ؕ وَاللّٰهُ مُحِيۡطٌ ۢ بِالۡكٰفِرِيۡنَ ﴿١٩﴾ يَكَادُ

کان ۽ الله گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن تي ويجهي آهي ڪنوڻ جو جهڙپي اکين انهن

الۡبَرۡقُ يَخۡطَفُ اَبۡصَارَهُمۡ‌ؕ كُلَّمَاۤ اَضَآءَ لَهُمۡ مَّشَوۡا

جي کي- جڏهن جو روشني ڪيائين انهن جي لاءِ ته پنڌ ڪيائون ان (جي

فِيۡهِ ۙ وَاِذَآ اَظۡلَمَ عَلَيۡهِمۡ قَامُوۡا ‌ؕ وَلَوۡ شَآءَ اللّٰهُ

روشنيءَ) ۾ ۽ جنهن وقت اونداهه ڪيائين انهن تي ته بيهي رهيا ۽ جيڪڏهن

لَذَهَبَ بِسَمۡعِهِمۡ وَاَبۡصَارِهِمۡ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ

الله گهري ها ته ڪسي وني ها انهن جي ڪنن ۽ انهن جي اکين کي بيشڪ الله هر

شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿٢٠﴾

شيءِ تي قادر آهي .

تفسير

ياد رکڻ گهرجي ته منافقن جون ٻه جماعتون هيون ١- هڪڙا اهي جيڪي دل سان ڪفر تي مضبوط بيٺا هئا صرف زبان سان پاڻ کي مسلمان چوندا هئا ۽

٢- ڀيا اهي جن ايمان تہ قبول ڪيو هو پر مصيبتن ۽ مشڪلاتن کان گهٻرائي اسلام کان دستبردار ٿي ويا هئا. ١- پهرينءَ جماعت جو مثال مثلهم کان شروع ٿيو ۽ ٢- ٻيءَ جماعت جو بيان اوڪصيب کان. پهرينءَ جماعت وارن ظاهري مسلمان ٿي عارضي فائدو تہ ورتو پر اهو جلدي ختم ٿي ويو انهن جي حالات کي سمجهائڻ ۾ مثلهم جو لفظ آيل آهي مَثَل مَ ۽ ثَ جي زبر سان مِثْل م جي زير ث جي جزم سان ۽ مثيل فعيل جي وزن تي ٽنهي جي معنيٰ ساڳي آهي يعني مثال، نظير پر انهن جو عام استعمال ڪنهن ڳالهہ کي سمجهائڻ جي لاءِ مثال ڏيڻ ۾ ٿيندو آهي ۽ استعاره طور اهڙيءَ حالت جي بيان کي مثل چوندا آهن جنهن ۾ ٿورڙائي ۽ عجب هجي هتي اهو لفظ ان ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي، يعني انهن منافقن جي اهڙي عجيب ۽ غريب حالت آهي جهڙي ان ماڻهوءَ جي ٿيندي آهي جو جهنگل ۾ هجي ۽ اونداهہ جي ڪري رستو ڀلجي وڃي پوءِ رستي کي معلوم ڪرڻ جي لاءِ باهہ جو مچ ٻاري ۽ جڏهن روشنيءَ ۾رستو ظاهر ٿئي ۽ هو سمجهي تہ منهنجو مطلب حاصل ٿيو ۽ هاڻي مون کي ان روشنيءَ جي ڪاضرورت نہ آهي مگر اها روشني ڪرڻ واري باهہ جيڪڏهن وسامي وڃي تہ ڪيس وري ساڳيا ٿاٻا ڪائٽا ٿا پون. اهو حال انهن منافقن جو آهي الله تعاليٰ ۽ ان جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن تي ظاهري ايمان ان روشنيءَ جو مثال آهي مگر انهن کي دل سان نہ مڃڻ جي ڪري اها روشني انهن کان کسجي وئي ۽ اهڙي حالت ٿين جو سوچي بہ نہ ٿي سگهيا صُمٌّ اصم جو جمع آهي معنيٰ ٻوڙو، بُكْمٌ ابكم جو جمع آهي معنيٰ گونگو، عُمْيٌ اعميٰ جو جمع آهي معنيٰ انڌو، يعني اهي حق چوڻ، حق ٻڌڻ ۽ حق ڏسڻ کان محروم رهيا ۽ انهن جا ڪن ۽ زبانون ۽ اکيون سڀ بيڪار ٿي ويون ان جي ڪري ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا سڏيا ويا.

"اَوْكَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ" ۾ منافقن جي ٻيءَ جماعت جو مثال ڏنو ويو آهي ۽ سمجهايو ويو آهي تہ قرآن ڪريم روحاني بارش آهي ان جا دليل بجليءَ جي ڪرڻ وانگر آهن ۽ انهيءَ ۾ عذاب جو ذڪر گوڙ وانگر ۽ انهن جي ڪفر جو بيان انڌيرو آهي. جيئن انڌيري رات ۾ ڪو قافل مسافر بجليءَ جي چمڪ ڏسي ڪجهہ رستو هلي ۽ گوڙ کان گهٻرائي بجليءَ جي روشني ختم ٿيڻ تي بيهي رهي تو اهڙوئي انهن منافقن جو حال آهي جيڪي اسلام جو غلبو ڏسي اسلام ڏي مائل ٿيا ٿي ۽

ڪنهن تڪليف اچڻ تي ڪفر جي انڌيرن ۾ پريشان ٿي بيهي ٿي رهيا. هن آيت ۾ مختلف شين جو ذڪر آيو آهي صيب - مينهن- ظلمٰت- اونداهيون- رعد- وڄ- برق- ڪنوڻ ۽ ان حالات ۾ سفر ڪندڙ شخص - هي سڀ اهي شيون آهن جن سان تشبيه ڏني وئي آهي مگر جيستائين انهن سان تشبيه ڏنل شين جو تعيّن نه ٿيندو ته ان مثال جو حسن ڪلي سامهون نه ايندو. تنهن جي ڪري سمجهڻ گهرجي ته مينهن مان مراد اسلام، انڌيرن ۽ بادلن جي ڪڙڪن مان مراد اهي مصيبتون ۽ مشڪلاتون آهن جن چئني طرفن کان اسلام کي گهيرو ڪيو هو ۽ بجليءَ جي روشنيءَ مان مراد اهي فتوحات آهن جيڪي ان ناسازگار حالتن جي باوجود اسلام کي حاصل ٿينديون رهيون. جيئن مينهن برباد زمين کي آباد ڪندو آهي اهڙيءَ طرح اسلام به مئلن دلين کي نئين حياتي ڏيندو آهي جهڙيءَ طرح مينهن وسڻ وقت ڪارا ڪارا ڪڪر ڇائنجي ويندا آهن ۽ سج جي باجود انڌيرو پکڙجي ويندو آهي ۽ ڪڙڪن جي هيبتن مان دليو ن دهلجي وينديون آهن اهڙيءَ طرح اسلام جي مينهن وسڻ وقت به ڪليل دشمنين ۽ لڪل سازشن جو هنگامو برپا ٿيو فضا غير موافق ٿي وئي ۽ مصيبتن جا ڪڪر گوڙيون ڏيڻ لڳا، جيڪي سچيءَ دل سان مومن ٿيا هئا تن کي ته نه انڌيرن جو ڊپ هو نه ڪڪرن ۽ گوڙين کان ڊڄندا هئا بلڪ مصيبتن جي هجوم ۾ به اهي پٿر وانگر مضبوط ٿي بيهندا هئا پر جيڪي ماٺهو مذبذب هئا انهن جي حالات عجيب ڊانوانڊول هئي اهي اسلام جي رحمت واريءَ برسات مان ڀَوَ تي پيئڻ به چاهيندا هئا پر مصيبت جي انڌيرن کي ڏسي مشڪلاتن جا ڪڙڪا ٻڌي سندن دليون ٻڏٻڏان ۾ پئجي ٿي ويون ۽ انهن کي پنهنجي سلامتي اسلام کي ڇڏڻ ۾ نظر ايندي هئي وري جيڪڏهن مسلمانن کي ڪامياب ٿيندي ڏسندا هئا ته اسلام کي چنبڙي پوڻ لاءِ تيار هوندا هئا آخر ۾ فرمان آهي."اِنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ"(الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي) يعني ان جا اختيار هندستاني، مصري ۽ يوناني ديوتائن وانگر محدود نه آهن ڪائنات جو ذرو ذرو ان جي فرمان جو تابع ۽ سڀ مٿاهيون ۽ هيٺاهيون سندس حڪم جي سامهون ڪنڌ جهڪايو پيون آهن.

يَاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ

اي انسانو! عبادت ڪيو پنهنجي رب جي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي ۽ انهن کي

مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٢١﴾ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ

جو اوهان کان اڳ هئا تانته اوهان تقويٰ وارا ٿيو. جنهن بنايو اوهان لاءِ زمين کي

الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً ۖ وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ

وڇاڻو ڪري ۽ آسمان کي ڇت ۽ لاٿائين آسمان مان پاڻيءَ کي پوءِ

مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا

ڪڍيائين ان سان ڪجهه ميوا اوهان جي لاءِ رزق ڪري، پوءِ نه ڪيو

تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

الله جي لاءِ شريڪ ۽ اوهان ڄاڻو ٿا.

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٽنهي جماعتن، مومنن، ڪافرن ۽ منافقن جي ذڪر ۽ انهن جي عاقبت بيان ڪرڻ کان پوءِ مڙني انسانن سان خطاب آهي ۽ کين سمجهايو ٿو وڃي ته اوهان کي اهو علم آهي ته ڪائنات جي هرهڪ شيءِ کي وجود ڏيندڙ الله تعاليٰ آهي ان جي قدرت جا ڪمال اوهان اکين سان ڏسي رهيا آهيو آسمان جهڙي وڏي شيءِ ٿنڀ يا ٽيڪ کان سواءِ ان بيهاري آهي ،زمين هزارين جهانن جي ڪم جي لاءِ ان ٺاهي وڇائي آهي آسمانن مان مينهن آڻي ڪيترن قسمن جا اناج، ميوا،

گل، گاهہ، ٻوٽا ۽ ڪئين وڻ ۽ وليون ان پيدا ڪيون آهن تہ پوءِ اوهان لاءِ لائق، مناسب ۽ جائز نہ آهي جو ان سان ان جي بندگيءَ يا حڪم ۽ شان ۾ ٻئي ڪي شريڪ بنايو. مقصد تہ هنن آيتن ۾ اسلام جي بنيادي عقيدن ۽ مقصدن توحيد، قرآن ڪريم جي صداقت، نبوت جي حقانيت وغيره تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني تي وجي ۽ جڏهن تہ اسلام ڪنهن خاص قوم، ملڪ ۽ وقت جي لاءِ دين نہ آهي عام آهي ان جي ڪري ان جي دعوت بہ عام خطاب سان ڏني وئي آهي. علامہ پاني پتيءَ عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ خطاب لجميع الناس من اهل الخطاب عمومًا (١) يعني ياايهاالناس ۾ سيني ماڻهن لاءِ خطاب آهي جيڪي ان وقت موجود هئا ۽ جيڪي بعد ۾ آيا. انهن کي بہ موجودن جي جاءِ تي آڻي خطاب ڪيو ويو آهي. ڇوتہ حضورصلي الله عليہ وسلم جن جي دين ۾ متواتر طريقي سان شامل آهي تہ ان جا احڪام ۽ خطاب سيني کي قيامت تائين شامل آهن.

هن آيت سڄوريءَ ۾ شرڪ کان منع آهي ۽ الله تعاليٰ جي ذات سان ڪنهن کي شريڪ بنائڻ وڏي ۾ وڏو ناقابلِ بخشش گناهہ آهي.

صحيح بخاري شريف ۽ صحيح مسلم شريف ۾ حضرت ابن مسعود رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ مون عرض ڪيو تہ - "يَارَسُوْلَ اللّٰهِ اَيُّ الذَّنْبِ اَعْظَمُ عِنْدَاللّٰهِ؟ اي الله جارسول ! الله تعاليٰ وٽ ڪهڙو گناهہ وڏو آهي؟ "قَالَ اَنْ تَجْعَلَ لِلّٰهِ نِدًّا وَّهُوَ خَلَقَکَ" فرمايائون تہ (وڏو گناهہ هي آهي جو) الله تعاليٰ سان ڪنهن کي شريڪ بنائين حالانڪ ان ئي تہ توکي پيدا ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح حضرت معاذ رضي الله تعاليٰ عنہ جي روايت ۾ آيو آهي تہ الله تعاليٰ جو ٻانهن تي اهو حق آهي تہ ان جي عبادت ڪن ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنائين. (٢)

اعْبُدُوْا۔ عبادت کان ورتل جمع جو صيغو آهي. عبادت جي اصطلاحي معنيٰ آهي پنهنجي پوري طاقت ان جي فرمانبرداريءَ ۾ صرف ڪرڻ. (٣)

فائدو

رَبَّكُمْ - پنهنجي پالڻهار جي - هن جاءِ تي رب جي جاءِ تي الله جو لفظ يا

(١) تفسير مظهري ص ٣٣ ج ١ (٢) تفسير ابن ڪثير ص ٥٧ ج ١ (٣) معارف القرآن ص٧٨ ج ١

پيو ڪو اسم بہ اچي سگهيو ٿي مگر رب جي لفظ آڻڻ ۾ اهو راز آهي تہ اوهان جي عبادت ڪرڻ جو لائق صرف اهوئي آهي جنهن اوهان جي مڪمل پرورش ڪئي آهي. جڏهن پرورش اهو ٿو ڪري تہ الله بہ اهو ئي ٿي سگهي ٿو. هن آيت ۾ ربوبيّت جي توحيد سان الوهيت جي توحيد لاءِ دليل ورتل آهي. ايجاد (وجود ڏيڻ) ۽ بقا جي نعمت جو ذڪر ڪري ثابت ڪيو ويو آهي تہ الله وحدهٗ لا شريڪ لہٗ آهي ۽ اوهان تي سڀ مهرباني ان جي آهي جيڪڏهن اهو ڪرم نہ ڪري ها تہ اوهان غير موجود هجڻ جي درجي ڪان نڪري وجود جو درجو ماڻي نہ سگهو ها. اها ان جي ئي مهرباني آهي جو وجود ڏيڻ ڪان پوءِ اوهان جي آرام، آسائش، حياتيءَ ۽ بقا لاءِ سڀ سامان پاڻ مهيا ڪيائين. جيڪڏهن اهو اوهان لاءِ اهي بيا انتظام بہ نہ ڪري ها تہ اوهان پيدا ٿيڻ سان ئي هلاڪ ٿي وڃو ها جڏهن اوهان جو وجود ان جي ڪرم جو صدقو ۽ اوهان جي زندگي ۽ بقا ان جي رحمت واري نظر جا محتاج آهن ۽ ٻئي ڪنهن جو بہ ان ۾ حصو يا ڀائيوارو نہ آهي جيئن اهو ربوبيّت ۾ وحدهٗ لا شريڪ لہٗ آهي. تيئن الوهيت ۾ بہ ان جو ڪوشريڪ نہ آهي جڏهن لاخالق الا الله. لارب الا الله جي تسليم ڪرڻ ۾ انڪار جي گنجائش نہ آهي تہ لا الٰہ الا الله مڃڻ ۾ بہ ڪو شڪ ۽ شبهو نہ ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن اهو عقيدو پڪو ۽ يقيني ٿيو تہ اها ڳالهہ خود بخود ثابت ٿي تہ عبادت جي لائق صرف ۽ صرف ان جي ذات پاڪ آهي جيڪو هر لحاظ سان وحده لا شريڪ له آهي الله تعاليٰ جي توحيد جي لاءِ قرآن ڪريم جو استدلال فطري ۽ سادو پر ايترو يقيني ۽ اثرائتو آهي جو هڪ اڻ پڙهيل ماڻهو، هڪ عالم، هڪ محقق، ڪائنات جي ذرن جو ٽوهو ۽ ماهر سڀ ڪو پنهنجي پنهجي سمجهہ موافق ان مان فائدو وٺي ٿو. ان جي مقابلي ۾ فلسفي ۽ حڪمت جا توحيد جي موضوع تي پريل دفتر پڙهو تہ انهن ۾ فني ڏکيائي، پيچيده اصطلاح، مقدمن جي ترتيب وارو پريشان ڪندڙ چڪر اوهان کي ديجاري ڇڏيندو ۽ اوهان جي دامن يقين جي دولت ڪان خالي رهندي. اهوئي قرآن ڪريم جو اعجاز (معجزو هجڻ) آهي جنهن دنيا جي دانشورن کي حيرت ۽ عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

اَنْدَادًا: ند جو جمع آهي علامہ بيضاويءَ لکيو آهي تہ: الند هو المثل المناوي (١)

(١) تفسير بيضاوي ص٤٢ ج١

يعني نه اهو آهي جو ان جهڙو ۽ ان جو مخالف به هجي. مشرڪن جي بتن کي انداد ان جي ڪري سڏيو ويو جو انهن الله تعاليٰ جي عبادت ڇڏي بتن جي عبادت ٿي ڪئي ۽ انهن بتن کي اهي مشرڪ پنهنجو الله سڏيندا هئا.

مقصد هي آهي ته جڏهن اوهان ڄاڻو ٿا ته اوهان کي عدم مان وجود ۾ آڻيندڙ. اوهان جي تربيت جو پوروسامان مهيا ڪري منيءَ جي هڪ ڦڙي مان حسين، جميل، حساس ۽ عقل وارو انسان بنائيندڙ، اوهان جي رهڻ لاءِ زمين ۽ ٻين ضرورتن لاءِ آسمان کي ناهيندڙ، آسمان مان مينهن وسائيندڙ ۽ ان پاڻيءَ مان ميوا ۽ ميون سان غذا مهيا ڪرڻ وارو صرف هڪ الله تعاليٰ آهي ته عبادت ۽ ٻانهپ به ان جي ڪرڻ گهرجي ۽ اهوئي عبادت جو حقدار آهي ٻيو ڪير آهي جو الله تعاليٰ جو مقابل ۽ شريڪ ٿي سگهي؟ جيڪڏهن ٿورڙو غور ڪبو ته هن جهان ۾ ان کان وڏيڪ ظلم، بيوقوفي، جهالت ۽ بي عقلي نه ٿي ٿي سگهي جو الله تعاليٰ کي ڇڏي مخلوق سان دل لڳائي وڃي ۽ ان تي ڀروسو ڪيو وڃي هنن آيتن ۾ جنهن ڳالهه جي دعوت ڏنل آهي اها سڀني آسماني ڪتابن جي لهڻ ۽ سڀني نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي موڪلڻ جو عين مقصد هئي يعني صرف ۽ صرف هڪ الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت جنهنجو نالو توحيد آهي ۽ اهو اهو انقلابي نظريو آهي جيڪو انسان جي سڀني عملن، اخلاق ۽ معاشري تي گهرو اثر رکندو آهي. ڇو ته جيڪو شخص هي يقين رکندو ته سڄي جهان جو خالق، مالڪ، جهان جي سڄي نظام ۾ تصرف ڪندڙ ۽ سڀني شين تي قادر صرف هڪ ذات آهي ان جي گهر ۽ ارادي کان سواءِ ڪو ذرو به چري نه ٿو سگهي ۽ نفعو ۽ نقصان به نه ٿو ڏئي سگهي ته ان جو پورو توجهه ان هڪ ذات ڏي رهندو ۽ ان کي اهڙي بصيرت حاصل ٿيندي جنهن جي ذريعي اهو ظاهري سببن جي حقيقت کي سمجهي وٺندو ته هيءُ سبب جو سلسلو هڪ پردو آهي جنهن جي اندر ان جو قدرتي هٿ ڪم ڪندڙ آهي. بجليءَ ۽ ٻاڦ جا پوڄاري، يورپ جا داناءَ جيڪڏهن هن حقيقت کي سمجهن ته انهن کي به خبر پئجي وڃي ته انهيءَ بجليءَ ۽ ٻاڦ کان اڳتي به ڪا حقيقت آهي جو سڀني طاقتن ۽ قوتن جو سرچشمو ان پاڪ ذات جي هٿ ۾ آهي جنهن انهن سڀني کي وجود بخشيو آهي.

وَإِنْ كُنْتُمْ فِي رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَأْتُوْا

۽ جيڪڏهن آهيو اوهان شڪ ۾ ان جي باري ۾ جو نازل ڪيو اسان پنهنجي ٻانهي

بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ وَادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

تي تہ پوءِ آڻيو هڪ سورت ان جهڙي (يا ان جهڙي ڪان) ۽ سڏيو مددگارن پنهنجن

إِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۳﴾ فَإِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَلَنْ تَفْعَلُوْا

ڪي الله ڪان سواءِ جيڪڏهن آهيو سچا، پوءِ جيڪڏهن نہ ڪندؤ ۽ اصل ڪري بہ نہ

فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ ۚ

سگهندؤ تہ پوءِ ڊڄو ان باھ ڪان جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن تيار ڪئي ويئي آهي

أُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۴﴾

ڪافرن لاءِ.

تفسير

هنن آيتن ڪان اڳ ۾ الله تعاليٰ جي توحيد ۽ هيڪڙائيءَ جو بيان ۽ ان ڪي دلائل سان ثابت ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هاڻي هنن ٻن آيتن ۾ ٽن (۳) ڳالهين ڪي ثابت ڪيو ويو آهي ۱- هڪ قرآن پاڪ جو ڪلام الله هجڻ ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو معجزو هجڻ، ۲- ٻيو قرآن پاڪ جي اعجاز سان سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي رسالت جو ثابت ڪرڻ، ۳- ٽيون حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو بي مثل محبوب هجڻ- پهرين ڳالھ هن طرح آهي تہ

کن ماڻهن کي قرآن پاڪ جي ڪلام الله هجڻ ۾ شڪوڪ ۽ شبهات هئا ته اهو هٿ جو ٺاهيل ڪلام آهي جنهن ۾ ان (نبي ڪريم الله تعاليٰ عليه وسلم جن) جي ٻين به مدد ڪئي آهي جيئن الله تعاليٰ ٻڌايو آهي: "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اِفْكُ نِ افْتَرٰهُ وَاَعَانَهٗ عَلَيْهِمْ قَوْمٌ اٰخَرُوْنَ فَقَدْ جَاءُوْا ظُلْمًا وَّ زُوْرًا" (١)

يعني ڪافرن چيو ته هيءَ قرآن ته ڪوڙو قصو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي طرفان ٺاهيو اٿس ۽ (ان جي ٺاهڻ تي) ٻين قومن ان جي مدد ڪئي آهي. (اهڙيءَ طرح چوڻ سان) بيشڪ انهن ظلم ۽ ڪوڙ (ڪم ۾) آندو آهي. ۽ ڪي چوندا هئا ته الله تعاليٰ انسان تي وحي نه موڪليندو. جيئن فرمان رباني آهي قَالُوْا "مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ مِّنْ شَيْءٍ" (چيائون نه الله تعاليٰ بشر تي ڪا شيءِ نه لاٿي آهي)

الله تعاليٰ مٿين آيتن ۾ انهن شڪ ڪندڙن کي موقعو ڏيندي فرمايو آهي ته جيڪڏهن اوهان کي شڪ آهي ته هيءُ الله تعاليٰ جو پاڪ ڪلام نه آهي ته پوءِ اوهان به فصاحت ۽ بلاغت جا صاحب، وڏي مهارت رکندڙ انسان آهيو، ۽ قرآن پاڪ به ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ نه پر اوهان جي عربيءَ ٻوليءَ ۾ لٿل آهي ته اوهان پاڻ يا ٻين کي پاڻ سان ملائي اهڙي هڪ سورت يا ڪو اهڙو ٽڪرو ٺاهي ڏيکاريو اهو هڪ چٿلينج نه پر ٻيءَ آيت ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي: "اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰهُ قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ مُفْتَرَيَاتٍ وَّادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" (٣)

بلڪ (اٿين به) چون ٿا ته اهو (قرآن) پاڻ ٺاهيو اٿس. فرماءِ ته. پوءِ آڻيو ڏهه سورتون ان جهڙيون پنهنجيون ٺاهيل ۽ الله کان سواءِ ٻين جن کي به سڏي سگهو ته سڏيو جيڪڏهن سچا آهيو. ٽين آيت ۾ آهي "فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖٓ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ" (۴) يعني پوءِ پلي آڻين ڪا ڳالهه ان جهڙي جيڪڏهن سچا آهن.

توجهه جي جاءِ آهي ته بار بار چٿلينج ڪرڻ جي باوجود صديون گذري ويون مگر اڄ تائين مخالف ۽ منڪر عاجز آهن جو اهڙي مقابلي جي لاءِ تيار ٿين يا چٿلينج قبول ڪن. ايترن چٿلينجن ڏيڻ سان گڏ غيب جي مالڪ الله تعاليٰ جل

(١) سورة الفرقان رڪوع ١ پ ١٨ (٢) سورة الانعام رڪوع ١١ پ ٧

(٣) سوره هود رڪوع ٢ پ١٢ (۴) سورة الطور رڪوع ٢ پ ٢٧

شانه اهو به ٻڌائي ڇڏيو ته مقابلو ڪري ئي نه سگهندا. جيئن هيءُ سندس پاڪ فرمان آهي

"قُلْ لَّئِنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلٰٓي اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا" (١)

يعني فرماءِ. (اي حبيب) ته بلاشڪ جيڪڏهن انسان ۽ جن هن ڳالهه لاءِ گڏ ٿين ته هن قرآن جهڙو (ڪلام) آڻين ته ان جهڙو نه آڻي سگهندا پلي هڪڙا ٻين جا مددگار ٿي بيهن. ۽ جڏهن نه آڻي سگهيا تڏهن الله تعاليٰ فرمايو ته جڏهن اوهان اهڙو ڪلام پيش نه ٿا ڪري سگهو ته پوءِ عناد، سرڪشي ڇڏي تسليم ڪيو ته واقعي هي الله جو ڪلام آهي. اسلام جي دشمنن لاءِ ڪيترو سولو موقعو هو جو اهي ٽن آيتن جي هڪ ننڍي سورت ناهي قرآن ڪريم جي چئلينج جو جو اب ڏين ها ۽ قرآن، نبوت، اسلام جي صداقت ۽ عظمت کي ختم ڪندي دنيا کي ثابت ڪري ڏيکارين ها ته هي الله تعاليٰ جو ڪلام نه پر مخلوق جو ڪلام آهي مگر مشرڪ ۽ مغرب جا وڏا وڏا شاعر، بليغ، فصيح عاجز ٿي ثابت ڪري چڪا ته هيءُ بي مثل الله جو بي مثل ڪلام آهي.

فائدو

قرآن پاڪ نبي اڪرم، نور مجسم، صلي الله عليه وسلم جن جو قيامت تائين موجود رهڻ وارو زنده معجزو ڪيئن ۽ ڪهڙن وجهن جي ڪري آهي ۽ مسلمانن جي اها دعويٰ ته قرآن پاڪ جي تحدي (چئلينج) جي باوجود چوڏهن سوءُ (١٤٠٠) سالن تائين ڪو به ان جي ننڍيءَ سورت سڀُوريءَ جهڙي سورت ناهي پيش ڪري نه سگهيو آهي ان دعويٰ جو تاريخي حيثيت سان ڪهڙو وزن آهي اهي ٻئي ڳالهيون لڪجن ٿيون. ١- پهرين ته قرآن پاڪ معجزو آهي ۽ ان جا وجوه -

وجه اول - سڀ کان اول غور ڪرڻ جي هيءَ ڳالهه آهي ته هي عجيب ۽ پيارو، سيني علمن جو جامع ڪتاب ڪهڙيءَ جاءِ تي، ڪهڙي ماحول ۾ ۽ ڪهڙي ذات تي نازل ٿيو. ۽ ڇا اتي اهڙا علمي ترقيءَ جا اسباب موجود هئا جن جي ذريعي اهڙو جامع، بي بدل

(١) سورة بني اسرائيل رڪوع ١٠ پ ١٥

كتاب تيار ٿي سگهيو جيڪو اولين ۽ آخرين علوم جو جامع، انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي هر هڪ پهلوءَ جي متعلق بهترين هدايتون ڏئي سگهي جن ۾ انسان جي روحاني ۽ جسماني تربيت جو مڪمل نظام هجي گهرو تدبيرن کان وٺي ملڪي سياست تائين هر نظام جا بهترين اصول هجن.

جنهن سرزمين تي هي مقدس ڪتاب نازل ٿيو آهي ان جي جغرافيائي ڪيفيت ۽ تاريخي حالت معلوم ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هڪ وارياسو، خشڪ ۽ گرم علائقو هو جنهن کي بطحاءِ مڪه سڏيندا هئا جو نه زرعي ملڪ هو نه صنعتي، نه ان جي آب وهوا ايتري خوشگوار هئي جنهن جي لاءِ ٻاهر کان ماڻهو سير وسياحت لاءِ حاضر ٿين نه اهڙا آسان ۽ هموار رستا هئا جو اتي اچڻ وارا آسانيءَ سان پهچن اڪثر دنيا کان ڪٽيل هڪ جزيره هو جتي خشڪ پهاڙن ۽ گرم ريتيءَ کان سواءِ ڪجهه به نظر نه ٿي آيو، پري پري تائين نه ڪا بستي نه ڳوٺ نه پوک نه وڻ ٿي نظر آيو. ان پوري خطي ۾ وڏا شهر به نه هئا ننڍا ننڍا ڳوٺ ۽ انهن ۾ انن ۽ ٻڪرين چارڻ ۽ پالڻ تي پنهنجي زندگيءَ گذارڻ وارا انسان رهيا ٿي انهن جا ننڍا ڳوٺ ته ڏسڻ جهڙائي نه هئا پر جيڪي نالي خاطر شهر سڏجندا هئا انهن ۾ به ڪنهن قسم جي علم وتعليم جو ڪو خاص انتظام نه هو. نه اتي ڪو اسڪول ۽ ڪاليج هو نه ڪا يونيورسٽي يا دارالعلوم هو. اتي جي رهاڪن کي الله تعالىٰ قدرتي ۽ پيدائشي طور فصاحت ۽ بلاغت جو فن ضرور عطا ڪيو هو جنهن ۾ اهي ساري دنيا کان بلند ۽ بالا هئا. نثر ۽ نظم ۾ اهڙا قادر الڪلام هئا جو جڏهن ڳالهائيندا هئا ته آسماني گوڙ وانگر ڪڙڪو ڪري ۽ برسات وانگر وسي پوندا هئا انهن جون ننڍيون ننڍيون نياڻيون به اهڙا فصيح ۽ بليغ شعر چونديون هيون جو دنيا جا وڏا وڏا اديب حيران رهجي ويندا هئا پر اهو انهن جو فطري فن هو جو ڪنهن مڪتب يا مدرسي مان حاصل نه ڪيو هيائون انهن ۾ جيڪڏهن ڪي ماڻهو شهري زندگي گذاريندا هئا ته انهن جو ڌندو تجارت هوندي هئي. مال جون مختلف جنسون آڻيندا ۽ کپائيندا هئا ۽ جنهن ذات تي هي مقدس ڪتاب نازل ٿيو اهي ان علائقي جي پراڻي شهر مڪه مڪرمه جي هڪ شريف گهراڻي ۾ پيدا ٿيا هئا جن جي ولادت باسعادت کان اڳ ۾ ئي سندن والد ماجد جو دنيا تان انتقال ٿي ويو هو پاڻ

دنيا تي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ يتيم ٿي ويا هئا اجان سندن عمر مبارڪ ست (٧)
سال ئي نہ ٿي هئي تہ والده سائڻ بہ وفات ڪري وئي. سندن انتهائي شرافت وارن
ڏاڏن ۽ پڙ ڏاڏن ۽ بابي سائين جي فياضيءَ ۽ بي مثل سخاوت پنهنجي گهر ۾
ڪابہ اهڙي شيءِ نہ ڇڏي هئي جنهن سان يتيم جي پرورش ۽ آئنده زندگيءَ گذارڻ لاءِ
ڪجهہ سامان گڏ ڪري سگهجي. نهايت مسڪينيءَ، يتيميءَ جي حالات ۾ پاڻ
زندگيءَ مبارڪ جي ابتدا فرمايائون ۽ اهوئي تعليم حاصل ڪرڻ جو وقت هوندو
آهي پر مڪہ پاڪ ۾ نہ ڪاليج هو نہ اسڪول نہ علمي مشغلو هو ان جي ڪري
عرب جي پوري قوم کي سڏيندا ئي اُمّيِيْن هئا ۽ مڪي پاڪ ۾ رهڻ وارن کي سندن
زندگيءَ مبارڪ جي ابتدا کان ئي پوري خبر هئي تہ نہ ڪنهن وٽ پڙهيا آهن نہ ڪو
سندن استاد آهي. معمولي لکڻ پڙهڻ جيڪوماڻهوڪنهن نہ ڪنهن طرح سکي ويندا
آهن پاڻ تہ اهو بہ نہ سکيا هئا عرب جو مخصوص فن شعر ۽ سخن گوئي هو جنهن
جي لاءِ خاص خاص اجتماع ڪندا هئا ۽ وڏا وڏا مشاعرا ٿيندا هئا ۽ انهن ۾ هر
شخص اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر ڪين الله تعاليٰ اهڙي صاف فطرت عطا
فرمائي هئي جو انهن ڪمن سان بہ سندن دلچسپي بالڪل نہ هئي پاڻ نہ ڪڏهن
اهڙو شعر يا قصيدو ٺاهيائون نہ ڪنهن اهڙي مجلس ۾ شريڪ ٿيا هئا امي هجڻ
جي باوجود سندن پياري، مقدس ذات ۾ شرافت، ڀلا اخلاق، فهم ۽ فراست، ديانت
۽ امانت جا غير معمولي آثار ۽ اعليٰ ترين شاهڪار مشاهدي ۾ ايندا هئا جنهن جو
نتيجو هي هو تہ عرب جا وڏاوڏا مغرور ۽ متڪبر سردار سندن تعظيم ڪندا هئا ۽
سڄي مڪي پاڪ ۾ ڪين امين سڏيندا هئا. پاڻ چاليهہ سال پنهنجي عمر مبارڪ
جا مڪي مڪرمه ۾ئي گذاريائون پاڻ ڪنهن بہ ٻئي ملڪ ۾ ايترو وقت ڪو نہ
وڃي رهيا جو چئجي تہ اتي پڙهي آيا هئا. صرف ہ سفر شام ملڪ ڏي تجارت جي
لاءِ ويا هئا سو بہ قافلي سان گڏ ۽ مختصر ڏينهن جنهن ۾ پڙهڻ جو امڪان بہ نہ هو
۽ نہ انهن قافلي وارن ڪين ڪٿي پڙهندي ڏٺو جي ڏسن ها تہ اهي خود بيان ڪن ها.
پاڻ ان عمر ۾ نہ ڪڏهن ڪو ڪتاب ڏٺائون نہ قلم هٿ ۾ ڪنيائون. نيڪ چاليهہ
سالن کان پوءِ سندن پاڪ زبان مان اهو ڪلام نڪتو جنهن جو نالو قرآن ڪريم
آهي. جو پنهنجي لفظي فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ سان ۽معنوي علوم، فنون،
فيوض وبرڪات جي لحاظ سان عقل کي حيرت ۾ وجهندڙ آهي. جيڪڏهن صرف

اهائي ڳالهہ سوچي وجي ها تہ قرآن پاڪ جي معجزي هجڻ ۾ ڪو بہ شبهو نہ هو پر هتي ائين نہ آهي قرآن ڪريم تہ ساري دنيا کي چئلينج ڏيندي للڪاريو ۽ پڪاريو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي ان جي ڪلام الله هجڻ ۾ شڪ آهي تہ اهڙيون ڏهہ يا هڪ سورت ناهي ڏيکاري. هڪ طرف هي چئلنيج ٻئي طرف ساري دنيا جون مخالف قوتون ۽ طاقتون جيڪي اسلام ۽ پيغمبر اسلام کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ پنهنجو مال، جان، اولاد ۽ آبرو، عزت لٽائڻ جي لاءِ تيار هئامگر ايتري ڪم ڪرڻ جي ڪو بہ جرات نہ ٿي ڪري سگهيو جو قرآن پاڪ جهڙي هڪ ننڍي ۾ ننڍي سورت ٺاهي پيش ڪري سگهيهاتہ اهو قرآن پاڪ جي معجزه هجڻ جو دليل آهي.

٢- ٻيو وجهہ

اوهان کي اها خبر آهي تہ قرآن پاڪ ۽ ان ۾ آيل احڪام ساريءَ دنيا جي لاءِ آهن پر ان جا واسطي ڪان سواءِ پهريان مخاطب عرب هئا جن کي ٻيا علم نہ بہ آيا ٿي پر فصاحت ۽ بلاغت تہ انهن جو فطري هنر ۽ پيدائشي صفت هئي جنهن ۾ اهي سڄي دنيا جي قومن ڪان بلند ۽ مٿاهان سمجهيا ويندا هئا. قرآن ڪريم انهن کي ئي مخاطب ٿي چيلنيج ٿو ڪري تہ منهنجي هڪ سورت جهڙي سورت ٺاهي پيش ڪيو جيڪڏهن اهو چيلينج صرف قرآن پاڪ جي معنوي حسن، حڪيمانہ اصول، علمي معارف ۽ اسرار جي حد تائين هجي ها تہ عرب جيڪي امين سڏيا ويندا هئا ان جي مثال پيش نہ ڪرڻ لاءِ معذور سمجهيا وجن ها ۽ سندن عذر ڪنهن نہ ڪنهن وٽ معقول هجي ها پر قرآن پاڪ تہ لفظي فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ سان چيلينج ڏنو آهي ۽ ان چيلينج کي قبول ڪرڻ جي لاءِ پوري دنيا جي قومن ڪان وڌيڪ عربن تي حق هو، جيڪڏهن واقعي قرآن پاڪ هڪ انسان جو ڪلام هو (معاذالله) تہ عرب جي فصيحن ۽ بليغن جي اڳيان ڪهڙو مشڪل هو جو هڪ امي جي ڪلام جهڙو ڪلام پيش ڪن بلڪ ان ڪان ڪيترا ڀيرا ڀلو پيش ڪري سگهن ها پلاجي هڪ ماڻهو اهو ڪم نہ ٿي ڪري سگهيو تہ قرآن پاڪ کين اها سهولت بہ عطاڪئي هئي تہ ٻيا مددگار بہ وهاريو ۽ ٺاهيو مگر ايڏي بلند آواز سان چيلينج ۽ بار بار غيرت ڏيارڻ جي باوجود ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش رهڻ قرآن ڪريم جي معجزي هجڻ جو دليل آهي عرب جي سردارن قرآن ۽ اسلام جي

مٺائڻ ۽ اسلام جي آڻيندڙ پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي مغلوب ڪرڻ ۾ جهڙيءَ طرح پورو پورو زور لڳايو هو اهو ڪنهن به پڙهئي لکئي ماڻهوءَ کان لڪل نه آهي. شروعات ۾ حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ۽ سندن پٺن رفيقن اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم کي نموني نموني جا ايذاءَ ڏئي ڪوشش ڪئي وئي هئي ته اهي اسلام ڇڏي ڏين. پر جڏهن ڏٺائون ته هي ڪسندا مگر گسندا نه- تڏهن وري چاپلوسيءَ جو پاسو وٺي خوشامد ڪرڻ لڳا عربن جو سردار عتبه بن ربيعه قوم جو نمائندو ٿي سندن خدمت ۾ آيو ته پوري عرب جي دولت، حڪومت ۽ وڏي حسن ۽ جمال واريون نوجوان ڇوڪريون وٺو پر اسلام جي تبليغ بند ڪيو پاڻ ان کي صرف قرآن پاڪ جون ڪي آيتون پڙهي ٻڌايائون ٻيو ڪجهه نه فرمايائون اهو واپس ويو ۽ ان کان پوءِ انهن ڪافرن جون مسلمانن سان ڪيتريون جنگيون ٿيون جنهن ۾ انهن ڪافرن جو به مال، اولاد، جان هر شيءِ تباه ٿي اهو سڀ ڪجهه قبول ڪيائون پر قرآن پاڪ جي هڪ ننڍيءَ سورت جهڙي سورت ٺاهي نه سگهيا. ڇا اهو قرآن پاڪ جي ڪلام الله هجڻ ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي معجزي هجڻ لاءِ دليل نه آهي؟ بلڪل آهي .ساري عرب خاموشي اختيار ڪرڻ سان شاهدي ڏني ته هيءُ الله جو ڪلام آهي جنهن جو مثال عرب ڇا ساري ڪائنات پيش ڪرڻ کان عاجز آهي.

صرف ايترو نه هو جو انهن مقابلي ڪرڻ کان خاموشي اختيار ڪئي بلڪ پنهنجي خاص مجلسن ۾ انهن قرآن پاڪ جي بي مثل هجڻ جو اعتراف به ڪيو ۽ جيڪي انهن ۾ منصف مزاج هئا انهن ته ان اعتراف جو اظهار به ڪيو. پوءِ انهن مان ڪي مسلمان ٿيا ته ڪي هروڀرو ضد تي رهيا. اسلامي تاريخن ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ اهڙا واقعا ملن ٿا جيڪي ان ڳالهه جا شاهد آهن ته عرب حيران هوندا هئا ته قرآن ڪريم آڻيندڙ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن لاءِ ڪهڙو فيصلو ڏيڻ گهرجي. ڪي چوندا هئا ته شاعر آهي ڪي چوندا هئا ته مجنون آهي ڪي چوندا هئا ته ڪاهن (ڀوپو) آهي ته ڪي چوندا هئا ته ساحر(جادوگر)آهي. ڪڏهن پاڻ ئي ويهي ويهي چوندا هئا ته ان ۾ انهن ڳالهين مان ته ڪا به ڪانه آهي، پر ڇا چئجي؟ علامه جلال الدين سيوطيءَ عليه الرحمة خصائص ڪبريٰ ۾ اهڙا ڪيترا واقعا آندا آهن جيڪي ڏيگهه جي خوف کان ڪونه ٿا لکجن.

اسلام ۾ حضور پرنور شافع يوم النشور صلي الله عليه وسلم جن جا سيني کان وڏا دشمن ابوجهل ۽ اخنس بن شريق ۽ ٻيا لکي لکي قرآن پاڪ ٻڌندا هئا ۽ ان جي عجيب وغريب بي مثل ۽ بي نظر اثرات کان متاثر به ٿيندا هئا مگر جڏهن سندن قوم جا ڪجهه ماڻهو انهن کي چوندا هئا ته جڏهن هيءُ ڪلام اهڙو پلو، مٺو ۽ اثرائتو آهي ته ان کي قبول ڇو نه ٿا ڪيو؟ ته ابوجهل جو جواب هيءُ هو: اهي (نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن) بني عبدمناف مان آهن ۽ اسان جي قبيلي جو انهن سان هميشه اختلاف رهيو آهي. اهي جنهن ڪم ۾ اڳتي وڌندا آهن ته اسين به انهن سان ان معاملي ۾ برابري ڪندا آهيون پر نبوت انهن ۾ آئي آهي ۽ اسان جي وس ۾ اها نه آهي ته ان جو انڪار ڪندا رهنداسين ۽ مان ته ڪڏهن به اقرار نه ڪندس.

٣-ٽيون وجهه

قرآن پاڪ جي معجزي هجڻ جو هيءُ آهي جو ان ۾ غيب جون خبرون آهن جيڪي قرآن پاڪ بيان ڪيون آهن ۽ هوبهو ائين ئي ٿيو جيئن قرآن ڪريم ٻڌايو آهي. مثلا قرآن پاڪ ٻڌايو ته رومي ۽ فارسي لڙندا مقابلي ۾ ابتداءً فارس وارا غالب ٿيندا ۽ رومي مغلوب پر ان سان گڏوگڏ اهو به ٻڌايائين ته اڃان ڏهه سال نه گذرندا ته روم وارا فارس وارن تي غالب ٿيندا. مڪي جي ڪافرن اها قرآن پاڪ جي غيبي خبر ٻڌي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان هار ۽ جيت تي شرط لڳائي مگر جڏهن قرآن پاڪ جي خبر مطابق رومي غالب ٿيا ته انهن ڪافرن کي هار مڃڻي پئي ۽ اهومال جيڪو شرط طور رکيل هو اهو هنن کي ڏيڻو پيو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان ان مال جي باري ۾ پڇيو ته پاڻ ان مال وٺڻ کان منع ڪيائون جو اها هڪ قسم جي جوا هئي اهڙيءَ طرح غيب جون هزارين خبرون قرآن پاڪ جون صدفي صد صحيح نڪتيون جن جو ڪو به انڪار ڪري نه ٿو سگهي ۽ اسين سني ان جي ڪري چوندا آهيون ته نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن الله تعالىٰ جي عطا سان عالم الغيب آهن. ڇو ته مخالف جيڪڏهن ٻي ڪا به ڳالهه نه مڃيندا ته اهو ته مڃيندا ته پاڻ قرآن پاڪ ۾ آيل غيب جون خبرون دنيا تي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ به ڄاڻندا هئا ۽ اهوئي عطائي علم غيب آهي جنهن جو صرف ۽ صرف ضدي علماءَ انڪار ڪندا آهن نه ته انڪار جي ڪا گنجائش نه آهي.

* ۴- چوٿون وجھ *

قرآن پاڪ ۾ اڳين امتن ۽ انهن جي شريعتن ۽ تاريخي حالات جو اهڙو صاف ذڪر آهي جو ان وقت يهودين ۽ نصارن جا عالم جيڪي تورات ۽ انجيل جا ماهر سڏيا ويندا هئا انهن کي به ايتري معلومات نه هئي ان محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي ذات جيڪي اُمي هئا ابتداءِ عالم کان وٺي دنيا جي سيني قومن جي تاريخي حالات ۽ نهايت صحيح ۽ سچي سوانح ۽ انهن جي شريعتن جي تفصيلات اهڙي بيان فرمايائون جو اهي سڀ ڏندن تي آڱريون رکي ويهي رهندا هئا، ان مان صاف صاف ثابت ٿيو ته هي الله جل شانه جو ڪلام ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جن جو معجزو آهي نه ته اهي خبرون ڪين ڪنهن ٿي ٻڌايون؟.

* ۵- پنجون وجھ *

اهاخاص ڪيفيت آهي جيڪا قرآن پاڪ جي ٻڌڻ سان هر خاص ۽ عام مومن ته ڇا پر ڪافر تي به طاري ٿيندي آهي. جيئن حضرت جبير بن مطعم رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي ته اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ ۾ مون کي هڪ اتفاقي واقعو پيش آيو. اهو هي آهي ته مان نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان اچي لنگهيس پاڻ ان وقت سانجهيءَ جي نماز ۾ سورة وَالطُّوْرِ پڙهي رهيا هئا جڏهن آخري آيتن تي پهتا ته منهنجي دل ڇڻ اڏامڻ لڳي ۽ مون ۾ اسلام آڻڻ جو شوق پيدا ٿيو.

* ٦- ڇهون وجھ *

هي آهي ته ان جي ورائي ورائي پڙهڻ سان دل ڍاپي نه ٿي بلڪ جيترو زياده پڙهه اوترو شوق وڌي ٿو، دنيا جو ڪوبه پلي کان پلو ڪتاب به چار ڀيرا پڙهڻ سان طبيعت پرچي ويندي آهي وري پڙهڻ جو گهڻو شوق نه ٿيندو آهي هيءُ صرف قرآن پاڪ جو ڪمال آهي جو ان جي پڙهندڙ جو شوق گهٽجي نه ٿو ۽ هي سندس ڪلام الله هجڻ ۽ حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي معجزي هجڻ جو دليل آهي.

* ٧- ستون وجهہ *

هي آهي تہ قرآن پاڪ اعلان ڪيو آهي تہ ان جي حفاظت جو ذمو خود الله تعاليٰ ڪنيو آهي اهو قيامت تائين بغير ڪنهن ادنيٰ تغير ۽ ترميم جي باقي رهندو ۽ اهو وعدو اهڙيءَ طرح پورو ٿيو آهي جو قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ واري وقت کان وٺي اڄ تائين چوڏهن سؤ (١٤٠٠) سال گذري چڪا آهن لڪين انسانن جي سينن ۾ قرآن پاڪ اهڙيءَ طرح موجود آهي جو هڪ زبر يا زير جي غلطيءَ جو امڪان نہ آهي هر زماني ۾ مرد، عورتون، جوان ۽ پوڙها انجا حافظ ملن ٿا جيڪڏهن ڪو وڏوعالم بہ زبر ۽ زير جي غلطي ڪندو تہ اهي ان کي ڏسيندا. دنيا جو ڪوبہ مذهب پنهنجو ان جهڙو مذهبي ڪتاب تہ پيش ڪري نہ سگهندو پر ان جي ڏهين حصي جي برابر بہ نہ آڻي سگهندو. ڪيترن مذهبن جي ڪتابن ۾ تہ اڄ اهو نشان ملڻ بہ محال ٿي ويو آهي تہ ان جو اصل ڪهڙيءَ زبان ۾ هو ۽ ان جا اصل حصا ڪيترا هئا؟

ڪتابي صورت ۾ بہ جيتري اشاعت هر قرن هر زماني ۾ قرآن پاڪ جي ٿي آهي. دنيا جي ڪنهن بہ ڪتاب کي اها ڳالهہ نصيب نہ ٿي آهي حالانڪ دنيا جي تختي تي نشر واشاعت جا جيترا ذريعا غير مسلمانن کي آهن اهي سڀ تہ مسلمانن کي نہ آهن پر انهن جو حصو بہ حاصل نہ آهي. ان هوندي بہ قرآن پاڪ جو ايتري تعداد ۾ ڇپجڻ ۽ لکن سينن ۾ محفوظ هجڻ ان جي ڪلام الله هجڻ ۽ معجزي هجڻ جو دليل آهي.

* ٨ - اٺون وجهہ *

اهي قرآني علوم ۽ معارف آهن جن جو احاطو اڄ تائين نہ ڪنهن ڪتاب ڪيو آهي نہ ممڪن آهي جو ڪري سگهي. ان مختصر ۽ محدود ڪلمات ۾ ايترا علوم ۽ فنون جمع ٿين جو سڄي ڪائنات جي دائمي ضرورتن تي حاوي ۽ انسان جي زندگيءَ جي هرشعبي ۽ هر حال سان متعلق پورو ترتيب ڏنل ۽ بهترين نظام پيش ڪري سگهي. شخصي ۽ عائلي زندگيءَ کان وٺي قبائلي ۽ شهري زندگيءَ تائين ۽ ان کان علاوه عمرانيات، اجتماعيات ۽ ملڪن جي سياست جي هر پهلوءَ تي شامل نظام پيش ڪري سگهي. ان کان پوءِ صرف نظري ۽ علمي طور تي رڳي پيش ڪرڻ نہ پر عملي طور ان جو رواج وجهڻ ۽ دنيا جي پين سيني

نظامن تي غالب اچي قومن جي مزاج، اخلاق، اعمال، معاشرت ۽ تمدن ۾ اهو عظيم انقلاب پيدا ڪرڻ جنهن جو مثال نه اڳين امتن ۾ مليو نه پوين ۾ مذهب وارن ۾ ملندو. هي حيرت انگيز انقلاب ڇا ڪنهن انسان جي قدرت ۽ ان جي حڪمت عمليءَ جو نتيجو ٿي سگهي ٿو خصوصًا جڏهن ته اهو انسان هجي به امي ۽ ان جي قوم وارا به امي هجن اهي ئي اهي حيرت ۾ وجهندڙ تاثرات آهن جن جي ڪري عقل ۽ بصيرت جو صاحب جيڪو تعصب ۽ عناد کان بچيل آهي قرآن پاڪ جي ڪلام الله هجڻ ۽ معجزي هجڻ جي مڃڻ لاءِ مجبور آهي.

ايتري قدر جو هن ماده پرستيءَ جي دور ۾ مسيحي مصنفن مان جن به ڪجهه قرآن پاڪ ۾ فڪر ۽ غور ڪيو، اهي ان اقرار ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا ته هي هڪ بي مثل ۽ بي مثال ڪتاب آهي. فرانس جو مشهور مستشرق ڊاڪٽر مارڊيس جنهن کي فرانس حڪومت جي وزارت معارف قرآن حڪيم جي ٻاهٺ (٦٢) سورتن جي فرانسي زبان ۾ ترجمه ڪرڻ تي مقرر ۽ مامور ڪيو هو ان به ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي ته ”بيشڪ قرآن جو طرزِ بيان خالق جل وعليٰ شانهٗ جو طرزِ بيان آهي بلاشبه جن حقيقتن ۽ معرفتن تي هي ڪلام حاوي آهي اهي الله جو ڪلام ئي ٿي سگهن ٿيون ۽ حقيقت هيءَ آهي ته ان ۾ شڪ ۽ شبهي ڪرڻ وارا به جڏهن ان جي عظيم تاثير کي ڏسن ٿا ته اعتراف ۽ تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا پنجاهه ڪروڙ (٥٠٠٠٠٠٠٠٠) مسلمان جيڪي زمين جي سطح جي هر حصي تي پکڙيا پيا آهن انهن ۾ قرآن جي خاص تاثير ڏسي مسيحي مشن ۾ ڪم ڪرڻ وارا بالاجماع (سيئي) ان جو اعتراف ڪن ٿا ته هڪ واقعو به اهڙو پيش ڪري نه ٿو سگهجي جو جنهن مسلمان قرآن کي سمجهيو هجي اهو ڪڏهن مرتد يا قرآن جو منڪر ٿيو هجي.“

العجب!

قرآني تاثير جو اعتراف هڪ عيسائي مستشرق کان اهڙي دور ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن مسلمان پاڻ قرآني تعليمات کان دور ۽ ان جيءِ تلاوت کان غافل ٿي چڪا آهن ڪاش اهو مصنف اسلام ۽ قرآن جي ان دور کي ڏسي ها جن قرآن ۽ صاحبِ قرآن صلي الله عليه وسلم جن تان هر شيءِ قربان ڪندي خوشي ٿي محسوس ڪئي جن ڪسندي، قربان ٿيندي ته قرآن پاڪ پڙهيو ٿي پر قبر ۾ به قرآن

پاڪ جي تلاوت ڪندا رهيا.

اهڙيءَ طرح ڪيترن عيسائي مصنفن جيڪي منصف مزاج هئا اهڙو اعتراف ڪيو آهي. مسٽر وليم ميور پنهنجي ڪتاب "حياتِ محمد ﷺ" ۾ واضح طرح ان جو اعتراف ڪيو آهي. ڊاڪٽر شبلي شميل ته ان موضوع تي هڪ مستقل مقالو لکيو آهي (١) اهڙيءَ طرح يورپ جي مستشرقين مان ڊاڪٽر گستاؤلي بان پنهنجي ڪتاب "تمدنِ عرب" ۾ ۽ مسٽر وڊول قرآن پاڪ جي ترجمي ۾ جيڪو هن پنهنجي زبان ۾ ڪيو ۽ مسٽر ڪونٽ هنرويءَ ڪتاب الاسلام ۾، انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا جي مصنف ان ئي ڪتاب جي ص٥٩٩ ج ١٦ ۾ ۽ انگلستان جي نامور مورخ ڊاڪٽر گبن پنهنجي مشهور تصنيف سلطنت روما جو انحطاط ۽ زوال جي جلد ٥ باب ٥٠ ۾ ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي (٢).

چاڏڻ گهرجي ته دنيا جي پهرينءَ تاريخ ته اهڙو مثال پيش ڪونه ڪيو پر قرآن پاڪ جو چئلينج اڄ به قائم آهي. اڄ جي هن هلندڙ دور ۾ روشن دماغيءَ ۽ قابليت جا دعوي دار گهٽائي آهن ڪو به اهڙي سورت ٺاهي ڏيکاري اڪيلو نه ته ڪيتري ڪي به پلي پنهنجو ساٿي بنائي پر يقينًا نه ٺاهي سگهندو.

ہي ڳالهه هيءَ آهي ته هن آيت سڳوريءَ مان حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو رسول هجڻ به قطعي طرح ثابت آهي. ڇو ته اهڙو ڪلام ان تي ئي نازل ٿيندو جيڪو الله تعاليٰ جو سچو نبي هوندو ان تي ئي وحي جو نزول ٿيندو، نه ٻئي ڪنهن تي.

فَأْتُوا بِسُورَةٍ: سورة قرآن پاڪ جي ان حصي کي چوندا آهن جنهن ۾ پورو مضمون بيان ٿيل هجي ۽ ان جو جدا نالو به هجي ۽ ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي (٣) آيتون هجن(٣)

مِّنْ مِّثْلِهٖ – من بيان لاءِ آهي مراد ته اهڙي سورت آڻيو جيڪا قرآن جي مثل آهي ۽ ضمير آهي ان ۾ به احتمال آهن هڪ ته اهو مما واريءَ ما ڏي ٿو وري ته پوءِ معنيٰ آهي ته قرآن جي نموني تي ڪا سورة آڻيو ٻيو احتمال آهي ته اهو ضمير عبدنا ۾ عبد ڏي ٿو وري. جيئن علامه ثناءالله پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته:اولعبدنا ومن للابتداء اي ڪائن من مثل هذا الرجل الامّي (٤)

(١) معارف القرآن ص ١٠١ ج ١ (٢) معارف القرآن ص١٠٨ ج١ (٣) تفسير نعيمي ص ٢٠٧ ج١
(٤) تفسير مظهري ص ٣٥ ج١

يعني اهڙي سورة آڻيو جيڪا ان اسان جي ٻانهي نبي امي جهڙيءَ هستيءَ جي زبان فيض ترجمان تي پڙهيل سورت جهڙي هجي. پهريان تہ آسمان جي هيٺان اهڙي هستيءَ جي تلاش ڪيو جيڪا ان محبوب عليه الصلواة والسلام جي ذات والا صفات جهڙي هجي پوءِ ان ڪان اهڙي سورة پڙهائي ٻڌايو نہ اهڙو ڪو محبوب ملندو نہ اهڙي ڪا سورة ايندي ان لحاظ سان هن آيت مان جناب رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو بي مثل هجڻ ثابت آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن ايمان، اعمال، اخلاق، ديني، دنيوي احڪام ۽ ظاهري باطني اوصاف ۾ بي مثل آهن سندن ثاني يا برابر ڪوبہ نہ آهي(١)

فَإِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَلَنْ تَفْعَلُوْا : مقصد تہ جيڪڏهن اوهان نہ ٿا مقابلو ڪري سگهو ۽ ڪري بہ نہ سگهندؤ. تہ پوءِ ان باهہ ڪان ڊڄو جنهن ۾ ماڻهو ۽ پٿر ٻرندا اها اوهان ڪافرن لاءِ تيار ڪيل آهي هتي وَلَنْ تَفْعَلُوْا (ڪري بہ نہ سگهندو) غيب جي خبر آهي جيڪا الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي نبي مڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي زبان پاڪ سان ٻڌائي رهيو آهي علامہ ابن ڪثير لکيو آهي تہ ! وهذہ ايضًا معجزة اُخريٰ وهوانہ اخبر خبرا جازمًا قاطعًا مقدمًا غيرخائف ولا مشفق ان هٰذا القرآن لا يعارض بمثلہٖ ابدًا الابدين ودهر الداهرين (٢)

يعني هي ٻيو معجزو آهي جو پاڻ پڪي، يقيني، قطعي بغير خوف ۽ ڊپ جي خبر ڏنائون تہ هن قرآن جو مثال هميشہ هميشہ آڻي نہ سگهبو ۽ اڄ تائين ڪنهن بہ ان جو مثال نہ آندو آهي.

قرآن مجيد ٻڌڻ سان بہ ڪيترا ماڻهو مسلمان ٿيا: حضرت ابوذر غفاري رضي الله تعاليٰ عنہ جي مسلمان ٿيڻ جو واقعو: حضرت ابوذر غفاري رضي الله تعاليٰ عنہ فرمايو آهي تہ هڪ ڀيري منهنجو ڀاءُ جنهن جو نالو انيس هو مڪہ پاڪ ۾ ويو ۽ موٽي اچي مون کي ٻڌايائين تہ مڪي پاڪ ۾ هڪ شخص آهي جيڪو پاڻ کي الله (جلّ جلالہٗ) جو رسول (صلي الله عليہ وسلم) سڏائي ٿو. مون ڀاءُ کان پڇيو تہ اتي ماڻهو ان جي باري ۾ ڇا ٿا چون؟ منهنجي ڀاءُ ٻڌايو تہ ڪي ان کي شاعر ٿا چون ڪي ڪاهن تہ ڪي جادوگر. جڏهن تہ منهنجو ڀاءُ پاڻ بہ اهي

(١) تفسير نعيمي ص ٢٠٧ ج١ (٢) تفسير ابن ڪثير ص٦٠ ج ١

ڳالهيون ڇاڻندو هو ان جي ڪري پاڻ چيائين ته جيتري قدر مون غور ڪيو آهي ته ماڻهن جون اهي سڀ ڳالهيون غلط آهن ان جو ڪلام نه شعر آهي نه ڪهانت نه چرين وارا ٻول. بلڪ مون کي ان جو ڪلام سچو ٿو نظر اچي. حضرت ابوذر غفاري رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته مون پنهنجي ڀاءُ کان اهي ڪلما ٻڌي پاڻ مڪي مڪرمه جو سفر ڪيو ۽ اچي مسجد الحرام ۾ رهي پيس. اتي پورا ٽيهه ڏينهن (هڪ مهينو) مون اهڙيءَ طرح گذاريا جو زمزم جي پاڻيءَ ڪانسواءِ منهنجي پيٽ ۾ ڪجهه به نه هو ۽ ان پوري مهيني ۾ مون کي بک به ڪانه ٿي لڳي جڏهن حضرت ابوذر پاڻ مڪي مان موٽي آيو ته اچي اتي جي ماڻهن کي فرمايائين ته مون روم ۽ فارس جي فصيحن ۽ بليغن جو ڪلام ۽ ڪاهنن جا ڪلمات ۽ حمير جا مقالات گهڻا ٻڌا آهن پر (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) جي ڪلام جهڙو ڪلام مون اڄ تائين ڪٿي نه ٻڌو آهي اوهان سڀ منهنجي ڳالهه مڃي ان جي اتباع ڪيو؛ پوءِ فتح مڪي واري سال ان جي پوريءَ قوم جا تقريبًا هڪ هزار ماڻهو مڪي پاڪ پهچي مسلمان ٿيا (١)

وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ اَنَّ لَهُمْ

۽ خوشخبري ڏي انهن کي جو ايمان آندائون ۽ ڪيائون سهڻا عمل ته يقين سان

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا

انهن لاءِ بهشت آهن وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون جڏهن به ڪارايا ويندا انهن مان

مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِيْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ

ڪو ميوو رزق ڪري ته چوندا ته هيءُ ئي ته آهن جو ڪارايا وياسين اڳ ۾ ۽ ڏنا

وَاُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَلَهُمْ فِيْهَاۤ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙ

ويندا اهو هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ. ۽ انهن لاءِ انهن ۾ پاڪ زالون هونديون .

(١) خصائص الكبريٰ ص ٢٨٧ ج ١

وَّهُمۡ فِيۡهَا خَالِدُوۡنَ ﴿٢٥﴾

۽ اهي انهن ۾ هميشه رهندڙ آهن.

تفسير

جڏهن الله تعاليٰ هن کان اڳ ۾ ڪافرن ۽ منافقن جي سزا بيان ڪئي ته ان جو اثر مسلمانن جي دلين تي به فطرتي طرح ظاهر ٿيڻو هو ۽ مسلمانن جي ڏک کي وري نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن برداشت نه ٿي ڪيو ان جي ڪري الله تعاليٰ هن آيت ۾ مومنن، صالحن جي سهڻي عاقبت بيان ڪري پنهنجي پياري پيغمبرخلق جي رهبر صلي الله عليه وسلم جن کي تسلي ڏيڻ فرمائي ته اوهان جي مٿان ايمان آڻڻ ۽ صالح عمل ڪرڻ وارن کي اهڙيون جنتون ملنديون جن ۾ نهرون ٿيون وهن. حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَنۡهَارُ الۡجَنَّةِ تَفۡجُرُ مِنۡ تَحۡتِ تِلَالٍ اَوۡ مِنۡ تَحۡتِ جِبَالِ الۡمِسۡكِ" يعني جنت جون نهرون مشڪ جي دڙن يا جبلن جي هيٺان نڪري وهن ٿيون پر انهن نهرن لاءِ کڏون نه هونديون ۽ انهن جا پاسا موتين سان پريل هوندا. ان جي مٽي خالص مشڪ ۽ ان جون پٿريون موتي ۽ جوهر هوندا اهي نعمتون صالح عمل ڪندڙن لاءِ آهن. حضرت معاذ صحابي رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي ته صالح عمل اهو آهي جنهن ۾ چار شيون هجن ١- علم ٢- نيت ٣- صبر ۴- اخلاص(٢)

فائدو

بهشت اٺ آهن ١- فردوس ٢- عدن ٣- ماويٰ ۴ - خلد٥- دارالسلام ٦- دارالمقام ٧- عليين ٨- جنت النعيم (٣)

(١) تفسير ابن ڪثير ص٦٢ج١ (٢)مظهري ص ٣٦ ج١ (٣) تنوير الايمان ص ۴٠ پ١

وَ اُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا : اهي جنتي ميوا شڪل ۽ صورت ۾ اهڙا هوندا جڻ اڳ ۾ ڏٺل آهن مگر جڏهن کائيندا ته هر هڪ ميوي جي لذت مثيل ۽ نرالي هوندي ۽ جيڪي پاڪ زالون انهن کي ملنديون اهي اخلاق جي لحاظ سان بلڪل صاف ۽ پاڪ هونديون ۽ جسماني طرح به حيض، گندگيءَ، پيشاب، پائخانه، سنگهه، ٿڪ وغيره کان پاڪ هونديون.

جنت وارن کي جيڪي به انعام عطا ٿيندا انهن ۾ وڏي خصوصيت اها هوندي ته اهي عارضي نه هوندا بلڪ جنتي انهن ۾ هميشه هميشه هوندا (١).

حضرت ابوسعيد رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو! "يُنَادِيْ مُنَادٍ اَنَّ لَكُمْ اَنْ تَصِحُّوْا فَلَا تَسْقَمُوْا اَبَدًا وَاَنَّ لَكُمْ اَنْ تَحْيَوْا فَلَا تَمُوْتُوْا اَبَدًا وَاَنَّ لَكُمْ اَنْ تَشِبُّوْا فَلَا تَهْرَمُوْا اَبَدًا وَاَنَّ لَكُمْ اَنْ تَنْعَمُوْا فَلَا تَبْاَسُوْا اَبَدًا (٢)

يعني جڏهن جنتي جنت ۾ ويندا ته (الله تعاليٰ جي طرفان) پڙهو ڏيندڙ پڙهو ڏيندو ته تحقيق اوهان لاءِ هيءَ (خوشخبري) آهي ته (بهشت ۾) هميشه صحتمند هوندؤ بيمار نه ٿيندؤ ۽ هميشه جيئرا هوندؤ مرندؤ نه. هميشه جوان هوندؤ پوڙها نه ٿيندؤ. هميشه نعمتن ۾ هوندؤ مايوس نه ٿيندؤ. ۽ ان ئي اصحابي سڳوري رضي الله تعاليٰ عنه کان بي روايت ۾ آهي ته. الله تعاليٰ جنت وارن کي فرمائيندو "مان اوهان سان اهڙو راضي ٿيو آهيان جو وري اوهان تي اصل ڪاوڙ نه ڪندس(٣)

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَسْتَحْيٖٓ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوْضَةً

بيشڪ الله نٿو حيا ڪري(هن ڳالهه)کان جو هٿي مثال ڪري مڇر کي پوءِ جيڪو ان

فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ

کان مٿي آهي (حقارت ۾) پوءِ جن ايمان آندو اهي (پڪيءَ طرح) ڄاڻن ٿا ته

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٦٣ ج١ (٢) تنوير الايمان ص ٤٠پ١
(٣) تفسير مظهري ص ٣٨ ج١.

مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ مَا ذَا

بيشڪ اِهو (مثال) حق آهي انهن جي رب جي طرفان ۽ پر ڪافر پوءِ چون ٿا تہ ڇا

اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا وَّيَهْدِيْ بِهٖ

ارادو فرمايو الله هن مثال(جي ذڪر ڪرڻ) سان گمراهہ ڪري ٿو ان سان گهڻن کي

كَثِيْرًا ؕ وَمَا يُضِلُّ بِهٖٓ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ الَّذِيْنَ

۽ هدايت ڪري ٿو ان سان گهڻن کي ۽ نہ ٿو گمراهہ ڪري ان سان مگر فاسقن کي

يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ ۠ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ

جيڪي ڀڃن ٿا وعدي الله جي کي ان جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ۽ ڪٽين ٿا ان کي جو

اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ

امر ڪيو الله ان جي لاءِ تہ ڳنڍيو وڃي ۽ فساد ٿا ڪن زمين ۾ -

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٢٧﴾

اهي ئي نقصان وارا آهن.

وقف لازم

تفسير

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ ڪافرن جي بتن جي ڪمزوري بيان ڪندي ڪتي فرمايو تہ اهي مک کان بہ وڌيڪ ڪمزور آهن (١)

(١) سورت الحج رکوع ١٠ پ ١٧

۽ ڪتي تہ انهن تي پروسو اهڙو ئي آهي جيئن ڪوريئڙي جي تاجيءَ تي پروسو ڪجي (١)

اُهو ٻڌي ڪافرن ۽ منافقن باهہ ۾ اچي چوڻ شروع ڪيو تہ قرآن پاڪ جيڪڏهن واقعي الله تعاليٰ جو ڪلام آهي تہ ان ۾ اهڙين حقير شين جا مثال ڇو ذڪر ڪيا ويا آهن؟ اهو الله تعاليٰ جي ڪلام لاءِ مناسب نہ آهي. الله تعاليٰ انهن جي لاءِ فرمايو تہ ڪنهن حقيقت کي واضح ڪرڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ جيڪڏهن مڇر، مک يا ان کان بہ گهٽ شيءِ سان مثال ڏيڻو پوندو تہ الله تعاليٰ ڪنهن جي اعتراض جي ڊپ کان اهڙا مثال ڏيڻ ڇڏي نہ ڏيندو. علامہ قرطبيؒ لکيو آهي تہ لا يستحيي اي لايخشي وقيل لا يترک وقيل لايمتنع (٢)

يعني لايستحيي جي معنيٰ آهي تہ: نہ ٿو ڊڄي يا ان جي معنيٰ آهي نہ ٿو ڇڏي يا نہ ٿو رڪجي. الله تعاليٰ اهڙا مثال ڏيندو رهندو پوءِ جن جي طبعيت سليم آهي سي انهن مثالن جي فائدي کي ڏسي تسليم ڪندا تہ هيءُ بہ الله تعاليٰ جو ڪلام آهي. پر جن جي طبعيت مسخ ٿي چڪي آهي اهي اعتراض ڪندا رهندا تہ هيءُ الله تعاليٰ جو ڪهڙو ڪلام آهي جنهن ۾ مڇر جو ذڪر آهي

"يُضِلُّ بِهٖ" يضل واحد جو صيغو اضلال کان ورتل آهي جنهن جو اصل ضلال آهي الضلال اصله الهلاک يعني ضلال جي اصل معنيٰ آهي هلاڪ ڪرڻ الفاسقين فاسق جوجمع الفسق کان ورتل آهي جنهن جي اصطلاحي، عرفي ۽ شرعي معنيٰ آهي. الخروج من طاعة الله عز وجل - الله تعاليٰ جي تابعداريءَ کان ٻاهر نڪرڻ (٣)

انهن جي ٻي فرمانيءَ جي نوعيت ڪهڙي آهي ان جو تفصيل سان ذڪر اڳتي هن آيت ۾ آيل آهي يعني وعدو ڀڃڻ، اهي اجتماعي ۽ انفرادي تعلقات جن جي ڳنڍڻ جو الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي ڇنڻ، پنهنجي مرتبي ۽ منصب حاصل ڪرڻ لاءِ ظلم، ستم، فتنو ۽ فساد قائم ڪرڻ انهن جا ڪرتوت آهن ۽ جن جا اهي ڪرتوت ۽ ڪم هوندا اهي هلاڪت، تباهيءَ ۽ عذاب کان بچي نہ سگهندا. علامہ روميؒ عليہ الرحمة جن جو فرمان آهي

(١) سورت العنڪبوت رڪوع ۴ پ ٢٠ (٢) تفسير القرطبي ص ٢۴٢ ج١
(٣) تفسير القرطبي ص ٢۴۵ ج١

نقض ميثاق وشكستن توبها
موجب لعنت شود درانتها

يعني وعدو ٽوڙڻ ۽ توبہ ڀڃڻ ڦاڙڻ ۾ لعنت حاصل ڪرڻ جو سبب بنجندا آهن.

كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَكُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ

ڪھڙيءَ طرح انڪار ٿا ڪيو الله جو حالانڪ اوهان مئل هئا پوءِ جيئرو ڪيائين اوهان کي ان کان پوءِ

يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٨﴾

ماريندو اوهان کي ان کان پوءِ جيئاريندو اوهان کي ان کان پوءِ ان ڏانهن موٽايا ويندؤ.

تفسير

هن آيت سڄوريءَ ۾ حيرت ۽ تعجب جو اظهار ڪندي ڪافرن کان پڇيو ٿو وڃي تہ ايترا ظاهري ۽ باطني، آفاقي ۽ انفسي دليل ڏسڻ جي باوجود اوهان ڪيئن ٿا ڪفر ڪيو؟

اَمْوَاتًا: ميت جو جمع آهي ميت جهڙي طرح مري ويل جي لاءِ ڳالهائبو آهي تہ اهڙيءَ طرح بي جان شيءِ کي بہ ميت سڏيو ويندو آهي هن آيت ۾ بہ اها بي جان شيءِ مراد آهي يعني جيڪڏهن انسان پنهنجي اصل حقيقت تي غور ڪري تہ ان جي وجود جي ابتداءِ اهي بي جان ذرا آهن جيڪي ڪجھ منجمد شين جي شڪل ۾ تہ ڪجھ وهندڙ شين جي ۽ ڪجھ غذائن جي صورت ۾ سڄي دنيا ۾ پکڙيل هئا الله تعاليٰ انهن کي گڏ ڪري انهن ۾ ساهہ وڌو ۽ ان کي انسان بنايو هتي بہ ڳالهيون غور ڪرڻ جهڙيون آهن.

١- هڪ تہ جڏهن مقصود الله تعاليٰ جي نعمتن کي بيان ڪرڻ آهي تہ پوءِ موت جو بيان ڇو ڪيو ويو آهي ان جو جواب هي آهي تہ موت هزار نعمتن کان

وڏيڪ نعمت آهي جو فاني زندگيءَ مان ڪڍي ابدي ۽ دائمي زندگيءَ ڏي وٺي هلي ٿو. بلڪ عاشقن جو قول آهي ته الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب - يعني موت هڪڙي پل آهي جيڪا محبت واري کي محبت واري سان ملائيندي آهي.

٢- ته يُحۡيِيۡكُمۡ مان مراد قبر واري زندگي آهي پر ثُمَّ جو لفظ جيڪو دير جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي ان جي ڪري آندو ويو آهي جو مرڻ کان پوءِ انسان جي ڪفن، جنازي جي نماز ۽ دفن ڪرڻ وغيره ۾ دير لڳندي آهي. ان جي ڪري تاخير وارو لفظ آندو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ ٻيو پيرو "ثُمَّ" آڻي آخرت ڏانهن موٽڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ڇو ته قبر ۾ پهچڻ کان پوءِ قيامت جي اچڻ تائين به ڪافي دير لڳندي ۽ "يُحۡيِيۡكُمۡ" مان اهو مسئلو به ثابت ٿيو ته قبر ۾ پهچڻ کان پوءِ حياتي ملي ٿي پوءِ اهو قبر ۾ پهچڻ وارو جيڪڏهن صالح آهي ته نعمتن ۾ هوندو نه ته عذابن ۾ هوندو ۽ قبر وارا ٻڌندا به آهن جيئن حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته "ميت پنهنجي دفن ڪرڻ وارن جي جتيءَ جو آواز ٻڌندو آهي" ۽ اهو به مري وڃڻ کان پوءِ جي قبر واريءَ زندگيءَ جو دليل آهي ۽ قرآن پاڪ جي آيتن ۽ متواتر حديثن مان قبر جو عذاب ثابت آهي جنهن جو ذڪر علامه سيوطيءَ عليه الرحمة ڪتاب شرح الصدور ۾ تفصيل سان ڪيو آهي ومن شاء فليراجعه.

هُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ لَكُمۡ مَّا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا ثُمَّ

اهوئي (الله) آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان لاءِ جيڪو زمين ۾ آهي سڀ - ان کان پوءِ

اسۡتَوٰۤى اِلَى السَّمَآءِ فَسَوّٰٮهُنَّ سَبۡعَ سَمٰوٰتٍ‌ ؕ وَهُوَ

متوجهه ٿيو آسمان ڏانهن پوءِ ٺيڪ ٺيڪ ٺاهيائين انهن کي ست آسمان ڪري ۽ اهو

بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿٢٩﴾

هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

ع٣ ع٣

تفسير

ايندڙ رڪوع ۾ انسان جي پيدائش ۽ ان کي خلافت الٰهيءَ جي منصب ملڻ جو ذڪر اچي رهيو آهي ان جي ڪري اول ان جي شرف ۽ عظمت کي بيان ڪيو ويو تہ زمين ۽ ان جي پيٽ ۾ لڪل مهانگا ۽ گهڻا خزانا، عجيب پوڪون، رسيل ۽ رنگ برنگ ميون وارا سرسبز باغ، وڏا جبل ۽ اونها درياءَ، ڪيترن قسمن جا پکي ۽ چوپايو مال سڀ انسان جي خدمت گذاريءَ لاءِ پيدا ڪيل آهن انسان کي گهرجي تہ انهن کي پنهنجي تصور ۾ رکي ان مان فائدو وٺي پر حق جي واٽ کان هٽيل انسان جي هيٺاهين حال کي ڇا بيان ڪجي حقيقت ۾ جيڪي شيون ان جون خادم آهن هن انهن کي مقصود ۽ حقيقي مطلوب بنايو آهي بلڪ بعضي گندي ذهن انسانن تہ انهن شين کي خدا سمجهي خدائي تخت تي وهاريو آهي انهن جي پوڄا ڪندا انهن کي سجدا ڪندا آهن. جيئن ڪي باهہ جا تہ ڪي پاڻيءَ جا ڪي ڳئون جا تہ ڪي بتن جا پوڄاري آهن. الله تعاليٰ هن آيت ۾ انسان کي ان جي بلند مقام کان واقف ڪري ٻڌايو تہ اهو ائين نہ ڪري پنهنجي حقيقي مالڪ جي عبادت ڪري ان کي راضي بنائي تہ اهي سڀ شيون ان جون خدمت گذار رهنديون.

استويٰ جي لفظ کان پوءِ جيڪڏهن اليٰ جو لفظ ايندو تہ ان جي معنيٰ آهي قصد، ارادو ڪرڻ، متوجهہ ٿيڻ، مقصد هي آهي تہ زمين جي پيدا ڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ آسمانن جي پيدا ڪرڻ جو ارادو فرمايو ۽ پنهنجي ڪامل قدرت ۽ بالغ حڪمت سان ان کي اهڙو ناهيائين جو ان ۾ ڪابہ گهٽتائي يا ڦِڏائي نہ آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ هنن آيتن مان ڪائنات کي پيدا ڪرڻ واري علم جي تفصلين ۽ جزئين کي بيان ڪرڻ مقصد نہ آهي پر هيءُ غرض آهي تہ انسان آسمانن ۽ زمين جي ڪائنات ۾ غور ڪري انهن کي نيست مان هست، عدم مان وجود ۾ آڻيندڙ جي قدرت تي ايمان آڻي. الله تعاليٰ انسانن جي بقا ۽ آرام وٺڻ لاءِ جيترا مڪمل انتظام ڪيا آهن انسان انهن مان فائدو وٺي ۽ ان جي بي پايان عنايتن جو شڪر ادا ڪري. ستن آسمانن جي حقيقت ڪهڙي آهي؟ ان جو تعين ڪرڻ مشڪل آهي انسان هر دور ۾ زمين کان سواءِ آسمان وغيره جي متعلق مختلف تصور قائم

ڪندو رهيو آهي پر اهي بدلجندا رهيا آهن ان جي ڪري هڪ تصور ڪي بنياد قرار ڏئي اهائي قرآن پاڪ جي لفظن جي مفهوم مقرر ڪرڻ صحيح نه ٿيندي بس مختصر ايترو سمجهڻ گهرجي ته زمين ڪان سواءِ جيڪا ڪائنات آهي انهن ڪي الله تعاليٰ ستن طبقن ۾ ورهايو آهي يا ائين چئو ته زمين ڪائنات جي جنهن حلقي ۾ واقع آهي اهو ستن طبقن تي مشتمل آهي باقي جيڪي علم هيئت وارا چون ٿا ته آسمان نو(٩) آهن سو بي دليل ۽ محض خام خيالي آهي(١)

هن آيت مان آسمانن جو وجود ثابت آهي اهڙيءَ طرح انهن جو وجود تورات، انجيل، هندن جي ويد ۽ پارسين جي وساطير ۾ لکيل آهي. مقصد ته هر مذهب جي الهامي يا غيرالهامي ڪتابن ۾ آسمان جو وجود ۽ انهن ۾ تارن جو هجڻ ثابت آهي. ان ڳالهه کي قديم فلاسفر به تسليم ڪندا آيا. بس هڪڙو فلاسفر فيثاغورث هو جنهن آسمان جو انڪار ڪيو هو پر ان وقت جي ٻين فلاسفرن ان کي چريو سڏيو هاڻي وري يورپ ۾ اهو عقيدو هليو آهي ۽ ڪن هندستاني مسلمانن انهن جي تقليد ڪئي آهي. سرسيد احمد خان جي پارٽيءَ وارن ته جنت ۽ جهنم جي ذڪر وارين آيتن جو به غلط تاويل ڪيو آهي ۽ اهو به چيو آهي ته آسمان جو ته وجود ئي نه آهي ۽ مٿي جيڪو آسمان نظر اچي ٿو ان مان مراد نظر ڪٽڻ واري جاءِ آهي ۽ هي تارا وغيره آسمان ڪان سواءِ موجود آهن. مگر مسلمان ڀائرو! خبردار وري وري خبردار سرسيد احمد خان جي پارٽيءَ واري ڳالهه کي مڃڻ سان قرآن پاڪ جو انڪار ٿو ٿئي ۽ مسلمان لاءِ ٻيو ڪو به دليل قرآن پاڪ جهڙو نه آهي اسان جو پڪو عقيدو ۽ ايمان اهو آهي ته آسمان به برحق آهن ۽ انهن ۾ تارا به موجود آهن (٢)

وَإِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ إِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ

۽(ياد ڪر)جڏهن فرمايو تنهنجي رب ملائڪن کي ته بيشڪ مان مقرر ڪندڙ آهيان زمين ۾

خَلِيْفَةً ۗ قَالُوْٓا أَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا

هڪ خليفو چيائون ڇا مقرر ٿو ڪرين ان ۾ ان کي جو فساد ڪندو ان ۾ ۽

(١) معارف القرآن ص ١١٨ ج ١ (٢) تفسير نعيمي ص ٢٤٠ ج ١

وَيَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ

وهائيندو رتن كي؟ ۽ اسين تسبيح ٿا پڙهون تنهنجي حمد سان ۽ پاڪائي بيان ٿا

لَكَ ۖ قَالَ اِنِّيٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٣٠

ڪيون تنهن جي لاءِ، فرمايائين: بيشڪ مان ڄاڻان ٿو جيڪي اوهان نٿا ڄاڻو.

تفسير

هن رڪوع ۾ هڪ ٻئي وڏي احسان جو بيان آهي ۽ اهو آهي انسان جي پيدا ڪرڻ جو ذڪر. ڪائنات جي خالق جنهن اهتمام سان هن خاڪي صورت جي پيدا ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي اهڙو ڪنهن ٻئي مخلوق جو ذڪر نه آيو آهي.

"رَبُّكَ" ۾ رب جو لفظ مضاف ۽ ڪ واحد مخاطب جو ضمير مضاف اليه آهي هي خطاب حضور صلي الله عليه وسلم جن سان آهي يعني تنهن جي رب فرمايو. رب ته سيني جو رب آهي پر هتي پاڻ مالڪ پنهنجي ربوبيت جي نسبت محبوب عليه الصلواة والسلام ڏي ڪري فرمايو آهي ته تنهنجي رب. ان نسبت ۾ جيڪو لطف آهي ان جو صحيح ادراڪ ته صرف محبت ۽ معرفت وارن جو حصو آهي علامه آلوسيءَ بغداديءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته ! ولا يخفي لطف الرب هنا مضافًا الي ضميره صلي الله عليه وسلم بطريق الخطاب وكان في تنويعه والخروج من عامه الي خاصه رمزا الي ان المقبل عليه بالخطاب له الحظ الاعظم والقسم الاوفر من الجملة المخير بها فهو صلي الله عليه وسلم علي الحقيقة الخليفة الاعظم في الخليقة والامام المقدم في الارض والسموات العلي ولو لاه ما خلق آدم بل (ولاولا) ولله تعالي در سيدي ابن الفارض حيث يقول علي لسان الحقيقة المحمدية.

واني وان كنت ابن آدم صورتا- فلي فيه معني شاهد بابوتي(١)

(١) تفسير روح المعاني ص ٢١٨ ج ١

هن عبارت جوخلاصو هي آهي تہ رب جي لفظ جي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪَ خطاب واري ضمير ڏي اضافت ڪرڻ ۾ ان ۾ عام ڪان خاص ڏي نڪري اچڻ ۾ اهارمز آهي تہ مخلوقات ۾ حقيقي خليفو اعظم ۽ زمينن ۽ آسمانن ۾ امام مقدم حضور صلي الله عليہ وسلم جن آهن ۽انهن جو ان ۾ وڏو حصو ۽ ڀاڱو آهي ۽ جيڪڏهن پاڻ نہ هجن ها تہ نہ آدم هجي ها نہ ٻيو ڪو هجي ها ۽ الله تعاليٰ وٽ پلائي آهي سيدي ابن الفارض جيِ لاءِ جنهن محمدي حقيقت جي زبان جو ترجمو هن طرح ڪيو آهي! تہ مان اگرچہ ظاهر ۾ آدم (عليہ السلام) جو پٽ آهيان پر معنوي لحاظ سان اُن ۾ منهنجو پيءُ هجڻ ثابت آهي. علامہ اسماعيل حقيؒ عليہ الرحمة لکيو آهي تہ الله تعاليٰ جو ڪامل خليفو انسان آهي جيڪو وقت جو قطب هوندو آهي. ۽ ان جي وسيلي سڄو جهان قائم رهي ٿو.ابتداءَ ۾ اهو قطب حضرت آدم عليہ السلام هو ۽ آخر ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ٿيندو(جڏهن دنياتي آسمان ڪان لهي ايندو) اهو قطب الله تعاليٰ ڪان فيض وٺي ٻين تائين پهچائيندو آهي(١)

مقصد تہ محمدي حقيقت ئي وسيلن جو بہ وسيلو آهي.

لِلۡمَلَٰٓئِكَةِ ملڪ جوجمع ۽ الوڪة ڪان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي پيغام پهچائڻ ملائڪ الله تعاليٰ جو پيغام ان جي ٻانهن وٽ پهچائيندا آهن اُن جي ڪري انهن تي اهو نالو رکيو ويو آهي ملائڪن جي حقيقت ڇا آهي ان ۾ ايترا تہ مختلف قول آهن جن جوا حاطو ڪرڻ هتي آسان نہ آهي مسلمانن عالمن وٽ انهن جي حقيقت هيءُ آهي انها اجسام لطيفة قادرة علي التّشَڪّل باشڪال مختلفة .يعني ملائڪ لطيف جسم آهن جيڪي مختلف شڪليون اختيار ڪرڻ تي قادرآهن. انهن جي عدد کي بہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ڪي آسمان تي آهن ڪي زمين تي انهن کي انهن جي اصلي شڪل ۾ صرف الله تعاليٰ جا نبيَّ ۽ اولياءِڏسي سگهندا آهن جيئن علامہ آلوسيءَ لکيو آهي:لا يراهم عليٰ ماهم عليہ الاارباب النفوس القدسية،(٢) ڪڏهن ڪڏهن اهڙي جسم ۾ ظاهر ٿيندا آهن جو انهن کي هر عام ۽ خاص ڏسندو آهي مگراها حقيقي

(١) تفسيرروح البيان ص٩٣ ج١ (٢) روح المعاني ص ٢١٩ ج١

صورت ۾ انهن کان جدا نه ٿيندي آهي. علامه موصوف لکيو آهي ته! حتي قيل ان جبرئيل عليه السلام في وقت ظهوره في صورة دحية الكلبي بين يدي المصطفىٰ صلي الله عليه وسلم لم يفارق سدرة المنتهىٰ (۱)
يعني جڏهن جبرئيل عليه السلام حضرت مصطفىٰ صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن جي اڳيان دحية ڪلبيؓ رضي الله عنه جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو ته ان وقت به ان جي حقيقت سدرة المنتهىٰ کان جدا نه ٿيندي هئي. اهڙيءَ طرح علامه سيوطيؒ عليه الرحمة به لکيو آهي ته وكان يدنوا من النبي صلي الله تعالىٰ عليه وسلم حتىٰ يضع ركبتيه عليٰ ركبتيه ويديه عليٰ فخذيه وقلوب المخلصين تتسع للايمان بان من الممكن انه كان يدنوا هذا الدنو وهو في مستقره من السمٰوات(۲)
يعني جبريل عليه السلام نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي تمام گهڻو ويجهو ٿي گوڏا گوڏن سان ملائي پنهنجا هٿ گوڏن تي رکي ادب سان ويهندو هو ۽ اخلاص وارن جون دليون ان ڳالهه لاءِ وسيع آهن ته اها ڳالهه به ممکن آهي جو اهو ايتري ويجهي وهڻ جي باوجود پنهنجي آسمانن واريءَ جاءِ ۾ به هوندو هو.

* فائدو *

مٿين مفسرن ۽ حديث جي شارحن ثابت ڪيو ته جبريل عليه السلام آسمان کان مٿان سدرة المنتهىٰ تي موجود هوندي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ به حاضر هوندو هو. راقم الحروف ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ عرض گذار آهي ته جيڪڏهن جبريل سڳوري لاءِ اهو ممکن آهي ته جبريل عليه السلام ۽ ساري ڪائنات جي سردار صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن جي لاءِ به ممکن بلک واقع آهي جو پاڻ هڪ ئي وقت مختلف جاين تي حاضر ۽ جلوي افروز آهن.

* فائدو *

ملائڪن جو چوڻ ته ڇا زمين ۾ انهن کي تو پيدا ڪرين جيڪي فساد

(۱) تفسير روح المعاني ص۲۱۹ج۱
(۲) تنوير الحوالك شرح موطا امام مالک ص١٦ج١

ڪندا؟ سو اعتراض طور نه- پر پڇڻ، سمجھڻ ۽ زياده وضاحت ڪرائڻ جي ارادي سان هو. نه ته ملائڪن کي ڪهڙي مجال آهي جو الله تعاليٰ تي اعتراض ڪن. الله تعاليٰ کين واضح ڪري ٻڌايو ته انهن جي پيدائش ۾ صرف فساد واري پاسي نظر رکڻي نه آهي، پر انهن جي اصلاح ۽ عبادت وارو پاسو به آهي، جنهن کي مان ڄاڻان ٿو، اوهان ڪو نه ٿا ڄاڻو.

حقيقت ۾ ملائڪن سڀني کي هر ڪو ماڻهو نه ٿو ڏسي سگهي،ڇو ته مختلف شين جو شعور ۽ ادراڪ هڪ ئي قوت سان نه ٿوٿي سگهي بلڪ مختلف قوتون مختلف شين جو ادراڪ ڪنديون آهن. رنگ اک سان ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ گرمي ياسردي هٿ لڳائڻ سان. اکين کان انڌو ماڻهو جيڪڏهن ڳاڙهو ۽ اڇو نه ٿو ڏسي سگهي ته اهو پاڻ معذور آهي، پر ان کي اهو حق نه آهي جو ڳاڙهي يااڇي جو صفا انڪار ڪري ويهي. اهڙيءَ طرح ملائڪن جو تعلق روح سان آهي، جيڪڏهن ظاهري حواس انهن کي نه ٿا ڏسي سگهن ته اهو انهن نه ڏسڻ وارن جو پنهنجو قصور آهي يا اهي معذور آهن. مگر انهن کي ملائڪن سڀني جي وجود جي انڪار ڪرڻ جو ڪو حق نه آهي.

خَلِيْفَةً – هتي خليفه مان مراد حضرت آدم عليه الصلواة والسلام آهي پر اهي ٻيا انسان به ان ۾ داخل آهن جيڪي سندس طريقي تي هلن. جن کي الله تعاليٰ جي احڪام جاري ڪرڻ، قضا هلائڻ،ٻانهن کي هدايت ڪرڻ، الله تعاليٰ ڏي ڇڪڻ ۽ ان جي قرب جا مرتبا ڏيڻ لاءِ خليفو مقرر ڪيو ويو آهي انهن ۾ سڌو الله تعاليٰ جي امرن وٺڻ جي طاقت نه هئي. ان جي ڪري وچ ۾ خليفي کي واسطي طور آندو ويو (١)

* سوال *

الله تعاليٰ ملائڪن کي جو ٻڌايو ته مان زمين ۾ خليفو ٿو پيدا ڪيان اهو انهن کان مشورو ٿي ورتائين ڇا؟

(١) تفسير ابن ڪثير ص٧٠ج١ ومظهري ص٤٦ ج١

* جواب *

نہ- مشوري وٺڻ لاءِ نہ پرالله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ارادي کان انهن کي آگاه ٿي فرمايو.

غور طلب ڳالهيون

هتي هي ٻہ ڳالهيون سمجهڻ گهرجن ١-هڪ تہ خليفو ڇا کي چئجي؟
٢- ٻيو تہ انسان کي خلافت جو منصب ڇو عطا ٿيو؟

سمجهڻ گهرجي تہ خليفو اهو آهي جو ڪنهن جي ملڪ ۾ نائب جي حيثيت سان ان جي حڪمن جي مطابق عمل ڪرائي. انسان کي ان منصب ۽ مرتبي لاءِ چونڊڻ جو وجہ هي آهي تہ انسان کان سواءِ جيتري مخلوق آهي ان جي لياقت، علم ۽ ان جي عمل جو دائرو محدود آهي ۽ محدود دائري وارو ان پاڪ ذات جو جنهن جو علم، ارادو، احڪام ۽ تصرف غير محدود آهي، خليفو نہ ٿو ٿي سگهي. پر انسان جيڪو ابتداء ۾ ضعيف بہ آهي تہ جَهُول بہ آهي، ان ۾ الله تعاليٰ بي نهايت لياقت ، عقل ۽ فهم جون اهي قوتون امانت رکيون آهن، جن جي تصرف کي ڏسي حيرت ٿيندي آهي. ان جي ڪري سموري مخلوقات ۾ صرف هيءَ هڪ مخلوق آهي جيڪا خلافت جي منصب تي رهڻ جي اهليت رکي ٿي. رباني عالمن هن مٽيءَ جي مٺ ۾ لڪل طاقتن تان جهڙي نموني پردو کنيو آهي انساني نفسيات جا ماهر ان جي دزڪي بہ نٿا پهچي سگهن. عارف، ڪامل، علامہ اسماعيل حقيءَ عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ انسان جيڪو مختلف عنصرن مان ٺهيل آهي ان جي صورت جو تعلق محسوس جهان سان آهي ۽ ان ۾ ملڪوتي،غير محسوس، غيب جي جهان مان بہ روح آهي. ان ۾ انوار الاهيءَ جي فيض قبول ڪرڻ لاءِ استعداد رکڻ وارو راز بہ آهي. اهو تربيت سان عالمِ شهادت کان عالمِ غيب (ملڪوت) ڏي ترقي ڪندو آهي ۽ متابعت جي راز ۽ ان جي خصوصيت سان عالمِ ملڪوت کان عالمِ جبروت ۽ عظموت (غيب الغيب) ڏانهن وڌندو آهي ۽ متابعت جي اسرار مان حاصل ڪيل نور

سان قدرتي جمال ۽ جلال جا انوار ملاحظو ڪندو آهي ۽ حق جي خلافت ۾ عالما للغيب والشهادة (ظاهر ۽ ڳجهہ جو ڄاڻندڙ) بنجندو آهي. جيئن مالڪ مٿي جوفرمان آهي "عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلَىٰ غَيْبِهِ أَحَدًا" اي الغيب المخصوص به وهو غيب الغيب "- غيب جو ڄاڻندڙ پوءِ پنهن جي مخصوص غيب تي ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ ڏيندو آهي "إِلَّا مَنِ ارْتَضَىٰ مِن رَّسُولٍ" (مگر رسولن (عليهم الصلواة والسلام) مان جنهن کي برگزيدو بنائي) ان کي ڄاڻ ڏيندو آهي. هتي مراد بہ اهوئي مخصوص غيب آهي جنهن جي ملائڪن کي بہ ڄاڻ نہ ڏيندو آهي. مگر انسانن مان آيل پنهنجن برگزيدن پيغمبرن سڳورن عليهم السلام کي ان لڪل رازن جي خبرڏيندو آهي ۽ اهي ئي اسرار آهن جن کي ملائڪ نہ ڄاڻندا آهن(١)

جيڪي ماڻهو انسان کي صرف مٽيءَ جو پتلو سمجهندا آهن اهي جيڪڏهن ان جي حقيقت کان واقف ٿي غور ڪن تہ انهن ۾ پنهنجي بلند مقام تي پهچڻ جو جذبو ۽ تڙپ پيدا ٿئي. هيءُ انسان اهو ذرو آهي جنهن جي اڳيان آسمان جون بلنديون بہ جهڪيل آهن ۽ هيءُ اهو قطرو آهي جنهن ۾ سمنڊ جهڙيون اونهايون آهن.

حضرت آدم عليه السلام کي پيدا ڪرڻ جو بيان

الله تعاليٰ ملڪ عزرائيل هٿان زمين جي چئني طرفن جي مٽيءَ کي مڪي پاڪ ۽ طائف جي وچ ۾ نعمان نالي واديءَ ۾ رکائي ان کي پنهنجي قدرتي هٿ سان چاليهہ ڏينهن ڳوهيو. ان مٽيءَ تي اوڻيتاليهہ سال غمن جو ۽ هڪ سال خوشيءَ جومينهن وسايو. علامہ حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: امطر عليه مطر الحزن تسعا وثلاثين سنة ثم امطر عليه مطر السرور سنة واحدة(٢)

يعني ان تي اوڻيتاليهہ (٣٩) سال ڏکن جو ۽ هڪ سال خوشيءَ جو مينهن وسايائين. ان مٽيءَ مان حضرت آدم عليه السلام جو بوتو سٺ گز ڊگهو بنايائين ۽

(١) تفسير روح البيان ص٩٨ج١ (٢) تفسيرروح البيان ص٩٩ ج١

اهو بوتو كيترا ڏينهن ان نعمان واديءَ ۾ پيو هو. شيطان ان بوتي ڏي نهاري اتاهين كان نفرت جو آغاز كيو. ان كان پوءِ الله تعاليٰ آدم عليه السلام ۾ پنهنجو روح ڦوكيو، جيكو الله تعاليٰ جي حكم جي اڳيان كجهه كري نه سگهيو، پر ان بوتي ۾ وڃڻ لاءِ راضي به نه هو. الله تعاليٰ كيس فرمايو ته جيئن زور سان اندر ويو آهين تيئن ان مان توكي كڍيو به زور سان. جڏهن حضرت آدم عليه السلام جي ان بوتي ۾ روح آيو ته چيائين اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ ملائكن سڳورن ٻڌي چيو يَرۡحَمُكَ اللّٰہُ (الله توتي رحمت كري) پوءِ الله تعاليٰ آدم عليه السلام كي بهشتي وڳو پارائي ان جي پيشانيءَ ۾ محمدي نور ركايو جيكو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر ان ۾ چمكندو هو. الله تعاليٰ كيس آسمانن جو سير كرايو. الله تعاليٰ جي دربار ۾ ايترو ته پيارو هو جو ان كي پنهنجي اسرار جو مظهر ۽ انوار وتجليات جو مركز بنايائين (١)

جڏهن حضرت آدم عليه السلام ۾ روح وڌو ويو ۽ ان متي نهاريو ته عرش عظيم تي لا اله الا الله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم لكيل ڏٺو هئائين ۽ ان محبوب عليه الصلواة والسلام جي نالي مبارك جي صدقي ۾ كيس معافي ملي هئي. ان جو تفصيل آيت مبارك فَتَلَقّٰۤي اٰدَمُ مِنۡ رَّبِّہٖ "آية جي تفسير ۾ ايندو انشاءَ الله تعاليٰ.

وَعَلَّمَ اٰدَمَ الۡاَسۡمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمۡ عَلَى

۽ سيكاريائين آدم كي نالا سيئي ان كان پوءِ پيش كيائين انهن كي ملائكن جي

الۡمَلٰٓئِكَةِ فَقَالَ اَنۡۢبِـُٔوۡنِىۡ بِاَسۡمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنۡ

اڳيان پوءِ فرمايائين ته خبر ڏيو مون كي نالن هنن شين جي جيكڏهن آهيو سچا

كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٣١﴾ قَالُوۡا سُبۡحٰنَكَ لَا عِلۡمَ لَنَا

عرض كيائون ته پاكائي آهي تنهنجي ناهي كو علم اسان كي مگر جيكي تو

(١) تفسير تنوير الايمان ص ٤٣ پ ١

إِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ۖ إِنَّكَ أَنْتَ الْعَلِيمُ الْحَكِيمُ ﴿٣٢﴾

سيکاريو اسان کي بيشڪ تون ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهين.فرمايائين: اي آدم

قَالَ يَا آدَمُ أَنْبِئْهُمْ بِأَسْمَائِهِمْ ۖ فَلَمَّا أَنْبَأَهُمْ

خبر ڪر انهن کي نالن انهن (شين جي) جي پوءِ جڏهن خبر ڪيائين انهن کي نالن

بِأَسْمَائِهِمْ قَالَ أَلَمْ أَقُلْ لَكُمْ إِنِّي أَعْلَمُ غَيْبَ

انهن جي جي تہ فرمايائين: ڇا مون اوهان کي چيو نہ هو تہ بيشڪ مان ئي ڄاڻان

السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَأَعْلَمُ مَا تُبْدُونَ وَمَا كُنْتُمْ

تو ڳجهہ آسمانن ۽ زمينن جا ۽ ڄاڻان ٿو جيڪي ظاهر ٿا ڪيو. ۽

تَكْتُمُونَ ﴿٣٣﴾

جيڪي لڪايو ٿا

تفسير

الله تعاليٰ حضرت آدم عليه السلام جي شان کي ملائڪن سڳورن جي اڳيان ظاهر ڪرڻ جي لاءِ حضرت آدم عليه السلام کي سيني شين جا نالا سيکاريا. حضرت ابن عباس ، عڪرمه، قتاده ، ابن جبير رضي الله تعاليٰ عنهم جن هن آيت جي تفسير ۾ فرمايو آهي تہ علمه اسماءَ جميع الاشياءِ جليلها وحقيرها (١)

يعني سيني وڏين ۽ ننڍين شين جا نالا ان کي سيکاريائين ۽ خلافت جي منصب جي تقاضا بہ اها هئي تہ ان کي سيني شين جو علم عطا ڪيو وڃي. علامه

(١) تفسير القرطبي ص ٢٨٢ ج ١

آلوسيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: والحق عندي ما عليه اهل الله تعاليٰ وهو الذي يقتضيه منصب الخلافة الذي علمت وهو انها اسماء الاشياء علوية او سفلية جوهرية او عرضية(١)

يعني مون وٽ حق اهو آهي جنهن تي الله تعاليٰ جا پيارا ٻانها آهن ۽ اها ئي خلافت جي ان منصب جي تقاضا بہ آهي جيڪو تو ڄاتو آهي. ۽ اهو هيءُ آهي تہ اهي سڀني شين جا نالا هئا علوي هجن يا سفلي جو هري هجن يا عرضي.

علامه پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ:علمه اسم کل شيء حتي القصعة والقصيعة وقيل اسم ما کان ويکون الي يوم القيامة(٢)

يعني آدم عليه السلام کي الله تعاليٰ هر شيءِ جي نالي جو علم ڏنو تانجو ڪائڻ پيئڻ وارن پيالن ۽ پيالين جا نالا بہ سيکاريا ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ جيڪي قيامت تائين ٿيا يا ٿيندا انهن سڀني جي نالن جو علم کيس عطا فرمايائين. نور العرفان جي صاحب لکيو آهي تہ الله تعالي سڀ شيون آدم عليه السلام کي ڏيکاري پوءِ انهن جا نالا کيس سيکاريا هئا نہ تہ پيش ڪرڻ جو مطلب ڇا؟ ۽ هن آيت مان هيءَ ڳالهہ بہ ثابت ٿي تہ نبي سڳوري عليه الصلاة والسلام جي اڳيان جيڪا شي پيدا ٿيل نہ آهي سا بہ پيدا ٿيل وانگر آهي ڇو تہ اهي شيون سڀ اڃان پيدا نہ ٿيون هيون معدوم هيون پر ملائڪن سڳورن ۽ حضرت آدم عليه الصلاة والسلام جي اڳيان آنديون ويون ۽ انهن کي ڏيکاري انهن شين جي نالن جي تعليم ڏني وئي. (٣)

* حضرت آدم عليه السلام جي نالي جي معنيٰ ۽ ان نالي رکڻ جو سبب *

آدم عربي لفظ اديم الارض کان ورتل آهي يعني زمين جو منهن. پاڻ مٽيءَ جي مختلف نمونن مان پيدا ڪيو ويو ان جي ڪري ان کي آدم سڏيو ويو (٤)

(١) تفسير روح المعاني ص ٢٢٤ ج ١
(٢) تفسير مظهري ص ٤٧ ج ١
(٣)نور العرفان حاشية القرآن ص ٩
(٤) تفسير روح المعاني ص ٢٢٣ ج ١

* فائدو *

حضرت آدم عليه السلام جي لاءِ فرمان آيو ته "وَعَلَّمَ آدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا" ان "كل" جي لفظ ۾ وڏي وسعت بيان ٿيل آهي. دنيا ۾ اول کان آخر تائين ڪئين ٻوليون استعمال ٿيون ۽ ٿينديون هر هڪ ٻوليءَ جا حرف، نقش، الفاظ جدا جدا آهن ۽ هر هڪ ٻوليءَ ۾ ڪيترن نمونن سان ڳالهايو تو وڃي. دنيا ۾ شيون به ڪروڙين آهن ۽ انهن جون لکين صفتون آهن ۽ هر هڪ صفت جا ڪئين نالا آهن. ۽ هر نالي کي لکڻ پڙهڻ جا ڪئين طريقا آهن. مثال پاڻي ان کي اردو ۾ پاني، فارسيءَ ۾ آب،عربي ۾ ماءُ ، هندي ۾ جل، انگريزي ۾ واٽر سڏيو ويندو آهي. اهڙي لحاظ سان هر شيءِ لاءِ سوچيو ته اهي سڀ نالا سڀن ٻولين ۾ حضرت آدم عليه السلام کي سيکاريا ويا. ۽ انسان جي علم جي صورت اصل ۾ اها ئي آهي ته اهو نالن جي ذريعي شين جي علم کي ذهن ۾ آڻيندو آهي ان جي ڪري انسان جي سموري معلومات انهن شين جو علم ڏيڻو آهي. ملائڪن سڀني جو قول"لَا عِلْمَ لَنَا اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا" مان ثابت آهي ته هر هڪ ملائڪ بلڪ ملائڪن جي هر ٽوليءَ جو علم ان شعبي تائين محدود آهي جنهن سان انهن جو تعلق آهي مثال طور جيڪي هوا جي انتظام سان متعلق آهن اهي هوا جي متعلق سڀ ڪجهه ڄاڻن ٿا. پر انسان ذات کي الله تعالىٰ جامع علم عطا ڪيو آهي جيڪو هڪڙو ئي ڪيترن شعبن جي ڄاڻ رکي ٿو.

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ

۽(ياد ڪر)جنهن وقت چيوسون ملائڪن کي ته سجدو ڪيو آدم کي پوءِ سجدو

اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ۫ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۴﴾

ڪيائون سواءِ شيطان جي - انڪار ڪيائين ۽ تڪبر ڪيائين ۽ هو ڪافرن مان .

تفسير

جڏهن ملائڪن حضرت آدم عليه السلام جي علم جي وسعت ڏٺي ۽ پنهنجي عاجز هجڻ جو اعتراف ڪيو ته الله تعالي انهن کي آدم عليه السلام جي اڳيان سجدي ڪرڻ جو حڪم فرمايو سجدة جي لغوي معني آهي پاڻ کي گهٽ سمجهي نوڙت ڪرڻ ۽ شرعي اصطلاح ۾ پيشاني زمين تي رکڻ کي سجدو سڏيو ويندو آهي. (١) (عبادت جي نيت سان)

بعضي علماءِ وٽ الله تعالي جي هن فرمان ۾ سجدي جي لغوي معنيٰ مراد آهي جو ملائڪن کي حڪم ڪيو ويو هو ته حضرت آدم عليه السلام جو ادب ۽ احترام ڪن پر جمهور علماءِ وٽ سجدي مان مراد ان جي شرعي معنيٰ آهي. سجدي ڪرڻ جون ٻه صورتون آهن. هڪ ته سجدي ڪرڻ وارو اهو عقيدو ۽ نيت رکي ته جنهن جي اڳيان مان پيشاني جهڪائي رهيو آهيان اهو منهنجو الله آهي. اهڙو عقيدو رکي سجدو ڪرڻ عبادت آهي ۽ عبادت خاص الله وحده لا شريڪ له جي لاءِ آهي جيڪو ساري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت ڪرڻ ڪنهن به نبي سڳوري جي وقت ۾ جائز نه هئي بلڪ سيني نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي موڪلڻ جو اولين مقصد ئي اهو هو ته انسان ذات کي صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي عبادت جو حڪم ڏين ۽ ٻين جي عبادت کان منع ڪن. پوءِ جنهن شيءِ کان روڪڻ لاءِ کين موڪليو ويو انهيءَ جي اجازت ڪيئن ڏيندا؟ يا پاڻ اهو ڪم ڪيئن ڪندا؟ ٻي صورت اها آهي جو جنهن جي سامهون سجدو ڪيو ٿو وڃي سو صرف ان جي عزت ۽ احترام لاءِ ـ نه عبادت جي لاءِ ان سجدي کي سجدة التحية سڏيندا آهن اهو اڳين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي شريعتن ۾ جائز هو. پر اسان جي نبي سيد المرسلين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ته ان کان به منع ڪئي آهي. هاڻي محمدي امت کي ته اهو سجدو ڪرڻ به حرام آهي.

(١) تفسير ڪبير ص ٢١٣ ج ١ جزءِ ٢

فائدو

هيءَ عزت ۽ سرفرازي جيڪا حضرت آدم عليه السلام کي نصيب ٿي هئي ان جو سبب تڪويني علم هو. يعني سيني شين جو ۽ انهن جي خاصيتن ۽ اثرن جو علم جيڪو ان کي مليو هو پر سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته جنهن امت جي آسماني ڪتاب قرآن پاڪ ۾ حضرت آدم عليه السلام جي برتريءَ، بلنديءَ ۽ پلي هجڻ جو راز اهو ٻڌايو ويو هجي ته ان کي ڪائنات جي مخفي ۽ سربسته رازن کان واقف ڪيو ويو هو اها امت جيڪڏهن پاڻ علم کان محروم، حڪمت کان خالي ۽ اڻ واقف هجي ته اها سندن بدبختي آهي. دنيا ۾ جيترا به مذهبي صحيفا موجود آهن ڪنهن ۾ به ايتري وضاحت ۽ اهتمام سان حضرت آدم عليه السلام جو ذڪر ۽ ان جو مقام بيان ڪيل نه آهي جيترو قرآن پاڪ ۾. هاڻي اسين پنهنجي بخت جي ڦٽل هجڻ کان سواءِ ڪنهن کي ملامت ڪيون. اسان جا ڪيترا مسلمان پائر ا.ب.ت.ث به پڙهيل نه آهن ۽ جيڪي علم وارا آهن انهن علم کي پيٽ پالڻ جو ذريعو سمجهيو آهي. اهو سج الاءِ ڪڏهن ايرندو جڏهن مسلمان پنهنجي مقام کي سڃاڻندا الاءِ ڪڏهن اسان آرام جي يارن کي حضرت روميءَ جو راز ۽ علامه رازيءَ وارو علمي مقام حاصل ٿيندو اسين مطالعي جي ميز کان ايترو پري آهيون جو ان تي ذوڙ ڄمي وئي آهي. ۽ اسان جي عيش ۽ عشرت جي جاين ۾ روشني ۽ تازگي جا سيلاب هلي رهيا آهن. اسان جون تيز نگاهون جيڪي آسماني ستارن جو پيڇو ڪنديون هيون هاڻي بيڪار بڻجي چڪيون آهن اسان جا ديني ادارا اهڙن عالمن کان خالي آهن جيڪي دنيا جي لذت کان ڪنارو ڪري تحقيق جي ڇريءَ سان ڪائنات جي هر شيءِ جي دل کي چيريندا هئا. ۽ کوجنا ڪري انهن ۾ لڪل اثر ۽ قوتون حاصل ڪندا هئا ۽ انهن کان وڏيڪ حيرت ۾ وجهندڙ بلڪ نفرت ڪرڻ جي لائق اهو آواز آهي جيڪو بعضي حلقن کان توحيد جي نالي تي بلند ڪيو ويندو آهي ته الله تعاليٰ جي نبي صلي الله عليه وسلم کي تشريعي علم ڏنل هو تڪويني علم سان نبي صلي الله عليه وسلم جن جو ڪهڙو واسطو؟

ان طريقي سان حضور صلي الله عليه وسلم جن جي علم جي بي پايان

وسعتن کي تمام گهٽو تنگ ڪرڻ جي لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائيندا آهن.
حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي تڪويني علم مليو ته انهن وٽ انڪار نه آهي پر حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي علم لاءِ انهن وٽ انڪار ئي انڪار آهي.

ديلميءَ حضرت ابو رافع رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "مُثِّلَتْ لِيْ اُمَّتِيْ فِي الْمَآءِ وَالطِّيْنِ وَعَلِمْتُ الْاَسْمَآءَ كَمَا عَلِمَ آدَمُ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا" (١)

يعني منهنجي امت پاڻيءَ ۽ مٽيءَ ۾ مون کي مثال ڪري ڏيکاري وئي. ۽ مونکي (سيني) شين جي نالن جو ائين علم ڏنو ويو جيئن آدم (عليه السلام) کي سيني شين جو علم ڏنو ويو هو. ان روايت ۾ ڪيتري نه وضاحت آهي. شال الله تعاليٰ انهن کي به سمجهه عطا ڪري، محبوب عليه الصلواة و السلام جي محبت ۽ عشق ۾ فنا ڪري ۽ حبيب عليه الصلواة والسلام جي گستاخن جي صحبت کان سيني مسلمانن کي محفوظ رکي.

* ابليس لفظ جي معني *

ابليس افعيل جي وزن تي الابلاس کان مشتق آهي. ابلاس جي معنيٰ آهي نااميد ٿيڻ، غمگين ۽ پشيمان ٿيڻ. جڏهن ته شيطان الله تعاليٰ جي رحمت کان هميشه لاءِ مايوس نااميد آهي ان جي ڪري ان جو اهو نالو رکيو ويو آهي. ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ ابن الانباريءَ سيدنا ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته: انما سمي ابليس لان الله ابلسه من الخير کله، آيسه منه (٢)
يعني شيطان جو نالو ابليس ان جي ڪري رکيو ويو آهي جو الله تعاليٰ ان کي هر خير کان نااميد ڪري ڇڏيو آهي اصطلاح ۾ ابليس ان جنّ جو نالو آهي جنهن الله تعاليٰ جي حڪم جي نافرماني ڪئي هئي ۽ حضرت آدم عليه السلام جي اڳيان سجدي ۽ ان جي اولاد لاءِ مسخر ۽ مطيع هجڻ کان انڪار ڪيو هو. ۽ ان انسانن کي گمراهه

(١) تفسير الدر المنثو رص ١٢١ ج ١ (٢) حوالو ساڳيو ص ١٢٣ ج ١

ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ ڪان مهلت گهري هئي. ان ڪي شيطان بہ چوندا آهن حقيقت ۾ ابليس يا شيطان خالص هڪ قوت جو نالو نہ پر هڪ مقرر وجود آهي. اصل ۾ اهو ملائڪن مان نہ پر جنن مان هو "كَانَ مِنَ الْجِنِّ" (١) " جنن مان هو".

قرآن پاڪ جو چٽو فرمان آهي. ۽ جنّ ملائڪن کان جدا مستقل مخلوق آهن. "كَانَ مِنَ الْكَافِرِيْنَ" (ڪافرن مان هو) ان مان بہ ٻگالهيون مراد آهن: هڪ تہ اهو الله تعاليٰ جي علم ۾ ڪافرن مان هو. يعني الله تعاليٰ کي اها خبر هئي تہ سندس حڪم جو انڪار ڪري ڪافر ٿيندو. ٻيو تہ ان وقت جنن جي هڪ جماعت ڪافر هئي ۽ هن جو تعلق انهن سان هو.

وَقُلْنَا يَآ اٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا

۽ چيو اسان تہ اي آدم! رهہ تون ۽ تنهنجي زال بهشت ۾ ۽ کائو

مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا ۖ وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ

ان مان ڪشاديءَ طرح جتي بہ گهرو ۽ نہ ويجها وڃو هن وڻ کي

فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٥﴾

پوءِ ٿي پئو ظالمن مان.

تفسير

الله تعاليٰ ملائڪن سڀني کي سجدي ڪرڻ لاءِ فرمايو سيني سجدو ڪيو مگر شيطان حسد جي ڪري سجدو نہ ڪيو ۽ چيائين تہ مان هن کان پلو آهيان جو مون کي توباهہ مان پيدا ڪيو آهي ۽ آدم (عليه السلام) کي مٽيءَ مان. رب العالمين جل شانه ان حاسد کي سزا ڏيندي لعنتي بنايو ۽ حضرت آدم عليه السلام

(١) سورة ڪهف رڪوع ٧ پ ١٥

جي عزت افزائي ڪندي ان کي فرمايو تہ تون ۽ تنهنجيَ زال جنت ۾ رهو جنت ۾ اوهان کي هر شيءِ جي کائڻ پيئڻ جي اجازت آهي جيڪي وڻيوَ ڄيٽي وڻيوَ کائو، پيئو فقط هن وڻ (جنهن جو نالو ظاهر نہ ڪرڻ ۾ الله تعاليٰ جي عظيم حڪمت هئي) جي ميوي کي کائجو تہ نہ پر هن وڻ کي ويجها بہ نہ وڃجو. ۽ جيڪڏهن ان مان کائيندؤ تہ پوءِ اوهان پاڻ سان ظلم ڪندڙن مان هوندؤ. حضرت آدم عليه السلام جي زال جو نالو حوا آهي. (۱)

ابن سعد ۽ ابن عساڪر حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي تہ انما سميت حواء لانها ام ڪل حي يعني سندس نالو حوا ان جي ڪري رکيو ويو آهي جو اها هر جيئري انسان جي ماءُ آهي.

اسحاق بن بشر ۽ ابن عساڪر عطاءَ کان هڪ ڊگهي روايت ۾ آندو آهي تہ بيبي حوا جو نالو حوا ان جي ڪري رکيو ويو جو اها حي (جيئري) حضرت آدم عليه السلام جي پاسريءَ مان پيدا ڪئي وئي هئي.

ابن ابي حاتم اشعث همدانيءَ کان روايت آندي آهي تہ حضرت بيبي حوا سائڻ جي پيٽ ۾ جڏهن ٻار ٿيندو هو تہ سندس صفائيءَ جي ڪري اهو ٻار ڏسڻ ۾ ايندو هو تہ پٽ آهي يا ڌيءُ (۲)

فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطَانُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا

پوءِ ترڪايائين انهن ٻنهي کي شيطان ان (بهشت) مان ۽ ڪڍيائين انهن ٻنهي کي ان

فِيْهِ وَقُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ وَلَكُمْ

مان ۽ چيوسون تہ لهو (بهشت مان) بعض اوهان جو دشمن آهي بعض لاءِ ۽ اوهان لاءِ

فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۳۶﴾

زمين ۾ رهڻ جي جاءِ ۽ سامان آهي مقررو وقت تائين

(۱) طبقات ابن سعد ص ۳۹ ج ۱ (۲) تفسير الدر المنثور ص ۱۲۸ ج ۱

تفسير

حضرت آدم عليه السلام جي اڳيان تعظيم جو سجدو نہ ڪرڻ جي ڪري جڏهن شيطان تڙجي ويو ۽ آدم عليه الصلواة والسلام کي الله تعاليٰ بهشت ۾ رهائي ان جي عزت ۽ احترام ڪرايو تہ شيطان حسد ۾ سڙندي حضرت آدم ۽ بيبي حوا سائڻ کي جنت مان ڪڍڻ جي لاءِ مڪر سوچڻ شروع ڪيا. حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ "جڏهن الله تعاليٰ آدم عليه السلام جي بهشت ۾ صورت بنائي ۽ ڪجهہ وقت جيستائين سندس گهُر هئي کيس ان حال ۾ اتي ڇڏيائين تہ ابليس سندس چوڌاري ڦرندو ۽ ڏسندو رهيو پوءِ جڏهن ان جو پيٽ اندران خالي ڏٺائين تہ سمجهي ويو تہ هيءَ اهڙي مخلوق آهي جيڪا پنهنجي وس ۾ نہ هوندي (يعني ڪاوڙ، غصي ۽ شهوت وقت پنهنجي نفس تي بني آدم اختيار نہ رکي سگهندو ۽ نڪي وهمن ۽ وسوسن جي ٽارڻ جي قوت رکندو) تنهن ڪري مان هن تي ڪامياب ويندس. (١)

ان شروعات واري حالت کي ياد ڪندي شيطان حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ۽ بيبي حوا سائڻ سان قسم کنيا تہ مان اوهان جو خيرخواه ۽ اوهان لاءِ ڀلائي سوچيندڙ آهيان. الله تعاليٰ اوهان کي جو هن وڻ (بقول بعض جي ڪڻڪ جو وڻ هو) کي ويجهي وڃڻ کان جهليو آهي سو ان جي ڪري آهي جو جيڪو ان مان کائيندو سو يا ملائڪ ٿيندو يا بهشت ۾ هميشه رهندو. نہ اوهان مان ڪو ڪائي نہ هميشہ رهي يا ملائڪ ٿي پوي.حضرت آدم عليه السلام کي الله تعاليٰ ان وڻ جي ويجهي وڃڻ کان منع ڪرڻ سان گڏ اهو بہ ٻڌايو هو تہ شيطان اوهان جو دشمن آهي. مگر اهو سندن ذهن مان نڪري ويو. جيئن الله تعاليٰ سورة طٰهٰ ۾ ٻڌايو آهي. پوءِ ٻنهي زال ۽ مڙس ان وڻ جو ميوو کاڌو ان ارادي سان تہ جنت ۾ هميشه رهون يا ملائڪ بنجون ۽ اهو کائڻ سندن بهشت مان نڪرڻ جو سبب بنيو. جڏهن تہ الله تعاليٰ جو تڪويني امر اهو هو تہ انسان زمين ۾ رهن ۽ منهنجي قانون ۽ فرمان سان

(١) مشڪواة المصابيح ص٥٠٦

ان کي آباد ڪن ان جي ڪري آدم عليه السلام، سندس گھرواريءَ ۽ سندن دشمن شيطان کي بہ الله تعاليٰ هيٺ زمين تي لاٿو. ۽ انهن کي ٻڌايائين تہ هيءُ اوهان جو دشمن آهي اوهان بہ هن کي دشمن ڪري وٺجو.

نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام
جي معصوم هجڻ جو مسئلو

جميع اهلسنت جو هيءُ عقيدو ۽ ايمان آهي تہ سيئي نبي سڳورا عليهم الصلواة والسلام معصوم آهن انهن کان ڪو بہ وڏو يا ننڍو گناهہ نہ ٿيو آهي بلڪ ٿي سگهڻ ممڪن ئي نہ آهي محال آهي. جيڪڏهن هو اهڙي ڪنهن بہ ڪم جو ارادو ڪندا آهن جيڪو ظاهري طرح ڏسڻ ۾ گناهہ سمجهيو ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان کان بہ ڪين منع ڪندو آهي. قرآن پاڪ جي عظيم مفسر علامه قرطبيءَ عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ: قال جمهور من الفقهاءِ من اصحاب مالک وابي حنيفۃ والشافعي انهم معصومون من الصغائر کلها کعصمتهم من الکبائر اجمعها لانا امرنا باتباعهم في افعالهم وآثارهم وسيرهم مطلقا (١)

يعني مالڪي، حنفي، شافعي مذهب جي جمهور علماء جو چوڻ آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام سڀني ننڍن گناهن کان بہ اهڙيءَ طرح پاڪ آهن جيئن جميع وڏن گناهن کان. ڇو تہ اسان کي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي اتباع جو مطلقا حڪم ٿيل آهي. جيڪڏهن معاذ الله انهن کان ڪو بہ گناهہ صادر ٿئي ها تہ ان گناهہ جي بہ اتباع ڪرڻ لازم ٿئي ها جنهن سان هدايت جو سمورو انتظام درهم برهم ٿي وڃي ها.

* سوال *

قرآن پاڪ ۾ ڪيترين جاين تي انبياءِ ڪرام عليهم السلام ڏانهن اهڙا ڪم نسبت ڪيل آهن جيڪي ظاهر ۾ گناهہ آهن ۽ انهن نبين سڳورن عليهم

(١) تفسير قرطبي ص ٣٠٨ ج ١ و زرقاني شرح المواهب اللدنيه ص ٥٧ ج ١

الصلواة والسلام جي ان تي سخت پشيماني ۽ استغفار بہ بيان ٿيل آهي پوءِ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو چيو وڃي تہ اهي مطلقا معصوم آهن؟

* جواب *

هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪو بہ ڪم ان وقت گناهہ هوندو آهي جڏهن ان حڪم جي نافرمانيءَ جو عزم ۽ پڪو ارادو ڪيل هجي پر جيڪڏهن عزم ۽ ارادي کان سواءِ ڪو اهڙو ڪم سرزد ٿئي جيڪو ظاهر ۾ ڪنهن حڪم جي خلاف آهي تہ ان کي گناهہ نہ چئبو ۽ اهڙن ڪمن جو نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کان صادر ٿيڻ سندن عصمت ۽ پاڪدامنيءَ جي خلاف نہ آهي. هن ئي آيت ۾ غور ڪري ڏسو تہ حضرت آدم عليه السلام جي عصمت ۽ پاڪدامنيءَ کي لحاظ ۾ رکندي الله تعاليٰ فرمايو: فَاَزَلَّهُمَا- ازل جو مادو زلة آهي زلة جي لغوي معنيٰ آهي استرسال الرجل بغير قصد. يعني ارادي کان سواءِ پير جو ترڪڻ. ٻيءَ جاءِ تي الله تعاليٰ حضرت آدم عليه السلام جي باري ۾ فرمايو آهي. فَنَسِيَ وَلَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا (١)

يعني آدم عليه السلام وساري ڇڏيو ۽ اسان ان جو پڪو ارادو نہ لڌو. جڏهن ان جو پڪو ارادو گناهہ جو نہ هو تہ ان کي گناهگار نہ چئبو. گناهہ تڏهن آهي جو عزم ۽ ارادو هجي. علامه روميءَ عليه الرحمة جن هن واقعي کي هڪ مثال ڏئي سمجهايو آهي. فرمائن ٿا

بود آدم ديدهٔ نور قديم   موئے در ديده بود کوه عظيم

يعني حضرت آدم عليه السلام قديم نور جي اک هو ۽ اک ۾ هڪ وار بہ وڏو جبل محسوس ٿيندو آهي. جيئن اک لاءِ وار وڏو هوندو آهي حالانڪ وار هلڪي شيءِ آهي. اهڙيءَ طرح حضرت آدم عليه السلام جن جو داڻو کائڻ بہ وار وانگر هلڪو هو مگر مالڪ جي محبت ۽ پيار واريءَ نگاهہ ۾ وڏو نظر آيو. مفتي محمد شفيع صاحب ديوبنديءَ لکيو آهي تہ:

(١) سورة طٰهٰ رڪوع ٦ پ ١٦

تحقيق ٿيءَ آهي تہ نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو سيني گناهن کان پاڪ هجڻ عقلا ۽ نقلا ثابت آهي. جيئن امامن ۽ جمهور امت جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ انبياءِ عليهم السلام سيني ننڍن ۽ وڏن گناهن کان معصوم ۽ محفوظ آهن بعضي ماڻهن جو چوڻ تہ انهن کان ننڍا گناهہ صادر ٿين ٿا سو جمهور امت وٽ صحيح نہ آهي. (١)

* سوال *

حضرت آدم عليه الصلواة والسلام منع ڪيل وڻ مان معصوم هجڻ جي باوجود ڇو کاڌو؟

* جواب *

ان جا ٻہ جواب آهن. ١- هڪ تہ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي جنهن وڻ کان منع ڪئي وئي هئي انهيءَ ڏي اشارو ڪيل هو تہٰ لَاتَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ. (هن وڻ کي ويجها نہ وڃو. ان مان مراد هئي تہ هن قسم جي ڪنهن بہ وڻ کي ويجها نہ وڃو مگر حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جن سمجهيو تہ صرف اهو هڪ وڻ مراد آهي. جيئن حديث پاڪ ۾ آيل آهي تہ هڪ ڀيري حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن ريشمي ڪپڙي جو ٽڪرو ۽ سون جو ٽڪرو هٿ ۾ کڻي فرمايو تہ "هي ٻئي شيون منهنجي امت جي مردن لاءِ حرام آهن" ظاهر ۾ حڪم صرف ان ڪپڙي ۽ سون جي ٽڪرن لاءِ هو جيڪي سندن هٿن مبارڪن ۾ هئا مگر ان مان مراد سندن طرفان ٻنهي شين جي مطلقا حرام ڪرڻ جو اعلان هو. ان جي ڪري حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جن ان وڻ مان کاڌو. ٢- ٻيو تہ شيطان قسم کڻي حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کي چيو تہ اوهان کي ان وڻ مان کائڻ جي منع جنتي زندگيءَ جي شروعات ۾ هئي جيئن ننڍي ٻار لاءِ سندس زندگيءَ جي شروعات ۾ ڳري غذا جي منع هوندي آهي ۽ ان کي هلڪي غذا ڏني ويندي آهي ۽ جڏهن وڏو ٿيندو آهي تہ پوءِ ڳري غذا استعمال ڪري سگهندو آهي. اهڙيءَ طرح

(١) تفسير معارف القرآن ص ١٣٧ ج ١

جنت ۾ گهٽي رهڻ کان پوءِ اوهان به ان وڻ جي ميوي کي استعمال ڪري سگهو ٿا ان جي ڪري حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ان وڻ مان کاڌو.

* فائدو *

" فَتَكُونَا مِنَ الظَّالِمِيْنَ "- الظالمين ورتل آهي ظلم کان جنهن جي اصل معنيٰ آهي: وضع الشيءِ في غير موضعه (١)

ڪنهن شيءِ کي ان جي اصلي جاءِ تي نه رکڻ - مراد آهي ڪنهن جو حق تلف ڪرڻ ۽ ظالم اهو آهي جو ڪنهن جو حق تلف ڪري - ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪو شخص الله تعاليٰ جو بي فرمان آهي حقيقت ۾ اهو ٽي بنيادي ۽ وڏا حق تلف ۽ ضايع ٿو ڪري.

١- اول الله تعاليٰ جو حق آهي ته ان جي فرمانبرداري ڪجي پوءِ ان جي بي فرماني ڪرڻ سندس حق تلفي آهي.

٢- ٻيو انهن سيني شين جي حق تلفي ٿو ڪري جن کي غلط ڪمن ۾ استعمال ٿو ڪري. جسم جا عضوا، نفس جون قوتون، پنهنجي ننگ جو حق انهن ملائڪن جا حق جيڪي هن جي خدمت لاءِ مقرر ٿيل آهن ۽ سندس ارادي جي تڪميل جو انتظام ڪندا آهن. اهي شيون جيڪي غلط ڪمن ۾ استعمال ڪندو آهي انهن سيني جو به هن تي حق آهي جو انهن کي مالڪ مٺي جي رضا ۾ استعمال ڪري پر انهن کي موليٰ ڪريم جي مرضيءَ جي خلاف استعمال ڪري انهن جو به حق تلف ڪري ٿو.

٣- ٽيون پنهنجو حق تلف ڪرڻ. انسان تي پنهنجي وجود جو به حق آهي ته ان کي تباهيءَ ۽ عذاب الٰهيءَ کان بچائي. مگر جڏهن اهو بي فرمان ٿي پاڻ کي تباهه ٿو ڪريَ ۽ الله تعاليٰ جي عذاب جو مستحق ٿو بنجي ته اها به حق تلفي آهي. ٻين لفظن ۾ پاڻ تي پاڻهي ظلم ڪرڻو آهي

آيت سڳوريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايو ويو ته هن دنيا ۾ اوهان جو رهڻ هميشه نه هوندو هيءَ اوهان جي عارضي جاءِ آهي فرصت کي غنيمت سمجهي پنهنجي ابدي زندگي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪيو.

(١) تفسير مظهري ص٥٣ ج ١

فَتَلَقّٰيٓ اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ۭ اِنَّهٗ

پوءِ سکيو آدم پنهنجي رب کان ڪي ڪلما پوءِ توبہ قبول ڪيائين ان جي بيشڪ

هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٣٧﴾

اهوئي گهڻي توبہ قبول ڪندڙ مهربان آهي.

تفسير

حضرت آدم عليہ الصلواة والسلام ۽ سندس گهر واري حضرت بي بي حوا رضي الله عنها ان وڻ کائڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي حالت بدليل ڏٺي تہ فورًا ان ڳالهہ کي محسوس ڪندي الله رب العزة جل شانہ جي دربار ۾ توبہ ڪرڻ لڳا ۽ هنن لفظن سان دعا گهريائون. "رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ"(١)

اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن تون اسان کي نہ بخشيندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ ضرور اسين خساري وارن مان تي پونداسين. ٻئي ڄڻا مڙس الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ روئندي دعائون گهرندا رهيا.

حضرت آدم عليہ الصلواة والسلام جن کي جن ڪلمات جي صدقي معافي ملي اهي ڪهڙا آهن؟

بعضي علماء جو چوڻ آهي تہ اهي ڪلما "رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا" الآية وارا هئا. عبد بن حميد، ابن المنذر ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ قتاده کان ۽ ابن المنذر حضرت ابن عباس کان، ابن جرير محمد حسن ۽ ضحاڪ کان اها روايت آندي آهي. (٢)

(١) سورة الاعراف رڪوع ٢ پ٨ (٢) تفسير الدرالمنثور ص١٤٢ ج ١

۽ طبرانيءَ معجم صغير ۾، حاڪم مستدرڪ ۾، ابونعيم ۽ بيهقيءَ دلائل النبوة ۾ ۽ ابن عساڪر حضرت عمربن الخطاب رضي الله عنهما ڪان روايت ڪئي آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو: "جڏهن (حضرت) آدم (عليه الصلواة والسلام) ان وڻ مان کاڌو جنهن مان کائڻ جي ڪيس منع ٿيل هئي ۽ سندس پريشاني ۽ پشيماني گهڻي ٿي ته ايتري ۾ ڪيس ياد آيو ته مون ڪي جنهن وقت الله تعاليٰ پيدا ڪيو هو ۽ مون ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو هيائين ته ان وقت مون پنهنجو مٿو مٿي ڪٽي عرش ڏي نهاريو هو ۽ ان تي لا اله الا الله محمد رسول الله (صلي الله عليه وسلم) لکيل ڏٺو هو ۾ پوءِ سمجهيم ته جڏهن (حضرت) محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) جن جو نالو الله تعاليٰ پنهنجي نالي سان گڏي عرش تي لکيو آهي ته ڇو نه ان جي نالي جي واسطي سان عرض ڪيان. پوءِ دعا گهريائين ته يا الله! توکان (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) جي مهابي معافي ٿو گهران. مون ڪي بخش ڪر. الله تعاليٰ پڇيو ته تو (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) جن ڪي ڪٿان سڃاتو؟ ان اهائي ڳالهه عرض ڪئي. الله تعاليٰ فرمايو ته "اي آدم! تنهنجي اولاد مان (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) سيني پيغمبرن ۾ آخري نبي آهي جيڪڏهن اهو نه هجي ها ته توکي به پيدا نه ڪيان ها

* فائدو *

هيءَ روايت مختلف الفاظ سان آيل آهي، هتي تفسير نعيميءَ ڪان نقل ڪري لکي اٿم. (۱)

ابن المنذر حضرت امام محمد باقر بن امام زين العابدين علي بن امام حسين بن علي بن ابي طالب رضي الله عنهم ڪان جيڪا روايت آندي آهي ان ۾ هي الفاظ آهن ته جبريل عليه السلام حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ڪي هي الفاظ سيکاريا. اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُکَ بِجَاهِ مُحَمَّدٍ عَبْدِکَ وَکَرَامَتِهٖ عَلَيْکَ اَنْ تَغْفِرَلِيْ خَطِيْئَتِيْ. يعني يا الله! مان توکان تنهنجي بانهي (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) جي مرتبي ۽ تنهنجي دربار ۾ ان جي عزت جي مهابي دعا ٿو گهران ته مون

(۱) تفسير نعيمي ص۲۸۹ ج۱ وتفسير الدر المنثور ص۱۴۶ ج۱

کي مغفرت عطا ڪرڻ فرمايو. الله تعاليٰ حضرت آدم عليه السلام کي فرمايو ته:
"قَدۡ تُبۡتُ عَلَيۡکَ وَغَفَرۡتُ لَکَ خَطِيۡئَتَکَ" (۱)
يعني مون تنهنجي توبه قبول ڪئي ۽ تو کي مغفرت عطا ڪرڻ فرمائي.
علامه آلوسيؒ عليه الرحمة لکيو آهي ته: وقيل رأي مکتوبًا علیٰ ساق العرش محمد رسول الله فتشفع به واذا اطلقت الکلمة علیٰ عيسیٰ عليه السلام فليطلق الکلمات علي الروح الاعظم والحبيب الاکرم صلي الله عليه وسلم فماعيسیٰ بل وما موسیٰ بل (وما...وما) الا بعض من ظهور انواره وزهرة من رياض انواره (۲)
يعني ڪن جو چوڻ آهي ته حضرت آدم عليه الصلواة والسلام عرش تي محمد رسول الله (صلي الله عليه وسلم) لکيل ڏٺو هو پوءِ ان جي شفاعت سان دعا گهريائين ۽ جڏهن (قرآن پاڪ ۾ حضرت) عيسیٰ عليه السلام جي لاءِ کَلِمَة جو لفظ ڳالهايل آهي (کَلِمَتُهٗ اَلۡقَاهَا اِلیٰ مَرۡيَمَ) ته روح اعظم، حبيبِ اکرم، صلي الله عليه وسلم جن جي لاءِ (فَتَلَقّيٰ آدَمُ مِنۡ رَّبِّهٖ کَلِمَاتٍ ۾) کلمة جو اطلاق به ڀلي ڪجي. پوءِ ڇا عيسیٰ بلڪ ڇا موسیٰ عليهما السلام بلڪ ٻيو ڪير به آهي ته اهو حضور صلي الله عليه وسلم جن جي انوار جي ظهور جو حصو ۽ سندن انوار جي باغن مان هڪ مکڙي آهي.
علامه قرطبيؒ لکيو آهي ته: وقال الطائفه: "رأيٰ مکتوبا عليٰ ساق العرش محمد رسول الله" فتشفّع بذالک فهي الکلمات (۳)
يعني مفسرن جي هڪ جماعت جو قول آهي ته (حضرت آدم عليه السلام) عرش تي محمد رسول الله لکيل ڏٺو پوءِ ان جي شفاعت جي صدقي دعا گهريائين اهي اُهي کلمات آهن جيڪي کيس سيکاريا ويا هئا.
راقم الحروف عرض ٿو ڪري ته.
ناظرين ڪرام ترجيح واروقول به هيءُ آهي، ڇو ته رَبَّنَا ظَلَمۡنَا واري دعا ته حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ۽ بي بي حوا رضي الله تعاليٰ عنها ان وقت ئي

---

(۱) تفسير الدر المنثور ص۱۴٦ ج ۱ (۲) تفسير روح المعاني ص۲۳۷ ج ۱
(۳) تفسير القرطبي ص۳۲۴ ج۱

گهري هئي، جنهن وقت ان وڻ مان کائي بس ڪيو هيائون ۽ الله تعاليٰ ڪين سڏي فرمايو هو ته "مون اوهان کي هن وڻ کان جهليو نه هو"؟ باقي ڪلمات جيڪي ڪيس سيکاريا ويا سي اهوئي حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جو واسطو ۽ صدقو هو جنهن جي ڪري ڪين معافي ملي.

"فَتَابَ عَلَيْهِ"- تاب توبه کان ورتل آهي توبه جي معنيٰ آهي موٽڻ ۽ جڏهن ان جي نسبت ٻانهي ڏي ڪري ۽ تاب العبد چئبو آهي (ٻانهي توبه ڪئي) ته ان مان مراد آهي رجع الیٰ طاعة ربه پنهنجي پالڻهار جي تابعداريءَ ڏانهن موٽيو ۽ جيڪڏهن تاب جي نسبت الله تعاليٰ ڏي ڪئي ويندي جيئن هن آيت ۾ آهي فتاب عليه ته ان مان مراد آهي. الله تعاليٰ پنهنجي پشيمان ٿيندڙ ۽ شرمسار ٻانهي تي رحمت جي نظر ڪري ان جي قصور کي معاف ڪيو.

"قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا" هن کان اڳ ۾ به جنت مان لهي وڃڻ جي امر جو ذڪر اچي چڪو آهي مگر هتي ان کي وري ذڪر ڪرڻ ۾ غالبا هيءَ حڪمت آهي جو پهرينءَ آيت ۾ زمين تي لهڻ جو حڪم ڏوراپي ۽ عتاب طور هو ان جي ڪري اتي انهن جي هڪ ٻئي سان عداوت جو بيان به آيو ۽ هتي انهن جي لهڻ جي امر جو ذڪر ان جي خاص مقصد (خلافت الٰهيه) جي تڪميل ۽ ان اعزاز سان مشرف ٿيڻ لاءِ آهي ان جي ڪري هتي هدايت جي اچڻ جو به ذڪر آهي جيڪا خلافت الٰهيه جي منصبي فرائض مان آهي ۽ هن مان هي به معلوم ٿيو ته اگرچه زمين تي لهڻ جو ابتدائي حڪم ڏوراپي جي لحاظ سان هو پر بعد ۾ جڏهن ڪين معافي ملي ته پوءِ سندن حيثيت جو اظهار ڪيو ويو ۽ هاڻي سندن زمين تي نزول حاڪم ۽ خليفي جي حيثيت ۾ ٿيو ۽ اهائي حڪمت هئي جنهن جو ذڪر حضرت آدم عليه الصلواة والسلام جي پيدا ٿيڻ وقت ڪيو ويو هو.

"فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ" کان آسماني هدايت جي پيروي ڪندڙن جي لاءِ ٻن انعامن جو ذڪر ڪيو ويو. ١- هڪ ته انهن تي ڪو خوف نه هوندو ٢- ٻيو ته اهي غمگين نه ٿيندا مقصد ته اهي الله جا پيارا بنجندا ۽ انهن کي دنيا جي ڪنهن پياريءَ شيءِ جي گم ٿيڻ ۽ تڪليف جو ڪو به خطرو نه آهي ها مالڪ مني جو خوف ۽ ان جي دين جو فڪر ۽ غم ته انهن الله جي پيارن جو عين مقصد آهي، وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا کان

آسماني هدايتن جي منكرن جي عاقبت ۽ انجام جو ذكر آهي تہ اهي هميشه جهنم ۾ هوندا.

قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًي

فرمايو اسان تہ لهو ان (جنت مان) سڀ جا سڀ. پوءِ جڏهن ايندي اوهان وٽ

فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٨﴾

منهنجي طرفان هدايت پوءِ جنهن تابعداري ڪئي منهنجي هدايت جي پوءِ نہ آهي

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ

ڪو خوف انهن تي ۽ جن نہ مڃيو ۽ ڪوڙو ڄاتائون اسان جي آيتن کي. اهي

اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٩﴾ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

جهنمي آهن اهي ان ۾ هميشه رهڻ وارا آهن. اي يعقوب جا ٻچا

اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا

ياد ڪيو منهنجي اها نعمت جا مون اوهان تي ڪئي ۽ پورو

بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿٤٠﴾

ڪيو مون سان ڪيل انجام تہ پورو ڪيان مان اوهان سان انجام ۽ خاص مون کان پوءِ ڊڄو.

ع ٤

تفسير

هن کان اڳ ۾ ٽئين رڪوع ۾ حضرت آدم عليه السلام جي سموري اولاد کي اسلام جي دعوت ڏئي توحيد ۽ رسالت جا دليل پيش ڪيا ويا ۽ چوٿين رڪوع ۾ انسان جي پيدائش ان کي علم جي زيور سان سينگارڻ ۽ خداوندي خلافت تي فائز ڪرڻ جو ذڪر هو. هاڻي ڪيترن رڪوعن ۾ مسلسل بني اسرائيل (يهودين) جي سڏارڻ ۽ انهن کي هدايت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. انهن کي خصوصي خطاب ڪرڻ ۾ هيءَ مصلحت هئي جو دنيا جي سڀني قومن خصوصًا عربن ۾ يهودين کي اهم مقام حاصل هو. ڇئن هزارن سالن تائين انهن ۾ لڳاتار انبياء سڀ‍ڳورا عليهم الصلواة والسلام ايندا رهيا. هزارين پيغمبر سڀ‍ڳورا ته انهن مان ئي پيدا ٿيا هئا. ان جي ڪري ڪا به قوم علم ۽ حڪمت ۾ انهن سان برابريءَ جي دعويٰ ڪري نه ٿي سگهي انهن جي چوڌاري رهڻ وارا قبيلا انهن جي علمي برتريءَ کان ڊنل هيا. ايتري قدر جو بعضي ماڻهن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ هيءُ شرط لڳائي ڇڏيو هو ته جيڪڏهن يهودين اسلام قبول ڪيو ته اهي به اسلام قبول ڪندا. ان جي ڪري يهودين کي خصوصي طرح اسلام جي دعوت ڏني وئي تانته انهن جي مسلمان ٿيڻ سان ٻين ماڻهن جي لاءِ اسلام قبول ڪرڻ جي واٽ هموار ٿئي ۽ جيڪڏهن اهي اسلام قبول نه به ڪن ته به انهن جي هٺ ڌرميءَ جا پردا کڄي ويندا. ۽ دنيا کي پتو پئجي ويندو ته يهودي صرف دنياوي اقتدار، دولت ۽ دٻدٻي کي قائم رکڻ لاءِ مخالفت ڪري رهيا آهن. يهودين سان خطاب ڪرڻ ۾ هيءَ به حڪمت آهي جو سندن حالات جي بگڙجڻ ۾ هيءَ ڳالهه به دخل انداز هئي ته انهن کي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي اولاد هجڻ ۽ صالحن سان نسبت هجڻ تي فخر هو ۽ صالح عمل کان بالڪل خالي ٿي چڪا هئا. جيڪو سراسر غلط آهي. الله تعاليٰ جي پيارن ٻانهن جو اولاد هجڻ سٺي شيءِ آهي پر ان تي تڪبر، غرور ۽ فخر ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ جي عبادت کان محروم رهڻ انتهائي شقاوت، بدبختي ۽ محرومي آهي. هن وقت ته گھڻا مسلمان به ان ذهن جا آهن. يهودين جي حالات کي

پڙهڻ ۾ مسلمانن جي لاءِ عبرت جو سبق بہ آهي جو بني اسرائيل جي عروج ۽ زوال جو داستان انهن جي سامهون آهي.

اي مسلمانئو!

جيڪڏهن الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وآله وسلم جن جي اطاعت ڪندا رهندؤ تہ وقار، عزت، دولت ۽ حڪومت اوهان جي دروازي جون ٻانهيون هونديون. ۽ جيڪڏهن سرڪشي ۽ برائي اختيار ڪندؤ تہ اوهان جا ٻچڙا عمل ڪنهن بخت نصر بادشاه جو لباس ڍڪي ظاهر ٿيندا ۽ اوهان ڪي هستي ۽ وجود جي صفحہ تان غلط حرف وانگر ميٽي ڇڏيندا. ڄاڻڻ گهرجي تہ هن جاءِ تي ۽ اهڙيءَ طرح قرآن مجيد ۾ ڪيترين ٻين جاين تي بہ بني اسرائيل لفظ استعمال ٿيل آهي. بني جي معنيٰ اولاد ۽ اسرائيل ٻن لفظن مان ڳنڍيل آهي. اسرا. معنيٰ عبد - ايل. معنيٰ الله. گڏيل معنيٰ ٿيندي الله جو ٻانهو. هيءُ حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جو لقب آهي. حضرت يعقوب حضرت اسحاق عليه الصلواة والسلام جو فرزند آهي ۽ حضرت اسحاق حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو فرزند آهي جيڪو ڪيس سندس عراقي بيبيءَ حضرت ساره رضي الله تعاليٰ عنها مان ڄائو هو.

مسئلو

هن آيت ۾ بني اسرائيل کي نعمتون ياد ڏيارڻ مان ثابت ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ جي نعمتن کي ياد ڪرڻ گهرجي. ان جي ڪري پڪا سني مسلمان حبيب اڪرم، نور مجسم، محبوب معظم، نبي مڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ميلاد شريف جي عيد ملهائيندا آهن جو اها بہ الله تعاليٰ جي نعمت جي يادگيري آهي.

"اَوۡفُوۡا بِعَهۡدِيۡ": مون سان ڪيل وعدي جي وفائي ڪيو. ان وعدي جو تفصيل قرآن پاڪ ۾ مختلف مقامن تي آيل آهي.

وَاٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَلَاتَكُوْنُوْٓا

۽ ايمان آڻيو (ان ڪتاب) تي جو نازل ڪيو مون سچو ڪندڙ آهي ان (ڪتاب ڪي)

اَوَّلَ كَافِرٍۢ بِهٖ ۠ وَلَاتَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۡ وَّاِيَّايَ

جو اوهان سان گڏ آهي. ۽ نه ٿيو پهريان ڪفر ڪندڙ ان جا ۽ نه خريد ڪيو

فَاتَّقُوْنِ ﴿٤١﴾ وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا

منهنجي آيتن جي عوض ملهه ٿورو ۽ خاص مون کان ڊڄو ۽ نه ملايو

الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤٢﴾

سچ کي ڪوڙ سان ۽ نه لڪايو سچ ۽ اوهان ڄاڻو ٿا.

تفسير

بني اسرائيل جي علماء کي اسلام قبول ڪرڻ ۾ اها رڪاوٽ به هئي ته اهي جيڪڏهن مسلمان ٿيندا ته انهن جا عقيدتمند ڦري ويندا ۽ ڪين مالي نفعا حاصل نه ٿيندا. الله تعاليٰ انهن کي پنهنجو خوف ياد ڏياري فرمايو ته رزق جا خزانا الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهن اوهان ان کان ڊڄو ٻين کان نه ڊڄو. وڏي ڳالهه ته اها آهي جو قرآن مجيد اوهان وٽ موجود ڪتاب توراة جي تصديق ڪندڙ آهي ته اهو به الله تعاليٰ جي طرفان نازل ڪيل ڪتاب آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم کان پري نه ٿيو ان جي تصديق ڪري ايمان کي قوت ڏيو. ڄاڻڻ گهرجي ته دنياوي مفادن کي اهميت ڏئي سچ ۽ حق نه ڇوڙڻ هڪ قسم جو غلط واپار آهي جو اوهان نه ڪيو. ٿورڙي ملهه تي نه وڪڻڻ جو مطلب اهو نه آهي ته گهٽي ملهه تي وڪڻو بلڪ مطلب

هي آهي تہ سڄي دنيا جا خزانا بہ ان جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت ۽ اهميت نہ ٿا رکن.

توراة جا صفحا نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ڪمالات، اعليٰ صفات ۽ سندن نبوت جي نشانين جي ذڪر سان سينگاريل هئا پر بني اسرائيل جا لالچي ۽ وڪائل علماء ان جي لڪائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهندا هئا تہ متان انهن کي پڙهي ۽ ڏسي ماڻهو مسلمان ٿي پون. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي اڳيان توراة ۾ ڪا اهڙي آيت ايندي هئي جيڪا ان کي مسلمان ٿيڻ لاءِ رهبري ڪندي هئي تہ اهي علماء ان ۾ ڪئين من گهڙت تاويلون ڪري ان کي غلط فهمين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا هئا. الله تعاليٰ هنن آيتن ۾ انهن عالمن کي انهن مذموم حرڪتن ڪان منع ڪئي آهي. آيت سڳوريءَ ۾ وَلَا تَلْبِسُوْا جو لفظ آهي جيڪو لبس ڪان ورتل نهي جو صيغو آهي.

لبس جون بہ معنائون آهن ۱- ڍڪڻ ۲- ملائڻ. ان نهي سان هر طرح جي لفظي يا معنوي تحريف ڪان منع ڪيل آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ اهو حڪم صرف بني اسرائيل جي علماء لاءِ نہ پر اسلامي علوم جي ماهرن مسلمان علماء لاءِ بہ آهي اهي بہ حق چون لالچ ۽ ذاتي تعلقات کي نظر ۾ رکي حق نہ لڪائن.

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ

۽ قائم ڪيو نماز ۽ ڏيو زڪواة ۽ رڪوع ڪيو رڪوع ڪندڙن سان گڏ -

الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾ اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ

ڇا امر ٿا ڪيو ماڻهن کي نيڪيءَ جو ۽ وساريو ٿا پنهنجن سرن

اَنْفُسَكُمْ وَاَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۴۴﴾

کي حالانڪ اوهان ڪتاب پڙهو ٿا ڇا پوءِ نہ ٿا ڄاڻو؟

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ

۽ مدد وٺو صبر ۽ نماز سان ۽ بيشڪ اها البتہ ڏکي آهي

إِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿٤٥﴾ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ

مگر آزي ڪندڙن تي. (ڊڪي ناهي) جيڪي يقين ٿا رکن تہ بيشڪ اهي

مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَاَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿٤٦﴾

ملڻ وارا آهن پنهنجي پالڻهار سان ۽ بيشڪ اهي ان ڏانهن موٽڻ وارا آهن.

ع ٥ ڪل ٥ الربع

تفسير

واقيموا الصلواة ۾ نماز قائم ڪرڻ جو حڪم آهي جيڪا بدني عبادتن ۾ سڀ کان وڏي درجي واري عبادت آهي ان ڪي قائم رکڻ سان انسان تي عبديت جي ڪمال جو رنگ چڙهندو ۽ الله تعاليٰ جي خوف ۾ رهندو. الله تعاليٰ جي دين ڪي پاڻ وٽ امانت سمجهي ان ۾ خيانت ڪرڻ کان بچندو يعني ڪو بہ حڪم لڪائڻ يا بدلائڻ يا ان سان پنهنجو نهيل حڪم ملائڻ وغيره جي جرأت نہ ڪندو. الزکواة جو لفظ وڌڻ ۽ گهٽي ٿيڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي جيڪو شخص پنهنجي مال، ملڪيت جي زکوات ڏيندو آهي ان جو مال اجر ۽ برڪت جي لحاظ سان وڌي ٿو ۽ باقي ٿو رهي. ڪن بزرگن زکوات جي معني تطهير (پاڪ ڪرڻ) ڪئي آهي. ڇو تہ زکوات ڏيندڙ پنهنجي مال، ملڪيت ڪي مسڪينن، محتاجن ۽ حقدارن جي حقن کان پاڪ ٿو ڪري ان جي ڪري هن ڪي زکواة سڏيو ويو آهي ۽ جڏهن ٻانهي ۾ رب العالمين جل مجده جي نالي تي خيرات ڏيڻ جي عادت پيدا ٿي تہ اجائي لالچ، هوس ۽ غلط طمع جهڙن مهلڪ ۽ تباه ڪندڙ مرضن کان بچي پوندو ۽ پئسن ۽ مال جي لالچ تي دين نہ وڪڻندو. "وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ" ۾ نماز جماعت سان پڙهڻ جو ذڪر آهي. ڇو تہ عبادت جڏهن اجتماعي طريقي سان ڪئي

ويندي تہ هڪ ٻئي سان بار بار ملڻ جي ڪري هڪ ٻئي جي حالات کي ڏسي نصيحت حاصل ڪرڻ جو سهڻو موقعو ملندو. نماز جماعت سان پڙهڻ مساوات جو سڀ کان اعليٰ نمونو آهي برابر ٿيڻ جي صورت ۾ ڪو بہ پاڻ کي تنقيد کان بالا نہ سمجهندو ۽ نہ ڪا قوم يا فرد دين جو خاص ٺيڪيدار رهندو.

* جماعت سان نماز پڙهڻ جو حڪم *

جماعت سان نماز پڙهڻ سنت مؤڪده آهي علامہ قرطبيؒ لکيو آهي تہ فالذي عليه الجمهور ان ذالک من السنن الموكدة (١)
يعني جمهور علماءِ جو اهو مذهب آهي تہ جماعت سان نماز پڙهڻ تاڪيد وارين سنتن مان آهي.

جماعت سان نماز پڙهڻ جو ثواب گهڻو آهي . جيئن صحيح مسلم شريف ۾ حضرت عبد الله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ حضرت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: "صَلٰوةُ الْجَمَاعَةِ اَفْضَلُ مِنْ صَلٰوةِ الْفَذِّ بِسَبْعٍ وَّعِشْرِيْنَ دَرَجَةً" يعني جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلو نماز پڙهڻ کان ستاويهہ درجا ڀلي آهي. حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "مَنْ سَمِعَ النِّدَاءَ فَلَمْ يُجِبْ فَلَا صَلٰوةَ لَهٗ اِلَّا مِنْ عُذْرٍ (٢)
يعني جنهن بانگ ٻڌي پوءِ ان سڏ کي قبول ڪري نماز باجماعت لاءِ نہ آيو تہ ان جي نماز نہ ٿيندي مگر عذر جي ڪري (جيڪڏهن نہ آيو تہ پوءِ ڏوهہ نہ آهي)

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ کان اڳتي بہ يهودي علماء سان خطاب آهي جيڪي ماڻهن کي چوندا هئا تہ توراة الله تعاليٰ جو ڪتاب آهي ۽ ان جي هر فرمان جي تعميل ڪيو پر سندن اهو حال هوندو هو جو توري ذاتي فائدي لاءِ توراة جي صريح ۽ چٽن حڪمن کي تسليم نہ ڪندا هئا. توراة ۾ بيان ڪيل نشانيون الله تعاليٰ جي نبي، حبيب، ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ۾ ڏسي بہ ايمان نہ آڻيندا هئا الله تعاليٰ انهن کي ان ٺٽيءَ پاليسيءَ کان منع ڪئي آهي.

(١) تفسير القرطبي ص ٣٤٨ ج ١ (٢) ضياءُ القرآن ص ٥٣ جلد ١

* ٻين کي چڱائي چوڻ پاڻ نہ ڪرڻ *

هن آيت ۾ هر ان ماڻهوءَ لاءِ تنبيه آهي جيڪو ٻين کي نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ پاڻ ان تي عمل نہ ڪري چاهي اهو يهودي سڏرائي چاهي مسلمان. قرآن ڪريم ڪيترين جاين تي قول ۽ فعل جي مختلف هجڻ کان منع ڪئي آهي. حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: ”معراج واري رات منهنجو هڪ اهڙيءَ قوم کان گذر ٿيو جن جا چپ باهہ جي ڪينچين سان ڪٽيا ٿي ويا. مون جبرئيل کان انهن جي باري ۾ پڇيو تہ ان ٻڌايو تہ هي اوهان جي امت جا اهي خطيب آهن جيڪي ماڻهن کي نيڪيءَ جو امر ڪندا آهن ۽ پنهنجي پاڻ کي وساري ڇڏيو اٿن حالانڪ اهي ڪتاب پڙهن ٿا ڇا اها ڳالهہ نہ ٿا سمجهن؟

* انسان جي ڪاميابيءَ لاءِ ٻہ نسخا *

وَاسْتَعِيْنُوْا کان انسان جي ڪامياب ٿيڻ لاءِ ٻہ اهم ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن هڪ صبر ٻي نماز. ڄاڻڻ گهرجي تہ بني اسرائيل ڪيترين صدين کان اخلاقي بيمارين ۾ مبتلا هئا ۽ انهن جا اهڙا عادي ٿي چڪا هئا جو هڪ ئي وقت انهن عادتن تان هٿ کڻڻ تمام ڏکيو ۽ مشڪل هو ان جي ڪري انهن کي انهن اوڻاين کان نڪرڻ لاءِ رستو ٻڌايو ٿو وڃي تہ صبر ۽ نماز سان انهن بيمارين جو علاج ڪري سگهجي ٿو.

صبر جي لغوي معنيٰ آهي روڪڻ، ٻڌڻ ۽ هت مراد آهي ارادي جي اها مضبوطي ۽ عزم جي پڪائي ۽ نفس جي خواهشن کي قابو رکڻ جنهن سان نفس جي رغبتن، ٻاهرين مشڪلاتن جي مقابلي ڪرڻ ۾ پنهنجي دل ۽ ضمير کي الله تعاليٰ جي پسند ڪيل رستي تي هلائڻ ۾ آساني ۽ واڌارو ٿيندو رهي ۽ پاڻ ۾ اعليٰ اخلاق پيدا ٿئي. جيڪڏهن انسان پاڻ ۾ اها قوت پيدا ڪري صبر ۽ نماز ۽ روزي جي ذريعي پنهنجي عبديت وارو تعلق پنهنجي حقيقي معبود، مسجود،

مقصود، مطلوب، محبوب رب سان محڪم، مضبوط ۽ قوي بنائي ته ڪا به مشڪل ان جي راهه ۾ رڪاوٽ نه ٿي بنجي سگهي. حق وارن تي تڪليفون ضرور اينديون آهن پر الله تي ڀروسو ڪندي صبر کان ڪم وٺجي. حضور اڪرم، محبوب مڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو دستور مبارڪ هو ته جڏهن به ڪو مشڪل ڪم اڳيان ايندو هو ته پاڻ جلدي ڪري نماز پڙهندا هئا. ترمذيؒ ۽ حاڪم حضرت عبدالله بن ابي اوفيٰ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته حضرت رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو ته: "جنهن شخص جي الله تعاليٰ ڏي يا ان جي ڪنهن ٻانهي ڏي حاجت هجي ته ان کي گهرجي ته وضو ڪري ٻه رڪعتون نماز پڙهي الله تعاليٰ جو حمد ۽ ثنا ڪري ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن تي صلوات شريف پڙهي ان کان پوءِ دعا جا هي الفاظ پڙهي. لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ سُبْحَانَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ اَسْئَلُكَ مُوْجِبَاتِ رَحْمَتِكَ وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ وَالْغَنِيْمَةَ مِنْ كُلِّ بِرٍّ وَّالسَّلَامَةَ مِنْ كُلِّ اِثْمٍ لَا تَدَعْ لِيْ ذَنْبًا اِلَّا غَفَرْتَهٗ وَلَا هَمًّا اِلَّا فَرَّجْتَهٗ وَلَا حَاجَةً هِيَ لَكَ رِضًا اِلَّا قَضَيْتَهَا يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ (١)

مقصدن ماڻ، حاجتن پوري ڪرڻ لاءِ هيءَ دعا انتهائي ڪامياب آهي. متينَ آيت جي وضاحت ڪندي علامه ناصر الدين عبدالله بن عمر شيرازيؒ عليه الرحمة لکيو آهي ته: جڏهن بني اسرائيلن کي اهڙا امر ڪيا ويا جيڪي هنن کي ڏکيا ٿي لڳا ڇو ته انهن ۾ رياست کي ڇڏڻ، مال، ملڪيت کان منهن موڙڻ هو ته انهن کي ان جو حل ڏسيو ويو ته پنهنجي حاجتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نماز ۽ صبر سان مدد وٺو. هت صبر مان مراد روزو آهي ڇو ته ان ۾ شهوت جو ٽوڙڻ ۽ نفس جي صفائي آهي. ۽ نماز سان وسيلي وٺڻ جو درس ڏنل آهي ڇو ته اها سڀني عبادتن جي جامع آهي. ان ۾ نفساني تزڪيو، بدن جي صفائي، اگهڙ ڍڪڻ، ڪعبة الله شريف ڏي سامهون ٿيڻ، عبادت لاءِ وقت ڪڍڻ، عضون سان نياز ۽ نوڙت ڪرڻ، قلب جي صفائي ۽ نيت ۾ خلوص پيدا ڪرڻ، شيطان سان لڙائي ڪرڻ، الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ مناجات ڪرڻ، قرآن ڪريم جي قراءَة ڪرڻ، شهادت جو ڪلمو

(١) تفسير مظهري ص ٦٠ جلد ١

پڙهڻ، نفس کي ڪائڻ پيڻ کان روڪڻ سڀ ڪجهہ اڇي تو وجي ۽ ان جي برڪت سان مقصد حاصل ۽ مصيبتون دور ٿين ٿيون. (١)

يَظُنُّوْنَ - ظن کان ورتل آهي. ظن جون لغوي معنائون متضاد ۽ مختلف آهن ظن شڪ جي معنيٰ ۾ بہ ايندو آهي ۽ يقين جي معنيٰ ۾ بہ. هت يقين جي معنيٰ ۾ آيل آهي. (٢) .

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ

اي بني اسرائيلو! ياد ڪيو منهنجي اها نعمت جيڪا مون اوهان تي انعام ڪئي

عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَي الْعَالَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَاتَّقُوْا

هئي ۽ بيشڪ پلو ڪيو هو مون اوهان کي (ان وقت جي) جهانن تي ۽ ڊڄو ان

يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْئًا وَّلَا يُقْبَلُ

ڏينهن کان جو نہ بدلو ڏيندو ڪو نفس ڪنهن نفس جو ڪجهہ بہ ۽ نہ قبول ڪئي

مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ

ويندي ان جي لاءِ سفارش ۽ نہ ورتو ويندو ان کان ڪو عوض ۽ نہ اهي مدد ڪيا

يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾

ويندا.

تفسير

هت بني اسرائيل کي جهانن تي فضيلت ملڻ جو بيان آهي پر ان مان مراد ان وقت وارن کان انهن جو پلو هجڻ آهي.

(١) التفسير البيضاوي ص ٧١ ج ١ (٢) القرطبي ص ٣٧٦ ج ١ .

علامه ناصر الدين عليه الرحمة لکيو آهي تہ:يريد به تفضيل آباءِهم الذين كانوا في عصر موسىٰ عليه الصلواة والسلام وبعده قبل ان يغيروا بما منحهم الله تعالىٰ من العلم والايمان والعمل الصالح وجعلهم انبياء وملوكا مقسطين. (١) يعني هن آيت مان مراد انهن جي ابن، ڏاڏن جي فضيلت آهي جيکي حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جي دور يا بعد ۾ هئا ۽ الله تعاليٰ جيکي انهن کي علم، ايمان ۽ صالح عمل جون نعمتون ڏنيون هيون ۽ انهن مان انبياءِ عليهم الصلواة والسلام ۽ عادل بادشاهه پيدا کيا هئا. ۽ ڄڏهن قرآن ڪريم جي آيت "كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ" نازل ٿي تہ ثابت ٿيو تہ سيني امتن کان افضل ۽ اعليٰ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي امت آهي جنهن الله جل شانه بني اسرائيل کي ان وقت جي جهانن تي برتري بخشي هئي ان ئي مٿي مالک پنهنجي محبوب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي امت کي بني اسرائيل تي بہ برتري ۽ فضيلت بخشي آهي.

اهم مسئلو

وَاتَّقُوا يَوْمًا واري آيت سڄوريءَ ۾ ظاهري الفاظ جي لحاظ سان مجرم جي ڇوٽڪاري جي لاءِ سيني طريقن جي نفي ڪيل آهي. حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جا دشمن، گستاخ، گمراهه، بي ادب ٽولا هن آيت مان دليل وٺندا آهن تہ ڪنهن بہ مومن، گنهگار جي شفاعت نہ ٿيندي. پر قرآن پاڪ جي ٻين آيتن ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي حديثن مان صاف ثابت آهي تہ ايمان وارن جي شفاعت ٿيندي. سيني آيتن کي ڀيٽڻ ۽ سمجهڻ سان نتيجو اهو ٿو نڪري تہ هن آيت مان مراد ڪافرن جي لاءِ شفاعت جو نہ هجڻ آهي. ڏسو مفسرن سڄورن جا فرمان.

علامه قرطبيؒ لکيو آهي تہ:

اجمع المفسرون علىٰ ان المراد بقوله تعالىٰ "وَاتَّقُوا يَوْمًا لَّا تَجْزِي نَفْسٌ عَن نَّفْسٍ شَيْئًا وَلَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ" النفس الكافرة. (٢)

(١) بيضاوي ص٦٢ جلد ١ (٢) تفسير القرطبي ص ٣٧٩ ج ١

يعني هن ڳالهہ تي قرآن كريم جي تفسير لکندڙن جو اجماع آهي تہ هن مٿينءَ لکيل آيت مان مراد ڪافر آهن (جن لاءِ شفاعت ثابت نہ آهي). ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ:

مذهب اهل الحق ان الشفاعة حق. يعني حق وارن جو مذهب هي.آهي تہ شفاعت حق آهي. علامه سليمان جمل لکيو آهي تہ: ان النفس الكافرة ليس لها شفاعة اصلا (١)

يعني ڪافرن لاءِ شفاعت اصل نہ آهي. يا هن آيت مان مراد آهي تہ الله تعاليٰ جي اذن ۾ موڪل کان سواءِ ڪو بہ شفاعت نہ ڪندو. علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: "ولا يقبل منها شفاعة" في حق نفسها ولا في حق غيرها بغير الاذن (٢)

يعني اذن کان سواءِ نہ پنهنجي لاءِ ۽ نہ ٻئي جي لاءِ شفاعت قبول ڪئي ويندي.

علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ: وَلَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ يعني من الكافرين (٣)

يعني ڪافرن جي (ٻين لاءِ) شفاعت قبول نہ ڪئي ويندي. علامه فخر الدين رازيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: اجمعت الامة عليٰ ان لمحمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم شفاعة في الآخرة (٤)

يعني امت جو هن ڳالهہ تي اجماع آهي تہ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي آخرت ۾ شفاعت حق آهي.

تفسير حقانيءَ جي صاحب لکيو آهي تہ: يہ آيت ڪفار ڪيساتهہ مخصوص هے(٥)

يعني مٿي لکيل آيت جنهن ۾ شفاعت جي نفي آهي سا ڪافرن سان مخصوص آهي.

علامه بيضاويءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ شفاعت جو معتزلا انڪار ڪندا آهن مگر اهو غلط آهي ڇو تہ جن آيتن ۾ نفي آيل آهي اهي ڪافرن جي باري ۾ نازل ٿيون آهن ۽ شفاعت جي ثبوت ۾ جيڪي آيتون ۽ حديثون وارد آهن. تن مان

(١) تفسير الجمل ص ٥٠ جلد ١ (٢) روح البيان ص ١٢٨ جلد ١

(٣) تفسير ابن ڪثير ص ٨٩ جلد ١ (٤) تفسير ڪبير ص ٥٥ ج ٣

(٥) تفسير حقاني ص ١٦۴ جلد ٢

مراد گنهگار مسلمان آهن جن جي لاءِ شفاعت ٿيندي. علامه جلال الدين سيوطيءَ رحمة الله عليه جن لکيو آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي شفاعت جي ثبوت لاءِ جيڪي حديثون آيل آهن اهي تواتر جي درجي کي پهتل آهن جن جو انڪار ڪري نه ٿو سگهجي. (١)

وَاِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ

۽(ياد ڪيو)جڏهن ڇڏايوسون اوهان کي فرعونين کان جو چڪائيندا هئا اوهان کي

الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ

بري قسم جو عذاب. ڪٺائون ٿي اوهان جي پٽن کي ۽ جيئرو ڇڏيائون ٿي اوهان جي

وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿۴۹﴾

عورتن (ڌيئرن) کي ۽ ان ۾ وڏي آزمائش هئي اوهان جي رب جي طرفان.

تفسير

هن آيت سڄوريءَ ۾ به بني اسرائيل کي خداوندي نعمت ياد ڏياري وئي آهي ته اوهان کي فرعونين جي ان عذاب کان به آزادي ملي جو اهي اوهان جي پٽن کي ڪهندا ۽ ڌيئرن کي جيئرو ڇڏيندا هئا. پٽن جي ڪهڻ جو سبب ڇا هو قرآن ڪريم ۾ ان جو ذڪر نه آهي البت عام مفسرن جو خيال آهي ته نجومين فرعون کي ٻڌايو هو ته بني اسرائيل ۾ هڪ ڇوڪرو پيدا ٿيڻ وارو آهي جيڪو تنهنجي حڪومت جو تختو اونڌو ڪندو. ان لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪندي فرعون اهو حڪم ڏنو هو ته بني اسرائيل ۾ جيڪو به پٽ پيدا ٿئي تان کي قتل ڪيو

(١) الازهار المتناثره ص ۴۲

وجي ۽ چوڪريون جيئريون ڇڏيون وڃن تانت وڏيون ٿي انهن جون ٻانهيون ۽ نوڪرياڻيون بنجن. علامه شيخ محمد عبده هڪ ٻي وجه به بيان ڪيو آهي ته بني اسرائيل جو نسل تيزيءَ سان وڌندو ٿي ويو فرعون کي هي انديشو هو ته جيڪڏهن انهن جي پيدائش جو اهو نمونو رهيو ته اهي اقليت جي بجاءِ اڪثريت ۾ ٿي ويندا ۽ ان بناءَ تي ڪو انقلاب برپا ڪندا ان خدشي کي نظر ۾ رکندي هن بني اسرائيل جي پٽن کي ڄمڻ شرط ڪهي ڇڏڻ جو حڪم صادر ڪيو هو. (۱)

وَإِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَأَنْجَيْنَاكُمْ وَأَغْرَقْنَآ

۽(ياد ڪيو)جنهن وقت چيريو اسان اوهان جي لاءِ سمنڊ پوءِ ڇڏايو سون اوهان کي ۽

آلَ فِرْعَوْنَ وَأَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٠﴾

ٻوڙيوسون فرعونين کي ۽ اوهان ڏسو پيا.

تفسير

يعني الله تعاليٰ جي نعمتن مان هيءَ نعمت به آهي جو انهن ظالمن فرعونين کي جيڪي ڪافي زماني کان اوهان کي ايذائيندا هئا. هميشه جي لاءِ ختم ڪري اوهان کي مڪمل آزادي بخشي سون. واقعو هن طرح آهي ته جڏهن فرعونين جا بني اسرائيل تي ظلم وڌي ويا ۽ سندن صبر جو جام لبريز ٿي ويو طرح طرح جا عذاب ۽ ظلم انهن سان ڪيا ويا ۽ فرعوني ان ظلم کان باز نه آيا تڏهن الله تعاليٰ موسيٰ عليه السلام کي مسلمانن سميت هجرت ڪرڻ ۽ اتاهين لڏڻ جي اجازت ڏني ۽ هنن لڏ پلاڻ شروع ڪئي. جڏهن انهن جي لڏڻ جي فرعونين کي خبر پئي ته انهن کي وڏيڪ خطرو ٿيو ۽ سوچيائون ته بني اسرائيل هن وقت تائين اسان جي غلاميءَ

(۱) ضياءُ القرآن ص ٥٦ جلد ۱

كان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي ۽ نہ ڪنهن ٻئي ملڪ ويا آهن جيڪڏهن اسان جي حڪومت مان نڪري ويا تہ ٿي سگهي ٿو ڪنهن هنڌ وڃي اسان جي خلاف ڪو محاذ ٺاهين ۽ اسان جون مخالف حڪومتون انهن جو ساٿ ڏين تنهن ڪري هنن کي هتان نڪرڻ ئي نہ ڏنو وڃي اها صلاح ٻڌي فرعون پنهنجي ملڪ جي سيني ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ماڻهو موڪليا تہ سڀ نڪرن ۽ هنن کي پڪڙي واپس آندو وڃي فرعون پاڻ بہ پنهنجي فوج سميت ٻاهر نڪتو تہ متان ٻيا ماڻهو نڪرڻ ۾ سستي ڪن يا نٽائين. مگر الله تعاليٰ جي ان ۾ اهائي حڪمت هئي تہ هنن جابرن کي بنگلن، ماڙين ۽ باغن کان ٻاهر ڪڍي قبضو خالي ڪرايو وڃي ۽ سيني کي هڪ هنڌ تباهہ ڪري مظلومن کي ظالمن جي جاءِ تي وارث بڻايو وڃي. فرعون سمورن ماڻهن ۽ لشڪر سان گڏ بني اسرائيل جي پويان نڪتو ۽ بني اسرائيل جو قافلو جڏهن بحرِ قلزم جي ڪناري تي پهچي رهيو هو تہ ڪين پنهنجي پويان فرعون جي لشڪر جي ڊوڙ ۽ غبار نظر اچڻ لڳو جنهن کي ڏسي بني اسرائيل گهٻرائڻ لڳا ۽ سمجهيائون تہ هاڻي ڇوٽڪاري جا سڀ دروازا بند ٿي ويا. حضرت موسيٰ عليه السلام الله جي امر سان پنهنجي لٺ سمنڊ ۾ هنئي تہ سمنڊ جي پاڻيءَ مان وچان رستو ظاهر ٿيو. جنهن تي هلي بني اسرائيل خير ۽ عافيت سان ٻئي ڪناري تي پهتا. فرعون بہ پنهنجا گهوڙا اندر لاٽا پر اڃا جڏهن وچ ۾ پهتا تہ جبلن وانگر بيٺل ۽ جميل پاڻيءَ جي موجن ۾ چرپر پيدا ٿي ۽ اک ڇنڀ ۾ فرعون ۽ ان جا ساٿي غرق ٿي ويا. اهي سڀئي منظر ٻئي پاسي بيٺل بني اسرائيلن پنهنجين اکين سان پئي ڏٺا. هيءَ الله تعاليٰ جي خاص نعمت هئي جو دشمن کي اکين سان تباهہ ٿيندي ڏسي آئنده جي لاءِ انهن جي ايذائن ۽ عذابن کان هميشه لاءِ امن وارا ٿي ويا.

ڇاڪاڻ گهرجي تہ سمنڊ رستو ڇو ڇڏيو، ڪهڙي شيءِ هئي جنهن سمنڊ جي پاڻيءَ جو وهڻ بند ڪيو ۽ ان جي نچندڙ ۽ هلندڙ نهرين کي پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيا ۽ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام ۽ سندس ساٿي ڪناري تي پهتا تہ سمنڊ پنهنجي اصلي حالت تي موٽي آيو. جڏهن ڪن ماڻهن جو ڪوتاهہ عقل ان سوال جو جواب نہ ٿو ڏئي سگهي تہ اهي اهڙن واقعن جو ياتہ صفا انڪار ڪري ٿا وهن يا اهڙيون ردي تاويلون ڪندا آهن جن سان واقعي جو سچو حسن ۽ سونهن

منٿيءَ ۾ ملي ٿا وجن ۽ دل کي بہ اطمينان حاصل نہ ٿو ٿئي پر حقيقت ۾ اها سندن ئي ڪمزوري آهي جو اهي پنهنجي علم کي علم جي انتها ۽ پنهنجي يقين کي يقين جي سرحد سمجهندا آهن. پنهنجي تجربيگاه ۾ علت ۽ معلول سبب ۽ مسبب جا جيڪي زنجير تيار ڪيو ويٺا آهن ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ سبب ۽ علت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن حالانڪ انسان جو علم محدود ۽ تجربا نامڪمل آهن ڪيترا اهڙا ڪم جيڪي اڳ ۾ انسان تسليم نہ ڪندو هو هاڻي خود اهي استعمال ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح اهڙا واقعا جن لاءِ اسين سوچي بہ نہ ٿا سگهون جڏهن الله تعاليٰ ۽ ان جي پيارن، سچن نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام بيان فرمايا آهن تہ اسان جي ايمان جي سلامتي ۽ حقيقت جي سڃاڻڻ جو رستو اهو آهي تہ اسين انهن کي بنا دير جي، چون چرا کان سواءِ تسليم ڪيون.

ڄاڻڻ گهرجي تہ هن واقعي جو قرآن ڪريم ۾ ذڪر ٿيڻ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي نبوت جي صداقتن لاءِ وڏو دليل آهي، ڇو تہ سيدنا رسول الله صلي ا الله عليہ وسلم جن جو امي هجڻ ۽ دنيا جي ڪنهن بہ ظاهري مدرسي يا اسڪول ڪاليج وغيره ۾ نہ پڙهڻ جي باوجود اهڙن اهم واقعن کي بيان ڪرڻ بغير وحي جي ڪيئن ٿي سگهندو؟ هن واقعي مان اهو بہ سبق ملي ٿو تہ الله تعاليٰ جي حڪم جي مخالفت ڪرڻ وارو دنيا خواه آخرت ۾ بدبخت ۽ محروم آهي. ٻنهي جهانن جي سعادت ان کي نصيب ٿيندي جيڪو الله تعاليٰ جو فرمان بردار ۽ سندس نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن تي نازل ڪيل ڪتابن جي تابعداري ڪندو.

وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰٓى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ

۽(ياد ڪيو)جڏهن وعدو ڪيو اسان موسيٰ سان چاليهن راتين جو ان کان پوءِ بنايو

الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ عَفَوْنَا

اوهان گابي کي (معبود) ۽ اوهان (ان وقت) ظلم ڪندڙ هئا. پوءِ معاف ڪيوسون

عَنْكُمْ مِّنْ بَعْدِ ذَالِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۲﴾

اوهان کي ان (ظلم) کان پوءِ بہ ٽانت شکر ڪيو.

تفسير

جڏهن بني اسرائيل فرعونين جي غلاميءَ جي لعنت کان نجات حاصل ڪري آزاديءَ جي نعمت سان سرفراز ٿيا تہ الله تعاليٰ جي حڪمت جي اها تقاضا هئي تہ انهن کي هڪ ڪتاب ڏنو وڃي. جنهن تي اهي عمل ڪري غلط واٽ کان بچي پون ان جي ڪري حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام کي حڪم مليو تہ طور جبل تي اچڻ لاءِ تيار ٿيو پوءِتي پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عليہ الصلواة والسلام کي ان مدت لاءِ پنهنجي غيرحاضريءَ ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو ۽ ڪيس تاڪيد فرمايو تہ قوم جي اصلاح ڪري ۽ فسادين جي پويان نہ لڳي. ائين پروگرام ٺاهي حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام طور جبل تي آيو ۽ پويان هڪ شخص سامري جيڪو اصل ۾ ڳئونءَ جي پوڄا ڪندڙ قوم مان هو ان قوم جا سونا زيور باهہ ۾ ڳاري ان مان ڳابي جي شڪل تي هڪ بت ٺاهيو ۽ حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام جي غيرموجودگيءَ جو فائدو وٺي ماڻهن کي گمراه ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ اصل ۾ اوهان جو يا حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام جو معبود بہ اهو آهي پر موسيٰ عليہ الصلواة والسلام کان اها ڳالهہ وسري وئي آهي. اها ڳالهہ ٻڌي ماڻهو جيڪي شرڪ ۾ پيڙهين کان گرفتار رهندا ٿي آيا ۽ تازا مسلمان ٿيا هئا سي هن جي مڪر ۽ گمراهيءَ ۾ اچي ويا ۽ ان ڳابي جي عبادت ڪرڻ لڳا. حضرت هارون عليہ الصلواة والسلام انهن کي گهڻو سمجهايو تہ هيءُ اوهان جي لاءِ وڏو فتنو ڪڙو ڪيو ويو آهي، ان کان بچو. هيءُ هٿ جو ٺاهيل ڳابو جيڪو پاڻ پنهنجي نهڻ ۾ ٻين جي رحم ۽ ڪرم جو محتاج آهي سو اوهان جو معبود ڪيئن ٿو ٿي سگهي. معبود تہ اهو آهي جيڪو سڀني جو خالق، مالڪ،

رازق ۽ عام مهرباني ڪرڻ وارو آهي.

حضرت هارون عليه الصلواة والسلام جي ان هدايت کي ڪن تورن مڃيو ۽ گابي جي پوڄا ڇڏي ڏني باقي ٻين چيو تہ اسين تيستائين ان جي پوڄا ڪندا رهنداسين جيستائين موسيٰ عليه الصلواة والسلام پاڻ اچي فيصلو ڪري.

بني اسرائيل جو هيءُ ايڏو وڏو گناهہ هو جو هڪدم انهن تي عذاب اچي ها پر الله تعاليٰ انهن تي وري بہ رحم، ڪرم ڪري ڪين توبه ڪرڻ جو طريقو سيکاريو ۽ سندن توبه قبول ڪئي. هن آيت ۾ بني اسرائيل کي اها ڳالهہ ياد ڏياري وئي آهي.

وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَي الْكِتٰبَ وَالْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ

۽(ياد ڪيو)جنهن وقت ڏنو اسان موسيٰ کي ڪتاب ۽ (حق ۽ باطل ۾) فرق ڪندڙ

تَهْتَدُوْنَ ﴿٥٣﴾

تانت اوهان هدايت وارا ٿيو.

تفسير

ڪتاب مان مراد توراة ۽ فرقان مان مراد اهي معجزا آهن جن جي ذريعي حق مٿي ۽ باطل اونڌو ۽ شرمسار ٿيو. هن آيت ۾ بہ الله تعاليٰ بني اسرائيل کي پنهنجي نعمت ياد ٿو ڏياري جو انهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ ۽ ڪوڙ ۽ سچ کي سڃاڻڻ لاءِ انهن ڏانهن سندن نبي سڳوري حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي ذريعي ڪتاب موڪليو هيائين تہ صحيح راه کي سڃاڻي ان تي هلن ۽ بري راه کان پاسو ڪن ۽ هنن جي انتها برائي هئي جو نبي سڳورو عليه الصلواة والسلام الله تعاليٰ جي بارگاه مان سندن هدايت جي لاءِ ڪتاب وٺڻ ويجي ۽ پاڻ گابي جي پوڄا ڪري شرڪ جهڙي عظيم گناهہ ۾ مبتلا ٿين.

وَاِذْ قَالَ مُوسىٰ لِقَوْمِهٖ يَا قَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ

۽ (ياد ڪيو) جڏهن چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي تہ اي منهنجي قوم وارا! بيشڪ

اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِئِكُمْ

اوهان ظلم ڪيو آهي پنهنجي پاڻ تي سببان وٺڻ اوهان جي ڳابي کي (خدا ڪري)

فَاقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ

پوءِ توبه ڪيو پنهنجي پيدا ڪندڙ ڏانهن پوءِ کهو پنهنجي پاڻ کي اهو ڀلو آهي

عِنْدَ بَارِئِكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ

اوهان لاءِ اوهان جي پيدا ڪندڙ وٽ پوءِ اوهان جي توبه قبول ڪيائين بيشڪ اهوئي

التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۴﴾

توبہ قبول ڪندڙ، مهربان آهي.

تفسير

جڏهن حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي طور جبل کان واپسي ٿي تہ ڳابي جي پوڄارين کي پنهنجي بي وقوفيءَ جو احساس ٿيو ۽ توبه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. الله تعالىٰ انهن جي توبه قبول ڪرڻ لاءِ اهو شرط رکيو تہ جن شرڪ نہ ڪيو آهي اهي شرڪ ڪندڙن، ڳابي جي پوڄارين کي قتل ڪن ۽ هر شخص پنهنجي مٽن ۽ مائٽن کي قتل ڪري يعني جنهن کي جيڪو ملي ڀلي سندس پٽ هجي يا پيءُ ان کي، قتل ڪندو وڃي ان طرح سيني عمل ڪيو ۽ الله

تعاليٰ انهن قاتلن ۽ مقتولن سيني کي بخش ڪرڻ فرمايو. ان واقعي ۾ ڪيترا قتل ڪيا ويا ان باري ۾ مختلف روايتون آهن، هڪ روايت هيءَ آهي ته قاتل ۱۲ هزار ۽ مقتول ۷۰ هزار هئا (۱)

ڪن مفسرن وري ان مان صرف مجاهدا، رياضتون ۽ نفس کي مطمئنه بنائڻ مراد ورتو آهي ۽ ظاهري قتل کي ناپسند قرار ڏنو آهي مگر ظاهري قتل جو انڪار ڪرڻ صحيح نه آهي، ڇو ته انهن بني اسرائيلن جي گناهه جي نموني کي ڏسڻو آهي انهن جو اهو گناهه صرف مذهبي گناهه نه پر ان سان گڏ هڪ قسم جي سياسي بغاوت به هئي ڇو ته مصر مان هجرت ڪرڻ کان پوءِ فلسطين ۾ انهن جي نئين حڪومت جنهن بنياد تي قائم ٿي رهي هئي اهو توحيد جو عقيدو هو ۽ توحيد جو انڪار حقيقت ۾ ان رياست جو انڪار هو جنهن کي کلي بغاوت ۽ صريح غداري چئجي ۽ دنيا جي ڪا به حڪومت پلي نظرياتي لحاظ سان ڪيتري به آزاد هجي پر اها ڪڏهن به قبول نه ڪندي ته ان جي رعيت جو ڪو فرد ان حڪومت جا بنياد پٽي ڇڏي ۽ جيڪڏهن ڪو فرد ائين ڪندو ته ان کي باغي سڏيو ويندو آهي ۽ اهي حاڪم ان فرد کي ڦاسي ڏئي ڇڏيندا آهن. بني اسرائيل جي گناهه جي به اهائي نوعيت هئي ۽ اهي ان سزا جا لائق هئا. جيڪا کين ڏني وئي.

وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ

۽ (ياد ڪيو) جڏهن چيو اوهان ته اي موسيٰ هرگز نه ايمان آڻينداسون توتي تانجو ڏسون الله

جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۵﴾ ثُمَّ

کي ظاهر ظهور پوءِ پڪڙيو اوهان کي وڄ ۽ اوهان ڏسي رهيا هئا. ان کان پوءِ (زنده

بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۶﴾

ڪري) اٿاريوسون اوهان کي اوهان جي مرڻ کان پوءِ تانته اوهان شڪر گذار بنجو.

---

(۱) تفسير نعيمي ص۳۵۶ ج۱

تفسير

هن واقعي ۾ هڪ طرف الله تعاليٰ جي نعمت جو ذڪر آهي ته ٻئي طرف منڪرن جي لاءِ تنبيه ۽ تهديد آهي سورة جي شروعات ۾ خداترس، ايماندار ۽ هدايت وارن جي پهرين صفت اها بيان ٿي ته يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ اڻ ڏٺي تي ايمان آڻين ٿا ۽ ڪائنات جي آيات کي ڏسي پنهنجي خالق کي سڃاڻن ۽ مڃن ٿا بلڪ هر انسان جيڪڏهن پنهنجي وجود ۾ غور ڪندو ته قادر جي قدرت جون نشانيون ۽ مهربانيون ڏسي ڪيس مڃڻو پوندو ته ڪو سندس ڏٺي ۽ مالڪ آهي جنهن هن تي اهي مهربانيون ڪيون آهن. ايمان بالغيب انسان جي فطري تقاضا آهي مگر بني اسرائيل تي جاهليت جو پراڻو اثر اجان بيٺو هو ۽ پنهنجي سامهون ڪانه ڪا شيءِ ڏسي ان کي پوڄڻ انهن جي طبيعت ثانيه بنجي چڪي هئي. اهي الله تعاليٰ تي اڻ ڏٺو بالغيب ۽ ان جي نبي حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام تي ۽ قيامت تي ايمان ته آڻي چڪا هئا. تنهن هوندي به جاهليت جي پراڻي اثر جي ڪري انساني فطرت جي خلاف حضرت موسيٰ عليه السلام جي آڏو نامناسب سوال ڪري وينا ته اسان کي ظاهر ظهور الله تعاليٰ جو ديدار ڪراءِ جنهن جو تون رسول آهين. هيءُ سوال الله تعاليٰ جي شانِ معبوديت جي خلاف هو پاڻ مٿن وڄ موڪليائين ۽ سوال ڪرڻ وارا سڀ ختم ٿي ويا ۽ بعضي روايتن ۾ آيو آهي ته جڏهن حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام توراة کڻي آيو ۽ کين فرمايائين ته هيءُ الله تعاليٰ جو ڪتاب آهي ان ۾ اوهان لاءِ احڪام آهن ته هنن چيو ته اسين اها ڳالهه تيستائين نه مڃينداسون جيستائين الله تعاليٰ کي ظاهر ظهور نه ڏسون ۽ پاڻ اسان کي نه چوي ته هيءُ منهنجو ڪتاب آهي الله تعاليٰ توسان ڳالهائي ٿو اسان سان ڇو نه ٿو ڳالهائي؟ پوءِ الله تعاليٰ وڄ موڪلي کين ختم ڪيو ۽ اهي ستر ماڻهو هئا.(۱) الله تعاليٰ وري حياتي ڏئي کين زنده ڪيو ۽ دوباره اٿارڻ سان انهن کي هڪ طرف تنبيه ٿي ۽ پشيماني به ته اسان ڪيڏو نه وڏو ڏوهه ڪيو آهي ۽ ٻئي طرف انهن کي موقعو ڏنو ويو ته اهي توبه ڪري پنهنجو گناهه بخشائين ۽ انهن کي زنده ڪرڻ الله تعاليٰ جي

(۱) الدر المنثور ص ۱۷۰ ج ۱

پياري نبي سڳوري حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي دعا سان هو. جيئن سورة الاعراف رکوع ١٩ پاره٩ ۾ ايندو انشاءَ الله تعاليٰ.

* سوال *

ڇا الله تعاليٰ جو ديدار ٿي سگهي ٿو، ممکن آهي يانه؟

* جواب *

ان مسئلي ۾ بہ اختلاف آهي. علامه محمد بن احمد انصاريؒ پنهنجي لکيل تفسير الجامع لاحكام القرآن ۾ لکيو آهي تہ اكثر المبتدعة عليٰ انكارها في الدنيا والآخرة واهل السنة والسلف عليٰ جوازها فيهما و وقوعها في الاخرة (١) يعني اڪثر بدعتي دنياءِ آخرت ۾ الله تعاليٰ جي ديدار ٿيڻ جو انڪار ڪن ٿا تہ نہ ٿيندو ۽ اهلسنت ۽ سلف جو چوڻ آهي تہ الله تعاليٰ جو ديدار دنيا ۽ آخرت ۾ ممڪن آهي مگر مومنن کي اهو ديدار آخرت ۾ ٿيندو هن جو وڌيڪ بحث انشاءَ الله تعاليٰ سورة الانعام ۽ سورة الاعراف ۾ ايندو.

وَظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ

۽ ڇانو ڪئي اسان اوهان تي ڪڪرن جي ۽ لاٿوسون اوهان تي مَنَّ ۽ سلويٰ کائو

وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَمَا

اوهان پاڪ شين مان جيڪي اوهان کي رزق ڪري ڏنيون اٿئون ۽ نہ ظلم ڪيائون

ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٥٧﴾

اسان تي پر پنهنجن سرن تي پاڻ تي ظلم ڪيائون.

(١) القرطبي ص٤٠٣ جلد١

تفسير

بني اسرائيل جو اصلي وطن شام هو مگر جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جي وقت ۾ اهي مصر هليا ويا هئا تہ عمالقه قوم شام تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ بني اسرائيل جڏهن پيو پيرو موٽي وطن پهتا تہ انهن کي حڪم مليو تہ عمالقه قوم سان جهاد ڪيو ۽ پنهنجي وطن کي آزاد ڪرائي ان ۾ عزت ۽ شرافت واري زندگي گذاريو. پر انهن جهاد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو جنهن جي سزا ڀوڳڻ لاءِ چاليهہ سال هڪ وارياسي علائقي التيہ ۾ حيران ۽ پريشان ڦرندا رهيا پر ان حالتن ۾ بہ الله تعاليٰ جي نوازش ۽ مهرباني انهن سان شامل رهي. هنن آيتن ۾ ان ڳالهہ جو بيان آهي. انهن کي گرميءَ کان بچڻ لاءِ ڪڪرن جي ڇانوَ، پيئڻ جي لاءِ پاڻيءَ جا چشما، کائڻ لاءِ من ۽ سلويٰ عطا ٿيا هئا ۽ انهن جي جيئڻ ۽ راحت جو سمورو سامان انهن کي ان ميدان ۾ مليو ۽ ڪين وري موقعو ڏنو ويو تہ اهي الله تعاليٰ جي حضور ۾ جهڪي الله تعاليٰ کي راضي ڪن.

* مَنٌّ ۽ سَلويٰ *

هنن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ۾ مختلف اقوال آهن. علامہ قرطبيءَ لکيو آهي تہ اڪثر مفسرن وٽ مَنٌّ قدرتي کنڊ هئي جيڪا رات جو ماڪ وانگر ٻوٽن تي وسندي هئي ۽ جمي ويندي هئي سَلْوٰي جنهن کي ٻٽيرو سڏيندا آهن واديِ مينا جو مخصوص پکي آهي جڏهن تہ اهو مخصوص ۽ انتهائي لذيذ کاڌو انهن کي محنت کانسواءِ آسانيءَ سان حاصل ٿيندو هو ان جي ڪري ان کي مَنّ (احسان) سڏيو ويو. ۽ ٻٽيري پکيءَ جي شڪار ڪرڻ سان انهن جون غمگين دليون تازيون ٿينديون هيون. ان جي ڪري ان کي سلويٰ جي لفظ سان بيان ڪيو ويو آهي. علامہ موصوف سعيد بن زيد بن نفيل کان روايت آندي آهي تہ حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ. "اَلْكَمَاةُ مِنَ الْمَنِّ الَّذِيْ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰي بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ وَمَاؤُهَا

شِفَاءٌ لِّلْعَيْنِ" (١) يعني کنڀارن مَنَّ مان آهي جيکو الله تعاليٰ بني اسرائيل تي نازل کيو هو ۽ ان جو پاڻي اک لاءِ شفا آهي.
انهن الله تعاليٰ جي انهن نعمتن جو قدر ۽ شڪر نہ ڪيو. الله تعاليٰ فرمايو تہ اهو هنن اسان تي ظلم نہ ڪيو هو نہ اسان جو ڪو نقصان ڪيائون پر پنهنجن نفسن تي ظلم ڪري پنهنجو نقصان ڪيو هيائون.

وَإِذْ قُلْنَا ادْخُلُوا هَٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوا مِنْهَا حَيْثُ
۽(ياد ڪيو) جڏهن فرمايو سون تہ داخل ٿيو هن ڳوٺ ۾ پوءِ کائو ان مان جتي بہ
شِئْتُمْ رَغَدًا وَادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَقُولُوا حِطَّةٌ
گهرو ڪشادو ۽ داخل ٿيو دروازي کان سجدا ڪندڙ ۽ چئو تہ (اسان جا گناه)
نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطَايَاكُمْ ۚ وَسَنَزِيدُ الْمُحْسِنِينَ ﴿٥٨﴾
ڪيراءِ تہ بخش ڪيون اوهان کي اوهان جا گناه ۽ سگهوئي وڌائينداسون نيڪن کي.

تفسير

جاڻڻ گهرجي تہ جڏهن بني اسرائيل اجازت ملڻ کان پوءِ ميدان تيہ مان نڪتا تہ انهن کي حڪم ڪيو ويو تہ هاڻي بيت المقدس ۾ داخل ٿيو اتي اوهان لاءِ مختلف قسمن جون نعمتون آهن ۽ جيڪي وڻيوَ سو استعمال ڪيو ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندي شهر ۾ داخل ٿيو آڪڙجي فخر ڪندي نہ پر عاجزيءَ ۽ نياز سان ڪنڌ نمائي هلجو ۽ دعا ڪندا، عاجزي ڪندي عرض ڪجو تہ اي اسان جا رب. اسان جا گناهہ ڪيراءِ ۽ خطائون معاف ڪر مگر انهن حڪم جي تعميل نہ ڪئي. بلڪ مخالفت ڪيائون. انهن کي حڪم هو تہ ڪنڌ جهڪائيندي داخل ٿيوپراهي

(١) القرطبي ص٤٠٦ ج١

ان جي بجاءِ ريڙهيون ڏيندي لنگهيا، انهن کي حڪم هو تہ حطّةٌ چوندا لنگهو (اسان جا گناهہ ڪيراءِ) تہ اهي حطة جي بجاءِ راڳ ڪندي حنطة يا حبّة چوندي لنگهيا يعني ڪڻڪ جو داڻو ڪپي. پوءِ ان نافرمانيءَ جي ڪري مٿن آسمان مان عذاب آيو جيئن ارشاد آهي.

فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ

پوءِ مٽايو ظالمن جيڪي ڪين چوڻ هو ان ڪان سواءِ (چيائون) جو انهن کي چيو ويو

فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا

هو پوءِ لاٿو اسان ظالمن تي عذاب آسمان کان ان جي ڪري جو بحيڙائي

كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٥٩﴾

تي ڪيائون.

تفسير

هن آيت سڳوريءَ مان ثابت آهي تہ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي دينِ متين ۽ شريعت پاڪ جي احڪام کي ميٽين ٿا اهي عذاب جا مستحق آهن الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب صلي الله عليه وسلم کي جيڪا شريعت عطا ڪئي آهي ان تي هلڻ سان ئي حق حاصل ٿيندو ان جي ڪري بي دينن ۽ جاهل صوفي سڏائيندڙن جي ڏٺن تي لڳي ڪڏهن بہ الله تعاليٰ کي ناراض نہ بنائجي نہ تہ اهائي سزا آهي جيڪا بنيءِ اسرائيل کي ملي هئي.

وَاِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ فَقُلْنَا اضْرِبْ

۽(ياد ڪيو)جڏهن پاڻي گهريو موسيٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم لاءِ پوءِ چيو سون تہ هڻ تون

بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ

پنهنجي لٺ پٿر کي پوءِ وهيا ان مان ٻارهن چشما تحقيق

قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا مِنْ رِّزْقِ

سڃاتو سيني ماڻهن پنهنجي پيئڻ جي جاءِ کي. کائو ۽ پيئو الله جي رزق مان

اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٦٠﴾

۽ نہ پکڙجو زمين ۾ فساد کندڙ.

تفسير

بني اسرائيل کي هي واقعو تِيَہ جي ميدان ۾ پيش آيو هو بني اسرائيل ان واريا سي ميدان ۾ پاڻيءَ جي قلت جي ڪري گهڻي تڪليف ۾ هئا ۽ انهن حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي دعا لاءِ عرض ڪيو پاڻ دعا گهريائون تہ الله ڪين حڪم فرمايو تہ اوهان پنهنجي لٺ ان پٿر تي هڻو جيڪو اوهان سان گڏ آهي پاڻ ان کي لٺ هنيائون تہ ان مان پاڻيءَ جا ٻارهن (١٢) چشما وهي هليا. جيڪي سندن قوم جي ٻارهن قبيلن لاءِ ڪافي هئا. حضرت ابن عباس رضي الله عنهماکان روايت آهي تہ ذالک في التيه ظلل عليهم الغمام وانزل عليهم المن والسلوىٰ وجعل لهم ثيابا لا تبلي ولا تتسخ وجعل بين ظهرانيهم حجر مربع وامر موسىٰ فضرب بعصاه الحجر فانفجرت منه اثنتا عشرة عينا في كل ناحية منه ثلاث عيون لكل سبط عين ولا يرتحلون منقلة الا وجدوا ذالک الحجر معهم بالمكان الذي كان به معهم في المنزل الاول (١)

يعني بني اسرائيل جي لاءِ تيَہ جي ميدان ۾ مٿان جهڙ ڪيو ويو ۽ کائڻ جي لاءِ مَنَّ ۽

(١) تفسير ابن جرير ص٢٤٣ ج ١

سلويٰ لاٿا ويا ۽ اهڙو قدرتي انتظام ڪيو ويو جو انهن جا ڪپڙا نه تي پراڻا ٿيا ۽ نه ميرا ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ چورس پٿر رکيو ويو هو ۽ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي حڪم ڪيو ويو هو ته ان کي لٺ هڻي ان سان ان جي هر هڪ پاسي کان ٣ چشما وهي نڪتا هئا ۽ بني اسرائيل جي ٻارهن قبيلن مان هر هڪ قبيلي جي لاءِ هڪ چشمو مقرر ڪيو ويو جيڏانهن به ويندا هئا ته اهو پٿر انهن سان گڏ هوندو هو. علامه پير ڪرم شاه الازهريؒ جن لکيو آهي ته اهو پٿر اڃا تائين سينا جي نمائشي جزيري ۾ موجود آهي. (١)

ڊين اسٽينلي پادريؒ (Dean stanley) اڻويهين صديءَ جي وچ ۾ بائيبل جي مقدس مقامن جي جغرافيائي تحقيق جي لاءِ پاڻ فلسطين جو سير ڪيو هو ۽ پنهنجي مشاهدات ۽ تحقيق کي (sinai Palestine) جي نالي سان شايع ڪرايو هو. ان ۾ ان پٿر جو ذڪر ڪندي لکيو اٿس ته:

"هيءُ پٿر ڏهن ۽ پندرهن فٽن جي وچ تي بلند ۽ تورڙو اڳتي جهڪيل آهي ۽ راس سفسفه جي ويجهو ليجا جي وڏيءَ واديءَ ۾ واقع آهي. سڀ کان اول قرآن ڪريم ئي بني اسرائيل جي ٻارهن قبيلن جي لاءِ ٻارهن چشمن جو تعداد پڪيءَ طرح بيان ڪيو آهي. (٢)

وَإِذْ قُلْتُمْ يَامُوْسىٰ لَنْ نَّصْبِرَ عَلىٰ طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ

۽ (ياد ڪيو) جڏهن اوهان چيو ته اي موسيٰ هرگز نه صبر ڪنداسون هڪ طعام تي پوءِ

لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا تُنْبِتُ الْأَرْضُ مِنْ بَقْلِهَا

دعاگهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ته ڪڍي اسان لاءِ ان مان اهي شيون جو ڄمائي

وَقِثَّآئِهَا وَفُوْمِهَا وَعَدَسِهَا وَبَصَلِهَا ۭ قَالَ

ٿي زمين ان جي (ڀاڄيءَ) سبزيءَ ۽ ريڙهيءَ (بادرنگ) ۽ ڪڻڪ ۽ مهري دال ۽ بصرن

(١) ضياءُ القرآن ص ٦١ ج ١ (٢) تفسير ماجدي ص ٣٧- ٣٨ ج ١

اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِیْ هُوَ اَدْنٰی بِالَّذِیْ هُوَ خَیْرٌ ؕ اِهْبِطُوْا

مان. فرمايائين تہ ڇا مٽائي ٿا وٺو ان کي جو اهاڳهٽ آهي ان جي بدلي ۾ جو اها

مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَضُرِبَتْ عَلَیْهِمُ

ڀلي آهي. لهي وڃو ڪنهن شهر ۾ پوءِ بيشڪ اوهان لاءِ (اتي موجود) آهي جيڪي

الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ق وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ

گهُريَوَ ۽ هنئي وئي انهن تي ذلت ۽ مسڪيني ۽ وريا الله جي ڏمر هيٺان اهو ان جي

بِاَنَّهُمْ كَانُوْا یَكْفُرُوْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ وَیَقْتُلُوْنَ النَّبِیّٖنَ

ڪري جو بيشڪ انهن نہ ٿي مڃيو آيتن الله جي کي ۽ شهيد ٿي ڪيائون نبين کي

بِغَیْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا یَعْتَدُوْنَ ﴿۶۱﴾ ركوع ٧

ناحق. اهو ان سببان جو بي فرماني ڪندا ۽ حد کان لنگهندا هئا.

تفسير

الله تعاليٰ جي نعمتن، مهربانين ۽ بناتڪليف ملندڙ شين جي بي قدري ۽ بي شڪري ڪندي بني اسرائيل حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کان زمين مان نڪرندڙ سبزيءَ وغيره جي گهر ڪئي. جن جو حصول محنت کان سواءِ مشڪل آهي. ڇو تہ انهن شين جي پيدا ٿيڻ لاءِ زمين هجي، ان کان پوءِ ان ۾ هر هلائي ٻج ڇٽي، سنڀال ڪري ڳڏ ڏئي آخر ۾ لٽي، پوءِ رڌي تيار ڪجي. رڌڻ ۾ بہ ڪيتري محنت ۽ خرچ ٿئي ٿو. انهن شين ۽ الله تعاليٰ جي طرفان تيار ٿي ملندڙ شين ۾

ڪيڏو فرق آهي. پر هنن پاڻ سختي گهري ورتي تہ الله تعاليٰ بہ مٿن سختي ڪئي ۽ اهو الله تعاليٰ جو قانون آهي. جيئن ابوداود شريف ۾ حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "لَا تُشَدِّدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ فَيُشَدِّدِ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ"(١)

يعني پنهنجي پاڻ تي سختي نہ ڪيو پوءِ الله تعاليٰ بہ اوهان تي سختي ڪندو. انهن پاڻ محنت واري شيءِ گهري ورتي ان جي ڪري ذلت ۽ خواريءَ جو منهن ڏٺائون. ۽ جڏهن پيٽ ڀرين تي ناشڪري ڪندي الله تعاليٰ جي آيتن جو انڪار ڪندي الله تعاليٰ جي نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي شهيد ڪرڻ لڳا.

سوال

هن آيت مبارڪ ۾ آهي تہ بني اسرائيل تي ذلت ۽ خواري هنئي وئي حالانڪ هينئر تہ انهن جو شمار دنيا جي وڏن شاهوڪارن ۽ اميرن ۾ ڪيو ٿو وڃي؟

جواب

هن آيت ۾ ذلت ۽ مسڪينيءَ جو يهودين تي هجڻ ثابت آهي پر ٻيءَ آيت ۾ ان جي وضاحت هن طرح آيل آهي: ضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ اَيْنَمَا ثُقِفُوْا اِلَّا بِحَبْلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبْلٍ مِّنَ النَّاسِ(٢)

يعني اهي (يهودي) هميشہ ذليل ۽ حقير رهندا. مگر ٻہ صورتون آهن يا الله تعاليٰ جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙين، يعني اسلام آڻين پوءِ دنيا ۽ آخرت جي عزت حاصل ڪن. يا ٻين طاقتن جي سهاري عزت حاصل ڪن. جيئن موجوده دور ۾ يهودي آمريڪا ۽ برطانيہ جي سهاري حڪومت قائم ڪيو ويٺا آهن.

نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو ناحق قتل

اهي ظالم يهودي پاڻ بہ سمجهندا هئا تہ الله تعاليٰ جي پيارن پيغمبرن سڳورن عليهم الصلواة والسلام کان ڪو بہ اهڙو ڪم ظاهر نہ ٿيو آهي جنهن جي

(١) مشڪواة ص ٣١ (٢) سورة آل عمران رڪوع ١٢ پ ٤

ڪري انهن کي قتل ڪن. پر هڻ ڏرميءَ جي انتها هئي جو خدا تعاليٰ جي دين جي مبلغ ۽ انهن کي شهيد ڪرڻ ۾ ديرئي نه ڪندا هئا. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته بني اسرائيل هڪ ڏينهن ۾ ٽن سَون نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي شهيد ڪندا هئا ۽ شام جو وري پاڄين جا دڪان کولي وهندا هئا (١) الله تعاليٰ جي پيارن، پلارن، شان وارن، نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي شهيد ڪندڙن تي ڪيترو عذاب آهي ان لاءِ هيءَ روايت پڙهو. امام احمد حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اَشَدُّ النَّاسِ عَذَابًا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ رَجُلٌ قَتَلَ نَبِيًّا اَوْ قَتَلَهٗ نَبِيٌّ وَاِمَامُ ضَلَالَةٍ وَمُمَثِّلٌ مِّنَ الْمُمَثِّلِيْنَ - (٢)

يعني قيامت جي ڏينهن سڀني کان وڌيڪ سخت عذاب ان ماڻهوءَ لاءِ هوندو جيڪو ڪنهن نبي کي شهيد ڪري يا نبي جي هٿان قتل ٿئي يا ماڻهن کي گمراه ڪرڻ وارو اڳواڻ هجي يا تصويرون بنائيندڙ هجي.

علامه رشيد رضا صاحب لکيو آهي ته نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو قتل ته هوندءِ ئي ناحق آهي پر بغير الحق آڻي وڌيڪ واضح ڪيو ويو ته اها انهن جي ڀل، چڪ، غلطي يا خطا نه هئي بلڪ ڄاڻي ٻجهي هيڏو سارو گناهه ڪندا هئا ۽ اهو به ڄاڻندا هئا ته الله تعاليٰ سندن لاءِ توراة ۾ جيڪا شريعت ۽ قانون مقرر فرمايو آهي ان جي مخالفت ڪري رهيا آهن. (٣)

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالنَّصٰرٰى

بيشڪ اهي شخص جن ايمان آندو ۽ اهي جو يهودي ٿيا ۽ نصاريٰ ۽

وَالصّٰبِئِيْنَ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ

صابئي جنهن به ايمان آندو الله تي ۽ قيامت تي ۽ ڪيائين چڱا ڪم پوءِ انهن

(١) تفسير ابن ڪثير ص ١٠٢ ج ١ (٢) الدر المنثور ص ١٧٨ ج ١ (٣) تفسير المنار ص ٣٣٣ ج ١

صَالِحًا فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ

لاءِ انهن جو اجر آهي انهن جي رب وٽ ۽ نه آهي ڪو خوف

عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

انهن تي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا.

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ مومن سڏائيندڙن، يهودين، نصارن ۽ دهرين کي سمجهايو ويو آهي ته صرف موسوي يا عيسوي دين تي هجڻ ڪافي نه آهي سيني دينن جو جامع ۽ آخري دين محمدي دين آهي. ان کان سواءِ نه ڪنهن کي نجات ملندي ۽ نه ڏک ۽ غم کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو.

* مسئلو *

جيڪڏهن ڪو به شخص الله تعاليٰ جي ڪنهن به نبي جي تڪذيب ڪندو ته اهو ڄڻ سيني جي تڪذيب ڪري چڪو. جيئن حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اَلْاَنْبِيَاءُ اِخْوَةٌ مِّنْ عَلَّاتٍ وَّاُمَّهَاتُهُمْ شَتّٰي وَدِيْنُهُمْ وَاحِدٌ"(١)

يعني نبي (سڳورا) سيئي پيئيتن ڀائرن وانگر آهن جو سيني جو دين هڪڙو مگر طريقا مختلف آهن. قرآن پاڪ جي سورة الشعراءِ ۾ هڪ نبي سڳوري کي ڪوڙو چوندڙ کي سيني نبين کي ڪوڙو سڏيندڙ چيو ويو آهي. جيئن فرمان ايزدي آهي. "كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ۔ كَذَّبَتْ عَادُ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ۔ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ۔ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطِ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ۔ كَذَّبَ اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ الْمُرْسَلِيْنَ"(٢)

(١) مشڪواة شريف ص ٥٠٩ (٢) سورة الشعراء ٦ رڪوع کان ١٠ رڪوع تائين. پ ١٩

هنن آيتن ۾ ڏسو تہ هر هڪ قوم ان نبي کي ڪوڙو ٿي چيو جيڪو انهن ڏي موڪليو ويو هو مگر الله تعاليٰ ٻڌايو تہ ان قوم سيني رسولن کي ڪوڙو ڪيو باقي رهيا لامذهب، بي دين، دهريا. تن لاءِ بہ صحيح دين جي مڃڻ کان سواءِ ڪو چارو نہ آهي.

علامه قرطبيؒ امام سفيان ثوريءَ جو هي فرمان لکيو آهي تہ هن آيت ۾ "آمنوا" مان مراد منافق آهن جن صرف ظاهر ۾ ايمان آندو دل سان نہ آندو. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ انهن کي يهودين، نصارن ۽ صابئين سان گڏي ذڪر ڪيو آهي. ان کان پوءِ سچن مسلمانن ۽ مومنن لاءِ حڪم ٻڌايائين تہ اهي نہ خوف ڪندا ۽ نہ غمگين ٿيندا.

* سوال *

يهودي ۽ نصاريٰ تہ مشهور ڪافر آهن. صابئين ڪير آهن؟

* جواب *

صابئين صابي جو جمع صبا کان ورتل آهي. معنيٰ هڪ دين کان نڪري ٻئي دين ڏي ويندڙ. هت مراد ڪافرن جي هڪ جماعت آهي جيڪي مسلمان نہ آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ ملائڪن جا پوڄاري آهن ۽ ڪن جوچوڻ آهي تہ تارن جا پوڄاري آهن وغيره. المقصد تہ هي ڪافرن جو هڪ فرقو آهي جيڪو شام ۽ عراق جي سرحدن تي آباد هو حضرت عمر فاروق ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما انهن کي اهل ڪتاب ۾ شمار ڪندا هئا (١)

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ

۽(ياد ڪيو)جڏهن ورتوسون اوهان کان پڪو وعدو ۽ ڪنيوسون اوهان جي مٿان طور

خُذُوْا مَآ اٰتَيْنَاكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ

(جبل) تہ وٺو جيڪي ڏنوسون اوهان کي مضبوطيءَ سان ۽ ياد ڪيو جيڪو ان ۾ (حڪم) آهي

(١) تفسير القرطبي ص ٤٣٤ جلد ١

تَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَلَوْلَا

اميد تہ پرهيز گار ٿيو. ان کان پوءِ ڦري ويئو ان وعدي کان پوءِ جيڪڏهن نہ هجي ها

فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٤﴾

الله جو فضل اوهان تي ۽ ان جي رحمت تہ البتہ هجو ها اوهان ٽوٽي وارن مان.

تفسير

جڏهن الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي توراة جهڙو جامع ڪتاب عطا فرمايو تہ بني اسرائيل ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار نظر نہ آيا ڇو تہ انهن ۾ عناد ۽ طبعي فساد تمام گهڻو هو. پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سين طور جبل ڪٽي انهن جي مٿان جهليو ۽ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جن انهن کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن اوهان توراة تي ايمان آڻي ۽ عمل نہ ڪندؤ تہ هي جبل اوهان جي مٿان ڪيرائي اوهان کي ڇيپائيو ويندو. هنن ظاهري طرح اقرار ڪيو ۽ الله تعاليٰ بہ کين فرصت ڏيڻ لاءِ جبل هٽايو. پر اهي ايڏي عهد ۽ اقرار ڪرڻ کان پوءِ بہ ڦري ويا. الله تعاليٰ پنهنجي رحمت ۽ ڪرم کي ظاهر ڪندي فرمايو تہ اوهان خساري ۽ نقصان ۾ وجوها، تباهہ ۽ برباد ٿيو ها پر مون وري بہ اوهان کي معاف ڪيو ۽ اوهان تي رحم ڪرڻ فرمايو.

* فائدو *

طور عام جبل کي بہ چيو ويندو آهي. (۱)

ڪن عالمن ان مان مراد اهو مخصوص جبل ورتو آهي جنهن تي حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي توراة شريف مليو هو مگر وڌيڪ صحيح قول اهو آهي تہ ان مان مراد مطلق جبل آهي. (۲)

(۱) لسان العرب ص ۵۰۸ ج ۴ (۲) تفسير ابن جرير ص ۲۵۷ ج ۱

* فائدو *

هن آيت ۾ بني اسرائيل جو اهو گناه بيان ڪيل آهي ته انهن خوشيءَ سان توراة نه ورتو هو انهن جي مٿان جبل آڻي انهن کي مجبور ڪيو ويو هو ته مڃيو ۽ عمل ڪيو . پر جيڪو به شخص الله تعاليٰ جي نازل ڪيل ڪتاب تي عمل نه ٿو ڪري اهو چڻ ته ان کي قبول نه ٿو ڪري جيئن اسان جي ڪيترن مسلمانن الله تعاليٰ جي ڏنل ڪتاب تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڪيترا ته تلاوت به ڪونه ڪندا آهن ڪي تلاوت ته ڪن ٿا پر عمل ڪونه ٿا ڪن. سنن نسائيءَ ۾ حضرت ابو سعيد خدريءَ رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ مِنْ شَرِّ النَّاسِ رَجُلاً يَقْرَءُ الْقُرْاٰنَ وَلاَ يَرْعَوِيْ اِلٰى شَيْءٍ مِّنْهُ" (١)

يعني ماڻهن ۾ سڀن کان وڌيڪ بڇڙو اهو آهي جيڪو قرآن ڪريم پڙهي ٿو ۽ ان جي ڪنهن حڪم ڏانهن موٽي نه ٿو.

وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِيْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِي السَّبْتِ

۽ بلاشڪ ڄاڻي ورتو اوهان انهن کي جو حد کان لنگهيا اوهان مان ڇنڇر جي ڏينهن

فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خَاسِئِيْنَ ﴿٦٥﴾ فَجَعَلْنَاهَا

(جي باري) ۾ . پوءِ چيوسون انهن کي ته ٿي پئو باندر نقصان ۾ پوندڙ . پوءِ بنايوسون

نَكَالاً لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَمَا خَلْفَهَا وَمَوْعِظَةً

ان (واقعي) کي عبرت انهن جي اڳين لاءِ ۽ پوين لاءِ ۽ نصيحت ڪري

لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾

پرهيزگارن لاءِ.

(١) تفسير القرطبي ص ٤٣٧ جلد ١

* فائدو *

قردة جي معنيٰ ڪن ڀولا ڪئي آهي تہ ڪن باندر

* تفسير *

هتي هڪ اهڙي واقعي جو بيان آهي جيڪو بني اسرائيل جي تاريخ جو مشهور ۽ معروف واقعو آهي ۽ انهن جا ننڍا وڏن ڪان اهو واقعو ٻڌندا پئي آيا . تفصيل هن طرح آهي تہ

الله تعاليٰ ڇنڇر جو ڏينهن بني اسرائيل کي عبادت ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪري ڏنو هو . ان ڏينهن ۾ انهن لاءِ پوک جو ڪم، واپار، شڪار ڪرڻ وغيره سڀ منع هوءِ اهو حڪم اهڙو تہ سخت هو جو ان تي عمل نہ ڪندڙ جي سزا قتل مقرر ڪيل هئي. بني اسرائيل ان حڪم ڪان منهن موڙڻ لاءِ ڪئين حيلا، فريب ۽ اٽڪلون ڪندا رهندا هئا . درياءَ جي ڪناري تي ڪڏا کٽي انهن کي ننڍين نالين جي ذريعي درياءَ سان ملائي ڇڏيو هيائون ۽ جڏهن ڇنڇر جي ڏينهن درياءَ ۾ مڇيون ظاهر ٿينديون هيون تہ اهي انهن نالين جا منهن کولي ڇڏيندا هئا تڏهن پاڻيءَ جي وهڪري جي زور سان ڪئين مڇيون انهن کڏن ۾ اينديون هيون تہ انهن جي منهن کي بند ڪري آچر جي ڏينهن اڇي اهي مڇيون ڪيندا هئا . الله تعاليٰ انهن جي ان ڳالهہ کي پسند نہ فرمائي انهن تي عذاب موڪليو ، سيئي ڀولا بنجي ويا . ٽي ڏينهن کائڻ ، پيئڻ کان سواءِ جيئرا رهيا ۽ نيٺ مري ويا ۽ انهن جو ڪو بہ نسل دنيا ۾ باقي نہ رهيو(١)

اهو واقعو نسل در نسل انهن ۾ بيان ٿيندو ٿي آيو ۽ پاڻ ئي نقل ڪندا ٿي آيا . الله تعاليٰ ڪين اهو ياد ڏياريندي پنهنجي مهرباني بيان فرمائي آهي ۽ اهو ان مالڪ مٺي جو انهن تي وڏو احسان آهي.

(١) الڪشاف ص ٢٨٦ ج ١ الدر المنثور ص ١٨٤ ج ١

* فائدو *

السبت (ڇنڇر) ان جي اصل معنيٰ آهي ڪپڻ ۽ ڇنڇر کي السبت ان جي ڪري چيو ويو آهي جو الله تعالي خلق جي پيدائش جو سلسلو آچر تي شروع ڪري جمعه تي پورو ڪرڻ فرمايو هو. (يعني پورن ڇهن ڏينهن ۾)جيئن متعدد آيتن ۾ ذڪر ڪيل آهي. ۽ ڇنڇر جي ڏينهن ڪابه شيءِ پيدا نه ڪيائين ان جي ڪري اهو ڏينهن ٻين ڏينهن کان ڪٽجي ويو ۽ منجهس ڪو به ڪم ڪو نه ٿيو(١)

* سوال *

ڇا هن وقت موجود ڀولا يا باندر انهن يهودين جو اولاد آهن جن جون شڪليون بدليون هيون؟

* جواب *

نه!اها ڳالهه صحيح نه آهي اهي ڀولا اڳ ۾ به پيدا ٿيل هئا باقي اهي صورت مٽيل انسان سيئي ٽي ئي مري ويا هئا. جيئن حضرت ابن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي آڏو ڀولن ۽ سوئرن جو ذڪر ڪيو ويو ته پاڻ فرمايائون "اِنَّ اللهَ عَزَّ وَجَلَّ لَمْ يُهْلِكْ قَوْمًا اَوْ يُعَذِّبْ قَوْمًا فَيَجْعَلَ لَهُمْ نَسْلًا وَاِنَّ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ كَانُوْا قَبْلَ ذَالِكَ"(٢)

يعني بيشڪ الله عز وجل جن قومن کي هلاڪ ڪيو يا انهن تي عذاب ڪيو آهي ته انهن جو نسل دنيا تي نه رهندو ۽ اهي ڀولا سوئر اڳ ۾ به هئا.

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖٓ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا

۽ (ياد ڪريو) جڏهن چيو موسيٰ پنهنجي قوم کي ته بيشڪ الله امر ٿو ڪري اوهان کي ته ڪهو

(١) المفردات ص٢٢٩ (٢) صحيح مسلم مع النووي ص٣٣٨ج١

بَقَرَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ؕ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ

ڳئون ڪيائون ڇا اسان سان ٺٺوليون ٿو ڪرين؟ چيو (موسيٰ) پناهه ٿو وٺان الله جي

اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ

هن ڳالهه کان جو هجان جاهلن مان چيائون ته دعا گهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ته

لَّنَا مَا هِيَ ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّلَا

بيان ڪري اسان لاءِ ته اها ڪهڙي (قسم جي) آهي چيائين بيشڪ اهو فرمائي ٿو

بِكْرٌ ؕ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ؕ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾

ته بيشڪ اها ڳئون نه پوڙهي آهي ۽ نه ننڍي وچٿري آهي ان وچ ۾ پوءِ ڪريو

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ

ڏيکاريو اهو جو حڪم ٿا ڪيا وڃو چيائون ته دعا گهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان

يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ ۙ فَاقِعٌ

ته بيان ڪري اسان لاءِ ته ان جو رنگ ڪهڙو آهي؟ چيائين بيشڪ اهو فرمائي ٿو ته بيشڪ اها ڳئون هيڊي

لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ

ڪڪڙي آهي ڳوڙهو هيڊو رنگ آهي ان جو خوش ٿو ڪري ڏسندڙن کي. چيائون دعا گهر اسان لاءِ

يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ؕ

پنهنجي رب کان ته چٽائي ڪري اسان لاءِ ته اها ڪهڙي (پارين) آهي بيشڪ ڳئون هڪ ٻئي سان مشابهه

وَاِنَّآ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ اِنَّهٗ

آهن اسان وٽ ۽ بيشڪ اسين جيڪڏهن گهريو الله ته هدايت وارا

يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَلَا

اهيون چيائين ته بيشڪ اهو فرمائي ٿو ته بلا شبه اها ڳئون نه

تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّاشِيَةَ فِيْهَا ؕ قَالُوا

وهو آهيجو زمين کيڙي ۽ نه پوک کي پياري صحيح سالم آهي

الْاٰنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ؕ فَذَبَحُوْهَا وَمَا

نه آهيڪو عيب ان ۾ چيائون ته هاڻي تو صحيح ڳالهه آندي

كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ وَاِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا ع٨

آهي. پوءِ ان کي ڪٽائون ۽(بظاهر)ڪرڻ وارا نه هئا. ۽ جڏهن ڪئو اوهان هڪ شخص کي

فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ؕ وَاللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا

پوءِ تڪرار ڪيُو ان (جي ماريندڙن جي باري) ۾ ۽ الله پڌرو ڪندڙ آهي جيڪو

كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿٧٢﴾ ۚ فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ؕ

اوهان لڪايو ٿي، پوءِ چيوسون ته هڻو ان (مئل کي) ان جي (گوشت جو) ڪجهه

كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ الْمَوْتٰى ۙ وَيُرِيْكُمْ

حصو. اهڙيءَ طرح جيئرو ڪندو آهي الله مئلن کي. ۽ ڏيکاريند و آهي اوهان کي

اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٣﴾

پنهنجون نشانيون ته من اوهان سمجهو.

تفسير

هنن آيتن ۾ هڪ واقعو بيان ٿيل آهي جنهن جو مختصر ذڪر هن طرح آهي تہ بني اسرائيل ۾ هڪ شخص وڏي ملڪيت وارو هو، مگر ان کي اولاد نہ هو. ان جي ڀائٽين ان طمع تي تہ ان جي مرڻ کان پوءِ سندس وارث پاڻ ٿيندا. رات جو کيس قتل ڪري ڪٺي ٻين جي دروازي تي ڇڏي وياءِ صبح جو پاڻ ئي فريادي بڻيا تہ اسان جي چاچي کي الائي ڪير قتل ڪري ويو آهي؟ ان مسئلي جي حل لاءِ حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام الله تعاليٰ کان دعا گهري الله تعاليٰ کيس فرمايو تہ هڪ ڳئون ڪهي ان جي جسم جو ڪجهہ حصو ان ڪٺل جي جسم کي هڻو تہ پاڻ جيئرو ٿي ٻڌائيندو تہ ان کي ڪنهن قتل ڪيو آهي. حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام کين اهو حڪم پهچايو. پهرياڻين تہ ان کي کل ڀوڳ سمجهڻ لڳا پر پوءِ حضرت موسيٰ عليہ الصلواة والسلام کان ان جون نشانيون وغيره پڇي اهڙي ڳئون ڳولڻ لڳا ۽ کين خبر پئي تہ اهڙين صفتن واري ڳئون هڪ ڇوڪري وٽ آهي، جنهن جو پيءُ صالح هو ۽ جڏهن ان جي مرڻ جو وقت آيو هو تہ ان دعا گهري هئي تہ يا الله! هن ننڍڙي پٽ لاءِ مان هيءَ گابي تو الله جي سهاري ڇڏي ٿو وڃان ۽ هن پٽ کي بہ تنهنجي حوالي ٿو ڪيان. الله تعاليٰ ان جي دعا قبول ڪئي ۽ اها گابي وڏي ٿي. اهي صفتون جيڪي الله تعاليٰ بني اسرائيل کي ٻڌايون هيون سي سڀ ان ۾ ئي موجود هيون. بني اسرائيل ڳري قيمت ادا ڪري ان صالح بزرگ جي پٽ کان اها ڳئون خريد ڪري آيا ۽ ان کي ڪهي ان جو هڪ حصو ان ڪٺل شخص کي هنيائون تہ اهو جيئرو ٿي پيو ۽ ان پنهنجا قاتل بيان ڪري ٻڌايا ۽ اها منجهيل ڳالهہ حل ٿي وئي.

* سوال *

ان ڳئون جي جسم جو اهو ڪهڙو حصو هو جنهن جي هڻڻ سان اهو ڪٺل شخص جيئرو ٿيو؟

* جواب *

ان ۾ ٻہ اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ سڄي پاسي واري ران هئي ۽ ڪن جوچوڻ آهي تہ اهوپيچ هو ۽ ڪن ٻيا حصا چيا آهن. (١)

* فائدو *

ڳئون جي ڪهڻ لاءِ حڪم ڏيڻ ۾ اها حڪمت هئي تہ بني اسرائيل جي دل مان ان جي محبت ڪيڍي وڃي ۽ ان کي مقدس نہ سمجهن ڇو جو انهن ڪجهہ وقت ڳئون جي پوڄا ڪئي هئي.

* فائدو *

اسلام ۾ قاتل کي مقتول جي وارث هجڻ جي باوجود ورثو نہ ڏيڻ جوحڪم بہ ان جي ڪري آهي تہ لالچ ۽ ورثي جي طمع تي ڪو بہ ڪنهن کي قتل نہ ڪري ڇو تہ قاتل مقتول جي ورثي کان محروم آهي.

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذَالِكَ فَهِيَ

وري سخت ٿيون دليون اوهان جون ان کان پوءِ. پوءِ اهي پٿرن وانگر آهن بلڪ آهان

كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ وَاِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا

بہ گهڻو سخت ۽ بيشڪ پٿرن مان البتہ اهڙا (پٿر بہ) آهن جو وهن ٿيون انهن مان

يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهَارُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ

نهرون ۽ بيشڪ انهن مان البتہ اهي (پٿر بہ) آهن جو ڦاٽن ٿا پوءِ نڪري ٿو انهن

(١) الڪشاف ص٢٨٩ ج١

مِنْهُ الْمَاءُ ۭ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۭ وَمَا

مان پاڻي ۽ بيشڪ انهن مان البته اهي (پٿر به) آهن جو ڪرن ٿا الله جي خوف ڪان

اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٤﴾

۽ نه آهي الله بي خبر ان ڪان جو ڪيو ٿا.

تفسير

هتي انسان جي سنگدليءَ جو ذڪر آهي ته اهو جڏهن سڻو ٿو هلي ته الله تعاليٰ جي نوري فرشتن جو قبلو بنجي ٿو ۽ جڏهن خراب ٿو ٿئي ته سختيءَ ۾ پٿرن کي به ماري ٿو وڃي. چو ته پٿر ڪي اهڙا آهن جن مان نهريون ٿيون نڪرن ۽ ڪي اهڙا آهن جيڪي پاڻي ٿا ڪڍن ته ڪي وري الله تعاليٰ جي خوف ڪان جبلن جي چوٽين تان هيٺ ڪرن ٿا.

دل جي قساوت انتهائي خراب آهي. ترمذي شريف ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو " لَا تُكْثِرُوا الْكَلَامَ بِغَيْرِ ذِكْرِ اللّٰهِ فَاِنَّ كَثْرَةَ الْكَلَامِ بِغَيْرِ ذِكْرِ اللّٰهِ قَسْوَةٌ لِّلْقَلْبِ وَاِنَّ اَبْعَدَ النَّاسِ مِنَ اللّٰهِ الْقَلْبُ الْقَاسِيُّ " يعني الله تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ گهڻو نه ڳالهايو بيشڪ الله جي ذڪر کان سواءِ گهڻو ڳالهائڻ دل جي سخت بنائڻ جو سبب آهي ۽ سخت دل وارو، ماڻهو الله تعاليٰ کان گهڻو پري آهي - مسند بزار ۾ حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو " اَرْبَعَةٌ مِنَ الشِّقَاءِ جُمُوْدُ الْعَيْنِ وَقَسَاءُ الْقَلْبِ وَطُوْلُ الْاَمَلِ وَالْحِرْصُ عَلَي الدُّنْيَا " (١)

يعني چارشيون بدبختيءَ مان آهن. اک جو سڪي وڃڻ (نه روئڻ) ۽ دل جو سخت ٿيڻ ۽ اميد جو ڊگهو هجڻ ۽ دنيا جو حرص.

(١) هئي روايتون تفسير قرطبيءَ ۾ آهن ص٤٦٣ ج١

ڄاڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جي قدرت جي اڳيان اها ڳالهہ بالكل آسان ۽ ممكن آهي جو اهو پٿرن ياٻين شين كي اهڙي معرفت ياشعور عطا كري. قرآن كريم جي آيتن ۽ نبوي حديثن مان اها ڳالهہ ظاهر ۽ ثابت آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي لاءِ ڪجيءَ جي ٿڙ جو روئڻ بہ ان جو دليل آهي.

مسلم شريف ۾ حضرت جابربن سمرة رضي الله تعاليٰ عنہ كان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو"اِنِّيْ لَاَعْرِفُ حَجَرًا بِمَكَّةَ كَانَ يُسَلِّمُ عَلَيَّ قَبْلَ اَنْ اَبْعَثَ اِنِّيْ لَاَعْرِفُهُ الْاٰنَ(۱)

يعني مكہ پاڪ ۾ هڪ پٿرآهي جنهن كي مان ڇهينئر بہ سڃاڻان ٿو. جيكومنهن جي بعثت كان اڳ ۾ مون تي سلام پڙهندو هو.

اهڙيءَ طرح حضرت ابن مسعود رضي الله تعاليٰ عنہ كان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي زماني ۾ اسين كائڻ وقت كاڌي جي تسبيح ٻڌندا هئاسون(۲)

اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ يُّؤْمِنُوْا لَكُمْ وَقَدْ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ

ڇا (اي مسلمانو اوهان يهودين ۾) اميد ٿا ركو تہ ايمان آڻيندا اوهان جي چوڻ تي

يَسْمَعُوْنَ كَلَامَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ مَا

۽ تحقيق آهي جماعت هڪ انهن مان ٻڌن ٿا الله جي كلام كي ان كان پوءِ ڦيرائن

عَقَلُوْهُ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۷۵﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ٿا ان كي ان كان پوءِ جو سمجهيائون ان كي ۽ اهي ڄاڻن ٿا ۽ جڏهن ملن ٿا انهن

قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚ وَاِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ اِلٰي بَعْضٍ قَالُوْٓا

كي جو ايمان آندائون تہ چون ٿا تہ ايمان آندوسون ۽ جڏهن اكيلائي ۾ ملندو آ بعض

(۱)مشكواة شريف ص۵۲۴ (۲)بخاري شريف ص۵۰۵ ج۱

اَتُحَدِّثُوْنَهُمْ بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ

انهن جو بعض سان تہ چوندا آهن ڇا ڳالهيون ٿا ڪيو انهن سان جيڪي کوليون آهن الله

عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٧٦ اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ

اوهان جي مٿان تانت دليل قائم ڪن اوهان تي ان سان اوهان جي رب وٽ پوءِ نہ ٿا سمجهو؟

يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۝٧٧

ڇا نہ ٿا ڄاڻن تہ بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا.

تفسير

ڄاڻڻ گهرجي تہ ان جي باوجود جو حق بالڪل چڱيءَ طرح ظاهر ٿي چڪو هو ۽ قرآن ڪريم جي حقانيت ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي صداقت بالڪل روشن ٿي چڪي هئي پوءِ بہ انهن جي سرڪشيءَ ۽ عناد جي اها حد آهي جو ابن ڏاڏن کان وٺي حق جي مخالفت ڪندا آيا آهن تہ انهن ۾ ايمان آڻڻ ياحق کي قبول ڪرڻ جي ڪهڙي اميد ٿا رکو هيءُ خطاب اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم سان آهي جيڪي انهن جي ايمان آڻڻ جو آسرو رکندا هئا ۽ ان طمع مان مراد بہ اهائي طمع آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ طمع بہ قسم آهي. هڪ رحماني ٻي شيطاني. اهڙيءَ طرح حرص بہ هڪ ايماني آهي ٻيو نفساني.

طمع رحماني سٺي ۽ ساراهيل آهي، ان کي ديني بہ سڏبو آهي. اهابري نہ آهي. هن آيت ۾ بہ طمع کي خراب نہ سڏيو ويو آهي بلڪ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ايمان نہ آڻيندا انهن ۾ اها طمع نہ رکو ڇو تہ انهن الله تعاليٰ جي نبين سڳورن عليهم الصلوٰة والسّلام جي اعليٰ معجزن کي ڏسي بہ ايمان نہ آندو تہ اوهان جي چوڻ

تي ايمان كيئن آڻيندا. ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ ۾ يُحَرِّفُوْنَ تحريف کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي. هٽائڻ، بدلائڻ - تحريف جون ٻه ٽي صورتون آهن. ١- لفظ مٽائڻ ٢- معنيٰ مٽائڻ ٣- عبارت ساڳي هجي پر ان جو مطلب اهڙو بيان ڪجي جو اجماع امت جي خلاف هجي. الله تعاليٰ جي ڪلام جي تحريف ڪفر آهي جيڪو به شخص الله تعاليٰ جي ڪلام جي عبارت ديده دانسته مٽائيندو اهو ڪافر آهي.

يهودي حضور پر نور صلي الله تعاليٰعليه وسلم جن جي اوصاف کي تورات مان مٽائيندا هئا، اهڙيءَ طرح شرعي احڪام به بدلائيندا هئا. اصل آيتن جون عبارتون لڪائيندا هئا،جيئن انهن جيِ تحريف کي الله تعاليٰ بيان فرمايو آهي ۽ قرآن پاڪ کي تحريف کان بچائڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ جو ذمو الله تعاليٰ پاڻ ڪنيو آهي ان جي ڪري قرآن پاڪ هر قسم جي تحريف کان محفوظ آهي ۽ قرآن ڪريم ۾ تحريف جو قائل مسلمان نه آهي."مِنْ بَعْدِ مَاعَقَلُوْهُ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ" مان مراد آهي ته اهي يهودي اها تحريف ڄاڻي واڻي، سوچي سمجهي ڪندا هئا. ڪين اصل عبارتون ياد به هونديون هيون. پر لالچ جي ڪري ائين ڪندا هئا ۽ انهن مان ڪي اهڙا به هوندا هئا جيڪي مسلمانن کي ملندا هئا ته انهن کي سچيون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا پر ٻيا انهن کي روڪيندا هئا ته اهي ڳالهيون انهن سان ڇو ٿا ڪيو؟ اهي قيامت ۾ اوهان کي ڳچيءَ مان وٺندا ته هنن پاڻ اسان سان هي ڳالهيون ڪري به ايمان نه آندو هو. الله تعاليٰ فرمايو ته "انهن کي اهو علم نه آهي ته الله ظاهر ۽ ڳجهه سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو." ته پوءِ ائين ڇو ٿا ڪن؟ المقصد ته مسلمانن کي سمجهايو ٿو وڃي ته انهن يهودين جو انڪار ڪنهن دليل تي ٻڌل نه آهي.اهي ڄاڻن ٿا ته حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن الله تعاليٰ جا سچا رسول آهن. ان جي صفات ۽ ڪمالات جي ذڪر سان سندن ڪتاب ڀريا پيا آهن.اهي ڄاڻي ٻجهي انڪار ڪن ٿا. هن آيت مان اهو به معلوم ٿيو ته حق لڪائڻ ۽ سيدِ عالم صلي الله عليه وسلم جي اوصاف ۽ ڪمالات جو انڪار ڪرڻ يهودين جو شيوو آهي. اسلام جي دعويٰ ڪندڙن کي زيب نه ٿو ڏئي ته پنهنجي محبوب صلي الله عليه وسلم جن جي ڪمالات بيان ڪرڻ ۾ انهن جي زبان اٽڪي ۽ شان ٻڌڻ ۾ دل نه لڳي.

وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتَابَ اِلَّآ اَمَانِيَّ وَاِنْ

۽ انهن مان ڪي اڻ پڙهيل آهن جيڪي نہ ٿا ڄاڻن ڪتاب ڪي سواءِ اميدن جي ۽ نہ

النصف

هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٧٨﴾

آهن اهي مگر گمان ڪن ٿا.

تفسير

پهريائين انهن جي عالمن جو ذڪر هو هاڻي انهن جي اڻ پڙهيل عوام جو ذڪر ٿي رهيو آهي. اماني جمع آهي ان جو مفرد امنيہ آهي جنهن جو اصل مُنِيٌّ آهي ان جي معنيٰ آهي فرض ڪرڻ يا اهو انعام جنهن جو انسان پاڻ کي حقدار يا اهل ثابت نہ ڪندي بہ خواهش رکي يعنيٰ بني اسرائيل جي اڻ پڙهيل عوام جو سرمايو صرف اهي خواهشون ۽ سڌون آهن ۽ ايمان ڪامل ۽ عمل صالح کان سواءِ صرف اهڙن وهمن ۾ مبتلا رهڻ هلاڪت جو باعث آهي.

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ثُمَّ

پوءِ هلاڪت آهي انهن لاءِ جو لکندا آهن ڪتاب پنهنجن هٿن سان ان کان پوءِ چون

يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ط

ٿا تہ هيءُ (لکيل) الله وٽان آهي. تانتہ حاصل ڪن ان سان ملھ ٿورو. پوءِ هلاڪت

فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا

آهي انهن لاءِ سببان ان جي جو لکيو آهٿن انهن جي ۽ هلاڪت آهي انهن لاءِ سببان ان

يَكۡسِبُوۡنَ ﴿٧٩﴾

(مال) جي جو ڪمائن ٿا.

تفسير

يهودين جي عالمن نہ صرف پاڻ نہ مڃيو پر انهن الله تعاليٰ جي ڪتاب توراة ۾ ڪيترن جاين تي تبديليون آنديون هيون ۽ انهن پنهنجي طرفان ڪيترا واڌارا ڪيا هئا. اهڙيءَ طرح انهن ظالمن اچڻ وارن نسلن لاءِ بہ ڪا اهڙي گنجائش ڪانہ ڇڏي هئي جو اهي انهن ڪتابن ۾ غور ڪري حقيقت تائين پهچي سگهن. پهريان يهودي ۽ نصاريٰ ان تبديليءَ جي ڳالهين ڪي تسليم نہ ڪندا هئا، مگر هاڻي انهن جا محقق بہ تسليم ڪن ٿا تہ انهن جا ڪتاب تحريف ڪان نہ بچي سگهيا.

وَقَالُوۡا لَنۡ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعۡدُوۡدَةً ؕ قُلۡ

۽ چيائون تہ اصل نہ ڇهندي اسان کي باهہ سواءِ ڏينهن ڳڻيلن جي. فرماءِ تہ ڇا ورتو

اَتَّخَذۡتُمۡ عِنۡدَاللّٰهِ عَهۡدًا فَلَنۡ يُّخۡلِفَ اللّٰهُ عَهۡدَهٗۤ اَمۡ

آهي اوهان الله کان ڪو وعدو؟ پوءِ اصل نہ مخالفت ڪندو الله پنهنجي وعدي جي.

تَقُوۡلُوۡنَ عَلَي اللّٰهِ مَالَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٨٠﴾

يا چئو ٿا الله تي جيڪي نہ ٿا ڄاڻو. (ڪوڙ ٿا هڻو)

تفسير

بني اسرائيل چوندا هئا تہ اسين الله تعاليٰ جا دادلا ۽ پيارا آهيون ۽ جهنم جي باھ اسان کي نہ ساڙي سگهندي. بعضي يهودين جو وري اهو عقيدو هو تہ انهن کي صرف چاليھ ڏينهن عذاب ٿيندو ،جيڪا مدت انهن گابي جي پوڄا ڪئي هئي ۽ الله تعاليٰ جي متعلق انهن جو تصورنهايت ئي نرالو هو. هڪ طرف تہ انهن تي رب العالمين جي قهر جو هي جهان هو جو جيڪي گناھ انهن جي ابن ۽ ڏاڏن کان ظاهر ٿيا هئا انهن جي سزا صرف انهن مجرمن تائين محدود نہ ٿو رکي،بلڪ انهن جي نسل مان قيامت تائين جيڪو بہ اولاد ٿيندو، اهي بہ ان جي سزا لوڙيندا، ٻئي طرف ان جي معافيءَ ۽ رحم جي اها ڪيفيت بيان ڪندا هئا تہ الله تعاليٰ ڪائنن وڏي ۾ وڏي گناھ جوبہ نہ ٿو پڇي. اهي صرف انهن جون سڌون ۽ پنهنجا بنايل خيال آهن. تنهن ڪري الله تعاليٰ پنهنجي رسول صلي الله عليہ وسلم جن کي حڪم ٿوڏي تہ اوهان انهن کان پڇو تہ ان لاءِ اوهان وٽ ڪهڙي ثابتي آهي. ڇا الله تعاليٰ اوهان سان اهڙو اقرار ڪيو آهي؟ جيڪڏهن اوهان سان اهڙو اقرار ٿيل آهي تہ پوءِ اوهان سچا آهيو ڇو تہ الله تعاليٰ وعدي خلافي نہ ڪندو آهي، مگر اهڙو اقرار آهي ڪٿي؟ الله تعاليٰ جا اقرار تہ وحي جي ذريعي نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام ڏانهن ايندا آهن ۽ سندس نازل ڪيل ڪتابن ۾ بيان ٿيل هوندا آهن. پوءِ ڪهڙي نبي اوهان کي اها خبر ڏني آهي. يا ڪهڙي ڪتاب ۽ ڪهڙيءَ آيت ۾ آهي؟ توراة ۾ يا انجيل ۾ يا زبور ۾ يا قرآن ۾ يا ڪنهن ٻئي صحيفي ۾، ۽ جڏهن اهڙي ثبوت کان عاجز آهيو تہ پوءِ ائين چوڻ وڏو گناھ آهي بلڪ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ تي بهتان آهي ۽ ان جي سزا اوهان کي ضرور ملندي.

بَلٰٓى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓـَٔتُهٗ

هائو. جن ڪئي برائي ۽ ويڙهي وئي انهن کي انهن جي برائي

فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨١﴾

پوءِ اهي دوزخي آهن اهي ان ۾ هميشه رهڻ وارا آهن.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

۽ جن ايمان آندو ۽ ڪيائون چڱا ڪم اهي جنتي

الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع

آهن اهي ان ۾ هميشه رهڻ وارا آهن

٩ ع ٩

تفسير

هنن آيتن ۾ الله تعاليٰ بيان فرمايو آهي تہ هر انسان جيڪي ڪندو اهو ڏسندو جيڪو شخص ڪفر، شرڪ، ظلم، فسق ۽ فجور جهڙا ڏوهہ ڪندو رهيو. پوري زندگي انهن گناهن ۾ گذاريندي نہ گناهن تي افسوس ٿيس نہ حسرت، نہ ندامت ۽ نہ توبہ ڪيائين تہ اهڙي لاءِ بچاءَ جي ڪابہ صورت نہ آهي ۽ جنهن الله تعاليٰ ۽ ان جي سڀني رسولن، فرشتن، ڪتابن، تقدير، قيامت، ان جي حساب، ڪتاب، جزاءِ سزا تي ايمان آندو ۽ يقين رکيو ۽ الله تعاليٰ جي فرمان ۽ ان جي رسول مقبول صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت مطابق چڱا عمل ڪيا تہ ان لاءِ دنيا ۾ آزمائش امتحان ۽ ڏک آهي مگر آخرت ۾ اهو بهشتي آهي. علامہ جلال الدين سيوطيؒ عليہ الرحمہ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما جو فرمان آندو آهي تہ

يهودي چوندا هئا تہ دنيا جي مدت ست هزار (٧٠٠٠) سال آهي ۽ اسان کي هڪ هزار سال جي عوض هڪ ڏينهن عذاب ٿيندو جملي ست ڏينهن ٿيا ۽ پوءِ عذاب ختم ٿي ويندو. الله تعاليٰ انهن جي ترديد ۾ اها آيت سڳوري نازل فرمائي (١)

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ قف وَ

۽ (ياد ڪيو) جڏهن ورتو اسان پڪو وعدو بني اسرائيل کان تہ نہ بندگي ڪندؤ ڪنهن

بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّذِى الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ

جي الله کان سواءِ ۽ ڀلائي ڪندؤ ماءُ پيءُ سان ۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن سان ۽

وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ط

ڳالهايو ماڻهن سان سهڻي نموني ۽ قائم ڪيو نماز ۽ ڏيو زڪواة ان کان پوءِ ڦري

ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَاَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾

ويئو مگر ٿورا اوهان مان ۽ اوهان منهن موڙيندڙ آهيو

تفسير

هتي الله تعاليٰ يهودين جي بي وفائي بيان ڪئي آهي، يعني يهودي ڪيئن ٿا چون تہ اسين ڇا بہ ڪيون پر چند ڏينهن کان سواءِ اسان کي جهنم جي باھ نہ ساڙيندي حالانڪ سندن حال اهو آهي جو ڪنهن بہ وعدي تي پڪا نہ آهن. ڪائنن

(١) الدر المنثور ص٢٠٧ ج١

وعدو ورتو ويو هو ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪندا. ماءُ پيءُ، مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن سان چڱائي ڪندا ۽ اهو به ڪين حڪم ٿيل هو ته ماڻهن سان سهڻي نموني اخلاق سان ڳالهائيندا، نماز قائم ڪندا، زڪوات ڏيندا، پر ٿورن کان سواءِ ٻيا سڀ ڦري ۽منهن موڙي ويا. ياد رکڻ گهرجي ته الله تعاليٰ پنهنجي عبادت سان گڏ والدين جي خدمت ۽ انهن سان احسان ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي، ڇوته انسان جي پهرين نشاة يعني پيدائش رب پاڪ ٿو ڪري ته ٻي نشاة يعني تربيت والدين جي طرفان هوندي آهي. ٻيءَ آيت ۾ الله تعاليٰ پنهنجي شڪر اداڪرڻ جي حڪم سان گڏ والدين جي شڪر اداڪرڻ جو به حڪم ڪيو آهي. جيئن سندس فرمان آهي" اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ" يعني منهن جو شڪر ڪر ۽پنهنجي والدين جو(به شڪر ڪر) ۽ والدين سان احسان ڪرڻ مان مراد آهي انهن سان سٺو سلوڪ رکڻ ۽ تواضع ڪرڻ.امر کي مڃڻ ۽ انهن جي وفات کان پوءِ انهن لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ انهن جي محبت وارن سان محبت رکڻ وغيره. ماءُ پيءُ جي خدمت ڪندڙ لاءِ حديثن ۾ به وڏو ثواب بيان ٿيل آهي. ياد رکڻ گهرجي ته جيئن الله تعاليٰ جي عبادت بادشاه ۽ گدا، نبي ۽ امتي، سڀ ڪنهن تي فرض آهي اهڙيءَ طرح ماءُ پيءُ جي خدمت ۾ به سيني تي فرض آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ماءُ پيءُ جي خدمت ۾ اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻي آهي ته انهن جي خدمت جي ڪري الله تعاليٰ جي فرضي عبادت ۾ خلل نه پوي. مثال طور هڪ طرف والدين جو سڏ آهي ٻئي طرف فرض نماز قضا ٿيڻ جو خطرو آهي ته اول نماز اداڪندو. پوءِ والدين جي سڏ تي ويندو. رستي يا واٽ سان هلڻ ۾ والدين جي اڳيان هلڻ جي ڪوشش نه ڪري انهن کي نالو وٺي نه سڏي، بلڪ ادب سان سڏي. جيتري قدر ٿي سگهي ته پنهنجومال بلڪ ساهه به انهن کان مٿو نه ڪري. هر وقت هر ڪم ۾ انهن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي. ڀلو آهي ته هر جمعي جي ڏينهن انهن جي قبر جي زيارت ڪري، جيڪڏهن ماءُ پيءُ گناهه ڪرڻ جا عادي آهن يا بدمذهبيءَ ۾ ڦاٿل آهن ته انهن کي نرميءَ سان سڌارڻ جي ڪوشش ڪري. قرابت وارن سان سٺي سلوڪ ڪرڻ جوبه الله تعاليٰ فرمان ڪيو آهي ۽ انهن مان مراد اهي مٽ ۽ مائٽ آهن جيڪي والدين جي ذريعي مائٽ بڻيا آهن. انهن ۾ ڏاڏا، نانا، ماما، ماسيون،

چاچا، پڦيون وغيره اچي ويا.

يتيمن سان احسان ڪرڻ به وڏو ثواب ۽ اجر آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته " كَافِلُ الْيَتِيْمِ لَهٗ اَوْلِغَيْرِهٖ اَنَا وَهُوَ كَهَاتَيْنِ فِي الْجَنَّةِ " يعني يتيم جو سنڀاليندڙ پوءِ اهو ان جو پنهنجو هجي يا ٻئي جو- مان ۽ اهو جنت ۾ ائين گڏ هونداسين جيئن اشهد آڱر سان گڏ وچين آڱر آهي.

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته " جنهن يتيم کي کارائڻ ۾ پاڻ سان ملايو ته ان کي الله تعاليٰ جنت ۾ ضرور داخل ڪندو سواءِ انهيءَ جي جو اهڙو ڏوهه ڪري جيڪو معاف ڪرڻ جوڳو نه هجي ". (١)

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَلَا

۽ (ياد ڪيو) جڏهن ورتوسون اوهان کان پڪو وعدو ته نه هاريندؤ پنهنجن رتن کي ۽

تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ

نه ڪيندؤ پنهنجن ماڻهن کي پنهنجن گهرن مان پوءِ اقرار ڪيو ۽ اوهان شاهدي ڏيو ٿا. ان

وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾ ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ

کان پوءِ اوهان ئي اهي آهيو جيڪي پنهنجن کي قتل ڪيو ٿا ۽ ٻاهر ڪيو ٿا هڪ

اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ز

جماعت کي پاڻ مان انهن جي گهرن مان. مدد ڪيو ٿا

تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ط وَاِنْ

انهن جي مٿان گناهه ۽ ظلم سان ۽ جيڪڏهن اچن ٿا

(١) تفسير القرطبي ص١٤ ج٢

يَّاْتُوْكُمْ اُسَارٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ

اوهان وٽ قيدي بنجي ته فديو ڏئي ڇڏايو ٿا انهن کي حالانڪ اهو حرام ڪيل

اِخْرَاجُهُمْ ؕ اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ

آهي اوهان تي انهن جو ڪڍڻ ڇا پوءِ مڃيو ٿا بعض ڪتاب کي ۽ نه ٿا مڃيو

بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا

بعض کي؟ پوءِ ناهي جزا ان جي جو ڪري ٿو ائين اوهان مان سواءِ

خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ

خواريءَ جي دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن موٽايا ويندا سخت

اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾

عذاب ڏانهن ۽ نه آهي الله بي خبر ان کان جو ڪندا آهيو. اهي ئي شخص آهن جن

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ؗ

خريد ڪيو حياتيءَ دنيا واريءَ کي عوض آخرت جي پوءِ

فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع

نه هلڪو ڪيو ويندو انهن تان عذاب ۽ نه اهي مدد ڪيا ويندا.

تفسير

اسلام کان اڳ ۾ مشرڪ بہ هئا تہ يهودي بہ. مشرڪن جا بہ قبيلا هئا. اوس ۽ خزرج. جيڪي هميشه پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا ۽ يهودين جا بہ بہ قبيلا هئا بني قريظہ ۽ بني نضير. جڏهن اوس قبيلي وارا خزرج قبيلي وارن سان وڙهندا هئا تہ بني قريظہ وارا اوس قبيلي وارن جو ساٿ ڏيندا هئا ۽ بني نضير وري خزرج قبيلي وارن جو ساٿ ڏيندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي جا ماڻهو قتل ڪندا هئا. ۽ جڏهن جنگ ختم ٿي ويندي هئي تہ جيڪي مغلوب بنجي قيدي ٿي ويندا هئا انهن کي فديو (جان جو عوض) ڏئي آزاد ڪرائيندا هئا ۽ انهن لاءِ تورات مان جائز هجڻ جا دليل پيش ڪنداهئا. قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ انهن جا احوال بيان ڪندي فرمايو تہ" اوهان کان وعدو ورتوويو هو تہ نہ ناحق قتل ڪندؤ ۽ نہ ڪنهن کي گهر مان ڪڍندؤ پر اوهان مڃيو ٿا ۽ شاهد آهيو تہ اوهان وعدي برخلافي ڪيو ٿا. پنهنجن کي قتل ڪيو ٿا ۽ ڪن کي گهرن مان ڪڍوٿا. هڪ ٻئي جي گناهہ ۽ ظلم تي مدد ٿا ڪيو. فديو ڏئي ڇڏائڻ کان بہ تورات ۾ منع ڪيل آهي پر اوهان ان حڪم جي خلاف ٿا ڪيو مگر ياد رکو جيڪوائين ڪندو اهو دنيا ۾ بہ خوار ٿيندو ۽ آخرت ۾ بہ سخت عذاب ۾ هوندو. الله تعاليٰ سندن ڪردار کان بي خبر نہ آهي. ائين ڪرڻ وارن آخرت جي نعمتن کي ڇڏي دنيا جي حياتيءَ کي پسند ڪيو آهي. ان جي ڪري انهن تان نہ عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نہ سندن ڪو مدد ڪري سگهندو.

* فائدو *

هن آيت سڳوريءَ جي لفظ مبارڪ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ مان اشارو ٿو ملي تہ ڪي اهڙا ماڻهو بہ هوندا جن تان عذاب هلڪو ڪيو ويندو. جيئن رمضان المبارڪ يا جمعہ جي ڏينهن مرڻ واري مسلمان لاءِ هلڪائي آهي. اهڙيءَ طرح مري ويل جي لاءِ جڏهن جيئرا مغفرت جي دعا ٿا ڪن يا الله جي واٽ ۾ خير خيرات ڪري ان جو ثواب ان جي حوالي ٿا ڪن تہ ان کي درجو ملي ٿو ۽ مٿس عذاب هلڪو ٿئي ٿو (١)

(١) تفسير نعيمي ص ٤٦٩ ج ١

* فائدو *

حضور پرنور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ڄمڻ جي خوشي ڪرڻ (جنهن کي ميلاد شريف جي عيد سڏيو ويندو آهي)ان سان به عذاب ۾ هلڪائي ٿيندي آهي. جيئن سيرت جي ڪتابن لکيو آهي ته جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ولادت باسعادت ٿي ته سندن چاچي ابولهب جي ٻانهيءَ ثويبه ابولهب کي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ڄمڻ جي بشارت اچي ڏني. ابولهب اشارو ڪري حضور صلي الله عليه وسلم جن کي پنهنجو ڀائٽيو سمجهي سندن ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ ٻانهيءَ کي آزاد ڪيو. ابولهب کي مري وڃڻ کان پوءِ سندن ويجهن مان ۽ بعض جي قول مطابق حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه خواب ۾ ڏٺو ۽ ڪانئس پڇيو ته تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ ان جواب ۾ چيو ته مان عذاب ۾ آهيان پر هر سومر جي رات مون تي عذاب هلڪو ٿيندو آهي. ۽ منهنجي ان اشاري ڪرڻ واريءَ آڱر مان پاڻي نڪرندو آهي جو چوسيندو آهيان ۽ اهو ثويبه جي آزاد ڪرڻ جي ڪري آهي (١). اهڙيءَ طرح ڪيترا ٻيا واقعات به سيرت نگارن آندا آهن.

* سوال *

ابولهب ته ڪافر هو سندس ڪفر جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ آهي پوءِ انهيءَ تان عذاب ڪيئن هلڪو ٿيو؟

* جواب *

علامه زرقانيءَ لکيو آهي ته:قيل هذا خاص به اکراما للنبي صلي الله عليه وسلم (٢) يعني اهو خصوصي ڪرم هو جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن جي اڪرام ۽ عزت خاطر ڪيو ويو هو. باقي عام ائين نه ٿيندو آهي.

---

(١)الزرقاني شرح مواهب لدنيه ص ١٣٨ ج ١ ۽سيرت حلبي ص ١٣٨ ج١
(٢) الزرقاني علي المواهب ص ١٣٨ ج ١

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَقَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ

۽ بيشڪ ڏنوسون موسىٰ کي ڪتاب ۽ هڪ ٻئي جي پويان موڪلياسون ان کان

بِالرُّسُلِ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ

پوءِ رسول ۽ ڏناسون عيسىٰ بن مريم کي چٽا دليل ۽ تائيد ڪئي سون ان جي

وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ۭ اَفَكُلَّمَا جَاۗءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا

جبريل سان ڇا پوءِ جڏهن بہ آندو اوهان وٽ رسول اهڙو حڪم جو نہ ٿا پسند ڪن

لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ۚ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ۡ

نفس اوهان جا تہ وڏائي ڪئيوَ، پوءِ هڪ ٽوليءَ کي ڪوڙو چيو ۽

وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾

ٻيءَ ٽوليءَ کي شهيد ڪيو.

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام کان پوءِ موڪليل پيغمبرن جو اجمالي ذڪر ڪري حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جو نالي سان ذڪر ڪيو ويو آهي. ۽ ڪيس عطا ٿيل ٻن شين جو بہ بيان آهي. اِهڪ بينات ان جي سمجهاڻيءَ لاءِ علامه زمخشريءَ لکيو آهي تہ: المعجزات الواضحات والحجج کاحياءِ الموتىٰ وابراءِ الاکمه والابرص والاخبار بالمغيبات (١)

(١) الڪشاف ص ۲۹۴ ج ١

يعني بينات مان مراد روشن معجزا ۽ دليل ۽ حجتون آهن.

جيئن مئلن کي جيئرو ڪرڻ. ماءُ جي پيٽ مان ڄاول انڌي کي ڏسندڙ بنائڻ، ڪوڙهه جي بيماريءَ ۾ ڦاٿل کي چڱو ڀلو ڪرڻ ۽ غيب جون خبرون ڏيڻ وغيره. علامه شوڪانيؒ لکيو آهي ته: والخبر بكثير من الغيوب (١)

يعني گهڻن غيبن جون خبرون ڏيڻ.

* فائدو *

حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام کي الله تعالىٰ غيب جون گهڻيون خبرون ڏيڻ وارو علم عطا ڪيو هو پر اسان جي آقا حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن کي الله تعالىٰ حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام کان به وڌيڪ علم عطا ڪيو آهي پاڻ ان کان به وڌيڪ غيب جون خبرون ڏنيون اٿن. سندن علمي مقام به ٻين سڀني نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کان اعلىٰ، ارفع، بلند ۽ بالا آهي. سندن علم جي متعلق انشاءَ الله تعالىٰ اڳتي بيان ايندو.

حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جي الله تعالىٰ روح القدس سان تائيد ڪئي. روح القدس مان مراد حضرت جبريل امين آهي. حضرت جابر رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "روح القدس جبريل آهي".

حضرت ابن عباس، حضرت اسماعيل بن ابي خالد، حضرت حسن بصريؒ وغيرهم کان به اهائي روايت آيل آهي. بعضي مفسرن ان مان مراد الله تعالىٰ جو اسم اعظم ورتو آهي جنهن جي برڪت سان حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام مئل جيئرا ڪندو هو.

(١) فتح القدير ص ١١١ ج ١

وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ۭ بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ

۽ چيائون تہ اسان جون دليون ڍڪيل آهن. بلڪ لعنت ڪئي انهن تي الله سببان

فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ۝۸۸

ڪفر انهن جي پوءِ ٿورا ايمان آڻين ٿا.

تفسير

غلف جي معنيٰ پردي ۾ ڪيل، ڍڪيل. يهودي وڏي فخر سان چوندا هئا تہ اسان جون دليون ڍڪيل ۽ محفوظ آهن ڪنهن جو بہ اثرائتو بيان، قوي دليل ۽ معجزا اسان کي پنهنجن عقيدن کان هٽائي نہ سگهندا.

علامه شوڪانيءَ ابن جرير، ابن ابي حاتم جي حوالي سان حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي تہ يهودي چوندا هئا تہ اسان جون دليون اڳ ۾ ئي علم سان ڀريل آهن اسان کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي علم جي ڪا ضرورت نہ آهي. (١)

الله تعاليٰ فرمايو تہ "ائين نہ آهي پر حقيقت هيئن آهي تہ اوهان گهٽيءَ بي فرمانيءَ جي ڪري الله تعاليٰ جي رحمت کان محروم ٿي ويا آهيو ۽ اوهان جون دليون ايماني نور حاصل ڪرڻ جي لائق نہ رهيون آهن. اوهان الله تعاليٰ جي سچي نبي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن کي سڃاڻي ۽ سندن ذات اقدس ۾ نبوت جون سڀ نشانيون ڏسي بہ انڪار ڪيو آهي ان جي ڪري لعنتي بنجي چڪا آهيو (٢)

(١) تفسير فتح القدير ص ١١١ ج ١ (٢) تفسير خازن ص ٦٥ ج ١

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا

۽ جڏهن آيو انهن وٽ ڪتاب الله وٽان جيڪو تصديق ڪندڙ آهي ان (ڪتاب) جي

مَعَهُمْ ۙ وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ

جو انهن سان گڏ آهي ۽ ان کان اڳ فتح گهرندا هئا ڪافرن تي پوءِ جڏهن تشريف

كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۚ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ

فرما ٿيو انهن وٽ اهو (رسول) جو سڃاتائون ته انڪار ڪيائون ان جو. پوءِ الله جي لعنت

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾

آهي ڪافرن تي

تفسير

هن آيت مبارڪ ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ذات اقدس سان وسيلي وٺڻ جو ذڪر آهي. سندن تشريف آوريءَ کان اڳ ۾ جڏهن يهودي ڪافرن، مشرڪن سان جنگ ڪندا هئا ۽ پنهنجي فتح جا امڪان ختم ڏسندا هئا ته ان وقت توراة کولي اڳيان رکندا هئا ۽ جن مقامن ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي صفات ۽ ڪمالات جو ذڪر هوندو هو اتي هٿ رکي هنن لفظن سان دعا گهرندا هئا. اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْئَلُكَ بِحَقِّ نَبِيِّكَ الَّذِيْ وَعَدْتَّنَا اَنْ تَبْعَثَهٗ فِيْ آخِرِ الزَّمَانِ اَنْ تَنْصُرَنَا الْيَوْمَ عَلٰي عَدُوِّنَا فَيُنْصَرُوْنَ. (١)

(١) تفسير روح المعاني ص٣٢٠ ج ١ تفسير القرطبي ص ٢٧ ج ٢

يعني اي الله! بيشڪ اسين توڪان دعا گھرون ٿا ان نبي (سڳوري عليه الصلواة والسلام) جي واسطي سان جنهن کي آخر زماني ۾ موڪلڻ جو تو اسان سان وعدو ڪيو آهي. اسان کي اڄ اسان جي دشمن تي فتح ڏي ۽ مدد ڪر. پوءِ انهن کي مدد ۽ فتح ملندي هئي.

حضرتؒ مولانا شاهه ولي الله محدث دهلوي عليه الرحمة جن قرآن ڪريم جي فارسي ترجمي ص۱۸ حاشيه ع۳ تي لکيو آهي تہ: هن ۾ ان ڳالهه جو بيان آهي جو خيبر جا يهودي غطفان وارن سان جنگ ڪندا هئا ۽ جڏهن پنهنجي شڪست ملڻ جو يقين سمجهندا هئا تہ حضرت محمدؐ نبيّ اُميّ صلي الله عليه وسلم جن جي طفيلي مدد ۽ فتح گهرندا هئا ۽ فتح حاصل ڪندا هئا. (١)

مشهور محدثِ علامه ابن الجوزيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: وَكَانَتِ الْيَهُوْدُ اِذَا قَاتَلَتِ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَنْصَرُوْا بِاِسْمِ نَبِيِّ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (٢)
يعني جڏهن يهودي مشرڪن سان جنگ ڪندا هئا تہ الله جي نبي صلي الله عليه وسلم جي نالي مبارڪ سان مدد گهرندا هئا يعني اِن جي وسيلي سان.

عظيم مفسر، محدث، مؤرخ ۽ لاثاني مصنف حضرت مولانا جلال الدين سيوطيؒ عليه الرحمة حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ يهودي هنن لفظن سان دعا گهرندا هئا. اللهم انا نستنصرك بحق النبيّ الاميّ الاّ نصرتنا عليهم فينصرون (٣)

يعني اي الله! اسين توکان نبي، امي جي صدقي مدد ٿا گهرون تون اسان جي انهن (مشرڪن) تي مدد ڪر. پوءِ انهن جي مدد ڪئي ويندي هئي.

انهن روايتن ۾ بحقِّ جو لفظ غور ڪرڻ جهڙو آهي. يعني سندن مهابي ۽ طفيلي دعا گهرندا هئا.

بعضي مفسرن جو چوڻ آهي تہ دعا هيءَ گهرندا هئا تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي آمد ٿئي تہ انهن سان گڏجي دشمنن سان لڙي، وڙهي، جنگ ڪري فتح حاصل ڪيون سندن وسيلي ۽ واسطي جي ڳالهه نہ آهي. مگر مٿين عبارتن تہ

(١) ترجمه شاه ولي الله ص ١٨ (٢) تفسير زاد المسير ص١١٣ ج ١
(٣) تفسير الدر المنثور ص ٢١٦ ج١

صاف صاف وسيلي جو ۽ واسطي جو ذڪر ڪيو آهي،جيئن بحقِ جي لفظ مان روشن ٿي رهيو آهي.

بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ اَنْزَلَ

بڇڙو آهي اهو (سودو) جو وڪڻيائون ان سان پنهنجي پاڻ کي. ان جي ڪري جو

اللّٰهُ بَغْيًا اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰي مَنْ يَّشَاۗءُ

انڪار ٿا ڪن ان جو جيڪي لاٿو الله. ان ساڙ جي ڪري جو لاهي ٿو الله(ڪتاب)

مِنْ عِبَادِهٖ فَبَاۗءُوْا بِغَضَبٍ عَلٰي غَضَبٍ وَلِلْكٰفِرِيْنَ

پنهنجي ٻانهن مان، جنهن تي گهري،پنهنجن ٻانهن مان. پوءِ موٽيا ڏمر تي ڏمر هيٺان ۽ ڪافرن

عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩٠﴾

لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي.

تفسير

الله تعاليٰ هن آيت سڳوريءَ ۾ ٻڌايو آهي ته اهي يهودي صرف ان حسد جي ڪري الله تعاليٰ جي سچي رسول صلي الله عليه وآله وسلم جن کي نٿا مڃين ته اهو سندن قوم مان ڇو نه آيو؟ گويا اهي الله تعاليٰ کي پنهنجي راءِ جو پابند پيا بنائين ۽ دنيا جي لالچ جي ڪري دين وڪڻن پيا. پر اهو سودو انهن لاءِ ڪڏهن به سودمند ثابت نه ٿيندو، ڇو ته اهي الله جي منشا ۾ دخل ٿا ڏين ته فلاڻي قوم مان نبي ڇو آيو ۽ فلاڻي قوم مان ڇو نه آيو؟ هڪ طرف مڃڻ کان انڪار ته ٻئي طرف الله تعاليٰ تي اعتراض ۽ ٽئين طرف پنهنجي غلط ڪردار تي ناز ۽ فخر پيا ڪن.

اها هر هڪ ڳالهه الله تعاليٰ جي غضب کي دعوت ڏيندڙ آهي ان جي ڪري فرمان تيو ته

وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ اٰمِنُوۡا بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ قَالُوۡا نُؤۡمِنُ

۽ جڏهن چيو ٿو وڃي انهن کي ته ايمان آڻيو ان (قرآن) تي جو لاٿو آهي الله. ته چون

بِمَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡنَا وَيَكۡفُرُوۡنَ بِمَا وَرَآءَهٗ وَهُوَ الۡحَقُّ

ٿا ته ايمان آڻيون ٿا ان تي جو لاٿو ويو اسان تي (توراة) ۽ نه ٿا مڃين ان کي جو ان

مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمۡ قُلۡ فَلِمَ تَقۡتُلُوۡنَ اَنۡۢبِيَآءَ اللّٰهِ

کان سواءِ آهي حالانڪ اهو حق آهي سچو ڪندڙ آهي ان کي جو انهن سان گڏ آهي.

مِنۡ قَبۡلُ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۹۱﴾

فرماءِ پوءِ ڇو ٿي شهيد ڪَيُوَ الله جي نبين کي اڳ ۾ جيڪڏهن اوهان مڃيندڙ آهيو.

تفسير

يهودين ۾ جيڪي بظاهر چڱا نظر ايندا هئا اهي بالڪل اڏنگا ۽ بي ايمان هئا. جيڪڏهن انهن کي ڪو چوندو هو ته الله تعاليٰ جي نازل ڪيل قرآن پاڪ تي ايمان آڻيو ته جواب ۾ چوندا هئا ته اسين قرآن تي ايمان نه آڻينداسون اسان لاءِ توراة ڪافي آهي جيڪو اسان جي هدايت لاءِ نازل ڪيل آهي. اسان کي وحي به اهو کپي جيڪو اسان جي نبين عليهم الصلواة والسلام تي نازل ٿيل هجي. ٻئي وحي يا ڪتاب تي اسان کي ايمان آڻڻ جي ضرورت نه آهي. الله تعاليٰ فرمايو ته (منهنجا پيارا حبيب صلي الله عليه وسلم) انهن کي چؤ ته جيڪڏهن اوهان جو

انهن نبين عليهم السلام تي ايمان هو تہ انهن کي ڇو ٿي شهيد ڪيُوَ. اوهان جو تہ توراة تي بہ صحيح ايمان نہ آهي جو ان ۾ بہ اوهان تحريف ڪئي آهي. ۽ نبين سڳورنعليهم الصلواة والسلام کي تہ اوهان شهيد ڪيو آهي. اوهان پنهنجي دعويٰ ۾ سچا نہ آهيو. صرف نفساني خواهشات جا تابع آهيو.

وَلَقَدْ جَآءَكُمْ مُّوسٰى بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ

¹بيشڪ آيو اوهان وٽ موسيٰ چٽين نشانين سان ان ڪان پوءِ بہ ورتوَ ڳابي کي پوڄا

الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا

جو لائق ڪري ²اوهان ظالم آهيو ۽ جڏهن ورتوسون پڪو وعدو اوهان کان ۽

مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ

ڪنيوسون¹ اوهان جي مٿان طور (چيوسون تہ) وٺو جيڪو (ڪتاب) ڏنوسون اوهان

اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاسْمَعُوْا ؕ قَالُوْا سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا ۗ

کي مضبوطيءَ سان ۽ ٻڌو. چيائون تہ ٻڌوسون ۽ نہ مڃيوسون ۽ پياريا ويا پنهنجين

وَاُشْرِبُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ؕ قُلْ بِئْسَمَا

دلين ۾ ڳابي (جي محبت) سببان ڪفر سندن جي فرماءِ تہ بروآهي اهو جو امرٿو

يَاْمُرُكُمْ بِهٖۤ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩٣﴾ قُلْ اِنْ

ڪري اوهان کي ان لاءِ ايمان اوهان جو جيڪڏهن آهيو مومن، فرماءِ جيڪڏهن

كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ دُوْنِ

آهي اوهان لاءِ آخرت وارو گهر الله وٽ خاص ٻين ماڻهن ڪان سواءِ پوءِ سَڌَ ڪيو مرڻ

النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَلَنْ

جي جيڪڏهن آهيو سچا ۽ هر گز نہ سڌ ڪندا ان جي هميشہ- سببان ان جي جو اڳي

يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ ۢ

ڪري موڪليو آهن انهن جي ۽ الله ڄاڻندڙ آهي ظالمن ڪي.۽ البت ضرور لهندين

بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٥﴾ وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى

انهن ڪي وڏيڪ حرص ڪندڙ ماڻهن مان (دنيا جي) حياتيءَ لاءِ ۽ انهن کان بہ وڌيڪ

حَيٰوةٍ ۚۛ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚۛ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ

جو شرڪ ڪيائون پسند ٿو ڪري هر هڪ انهن مان تہ عمر ڏنو وڃي هزار سال ۽ نہ

اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَمَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ

آهي اهو ڇڏائيندڙ ان کي عذاب کان هيءَ (ڳالهہ) جو (وڏي) عمر ڏنو وڃي ۽ الله

يُّعَمَّرَ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌ ۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾

ڏسندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا.

تفسير

هنن آيتن ۾ انهن جي بي فرمانين جي ڊگهي فهرست مان ٻڻن واقعن ڏانهن اجمالي اشارو ڪري انهن جي هن دعوىٰ جو باطل هجڻ واضح ڪيو ويو آهي تہ انهن جو پنهنجن نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام تي دل جي سچائيءَ سان

ايمان هو. الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ ايڏن وڏن گناهن، برائين، بڇڙاين ۽ الله تعاليٰ جي احڪام سان بغاوت ڪرڻ جي باوجود اوهان جي ايمان جي دعويٰ عجيب آهي. هيءُ اوهان جو ايمان ڪهڙو آهي جو اوهان کي نيڪين کان روڪي ٿو. جنهن شي انهن کي ايمان آڻڻ کان روڪيو ۽ حق جي انڪار ڪرڻ تي مضبوط رکيو هو اهو سندن هي عقيدو هو تہ انهن جي نجات ۽ ڇوٽڪارو يقيني آهي ۽ جنت بہ صرف انهن لاءِ مخصوص آهي. قرآن ڪريم انهن جي ان ڳالهہ کي هن طرح ٽوڙيو تہ جيڪڏهن واقعي اوهان کي عذاب نہ ٿيندو تہ پنهنجي مرڻ لاءِ دعا گهرو تان تہ هن تڪليف کان نڪري جنت جي ابدي نعمتن سان خوشيون ماڻيندا رهو. ان حڪم ڪرڻ سان گڏ الله تعاليٰ اڳ ئي ٻڌايو تہ اهي ڪڏهن بہ مرڻ جي تمنا نہ ڪندا ۽ واقعي ڪيائون بہ ڪانہ. ظاهر ۾ تہ انهن لاءِ اها ڳالهہ ڪيتري آسان هئي جو مرڻ جي تمنا ڪري قرآن ڪريم جي هن دعويٰ کي ڪوڙو ثابت ڪن ها. پر اهي دل سان سمجهيو ويٺا هئا تہ اها تمنا ڪرڻ ڪا راند نہ آهي جيڪڏهن مرڻ جي تمنا ڪندا تہ سندن زندگيون ختم ٿي وينديون.

محدث بيهقيءَ دلائل النبوة ۾ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي تہ: حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن انهن کي فرمايو تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي ڳالهہ ۾ سچا آهيو تہ موت جي تمنا ڪيو ۽ دعا گهرو اَللّٰهُمَّ اَمِتْنَا اي الله اسان کي مار. قسم آهي ان ذات جو جنهن جي (قدرت) هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ اوهان مان جيڪڏهن ڪو بہ اها دعا گهرندو تہ اتي جو اتي مري ويندو" پوءِ انهن دعا گهرڻ کان انڪار ڪيو(١)

ڄاڻڻ گهرجي تہ انهن يهودين کي اهو چيلنج ڏيڻ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي عظيم معجزن ۽ سندن نبوت ۽ صداقت جي علامتن مان وڏي علامت آهي. اڄ تائين بہ ڪنهن يهوديءَ اهڙي تمنا ظاهر نہ ڪئي آهي حالانڪ صدين کان اها آيت ۽ اهڙيون سورة الجمعہ جي پهرين رڪوع واريون بيون آيتون هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ هر محراب ۾ ۽ هر منبر تي نمازن خواه درسن ۽ خطبن ۾ پڙهيون وڃن

(١) الدر المنثور ص:٢٢ ج١

ٿيون. يهودي ٻڌندا ۽ ڏسندا اچن ٿا مگر ڪوبہ اڄ تائين اهڙو پيدا نہ ٿيو آهي جيڪو موت جي تمنا ڪري.

* سوال *

موت جي تمنا ڪرڻ شرعي لحاظ سان جائز آهي يانہ.

* جواب *

دنيا جي تنگيءَ،مسڪينيءَ ۽ محتاجيءَ جي ڪري موت جي خواهش ڪرڻ منع آهي جن حديثن ۾ آيو آهي تہ موت جي تمنا نہ ڪيو انهن مان اهائي مراد آهي. باقي ديني ضرر کان بچڻ يا الله تعاليٰ جي محبت ۽ وصال جي شوق ۾ موت جي تمنا ۽ خواهش ڪرڻ سٺي شيءِ آهي.جيئن مسند امام احمد بن حنبل ۾ حضرت ابوامامہ رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ اسين رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ ويٺا هئاسين پاڻ اسان کي نصيحت فرمايائون ۽ اسان جي دلين کي نرم ڪري وڌائون. سعد بن ابي وقاص روئي ڏنو گهڻو روئندي چيائين تہ يَالَيْتَنِيْ مِتُّ (شال مان مري وڃان) اهو ٻڌي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ٽي ڀيراورائي ورائي فرمايو:"يَا سَعْدُ! اَ عِنْدِيْ تَتَمَنَّي الْمَوْتَ" اي سعد! ڇامنهنجي خدمت ۾ موجود هوندي بہ موت جي خواهش ٿو ڪرين؟ ان کان پوءِ فرمايائون تہ" جيڪڏهن تون جنت ۾ رهڻ جي لاءِ پيدا ڪيل هوندين تہ جيتري تنهنجي عمر ڊگهي ٿيندي ۽ تنهنجا عمل سهڻا ٿيندا اوترو اهو تنهنجي لاءِ ڀلوآهي. مشڪواة المصابيح ۾ هن حديث پاڪ تي لکيل حاشيہ عـ٧ تي علامہ احمد علي سهارنپوريؒ لکيو آهي تہ المراد بحضرتي وحياتي تتمني الموت وحضورک عندي ومشاهدتک لجمالي وکمالي خير لک من الموت وان حصل لک بعد الموت درجات فکل ذالک لا يوازي النظر الي وجهي الخ(١)

يعني حضرت سعد رضي الله عنہ کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ

---

(١) مشڪواة المصابيح ص١٤٠ حاشيہ عـ٧

منهنجي حضور ۾ موجود هوندي موت جي خواهش ٿوڪرين؟ ان مان مراد آهي تہ منهنجي حضور ۾ ۽ منهنجيءَ بابرڪت حياتيءَ ۾ موت جي خواهش نہ ڪر ڇوتہ تنهنجو مون وٽ رهڻ ۽ منهنجي جمال ۽ ڪمال جو مشاهدو ڪرڻ تنهن جي لاءِ مرڻ وڃڻ کان ڀلو آهي ۽ موت کان پوءِ توکي ڪٿي بلند درجا ملن پر اهي سڀئي منهنجي منهن مبارڪ جي ڏسڻ جي برابر نہ ٿيندا.

مولانا قطب الدين صاحب مرحوم لکيو آهي تہ :

موت جي تمنا ڪرڻ دنيا جي نقصان مثلا بيماريءَ، محتاجيءَ وغيره کان بچڻ جي لاءِ مڪروهہ آهي ڇو تہ الله تعالىٰ جي تقدير تي راضي نہ رهڻ، بي صبريءَ جي نشاني آهي باقي الله تعالىٰ جي ديدار جي شوق ۽ محبت ۾ ۽ هن فاني جهان ۽ ان جي محبت کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جي ملڪ ۽ ان ۾ تيار ٿيل نعمتن تائين پهچڻ لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ ايمان جي مضبوط هجڻ ۽ ڪمال جي نشاني آهي (١)

اهلسنت جي ممتاز عالم، حضرت علامہ مولانا مفتي احمد يار خان صاحب عليہ الرحمة لکيو آهي تہ رب کی ملاقات اور حضور کے ديدار يا اپنے ايمان کي سلامتي کے لئے موت کي تمنا کرنا جائز هے، حديث پاک مين هے کہ سعد بن ابي وقاص نے خوف خدا سے اپنے موت کي دعا کي۔ حضور پاک کي زندگي پاک مين دعائے موت کرنا منع هے کيونکہ اس وقت زندگي ديدار مصطفىٰ ﷺ کا ذريعہ تهي. ليکن حضور کي وفات شريف کے بعد ديدار کے لئے تمنائے موت جائز هے کيونکہ اب موت ذريعہ ديدار هے. (٢)

علامہ ابوحيان اندلسيءَ عليہ الرحمة لکيو آهي تہ روي عمن شهد له رسول الله صلي الله عليه وسلم بالجنة کعثمان وعلي وعمار و حذيفة انهم کانوا يختارون الموت وکذالک الصحابة کانت تختار الشهادة (٣) يعني جن صحابن سڳورن لاءِ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جنت جي شاهدي ڏني هئي جيئن

(١) مظاهر حق شرح مشکواة ص ٢٣ج٢
(٢) تفسير نعيمي ص٥٠٢ ج١
(٣) البحر المحيط ص ٣١١ج١

حضرت عثمان، حضرت علي، حضرت عمار، حضرت حذيفه رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين اهي موت کي پسند ڪنداهئا ۽ اهڙيءَ طرح اصحابي سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم شهادت کي بہ پسند ڪندا هئا. علامه موصوف ان تفسير ۾ ٿورو اڳتي لکيو آهي تہ حضرت حذيفہ رضي الله عنه جن پاڻ موت جي تمنا ڪندا هئا. جڏهن سندن سڪرات جو وقت آيو تہ فرمايائون: حبيب جاء عليٰ ناقة[1] پيارو دوست ڏاچيءَ (سواريءَ) تي (وٺڻ) آيو آهي.

قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَإِنَّهٗ نَزَّلَهٗ

فرماءِ تہ جيڪو دشمن آهي جبريل جو (ان کي چاڙهڻ گهرجي تہ) بيشڪ ان لاٿو آهي

عَلٰى قَلْبِكَ بِإِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ

ان (قرآن) کي اوهان جي دل (مبارڪ) تي الله جي حڪم سان تصديق ڪندڙ آهي

يَدَيْهِ وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٧﴾

انهن (ڪتابن جي) جيڪي ان کان اڳ لٿل آهن. ۽ هدايت ۽ خوشخبري آهي ايمان

مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَرُسُلِهٖ

وارن لاءِ. جيڪو دشمن آهي الله جو ۽ ان جي ملائڪن جو ۽ ان جي رسولن جو ۽

وَجِبْرِيْلَ وَمِيْكٰلَ فَإِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٩٨﴾

جبريل ۽ ميڪال جو پوءِ بيشڪ الله دشمن آهي ڪافرن جو.

(١) البحر المحيط ص٣١١ج١

تفسير

يهودين نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ذات بابرڪات ڪان پڇيو تہ الله تعاليٰ جي هر نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام وٽ وحي ۽ رسالت الله تعاليٰ جي ملائڪن مان ڪونہ ڪو ملائڪ کڻي ايندو آهي اوهان وٽ ڪهڙو ملائڪ ايندو آهي تہ اسين اوهان جي اتباع ڪيون؟ پاڻ فرمايائون تہ "جبريل"- يهودين چيو تہ اهو تہ اسان جو اصلي دشمن آهي جيڪو اسان تي عذاب ۽ جنگ جا احڪام کڻي ايندو آهي جيڪڏهن اوهان ميڪائيل جي ڳالهہ ڪيو ها جيڪو برسات ۽ رحمت آڻيندو آهي تہ اسين اوهان جي اتباع ڪيون ها پوءِ انهن جي رد ۾ الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي.

بعض مفسرن لکيو آهي تہ ائين چوڻ وارو يهودين جو عالم عبدالله بن صوريا هو(١)

۽ علامہ جلال الدين سيوطيؒ عليه الرحمة محدث طيالسيؒ، فريابيؒ، احمد، عبد بن حميد، ابن جرير، ابن ابي حاتم، طبرانيؒ، ابونعيم ۽ بيهقيؒ جي حوالي سان حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي تہ يهودين جي هڪ جماعت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي حضور ۾ حاضر ٿي ۽ چيائون تہ اسين اوهان کان ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون پڇڻ آيا آهيون جن کي الله تعاليٰ جي نبي کان سواءِ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي. پاڻ فرمايائون تہ: جيڪي وڻيوَ سو پڇو پر پهريان مون سان پڪو وعدو ۽ اقرار ڪيو ۽ ذمو کڻو تہ جيڪڏهن مان اوهان کي صحيح جواب ڏيان تہ مون تي ايمان آڻي منهنجي تابعداري ڪندئو. چيائون تہ اهو اقرار آهي. اسين اوهان کان چار ڳالهيون پڇون ٿا.

١- هڪ اهو ڪهڙو طعام هو جنهن کي توراة جي نازل ٿيڻ کان اڳ ۾

(١) تفسير جلالين مع حاشيه ڪمالين ص١٢

اسرائيل پاڻ تي حرام ڪيو هو ؟
٢- ٻيو ته مڙس ۽ زال جو پاڻي (مني) ڪهڙيءَ طرح آهي ۽ پٽ ۽ ڌيءَ ڪيئن ٿين ٿا ؟
٣- ٽيون ته هن نبيّ اميّ (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن) جو ننڊ ۾ ڪهڙو حال هوندو آهي؟.
٤- چوٿون ملائڪن مان سندس (دوست وٽس وحي آڻڻ وارو) ڪير آهي؟

جواب ۾ پاڻ فرمايائون ته "اوهان کي ان الله جو قسم ڏئي ٿو پڇان جنهن تورات کي نازل فرمايو آهي ته اوهان ڄاڻو ٿا ته جڏهن اسرائيل جي بيماري ڏگهي ٿي ۽ هئي تڏهن باس باسي هيائين ته جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي هن بيماريءَ کان صحت ڏني ته آءُ پاڻ تي پنهنجي پياري طعام ۽ پنهنجيءَ پياريءَ پيئڻ جي شيءِ کي حرام ڪندس جڏهن صحتياب ٿيو ته اهي پياريون شيون پاڻ تي حرام ڪيائين ۽ سندس پيارو طعام اٺ جو گوشت ۽ پيئڻ جي پياري شيءِ انجو کير هو"(يهودين) چيو ته الله ڄاڻي ٿو. هائو(اهوسچ آهي). پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "ياالله شاهد رهه"

ٻئي سوال جي جواب ۾ پاڻ فرمايائون ته " آءُ اوهان کي الله جو قسم ٿو ڏيان جنهن کان سواءِ ڪوبه (سچو) معبود نه آهي ته مرد جو پاڻي اڇو ۽ گهاٽو ۽ عورت جو پاڻي پتڙو ۽ هيڊو آهي. ۽ انهن ٻنهي مان جيڪوبه (جماع وقت) غالب ٿيندو ته ٻار انهيءَ جي مشابهه ٿيندو جي مرد جوپاڻي مٿان ٿيو ته الله تعاليٰ جي حڪم سان اهو حمل پٽ ٿيندو ۽ جيڪڏهن زال جو پاڻي مٿان ٿيو ته الله تعاليٰ جي حڪم سان ڌيءُ ٿيندي. چيائون ته يا الله! هائو پاڻ فرمايائون ته "ياالله شاهد رهه!"
ٽئين سوال جي جواب ۾ فرمايائون ته"اوهان کي ان الله جو قسم ٿو ڏيان جنهن موسيٰ عليه الصلام والسلام تي توراة نازل فرمايو هو ته هن نبيّ اميّ صلي الله عليه وسلم جون اکيون ننڊ ڪنديون آهن مگر ان جي دل ننڊ نه ڪندي آهي؟ چيائون ته هائو- پاڻ فرمايائون ته "يا الله! شاهد رهه " پوءِ پڇيائون ته هاڻي ٻڌايو ته ملائڪن مان اوهان جو دوست ڪير آهي؟ بس ان ڳالهه تي يا اوهان جا تابع ٿينداسون يا جدا ٿي وينداسون - پاڻ فرمايائون ته: "منهن جو دوست جبرئيل آهي ۽ جيڪو به الله

تعاليٰ اڳ ۾ نبي موڪليو آهي تہ اھوئي ان جو دوست ھوندو آهي.ٌ اھوڀڌي چيائون تہ ھاڻي اسين اوھان کان جدا ٿينداسون. جبرئيل کان سواءِ ڪو بہ ٻيو ملائڪ اوھان جو دوست ھجي ھا تہ اسين اوھان جي پويان لڳون ھاءِ اوھان جي تصديق ڪيون ھا. پاڻ فرمايائون تہ ان(جبرئيل سڳوري) کان اوھان کي ڪهڙي شيءِ روڪيندڙ آهي؟ چيائون تہ" اھو اسان جو دشمن آهي. پوءِ انھن جي متعلق الله تعاليٰ ھيءَ آيت نازل فرمائي. (١)

ھن آيت ۾ انھن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ جبرئيل عليہ السلام پنھنجي طرفان تہ ڪجھ بہ ڪونہ ٿو آڻي ان کي جيڪو الله تعاليٰ جو حڪم ملندو آهي اھوئي کڻي ايندو آهي. الله تعاليٰ جي فرمان پهچائيندڙ سان جنھن جي دشمني آهي تہ اھو اصل ۾ الله تعاليٰ جو دشمن آهي ۽ ھي صرف جبريل عليہ السلام جي لاءِ حڪم نہ آهي. پر جيڪو بہ شخص الله تعاليٰ جو ۽ ان جي ملائڪن ۽ رسولن ۽ جبريل ۽ ميڪال جو دشمن آهي، اھو الله تعاليٰ جو دشمن آهي.

* سوال *

ھن آيت ۾ "وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ" جي لفظ ۾ تہ جبريل ۽ ميڪال بہ اچي ويا پوءِ انھن کي جدا ذڪر ڪرڻ جو مقصد ڇا آهي؟

* جواب *

ان جا بہ مقصد آھن ١- ھڪ تہ انھن ملائڪن سڳورن جا جدا جدا نالا ذڪر ڪرڻ ۾ سندن شان ۽ عظمت جو اظھار آهي ۽ ٢-ٻيو تہ يھودين بہ انھن ئي ٻن جي نالن کي بيان ڪيو ھو ان جي ڪري جواب ۾ بہ اھي جدا جدا بيان ڪيا ويا آھن.

ع-١ الدر المنثور ص٢٢٢ ج١

* سوال *

جبريل ۽ ميڪال جي لفظن جي معنيٰ ڇا آهي؟

* جواب *

جبريل ٻن لفظن مان ورتل آهي جبر جي معنيٰ عبد ۽ ايل جي معنيٰ الله سڄي لفظ جي معنيٰ آهي عبدالله ۽ ميڪال ۾ به ٻه لفظ آهن ميڪا جي معنيٰ عبيد ۽ ايل جي معنيٰ الله. گڏيل لفظ جي معنيٰ عبيدالله - اها معنيٰ حضرت ابن عباس رضي ا لله تعاليٰ عنهما جن فرمائي آهي ۽ مفسرن مان ان جوڪو به مخالف نه آهي(۱)

* فائدو *

يهودين تہ ڪلي جبريل عليه السلام ڪي دشمن سڏيو هو پر ان عداوت ڪندڙن ۾ اهي به داخل آهن جيڪي چون ٿا تہ نبوت تہ علي رضي الله عنه ڏي اچڻي ۽ ان ڏانهن موڪليل هئي مگر جبريل عليه السلام ڀلجي رسالت وارو پيغام (حضرت) محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) جن ڏانهن کڻي آيو. علامه ابن الجوزيءَ لکيو آهي تہ شيعن جي هڪ ٽولي علويه جو اهو اعتقاد آهي (۲)

ڄاڻڻ گهرجي تہ هيءَ ڪيتري نہ گمراهي ۽ ڪفر آهي. جبريل عليه السلام ڪان ڀل ٿيڻ تہ محال ۽ باطل آهي ڪڏهن به نہ ٿي ٿي سگهي پر جيڪڏهن اهي چوڻ وارا ذراغورڪري ڏسن تہ سندن سمجهه ۾ به هيءَ ڳالهه اچي ويندي تہ جبرئيل عليه السلام جيڪڏهن ڀلجي ويو هو تہ ڇا معاذ الله - الله تعاليٰ کان به ڀل ٿي وئي هئي؟ الله تعاليٰ تہ جبرئيل عليه السلام کي ٻڌائي ۽ روڪي ها تہ (حضرت) محمد صلي الله عليه وسلم ڏي نہ وڃ رسالت علي رضي الله عنه جي آهي ان کي پيغام پهچاءِ.

---

(۱) تفسير القرطبي ص۳۸ج۲ (۲) ڪتاب تلبيس ابليس ص۲۲

وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ اٰيٰتٍ بَيِّنٰتٍ ۚ وَمَا يَكْفُرُ بِهَآ اِلَّا

۽ البته تحقيق نازل ڪيوسون اوهان ڏي روشن نشانيون ۽ نه ٿا انڪار ڪن انهن جو

الْفٰسِقُوْنَ ﴿٩٩﴾ اَوَكُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا نَّبَذَهٗ فَرِيْقٌ

مگر بي فرمان. ڇا اهو نه آهي ته انهن جڏهن به پڪو وعدو ڪيو ته ڦٽو ڪري ڇڏيو ان (وعدي)

مِّنْهُمْ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٠﴾ وَلَمَّا جَاۗءَهُمْ

کي هڪ جماعت انهن مان . بلڪ گهڻا انهن مان ته ايمان به نه ٿا آڻن ۽ جڏهن آيو

رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِيْقٌ

انهن وٽ رسول الله جي طرفان جيڪو تصديق ڪندڙ آهي ان (ڪتاب) جي جو انهن

مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ ۙ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَاۗءَ

سان گڏ آهي ته اڇلايو هڪ جماعت اهل ڪتاب مان الله جي ڪتاب کي پنهنجين

ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾

پٺين جي پويان ڄڻ ته اهي ڄاڻن ئي ڪونه ٿا.

تفسير

حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي ته هن آيت ۾ الله تعاليٰ پنهجي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن کي فرمايو آهي ته اوهان امي هجڻ جي باوجود صبح ۽ شام انهن کي الله تعاليٰ جي ڪلام جون آيتون پڙهي ٿا ٻڌايو جن ۾ صحيح صحيح احوال آهن. هجڻ ته ائين گهرجي ها جو اهي

ايمان آڻي مجين ها مگر ان حجت ۽ دليل هوندي به نٿا مڃين اها انهن جي بدبختي آهي(١)

علامه سيوطيؒ عليه الرحمة ابن اسحاق ابن ابي حاتم کان روايت آندي آهي ته يهودين جي عالم ابن صوريا نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي چيو ته اوهان ڪابه اهڙي چٽي آيت يا شيءِ نه آندي آهي جيڪا اسين سڃاڻي اوهان تي ايمان آڻيون. ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ اها مٿين آيت نازل ڪئي ۽ جڏهن سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي نبوت جي اظهار جو حڪم مليو ۽ پاڻ يهودين کي اهي وعدا ياد ڏياريائون جيڪي انهن کان رسول الله ﷺ جن جي حق ۾ ورتا ويا هئا ته مالڪ بن صيف يهودي چوڻ لڳو ته الله جو قسم اسان کان محمدصلي الله عليه وسلم جي حق ۾ ڪو به ميثاق ياوعدو ورتل نه آهي تنهن تي الله تعاليٰ اَوَكُلَّمَا عٰهَدُوْاعَهْدًا واري آيت نازل ڪري ٻڌايو ته اها وعدي برخلافي انهن جي پراڻي عادت ۽ اڳوڻو دستور آهي. اهي هميشه وعدا ڀڃندا رهندا آهن(٢)

۽ جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن تي قرآن ڪريم نازل فرمايو ۽ يهودين قرآن ڪريم جي ڳالهين کي تورات سان ڀيٽي ڏٺو ۽ قرآن پاڪ جو بيان تورات سان بلڪل پورو ۽ صحيح نڪتو ته انهن تورات کي ڪٽي اڇلايو چڻ ته ڪين خبر ئي ڪانه هئي ته تورات الله تعاليٰ جو نازل ڪيل ڪتاب آهي - انهن جي باري ۾ نازل ڪيو ويو " نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوالْكِتَابَ"(٣)

المقصد ته حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي ذات جون صفات حميده ۽ اعليٰ اخلاق جيڪي تورات ۽ زبور ۾ لکيل هئا انهن پنهنجين اکين سان حضور پر نور صلي الله عليه وسلم جن ۾ ڏٺا مگر ڏسي ڪري به ان جي بجاءِ جو اهي ايمان آڻين انهن بي ايماني ۽ ڪفر قبول ڪيو ۽ حق تي هلڻ لاءِ تيار نه ٿيا.

(١) تفسير ابن جرير ص٤٤٠ج١ (٢) تفسير الدر المنثور ص٢٣٢ج١
(٣) تفسير الدرالمنثور ص٢٣٣ج١

وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰي مُلْكِ

۽ پيروي ڪرڻ لڳا ان جي جو پڙهيو ٿي شيطانن (حضرت) سليمان جي بادشاهيءَ

سُلَيْمٰنَ ۚ وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ

جي وقت ۾ حالانڪ سليمان ته ڪو به ڪفر نه ڪيو هو بلڪ شيطانن ئي ڪفر

كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ۗ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَي

ڪيو جو سيڪاريندا هئا ماڻهن کي جادو ۽ اهو به جو نازل ڪيو ويو ٻن ملائڪن

الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَمَارُوْتَ ۭ وَمَا يُعَلِّمٰنِ

تي بابل (شهر) ۾ (انهن جا نالا) هاروت ۽ ماروت هئا ۽ نه ٿي پڙهايائون ڪنهن

مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ۭ

هڪ کي تان جوچيائون ٿي ته تحقيق اسين آزمائش آهيون پوءِ تون ته ڪفر نه ڪر

فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَزَوْجِهٖ ۭ

(ان جي باوجود) پوءِ سکندا هئا انهن ٻنهي کان اهو (جادو) جو جدائي وجهندا هئا

وَمَا هُمْ بِضَاۗرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَتَعَلَّمُوْنَ

ان سان مڙس ۽ ان جي زال ۾ ۽ ناهن اهي نقصان ڏيندڙ ان سان ڪنهن هڪ کي الله جي اذن کانسواءِ ۽

مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ ۭ وَلَقَدْ عَلِمُوْا

سکن ٿا اها(شيءِ)جو نقصان ڏي انهن کي ۽ نه ٿي نفعو ڏئي سگهي انهن کي ۽ البته چڱيءَ طرح ڄاتو

لَمَنِ اشْتَرَاهُ مَا لَهُ فِي الْآخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ۚ وَلَبِئْسَ

هئائون ته البته جو شخص به خريد كندو ان (علم) كي ته ناهي ان لاءِ آخرت ۾ كوياڳو

مَا شَرَوْا بِهِ أَنْفُسَهُمْ ۚ لَوْ كَانُوا يَعْلَمُونَ ﴿١٠٢﴾ وَلَوْ

(الله جي) رحمت مان ۽ البته بڇڙي آهي اها (شيءِ) جو وڪڻيائون ان جي بدلي ۾ جانيون پنهنجيون.

أَنَّهُمْ آمَنُوا وَاتَّقَوْا لَمَثُوبَةٌ مِنْ عِنْدِ اللَّهِ خَيْرٌ ۖ لَوْ

جيڪڏهن جاڻن ها ۽ جيڪڏهن بيشڪ اهي ايمان آڻن ها ۽ پرهيزگار ٿين ها ته (ان جو) ثواب

١٢ ع ١٢ كَانُوا يَعْلَمُونَ ﴿١٠٣﴾

الله وٽان گهڻو ڀلو آهي جيڪڏهن ڄاڻندا هجن ها.

تفسير

هنن آيتن ۾ يهودين جي غلط ڳالهين جو ذڪر آهي. هڪ ته اهي حضرت سليمان عليه الصلواة والسلام کي ڪڏهن الله تعالىٰ جو نبي چوندا هئا ته ڪڏهن ان کي جادوگر چئي ان تي غلط بهتان ٻڌندا هئا. الله تعالىٰ فرمايو ته سليمان (عليه الصلواة والسلام) ته منهنجو نبي، گناهن کان پاڪ ۽ معصوم هو. جادوءَ سان الله تعالىٰ جي نبي جو ڪهڙو تعلق ۽ واسطو؟ جادو ته شيطانن جو ڪم آهي جو انهن ڪفر ڪري ماڻهن کي جادو ٿي سيکاريو.

ٻيو ته انهن جي دعويٰ هئي ته توراة ڇڏي اسان ان علم تي عمل ٿا ڪيون جيڪو الله تعالىٰ ٻن ملائڪن تي بابل شهر ۾ لاٿو هو ۽ اهو به الله تعالىٰ جو لاٿل علم آهي. الله تعالىٰ انهن جي ان ڳالهه کي رد ڪندي فرمايو ته: اهي ان ڳالهه ۾ به شيطانن جي تابعداري ڪن ٿا ۽ ان علم جي ذريعي ماڻهن جي گهرن کي ڦٽائڻ،

مڙس ۽ زال جي وچ ۾ جهيڙو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا حالانڪ اهو سخت ۾ سخت گناهه آهي. جيئن حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته (سيدنا) رسول الله صلي ا لله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو ته:

"اِنَّ اِبْلِيْسَ يَضَعُ عَرْشَهٗ عَلَي الْمَاءِ ثُمَّ يَبْعَثُ سَرَايَاهُ فَاَدْنَاهُ مِنْهُ مَنْزِلَةً اَعْظَمُهُمْ فِتْنَةً يَجِيْءُ اَحَدُهُمْ فَيَقُوْلُ فَعَلْتُ كَذَا وَكَذَا فَيَقُوْلُ مَا صَنَعْتَ شَيْئًا قَالَ ثُمَّ يَجِيْءُ اَحَدُهُمْ فَيَقُوْلُ مَا تَرَكْتُهٗ حَتّٰي فَرَّقْتُ بَيْنَهٗ وَبَيْنَ امْرَاَتِهٖ قَالَ فَيُدْنِيْهِ وَيَقُوْلُ نِعْمَ اَنْتَ" قَالَ اَعْمَشُ اَرَاهُ قَالَ "فَيَلْتَزِمُهٗ" (١)

يعني شيطان پنهنجو تخت پاڻيءَ تي رکي ٿو. ان کان پوءِ پنهنجا لشڪر (فتني ۽ فساد برپا ڪرڻ لاءِ) موڪلي ٿو ۽ انهن مان جيڪو وڏي ۾ وڏو فتنو قائم ڪري ٿو اهو ڪيس وڏيڪ ويجهو هوندو آهي. هڪڙو اچي ٿو چوي ته مون هيئن هيئن ڪيو آهي ته (شيطان) ان کي چوي ٿو ته تو ڪجهه به نه ڪيو آهي. ان کان پوءِ ٻيو اچي چوي ٿو ته مون فلاڻي جو پيڇو ڪيو تيستائين نه ڇڏيومانس جيستائين ان ۽ ان جي زال جي وچ ۾ جدائي نه ڪرايم. فرمايائون ته "پوءِ ان (مڙس ۽ زال کي ويڙهائيندڙ) کي پنهنجي ويجهو ٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته تون ڀلو آهين" (جو ايڏو فساد ڪرائي آيو آهين) اعمش (راوي ٿو چوي ته) مان سمجهان ٿو (ته هي لفظ به حديث جو آهي ته) "پوءِ انکي ڀاڪر ٿو پائي".

اهو انهن يهودين جو غلط ڪردار هو جنهن کي قرآن ڪريم رد ڪيو آهي.

سوال

هاروت ۽ ماروت ڇا آهن؟

جواب

انهن جي متعلق تفسيرن مختلف رايا لکيا آهن. تفسير نعيميءَ، تفسير عزيزيءَ ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ حاڪم وغيره جي حوالن سا حضرت ابن

(١) صحيح مسلم مع النووي ص ٣٧٦ ج ٢

عباس، حضرت علي المرتضيٰ، حضرت عبدالله بن عمر ۽ مجاهد رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ حضرت ادريس عليه الصلواة والسلام جي زماني ۾ جڏهن انسانن جا عمل تمام گهڻا خراب ٿي ويا هئا تہ ملائڪن الله تعاليٰ جي دربار ۾ عرض ڪيو تہ يا الله! انسان گهڻو بي عمل ۽ بدڪار ٿي ويو آهي، خيال ۾ رهي تہ ملائڪن آدم عليه الصلواة والسلام جي پيدائش کان پهريان بہ خلافت لاءِ پنهنجي حقدار هجڻ کي بيان ڪيو هو. ۽ هتي انسان جي نااهل هجڻ کي ظاهر ٿي ڪيائون. يعني انسان زمين ۾ خليفة الله هجڻ جولائق نہ آهي، ان کي معزول ڪيو وڃي. الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ: انسان ۾ غصو ۽ شهوت رکيل آهي ان جي ڪري گناهہ گهڻا ٿو ڪري ۽ جيڪڏهن اهي شيون اوهان ۾ رکيل هجن ها تہ اوهان بہ گناهہ گهڻا ڪيو ها. ملائڪن عرض ڪيو تہ يا الله! اسين گناهن کي ويجهو بہ نہ ويندا سين، پلي ڪيتري شهوت ۽ غصو اسان ۾ رکيل هجي. الله تعاليٰ فرمايو تہ اوهان پاڻ مان بہ ملائڪ چونڊيو انهن ۾ شهوت ۽ غصو رکون ٿا پوءِ ڏسو تہ اهي بچي سگهن ٿا؟ هاروت ۽ ماروت جيڪي وڏا عبادت گذار ملائڪ هئا انهن کي چونڊي ان ڪم لاءِ مقرر ڪيو ويو. الله تعاليٰ انهن ۾ شهوت ۽ غصو رکي انهن کي بابل شهر ۾ لاٿو. ۽ ڪين ماڻهن جي فيصلن ڪرڻ جي لاءِ قاضي مقرر ڪيو ويو. اهي ٻئي اسم اعظم پڙهي شام جو آسمان تي چڙهي ويندا هئا ۽ صبح جو روزانو فيصلن جي لاءِ لهي ايندا هئا. هڪ مهيني تائين تہ اهو سلسلو جاري رهيو ۽ انهن جي عدل ۽ انصاف جي ڳالهہ مشهور ٿي وئي. هڪ ڏينهن هڪ حسين ۽ جميل عورت جنهن جو نالو زهره هو، ۽ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي قول مطابق ان جو نالو بيدخت ۽ لقب زهره هو. ٻنهي وٽ آئي ۽ پنهنجي مڙس جي خلاف مقدمو داخل ڪيائين. هي ٻئي ملائڪ ان کي ڏسڻ شرط ان جي محبت ۾ قيد ٿي ويا ۽ ان سان نفساني خواهش جو اظهار ڪيائون. ان عورت هنن کي جواب ۾ چيو تہ اوهان جو دين ٻيو آهي ۽ منهنجو دين ٻيو آهي. دينن جي مختلف هجڻ جي باوجود اهو ڪم نہ ٿيندو ۽ منهنجو مڙس وڏو غيرت مند آهي ان کي اها خبر پوندي تہ مونکي قتل ڪري ڇڏيندو. اوهان جيڪڏهن اها خواهش پوري ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پهريان منهنجي بت کي سجدو ڪيو ۽ پوءِ منهنجي مڙس کي قتل ڪيو تہ مان اوهان جي ۽ اوهان

منهنجا آهيو. پهريان تہ انهن انڪار ڪيو پر انهن جي دل ۾ جيڪا عشق جي باه ڀڙڪيل هئي تنهن ڪان تنگ ٿي ڪيس پيغام موڪليائون تہ اسين تنهنجي گهر اچڻ گهرون ٿا. ان عرض ڪيو تہ ڀلي اچو. هي ٻئي جڏهن ان جي گهر پهتا تہ ان عورت پاڻ کي سينگاري ۽ هنن کي چيو تہ اوهان مون کي اسم اعظم سيڪاريو يا منهنجي بت کي سجدو ڪيو يا منهنجي مڙس کي قتل ڪيو يا شراب پيو تہ پوءِ مان اوهان جي خواهش پوري ڪيان. انهن سوچيو تہ اسم اعظم الٰهي اسرار مان آهي ان جو ظاهر ڪرڻ صحيح نہ آهي. بت کي سجدو ڪرڻ شرڪ ۽ ان جي مڙس کي قتل ڪرڻ بہ وڏو ظلم آهي. ان ڪان ڀلو آهي تہ شراب ٿا پيون ۽ ان کي چيائون تہ شراب ڪٽي اچ ان شراب حاضر ڪيو ۽ هي شراب پي جڏهن مست ٿي ويا تہ ان هنن کان بت کي سجدو بہ ڪرايو ۽ مڙس کي قتل بہ ڪرايو ۽ ڪانئن اسم اعظم بہ پڇي وئي. اها پاڻ تہ اسم اعظم پڙهي آسمان تي چڙهي وئي ۽ الله تعاليٰ ان جي روح کي زهره تاري سان متصل ڪري ملائي ان جي شڪل بہ ان تاري جهڙي ڪري ڇڏي. پر هاروت ۽ ماروت جو جڏهن نشو لٿو تہ انهن جي دل مان اسم اعظم نڪري چڪو هو بلڪ ڪانئن صفا وسري ويو هو ۽ پنهنجي ڪيل ڪمن تي سخت پشيمان هئا. الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمايو تہ: "انسان تہ منهنجي انوار ۽ تجليات کان پري رهڻ وارو آهي ان کان گناه ٿيا ٿي تہ اوهان چيو تہ وڏو گناهگار آهي پر هي ٻئي تہ روزانو اسم اعظم پڙهي مٿي اچڻ وارا هئا پوءِ بہ شهوت کان مغلوب ٿي ايترا ڏوهہ ڪري ويٺا. ملائڪن عرض ڪيو تہ يا الله! واقعي انسان وڏي آزمائش مان گذري ٿو. ان لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهنداسين. ان کان پوءِ هاروت ۽ ماروت ٻئي حضرت ادريس عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجيءَ مغفرت لاءِ شفاعت جي طلب ڪيائون. پاڻ سندن حق ۾ دعا گهريائون. گهڻن ڏينهن کان پوءِ الله تعاليٰ جو حڪم آيو تہ انهن ٻنهي کي اختيار آهي يا دنياوي عذاب قبول ڪن يا آخرت جو. حضرت ادريس عليه السلام انهن کي اهو حڪم ٻڌايو. انهن عرض ڪيو تہ اي الله جا نبي! دنيا جو عذاب فاني آهي ۽ آخرت جو عذاب هميشه رهڻ وارو. اسان کي دنيا جو عذاب قبول آهي. الله تعاليٰ فرمايو تہ انهن کي لوهہ جي زنجيرن ۾ وجهي بابل شهر جي کوهہ ۾ اونڌو ڪري ٽنگي ڇڏيو. ان کوهہ ۾ جهنم

جي باھہ جاپڙڪا اچن ٿا ۽ ھي ٽنگيا پيا آھن ۽ ملائڪ ھر وقت انھن کي مارڻ لاءِ ايندا رھن ٿا. سخت اڃ جي ڪري انھن جون زبانون ٻاھر نڪتل آھن. ھي واقعو لکي پوءِ علامه مفتي احمديار خان لکيو آھي : ھي واقعو سنن بيھقيءَ ۽ مسند امام احمد بن حنبل ۾ صحيح سند سان ذڪر ڪيل آھي. ۽ حاڪم پنھنجي مسند ۾ ۽ بيھقيءَ پنھنجي سنن ۾ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنھا کان ھڪ واقعو روايت ڪيو آھي، جنھن ۾ ان قصي جي تائيد آھي. اھڙيءَ طرح ابن منذر امام اوزاعيءَ کان ھڪ واقعو روايت ڪيو آھي، جنھن مان ان جي تائيد سان گڏ اھو بہ ثبوت ملي ٿو تہ اڄا تائين اھي ھاروت ۽ ماروت ان بابل جي کوھہ ۾ ٽنگيا پيا آھن (١)

مگر گھڻن مفسرن ان واقعي کي غلط قرار ڏنو آھي، مون وٽ بہ صحيح ڳالھہ اھا آھي تہ اھو واقعو صحيح نہ آھي.

علامہ قرطبيءَ اھو واقعو بيان ڪري پوءِ لکيو آھي تہ: قلنا: ھذا کله ضعيف وبعيد عن ابن عمر وغيره، لايصح منه شيءٌ فانه قول تدفعه الاصول في الملائکة الذين ھم امناءُ الله عليٰ وحيه وسفراءُ هٗ الي رسله (٢)

يعني ھي سڀ ضعيف ۽ حضرت ابن عمرؓ رضہ وغيره (جي عقيدي ۽ ايمان) کان پري آھي. انھن روايتن مان ڪابہ صحيح نہ آھي اھو اھڙو قول آھي جنھن کي ملائڪن سڳورن لاءِ مقرر ٿيل اصول (تہ اھي معصوم ۽ پاڪ آھن) قبول نہ ٿو ڪري. ملائڪ الله تعاليٰ جي طرفان وحي پھچائڻ جي لاءِ امين ۽ ان جي رسولن (عليھم الصلاة والسلام) جي خدمت ۾ اچڻ وارا قاصد آھن.

اھڙن الله تعاليٰ جي پيارن ملائڪن کان شراب پيئڻ، زنا جھڙي گناھہ جو ارادو ڪرڻ، ناحق قتل ڪرڻ جھڙا گناھہ ناممڪن آھن.

ساڳئي بزرگ قرطبيءَ عليه الرحمة اڳتي لکيو آھي تہ:جيڪي راوي اھا روايت آڻين ٿا تہ اھا عورت تارو بنجي مٿي پھتي ۽ ان کي زھره تاري جي شڪل ملي اھا ڳالھہ بہ خود ان روايت کي ڪوڙو ثابت ڪري رھي آھي. ڇو تہ اھي تارا تہ اڳ ۾ پيدا ٿيل آھن جيئن حديث ۾ آيو آھي تہ "جڏھن الله تعاليٰ آسمان پيدا ڪيا تہ انھن ۾ ست ڦرندڙ (تارا) بہ پيدا ڪيا ويا. زحل ۽ مشتري ۽ بھرام ۽ عطارد ۽

(١) تفسير نعيمي ص ٥٣٢ ج ١ (٢) تفسير قرطبي ص ٥١ ج٢

زهرة ۽ شمس ۽ قمر اهائي الله تعاليٰ جي فرمان "كُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ" جي معنيٰ آهي ۽ ان روايت مان ثابت آهي ته زهرة تارو ته آدم عليه السلام جي پيدا ٿيڻ کان به اڳ ۾ پيدا ڪيل آهي ۽ ان کان سواءِ الله تعاليٰ جي فرمان جي ضد ۾ ملائڪ سڀئورا ڪيئن چوندا ته اسان فتني ۾ نه ٿا اچي سگهون اهو ته سراسر ڪفر آهي ۽ ملائڪ سڀئورا ڪفر ته ڇا هر گناهه کان پاڪ آهن. آخر ۾ علامه قرطبيءَ فيصلو ڏيندي فرمايو ته وهم المنزهون عن كل ما ذكره ونقله المفسرون (١)

يعني جيڪي به اهڙيون روايتون مفسرن آنديون آهن، ملائڪ سڀئورا انهن کان هرطرح منزهه ۽ پاڪ آهن.

هن هلندڙ دور جي مفسر، اهلسنت وجماعت جي محقق بزرگ ۽ مصنف علامه پيرمحمد ڪرم شاه الازهريءَ هن واقعي جي باري ۾ لکيو آهي ته

وه روايت كہ زهره نامى بدكاره نے ان دونوں فرشتوں هاروت وماروت كو اپنے دام عشق ميں گرفتار كرليا اور اس كے كهنے پر دونوں نے شراب پى اور بدكاري كى اور اب وه بابل كے كسى كنويں ميں اوندهے لٹكے هوئے هيں' يہ روايت علماء محققين كے نزديک مردود اور غيرمقبول هے (٢)

اهڙيءَ طرح علامه ثناءُ الله پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته: ان هذه الاخبار لم يرومنها شيءٌ صحيح ولا سقيم عن النبي صلي الله عليه وسلم قال وهذه الاخبار من كتب اليهود وافتراءِ هم (٣)

يعني هنن خبرن(حديثن) مان ڪا بہ شيءِ صحيح يا سقيم. نبي صلي الله عليه وسلم کان روايت ڪيل نه آهي ۽ هي يهودين جي ڪتابن ۽ انهن جي هٿ سان ٺاهيل ڳالهين مان آهن. هڪڙا مفسر لکن ٿا ته اهي شيطان هئا ۽ قرآن ڪريم جي عبارت ولكن الشياطين كفروا ۾ الشياطين کان هاروت وماروت بدل آهي. والله اعلم.

(١) تفسير القرطبي ص ٥٢ ج ٢ (٢) تفسير ضياءُ القرآن ص ٨٢ ج ١
(٣) تفسير مظهري ص ١٠١ ج ١

* ٻه مسئلا *

هڪ تہ ملائڪ هر گناھ کان معصوم آهن ۽ ان جا دليل. ٻيو تہ سحر ڇا آهي ۽ ان جا احڪام.

* پهريون (١) ملائڪ معصوم آهن *

اها ڳالهہ قرآن ڪريم مان ثابت آهي هڪ تہ الله تعاليٰ جو فرمان آهي: بَلْ عِبَادٌ مُّكْرَمُوْنَ لَايَسْبِقُوْنَهٗ بِالْقَوْلِ وَهُمْ بِاَمْرِهٖ يَعْمَلُوْنَ (٢)
يعني ملائڪ الله جا عزت وارا ٻانها آهن ان کان قول ۾ اڳرائي نہ ڪندا آهن ۽ اهي ان جي امر سان عمل ڪندا آهن.

اهڙيءَ طرح ٻيو فرمان خداوندي آهي. يَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِنْ فَوْقِهِمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ (٢)
پنهنجي مٿان رب کان ڊڄن ٿا ۽ جيڪو امر ڪيا ٿا وڃن اهو ڪن ٿا.

اهڙا ڪيترا دليل آهن جن مان صاف صاف ثابت آهي تہ ملائڪ سڀئي هر گناھ کان معصوم آهن.

*ٻيو (٢) سحر ڇا آهي ۽ ان جا احڪام *

سحر جي لغوي معنيٰ آهي ڪنهن شئي جو پنهنجي حقيقت کان ڦيرائڻ، ڏوکي ۽ غذا جي معنيٰ ۾ بہ سحر استعمال ٿيل آهي. ۽ رات جو پويون حصو جيڪو صبح کان اڳ ۾ هوندو آهي ان کي بہ سحر چوندا آهن. (٣)
۽ اصطلاح ۾ سحر اهڙو عمل آهي جنهن سان شيطان کي خوش ڪري ان جي مدد جي

(١) سورة الانبياءِ رکوع ٢ پ ١٧ (٢) النحل رکوع ٦ پ ١٤)
(٣) لسان العرب ص ٣٤٨ کان ٣٥٠ ج ۴

وسيلي ان جو قرب حاصل ٿئي ۽ شيطانن کي راضي ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن. ڪڏهن اهڙا منتر اختيار ڪيا ٿا وڃن،جن ۾ ڪفر ۽ شرڪ وارا الفاظ آهن ۽ شيطانن جي تعريف ڪيل هوندي آهي يا تارن جي عبادت اختيار ڪيل هوندي آهي، جنهن سان شيطان خوش ٿيندا آهن. ڪڏهن اهڙا ڪم ڪيا ويندا آهن جن سان شيطان راضي ٿيندو آهي. مثال طور ڪنهن کي ناحق قتل ڪري ان جو رت استعمال ڪرڻ، ترڙ جي حالت ۾ رهي بدن پليد رکڻ، پاڪ رهڻ کان پاسو ڪرڻ وغيره. جهڙيءَ طرح تقويٰ پاڪائيءَ، صفائيءَ ۽ خوشبو وغيره سان الله تعاليٰ جي ملائڪن جي مدد حاصل ٿيندي آهي.

تہ برن ۽ بچڙن ڪمن سان شيطاني ساٿ حاصل ٿيندو آهي. ان جي ڪري سحر انهن ماڻهن جو اثر ڪندو آهي جيڪي گندا ۽ پليد رهندا ۽ جيڪي الله تعاليٰ جي نالي ۽ پاڪائيءَ کان پري هوندا آهن ۽ خبيث ڪمن جا عادي هوندا آهن.

* سحر جو شرعي حڪم *

جنهن سحر ۾ ڪفر جو عمل اختيار ڪيل هوندو، جيئن شيطانن کان مدد گهرڻ يا ستارن جي تاثير کي مستقل مڃڻ وغيره تہ اهو صريح ڪفر آهي. ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪو لفظ نہ آهي صرف وڏي گناهہ جو ڪم ڪرايو ٿو وڃي تہ پوءِ وڏو گناهہ آهي.

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا

اي ايمان وارؤ! (نبي پاڪ سان ڳالهائڻ وقت) نہ چئو راعنا بلڪ چئو (انظرنا) نظر

انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْاؕ وَلِلْكَافِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾

فرمايو اسان تي ۽ (غور سان) ٻڌو ۽ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

تفسير

يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا- هي جملو قرآن پاڪ ۾ ٨٨ جاين تي آيل آهي ۽ صرف محمدي امت کي ان سان سڏيو ويو آهي اڳين امتن کي ان لقب سان نہ سڏيو ويو هو.

رَاعِنَا جو لفظ ٻن معنائن وارو آهي. هڪ معنيٰ آهي تہ اسان جي رعايت فرماءِ. جڏهن اصحاب سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم بارگاهِ رسالت مآب صلي الله عليه وسلم ۾ حاضر ٿيندا هئا. ۽ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي فرمان مبارڪ کي چڱيءَ طرح سمجهي نہ سگهندا هئا تہ عرض ڪندا هئا. راعنا يا رسول الله! اي الله جا رسول- اسان جي رعايت ڪرڻ فرمايو. اسان پوريءَ طرح نہ سمجهيا آهيون اسان کي وري سمجهايو. پر اهو ساڳيو لفظ يهودين جي عبراني زبان ۾ اهڙيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندوهو جنهن مان گستاخيءَ ۽ بي ادبيءَ جي بوءِ ايندي هئي. الله تعاليٰ کي پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي عزت ۽ تعظيم جو ايترو لحاظ هو جو اهڙن مشتبه لفظن جي استعمال کان بہ منع فرمايائين ۽ حڪم ڪيائين تہ راعنا جي جاءِ تي انظرنا (اسان ڏانهن نگاهِ ڪرم فرمايو) چئو ڇو تہ هي لفظ هر طرح جي فاسد احتمالات کان پاڪ آهي. ۽ اڳتي وَاسْمَعُوْا جو امر ڪري هيءَ تنبيه ڪئي وئي تہ جڏهن منهنجو محبوب عليه الصلواة والسلام اوهان کي ڪجهہ ٻڌائي تہ پوري توجهہ ۽ خيال سان ٻڌو تان تہ هر هر سندن ڪلام کي دهرائڻ جي ضرورت ئي نہ پوي. ڇو تہ هڪ هڪ ڳالهہ هر هر پڇڻ بہ شان نبوت جي مناسب نہ آهي.

فائدو

هن آيت سڳوريءَ مان حبيبِ اڪرم، نورِ مجسم، هاديُ عالم، صلي الله عليه وسلم جن جي دربار جي آداب جو اندازو لڳايو. جيڪو لفظ اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم ادب ۽ تعظيم سان استعمال ڪرڻ تي فرمايو ۽ انهن جي

نيت ۾ خلوص ۽ محبت کان سواءِ ڪجهه به نه هو پر اهو صرف بي ادب يهودين جي استعمال ڪيل لفظ سان مليو ٿي ته ان کان روڪيو ويو. محقق علماء لکن ٿا ته: فيها دليل علىٰ تجنب الالفاظ المحتملة التي فيها التعريض للتنقيص والغض (١) يعني هن آيت ۾ هن ڳالهه جو دليل آهي ته جن لفظن ۾ بي ادبي ۽ تنقيص جو رڳو احتمال آهي ته انهن کي به شانِ حبيب صلي الله عليه وسلم ۾ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪجي. سندن دربار انتها ادب جي جاءِ آهي. علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته: الغرض ان الله تعالىٰ نهي المومنين عن مشابهة الكافرين قولا وفعلا (٢) يعني مقصد هي آهي ته الله تعالىٰ مومنن کي ڪافرن سان فعل ۽ قول ۾ مشابهت ڪرڻ کان روڪيو آهي. جيئن هڪ حديث پاڪ ۾ آهي "مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ."
(جنهن ماڻهوءَ جنهن قوم سان مشابهت ڪئي اهو انهن مان آهي) ۽ اهو به معلوم ٿيو ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دربار ۾ بي ادبيءَ وارو لفظ استعمال ڪرڻ ڪفر آهي ڇو ته پويان وَلِلْكَافِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ آيل آهي. ۽ بي ادبيءَ واري لفظ استعمال ڪندڙ جي نيت ڏسڻ جو به سوال نه آهي جيڪڏهن ڪير ڪنهن کي ماءُ، ڀيڻ، زال تي گار ڏي ته ڇا ان کان پڇبو ته تنهنجي نيت ڪهڙي آهي؟ نه هرگز نه. نيت ڪهڙي به هجي گار ڏيندڙ مجرم آهي. گستاخيءَ ۾ عرف جو لحاظ هوندو آهي نيت جو نه. الله تعالىٰ تبارڪ ۽ ان جي حبيب صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ اهڙا الفاظ جيڪي حقارت سان ڳالهايا ويندا آهن استعمال ڪرڻ منع آهن. الله تعالىٰ کي ميان چوڻ يا حضور صلي الله عليه وسلم جن کي ڀاءُ يا پاڻ جهڙو بشر چوڻ به نه گهرجي.

فائدو

قرآن پاڪ جي لفظ "اُنْظُرْنَا" چئو. مان ثابت ٿيو ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ رحم ۽ ڪرم ڪرڻ جي درخواست ڏيڻ جائز آهي. ڇو ته "يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" ۾ زماني ۽ جاءِ جو قيد لڳل نه آهي. دنيا مان حياتي ختم ٿيڻ

---

(١) تفسير القرطبي ص ٥٧ ج ٢ (٢) تفسير ابن ڪثير ص ١٤٨ ج ١

سان سڀ شرعي حڪم بہ ختم ٿي ويندا آهن مگر حضور صلي الله عليه وسلم جن
کي رحم ۽ ڪرم جي درخواست قبر ۽ قيامت ۾ بہ ڪرڻي پوندي آهي. شفاعت جي
حديثن تي غور ڪيو تہ سڀ ڳالهہ واضح ۽ روشن آهي ماڻهن کي جڏهن سڀ انبياءِ
سڳورا عليهم الصلواةوالسلام موٽائي ڇڏيندا تہ ماڻهن لاءِ هڪ ئي محمدي
(صلي الله عليهوسلم) دروازو کليل هوندو ۽ حضرت عيسيٰ عليہ الصلواة
والسلام بہ ان جي دروازي جو ڏس ڏيندو.

مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَلَا
نہ ٿا پسند ڪن ڪافر اهل ڪتاب وارن مان ۽ نہ

الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ
مشرڪ هن ڳالهہ کي جو لاٿي وحيي اوهان تي ڪا ڀلائي

رَّبِّكُمْ ۗ وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَاللّٰهُ ذُو
اوهان جي رب جي طرفان ۽ الله خاص ٿو ڪري پنهنجيءَ رحمت سان جنهن کي گهري ۽ الله

الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾
وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي.

تفسير

يهودين کي اهو ڏک هو تہ نبوت بني اسرائيل جي بجاءِ بني اسماعيل کي
ڇو ملي ۽ مشرڪن کي وري اهو صدمو پهتو هو تہ نبي جو انتخاب مڪي ۽ طائف
جي رئيسن مان ڇو نہ ڪيو ويو ۽ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي ذات
جيڪا دُرِّ يتيم وانگر يتيميءَ ۽ مسڪينيءَ جي حالت ۾ رهي آهي اها نبوت جي

لاءِ ڪيئن موزون ٿي الله تعاليٰ ٻنهي ڌرين جي خيال ڪي رد ڪندي فرمايو تہ نبوت منهنجي رحمت ۽ ڪرم آهي ۽ مان پنهنجي فضل ڪرڻ ۾ مرضيءَ وارو آهيان جنهن کي گهران تہ نوازيان ۽ جنهن کي عطا ڪيان تہ منهنجو اختيار آهي اوهان سان مشوري ۽ صلاح ڪرڻ جي مون کي ڪا ضرورت نہ آهي.

مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَا اَوْ

جيڪا آيت اسان منسوخ ٿا ڪيون يا اها وسارائي ٿا ڇڏيون تہ آڻيون ٿا ان کان ڀلي

مِثْلِهَاؕ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٦﴾

يا ان جهڙي ڇا اوهان نہ ڄاتو تہ بيشڪ الله هر شئي تي قادر آهي.

تفسير

يهودي ۽ مشرڪ سادن ۽ نون مسلمانن جي ايمان کي لوڏن ۾ وجهڻ لاءِ طرحين طرحين شبها پيدا ڪندا هئا. انهن ۾ هڪ شبهو هيءُ بہ هو تہ قرآن ڪريم هڪ ڏينهن هڪڙو حڪم ٿو ڏي تہ ٻئي ڏينهن ان کي بدلائي ان جي جاءِ تي ٻيو حڪم ٿو آڻي ائين ڪرڻ الله تعاليٰ جي شان جي لائق نہ آهي. ۽ ان مان شڪ ٿو پوي تہ قرآن الله تعاليٰ جو ڪتاب نہ آهي. انهن جي ان شبهي کي رد ڪرڻ لاءِ هيءَ آيت نازل ٿي. هن آيت ۾ ننسخ جو لفظ آيل آهي جيڪو نسخ کان ورتل آهي. نسخ جي لغوي معنيٰ آهي هڪ شئي وڃائي ان جي جاءِ تي ٻي شئي آڻڻ. (١)
۽ فقهي اصول جي خاص اصطلاح ۾ نسخ جي معني آهي بيان محض لانتهاءِ الحڪم الاول (١) يعني پهرين حڪم جي پوري ٿيڻ جو بيان. علامه قرطبيؒ لکيو آهي تہ فالذي عليه الحذاق من اهل السنة انه ازالة ماقد استقر من الحکم الشرعي بخطاب وارد متراخيا. (٢)

(١) المفردات ص ٥٠٩ (٢) القرطبي ص ٦٤ ج ٢

يعني اهل سنت جي حاذق عالمن جو چوڻ آهي ته نسخ جي معنيٰ آهي شرعي ثابت
حڪم کي پوئين اچڻ واري فرمان سان زائل ڪرڻ. خلاصو هي آهي ته الله تعاليٰ
کنهن مخصوص وقت تائين ڪو حڪم فرمايو ۽ ان وقت جو علم کيس هو ته هن
وقت تائين هي حڪم آهي ان کان پوءِ ٻيو حڪم فرمايائين انکي نسخ سڏيو ويو
آهي. ۽ اهو عقل به تسليم ڪري ٿو جيئن ڪو ڊاڪٽر ڪنهن بيمار کي ٻن هفتن لاءِ
ڪا دوا تجويز ڪري ڏي ان کان پوءِ مريض جي طبيعت کي ڏسي دوا تبديل ڪري
ته ان ۾ ڪا به قباحت نه آهي ۽ نه ڪو سمجهندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن مالڪ ۽
خالق پنهنجن ٻانهن جي لاءِ هڪ حڪم نازل ڪري ڪجهه وقت کان پوءِ انهن
ٻانهن جي ڀلائيءَ لاءِ ان ۾ تبديلي آڻي ته ان تي اعتراض ڇو ڪيو وڃي. اها ته عين
حڪمت آهي. عرب جهڙي اڻ سلجهيل قوم کي شرعي حڪمن تي پابند ڪرڻ لاءِ
تدريجًا (آهستي آهستي) حڪمن نازل ڪرڻ جي ضرورت هئي. آخر ۾ الله تعاليٰ
سيني اعتراض ڪندڙن جي منهن بند ڪرڻ جي لاءِ هي به فرمايو ته مان مطلق طرح هر
شئي تي قادر آهيان جيڪو گهران سو ڪيان. اوهان کي اعتراض ڪرڻ جو ڪهڙو
حق آهي؟

أَلَمْ تَعْلَمْ أَنَّ اللَّهَ لَهُ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۗ وَمَا لَكُمْ

ڇا نه ڄاتو تو ته بيشڪ الله جي لاءِ ئي آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ نه آهي

مِنْ دُونِ اللَّهِ مِنْ وَلِيٍّ وَلَا نَصِيرٍ ﴿١٠٧﴾ أَمْ تُرِيدُونَ أَنْ

اوهان لاءِ الله کان سواءِ ڪو ساٿي ۽ نه ڪو مددگار ڇا ارادو ٿا ڪيو ته سوال ڪيو

تَسْأَلُوا رَسُولَكُمْ كَمَا سُئِلَ مُوسَىٰ مِنْ قَبْلُ ۗ

پنهنجي رسول کان جيئن سوال ڪيو ويو موسيٰ کان اڳ ۾ ۽ جيڪو مٽائي وٺي ٿو

وَمَنْ يَتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْإِيمَانِ فَقَدْ ضَلَّ سَوَاءَ السَّبِيلِ ﴿١٠٨﴾

ڪفر عوض ايمان جي پوءِ تحقيق گمراهه ٿيو اهو سڌيءَ واٽ کان

تفسير

جيئن اڳ ۾ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کان يهودين سوال ڪيو هو ته اسان کي الله تعاليٰ جو کليل ديدار ڪراءِ. ان ئي نموني تي حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن کان به سوال شروع ڪيا ويا هئا. يهودين چيو ته جيئن حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي توراة سڄو ڪامل هڪ هنڌ مليو هو اهڙيءَ طرح اوهان به قرآن پاڪ هڪ جاءِ تي سڄو لٿل آڻيو ته اسين ايمان آڻيون ۽ قريشين چيو ته اسان کي صفا جبل سونو ڪري ڏيو ته اسين ايمان آڻيون ۽ ڪي چوڻ لڳا ته اسان وٽ الله ۽ ملائڪ اچن ته پوءِ مڃيون وغيره. (١)

الله تعاليٰ هن آيت ۾ منع ڪندي فرمايو ته: ڇا اوهان به پنهنجي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم کان اهڙا سوال ٿا ڪيو جهڙا حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کان ڪيا ويا هئا. اوهان اهڙا سوال نه ڪيو نه ته گمراهه ٿي ويندئو. اوهان کي جن حڪمن جي ادا ڪرڻ جو فرمان مليل آهي اداڪيو جن کان روڪيو وڃي اهي نه ڪيو. ۽ جن ڳالهين تي الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان ماٺ آهي ڪو بيان نه آهي ته انهن کي نه ڇيڙيو. اوهان جي سلامتي ۽ ڀلائي ان ۾ آهي. سوال ڪرڻ به قسم آهي. هڪ مسئلي کي سمجهڻ ۽ حق معلوم ڪرڻ جي لاءِ اهو سوال سٺو آهي. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي؟ فَاسْئَلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ (٢) (جيڪڏهن اوهان نه ٿا ڄاڻو ته پوءِ ڄاڻ وارن کان پڇو)

٢- بيو دل ۾ کوٽ رکي فتني اٿارڻ لاءِ اهو خراب ۽ ڪافرن جو طريقو آهي. اهو اختيار ڪرڻ نه گهرجي. اهو ڪفر آهي ۽ جيڪو ايمان جي بدلي ۾ ڪفر وٺندو اهو سڌي واٽ کان پري آهي.

وَدَّ كَثِيْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يَرُدُّوْنَكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ

دل سان گهرن ٿا گهڻا اهل ڪتاب وارن مان ته موٽائن اوهان کي اوهان جي ايمان

(١) تفسير مظهري ص ٥٥٦-٥٥٧ ج ١ (٢) سورة النحل رکوع ٦ پ ١٤

اِیۡمَانِکُمۡ کُفَّارًا ۚۖ حَسَدًا مِّنۡ عِنۡدِ اَنۡفُسِهِمۡ مِّنۡ

آڻڻ کان پوءِ ڪافر ڪري. (اھو سڀ ڪجھہ) حسد ڪرڻ جي ڪري انھن جي دلين

بَعۡدِ مَا تَبَیَّنَ لَهُمُ الۡحَقُّ ۚ فَاعۡفُوۡا وَاصۡفَحُوۡا

مان ان کان پوءِ جو ظاهر ٿيو انھن لاءِ حق پوءِ معاف ڪيو ۽ درگذر فرمايو تانجو

حَتّٰی یَاۡتِیَ اللّٰهُ بِاَمۡرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ

آڻي الله (انھن جي باري ۾) پنھنجو حڪم. بيشڪ الله ھر شيءِ تي

قَدِیۡرٌ ﴿۱۰۹﴾

قادر آھي.

تفسير

يهودي ضد ۽ هٺ ڌرميءَ جيڪري پاڻ تہ ايمان جي دولت کان محروم رهيا پر حسد جا ماريل ڪوشش ڪندا هئا تہ ٻيو ڪو بہ ايمان جي دولت سان مالا مال نہ ٿئي. مسلمانن ڪي قيرائڻ لاءِ هر وقت ڪوشس ڪندا رهندا هئا. الله تعاليٰ مسلمانن کي فرمايو تہ اوهان انهن جي شرارتن ۽ فتنن کان درگذر ڪندا رهو ۽ في الحال معاف ڪندا ڪيو. هر هڪ ڳالهہ تي انهن سان وڙهڻ جي ضرورت نہ آهي. جڏهن مناسب وقت ايندو تہ انهن کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويندو. پوءِ الله تعاليٰ اهو وعدو پورو ڪيو ۽ جهاد جون آيتون نازل فرمايون. جنهن کان بعد يهودين سان بہ اهڙو برتاءُ رکيو ويو ۽ هر ڪنهن ﷺ ان جي حيثيت آهر ان جي فساد جي بدلي ۾ قتل ڪرڻ يا جلا وطنيءَ يا جزيہ تي عمل ڪيو ويو.

وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَمَا تُقَدِّمُوۡا

۽ قائم ڪيو نماز ۽ ڏيندا رهو زڪواة ۽ جيڪي اڳتي

لِاَنۡفُسِكُمۡ مِّنۡ خَيۡرٍ تَجِدُوۡهُ عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا

موڪليندؤ پنهنجي لاءِ چڱائي تہ لهندؤ اها الله وٽ. بيشڪ الله

تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿۱۱۰﴾

جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي.

تفسير

نماز قائم ڪيو. مطلب آهي تہ صحيح نموني نماز جا فرض واجب ۽ ان ۾ جيڪي تاڪيد واريون سنتون آهن انهن جو بلڪ مستحبن جو لحاظ رکي ٺاهي ٺاهي پڙهو. ۽ زڪواة بہ ڏيندا رهو. اوهان جي ننڍي يا وڏي نيڪي جيڪا بہ ڪندئو وساري نہ ويندي. اوهان کي ان جو پورو پورو درجو ۽ ثواب ملندو.

وَقَالُوۡا لَنۡ يَّدۡخُلَ الۡجَنَّةَ اِلَّا مَنۡ كَانَ هُوۡدًا اَوۡ

۽ چوڻ لڳا تہ اصل نہ داخل ٿيندا بهشت ۾ مگر جيڪي يهودي هوندا يا نصاريٰ

نَصٰرٰى ؕ تِلۡكَ اَمَانِيُّهُمۡ ؕ قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ اِنۡ

اهي انهن جو سڌون آهن فرماءِ تہ آڻيو پنهنجو دليل جيڪڏهن آهيو سچا

كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۱۱۱﴾ بَلٰى ۚ مَنۡ اَسۡلَمَ وَجۡهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ

هائوجنهن بہ جهڪايو پنهنجو پاڻ الله جي لاءِ ۽ اهو نيڪوڪار آهي پوءِ ان لاءِ

مُحْسِنٌ فَلَهٗٓ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۠ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ

ان جو اجر آهي ان جي رب وٽ ۽ نہ آهي ڪو خوف انهن تي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا

وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ ٣٤ع ١٣

۽ چون ٿا يهودي تہ ناهن نصاريٰ ڪنهن شيءِ (دين) تي ۽ چون ٿا

النَّصٰرٰى عَلٰى شَيْءٍ ۠ وَّقَالَتِ النَّصٰرٰى لَيْسَتِ

نصاريٰ تہ ناهن يهودي ڪنهن شي (دين) تي حالانڪ اهي

الْيَهُوْدُ عَلٰى شَيْءٍ ۙ وَّهُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ۭ كَذٰلِكَ

(سڀ) پڙهن ٿا ڪتاب. اهڙيءَ طرح چيو انهن شخصن جو نہ ٿا

قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ

ڄاڻن مثل چوڻ انهن جي پوءِ الله فيصلو ڪندو انهن ۾ قيامت جي

بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١١٣﴾

ڏينهن جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪندا رهن ٿا.

تفسير

يهودين ۽ نصارن جون جدا جدا دعوائون هيون تہ اسين حق تي آهيون ٻيو ڌر باطل تي آهي. الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ اهي اوهان جون سڌون آهن جنهن لاءِ اوهان وٽ ڪو بہ دليل نہ آهي. جيڪڏهن آهي تہ پيش ڪيو. چوڻڪاري جوصرف

هڪ رستو آهي ايمان ۽ صالح عمل. جنهن بہ پنهنجي ذات ۽ خواهشات کي الله تعاليٰ جي حڪم جي سامهون جهڪايو ۽ ان ۾ اخلاص ۽ سچائي آهي تہ اهو الله تعاليٰ جي دربار ۾ بي خوف ۽ بي غم هوندو. اهڙيءَ طرح هڪ ڀيري نجران جا عيسائي سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ انهن جي اچڻ جي خبر ٻڌي يهودين جا علماء بہ اچي پهتا ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڳالهيون هليون ۽ ڳالهين جي دوران يهودين چيو تہ نصٰرٰيٰ جو مذهب باطل آهي ۽ نصارن چيو تہ يهودين جو مذهب باطل آهي. (١)

الله تعاليٰ ٻنهي جي غلطين جو اظهار ڪندي فرمايو تہ جڏهن يهودين وٽ موجوده توراة ۾ حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام جي آمد ۽ رسالت جو ذڪر موجود آهي تہ يهودين کي ان جي انڪار ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ ۽ جڏهن انجيل ۾ جيڪو نصارن وٽ موجود آهي حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي نبوت جون بي حساب شاهديون موجود آهن تہ نصاريٰ ڪهڙي منهن سان ان جي نبوت ۽ رسالت جو انڪار ٿا ڪن؟ نتيجو اهو نڪتو تہ سچ جي دامن ٻنهي ڌرين جي هٿن مان نڪري وئي آهي. صرف ضد تي بيٺا آهن. ۽ ٻئي، باهہ ۽ تارن جا پوڄاري بہ ان غلط فهميءَ جو شڪار آهن جيڪي پاڻ کان سواءِ سيني کي گمراهہ ٿا سمجهن.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا

۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان کان جو روڪي ٿو الله جي مسجدن کان جو ذڪر ڪيو

اسْمُهٗ وَسَعٰي فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ

وڃي انهن ۾ ان جو نالو ۽ ڪوشش ڪري ٿو انهن جي ويران ڪرڻ ۾. اهو نہ آهي

اَنْ يَّدْخُلُوْهَآ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ

مناسب انهن لاءِ تہ داخل ٿين انهن (مسجدن) ۾ مگر ڊڄندي ڊڄندي انهن لاءِ دنيا

(١) تفسير ابن ڪثير ص ١٥٥ ج ١

وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾

۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ به وڏو عذاب آهي.

تفسير

علامه جلال الدين سيوطيءَ عليه الرحمة حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهماکان روايت آندي آهي ته اهي وڏا ظالم هئا جن الله تعاليٰ جي مسجد بيت المقدس ۾ نماز پڙهڻ کان ماڻهن کي روڪيو ۽ ان ۾ گندگي اڇلائيندا هئا. (۱)

۽ مفسر ابن جرير سديءَ کان روا يت آندي آهي ته اهي روم جا نصاريٰ هئا جن بيت المقدس کي ڊاهڻ ۾ بخت نصر بادشاهه جي مدد ڪئي هئي. (۲)

ڪن مفسرن لکيو آهي ته روم جي عيسائين پنهنجي بادشاهه طيطس Titus سان گڏجي يهودين کان پلاند وٺڻ لاءِ فلسطين تي چڙهائي ڪئي ۽ بيت المقدس کي ويران ۽ برباد ڪيو ۽ ان جي شاندار عمارت کي ڪڏا بنائي ڇڏيو تڏهن رب پاڪ فرمايو ته جن جا اهڙا عمل آهن ڇا اهي پاڻ کي حق جو علمبردار چئي سگهن ٿا؟ اهڙيءَ طرح مڪه پاڪ ۾ رهندڙ مشرڪن حضور صلي الله عليه وسلم ۽ اسلام قبول ڪندڙ مسلمانن کي مسجد حرام (بيت الله واري مسجد) ۾ ڪيترو وقت عبادت ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو هو. ڇا انهن مشرڪن کي نهي ٿو جو اهي هدايت تي هجڻ جي ڳالهه ڪن. الله تعاليٰ مسجدن کي انهن جي رحم ڪرم تي نه ڇڏيو نيٺ مڪه پاڪ فتح ٿيو ۽ انهن مشرڪن لاءِ رهڻ جي جاءِ يا سندن ڪو نشان به نه رهيو. اهڙيءَ طرح بيت المقدس تي به الله تعاليٰ اهو وقت آندو جو مسلمانن ان کي آباد ڪيو. آخر ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي. ۽ اها ان طرح جو يهودي جلاوطن ڪيا ويا ۽ عيسائي بادشاهتون ختم ٿيون ۽ اتي اسلام جا جهنڊا لڳايا ويا. ۽ آخرت جو عذاب ته انهن لاءِ يقيني آهي جيڪو هلي اکين سان ڏسندا.

(۱) الدر المنثور ص۲۶۴ ج ۱ (۲) تفسير ابن جرير ص ۳۹۷ ج ۱

وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۚ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ

۽ الله جو آهي اوڀر ۽ اولهه پوءِ جيڏانهن به منهن ڪندئو پوءِ اتي آهي ذات الله جي

اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾

بيشڪ الله ڪشادي رحمت وارو گهڻو ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

ڄاڻڻ گهرجي ته منتشر، تڙيل، پکڙيل فرد تڏهن قوم بڻجندا آهن جڏهن انهن ۾ ٻڌي پيدا ٿيندي ۽ ٻڌي تڏهن پيدا ٿيندي جڏهن انهن جو مرڪز مخصوص هوندو ان جي ڪري الله تعالىٰ هر امت جو هڪ مخصوص قبلو مقرر ڪيو هو. مگر جڏهن ماڻهن ۾ اهو خيال ظاهر ٿيڻ لڳو ته اهو طرف شايد ڪنهن ذاتي خصوصيت ۽ خوبيءَ جي ڪري قبلو بڻايو ويو آهي ته الله تعالىٰ هيءَ آيت نازل فرمائي ان غلط فهميءَ جو ازالو ڪرڻ فرمايو ته دنيا جا طرف ۽ پاسا سڀ الله تعالىٰ جا آهن اوڀر هجي يا اولهه ڏکڻ هجي يا اتر سڀ ان جا پيدا ڪيل ۽ ان جي حڪم جا تابع آهن جڪڏهن ڪو طرف قبلو بڻايو ٿو وڃي ته انجي ذاتي ڀلائي جي ڪري نه بلڪ الله تعالىٰ جي حڪم جي ڪريءِ اوهان جو به اوڀر يا اولهه سان ڪهڙو واسطو اوهان ته ان جي حڪم جا ٻانها آهيو. مشرڪن مان ڪي سج جي پوڄا ڪندا هئا ۽ سج اوڀر کان اڀرندو آهي انجي ڪري اوڀر انهن لاءِ تعظيم ۽ احترام جو لائق هو. ۽ ڪي وري اولهه واري پاسي جي تعظيم ڪندا هئا. الله تعالىٰ انهن سڀني جي خيالن جي رد ڪندي فرمايو ته پاسا پاڻ ڪجهه به حيثيت نه ٿا رکن انهن جي حيثيت صرف ايتري آهي ته الله تعالىٰ انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهي ان جي حڪم هيٺ آهن.

وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبْحٰنَهٗ ۭ بَلْ لَّهٗ مَا فِي

۽ چون ٿا ته ورتو الله (پنهنجي لاءِ) اولاد، پاڪائي آهي ان جي (ان ڳالهه کان) بلڪ

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿١١٦﴾ بَدِيْعُ

ان جو ئي آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ زمين ۾ سڀ ان جا فرمانبردار آهن. نئين

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا

نموني ٺاهيندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ جنهن وقت ارادو ٿو ڪري ڪنهن ڪم

يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿١١٧﴾

جو ته پوءِ (صرف ايترو) ٿو چوي ان کي ته "ٿي پئو" ته ٿي ٿو پوي.

تفسير

هنن ٻن آيتن ۾ الله تعالىٰ يهودين، نصارن ۽ مشرڪن جي بيهوده ڳالهين جوذڪر ڪرڻ فرمايو آهي ته انهن جو ڪفر ان حد تائين پهتو آهي جوالله تعالىٰ جي ذات تي حملوڪرڻ ۽ ان ڏانهن نامناسب ڳالهين جي نسبت ڪرڻ جي جرأت ڪن ٿا يهودين حضرت عزير عليه السلام کي، نصارن حضرت عيسىٰ عليه السلام کي الله تعالىٰ جو پٽ چيو ۽ مشرڪن ملائڪن کي الله تعالىٰ جون ڌيئرون سڏيو. امام بخاريؒ حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى كَذَّبَنِيْ اِبْنُ آدَمَ وَلَمْ يَكُنْ لَهٗ ذَالِكَ وَشَتَمَنِيْ اِبْنُ آدَمَ وَلَمْ يَكُنْ لَهٗ ذَالِكَ . اَمَّا تَكْذِيْبُهٗ اِيَّايَ فَيَزْعُمُ اَنِّيْ لَا اَقْدِرُ اَنْ اُعِيْدَهٗ كَمَا كَانَ وَاَمَّا شَتْمُهٗ اِيَّايَ فَقَوْلُهٗ لِيْ وَلَدٌ فَسُبْحَانِيْ اَنْ اَتَّخِذَ صَاحِبَةً اَوْ وَلَدًا" (١)

يعني الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته آدم جو اولاد مون کي ڪوڙو ٿو چوي ۽ مون کي گاريون ٿو ڏي مگر ڪيس ائين لائق نه آهي. ٻران جو مون کي ڪوڙو چوڻ پوءِ هي ۽ آهي جو گمان ٿو ڪري ته مان قادر نه آهيان جو انکي واپس موٽايان، جيئن هو. ٻرسند سر گارڏيڻ مون کي سو هي آهي جو مون

(١) الدر المنثور ص ٢٧٨ ج ١

ڏانهن اولاد جي نسبت ٿو ڪري منهنجو شان ته ان ڪان پاڪ آهي جو آئون ڪا زال يا اولاد رکان. زمين جي وسعتن ۽ آسمانن جي اونهاين ۾جيڪا به شي نوري آهي يا ناري سيني تي الله تعاليٰ جي ملڪيت ۾ هجڻ جي مهر لڳل آهي ۽ هر شئي ان جي حڪم جي اڳيان جهڪيل آهي. الله تعاليٰ وڏو بادشاهه آهي جنهنجو ڪو مثال يا مشابهه نه آهي.سڀ شيون ان جون پيدا ڪيل ۽ پالڻهار آهن ان جا ٻانها ۽ ملڪيت آهن. پاڻ انهن جو خالق، رازق، اندازو ڪندڙ،تابع ڪندڙ، ڦيرائيندڙ ۽ هلائيندڙ آهي پوءِ انهن شين مان ڪو سندس اولاد بنجي سو عقل ڪان بعيد ۽ سمجهه ڪان تمام گهڻو پري آهي ۽ اولاد زال سان ملڻ مان ٿيندو آهي الله تعاليٰ ته زال ڪان پاڪ آهي. بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ- بديع الله تعاليٰ جو نالو مبارڪ مبدع جيَ معنيٰ ۾ آيل آهي. مبدع جي معنيٰ آهي آسمانن، زمينن ۽ پوريءَ ڪائناتِ ڪي نئين نموني سان ٺاهيندڙ جنهن ڪان اڳ ۾ ڪو به اهڙو ٺاهيندڙ، اپائيندڙ نه هجي (١) نه ان جو ڪو مادو هو نه ڪو نمونو ۽ نه ٺاهڻ واري وٽ ڪي اوزار هئا جن سان ٺاهيائين. بديع جي هڪ لفظ سان انهن سيني جو رد ٿي ويو جيڪي چوندا آهن ته روح به هميشه موجود هو ۽ مادو به. الله تعاليٰ صرف هڪ ماهر ڪاريگر وانگر ان مادي جي مختلف جزن ڪي خاص مناسبت سان هڪ ٻئي سان ملائي رنگين شيون ظاهر ڪرڻ فرمايون آهن. پر قرآن ڪريم ۾ اهو ٻڌايو ويو ته الله تعاليٰ صرف صانع (ٺاهيندڙ) نه آهي پر بديع آهي ان آسمانن زمينن ساري ڪائنات ڪي پنهنجي ارادي ۽ قدرت سان مادي وغيره جي سهاري ڪان سواءِ ٺاهيو آهي.

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَايَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ

۽ چيو انهن شخصن جو ڪجهه به نه ٿا ڄاڻن ته ڇو نه ٿو ڳالهائي اسان سان الله يا

تَاْتِيْنَآ اٰيَةٌ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّثْلَ

ڇو نه ٿي اچي اسان وٽ ڪا نشاني. ان طرح چيو هو انهن جو گذريا انهن ڪان اڳ

(١) تفسير ابن جرير ص ٤٠٤ ج ١

قَوۡلِهِمۡ ؕ تَشَابَهَتۡ قُلُوۡبُهُمۡ ؕ قَدۡ بَيَّنَّا الۡاٰيَاتِ

۾ انهن جي ڳالهه وانگر. ملن جلن ٿيون دليون انهن جون تحقيق اسان بيان ڪيون

لِقَوۡمٍ يُّوۡقِنُوۡنَ ﴿۱۱۸﴾

آهن نشانيون ان قوم لاءِ جو يقين ٿا رکن.

تفسير

ڪافر چوڻ لڳا ته الله تعاليٰ اسان سان سڌو سنئون پاڻ ڳالهائي ۽ پنهنجا احڪام اسان کي ٻڌائي ته پوءِ مجينداسون. اها الله تعاليٰ جي شان ۾ وڏي گستاخي آهي. ڳالهائڻ لاءِ پهريان ته ڏسڻ ضروري آهي. جڏهن الله تعاليٰ کي ڏسي نه ٿا سگهن ته سندس ڪلام جو ڪين يقين ڪيئن ٿيندو ته هي الله تعاليٰ جو ڪلام آهي ۽ ٻيو چون ٿا ته اسان ڏي آيتون ۽ نشانيون ڇو نه ٿيون اچن. حالانڪ الله تعاليٰ پنهنجن نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي هٿان انهن کي نشانيون به موڪليون آهن پر مڃين نه ٿا ۽ هنن جون دليون اڳين ڪافرن سان ملن جلن ٿيون انهن جي حالت به اها ٿيندي جيڪا پهرين جي ٿي هئي.

اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ بِالۡحَقِّ بَشِيۡرًا وَّنَذِيۡرًا ۙ وَّلَا تُسۡـَٔلُ

بيشڪ اسان موڪليو توکي حق سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري ۽ نه پڇيا

عَنۡ اَصۡحٰبِ الۡجَحِيۡمِ ﴿۱۱۹﴾

ڪيو ويندين تون جهنم وارن جي باري ۾.

تفسير

الله تعاليٰ هن آيت ۾ پنهنجي حبيب صلي الله عليه وسلم کي تسلي ڏيندي فرمايو آهي ته اوهان انهن جي اعتراضن جي ڪري تنگ نه ٿيو.اهي ڪيترا به شبها وجهن مگر اوهان کي اسان حق واري دين سان موڪليو آهي اهي اوهان کي ڪو به لوڏو ڏئي نه سگهندا. پر جن کي نبوت جي سڃاڻ واريون اکيون آهن ۽ جن کي نبوت جي نشانين سڃاڻڻ جو علم آهي اهي اوهان جي زندگيءَ، ڪردار، تعليم ۽ دعوتِ دين جي طريقي تي غور ڪري يقينًا اوهان کي نبوت جي معيار تي پورو لهندا ۽ بنا شڪ ۽ شبهي جي اوهان تي ايمان آڻيندا اوهان بشارت ڪٺي ايندڙ آهيو ايمانندارن، مڃيندڙن ۽ نيڪوڪارن کي الله تعاليٰ جي طرفان مغفرت،رحمت ۽ آخرت ۾ بهشت جي عظيم نعمتن جي خوشخبري ڏئي ڪافرن،منڪرن ۽ بدڪارن کي الله جي عذاب ۽ پڪڙ کان ڊيڄاريو جو اوهان نذير به آهيو. قيامت ۾ سڀني نبين عليهم السلام والصلواة ڪان زياده امت به اوهان جي هوندي. اسلام جي حقانيت لاءِ اوهان جي ذات عالي صفات جيڪا حق ۽ سچ سان موڪليل آهي. سڀ کان وڏو دليل آهي.پر جيڪڏهن نه ٿا سڃاڻن ۽ نه ٿا مڃين ته اوهان فڪر نه ڪريو اهي جهنمي آهن انهنجي باري ۾ اوهان کان پڇا نه ٿيندي.

* فائدو *

* حضور پرنور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي والدين سڳورن جي ايمان جو بحث *

تفسير روح البيان ۽ تفسير عزيزيءَ صراحت سان ۽ مدارڪ اشارةً آندو آهي ته هڪ ڀيري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته”ڪاش مان پنهنجي والدين جو انجام معلوم ڪيان ها“. تڏهن اها آيت نازل ٿي ته ”اوهان کان جهنم وارن جي باري ۾ سوال نه ڪيو ويندو“ ان کان پوءِ پاڻ ڪڏهن به والدين جي

باري ۾ بيان نہ فرمايائون (١)
حضرت حبيب صلي الله عليه وسلم جن جي والد حضرت عبدالله ۽ والده حضرت آمنه رضي الله تعاليٰ عنهما جي ايمان آڻڻ جي باري ۾ علماء گھڻو ڪجھہ چيو ۽ لکيو آهي. بعض ظاهر بين علماءِ هن آيت ڪريمه مان انهن جو جهنمي هجڻ سمجهيو آهي اسين ان باري ۾ نهايت ئي منصفانه تحقيقات پيش ڪيون ٿا ناظرين کان انصاف جي ۽ الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان قبوليت جي اميد رکون ٿا. سمجهڻ گهرجي تہ هن مسئلي ۾ چار قول آهن ١- هڪ تہ اهي ٻئي حضرات نہ زندگيءَ ۾ مومن هئا نہ مرڻ جي وقت نہ هيئنر. نعوذبالله من ذالک ــــــــــــ ٢- ٻيو تہ ان ۾ خاموش رهڻ گهرجي انهن جو حال رب تو ڄاڻي. ٣- ٽيون تہ ٻئي حضرات وفات وقت ايمان تي نہ هئا پر هاڻي مومن آهن. ۴- چوٿون تہ حياتيءَ ۾ مومن الله تعاليٰ جي توحيد مڃڻ وارا هئا مرڻ وقت بہ مومن هئا ۽ هاڻي بہ اهي اسلام تي آهن. اسان وٽ اهو پويون قول صحيح ۽ ترجيح وارو آهي. جمهور علماءَ جو قول بہ اهو آهي. ماڻ ۾ رهڻ وارا چون ٿا تہ انهن جي ڪفر ۽ ايمان ٻنهي جا دليل ملن ٿا ان جي ڪري ان مسئلي تي زبان نہ کولجي ۽ انهن جي متعلق سهڻو گمان رکڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو انهن کي زندگيءَ ۾ ڪافر ۽ هاڻي مومن ٿا چون تہ بعض روايتن مان انهن جو مشرڪ هجڻ معلوم ٿئي ٿو. ۽ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جي روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ حجة الوداع جي موقعي تي پاڻ دعا گهري انهن کي زنده ڪرائي ڪلمو پڙهايو هيائون (٢)

جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ اهي اول بہ ايمان تي نہ هئا هاڻي بہ ايمان تي نہ آهن اهي ڪجھہ آيتون ڪجھہ حديثون ڪجھہ بزرگان دين جا اقوال ۽ عقلي دلائل پيش ڪن ٿا.

* پهريون دليل *

انهن جو پهريون دليل قرآن ڪريم جي اهائي آيت آهي تہ پاڻ پنهنجي والدين جو حال معلوم ڪرڻ ٿي گهريائون تہ فرمان ٿيو تہ اوهان جهنمين جي باري ۾ نہ پڇو ۽ نہ

(١) تفسير نعيمي ص ٦٠۴ ج ١ (٢) تفسير روح البيان ص ٢١٦ ج ١ تفسير نعيمي ص ٦٠٧ ج ١

اوهان کان پڇا ڪئي ويندي.

* ٻيو دليل *

هڪ ڀيري پاڻ پنهنجيءَ والده جي مغفرت لاءِ دعا گهرڻ جي اجازت گهريائون ته هيءَ آيت نازل ٿي "مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى" (١)

يعني نبي ۽ مومنن لاءِ مناسب نه آهي جو مشرڪن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪن، جيتوڻيڪ اهي ويجها مائٽ هجن. ثابت ٿيو ته اهي هاڻي به مشرڪ آهن.

* ٽيون دليل *

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته زَارَ النَّبِيُّ ﷺ قَبْرَ اُمِّهٖ فَبَكٰى وَاَبْكٰى مَنْ حَوْلَهٗ فَقَالَ اِسْتَاْذَنْتُ رَبِّيْ فِيْ اَنْ اَسْتَغْفِرَلَهَا فَلَمْ يُؤْذَنْ لِيْ وَاسْتَاْذَنْتُهٗ فِيْ اَنْ اَزُوْرَ قَبْرَهَا فَاَذِنَ لِيْ فَزُوْرُوا الْقُبُوْرَ فَاِنَّهَا تُذَكِّرُ الْمَوْتَ (٢)

يعني حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجيءَ امان (سائڻ) جي قبر (مبارڪ) جي زيارت ڪئي پوءِ پاڻ به روئي ڏنائون. ۽ جيڪي سندن چوڌاري هئا انهن کي به روئاريائون. پوءِ فرمايائون ته "مون پنهنجي رب کان موڪل گهري ته مان پنهنجي امان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهران پوءِ موڪل نه ملي ۽ ان جي قبر جي زيارت جي لاءِ موڪل گهريم ته موڪل ملي. پوءِ قبرن جي زيارت ڪندا رهو. پوءِ بيشڪ اها زيارت موت ياد ڏياريندي آهي."

* چوٿون دليل *

حضور عليه الصلواة والسلام جن هڪ بدويءَ کي فرمايو ته "منهنجو ۽ تنهنجو والد دوزخ ۾ آهن" ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته ٻن ڄڻن عرض ڪري پڇيو ته اسان جون مائرون ڪٿي آهن؟ ته پاڻ فرمايائون ته "دوزخ ۾." انهن پڇيو ته اوهان جي والده ڪٿي آهي ته پاڻ فرمايائون ته "اها به اوهان جي مائرن سان آهي." (٣)

(١) تفسير نعيمي ص٦٧ ج١ (٢) روح البيان ص٢١٧ ج١ - (٣) تفسير نعيمي ص٦٠٧ ج١

* پنجون دليل *

والدين ڪريمن کي زنده ڪري ايمان ڏيڻ عقل ۽ نقل جي خلاف آهي نقلاً ان ڪري جوهي ۽ حديث ضعيف آهي.
عقلاً انجي ڪري جو ايمان اهو معتبر آهي جيڪو موت ڏسڻ کان اڳ ۾ آڻجي مرڻ وقت يا مرڻ کان پوءِ ايمان آڻڻ مقبول نه آهي بلڪ زندگيءَ ۾ به الله تعاليٰ جو عذاب ڏسي پوءِ ايمان آڻڻ به معتبر نه آهي ڏسو فرعون ٻڏڻ وقت ايمان آندو تي ته انکي حڪم ڪيو ويو "اَلْاٰنَ وَقَدْ عَصَيْتَ مِنْ قَبْلُ" (١)
يعني هينئر (تو مڃين) حالانڪ اڳ ۾ ته تو بي فرماني پئي ڪئي. ته انهن ٻنهي حضراتن جو ايمان وفات کان پوءِ ڪيئن معتبر ٿيندو؟ الله تعاليٰ جو فرمان آهي "وَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ" (٢)
ٻيءَ جاءِ تي فرمان آهي "وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ" (٣)
۽ قيامت کان اڳ ۾ مئلن جو قبرن مان اٿڻ عقل جي به خلاف آهي، مگر ياد رکو ته محققين علماءَ جو تحقيق اهو آهي ته اهي ٻئي حضرات پنهنجيءَ زندگيءَ ۽ وفات وقت مومن ۽ موحد هئا ۽ هاڻي مسلمان بلڪ مسلمانن جا سائين ۽ رسول اللهصلي الله عليه وسلم جن جا صحابي آهن اهي جهنم کي ويجهو به نه آهن.

* ڇهريون دليل *

مٿي لکيل آيت جو جيڪو شان نزول بيان ڪيل آهي علامه جلال الدين سيوطيءَ عليه الرحمة ڪتاب التعظيم والمنة ۾ لکيو آهي ته اها روايت ضعيف آهي (٤)
"وَلَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ" ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جي والدين جو ڪو اشارو به نه آهي ڇو ته اهي جنتي آهن حضور ﷺ جن کي انهن جو فڪر کهڙو آهي. ۽ ضعيف حديث سان ڪنهن کي ڪافر نه ٿو چئي سگهجي.

(١) سورة يونس رڪوع ٩ پ ١١ (٢) سورة البقره رڪوع ٢٧ پ ٢ (٣) سورة النساءِ رڪوع ٣ پ ٤ (٤) تفسير نعيمي ص ٦٠٨ ج ١

* ٻيو دليل *

الله تعاليٰ فرمايو آهي " لَقَدْ جَاۤءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ " الآية
انفسكم ۾ هڪ قرأت انفَسَكم ف جي زبر سان آيل آهي يعني رسول الله صلي الله عليه وسلم جن انتهائي نفيس جماعت مان آيا آهن ۽ ڪافر نفيس نہ پر خسيس آهن. حضور صلي الله عليه وسلم جن جا والدين بلڪ سڀ آباءَ اجداد اعليٰ قسم جا مؤمن آهن.

* ٽيون دليل *

الله تعاليٰ فرمايو آهي "وَتَقَلُّبَكَ فِي السَّاجِدِيْنَ" (١) (۽ سجدي ڪندڙن ۾ اوهان جي ڦرڻ ڪي.)
حضرت آدم عليہ الصلواة والسلام کان وٺي حضرت عبدالله رضي الله تعاليٰ عنہ تائين سندن سيئي ابا ڏاڏا مؤمن ۽ عابد هئا. الله کي تڏهن تہ سجدو ڪندا هئا.

* چوٿون دليل *

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو"بعثت من خير قرون بني آدم قرنا فقرنا حتيٰ كنت من القرن الذي كنت منه" (٢) هن مان ثابت ٿيو تہ پاڻ پلي جماعت مان منتقل ٿيندا آيا آهن سندن نور مبارڪ پاڪ پٺين ۽ پيٽن مان منتقل ٿيندو آيو ۽ ڪافر پاڪ نہ آهن پليد آهن جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي "انما المشركون نجس" بيشڪ مشرڪ پليد آهن. (٣)

* پنجون دليل *

مٿي حديث لکي آيا آهيون تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجيءَ والده سائڻ جي مغفرت لاءِ دعا گهرڻ جي موڪل گهري تہ نہ ملي پر سندس قبر جي زيارت ڪرڻ جي موڪل ملي. ان موڪل ملڻ مان ئي ثبوت ملي ٿو تہ اهي ڪافر نہ هئا ڇو تہ ڪافر جي قبر تي بيهڻ جي اجازت نہ آهي جيئن ارشاد آهي:

(١) سورة الشعراءِ رڪوع ١١ پ ١٩ (٢) مشڪواة ص ٥٥٥
(٣) سورة التوبه رڪوع ٤ پ ١٠

"وَلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَهُمْ فٰسِقُوْنَ" (١)

(۽ نه بيهه ان جي قبر تي، بيشڪ انهن ڪفر ڪيو الله سان ۽ ان جي رسول سان ۽ مئا ان حال ۾ جو اهي فاسق آهن).

هن آيت مان ثابت آهي ته ڪافرن جي قبرن تي وڃڻ يا بيهڻ به منع آهي. رهيو سوال ته انهن لاءِ استغفار ڪان ڇو منع ڪئي وئي؟ سو ان لاءِ ته انهن گناهه نه ڪيا هئا. گنهگار اهو آهي، جنهن کي شرعي احڪام پهچن ۽ اهو انهن تي عمل نه ڪري. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي والدين تائين شرعي احڪام پهتا ئي نه هئا ته انهن ڪيئن عمل نه ڪيو جو گنهگار ٿيا؟ تنهڙي ڀار لاءِ به ان جي جنازي جي نماز ۾ مغفرت جي دعا نه هوندي آهي، ڇوته اهو به گناهن کان آزاد هوندو آهي. باقي رهيو حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو روئڻ، سو ممڪن آهي ته والده جي شفقتن کي ياد ڪندي ۽ اها خواهش رکندي روئڻ آيو هجي ته جيڪڏهن اها اڄ زنده هجي ها ته اسان جي فيوضات،برڪات، ڪمالات، بلند درجات ۽ اعليٰ مقامات کي ڏسي خوش ٿئي ها. حضرت علامه شيخ عبد الحق محدث دهلويءَ عليه الرحمة هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي ته متاخرين علماء حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي والدين سڳورن، بلڪ حضرت آدم عليه الصلواة والسلام تائين سيني آباءُ و امهات(پيئرن ۽ مائرن) جو اسلام تي رهڻ ثابت ڪيو آهي ۽ اهو ٽن طريقن سان آهي: هڪڙا حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دين تي هئا ۽ ٻيا جيڪي فترت جي دور ۾ هئا، انهن کي ته دين جي دعوت نه پهتي هئي، اڳ ۾ ئي وفات ڪري ويا هئا. رهيا والدين ته اهي الله تعاليٰ جي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي دعا سان جيئرا ٿيا هئا ۽ ايمان آندو هئائون ۽ اها حديث بنفسِ خود ضعيف آهي پر متعدد طريقن سان صحيح ۽ حسن جي درجي کي پهتل آهي ۽ هي علم گوياڪ پهرين عالمن کان ڍڪيل هو،جيڪو الله تعاليٰ پوين تي کوليو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي رحمت ۽ فضل سان جنهن کي گهري مخصوص ٿو ڪري. علامه سيوطيءَ ان موضوع تي ٻه ٽي رسالا لکي مخالفن جي شبهات جا جواب ڏنا آهن.

(١) سوره توبه رکوع ١١ پ ١٠

* ڇهون دليل *

اج تائين قوي دليل تہ ڇا ڪنهن ضعيف روايت سان بہ حضور صلي اللهعليه وسلم جن جي والدين جي بت پرستيءَ ياڪفر جوعقيدو ثابت نہ آهي بلڪ انهن جي اقوال مان انهن جي ايمان جو ثبوت ملي ٿو اهي اقوال علامہ جلال الدين سيوطيءَ عليہ الرحمۃ پنهنجي ڪتاب التعظيم والمنۃ ۾ آندا آهن (۱)

* ستون دليل *

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي پيدائش ڪان اول ئي سندن تشريف آوريءَ جو پوري ڪائنات ۾ هل هو. ماڻهو سندن نبوت ۽ سندن آمد سان بتن جي بربادي ءَ جا احوال ۽ پيون سندن سهڻيون صفتون بيان ڪندا رهنداهئا حضرت عبدالله رضي الله عنہ ڪيترا عجائب ڏٺا هئا. حضرت آمنہ سائڻ رضي الله عنها بہ حمل ۽ ولادت جي حالات ۾ ڪئين حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون مشاهدو ڪيون هيون، تانجو هاٿين جي لشڪر سان بيت الله تي حملي ڪندڙن جو جيڪو ابابيل پکين جي هٿان (حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي صدقي سندن والده جي پيٽ ۾ هجڻ وقت) حشر ٿيو هو سو بہ سندن ئي نظرن جي اڳيان هو ، حمل جي زماني ۾ هر مهيني هڪ پيغمبر سڳورو ڪيس بشارت ڏيڻ ايندو هو. هڪ پيري حضرت حليمہ سعديہ ڪيس عرض ڪيو تہ ٻن ملائڪن اوهان جي فرزند جو سينو چيريو آهي مون ڪي ڊپ ٿو ٿئي تہ پاڻ ان ڪي تسلي ڏيندي فرمايائين تہ نہ ڊج هيءُ سچو نبي آهي ان ڪي شيطان وغيره ڪو نقصان ڏئي نہ سگهندو وغيره وغيره. پوءِ ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو اها ايترين ڳالهين ڏسڻ جي باوجود بت پرست يا ڪافر رهي(۲)

* انون دليل *

حضورصلي الله عليہ وسلمجن جي جمڻ جي ابولهب ٿورڙي خوشي ڪئي تہ ان تي عذاب جي هلڪائي ٿي. جمهور علماءَ جو قول آهي تہ جنهن قبرانور ۾ پاڻ

---

(۱) اشعۃ اللمعات صہ ۷٦٥ج۱ (۲) تفسير نعيمي صہ٦٠٩ ج۱

آرامي آهن اها عرش اعظم کان ڀلي آهي. جنهن مڇيءَ جي پيٽ ۾ حضرت يونس عليه الصلواة والسلام رهيو اها شاندار آهي. جنهن سپ ۾ موتي هوندو آهي ته اها وڏي قيمت واري آهي ته جنهن امان سائڻ نو(۹) مهينانبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي پنهنجي پاڪ وجود ۾ سانديو ۽ ان جي چمڻ سان دل کي باغ وبهار بنايو اها جهنم ۾ هوندي؟ نه هرگز نه!!

* نائون دليل *

الله تعاليٰ جو فرمان آهي "وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا"(۱) يعني اسين ڪنهن قوم کي(تيستائين)عذاب نه ڪندا آهيون تانجو (انهن ۾)رسول موڪليون.

جڏهن حبيب اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي والدين سڳورن کي ڪنهن نبي جو پيغام يا دعوت نه ملي هئي ته انهن انڪار ڪيئن ڪيو؟ ۽ انڪار نه ڪرڻ جي صورت ۾ عذاب ڇا جو؟

باقي رهيا حضور پرنور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي والدين کي ڪافر چوندڙن جي دليلن جا جواب سي هي آهن :

* جواب دليل عـ۱ *

انهيءَ آيت جو اهو شان نزول ضعيف روايت سان آهي جنهن سان حضور صلي الله عليه وسلم جن جي والدين تي ڪفر جو قطعي حڪم نه ٿو لڳائي سگهجي.

* جواب دليل عـ۲ *

آيت" مَاكَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا"حضور صلي اللهعليه وسلم جن جي والدين جي باري ۾ نه پر انهن مسلمانن جي باري ۾ لٿي هئي جن پنهنجي مشرڪ والدين جي مغفرت جي لاءِ دعائون گهريون هيون. حضور صلي الله عليه وسلمجن جا والدين مشرڪ هيائي ڪونه ته انهن لاءِ اهو حڪم ڪيئن نازل ٿيو؟

(۱)

* جواب ع ٣ *

ان جو بيان اسان پنهنجي دليل عـ٥ ۾ ڪري آيا آهيون.

* جواب ع ۴ *

اها حديث منسوخ يا ضعيف آهي، اگرچہ مسلم شريف روايت ڪئي آهي(١)

* جواب ع ٥ *

مئلن جو قيامت جي ڏينهن جي اچڻ کان اڳ ۾ جيئرو ٿيڻ ۽ اٿڻ نہ صرف ممڪن،بلڪ واقع آهي. حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام ،حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام ،حضرت حزقيل عليه الصلواة والسلام ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن جي دعائن سان مئلن جو جيئرو ٿي اٿڻ قرآن ڪريم جي آيتن مان ثابت آهي. اهڙيءَ طرح موت کان پوءِ يا الله تعاليٰ جي عذاب ڪي ڏسي ايمان آڻڻ جو قبول ٿيڻ بہ نہ صرف ممڪن، بلڪ واقع ٿيو آهي. حضرت يونس عليه السلام والصلواة جي قوم عذاب ڏسڻ کان پوءِ ايمان آندو ۽ الله تعاليٰ قبول ڪرڻ فرمايو ،جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: " فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ آمَنَتْ فَنَفَعَهَآ إِيْمَانُهَآ إِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ. "

رهيو "فيمت وهو ڪافر" ۽ "ولا الذين يموتون وهم كفار "- سو انهن لاءِ آهي، جيڪي ڪافر ٿي مئا. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جا والدين تہ توحيد جي عقيدي تي وفات ڪري ويا هئا، اهي انهن ۾ داخل نہ آهن.

* فائدو *

آيت مبارڪ " وَلَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ " جي تفسير ۾ وڏن مفسرن سڳورن جيڪي لکيو آهي، اهو بہ پيش خدمت آهي،پڙهي محظوظ ٿيندا:

علامہ اسماعيل حقيءَ رحمة ا لله عليه جيڪي لکيو آهي، ان جو خلاصو هي آهي:

سيده عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو آهي تہ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن اسان سان حجة الوداع ۾ گڏ هئا. پوءِ پاڻ عقبة الحجون(حجون نالي گهاٽيءَ) کان لنگهيا. ان حال ۾ جو پاڻ روئندڙ،ڏکويل ۽ غمگين هئا.

(١) تفسير نعيمى ص ٦١٠ ج ١

مون به سندن روئڻ کي ڏسي روئي ڏنو. پوءِ پاڻ ڪاميابيءَ سان هيٺ لٿا ۽ فرمايائون ته اي حميراءَ ڏاچيءَ جي مهار قابو ڪري جهل. پوءِ مون اٺ جي پاسي تي ٽيڪ ڏني ۽ پاڻ گهڻي دير تائين خاموش بيٺا رهيا. ان کان پوءِ خوشيءَ ۾ پريل مرڪندا موٽي آيا. مون کين عرض ڪيو ته يارسول الله صلي الله عليه وسلم منهنجو ماءُ ۽ پيءُ اوهان تان قربان! اوهان مون وٽان لهي وياهئا ته ڏکويل ۽ غم ۾ پريل روئندڙ هيا جو اوهان جي روئڻ کي ڏسي مون به روئي ڏنو هو هاڻي اوهان موٽيا آهيو ته خوشيءَ ۾ مرڪندڙ آهيو - اهو ڇا جي ڪري؟ پاڻ فرمايائون ته "مان پنهنجي امان آمنه جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ ويوهوس مون الله تعاليٰ کان ان جي زنده ٿيڻ لاءِ دعا گهري ته الله تعاليٰ انکي زنده ڪيو ۽ ان ايمان آندو.

۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ الله تعاليٰ سندن والد حضرت عبدالله ۽ ڏاڏي حضرت عبدالمطلب کي به زنده ڪيو ۽ انهن به ايمان آندو.

الاشباه والنظائر ۾ آهي ته الله تعاليٰ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي لاءِ سندن والدين کي زنده ڪيو ۽ انهن ايمان آندو.

۽ سندن والدين جي مومن موحد هجڻ تي انهن جا نالا عبدالله ۽ آمنه به دلالت ڪن ٿا، اهي نالا غيرمومن جا نه هوندا جيئن اصحاب ڪهف آخر زماني ۾ نڪرندا ۽ ايمان آڻيندا ۽ انهن جو ايمان مقبول هوندو تيئن حضور صلي الله عليه وسلم جن جي والدين جو ايمان به مقبول آهي. حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي والدين کي معاذالله جهنمي چوڻ کين ايذاءُ ڏيڻ آهي ۽ ايذاءُ ڏيندڙ جي سزا ڳري آهي (١)

علامه قرطبيءَ لکيو آهي ته: ان الله تعاليٰ احياله اباه وامه وآمنا به (٢)

بيشڪ الله تعاليٰ حضور صلي الله عليه وسلم جن لاءِ سندن والدين کي جيئرو ڪيوپوءِ ايمان آندائون(٢)

علامه آلوسي بغداديؒ عليه الرحمة امام سخاويءَ کان نقل ڪندي لکيو آهي ته:

والذي ادين الله تعاليٰ به انا انهما ماتا موحدين في زمن الكفر الخ (٣)

---

(١) تفسير روح البيان ص ٢١٨ ج١

(٢) تفسير القرطبي ص٩٣ج٢ (٣)روح المعاني ص٣٧١ج١

يعني مان الله تعاليٰ جو اهو دين ٿو رکان تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جا والدين کفر جي دور ۾ بہ توحيد جي عقيده تي وفات کري ويا هئا.

وَلَنْ تَرْضٰى عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَلَا النَّصٰرٰى حَتّٰى

۽ هرگز راضي نہ ٿيندا توکان يهودي ۽ نصاريٰ تانجو تابعداري ڪرين انهن جي

تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ۭ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ۭ وَلَئِنِ

دين جي. فرماءِ تہ بيشڪ الله جو ڏسيل رستو اهوئي سڌو رستو آهي ۽

اتَّبَعْتَ اَهْوَاۗءَهُمْ بَعْدَ الَّذِيْ جَاۗءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ

جيڪڏهن (بفرضِ محال) تابعداري ڪندين انهن جي خواهشن جي ان ڪان پوءِ جو آيو

مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۝۱۲۰ اَلَّذِيْنَ

توهان وٽ علم تہ (پوءِ) نہ آهي الله (جي پڪڙ) کان ڪو بچائيندڙ ۽ نہ

اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ۭ اُولٰۗىِٕكَ

ڪو مددگار. اهي شخص جو ڏنو اسان انهن کي ڪتاب تلاوت ٿا ڪن ان جي حق

يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۭ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ

تلاوت ڪرڻ ان جي جو. اهي ان تي ايمان آڻين ٿا ۽ جيڪي انڪار ٿا ڪن ان جو

الْخٰسِرُوْنَ ۝۱۲۱ۧ

پوءِ اهي ئي نقصان ۾ آهن.

وقف لازم

ع ۱۴

تفسير

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ جيڪو بہ ايندو هو تہ پاڻ ان سان نرم رويو رکندا هئا ۽ سهڻي اخلاق سان پيش ايندا هئا. ان اميد تي تہ من اهو مسلمان ٿئي، الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪري ٻڌايو تہ اهي يهودي ۽ نصاريٰ اوهان کان تيستائين راضي نہ ٿيندا جيستائين اوهان انهن جي (دين) جي تابعداري نہ ڪندا. هنن کي اسلام قبول ڪرڻ جو خيال بلڪل نہ آهي صرف اڻنگا سوال جواب ڪري اوهان جو وقت ضايع ڪندا آهن(١)

هن آيت " حَتّىٰ تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ " ۾ ملّة جو لفظ آيو آهي. ملّة ان طريقي جو نالو آهي جيڪو الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن لاءِ پنهنجن پيغمبرن سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي زبان تي موڪليو آهي (٢)

جاءِ ڪ ۾ ضمير واحد مذڪر مخاطب آهي. بظاهر خطاب نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان آهي مگر ان مان مراد سندن امت آهي ۽ انهن سان ئي گفتگو آهي تہ جڏهن اوهان وٽ الله تعاليٰ جو سچو نبي عليه الصلواة والسلام حق ۽ هدايت کڻي آيو آهي تہ اوهان ڪافرن جي خواهشات جي تابعداري اصل نہ ڪيو ۽ ان هوندي بہ جيڪڏهن اوهان انهن جي خواهشات تي هليا تہ پوءِ اوهان کي الله تعاليٰ جي عذاب کان ڪير بہ نہ بچائيندو. علامہ آلوسيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ الخطاب هناک وهنا وان کان ظاهرا للنبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم الا ان المقصود منه امته (٣)

يعني ظاهر ۾ خطاب کڻي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان آهي مگر ان مان مراد سندن امت آهي.

راقم الحروف عرض ٿو ڪري تہ نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جن کان انهن جي مذهب جي اتباع ممکن ئي نہ آهي ان جي ڪري آيت ۾ مراد صرف سندن امت آهي.

(١) روح المعاني ص٣٧١ ج١ (٢) تفسير بيضاوي ص١٠٣ ج١ (٣) روح المعاني ص٣٧٢ ج١

يٰبَنِيٓ اِسۡرَآءِيۡلَ اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتِيَ الَّتِيٓ اَنۡعَمۡتُ

اي بني اسرائيلو! ياد ڪيو منهنجي اها نعمت جا مون اوهان تي ڪئي ۽ (خاص

عَلَيۡكُمۡ وَاَنِّيۡ فَضَّلۡتُكُمۡ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۲۲﴾ وَاتَّقُوۡا

ڪري هيءَ جو) بيشڪ مون پلو ڪيو اوهان کي (اُن وقت جي) سيني جهانن تي ۽

يَوۡمًا لَّا تَجۡزِيۡ نَفۡسٌ عَنۡ نَّفۡسٍ شَيۡـًٔـا وَّلَا يُقۡبَلُ

ڊڄو اُن ڏينهن کان جو نه بدلو ڏيندو ڪو شخص ڪنهن شخص جي پاران ڪجهه به ۽ نه قبول ڪيو

مِنۡهَا عَدۡلٌ وَّلَا تَنۡفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمۡ يُنۡصَرُوۡنَ ﴿۱۲۳﴾

ويندو ان کان مالي تاوان ۽ نه نفعو ڏيندي ان کي سفارش ۽ نه اهي مدد ڪيا ويندا.

تفسير

هنن ٻن آيتن مان پهرينءَ آيت ۾ بني اسرائيل جي فضيلت ۽ ٻين کان پلي هجڻ جو ذڪر آهي ۽ ٻيءَ آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قيامت ۾ ڪير به ڪنهن جي پاران ڪم نه ايندو ۽ نه مالي فديو ڪم ڏيندو ۽ نه ڪافرن لاءِ سفارش هوندي ۽ نه سندن مدد ڪئي ويندي هن جو وضاحت سان بيان اڳ ۾ آيت ع۴۷ ۽ ع۴۸ ۾ لکي آيا آهيون اتي ڏسڻ گهرجي.

وَاِذِ ابۡتَلٰۤى اِبۡرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ قَالَ

۽ (ياد ڪيو) جڏهن آزمايو ابراهيم کي انجي رب ٻن فرمانن سان پوءِ پورو ڪيائين انهن کي فرمايو

اِنِّيۡ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ وَمِنۡ ذُرِّيَّتِيۡ ؕ

(الله) ته بيشڪ مان ڪندڙ آهيان توکي ماڻهن جي لاءِ اڳواڻ. عرض ڪيائين ۽ منهنجي اولاد

قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٤﴾

مان ٻ فرمايو (الله) ته نه پهچندو وعدو منهنجو ظالمن کي

تفسير

هن آيت ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام تي آيل امتحانن جو ذڪر آهي ۽ اهي امتحان ان تي ان لاءِ نه آيا هئا ته الله تعاليٰ کي حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي فرمانبردار هجڻ يا امتحانن ۾ ڪامياب ٿيڻ جو اول علم نه هو، معاذالله پر اهي امتحان وٺي الله تعاليٰ پنهنجي خليل عليه الصلواة والسلام جي سچائيءَ ۽ اخلاق واري جذبي کي ماڻهن جي اڳيان ظاهر ڪيو ته انهن کي خبر پوي ته انهن پيارن تي جيڪو خدائي فضل ۽ ايزدي ڪرم ٿيو هو اهي ان جا لائق هئا ۽ ان ۾ تنبيه ٻه آهي ته هر ڪو سڌڙيو عشق ۽ محبت جي ان بلند مقامن ڏي نهاري ٻه نه ٿو سگهي، بلڪ اتي آزمائش جي پڙڪندڙ ٻاهه جو سمنڊ موجون هڻي رهيو آهي، جنهن مان لنگهي پوءِ ان بلند مقامن کي پهچڻ ممڪن آهي. علامه رازيءَ لکيو آهي ته مٿي ذڪر ڪيل مشرڪن، يهودين ۽ نصارن سڀني جو حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام لاءِ سهڻو عقيدو هو. مشرڪ سندس اولاد هجڻ ۽ سندس حرم جي خادم هجڻ تي فخر ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح اهل ڪتاب ٻه سندس ئي رستي تي هلڻ جي دعويٰ ڪنداهئا. سندس اولاد سڏائي ناز ڪندا هئا. الله تعاليٰ ان جو ذڪر آڻي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي نبوت ۽ رسالت جادليل قائم ڪيا آهن(١)

بني اسرائيل حضرت ابراهيم عليه السلام جي اولاد هجڻ ڪي پنهنجي

(١) تفسير ڪبير ص ٣٣ جلد ٢ جزء۴

نجات لاءِ ڪافي سمجهندا هئا. هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام کي پهريان ئي ٻڌايو ويو هو ته اوهان جي اولاد مان ڪي ظالم هوندا ۽ ظالمن سان اهي امامت جا وعدا پورا نه ٿيندا، جن ڪلمات سان حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي آزمايو ويو انهيءَ ۾ مختلف روايتون آهن. علامه قرطبيؒ عليه الرحمة لکيو آهي ته صحيح قول اهو آهي جيڪو محدث عبدالرزاق حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت ڪيو آهي ته جن حڪمن سان الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه السلام کي آزمايوهو اهي پنج مٿي سان واسطو ٿا رکن. پنج باقي جسم سان - مٿي سان جن حڪمن جو واسطوآهي، اهي هي آهن: ١- مڃون ڪترڻ ٢- گرڙيون ڪرڻ ٣- نڪ کي پاڻي ڏيڻ ۴- ڏندڻ ڪرڻ ۵- مٿي جي وارن جي سينڌ ناهڻ.

جن حڪمن جو واسطو باقي جسم سان آهي اهي هي آهن ١- هٿن ۽ پيرن جا ننهن لاهڻ ٢- نهائيءَ جا وار لاهڻ ٣- طوهر ڪرڻ ۴- بغل ڪوڙڻ ۵- پيشاب ۽ پائخاني جي اچڻ جون جايون ڌوئڻ

علامه موصوف اهي ڏهه ڪم بيان ڪندي آخر ۾ لکيو آهي ته وهو ظاهر القرآن(١) قرآن جي ظاهري لفظن مان اهو معلوم ٿي رهيو آهي

* مسئلو *

مڇون ڪترڻ سنت آهن صفا ڪوڙڻ بدعت آهي (٢)

* فائدو *

حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن جي نالي مبارڪ کان عرب جو ٻچو ٻچو واقف هو. ان جي ڪري قرآن ڪريم ڪنهن تمهيد ۽ تعارف کان سواءِ ان جو ذڪر ڪيو آهي. تورات ۾ سندس نالو ابرام ۽ ابراهم ٻئي آيل آهن. جديد ترين اثري تحقيقات جي مطابق سندن پيدائش جو سال ٢١٦٠ ق-م آهي. توراة ۾

(١) تفسير القرطبي ص ٩٨ ج٢ (٢) تفسير القرطبي ص ١٠۴ ج٢ (٣) تفسيرنعيمي ص ٦٣٢ ج١

سندن عمر مبارڪ ١٧٥ سال لکيل آهي. سندن آبائي وطن بابل هو، جنهن کي هاڻي عراق ٿا سڏين. جنهن شهر ۾ سندن ولادت ٿي هئي، توراة ۾ ان جو نالو "اور" (UR) آهي ڪيئن مدتون هي شهر نقشي کان غائب رهيو هاڻي نئين سر ظاهر ٿيو آهي. ان شهر جي کوٽائيءَ جو ڪم سنہ ١٨٩۴ع ۾ شروع ڪيو ويو هوءِ سنہ ١٩٢٢ع ۾ برطانيه ۽ آمريڪا مان ماهرين اثريات جي هڪ مشترڪہ تحقيقاتي ٽيم عراق رواني ٿي. جنهن پورا ست سال کوٽائيءَ جو ڪم ڪيو ۽ آهستي آهستي سڄوشهر ظاهر ٿي ويو. موجوده ڦير ڦار ڪيل بائيبل ۾ تاريخي غلطين جي گهڻائيءَ کان تنگ ٿي تاريخ جي بعض محققن ١٩ صديءَ جي آخر ۾ ائين چوڻ شروع ڪيو هو تہ ابراهيم نالي ڪابہ تاريخي شخصيت نہ گذري آهي. هيءُ تہ هڪ عام نالو آهي يا هر قبيلي جي وڏي جو نالو ابراهيم هو پر هاڻي وري تحقيق جو رخ بدليو آهي ۽ ويهينءَ صديءَ جي شروعات ۾ ئي يورپ وارن کي سندن تاريخي شخصيت هجڻ جو قائل ٿيڻو پيو آهي (١)

ابراهيم اصل ۾ اب رحيم آهي يعني مهربان پيءُ - پاڻ ٻچن تي وڏيڪ مهربان هئا ۽ مهمان نوازي بہ گهڻي ڪنداهئا ان جي ڪري مسلمانن جا جيڪي ننڍا ٻار مري ٿا وڃن انهن جي پرورش پاڻ ۽ سندن گهرواري بي بي ساره رضي الله تعاليٰ عنها ڪن ٿا ۽ اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو (٢)

* اولاد لاءِ دعا *

هن آيت ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا جو بہ ذڪر آهي جيڪا ان پنهنجي اولاد لاءِ گهري هئي "وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ" اِها هڪ طبعي خواهش هئي الله تعاليٰ فرمايو تہ منهنجو وعدو ظالمن سان نہ آهي. ها جيڪي صالح ۽ اطاعت گذار هوندا انهن مان بعض کي نبوت جي شرف سان مشرف ڪندس ظالم ۽ بدڪار ان نعمت جا حقدار نہ هوندا هن آيت مان علماءِ ڪرام دليل ورتو آهي تہ انبياءِ سڀ سڳورا عليهم الصلواة والسلام هر گناه ننڍي توڙي وڏي کان معصوم ۽ پاڪ هوندا آهن ۽

(١) ضياءُ القرآن صہ٩١ج١ (٢) تفسير روح البيان صہ٢٢١ج١

ملڪ جي سربراه ۾ بہ تقويٰ ۽ دينداري ضروري آهي علامہ قرطبيؒ لکيو آهي تہ ان الامام يكون اهل العدل والاحسان والفضل مع القوة علي القيام بذالڪ وهو الذي امر النبي صلي الله عليه وسلم ان لا ينازعوا الامر اهله واما اهل الفسوق والجور فليسوا له باهل(١)

يعني ملڪ جو اڳواڻ اهو ٿيندو جيڪو عدل، احسان ۽ فضيلت وارو هجي ۽ انهن سنتن کي قائم رکڻ جي بہ قوت ان ۾ هجي ان ئي صفتن واري لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جنجو حڪم آهي. اڳتي لکيو اٿس تہ ولهذا خرج ابن الزبير والحسين بن علي رضي اللهعنهما (٢)

يعني ان جي ڪري حضرت عبدالله بن الزبير ۽ حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنهما (يزيد مردود کي تسليم نہ ڪيوهو ۽ ان جي خلاف) نڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ وَاتَّخِذُوْا

۽(ياد ڪيو)جڏهن بنايو اسان (هن) گهر کي مرڪز ماڻهن لاءِ ۽ امن جي جاءِ. ۽

مِنْ مَّقَامِ اِبْرَاهِيْمَ مُصَلًّى ؕ وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى

(ماڻهن کي حڪم ڪيوسون تہ) وٺو مقام ابراهيم کي نماز جي جاءِ. ۽ تاڪيد

اِبْرَاهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ

ڪيوسون ابراهيم ۽ اسماعيل کي تہ پاڪ صاف رکو منهنجو گهر طواف ڪندڙن ۽

وَالْعَاكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿١٢٥﴾

اعتڪاف ۾ وهندڙن ۽ رڪوع سجدي ڪندڙن لاءِ.

(١) تفسير القرطبي صـ١٠٨ج٢

تفسير

الله تعاليٰ بيت الله کي ماڻهن جو مرڪز بنايو، اهو هميشه مرڪز آهي ۽ قيامت تائين مرڪز رهندو هزارين انقلابن جي باوجود ان ۾ ڪا تبديلي نہ آئي آهي نہ ايندي دوست، دشمن سڀ ڏسن ٿا ۽ ڏسندا رهندا بيت الله شريف جي اها خصوصي فضليت آهي جوماڻهون ان جي ديدار جي باربار تمنا ڪندا رهندا، تفسير جي علم جي امام حضرت مجاهد جو فرمان آهي تہ ڪو بہ ماڻهو ان جي ديدار مان ڍؤ نہ ڪندو هر ڀيري ڀهرئين ڪان زياده زيارت ۽ طواف جو شرف ڪٽي موٽندو هزارين روپيا خرچ ڪري وڏي سفر جو ن تڪليفون سهي اچڻ وارو وري ٻيو ڀيرو اچڻ جو شوق ڏيکاريندو رهندو، سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي تہ "بيت الله واري مسجد (مسجد الحرام) ۾پڙهيل هڪ نماز (ٻين مسجدن ۾پڙهيل)لک نماز جي برابر آهي ۽ امن جي جاءِ بہ آهي جنهن ۾ قتل وقتال منع آهي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ حديث مبارڪ ۾ آهي تہ " اِنَّ هٰذَا الْبَلَدَحَرَّمَهُ اللّٰهُ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضَ فَهُوَ حَرَامٌ بِحُرْمَةِ اللّٰهِ اِلٰي يَوْمِ الْقِيٰمَةِ"

يعني بيشڪ هيءُ شهر عزت وارو ڪيو انکي الله تعاليٰ جنهن ڏينهن آسمان ۽ زمينون پيدا ڪيائين پوءِ اهو قيامت تائين الله تعاليٰ جي عزت ڏيڻ جي ڪري عزت وارو آهي (١)

"وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرَاهِيْمَ مُصَلًّي"هن جوشان نزول هي آهي تہ هڪ ڀيري نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کي هٿ مان وٺي مقام ابراهيم وارو پٿر ڏيکاريو حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه عرض ڪيو تہ جيڪڏهن هي پٿر ايترو شاندار آهي تہ اتي اسين نماز ڇو نہ ادا ڪيون؟ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ " مون کي اجان اهڙو حڪم نہ مليو آهي "تڏهن

(١) تفسير مظهري صـ١١٦ ج١

سج لهڻ ڪان اڳ ۾ ئي اها آيت نازل ٿي. (١) علامه احمد جيون عليه الرحمة اهو شان نزول ذڪر ڪري لکيو آهي تہ هكذا ذكر جمهور المفسرين وقد اختاره صاحب الكشاف والبيضاوي ايضا (٢) يعني جمهور مفسرن اهو شان نزول ذڪرڪيو آهي ۽ ڪشاف جي صاحب ۽ بيضاويؒ ان کي پسند ڪرڻ فرمايو آهي

* مقام ابراهيم جو شان *

مقام ابراهيم وڏي شان وارو پٿر آهي جڏهن الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي حڪم ڪيو تہ بيت الله شريف جي تعمير ڪر ۽ پاڻ پنهنجي فرزند حضرت اسماعيل سان گڏجي تعمير جو ڪم شروع ڪيائون ۽ بيت الله جون پتيون ڪجهہ مٿي ٿيون تہ حضرت اسماعيل عليه السلام اهو پٿر ڪٽي پيش ڪيو حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن ان تي بيهي ڪم ٿي ڪيو ۽ حضرت اسماعيل ان کي اوساريءَ لاءِ بيا پٿر ڏيندو ٿي ويو ۽ ٻنهي هيءَ دعا ٿي گهري" رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّکَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ"(٣)

يعني اي اسان جا پالڻهار! اسان جي هيءَ خدمت قبول ڪرڻ فرماءِ بيشڪ تون ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين.حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما روايت ڪئي آهي تہ مون (سيدنا) رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "اِنَّ الرُّكْنَ وَالْمَقَامَ يَاقُوْتَتَانِ مِنْ يَاقُوْتِ الْجَنَّةِ طَمَسَ اللّٰهُ نُوْرَهُمَا وَلَوْلَمْ يَطْمِسْ نُوْرَهُمَا لَاَضَاءَ مَا بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ (٤)

يعني رڪن ۽ مقام (وارا پٿر) جنت جي ياقوتن مان ٻہ ياقوت آهن الله تعاليٰ انهن جو نور ميٽي ڇڏيو آهي ۽ جيڪڏهن انهن جي نور کي نہ ميٽي ها تہ اوڀر ۽ اولهہ جي وچ کي روشن ڪري ڇڏين ها.

* فائدو *

علامه ثناءَ الله پاني پتيؒ عليه الرحمه لکيو آهي تہ ولاهل الاعتبار ههنا استنباط وهو ان في كل مكان مكث فيه رجل من اهل الله تعاليٰ حينا من الدهر ينزل هناك بركات من السماء وسكينة تجذب القلوب الي الله تعاليٰ يتضاعف هناك اجر الحسنات وكذا وزر السيآت والله اعلم (٥)

(١) تفسير مظهري ص١١٦ ج١ (٢) تفسيرات احمديہ ص٤٢ (٣) تفسير مظهري صہ١١٩ ج١
(٤) تفسير مظهري ص١١٩ ج١ (٥) تفسير مظهري صہ١١٩ ج١

يعني قرآن ڪريم مان نصيحت حاصل ڪندڙن جي لاءِ هن آيت مان هڪ هي مسئلو به نڪري ٿو ته هر ان جاءِ تي جتي الله تعاليٰ جو ڪو صالح ٻانهو ڪا گهڙي رهي ٿو آسمان کان برڪتون نازل ٿين ٿيون ۽ اهڙو سڪون نازل ٿوٿئي جيڪو دلين کي الله تعاليٰ ڏي ڇڪي ٿو ۽ ان جاءِ ۾ جيئن نيڪي ڪرڻ جو اجر ٻيٽو ٿو ملي تهڙي ئي گناهن جو بار به ٻيٽو ٿو ٿئي والله اعلم راقم الحروف عرض ٿو ڪري ته علامه صاحبؒ جي هن فرمان مان اهي ماڻهون نصيحت وٺن جيڪي الله وارن جي دربارن تي وڃڻ ۽ برڪتن حاصل ڪرڻ جا منڪر آهن ۽ الله تعاليٰ جي پيارن جي مزارن لاءِ گستاخيءَ جا ڪلما ڪيندي چوندا آهن ته اهي مٽيءَ جا دڙا آهن ٻيو ڪجهه به نه آهن معاذالله ثم معاذالله ۽ ان مان اهي بي دين ۽ جاهل به نصيحت حاصل ڪن جيڪي خدا تعاليٰ جي پيارن ٻانهن جي مزارن تي براڪم ۽ بيجڙايون ڪندا وتندا آهن انهن اوليائن ڪرام جي مزارات متبرڪه جو قدر ڪهڙو ڪيو آهي جو معاذالله اهي سجدا طواف نفيلون هٹڻ ۽ بي حيائيءَ ڪرڻ کي عين اجر ۽ ثواب سمجهي آخرت جو عذاب خريد ڪندا آهن. معاذ الله.

وَاِذْ قَالَ اِبْرَاهِيمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا

۽(ياد ڪيو)جڏهن دعا گهري ابراهيم ته اي منهنجا رب ڪر تون هن (شهر کي) امن

وَّارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرَاتِ مَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ

وارو شهر ۽ روزي ڏي ان ۾ رهندڙن کي طرح طرح جا ميوا (يعني) ان کي جو ايمان

وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِؕ قَالَ وَمَنْ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ قَلِيْلًا ثُمَّ

آڻي انهن مان الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي. فرمايائين ۽ جنهن ڪفر ڪيو پوءِ فائدو

اَضْطَرُّهٗۤ اِلٰى عَذَابِ النَّارِؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۱۲۶﴾

وٺڻ ڏيندس انکي ٿورو وقت ان کان پوءِ مجبور ڪندس ان کي باهه جي عذاب ڏانهن ۽ گهڻي خراب جاءِ آهي اها

تفسير

هن آيت ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي ان دعا جوذكر آهي جيكا پاڻ بيت الله شريف ۽ اتي رهندڙن ۽ ايندڙن لاءِ گهري هيائين ته يا الله! هن كي امن وارو شهر بناءِ.حضرت ابراهيم عليه السلام جي اها دعا قبول ٿي جو بيت الله شريف وارو شهر مكه مكرمه ۽ ان ۾ رهڻ وارا سكون ۾ آهن اتي قتل وغيره كي اسلام كان اڳ ۾ مشرك ۽ كافر به برو سمجهندا هئا سندن كيڏو به وڏو دشمن كين حرم ۾ ملندو هو ته ان كي كجهه نه چوندا هئا۽ حرم ۾ امن جو احساس جانورن كي به آهي قدرتي طرح سندن ذهن ۾ اها ڳالهه آيل آهي ته حرم ۾ اسان كي كير نه شكار كندو نه ايذائيندو شرعًا حرم جي حدن ۾ شكار كرڻ منع آهي. ها جيكڏهن يزيد ظالم يا حجاج بن يوسف جهڙن اسلام جي نالي تي كجهه كيو ته انهن جو انجام به هاٿين سان حملي كندڙ ابرهه بن صباح جهڙو خراب ٿيو جيكو تاريخ جي پڙهندڙ جي اڳيان مخفي نه آهي.

وَإِذْ يَرْفَعُ إِبْرَاهِيمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ

۽(ياد كيو)جڏهن كنيا ٿي ابراهيم بنياد بيت الله جا ۽ اسماعيل (۽ دعا ٿي

وَإِسْمَاعِيلُ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا إِنَّكَ أَنْتَ السَّمِيعُ

گهريائون ته) اي اسان جا رب!قبول كر اسان كان. بيشك تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ

الْعَلِيمُ ﴿١٢٧﴾ رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَمِنْ

آهين اي اسان جا رب ۽ كر تون اسان كي فرمانبردار پنهنجو ۽ اسان جي اولاد مان

ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبْ
جماعت فرمانبردار تنهنجي ۽ ڏيکار (سيکار) اسان کي اسان جي عبادت (ڪرڻ)

عَلَيْنَاۚ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٨﴾ رَبَّنَا وَابْعَثْ
جا طريقا ۽ توجهہ ڪر اسان تي بيشڪ تون ئي گهڻي توبه قبول ڪندڙ گهڻو رحم

فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ
ڪندڙ آهين اي اسان جا رب! موڪل انهن ۾ شان وارو رسول انهن مان تہ پڙهي انهن

وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ ۭ اِنَّكَ
جي اڳيان تنهنجون آيتون ۽ پڙهائي انهن کي ڪتاب ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون ۽

اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٢٩﴾ ع
پاڪ صاف ڪري انهن کي بيشڪ تون ئي زبردست غالب وڏي حڪمت وارو آهين.

تفسير

حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام پاڻ بيت الله جي بنيادن کي بلند ڪري رهيو هو ۽ سندن بخت وارو پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام پٿر ۽ گاري ڏيڻ جو فرض ادا ڪري رهيو هو رحمت جي هوائن سان سندن دلين جا غنچا ٽڙي رهيا هئا ۽ مٿن خوشيءَ ۽ راحت جي بيان کان بلند ڪيفيت طاري هئي تہ ان وقت الله تعاليٰ جا هي ٻئي مقبول ٻانها پنهنجي رب کي ٻاڏائي سڀ ڪجهہ وٺي رهيا هئا هنن جي طلب جي دامن وڇايل هئي ۽ قدرتي ڪرم جو هٿ جو ڏو عطا ۾

مصروف هو. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي اولاد لاءِ بارگاه ايزديءَ ۾ نيازءِ عبادت ڪرڻ جو دعائون گهري رهيا هئا جن ۾ اهميت ان ڳالهه کي ڏنائون تي ته "اَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِنَا اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ" اهائي مالڪ جي رضا طلبي هئي ته اسان کي عبادت جا طريقا سيکار ۽ اسانکي ته پنهنجو فرمانبردار ٻانهو بناءِ پر اسان جي اولاد مان به فرمانبردار جماعت پيدا فرماءِ ۽ اهم دعا سندن هيءَ به هئي ته ياالله. گهر تنهنجو تعمير ڪيون ٿا پر ان کي صحيح طريقي سان آباد ڪرڻ لاءِ انهيءَ مکي پاڪ ۾ رهڻ وارن مان هڪ عظيم الشان نبي عليه السلام به مبعوث فرماءِ جيڪوا نهن کي تنهجي ڪلام جون آيتون تلاوت ڪري ٻڌائي ۽ حڪمت جي تعليم ڏي ۽ انهن جي قلبن ۽ قالب، روحن ۽ جسمن کي پاڪ ۽ صاف ڪري ڪمال جي مدارج تي پهچائي جنهن جي رحمت جي دامن ايتري ڪشادي ۽ ڪرم جودستر خوان ايترو وسيع هجي جوهر خاص ۽ عام ان مان فائدو پرائي سگهي.

* هڪ اهم نڪتو *

حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دعا ۾ "وَابْعَثْ فِيْهِمْ" جي لفظ تي غورڪيو يعني انهن ۾ موڪل، انهن مان مراد ڪير آهي اهو ضمير ڪنهن ڏي ٿو وري. يا ذُرِّيَّتِنَا ان جي مرجع آهي يعني اسان جي اولاد مان جيڪي هوندا ياضمير اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ ڏي ورائبو ته اهي به حضرت ابراهيم جي اولاد مان آهن مقصد اهوئي ٿيو ته اسان جي اولاد ۾ اسان جي اولاد مان نبي موڪل. ۽ نا ضمير جمع متڪلم جي ۾ هڪ حضرت ابراهيم عليه السلام داخل آهي ته ٻيو حضرت اسماعيل عليه السلام نتيجو اهو نڪتو ته ان نبي جو موڪلڻ اولادِ ابراهيم ۽ اولادِ اسماعيل عليهما السلام مان هوندو باقي ٻيا جيڪي اولادِ ابراهيم عليه السلام ته آهن پر اولاد اسماعيل نه آهن مثلا حضرت اسحاق عليه السلام جو اولاد ته اهي هن دعا جو مصداق نه آهن انهن مان نبي موڪلڻ جي دعا گهريل نه آهي ۽ لطف ايزدي ته ڏسو جو انهن ٻنهي پيارن (ابراهيم ۽ اسماعيل) جي اولاد مان

حضور پرنور حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن کان سواءِ کو بہ نبي موکليل نہ آهي. بلڪ کنهن کي نبوت جي ڪوڙي دعويٰ جو موقعو بہ نہ مليو هو. تان تہ هيءَ حقيقت هر شڪ ۽ شبهي کان بالا رهي تہ اها حضور ﷺ جن جي ذات والا صفات ئي هئي جن لاءِ خليل ۽ ذبيح دعائون گهرندا رهيا. رَسُوْلاً جو لفظ مفرد ۽ نڪره تنوين سان آندو ويو آهي. ان ۾ ان ڳالهہ ڏي اشارو آهي تہ اهو نبي هوندو بہ هڪ ۽ هوندو بہ بيمثال، وڏي شان جو صاحب، محبوبن کريمن صلي الله عليه وسلم جن پاڻ بہ ٻڌايو تہ حضرت ابراهيم عليه السلام جن مون لاءِ دعا گهري هئي جيئن احمد، ابن جرير، ابن ابي حاتم، حاڪم، دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت عرباض بن ساريہ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنِّيْ عِنْدَاللهِ فِيْ اُمِّ الْكِتَابِ لَخَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ وَاِنَّ اٰدَمَ لَمُنْجَدِلٌ فِيْ طِيْنَتِهٖ وَسَاُنَبِّئُكُمْ بِاَوَّلِ ذَالِكَ دَعْوَةُ اَبِيْ اِبْرَاهِيْمَ وَبِشَارَةُ عِيْسٰى بِيْ وَرُؤْيَا اُمِّيَ الَّتِيْ رَاَتْ وَكَذَالِكَ اُمَّهَاتُ النَّبِيِّيْنَ يَرَيْنَ" (۱)

يعني بيشڪ مان الله تعاليٰ وٽ لوح محفوظ ۾ (ان وقت کان) خاتم النبيين (سيني نبين ۾ آخر ۾ اچڻ وارو) لکيل آهيان ۽ بيشڪ آدم البت اڃان پنهنجيءَ مٽيءَ ۾ ڳوهيل هو (يعني ظاهر نہ ٿيو هو) ۽ جلدي خبر ڏيندس مان اوهان کي ان ڳالهہ جي شروعات جي تہ (مان) پنهنجي پيءُ ابراهيم (عليه الصلواة والسلام) جي دعا ۽ مومن لاءِ ڏنل عيسيٰ (عليه الصلواة والسلام) جي بشارت ۽ پنهنجي امان جي اها ڏسڻ ۾ آيل (هستي آهيان) جو ڏٺو هئائين ۽ اهڙيءَ طرح نبين جو مائرون ڏسنديون آهن ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم ابوالعاليہ کان آندو آهي تہ (جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام اها دعا گهري تہ) کيس چيو ويو تہ تنهنجي اها دعا قبول آهي.

حڪمت مان مراد ڇا آهي؟

جنهن جي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن تعليم ڏيندا. امام حسن بصريءَ ۽ قتاده سڳوري رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ ان مان مراد سنت آهي ۽ امام راغب اصفهانيءَ لکيو آهي تہ حڪمت مان مراد علم ۽ عقل سان حق تائين پهچڻ ۽ ان کي معلوم ڪرڻ آهي. پوءِ الله جي طرفان حڪمت جي ملڻ مان مراد آهي شيون سڃاڻڻ ۽ انهن جو سهڻي نموني ايجاد ڪرڻ ۽ انسان ۾ حڪمت هجڻ مان مراد آهي: موجودات جي معرفت ۽ ڀلايون ڪرڻ ۽ اهائي صفت

(۱) تفسير الدر المنثور صـ ۳۳۴ ج ۱

آهي جنهن سان حضرت لقمان کي قرآن پاڪ ۾ ياد ڪيو ويو آهي. "وَلَقَدْ آتَيْنَا لُقْمَنَ الْحِكْمَةَ" (١) ۽ البته بيشڪ ڏني اسان لقمان کي حڪمت.

علامه ابوحيان اندلسيءَ عليه الرحمة ٻين قولن سان گڏ هيءُ قول به آندو آهي ته حڪمت الله تعاليٰ جي لشڪرن مان هڪ لشڪر آهي جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي عارفن ٻانهن جي دلين ۾ موڪليندو آهي تانجو انهن مان دنيا جو شوق ڪيندو آهي (٢).

هتي حڪمت مان مراد قرآني احڪام جو اهڙو تفصيل ۽ بيان ڪرڻ آهي جنهن کي ڄاڻڻ کان پوءِ انسان انهن حڪمن تي اهڙو عمل ڪري سگهي جيڪو قرآن نازل ڪندڙ رب جي منشا موافق هجي ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي فرائض مان صرف اهو نه آهي جو پاڻ صرف قرآن پاڪ پڙهائن بلڪ ان جي مقصدن جو تفصيل به صحيح سيکارين تانته قرآن پاڪ تي مالڪ جي رضا جي موافق عمل ٿي سگهي ۽ ان ئي حڪمت کي نبوي سنت سڏيو ويندو آهي جيڪا الله تعاليٰ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن تي نازل ڪئي آهي جيئن قرآن پاڪ جي آيت آهي: "وَاَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ" (٣)

يعني الله تعاليٰ اوهان تي ڪتاب ۽ حڪمت نازل ڪئي آهي ان مان اهو واضح آهي ته حڪمت مان مراد سنت نبوي آهي ۽ اها به الله تعاليٰ نازل ڪئي آهي اها نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ذاتي راءِ يا خيال نه آهي ۽ جهڙيءَ طرح قرآن پاڪ تي عمل ڪرڻ لازم آهي اهڙيءَ طرح سنت نبوي تي عمل ڪرڻ به لازم آهي هن مان انهن ماڻهن جي سوچ ۽ فڪر جو غلط هجڻ ۽ گمراهي ثابت ٿي جيڪي نبي عليه الصلواة والسلام جي سنت جا منڪر ۽ ان تي اعتراض ڪندڙ آهن.

وَمَنْ يَّرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ اِبْرَاهِيْمَ اِلَّا مَنْ سَفِهَ

۽ ڪير منهن موڙيندو دين ابراهيم جي کان سواءِ ان جي جو بيوقوف بنايائين

(١) تفسير الدرالمنثور ص ٣٣٤ ج ١ (٢) البحرالمحيط ص ٣ ج ١

(٣) تفسير البحر المحيط ص ٣٩٣ ج ١ (۴) سورة النساء رڪوع ١٧ پ ٥

نَفْسَهٗ ۭ وَلَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ۚ وَاِنَّهٗ فِي

پنهنجي پاڻ کي ۽ بيشڪ برگزيدو ڪيوسون ان کي دنيا ۾ ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾

الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗٓ اَسْلِمْ

بہ صالحن مان هوندو جڏهن چيو ان کي ان جي رب تہ ڪنڌ جهڪاءِ عرض ڪيائين تہ

قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٣١﴾

ڪنڌ جهڪايم جهانن جي رب لاءِ

تفسير

حضرت ابراهيم عليہ السلام جو دين، دينِ فطرت آهي ان ڪي ملت بہ سڏيو ويو آهي. جنهن جي بہ طبعيت سليم ۽ دل مجڻ واري هوندي اهو ان کي تسليم ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندو پر جن جون طبيعتون مسخ ٿي چڪيون آهن ۽ سمجهہ بگڙيل آهي اهي ان کي قبول نہ ڪندا حضرت ابراهيم عليہ السلام کي حڪم مليو تہ اَسْلِمْ هي امر حاضر جو صيغو اسلام کان ورتل آهي اسلام جي معنيٰ آهي الله تعاليٰ جي حڪم جي سامهون ڪنڌ رکڻ سک يا ڏک ۾ نفعي يا نقصان ۾ پنهنجي راءِ يا خواهش کي نظر انداز ڪري بغير ڪنهن حيلي يا حجت جي پنهنجي رب ڪريم جي حڪمن تي عمل لاءِ تيار رهڻ ۽ علامہ سيوطيءَ مٿينءَ آيت جي شان نزول لاءِ هن طرح لکيو آهي تہ حضرت عبدالله بن سلام پنهنجن ٻن ڀائٽين سلمہ ۽ مهاجر (سندن نالا هئا) کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ ڪين چيائين تہ اوهان کي خبر آهي تہ الله تعاليٰ توراة ۾ فرمايو آهي تہ آءٌ اولادِ اسماعيل مان هڪ نبي موڪليندس جنهن جو نالو مبارڪ احمد (صلي الله عليہ وسلم) هوندو پوءِ جنهن ان تي ايمان آندو اهو رشد ۽ هدايت وارو هوندو ۽ جنهن ان تي ايمان نہ آندو اهو ملعون هوندو پوءِ سندس ڀائٽين جنهن جو

نالو سلمه هو ايمان آندوءِ جنهن جو نالو مهاجر هو ان ايمان نہ آندو ۽ ابراهيمي ملت
کان منهن موڙيائين انهن جي باري ۾ اها آيت نازل ٿي (١) اڳتي ارشاد
ٿيو تہ اسان حضرت ابراهيم عليہ الصلواة والسلام کي دنيا ۾ بہ
ڀلارو ۽ برگزيدو بنايو ۽ آخرت ۾ بہ اهو ڀلن مان هوندو. ڇو تہ ان الله تعاليٰ جي
حڪم جي اڳيان ڪنڌ جهڪايو ۽ قربانيون ڏنيون ۽ جيڪو قرباني ڏيندو اهوئي
ٻئي جهان حاصل ڪندو.

وَوَصّٰى بِهَآ اِبْرٰهٖمُ بَنِيْهِ وَيَعْقُوْبُ ؕ يٰبَنِيَّ اِنَّ

۽ وصيت ڪئي هئي ان (دين) جي ابراهيم پنهنجن پٽن کي ۽ يعقوب اي منهنجا پٽ!

اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ الدِّيْنَ فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ

بيشڪ الله پسند ڪيو اوهان لاءِ (هن) دين کي پوءِ هرگز نہ مرجو اوهان مگر ان حال ۾ جو اوهان

مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ

مسلمان آهيو ڇا اوهان حاضر هيئو جنهن وقت آيو يعقوب (عليہ الصلواۃ والسلام) وٽ موت جنهن

الْمَوْتُ ۙ اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِيْ ؕ قَالُوْا

وقت چيائين (پڇيائين) پنهنجن پٽن کان تہ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ مون کان پوءِ چيائون عبادت

نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَاِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ

ڪنداسون تنهنجي (سچي) معبود ۽ تنهنجي پيئرن ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق جي (سچي)

وَاِسْحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٣﴾

معبود جي جيڪو هڪ (سچو ۽ حق وارو) معبود آهي ۽ اسين ان جي لاءِ ڪنڌ جهڪائيندڙ آهيون.

(١) لباب النقول ص-٢٠

تفسير

حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي جيکو حکم ٿيو هو ته الله تعاليٰ جي حکم جي اڳيان ڪنڌ جهڪاءِ ۽ پاڻ عرض ڪيائين ته مون ڪنڌ جهڪايو آهي دنيا شاهد آهي ته اهو وعدو ان پاڪباز ۽ پياري ٻانهي ڪهڙي طرح نڀايو ان تي ان جي حياتيءَ مبارڪ ۾ سخت کان سخت ۽ مشڪل امتحان آيا پر ان قدسي صفات ذات هستيءَ جنهن عزم ۽ ثبات، تسليم ۽ رضا جو ثبوت ڏنو ان الله تعاليٰ جي ملائڪن سڳورن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن ڪيبس نمرود واري منجنيق ۾ وجهي پڙڪا ڏيندڙ باهه ۾ اڇلايو ٿي ويو ته جبريل امين سندس خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو. هَلْ لَکَ مِنْ حَاجَةٍ؟ ڪا ڪار خدمت هجي ته مان خادم حاضر آهيان؟ پاڻ فرمايائون اَمَّا اِلَيْکَ فَلَا- تو ۾ ته ڪو ڪم نه آهي. جبريل عليه السلام وري عرض ڪيو. فَاسْأَلْ رَبَّکَ. ڀلا پنهنجي رب کي سوال ڪريو ته اهو اوهان کي هن پڙڪندڙ باهه کان بچائي پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته"علمه بحالي حسبي من سوالي" يعني ان کي منهنجي حال جو جيڪو علم آهي اهوئي ڪافي آهي سوال ڪهڙو ڪيان ؟

ان استقلال ۽مضبوطيءَ تي صرف پاڻ پائبند نه رهيو پر پاڻ ۽ سندس اولاد مان حضرت يعقوب عليه السلام (جنهن جو يهودي اولاد آهن ۽ ان جي ڪري ئي خصوصًا ان جو ذڪر ٿيو) ته پنهنجن پٽن کي وصيت به اها ڪئي هئي ته الله تعاليٰ اوهان کي اسلام جهڙو سچو ۽ پاڪ دين عطا ڪيو آهي ان تي اهڙا پڪا رهجو جو اوهان جي وفات به اسلام تي ٿئي. ان کان پوءِ يهودين کان پڇيو ٿو وڃي ته ڇا اوهان ان وقت موجود هئا؟ جنهن وقت حضرت يعقوب عليه السلام جو دنيا تان انتقال ٿي رهيو هو ۽ پنهنجن پٽن کان پڇيائين ٿي ته مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ ته انهن عرض ڪيو ته بابا سائين اوهان ۽ اوهان جي ٻابن ڏاڏن ابراهيم- اسمعيل- اسحاق عليهم السلام جي سچي معبود جي عبادت ڪنداسين. جيڪو هڪ معبود آهي. ۽ اسين ان جا فرمانبردار ۽ ان جي حڪم جي اڳيان جهڪڻ وارا آهيون. اي يهوديؤ!جڏهن اوهان ان وقت موجود نه هئا ته پوءِ انهن ڏي

اسلام کان سواءِ ٻئي دين جي نسبت چو ٿا ڪيو. ابراهيم عليه الصلواة والسلام تہ صرف اسلام جو داعي هو. جيئن ٻيءَ آيت ۾ آهي تہ "مَا كَانَ إِبْرَاهِيمُ يَهُودِيًّا وَّلَا نَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ حَنِيفًا مُّسْلِمًا وَّمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ"(۱)

يعني ابراهيم(عليه السلام) نہ يهودي هو ۽ نہ نصارو - پر حق تي هلندڙ مسلمان هو ۽ نہ هو مشرڪن مان.

تِلْكَ أُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ

اها جماعت هئي جو تحقيق گذري ان لاءِ اهو آهي جو انهن ڪمايو ۽ اوهان لاءِ اهو

مَّا كَسَبْتُمْ وَلَا تُسْئَلُونَ عَمَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٣٤﴾

آهي جو اوهان ڪمايو ۽ نہ پڇا ڪيا ويندئو ان (عمل) جي باري ۾ جو (انهن) ڪيا ٿي.

تفسير

يهودي چوندا هئا تہ اسان ڀلارن جو اولاد آهيون اسان ڪي گناهن جي ڪرڻ سان ڪجهہ نہ ٿيندو ۽ نہ وڏيڪا پڇائي ٿيندي. هن آيت ۾ انهن جي ان عقيدي جي نفي آهي تہ اهي غلط سوچ ٿا رکن پاڻ جيڪي پنهنجي لاءِ پوکيندا اهوئي لڻندا. شرڪ، ڪفر ۽ گناهن جي هوندي ڪين سندن نسب ۽ حسب ڪو ڪم نہ ڏيندو.



(۱) آل عمران رڪوع ۷ پ ۳.

وَقَالُوْا كُوْنُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰي تَهْتَدُوْا ۭ قُلْ بَلْ

۽ چون ٿا تہ تي پئو يھودي يا عيسائي تہ ھدايت وارا بنجندؤ. فرماءِ تہ بلڪ

مِلَّةَ اِبْرٰهٖمَ حَنِيْفًا ۭ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٣٥﴾

ابراھيم جي دين (جا تابعدار ٿيو) جيڪو حق تي ھلندڙ باطل کان منھن موڙيندڙ

قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ اِلٰٓي

ھو ۽ نہ ھو مشرڪن مان. چئو تہ ايمان آندوسون الله ۽ ان تي جيڪو نازل ڪيو ويو

اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ

آھي اسان ڏي ۽ ان تي جيڪو نازل ڪيو ويو ابراھيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽

وَمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى وَمَآ اُوْتِيَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ

يعقوب ۽ ان جي اولاد ڏانھن ۽ جيڪي ڏنو ويو موسىٰ ۽ عيسىٰ ۽ جيڪي ڏنا ويا

رَّبِّهِمْ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۡ وَنَحْنُ لَهٗ

(ٻيا) انبياءِ (سڀ ورا) پنھنجي رب جي طرفان. نہ ٿا فرق ڪيون انھن ۾ (ايمان

مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٦﴾

آڻڻ جي لحاظ سان) ۽ اسين ان لاءِ فرمانبردار آھيون.

تفسير

ھنن آيتن ۾ يھودين ۽ عيسائين جي غلط ڳالھہ کي بيان ڪرڻ کان پوءِ صحيح عقيدي جي تلقين ڪئي وئي آھي. يھودي چوندا ھئا تہ اسان حضرت ابراھيم عليہ الصلواة والسلام جو اولاد ۽ ان جي عقيدي تي ھلندڙ آھيون ۽ جيڪو صحيح

واٹ تي هلڻ جو شوق رکي اهو يهوديت قبول ڪري. عيسائي بہ اهڙي دعويٰ ڪندا هئا. الله تعاليٰ فرمايو تہ اي محبوب! (عليه الصلواة والسلام) انهن کي سمجهايو تہ اوهان جون اهي صرف دعوائون آهن اوهان ۾ شرڪ آهي ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام تہ حق تي هلڻ وارو، باطل کان منهن موڙيندڙ، شرڪ کان صفا بيزار ۽ پاڪ هو. پوءِ اوهان ان جي واٽ تي هلڻ جي دعويٰ ڪيئن ٿا ڪيو؟ بلڪ اوهان اعلان ڪيو تہ اسان الله ۽ ان جي نازل ڪيل ڪتاب تي جيڪو اسان تي ۽ حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق، حضرت يعقوب ۽ ان جي اولاد مان نبين عليهم الصلواة والسلام تي نازل ڪيو ويو ۽ جيڪي ڪتاب حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ ۽ ٻين انبيائن عليهم الصلواة والسلام کي ڏنا ويا انهن سڀني تي ايمان آندو آهي. يهودين ۽ عيسائين واري تنگ نظرئي ۽ تعصب کان اسين پاڪ ۽ صاف آهيون. اهي اسان ڏي موڪليل نبي ڪريم ﷺ تي ايمان نہ بہ آڻين پر اسين حق تي هلڻ وارا آهيون. اسان جو الله تعاليٰ جي موڪليلن، مٿي ذڪر ڪيلن ۽ ٻين سڀني سچن پيغمبرن تي ايمان آهي. اهي اسان جي نبي عليه الصلواة والسلام ڏي نازل ڪيل قرآن ڪريم کي نٿا مڃين پر اسين سڀني نازل ڪيل ڪتابن کي مڃيون ٿا. اسين ئي الله تعاليٰ جي خليل، موحدِ اعظم، سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻن وارا آهيون.

فَإِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَإِنْ

پوءِ جيڪڏهن ايمان آڻين ان وانگر جو ايمان آندو اوهان ان تي پوءِ بلاشڪ هدايت وارا ٿيا ۽

تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا هُمْ فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ

جيڪڏهن منهن ڦيرائين پوءِ بيشڪ اهي مُخالفت ۾ آهن پوءِ جلد ڪافي ٿيندو توکي انهن (جي هر شر)

وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۱۳۷﴾

کان الله ۽ اهو (سيڪجهہ) ٻڌندڙ (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

هن آيت ۾ الله تعاليٰ ايمان وارن کي ٻڌايو آهي تہ يهودي ۽ نصاريٰ ڪيترين

بہ دعوائون ڪن پر انهن جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ مقبوليت ۽ محبوبيت تيستائين ناهي جيستائين اوهان (اصحابن سڳورن) وانگر ايمان نہ آڻيندا.

* فائدو *

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ ايمان اهو مقبول آهي. جيڪو اصحابن سڳورن رضي الله عنهم وانگر ۽ انهن جي طريقي تي هجي پر جيڪو ماڻهو اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم ڪي مڃي ئي نہ ٿو، تہ اهو وڏو بي ايمان آهي. ان جي ڪابہ دعويٰ صحيح نہ آهي.

* عظيم واقعو *

حضور پرنور ﷺ جن جي پياري، سندن نياڻي، سيدنا عثمان رضي الله عنه کي جڏهن شهيد ڪيو ويو تہ سندس جهوليءَ ۾ تلاوت ڪرڻ لاءِ قرآن ڪريم رکيل هو ۽ سندن رت جا ڦڙا هنن اکرن "فسيكفيكهم الله وهو السميع العليم" تي ڪريا هئا جيڪي ڪيترن ماڻهن ڏٺا هئا. (١)

صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۫ وَّنَحْنُ

(اسان تي) الله جو رنگ آهي ۽ ڪير وڌيڪ سهڻو آهي الله کان رنگ ڏيڻ ۾ ۽ اسين

لَهٗ عٰبِدُوْنَ ﴿١٣٨﴾

ان جي عبادت ڪندڙ آهيون.

تفسير

يهودين جي عادت هوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪو انهن جي دين ۾ داخل ٿيندو هو تہ ان کي ڦڪي رنگ واري پاڻيءَ سان وهنجاريندا هئا. انهن کي ڏسي عيسائين بہ اهو طريقو اختيار ڪيو هو ۽ جيڪڏهن ڪو ٻار ڄمندو هو تہ ان کي بہ ان ڦڪي رنگ جي پاڻيءَ سان وهنجاريندا هئا ۽ ائين سمجهندا هئا تہ هاڻي هن تي يهوديت يا عيسائيت جو رنگ چڙهي ويو ۽ پڪو يهودي يا عيسائي رهندو. انهن جي

(١) تنوير الايمان ص ٩٧ پ ١

ان خيال کي رد ڪندي قرآن ڪريم ٻڌايو، ته جيڪڏهن رنگ لڳائڻو آهي ته الله تعاليٰ جو قدرتي رنگ لڳايو جو نه پاڻيءَ سان لهي نه سج جي گرميءَ تي ڦٽي نه وقت گذرڻ سان ختم ٿئي. الله تعاليٰ جي قدرت جو رنگ اها خالص توحيد آهي جنهن جي لڳائڻ لاءِ سيد انس وجان سرڪار دوجهان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيا ۽ ايمان وارن انهن تي ايمان آڻي اهو نه ڦٽندڙ رنگ حاصل ڪيو آهي

قُلْ اَتُحَآجُّوْنَنَا فِي اللّٰهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۚ وَلَنَآ

فرماءِ ته ڇا بحث ٿا ڪيو اسان سان الله (جي باري) ۾ ۽ اهو رب اسان جو آهي ۽ رب اوهان جو آهي

اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَنَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ﴿١٣٩﴾

۽ اسان لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ اوهان لاءِ اوهان جا عمل ۽ اسين ان لاءِ اخلاص سان عبادت ڪندڙ آهيون.

تفسير

يهودي هميشه مسلمانن کي چوندا هئا ته الله تعاليٰ پنهنجا پيغمبر هميشه بني اسرائيل مان موڪليا آهن ان جي ڪري آخري پيغمبر ﷺ به انهن مان ايندو عربن مان موڪليل نبي عليه الصلواة والسلام (معاذالله) سچو نه آهي رب العٰلمين جل شانه انهن جي رد ۾ فرمايو ته: اي پيارا حبيب ﷺ! اوهان انهن کي ٻڌايو ته ڇا الله تعاليٰ صرف اوهان جو رب آهي؟ جواب ۾ ضرور چوندا ته سيني جو رب آهي. اوهان فرمايو ته جيڪڏهن سيني جو رب آهي ته مرضيءَ وارو آهي جنهن قبيلي مان به پنهنجي آخري پيغمبر سڳوري عليه الصلواة والسلام کي موڪلي. اوهان ڇو ٿا اعتراض ڪيو. اوهان جا عمل آهن ته اسان جا به عمل آهن. بلڪ اسان جي عملن ۾ ته اوهان کان وڌيڪ اخلاص آهي. ۽ ان وٽ اخلاص جو ئي قدر آهي.

اَمْ تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ

ڇا اوهان چئو ٿا ته بيشڪ ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحٰق ۽ يعقوب

وَالْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰي ۭ قُلْ ءَاَنْتُمْ

۽ ان جا پٽ هئا يهودي يا عيسائي - فرماءِ ته ڇا اوهان

أَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً

وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيو يا الله ۽ ڪير آهي وڌيڪ ظالم ان کان جو لڪائي ٿو شاهدي

عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۰﴾

(جيڪا) ان وٽ آهي الله جي طرفان ۽ نہ آهي الله غافل ان کان جو ڪيو ٿا.

تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَا

اها هڪ امت هئي جيڪا گذري ان لاءِ اهو آهي جو ڪمايائين ۽ اوهان لاءِ اهو

كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْئَلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۱﴾ ع

آهي جيڪو ڪمايو ۽ نہ پڇا ڪيا ويندئو ان جي باري ۾ جو ڪيائون ٿي.

تفسير

هنن آيتن ۾ اهلِ ڪتاب کي خطاب ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان چئو ٿا تہ حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق عليهم الصلواة والسلام ۽ ان جا پٽ يهودي يا عيسائي هئا. ڀلا اهو ٻڌايو تہ اوهان کي وڌيڪ ڄاڻ آهي يا الله جل شانہ کي؟ جڏهن الله تعاليٰ کي هر ڳالهہ جو وڌيڪ علم آهي ۽ اهو فرمائي ٿو تہ اهي سڀ انبياءِ سڳورا عليهم الصلواة والسلام يهوديت ۽ نصرانيت کان پاڪ، پري، خالص توحيد جا پيغام پهچائيندڙ الله جا برگزيده ۽ پيارا هئا تہ اوهان کي خبر آهي تہ يهوديت۽نصرانيت غلط ۽ گمراهي آهن اوهان شاهدي ڏيڻ جي بجاءِ ان کي لڪايو ٿا تہ اوهان وڏا ظالم آهيو اوهان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي پر ياد رکو تہ الله تعاليٰ اوهان جي ڪردار کان غافل نہ آهي اوهان جيڪي عمل ڪيو ٿا اهو ڄاڻي ٿو اهوئي ان جي اوهان کي سزا ڏيندو. ان کان پوءِ ٻڌايو ويو تہ اهي پنهنجي لاءِ عمل ڪري ويا اوهان پنهنجي لاءِ ٿا ڪيو اوهان کان انهن جي پڇا ڪانہ ٿيندي.

سَيَقُولُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰهُمْ عَنْ

سگهوئي چوندا بيوقوف ماڻهو تہ کھڙيءَ شيءِ ڦيرايو انهن کي سندن قبلي کان

قِبْلَتِهِمُ الَّتِيْ كَانُوْا عَلَيْهَا ؕ قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ

جنهن تي هئا (هن کان اول) فرماءِ تہ الله جو ئي آهي اوڀر ۽ اولهہ. هدايت ٿو

وَالْمَغْرِبُ ؕ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۱۴۲﴾

ڪري جنهن کي گهري سڌي واٽ ڏانهن

تفسير

عبادتن ۾ بدني عبادت سڀ کان پلي آهي ۽ بدني عبادتن ۾ نماز پلي آهي ۽ نماز ۾ سجدو پلو آهي. قيامت ۾ ٻئي ڪنهن بہ قسم جي ڪابہ عبادت نہ هوندي مگر الله تعاليٰ جي جمال جو مشاهدو ڪري مسلمان اتي بہ سجدو ڪندا بلڪ ڪين سجدي لاءِ سڏيو ويندو. جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي. " يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ اِلَي السُّجُوْدِ "(١) (جنهن ڏينهن کولي ويندي پني(مبارڪ)۽ سجدي لاءِ سڏيا ويندا) يعني نماز ۽ سجدي لاءِ وقت بہ مقرر ڪيل آهي ۽ طرف بہ مقرر آهي جنهن ڏي منهن ڪري سجدو ڪيو وڃي ۽ ان طرف کي قبلو سڏيو ويندو آهي. هيءَ ڳالهہ بہ ظاهر آهي تہ مومن جو سجدو هڪ الله وحده لاشريڪ لہ لاءِ آهي ۽ الله تعاليٰ جي پاڪ ذات اوڀر، اولهہ، اتر ۽ ڏکڻ جي قيدن کان بلند ۽ بالا آهي. اهو ڪنهن مخصوص طرف ۾ نہ آهي پر الله تعاليٰ جي حڪمت جي تقاضا آهي تہ سيني نمازين جو منهن هڪ پاسي هجي. ۽ اهو ان جي ڪري جو هڪڙيون عبادتون انفرادي آهن ٻيون اجتماعي. الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ، روزو وغيره انفرادي عبادتون آهن جيڪي اڪيلائيءَ ۾ ۽ لڪي ادا ڪري سگهجن ٿيون. ۽ نماز ۽ حج اجتماعي عبادتون آهن جيڪي اعلان ۽ اجتماع سان ادا ڪيون وينديون آهن ۽ انهن ۾ عبادت سان گڏ مسلمانن کي اجتماعي زندگيءَ جا آداب سيکارڻ بہ پيش نظر

(١) سورة القلم رکوع ٢ پ ٢٩

آهن ۽ هيءُ ڳالهه به ظاهر آهي ته اجتماعي نظام جو سڀ کان وڏو بنيادي اصول گهڻن فردن جي وحدت ۽ يڪجهتي آهي. اها وحدت جيتري قوي ۽ مضبوط هوندي اوتروئي اجتماعي نظام بهتر ۽ مستحڪم هوندو. ان وحدت جو اصل نقطو فڪر، خيال ۽ عقيدي جي هڪ هجڻ ڪي چئبوآهي ۽ ڪيترن ڪوڙن معبودن جي پوڄارين کي هڪ الله وحده لاشريڪ له جي عبادت ۽ اطاعت جي دعوت ڏني آهي. جنهن تي ساري دنيا جا ماڻهو گڏ ٿي سگهن ٿا. ۽ ان حقيقي، فڪري ۽ نظري وحدت کي عملي صورت ۽قوت ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه ظاهري وحدتون رکيون ويون آهن جيڪي عملي ۽ اختياري آهن. نسب، رنگ، وطن وغيره سان مقيد نه آهن انهن وحدتن مان هڪ قبلي جي مقرر ڪرڻ واري وحدت به آهي. جنهن جو حڪم پاڻ مالڪ مٿي ڪيو آهي. حضرت آدم عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي اولاد جو قبلو به اهوئي بيت الله شريف هو، جنهن جو بنياد ملائڪن سڳورن رکيوهو. حضرت نوح عليه السلام جي دور تائين اهو ئي قبلو رهيو. جڏهن حضرت نوح عليه السلام جي وقت ۾ آيل طوفان ۾ سڄي دنيا غرق ٿي تباهه ٿي وئي ته بيت الله شريف جي عمارت به شهيد ٿي وئي هئي. ان کان پوءِ حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهماالسلام الله تعالىٰ جي حڪم سان ٻيو پيرو بيت الله شريف جي تعمير ڪئي. ۽ اهوئي انهن جو به قبلو رهيو. ان کان پوءِ بني اسرائيل جي نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ بيت المقدس کي قبلو مقرر ڪيو ويو. مشهور مفسر ۽ محدث ابو العاليه جو چوڻ آهي ته اڳين نبين عليهم الصلواه والسلام جو قبلو به بيت الله شريف هو جيڪي بيت المقدس، ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا هئا سي به اهڙي طريقي سان بيهندا هئا جو بيت المقدس ۽بيت الله ٻنهي ڏي منهن ٿي وڃي ۽سندس قول آهي ته مون حضرت صالح عليه الصلواة والسلام جي مسجد ۾ نماز پڙهي ته ان جو قبلو به بيت الله شريف هو ۽ مان ذوالقرنين جي مسجد کان لنگهيس ته ان جو قبلو به بيت الله شريف هو(١)

جڏهن حضور پرنور شافع يوم النشور صلي الله عليه وسلم جن مڪي پاڪ مان هجرت ڪري مدينه شريف ۾ آيا ته اهل ڪتاب (يهودين ۽ نصارن) جي قبلي بيت المقدس ڏي منهن ڪري، سورهن يا سترهن مهينا نماز پڙهندارهيا. مگر ان وقت جي

(١) تفسيرالقرطبي صـ١٥٠ ج٢

دوران سندن دلي خواهش هئي تہ پاڻ بيت الله ڏي منهن ڪري نماز پڙهن ، الله تعاليٰ پنهنجي حبيب صلي الله عليه وسلم جن جي دلي آرزو پوري ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ئي ڪين ٻڌايو تہ قبلي جي تبديليءَ تي بيوقوف ماڻهو اعتراض ڪندي چوندا تہ ائين چو ٿيو اوهان انهن کي جواب ۾ فرمائجو تہ اصل اوپر ۽اولهہ سان واسطو نہ آهي. اهي سڀ الله تعاليٰ جا پيدا ڪيل آهن. اصل شيءِ تہ حڪمِ خداوندي آهي. جيڏانهن مالڪ فرمائيي اوڏانهن منهن ڪري نماز پڙهجي.

پوءِ پاڻ بني سلمہ جي مسجد ۾ نماز پڙهي رهيا هئا تہ الله تعاليٰ جو فرمان آيو تہ "اوهان بيت الله شريف ڏي منهن ڪري نماز پڙهو" پاڻ نماز پڙهندي ئي بيت الله ڏي منهن ڪيائون. ان مسجد کي مسجد القبلتين سڏيو ويندو آهي.

اهو حڪم ٻئي سن هجريءَ جي رجب مهيني ۾ ٿيو هو ڪن جو چوڻ آهي تہ اڳاري جي ڏينهن ١٥ شعبان تي اهو حڪم نازل ٿيو هو.

ڪن مفسرن لکيو آهي تہ هجرت ڪان هڪ سال ۽ ساڍن پنجن مهينن ڪان پوءِ رجب شريف جي پندرهينءَ تاريخ سومر جي ڏينهن بني سلمہ جي مسجد ۾ ٻپهريءَ نماز پڙهندي اهو فرمان پهتو هو(٢)

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ

۽ اهڙيءَ طرح بنايو سون اوهان کي امت درمياني تانت هجو شاهد ماڻهن تي ۽

عَلَى النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ۗ وَمَا

هجي (هيءُ) رسول اوهان تي شاهد. ۽ نہ (مقرر) ڪيو اسان قبلي کي جو هئين

جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِيْ كُنْتَ عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ

تون (هن وقت تائين) ان تي مگر تانت ڄاڻون (ظاهر ۾) تہ ڪير ٿو پيروي ڪري

يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ ۗ وَاِنْ كَانَتْ

رسول جي (۽) ڪير ٿو موٽي پنهنجن ڪڙين تي. ۽ بلاشبہ اها (ڳالهہ) وڏي آهي

(٢)تفسير القرطبي ص ١٤٩ج٢

لَكَبِيْرَةً اِلَّا عَلَى الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ

مگر انهن تي جو هدايت ڪئي (انهن ڪي) الله. ۽ نہ آهي الله (جو هي شان) جو

لِيُضِيْعَ اِيْمَانَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۴۳﴾

ضايع ڪري ايمان اوهان جي ڪي. بيشڪ الله ماڻهن سان گهڻو ٻاجهارو، رحم ڪندڙ آهي.

تفسير

ڪذالڪ ۾ ڪاف تشبيه جو ۽ ذالڪ اسم اشارو آهي. ان ۾ اختلاف آهي تہ اها تشبيه ڪنهن سان ڏنل آهي. اعليٰ حضرت عليه الرحمه فرمايو آهي تہ ڪَذٰلِكَ لفظ مبتدا آهي ان جي خبر محذوف آهي يا خبر آهي ۽ ان جي مبتدا محذوف آهي. يعني ڳالھ هيءَ آهي تہ اسان اوهان ڪي امت معتدل بنايو آهي (١)

علامه قرطبيءَ لکيو آهي تہ: المعنيٰ وكما ان الكعبة وسط الارض كذالك جعلناكم امة وسطا اي جعلناكم دون الانبياءِ فوق الامم (٢)

يعني جيئن ڪعبه زمين جو وچ آهي تيئن اسان اوهان ڪي بہ وچٿري امت بنايو آهي جو اوهان نبين (عليهم الصلواة والسلام) کان گهٽ ۽ ٻين امتن کان مٿي آهيو. ۽ وسطا جي معنيٰ معتدل آهي ۽ اهوئي ڀلو آهي. جيئن تہ هيءَ امت عدل ۽ انصاف واري آهي ۽ سندن ملت غلو، زيادتي، حد کان لنگهڻ يا ڪوتاهيءَ تقصير ۽ گهٽتائيءَ ٻنهي کان پاڪ ۽ صاف آهي تنهن جي ڪري هن امت کي درمياني ۽ انصاف واري امت سڏيو ويو آهي.

حضرت ابوسعيد خدريءَ رضي الله تعالىٰ عنه نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کان وسط جي معنيٰ ۾ آندو آهي تہ "اُمَّةً وَّسَطًا قَالَ عَدْلًا" (٣)

(١) تفسير نعيمي ص٩ ج٢ (٢) تفسير القرطبي ص ١٥٣ ج٢

(٣) ترمذي شريف ص ١٢٠ ج٢ تفسير قرطبي ص ١٥٣ ج٢

يعني درمياني ۽ وچٿري امت. هن امت ۾ نہ نصارن وارو غلو(حدکان وڌڻ) آهي نہ يهودين واري تقصير يعني نبين (عليهم السلام)جو شان صفا گهٽ ڪرڻ -
مقصد تہ هن امت اسلاميہ کي خاص امتيازي فضيلت عطا ڪئي وئي آهي. جو انهن کي معتدل بنايوويو آهي. هتي بہ ٽي ڳالهيون قابلِ غور آهن تہ اعتدال ڇا آهي؟ ۽ اعتدال جي وصف جي ايتري اهميت ڇو آهي جو ان تي فضيلت جومدار رکيو ويو آهي؟ ۽ محمدي امت عليٰ نبيهاالصلواة السلام جي معتدل هجڻ لاءِ واقعات جي لحاظ سان ڪهڙو ثبوت آهي؟

انهن ٽنهي ڳالهين جو جواب ترتيب سان ناظرين جي پيش خدمت آهي.

١-اعتدال جي معنيٰ آهي برابر هجڻ جنهن ۾ ٻئي پاسا صحيح رکيا وڃن.

٢-اعتدال جي صفت جي ايتري اهميت ان جي ڪري آهي جو ظاهري يا باطني طرح انسان ڪيڏانهن بہ حدکان لنگهندو تہ نقصان ۾ ويندو. ڪامل انسان چوائڻ جومستحق صرف اهو شخص ٿي سگهي ٿو. جيڪو جسماني اعتدال سان گڏ روحاني ۽ اخلاقي اعتدال بہ رکندو هجي.

جهڙيءَ طرح جسماني علاج معالجي لاءِ هرزماني، هرجڳہ، هر ڳوٺ ۾ طبيبن، ڊاڪٽرن دوائن ۽ بيماريءَ جي تشخيص لاءِ اوزارن وغيره جو انتظام هوندو آهي، اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ روحاني علاج ۽ قومن ۾ اخلاقي اعتدال پيدا ڪرڻ جي لاءِ انبياءِ عليهم السلام موڪليا ۽ انهن سان گڏ آسماني هدايتون ڪتابن جي صورت ۾ موڪليون. ۽ ضرورت آهر انهن کي مادي طاقتون بہ عطاڪيون.

ان مضمون کي الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي ٻيءَ آيت ۾هن طرح بيان فرمايو آهي.
"لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتَابَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَأْسٌ شَدِيْدٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ (١)

يعني بيشڪ موڪليو سون پنهنجن رسولن کي نشانين سان ۽ لاٿوسون انهن سان گڏ ڪتاب ۽ ساهمي تان تہ قائم رهن ماڻهو انصاف سان ۽ لاٿوسون لوهہ ان ۾ سخت ڏپ ۽ نفعا آهن ماڻهن جي لاءِ.

هن آيت سڳوريءَ تي غور ڪبو تہ ان ۾ انبياءِ عليهم السلام جي موڪلڻ ۽ ڪتابن جي نازل ڪرڻ جي حڪمت اها بيان ڪئي وئي آهي تہ انهن جي

(١) سورة الحديد رڪوع ٣ پ٢٧

ذريعي ماڻهن ۾روحاني ،اخلاقي ۽علمي اعتدال پيدا ڪيو وڃي ۽ ساهمي ماڻهن جي معاملات،ڏيڻ، وٺڻ ۾ اعتدال پيدا ڪرڻ جي لاءِ هوندي آهي ۽ هي بہ ممڪن آهي تہ ساهميءَ مان مراد هر پيغمبر سڳوري جي شريعت هجي جنهن جي ذريعي حقيقي اعتدال معلوم ٿيندو آهي ۽ عدل ۽انصاف قائم ڪيو ويندوآهي. ۽ اهائي قومن جي صحت مندي ۽ تندرستي آهي.

امت محمديہ جي لاءِ جو فرمان آيوآهي تہ اوهان " اُمَّةً وَّسَطًا " آهيو. اهو ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ تہ هڪ لفظ آهي پر حقيقت جي اعتبار سان ڪنهن قوم يا شخص ۾ جيترا بہ ڪمالات هن دنيا ۾ ٿي سگهندا آهن انهن سڀني تي حاوي ۽ جامع آهي.

هن آيت ۾ محمدي امت کي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان ۾ شرافت ۽ فضيلت جو هر هڪ جوهر بدرجۂ ڪمال موجود آهي ۽ جنهن غرض جي لاءِ هي آسمان ۽ زمين جو سارو نظام رکيو ويوآهي ۽ جنهن لاءِ انبياءَ عليهم السلام ۽ آسماني ڪتاب موڪليا وياآهن، هيءَ امتانهن سڀني امتن کان ممتاز ۽ افضل آهي.

قرآن ڪريم هن امت جي ان فضيلت واريءَ خاص وصف جو بيان مختلف آيتن ۾ مختلف عنوانات سان ڪيو آهي. سوره الاعراف جي آخر ۾ هن امت جي باري ۾ ارشاد آهي.

"وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ" (١)

يعني انهن مان جن کي اسان پيدا ڪيو آهي،هڪ اهڙي امت آهي جيڪي سڌي واٽ ٻڌائين ٿا ۽ ان جي موافق عدل ڪن ٿا.

هن آيت سڳوريءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ذاتي مفادات ۽ خواهشات کي ڇڏي آسماني هدايت جي موافق پاڻ بہ هلن ٿا ۽ ٻين کي بہ هلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ اختلاف يا نزاع پيدا ٿي پوي تہ ان جو فيصلو بہ آسماني قانون جي ذريعي ڪندا آهن. جنهن ۾ ڪنهن قوم يا شخص جي خصوصي مفاد کي ڪو خطرو نہ آهي. ٻيءَ جاءِ تي امت محمديہ عليٰ نبيها الصلواه والسلام جي ان روحاني ۽ مثالي اعتدال کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

"كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ" (٢)

(١) (سوره الاعراف رڪوع ٢١ پ٩) (٢) (سوره آل عمران: رڪوع ١١ پ٤)

يعني اوهان سيني امتن ۾ پلي امت آهيو. جيڪا ماڻهن جي لاءِ ڪڍي وئي آهي. چڱائيءَ جو امر ڪيو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا.

مقصد ته جيئن هن امت کي رسول، سيني رسولن عليهم السلام کان پلو ۽ ڪتاب سيني ڪتابن جو جامع ۽ اڪمل نصيب ٿيو آهي ته انهن کي اعتدال به اعلیٰ نموني تي نصيب ٿيو آهي. جو اهي سيني امتن کان بهتر امت بنايا ويا آهن. انهن لاءِ علوم ومعارف جا دروازا کوليا ويا آهن ۽ قوي اميد آهي ته ايمان، عمل ۽ تقويٰ جون سيئي شاخون انهن جي قربانين سان سرسبز ۽ شاداب ٿينديون. اهي ڪنهن مخصوص ملڪ يا صوبي ۾ بند نه هوندا پر انهن جو دائرهٔ عمل ساري دنيا ۽ انساني زندگيءَ جي سيني شعبن تي حاوي هوندو چڻ ته انهن جو وجود ئي ان لاءِ هوندو ته ٻين جي خير خواهي ڪن ۽ جهڙيءَ طرح ممڪن هجي انهن کي جنت جي دروازن تي آڻي بيهارين. "اخرجت للناس" ۾ ان طرف اشارو آهي ته هيءَ امت پيدا ئي ٻين جي فائدي ۽ خير خواهيءَ لاءِ ٿي آهي ان جو منصبي فرض ۽ قومي نشان هيءُ آهي ته ماڻهن کي چڱن ڪمن جو حڪم ڪري ۽ برائيءَ کان روڪي ۽ ان برائيءَ ۾ شرڪ، ڪفر ،بدعات سيئه، قبيح رسومات، ۽ هر قسم جي بد اخلاقي ۽ نامعقول ڳالهيون داخل آهن. انهن کي روڪڻ به ڪيترن نمونن سان ٿيندو. ڪڏهن تلوار سان، ڪڏهن قلم سان ، ڪڏهن هٿ سان ته ڪڏهن زبان سان. مقصد ته هر قسم جو جهاد ان ۾ داخل آهي. اها صفت جيتري قدر عموم ۽ اهتمام سان امت محمديه ۾ لڌي وئي آهي اڳين امتن ۾ ان جومثال نٿو ملي.

٣- ٽين ڳالهه ته هن امت جي درميانه ۽ معتدل هجڻ جو واقعات سان ثبوت کهڙو آهي. ان جو تفصيل ڏڳهوءِ سيني امتن جي اعتقادات، اعمال، اخلاق ۽ ڪارنامن جو موازنو ڪري ڏيکارڻ تي موقوف آهي. ان ۾ ٻڌي شيون مثال طور ذڪر ڪجن ٿيون.

* اعتقاد جواعتدال *

جاڻڻ گهرجي ته اڳين امتن ۾ هڪ طرف هيءُ تو نظر اچي جو انهن الله تعالیٰ جي رسولن عليهم الصلواه والسلام کي ان جو پٽ بنائي انهن جي عبادت ۽ پوڄا شروع ڪري ڏني. ۽ ٻئي طرف انهن جي اها حالت به ڏسو جو نبين سڳورن عليهم الصلواه والسلام جامعجزا ڏسڻ جي باوجود به جڏهن انهن کي انهن جي پلاري نبي

جنگ ۽ جهاد لاءِ سڏيو ته چوڻ لڳا ته: تون ۽ تنهنجو رب وڃي جنگ ڪيو، اسين ته هتي ويٺا آهيون. ڪڏهن پاڻ ئي انهن پيارن کي طرحين طرحين ايذاءَ ڏيندا هئا. پر محمدي امت وارا هر زماني ۾ هڪ طرف پنهنجي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم سان اهو عشق ۽ محبت رکن ٿا جو پنهنجي جان، مال، اولاد ۽ آبرو سندن قدمن تان قربان ڪن ٿا.

سلام اس پر کہ جس کے نام لیوا ہر زمانے میں
بڑھا دیتے ہیں ٹکڑا سرفروشي کے فسانے میں

۽ ٻئي طرف هيءَ اعتدال ته رسول کي رسول(ﷺ) ۽ خدا کي خدا (جل شانه) سمجهن ٿا. حضور ﷺ جن کي انهن ڪمالات ۽ فضائل جي باوجود الله تعاليٰ جو ٻانهو ۽ رسول سمجهن ٿا.

ع بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر

عمل ۽ عبادت ۾ اعتدال، اعتقاد کان پوءِ عمل ۽ عبادت جو نمبر آهي. اڳين امتن کي ڏسو ته هڪ طرف اهي شريعت جي حڪمن کي پٺن پيسن تي وڪڻي رهيا آهن، رشوتون وٺي آسماني ڪتابن ۾ ترميم ڪري غلط سلط فتوائون ڏئي طرحين طرحين جا حيلا بهانا ڪري شرعي احڪام پيا بدلائين ۽ ٻئي طرف دنيا جا تعلقات ٽوڙيو عبادتخانن ۾ رهبانيت قبول ڪريو ويٺا آهن. الله تعاليٰ جي ڏنل حلال نعمتن کان به پاڻ کي محروم رکيو ويٺا آهن. پر محمدي امت هڪ طرف رهبانيت کي انسانيت تي ظلم قرار ڏنو آهي ته ٻئي طرف الله تعاليٰ جي حڪمن تي قربان ٿيڻ جو جذبو پيدا ڪيو آهي. ۽ قيصر ۽ ڪسريٰ جي تختن ۽ تاجن جا مالڪ بڻجي به دنيا کي هي ڏيکاريو اٿن ته دينداري ۽ سياست هڪ ٻئي جي خلاف نه آهن، مذهب صرف مسجدن ۽ درگاهن ۾ بند رهڻ لاءِ نه آيو آهي بلڪ ان جي حڪمراني بازارن ۽ دفترن تي به آهي ته وزارتن ۽ امارتن تي به- ان بادشاهيءَ ۾ فقيري ۽ فقيريءَ ۾ بادشاهي سيکاري آهي.

* معاشرتي ۽ تمدني اعتدال *

اڳين امتن ۾ اوهان هڪ طرف ڏسندؤ ته انساني حقن جي انهن کي ڪا پرواهه نه آهي، پنهنجن مقصدن جي خلاف جنهن کي ڏسندا ته ان کي قتل ڪرڻ، لٽڻ

سندن وڏو ڪمال آهي. عورتن کي زنده قبرن ۾ پوري ڇڏيندا هئا ۽ ٻئي طرف الله تعاليٰ جي حلال ڪيل جانورن جو گوشت نـہ کائيندا هئا. پر محمدي امت عليٰ نبيها الصلواة والسلام ائين نـہ آهي. انهن حلال کي حلال سمجهي استعمال ڪيو آهي ۽ حرام کي حرام سمجهي ان کان پري رهيا آهن. انهن عورتن جي حقن جي بہ حفاظت سيڪاري آهي ۽ انهن کي پوريءَ طرح سنڀاليو آهي.

* اقتصادي ۽ مالي اعتدال *

دنيا جي هر قوم ۽ هر ملت ۾ سڀ کان اهم مسئلو معاشيات ۽ اقتصاديات آهي. ان ۾ بہ اوهان کي ٻين ۾ طرحين طرحين جون بي اعتداليون نظر اينديون، هڪ طرف سرمائيداري نظام آهي، جنهن ۾ حلال ۽ حرام جي قيدن ۽ ٻين ماڻهن جي خوشحاليءَ يا بد حاليءَ کان اکيون بند ڪري زياده کان زياده دولت ڪمائڻ سڀ کان وڏي انساني فضيلت سمجهي ويندي آهي. ٻئي طرف شخصي ۽ انفرادي ملڪيت کي بنياد کان ئي جرم قرار ڏنو ويندو آهي. محمدي امت ۽ انهن کي مليل شريعت ان ۾ بہ اعتدال پيدا ڪيو آهي. هڪ طرف دولت کي زندگيءَ جو مقصد بنائڻ کان منع ڪئي آهي تہ ٻئي طرف دولت جي تقسيم لاءِ اهڙا پاڪيزه اصول ۽ قائدا مقرر ڪيا آهن، جن سان ڪو بہ انسان زندگيءَ جي ضرورتن کان محروم نـہ رهي ۽ نڪو ڪو فرد سموري دولت گڏ ڪري رکي سگهي. حلال مال جي فضيلت ۽ ان جي صحيح استعمال ڪرڻ جو طريقو بہ ايو ويو آهي.

" لِتَكُونُوا شُهَدَآءَ عَلَي النَّاسِ" يعني محشر ۾ نبين جا شاهد بنجي سندن امتن تي شاهدي ڏيو. جيئن صحيح بخاريءَ شريف ۾ حضرت ابو سعيد خدريءَ رضي الله عنه کان روايت آهي تـہ رسول الله جن فرمايو: يدعيٰ نوح عليه السلام يوم القيامه فيقول لبيک وسعديک يارب فيقول هل بلغت فيقول نعم فيقال لامته هل بلغکم فيقولون ما اتانا من نذير فيقول من يشهد لک يقول محمد وامته فيشهدون انه قد بلغ ويکون الرسول عليکم شهيدا . فذالک قوله عزوجل وکذالک جعلناکم امة وسطا لتکونوا شهداء علي الناس ويکون الرسول عليکم شهيدا..... " يعني قيامت جي ڏينهن نوح عليه السلام کي سڏيو ويندو پوءِ اهو عرض ڪندو تـہ حاضر آهيان اي منهنجا پالڻهار! پوءِ (الله تعاليٰ ان کي) فرمائيندو تـہ تو تبليغ ڪئي

هئي؟ عرض ڪندو تہ هائو! پوءِ وري ان جي امت کي چيو ويندو تہ: اوهان کي تبليغ ڪئي هيائين؟ اهي چوندا تہ اسان وٽ تہ ڪوبہ ڊيڄاريندڙ نہ آيو هو. پوءِ (الله تعاليٰ حضرت نوح عليه السلام کي) فرمائيندو تہ تنهنجو شاهد ڪير آهي؟ عرض ڪندو تہ: (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) ۽ ان جي امت. پوءِ اهي شاهدي ڏيندا تہ ان واقعي تبليغ ڪئي هئي. ۽ اهائي هن آيت مان مراد آهي.

علامه ابن المبارڪ هيءَ حديث ان ئي باري ۾ ڊگهي آندي آهي ۽ ان ۾ هي الفاظ آهن تہ: "پوءِ اهي امتون عرض ڪنديون تہ اسان تي اهي شاهدي ڪيئن ٿا ڏين جيڪي اسان جي وقت ۾ نہ هئا؟ الله تعاليٰ محمدي امت کي فرمائيندو تہ: توهان انهن تي شاهدي ڪيئن ٿا ڏيو جن جي وقت ۾ اوهان پيدا ئي نہ ٿيا هئا؟ عرض ڪندا تہ يا الله! تو اسان ڏي رسول (صلي الله عليه وسلم) موڪليو هو ۽ ان ڏانهن پنهنجو عهد ۽ ڪتاب لاٿو هو ۽ توئي بيان فرمايو هو تہ: انهن نبين (عليهم الصلواة والسلام) تبليغ ڪئي هئي پوءِ الله تعاليٰ فرمائيندو تہ سچ ٿا چون. ۽ اهوئي آهي الله تعاليٰ جو فرمان."وڪذلڪ جعلناڪم امة وسطا"(١)

هن آيت ۽ روايت مان ثابت ٿيو تہ محمدي امت علي نبيها الصلواة والسلام ايتري پلي آهي جو جنهن لاءِ جيڪا شاهدي ڏين ان لاءِ اهو حڪم جاري ٿيندو. هي الله تعاليٰ جي طرفان مقرر ڪيل شاهد آهن.

جيئن صحيح مسلم شريف ۾ حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ: نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن وٽان هڪ جنازو گذريو ۽ اتي ويٺلن ان جي ڀلي هجڻ جي ثنا ڪئي تہ پاڻ فرمايائون: "وجبت وجبت وجبت" ان کان پوءِ ٻيو جنازو آندو ويو. ان جي برائي بيان ڪئي وئي تہ بہ پاڻ فرمايائون تہ: "وجبت وجبت وجبت" (حضرت) عمر (رضي الله تعاليٰ عنه) عرض ڪيو تہ: اوهان تان منهنجو ابو ۽ امان قربان! اوهان ٻنهي لاءِ ساڳيا الفاظ ارشاد فرمايا. حالانڪ هڪ جي نيڪي ٻئي جي برائي بيان ڪئي وئي هئي؟ (مقصد ڇا آهي) پاڻ فرمايائون تہ: "جنهن لاءِ اوهان چڱي هجڻ جي ڳالهہ ڪئي ان لاءِ جنت واجب ٿي ۽ جنهن جو اوهان برو هجڻ بيان ڪيو ان لاءِ جهنم جي باهہ واجب ٿي. اوهان زمين ۾ الله جا شاهد آهيو. اوهان زمين ۾ الله جا شاهد آهيو. اوهان زمين ۾ الله جا شاهد آهيو.

(١) تفسير القرطبي ص ١٥٥ ج ١

۽ حضرت عباده بن صامت رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ: مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ: "اُعْطِيَتْ اُمَّتِيْ ثَلَاثًا لَمْ تُعْطَهٗ اِلَّا الْاَنْبِيَاءُ كَانَ اللّٰهُ اِذَا بَعَثَ نَبِيًّا قَالَ لَهٗ اُدْعُنِيْ اَسْتَجِبْ لَكَ وَقَالَ لِهٰذِهِ الْاُمَّةِ اُدْعُوْنِيْ اَسْتَجِبْ لَكُمْ وَكَانَ اللّٰهُ اِذَا بَعَثَ النَّبِيَّ قَالَ لَهٗ مَا جَعَلَ عَلَيْكَ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ وَقَالَ لِهٰذِهِ الْاُمَّةِ وَمَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ. وَكَانَ اللّٰهُ اِذَا بَعَثَ النَّبِيَّ جَعَلَهٗ شَهِيْدًا عَلٰي قَوْمِهٖ وَجَعَلَ هٰذِهِ الْاُمَّةَ شُهَدَاءَ عَلَي النَّاسِ. يعني منهنجي امت کي ٽي شيون اهڙيون عطا ٿيون آهن جيڪي نبين کانسواءِ ٻئي کي نہ مليون هيون. الله تعاليٰ جنهن وقت نبي کي موڪليندو هو تہ ان کي فرمائيندو هو تہ مون کان دعا گهر تہ قبول ڪيان هن امت کي بہ فرمايائين تہ: دعا گهرو تہ قبول ڪيان. ۽ جنهن وقت ڪنهن نبي کي موڪليندو هو تہ ان کي فرمائيندو هو تہ: توتي دين ۾ ڪو حرج نہ آهي ۽ هن امت کي بہ فرمايائين تہ: اوهان تي دين ۾ ڪو حرج نہ آهي ۽ جنهن وقت ڪو نبي موڪليندو هو تہ ان کي ان قوم تي شاهد بنائيندو هو ۽ هن امت کي بہ ماڻهن تي شاهد بنايائين. هيءَ روايت ابوعبدالله حڪيم ترمذيءَ نوادر الاصول ۾ آندي آهي. (١)

"لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا" (۽ رسول اوهان تي شاهد هوندو) يعني محبوبِ خدا، سيد الانبياء، سرورِ ڪون ومڪان صلي الله عليه تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجيءَ امت جي صداقت ۽ عدالت جي گواهي ڏيندا. ڇو تہ پاڻ پنهنجي هر امتيءَ جي حالات کان پوريءَ طرح واقف آهن. جيئن حضرت شاهہ عبدالعزيز محدث دهلويءَ عليه الرحمۃ پنهنجي تفسير فتح العزيز ۾ لکيو آهي تہ:

باشد رسول شما برشما گواه، زيرانکہ او مطلع است بنورنبوت بر رتبہ هر متدين بدين خود و درکدام درجه در دين من رسيده وحقيقت ايمان او چيست وحجابي کي بدان از ترقي محجوب مانده است کدام است پس اومي شناسد گناهانِ شمارا ودرجات ايمان شمارا واعمال نيک وبد شمارا واخلاص ونفاق شمارا. يعني اوهان جو رسول اوهان تي شاهدي ڏيندو ڇو تہ اهو نبوت جي نور سان هر ديندار جي رتبي کي ڄاڻي ٿو تہ اهو سندن دين ۾ ڪهڙي درجي تي پهتو آهي ۽ ان جي ايمان جي حقيقت ڇا آهي؟ ۽ اهو ڪهڙو پردو آهي جنهن جي ڪري ترقيءَ کان محروم

(١) تفسير القرطبي ص ١٥٥ ج ٢

آهي؟ پوءِ اهو اوهان جي گناهن ۽ ايمان جي درجن ، چڱن ۽ برن عملن ، اخلاص ۽ منافقيءَ کي سڃاڻي ٿو (١)

اهو ساڳيو مضمون علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمة به لکيو آهي جيڪو ترجمي ڪرڻ کان سواءِ نقل ڪجي ٿو ڇو تہ ترجمو ساڳيو آهي. ومعنيٰ شهادة الرسول عليهم اطلاعه عليٰ رتبة كل متدين بدينه وحقيقته التي هو عليها من دينه وحجابه الذي هو به محجوب عن كمال دينه فهو يعرف ذنوبهم وحقيقه ايمانهم واعمالهم وحسناتهم وسياتهم واخلاصهم ونفاقهم وغيرذالک بنور الحق. هنن لفظن جو ساڳيو حضرت شاه عبدالعزيز عليه الرحمه جي عبادت وارو مفهوم آهي. اڳتي لکيو اٿس تہ:

وامته يعرفون ذالک من سائر الامم بنوره عليه الصلواة والسلام (٢)

يعني سندن امتي ٻين امتن جا احوال حضور عليه الصلواة والسلام جي نور سان سڃاڻن ٿا.

مفسر بغويءَ حضرت ابوسعيد خدريءَ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ: قام فينا رسول الله صلي الله عليه وسلم يوما بعد العصر فما ترک شيئا الي يوم القيامة الا ذكره في مقامه ذالک حتيٰ اذا كانت الشمس عليٰ رؤس النخل واطراف الحيطان قال اما انه لم يبق من الدنيا فيما مضيٰ منها الا كما بقي من يومكم هذا وان هذه الامة توفيٰ سبعين امة هي اخيرها واكرمها علي الله عزوجل (٣) يعني هڪ ڏينهن وچينءَ نماز کان پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن اسان ۾ اٿي بيٺا. پوءِ قيامت تائين ڪا بہ شيءِ نہ ڇڏيائون مگر اها ان ئي جاءِ تي بيان فرمايائون تانجو جڏهن سج ڪجين جي چوٽين ۽ ڀتين جي پاسن تي ٿي بيٺو. (لهڻ کي ويجهو ٿيو) تہ فرمايائون: جيتري دنيا جي مدت گذري آهي ان لحاظ سان هينئر صرف ايتري بچي آهي جيترو وقت اوهان جي هن ڏينهن مان بچيو آهي. خبردار ۽ هيءَ امت ستر (٧٠) امتن کي پوري ڪرڻ واري آهي ۽ هيءَ انهن مان پوئين ۽ الله وٽ وڌيڪ عزت واري آهي. اهڙي روايت بهز بن حكيم سندس بابي کان ان پنهنجي پيءُ کان ڪئي آهي جيڪا ترمذيءَ، ابن ماجه ۽ دارميءَ ذڪر

(١) تفسير ضياءُ القرآن ص ١٠١ ج ١ (٢) تفسير روح البيان ص ٢٤٨ ج ١
(٣) تفسير مظهري ص ١٢٩ ج ١

ڪئي آهي. (١)

* فائدو *

هن حديث مبارڪ مان ثابت ٿيو تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي الله تعاليٰ جي عطا سان قيامت تائين ٿيڻ وارين شين جو علم آهي تڏهن تہ اتي جو اتي سڀ بيان فرمايائون. فتدبر.

* فائدو *

محمدي امت عليٰ نبيها الصلواة والسلام جي شاهديءَ کي ايتري اهميت ڏيڻ مان ثابت ٿيو تہ انهن جو ڪنهن مسئلي تي هڪراءِ ٿي فيصلو ڏيڻ بہ حجت ۽ دليل آهي جنهن کي امت جو اجماع سڏيو ويو آهي.

علامه احمد جيون لکيو آهي تہ: هن آيت مان دليل ٿو ملي تہ امت جو اجماع حجت آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ هن امت کي عدالت سان موصوف ڪيو آهي ۽ عدل مستحق آهي هن ڳالهہ جو، جو قبول ڪيو وڃي. پوءِ جيڪڏهن اهي ڪنهن ڳالهہ تي اجماع ڪن ۽ شاهدي ڏين تہ ان جو قبول ڪرڻ لازم آهي. (٢)

علامه محمد بن احمد انصاريءَ عليه الرحمه لکيو آهي تہ: وفيه دليل عليٰ صحة الاجماع ووجوب الحكم به لانهم اذا كانوا عدولا شهدوا علي الناس فكل عصر شهيد عليٰ من بعده فقول الصحابة حجة وشاهد علي التابعين وقول التابعين عليٰ من بعدهم (٣)

يعني هن ۾ اجماع جي صحيح هجڻ ۽ ان جي حڪم جي واجب هجڻ جو دليل آهي. ڇو تہ اهي جڏهن عادل آهن تہ ماڻهن تي شاهد بہ آهن ۽ هر پهريون زمانو پوئين تي شاهد آهي. پوءِ صحابن جو قول تابعيءَ تي حجت ۽ شاهد آهي ۽ انهن جو قول پويان اچڻ وارن لاءِ حجت ۽ دليل آهي.

مقصد تہ الله تعاليٰ حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي امت کي وڏين ۽ گهڻين نعمتن سان نوازيندي فرمايو تہ اسان اوهان کي ايترو مرتبو ۽ مان ڏنو آهي اوهان کي شريعت بہ ڏني آهي تہ طريقت بہ عطا ڪئي آهي. اوهان ۾ علماء بہ آهن

(١) تفسير مظهري ص ١٢٩ ج ١ (٢) تفسيرات احمديه ص ٤٤
(٣) تفسير القرطبي ص ١٥٤ ج ٢

تہ اولياءِ بہ. اوهان جو عمل ٿورو ۽ ان جو اجر گهڻو آهي. اوهان ان رحمت جي مينهن وانگر آهيو جنهن جو اول بہ ڀلو تہ پڇاڙي بہ ڀلي. اوهان جا پهريان اصحابي وچ ۾ اولياء ۽ علماء تہ آخر ۾ حضرت عيسىٰ ۽ حضرت امام مهدي آهن. اهڙيءَ طرح اوهان جنهن بہ ڪم ڪي ڀلو سمجهو تہ اهو ڀلو آهي. هن آيت سڳوريءَ جي مطالعي مان ڪجهہ فائدا حاصل ٿين ٿا جيڪي هتي لکجن ٿا.

* فائدو عـ١ *

شاهدي وٺڻ ۽ واقعي جي تحقيقات لاءِ پڇا ڳاڇا ڪرڻ علم غيب جي خلاف نہ آهي. الله تعالىٰ ڪي اڳين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي تبليغ ۽ انهن جي امتن جي انڪار جي خبر ۽ علم هو ان جي باوجود بہ انهن تي حجت قائم ڪرڻ لاءِ شاهديون وني ٿو. اها ان ۾ حڪمت آهي. نبي اڪرم، نورِمجسم صلي الله عليه وسلم جن کي بہ الله تعالىٰ علم غيب عطا فرمايو آهي پاڻ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ ڪنهن ملائڪ سڳوري يا اصحابيءَ رضي الله تعالىٰ عنه کان پڇي اٿن تہ ان ۾ بہ حڪمتون آهن ۽ اهو پڇڻ سندن بي خبر يا بي علم هجڻ جو دليل نہ آهي. پاڻ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها وعن ابيها جي واقعي جي تحقيقات فرمائي هيائون سا صرف دشمنن جي منهن بند ڪرڻ لاءِ تہ ڪو طرفداريءَ جو الزام نہ لڳائي باقي ڪين پنهنجي اهليه جي پاڪدامن هجڻ جو يقيني علم هو.

* فائدو عـ٢ *

مٿي لکيل حضرت ابوسعيد خدريءَ رضي الله تعالىٰ عنه جي روايت ڪيل حديث ۽ شاهہ عبدالعزيز ۽ علامه اسماعيل حقيءَ جي تفسيرن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي ٿو تہ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ محبوبن ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن کي قيامت تائين اچڻ وارن واقعن ۽ مخلوقات ۽ ان جي حالات جو علم عطا ڪيو ويو آهي ۽ پاڻ سيني کان واقف، حاضر ۽ ناظر آهن. جو تہ ٻُڌي گواهي تہ قيامت ۾ سندن امتي بہ ڏيندا پر انهن تي اڳيان امتي اعتراض ڪندا. مگر سندن شاهديءَ جو جڏهن ذڪر ٿيندو تہ اهي ان تي اعتراض نہ ڪندا ڇو تہ سندن شاهدي ٻُڌل نہ ڏٺل آهي.

* فائدو عـ۳ *

علامہ اسلاعيل حقيءَ جو قول ذکر کيو ويو تہ حضور صلي اللہ عليہ وسلم جي نور سان سندن ڪامل امتي بہ وڏو علم ۽ وڏي نگاھہ رکن ٿا ان جي ڪري سيدنا غوث اعظم عليہ الرحمہ جو فرمان ھو.

” نظرت الیٰ بلاداللہ جمعا   کخردلۃ علیٰ حکم اتصال“

يعني مون اللہ تعالیٰ جي سيني شهرن کي ائين ڏٺو آهي جيئن سرنهن جو داڻو هٿن سان ڳنڍيل نظر ايندو آهي.

* فائدو عـ۴ *

مٿي لکي آيا آهيون تہ مسلمانن جو اجماع حجت ۽ شرعي دليل آهي ان جي ڪري ميلاد شريف ملهائڻ، يارهين شريف ڪرڻ،عرس وغيره سڀ سٺا ڪم ۽ مستحب آهن ڇو تہ رسول اللہ صلي اللہ عليہ وسلم جن جي بي ادبن، گستاخن کان سواءِ ساري دنيا جا علماء، مشائخ بزرگ ۽ عام مسلمان انهن کي سهڻو سمجهي ڪن ٿا ڪائن ٿا ۽ انهن موقعن جي ملهائڻ جي ترغيب ڏين ٿا.

* فائدو عـ۵ *

نبي پاڪ عليہ الصلواۃ والسلام جن اللہ تعالیٰ جا مقرر ڪيل شاهد آهن پاڻ جنهن جي جنتي هجڻ جي شاهدي ڏين اهو جنتي آهي ۽ جنهن کي جهنمي چون ٿا اهو جهنمي آهي. پاڻ اصحابن سڳورن جي جنتي هجڻ جا شاهد آهن تہ انهن کي جيڪو جنتي نہ مڃي اهو سندن شاهديءَ جومنڪر آهي ۽ سندن شاهديءَ جو انڪارڪندڙ قرآن پاڪ جي هن آيت جومنڪر ۽ قرآن پاڪ جو منڪر، ڪافر، بي دين ۽ جهنمي آهي.

اهڙيءَ طرح پاڻ اهلبيت اطهار، حضرت اويس قرنيؓ، امام مهديؑوغيره جنهن جي بہ جنتي هجڻ جا شاهد آهن تہ يقيناً اهي جنتي آهن.

۽انهن جي جنتي هجڻ ۾ جيڪو شڪ ڪري اهو هن آيت جو منڪر،بي دين ۽ جهنمي آهي.

* فائدو ع ـ ٦ *

حضور صلي الله عليه وسلم جن سيني رسولن جا سردار ۽سيني کان افضل ۽ وڏي شرف وارا آهن ڇو تہ جڏهن سندن نسبت سان سندن امت ٻين سيني امتن کان ڀلي آهي تہ سندن اصحاب سڳورا ٻين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي اصحابن کان افضل ۽ سندن اهلبيت ٻين نبين عليهم االسلام جي اهلبيت کان افضل، سندن شهر مکو ۽مدينو ٻين نبين جي شهرن کان افضل تہ سندن ذات بابرکات جي افضل هجڻ ۾ کهڙو شڪ آهي؟

"وما جعلنا" کان بيت المقدس کي قبلو بنائڻ وري ان کان ڦيرائي بيت الله شريف کي قبلو بنائڻ جون حڪمتون بيان ڪيون ويون آهن. ١- هڪ تہ انهيءَ سان اهي ماڻهون جيڪي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي بنان چون وچرا جي اطاعت ڪندا آهن انهن کان جدا ٿين جيڪي هر ڳالهہ تي اعتراض ڪرڻ ۽ پنهنجي عقل جي سند حاصل ڪرڻ جا عادي آهن.

"لِنَعْلَمَ" جي عام معنيٰ آهي "تان تہ ڄاڻون" - پر ان سان هڪ شبهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا الله تعاليٰ ان کي پهريان ڪونہ ٿو ڄاڻي؟ ان جي ڪري فصاحت وارن جي سردار، بلاغت وارن جي امام، حضرت علي ڪرم الله وجهه جن فرمايو آهي تہ لِنَعْلَمَ جي معنيٰ لنريٰ آهي، يعني تان تہ ظاهر ڪري ڏسون ۽ جيڪا شيءِ قديم کان اسان جي علم ازليءَ ۾ آهي ان کي واقع ٿيندي ڏسون. (١)

٢- ٻيو تہ ان امر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ هاڻي سرداري ۽ نبوت بني اسرائيل کان نڪري اولاد اسماعيل ۾ آئي آهي. ان جي ڪري ڪعبہ کي قبلو بنايو ويو آهي. انهن جي لاءِ اها ڳالهہ تمام وڏي آهي. مگر جنهن کي الله تعاليٰ هدايت ڏي ٿو تہ اهو فرمان ايزديءَ کي تسليم ڪري، مڃي ٿو.

"وَمَاكَانَ اللّٰهُ لِيُضِيْعَ اِيْمَانَكُمْ" ۾ نماز کي ايمان سڏيو ويو آهي. بعضي اصحابن رضي الله عنهم اجمعين کي خيال ٿيو تہ جيڪي مسلمان بيت المقدس ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا رهيا ۽قبلي جي مٽجڻ کان اڳ ۾ سڀ وفات ڪري ويا، انهن جون اهي نمازون تہ ضايع ٿي ويون. انهن جي تسليءَ ۽ تسڪين لاءِ ٻڌايو ويو تہ الله تعاليٰ اوهان جي ايمان (نماز) کي ضايع نہ ڪندو. ڇو تہ بيت المقدس ڏي منهن

(١) تفسير القرطبي ص١٥٦ ج٢

ڪري نماز پڙهڻ بہ ان جي حڪم سان هو، ان جي ڪري انهن نمازن جي ضايع ڪرڻ جوسوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. الله تعاليٰ ماڻهن سان نهايت ئي ٻاجهارو ۽مهربان آهي.

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِى السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ

بيشڪ ڏسون پيا بار بار منهن ڦيرائڻ تنهنجي ڪي آسمان ڏانهن. پوءِ ضرور

قِبْلَةً تَرْضَاهَا ۠ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ

ڦيرائينداسون توکي ان قبلي ڏانهن جو راضي ٿيندين ان کان پوءِ ڦيراءِ پنهنجي

الْحَرَامِ ۗ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۗ

منهن کي مسجد حرام ڏانهن ۽ جتي بہ هجو پوءِ ڦيرايو پنهنجن منهن کي ان طرف

وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ

۽ بيشڪ اهي جو ڏنا ويا ڪتاب البتہ ڄاڻن ٿا تہ بيشڪ اهو حق آهي انهن جي

رَّبِّهِمْ ۗ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٤﴾

رب جي طرفان. ۽ نہ آهي الله غافل انهن ڪمن کان جو ڪن ٿا

تفسير

حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مديني منوره ۾ اچڻ کان پوءِ بيت المقدس ڏي منهن ڪري نماز تہ پڙهندا هئا مگرهڪ طرف ڪعبه شريف سندن ڏاڏي سيدنا ابراهيم خليل عليه الصلواة والسلام جو قبلو هو ۽ اهل عرب کي اسلام ڏي مائل ڪرڻ جو موثر ذريعو بہ هو تہ ٻئي طرف يهودين طعنا ٿي هنيا تہ

جيڪڏهن اسان جي مخالفت ٿا ڪن ته پوءِ اسان جي قبلي ڏي منهن ڪري نماز ڇو ٿا پڙهن. ان جي ڪري سندن شوق مبارڪ هو ته جيڪڏهن الله تعالىٰ فرمائي ته ڪعبه شريف ڏي منهن ڪري نماز پڙهون. علامه رازيؒ عليه الرحمة حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت ڪري لکيو آهي ته پاڻ جبرئيل عليه السلام کي فرمايو هيائون ته منهنجي ان ڳالهه سان محبت آهي ته مان بيت المقدس جي بجاءِ بيت الله شريف ڏي منهن ڪري نماز پڙهان. جبريل عرض ڪيو ته مان به حڪم جو بندو آهيان. اوهان الله تعالىٰ کي عرض ڪيو. (١)

يعني مان صرف مڃڻ وارو آهيان. اوهان مڃڻ وارا به آهيو، مڃائڻ وارا به- الله تعالىٰ اوهان جي دعا قبول ڪندو ۽ اوهان جي رضا چاهيندو آهي. پاڻ دعا گهريائون. ان کان پوءِ جبرئيل سڳوري جي اچڻ ۽ انهيءَ حڪم آڻڻ جي انتظار ۾ آسمان ڏانهن منهن مبارڪ کڻي پيا نهاريندا هئا (٢)

الله تعالىٰ کي پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي هيءَ ادا ايتري ته پياري ۽ سندن دل کي خوش رکڻ ايترو ته پسند ۽ مطلوب هو جو هن آيت ۾ اعلان ڪيائين ته اي محبوب ! (عليه الصلواة والسلام) جيڪو قبلو اوهان کي پسند آهي اهوئي اسان کي پسند آهي ۽ اوهان کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ڪعبه شريف ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ٿا ڪيون.

* سوال *

نريٰ جمع متڪلم مضارع جو صيغو آندو ويو آهي. راينا ماضيءَ جو صيغو ڇونه آندو ويو.؟

* جواب *

نريٰ جي معنيٰ ڏسون ٿا- ان ۾ ان ڳالهه ڏي اشارو آهي ته: اوهان جي منهن مبارڪ جو بار بار آسمان جي طرف کڻي نهارڻ اهڙي شيءِ نه آهي جو ان کي ماضيءَ (گذريل دور) جو قصو بنائي پيش ڪجي. بلڪ قدرتي نگاهون ان روح پرور منظر جو هر وقت مشاهدو ڪري رهيون آهن. اوهان جي بار بار نگاهن کڻڻ ۾ کهڙو نه محبوبيت جو عجيب انداز آهي. سبحان الله! ڄاڻڻ گهرجي ته فَلَنُوَلِّيَنَّكَ ۾

(١) تفسير ڪبير صـ ١٠٩ الجزء الرابع (٢) تفسير نعيمي صـ ٢١ ج٢

لَامَ ۽ نَ بئي تاڪيد جي لاءِ آهن. تاڪيدُ تحقيق ۽ قسم وارا ڪلما پڻ سان انهن ڪي اعتماد ڏيڻ لاءِ مگر پيارن سان اظهارِ ڪرم لاءِ آندا ويندا آهن جيئن قرآن پاڪ ۾ فرمان ايزدي آهي "فَلَاوَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ الاية (تنهنجي رب جو قسم ته ايمان نه آڻيندا.) مٿينءَ آيت ۾ خطاب جڏهن ته خاص حضور صلي الله عليه وسلم جن سان آهي ان جي ڪري قَدْ نَرٰى ۾ قد تحقيق جي معنيٰ وارو لفظ محبت جي اظهار لاءِ آهي ۽الله تعاليٰ جو ڏسڻ ظاهري اک سان نه آهي. ڇو ته اهو انهن ظاهري اعضاءِ ڪان پاڪ آهي جيڪي ڪڏهن خراب ٿين ته ڪڏهن عينڪ جي ضرورت محسوس ڪن، الله تعاليٰ ساريءَ مخلوق کي ڏسي ٿو مگر ڪافرن کي غضب سان گنهگارن کي رحم سان ۽ پنهنجن پيارن کي محبت سان - حضور صلي الله عليه وسلم جن کي گهڻن ماڻهن ڏٺو هو مگر جن محبت ۽ عشق سان ڏٺو اهي مومن، مسلمان ٿيا ۽ جن ابوجهل جي عداوت واريءَ نظر سان ڏٺو اهي ڪافر ۽ بي ايمان ٿيا.

"فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰهَا": (پوءِ ضرور ڦيرائينداسون اوهان کي ان قبلي ڏانهن جنهن کان اوهان راضي ٿيندؤ) هن جاءِ تي راضي ٿيڻ ناراض هجڻ جي مقابلي ۾ نه آهي يعني حضور صلي الله عليه وسلم جن بيت المقدس ڏي منهن ڪرڻ کان ناراض نه هئا. الله تعاليٰ جو محبوب عليه الصلواة والسلام الله تعاليٰ جي فرمان تي ناراض ڪيئن ٿيندو؟ پر مقصد آهي ته پاڻ بيت الله شريف ڏي منهن ڪرڻ ۾ وڌيڪ راضي هئا. هتي ان جو اظهار ڪيو ويو آهي ورنه نه بيت المقدس ڏي منهن ڪرڻ ۾ به پاڻ راضي هئا.

علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته! "تَرْضٰهَا" مجاز عن المحبة والاشتياق لانه عليه السلام لم يكن سا خطا للتوجهه الي بيت المقدس كارها له غير راض اي تحبها وتتشوق اليها لا لهوي النفس والشهوة الطبيعية بل لمقاصد دينية وافقت مشيئة الله تعاليٰ (۱)

. يعني تَرْضٰهَا ۾ مجاز استعمال ٿيل آهي. محبت ۽ شوق جي معنيٰ ۾ ڇو ته حضور عليه الصلوا ة والسلام جن بيت المقدس ڏي منهنِ ڪرڻ ۾ ڪاوڙ ڪندڙ، ناراض ٿيندڙ ۽ ڪراهت سمجهندڙ نه هئا هتي مراد هيءَ آهي ته ان ڏانهن اوهان محبت ۽ شوق رکو ٿا. نفساني خواهش ۽ طبعي تقاضا جي ڪري نه (ڇو ته نبي

(۱) تفسير روح البيان صـ۲۵۱ ج۱

انهن کان پاڪ آهي) پرديني مقصدن جي ڪري جيڪي الله تعاليٰ جي گهرجي موافق آهن.

فَوَلِّ وَجْهَكَ الخ: پوءِ مسجد حرام (بيت الله شريف واري مسجد) ڏانهن منهن ڦيرايو. هتي صرف منهن ڦيرائڻ نه پر سڄو جسم ڦيرائڻ مراد آهي، ڇو ته نماز ۾ سڄو جسم قبلي کي سامهون ڪبو آهي. پر انساني جسم ۾ منهن کي وڏي اهميت آهي ان جي ڪري ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ياوجه مان مراد ذات آهي. جيئن الله تعاليٰ جي شان ۾ آهي "فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ" اڳ ۾ وعدو هو ته اوهان کي اوهان جي خوش ڪرڻ لاءِ بيت الله ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ڪنداسين ۽ هن آيت ۾ اهو وعدو پورو ڪري حڪم ڪيو ويو آهي. هتي ٻئي فائدا معلوم ٿين ٿا

* فائدو ع ۱ *

ڪعبه مڪرمه جوقيامت تائين قبلو هجڻ حضور عليه الصلواة والسلام جي خوش ڪرڻ جي لاءِ آهي. آيت ۾ "قِبْلَةً" جي صفت تَرْضٰهَا آهي ۽ ان کان پوءِ "فَوَلِّ وَجْهَكَ" ۾ ف ترتيب جي آهي. يعني جڏهن ته اوهان ڪعبه مڪرمه کان وڏيڪ راضي آهيو ته ان ڏانهن ئي منهن ڪري نماز پڙهو، جنهن مان معلوم ٿيو ته ٻيا سڀ ماڻهو قانون جا منتظر آهن پر قانون محبوب عليه الصلواة والسلام جي رضا طلب ڪري رهيو آهي.

خداکي رضا چاهتے هيں دوعالم
خدا چاهتا هے رضائے محمد - صلي الله عليه وسلم

* فائدو ع ۲ *

جيڪڏهن شروع کان ئي ڪعبه شريف کي مستقل طرح حبيب ڪريم صلي الله عليه الصلواة والسلام جن ۽ سندن امت لاءِ قبلو مقرر ڪيو وڃي ها ته به ممڪن هو مگر بيت المقدس ڏانهن منهن ڪرائي پوءِ وري بيت الله شريف ڏي منهن ڪرڻ جو حڪم ڪرڻ ۽ ٻڌائڻ ته اهو اوهان جي خوش ڪرڻ جي لاءِ آهي ان ۾ سندن شانِ محبوبيت جي اظهار سان گڏ اهو به واضح ڪرڻو هو ته ڪعبه شريف تي مهرباني به حضور عليه الصلواة والسلام جن جي صدقي ٿي آهي. جوقيامت تائين

ايمان وارن جو قبلو بڻيو آهي. ان جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن نمازيءَ ڪي نبي ڪريم ﷺ جن نماز پڙهندي سڏين ته اهو نماز جي حالت ۾ سندن خدمت ۾ حاضر ٿئي ۽ اها حاضري فرض آهي ان ۾ جيتوڻيڪ قبلي کان منهن ڦري ويندو پر تڏهن به ان جي نماز باطل نه ٿيندي. امام بخاريؒ حضرت ابو سعيد بن المعلىٰ رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي ته: مون مسجد ۾ نماز پئي پڙهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مون کي سڏيو. پر نماز ۾ هجڻ جي ڪري مون ڪين جواب عرض نه ڪيو. (نماز پوري ڪرڻ) کان پوءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم ته مان نمازپڙهڻ ۾ مشغول هيس. پاڻ فرمايائون ته: " ڇاالله تعالىٰ جو فرمان نه آهي ته " اِسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ " جنهن وقت الله ۽ ان جو رسول اوهان کي سڏي ته ان کي قبول ڪيو الخ (١)

هن حديث جي شرح ڪندي علامه علي القاري عليه الرحمة لکيو آهي ته: قال الطيبي دل الحديث علىٰ ان اجابة الرسول لا تبطل الصلواة كما ان خطابه بقولك السلام عليك ايها النبي لا يبطلها (٢)

يعني هيءَ حديث دلالت ٿي ڪري هن ڳالهه تي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سڏ کي قبول ڪرڻ ۽ سندن خدمت ۾ حاضرِ ٿيڻ نماز کي نه ٿو ٽيجي، جيئن سندن ذات کي مخاطب ٿي نماز ۾ السلام عليک ايها النبي پڙهڻ نماز کي نه ٿو ٽيجي.

* فائدو ع ـ ٣ *

محبوب ڪريمِ صاحبِ خُلقِ عظيم صلي الله عليه وسلم جن جي ذات کي راضي ڪرڻ سندن رضا طلبيءَ لاءِ سهڻا عمل ڪرڻ شرک نه پر عين ثواب آهي جيئن قرآن پاک ۾ آهي: "وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ" (سوره توبه رکوع ٨)

يعني الله ۽ ان جو رسول وڌيک حقدار آهي جو ان کي راضي ڪن.

* فائدو ع ـ ٤ *

مسجد حرام (بيت الله شريف واري مسجد) ۾ ڪعبه شريف ڏانهن صفا ستھ تي بيهڻ ۽ اوڏانهن منهن ڪرڻ فرض آهي ۽ مڪي پاڪ جي شهر وارن کي

(١) مشكواة المصابيح ص١٨٤ فضائل القرآن (٢) مرقاة المفاتيح ص٥٧٩ ج٢

مسجد ڏانهن منهن ڪرڻ ۽ پري وارن کي بيت الله شريف واري طرف ڏانهن منهن ڪري نمازپڙهڻ فرض آهي. جيئن پاڪستان، هندستان وغيره وارن لاءِ اولهه جو طرف قبلو آهي. ان جي ڪري فرمان ٿيو "فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ" پوءِ پنهنجو منهن مسجد الحرام جي طرف ڦيراءِ. شريعت اسلاميه قيامت تائين اچڻ وارن نسلن ۽ پوريءَ دنيا جي ملڪن لاءِ مڪمل ضابطهءَ حيات آهي. ان جي ڪري شرعي حڪمن کي ايترو آسان رکيو ويو آهي جو هر ڳوٺ، جهنگل، جبل ۽ جزيري ۾ رهڻ وارا مسلمان ان تي پنهنجي مشاهدي سان عمل ڪن ۽ ڪنهن به مرحلي تي هروڀرو حسابات، رياضيءَ يا آلات وغيره جي ضرورت نه پوي. ۴۸ ڊگرين جو وسيع اولهه وارو طرف اوڀر وارن جي لاءِ قبلو آهي انهن ۾ جيڪڏهن پنجن ياڏهن ڊگرين جو فرق به ٿي وڃي ته انهن سان نماز تي ڪو به فرق نه ٿو پوي ۽ نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي هڪ حديث مبارڪ سان ان جي وڌيڪ وضاحت ٿئي ٿي. جيئن ترمذيءَ شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته "مابين المشرق والمغرب قبلة" (٣) يعني اوڀرءِ اولهه جو وچ قبلوآهي. هي مديني منوره وارن لاءِ سنڌن ارشاد آهي. ڇوته انهن جو قبلو اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ ڏکڻ طرف آهي. جيئن انهن لاءِ اوڀر ۽ اولهه جو وچ قبلو آهي. اهڙيءَ طرح سيني ماٿهن لاءِ انهن جي قبلي وارو پاسو قبلو آهي. ان حديث شريف گويا شطرالمسجدالحرام جي وضاحت ڪري ڇڏي آهي ته بيت الله شريف واري مسجد جو طرف ئي ڪافي آهي. مسجد جي ناهڻ وقت اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته سڌيءَ طرح بيت الله شريف جي طرف ڏي بيهي. ٻهراڙين ۽ جهنگلن ۾ يانئين آباديءَ ۾ جتي پراڻيون مسجدون به نه هجن ته اتي اوڀر، اولهه صحيح سمجهي ۽ قطب تاري کي نظر ۾رکي بيت الله شريف جواندازي سان طرف مقرر ڪجي. هن وقت جيڪي دنيا تي اوزار قطب نما وغيره ايجاد ٿيا آهن، انهن جو استعمال ڪرڻ به مفيد آهي. وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ الآية. (ڪٿي به هجو ته منهن مسجد حرام ڏي ڪري نماز پڙهو) درياءَ ۾ هجو يا خشڪيءَ تي، زمين تي يا جبل تي ، اوڀر ۾ يا اولهه ۾، ڏکڻ ۾ يا اتر ۾،جتي به هجو ۽ جڏهن به نماز پڙهو ته اوهان جو قبلو اهو آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته نماز ۾ ته اڪثر صورتن ۾ بيت الله شريف جي طرف منهن ڪري نماز پڙهڻ فرض آهي. پر ان کانسواءِ قرباني، تلاوتِ قرآن، ۽ مرندڙ جو

مرڻ وقت منهن قبلي ڏي ڪرڻ مستحب آهي.

"وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتَابَ" الخ. يعني يهودين ۽ نصارن جي علماء کي بہ اهو علم ۽ خبر آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو ٻن قبلن ڏي نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ان ۾ تبديلي اچڻ سڀ حق ۽ سچ آهي. اها صرف نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ذاتي راءِ نہ پر الله تعاليٰ جي طرفان آهي ڇوتہ سندن ڪتابن ۾ اهو لکيل آهي تہ نبي آخر الزمان صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي نبوت جي نشانين مان هڪ نشاني بہ آهي تہ پاڻ امام القبلتين آهن ۽ اڳين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام بہ اها خبر ڏني هئي. پر عيسائي ۽ يهودي مذهبي اڳواڻ عمدًا اها ڳالهہ لڪائين ٿا مگر الله تعاليٰ سندن ان عمل کان بي خبر نہ آهي اهو تہ سندن هر ڪردار کي ڄاڻي ٿو ۽ کين سزا بہ اهوئي ڏيندو.

مسجد حرام جي معنيٰ

هن آيت ۾ الله تعاليٰ بيت الله شريف جي چوڌاري قائم ٿيل مسجد کي المسجد الحرام سڏيو آهي ۽ بيت الله شريف جي ٻاهران وسيع علائقي کي حرم سڏيو ويو آهي. حرام جي معنيٰ آهي، ممنوع. (منع ڪيل) انهن جاين کي الله تعاليٰ شرف ۽ شان عطا ڪندي انهن جي حدن ۾ ڪيترا ڪم جيڪي ٻئي هنڌ جائز آهن، جيئن شڪار ڪرڻ وغيره هتي ناجائز ۽ منع ڪيا آهن. ان جي ڪري انهن کي المسجد الحرام يا حرم سڏيو ويو آهي. (١)

وَلَئِنْ اَتَيْتَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتَابَ بِكُلِّ اٰيَةٍ مَّا

۽ جيڪڏهن آڻيندؤ اهل ڪتاب وٽ هر دليل تہ بہ نہ تابعداري ڪندا قبلي اوهان

تَبِعُوْا قِبْلَتَكَ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ۚ وَمَا

جي جي ۽ نہ آهيو اوهان تابع انهن جي قبلي جا ۽ نہ اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي قبلي

بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ بَعْضٍ ۗ وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَ هُمْ

جا تابعدار آهن ۽ البتہ جيڪڏهن (بفرضِ محال) تابعداري ڪئي اوهان انهن جي

(١) المفردات للامام الراغب ص ١١٣

مِّنْ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ

سڌن جي ان کان پوءِ جو آيو اوهان وٽ علم تہ بيشڪ اوهان ان وقت ظالمن مان

الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٥﴾

(ڳڻيل) ٿيندا.

وقف لازم

تفسير

اَلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتَابَ (جيڪي ڪتاب ڏنا ويا) مان مراد ڇا آهي؟

ڄاڻڻ گهرجي تہ قرآن پاڪ ۾ هي لفظ ٽن قسمن جي ماڻهن لاءِ استعمال ٿيل آهي. هڪ توراة ۽ انجيل جي مڃڻ وارا ماڻهو- ٻيا توراة ۽ انجيل جا علماء پوپ، پادري وغيره - ٽيان توراة ۽ انجيل جي اسرار ۽ رموز کان واقف جن جي سيني کي الله تعاليٰ حق سمجهڻ ۽ مڃڻ لاءِ کوليو هو، جيئن حضرت عبدالله بن سلام رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ٻيا.

هتي اهي ٻئي قسم وارا مراد آهن. يعني اهي علماء جن کي توراة ۽ انجيل جو علم عطا ٿيو هو مگر حسد جي ڪري مڃڻ کان منڪر رهيا. انهن کي هر قسم جا عقلي، نقلي دليل ڏنا ويا سندن ڪتابن ۾ اهو لکيل ڏيکاريو ويو تڏهن بہ ايمان نہ آندائون. الله تعاليٰ پنهنجي رسول مقبول، محبوب، معظم، نبي مڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي تسلي ڏيندي فرمايو تہ: اوهان انهن جي اعتراضن کان پريشان نہ ٿيو، اهي نہ مڃيندا تہ ڇا ٿي پيو.

" وَمَا اَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ " اوهان بہ انهن جي قبلي جي تابعداري ڪندڙ نہ آهيو.

علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: وقالوا لو ثبت عليٰ قبلتنا لكنا نرجو ان يكون صاحبنا الذين ننتظره وطمعوا في رجوعه اليٰ قبلتهم (١)

(١) تفسير روح البيان ص ٢٥٢ ج ١

يعني ڪافرن (يهودين ۽ نصارن) جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن اسان جي قبلي ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ تي ثابت رهن ها تہ اسين اميد رکون ها تہ هي اهو ئي نبيٰ آهي جنهن جو اسان ڪي انتظار هو. ۽ ان چوڻ جي باوجود هو ان خوشفهميءَ ۾ مبتلا هئا تہ وري اسان جي قبلي ڏي رجوع ڪندو. پر هن جملي سندن اميدن تي پاڻي ڦيرائي ڇڏيو ۽ ٻڌايو تہ قبلو الله تعاليٰ جي حڪم سان بدلجندو آهي ماڻهن جي خواهشات جو ان ۾ ڪوبہ دخل نہ آهي.

هن ڪان پوءِ اهو بہ واضح ڪيو ويو تہ اهي يهودي ۽ نصاريٰ هڪ ٻئي جي قبلي ڪي بہ تسليم نہ ٿا ڪن عيسائي بيت المقدس جي صخره واري طرف منهن نہ ٿا ڪن تہ يهودي اوڀر واري پاسي ڏانهن منهن ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن.

جڏهن اهي گمراهيءَ هوندي بہ پنهنجي فيصلي تي پڪا آهن تہ مسلمان حق تي هجڻ جي باوجود پنهنجي قبلي جي تابعداري ڪيئن ڇڏيندا.

”وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَ هُمْ“- الآية(۽ جيڪڏهن اوهان انهن جي خواهشات جي تابعداري ڪئي تہ:)

هن جملي ۾ بظاهر خطاب حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان آهي پر ان مان مراد سندن امت آهي. ڇو تہ خواهشات جي تابعداري امت ڪان ممڪن آهي، باقي نبي سڳوري صلي الله عيله وسلم جن جي ذات والا صفات تہ صغيرن گناهن ڪان ئي معصوم آهي ممڪن ئي نہ آهي جو ان ڪان اهڙو ڪم صادر ٿئي. پر مضمون جي اهميت ڪي نظر ۾ رکندي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان خطاب ڪيو ويو آهي.

مفسرِ قرآن علامه محمد بن احمد انصاريؒ عليه الرحمة هن جملي جي تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: الخطاب للنبي صلي الله عليه وسلم والمراد امته الخ (١)

يعني خطاب نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن سان آهي ۽ مراد سندن امت آهي.

امام رازيؒ عليه الرحمه لکيو آهي تہ: ان ظاهر الخطاب وان ڪان مع الرسول الا ان المراد منه غيره الخ (٢)

يعني ظاهر ۾ خطاب نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن سان آهي پر ان مان مراد ٻيا آهن.

(١) تفسير القرطبي ص ١٦٢ ج ٢ (٢) تفسير ڪبير ص ١٢٧ جلد ٣ ء جزء ٤

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ

اهي شخص جو ڏنو اسان انهن کي ڪتاب سڃاڻن ٿا ان کي جيئن سڃاڻن ٿا

اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَهُمْ

پنهنجن پٽن کي ۽ بلاشڪ هڪ جماعت انهن مان البته لڪائن ٿا حق ۽ اهي

يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۴۶﴾ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ

ڄاڻن ٿا. هيءُ حق آهي تنهنجي رب جي طرفان پوءِ هرگز نہ هج تون شڪ

الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۱۴۷﴾

ڪندڙن مان

وقف منزل

ع ١٧

تفسير

هن جاءِ تي بيان فرمايو ويو آهي تہ: جن کي اسان ڪتاب ڏنو يعني يهودي ۽ نصاريٰ ان کي ائين ٿا سڃاڻن جيئن پنهنجن پٽن کي. ڪنهن کي ٿا سڃاڻن؟ ان ۾ اختلاف آهي. ڪي مفسر سڀ ڳورا چون ٿا تہ ان مان مراد آهي، قبلي جي تبديليءَ جو حڪم جيڪو اڳين ڪتابن ۾ بہ صاف لکيل هو تہ نبي آخر الزمان، سيد انس وجان حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي لاءِ بيت المقدس قبلو ٿيندو ۽ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سندن راضي ڪرڻ جي خاطر بيت الله شريف کي هميشه جي لاءِ قبلو بنايو ويندو. ان ڄاڻ ۽ سڃاڻ هوندي بہ ان حڪم کي ڪونہ ٿا تسليم ڪن. عبد بن حميد ۽ ابن جرير قتاده سڳوري ڪان اها روايت آندي آهي(۱) ۽ جمهور مفسرن وٽ يعرفونه جو ضمير (ہ) حضور صلي الله تعاليٰ عليه

(۱) تفسير الدر المنثور ص ۳۵٦ ج ۱

وسلم جن ڏي ٿو موٽي. مراد هيءَ آهي ته اهي نبي اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي اهڙيءَ طرح ٿا سڃاڻن جيئن پنهنجن پٽن کي. علامه بيضاويءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته: الضمير لرسول الله صلي الله عليه وسلم وان لم يسبق ذكره لدلالة الكلام عليه وقيل للعلم او القرآن او التحويل (١)

يعني (ه) ضمير نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن لاءِ آهي. جيتوڻيڪ مٿي الفاظ ۾ ته سندن ذڪر نه آهي جو اوڏانهن ضمير ورائجي پر ڪلام جو محاورو ان ڳالهه تي دلالت ڪري ٿو ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته ان مان مراد علم آهي يا قرآن يا قبلي جي تبديلي.

محدث عبدالرزاق، عبد بن حميد، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ۽ ابو الشيخ قتادة سڳوري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: يعرفونه جي ضمير مان مراد نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن آهن. (٢)

مقصد ته اهي يهودي علماء ۽ نصاريٰ جا مذهبي پيشوا نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي گهڻو سڃاڻن ٿا ته اهو الله تعاليٰ جو سچو نبي (صلي الله عليه وسلم) آهي. علامه ابوحيان اندلسيءَ عليه الرحمة روايت آندي آهي ته هڪ ڀيري حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جن توراة جي عالم حضرت عبدالله بن سلام رضي الله تعاليٰ عنه کان پڇيو ته: الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ ٻڌايو آهي ته يهودي نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي اهڙو ٿا سڃاڻن جهڙو پنهنجن پٽن کي اهو ڪيئن آهي؟ ان عرض ڪيو ته: اي اميرالمومنين! مون جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت ڪئي ته مون کين ائين سڃاتو جيئن پنهنجي پٽ کي ٿو سڃاڻان. بلڪ سندن سڃاڻپ اجان وڌيڪ آهي. حضرت عمر رضي الله عنه ڪانئس پڇيو ته وڌيڪ ڪيئن؟

عرض ڪيائين ته: مان شاهدي ٿو ڏيان ته (حضرت) محمد صلي الله عليه وسلم جن الله تعاليٰ جا سچا رسول آهن ۽ الله تعاليٰ سندن صفت جو بيان اسان جي ڪتاب ۾ آندو آهي. پر اسان جا پٽ جيڪي اسان جي عورتن جي پيٽن مان نڪرن ۽ ڄمن ٿا انهن عورتن تي ڪهڙو اعتماد آهي ته اهو نسل اسان جو آهي يا ڪنهن ٻئي جو. حضرت عمر رضي الله عنه کيس فرمايو ته: اي ابن سلام! الله تعاليٰ توکي توفيق عطا ڪئي آهي تو سچ چيو آهي ائين چوڻ کان پوءِ حضرت عمر رضي الله

(١) تفسير البيضاوي ص ١١٤ ج ١ (٢) تفسير الدر المنثور ص ٣٥٦ ج ١

تعاليٰ عنه سندس مٿي تي چمي ڏني (١)

طبرانيءَ شريف حضرت سلمان فارسيءَ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ: مان جڏهن سچي دين جي طلب لاءِ نڪتس ۽ يهودين ۽ عيسائن جي عالمن سان مليس تہ اهي چوندا هئا تہ: هن وقت عرب مان نبي صلي الله عليه وسلم جن جي ظهور جو وقت اچي ويو آهي ان جون ڪيتريون نشانيون آهن جن مان هڪ هيءَ آهي تہ ان جي ٻن ڪلهن جي وچ ۾ نبوة جي گول مهر هوندي (جنهن سان سڃاتو ويندو) (٢)

مطلب تہ:

اهل ڪتاب جي ڪتابن ۾ محبوبِ خدا صلي الله عليه وسلم جو حليو مبارڪ، اعليٰ اخلاق، سهڻا اوصاف، معجزات،ڪمالات، فيوضات ۽ علامات صاف صاف لکيل هئا. پر انهن مان هڪ جماعت ڄاڻڻ جي باوجود حق کي لڪائي رهي آهي ۽ هيءَ قبلي جو ڦيرائڻ حق آهي.

” فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ “ (پوءِ هرگز شڪ ڪندڙن مان نہ ٿيءُ) هن جملي ۾ رسول الله صلي لله عليه وسلم جن کي فرمان ٿيو آهي تہ شڪ ڪندڙن مان اصل نہ هجو. پر نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن شڪ ڪرڻ کان پاڪ آهن ان جي ڪري مفسرن لکيو آهي تہ: والخطاب للنبي صلي الله عليه وسلم والمراد امته (٣)

يعني خطاب نبي صلي الله عليه وسلم جن سان آهي ۽ مراد سندن امت آهي.

* سوال *

يهودين ۽ نصارن جا علماء حضور صلي الله عليه وسلم جن کي ائين ٿا سڃاڻن جيئن پنهنجن پٽن کي- ائين ڇو نہ چيو ويو تہ پنهنجين نياڻين کي يا پنهنجن سرن کي؟

* جواب *

اهو ان جي ڪري جو پٽن کي پيءُ کان سواءِ ٻيا بہ سڃاڻن ٿا تہ هيءُ فلاڻي جو پٽ آهي. جيڪڏهن ضرورت پئجي وڃي تہ ڪوڙ شاهد شاهدي ڏيندا تہ هيءُ ان جو

(١) تفسير البحر المحيط ص ٤٣٥ ج ١ (٢) تفسير الدر المنثور ص ٣٥٧ ج ١

(٣) تفسير القرطبي ص ١٦٣ ج ٢ روح المعاني ص ١٤جزء ٣ جلد ١

پڻ آهي گرنياٽيءَ لاءِ ايتري ٻاهر خبر نہ هوندي آهي. حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن لاءِ ٻيا شاهد بہ هئا ۽ آهن تہ پاڻ واقعي الله تعاليٰ جا سچا رسول (صلي الله عليه وسلم) آهن ۽ ائين بہ نہ چيو ويو تہ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي اهڙيءَ طرح تا سڃاڻن جيئن پنهنجن پٽن کي يا پنهنجي پاڻ کي. ڇو تہ پنهنجي پاڻ کي بہ انسان دنيا ۾ اچي هوش سنڀالي پوءِ سڃاڻندو آهي، مگر پٽ کي تہ ننڍي هوندي کان بلڪ اڃان اهو امڙ جي پيٽ ۾ هوندو آهي تہ سڃاڻبو آهي تہ هيءُ منهنجو اولاد آهي. حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اڃان والده ماجده جي وجود مسعود ۾ ئي هئا تہ اهل ڪتاب وارن کي سندن ڪتابن ۾ موجود لکيت جي ذريعي اهو علم هو تہ پاڻ اچي رهيا آهن. ۽ ننڍيءَ عمر ۾ بہ ڪين سيني سڃاتو هو تہ پاڻ ئي نبي آخر الزمان آهن. اهي سندن صورت مبارڪ ڏسندي ئي سڃاڻندا هئا تہ هيءُ الله پاڪ جو پاڪ رسول (صلي الله عليه وسلم) آهي.

وَلِكُلٍّ وِّجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ ۗ أَيْنَمَا

۽ سڀ ڪنهن جي لاءِ هڪ طرف آهي جو اهو ان ڏانهن منهن ڪندڙ آهي پوءِ

تَكُونُوا يَأْتِ بِكُمُ اللَّهُ جَمِيعًا ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ

اڳرائي ڪيو نيڪين ۾ ڪٿي بہ هوندؤ تہ آڻيندو اوهان کي الله گڏ ڪري. بيشڪ

شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٤٨﴾

الله هر شيءِ تي قادر آهي.

تفسير

قبلي جي تبديليءَ کان پوءِ يهودين ۽ منافقن مسلمانن تي اعتراضن جا انبار لڳائي ڇڏيا هئا ۽ سادن ۽ نون مسلمانن کي طرح طرح جي مڪر ۽ فريب سان اسلام کان برغلائڻ ۽ ڦيرائڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون هيائون. قرآن پاڪ ان

سيني جي شور ۽ بيجا اعتراضات جو هڪ ئي چپ ڪرائيندڙ جواب ڏنو ته ان ۾ اعتراضات جي کهڙي ڳالهه آهي. مسلمانن کان اڳ ۾ جيتريون به امتون گذريون آهن سيني لاءِ هڪ قبلو مقرر هو جنهن ڏانهن منهن ڪري عبادت ڪندا هئا. جيڪڏهن اسلام جي پيغام آڻيندڙ نبي عليه الصلواة والسلام پنهنجي رب جي حڪم مطابق ڪعبه کي پنهنجيءَ امت جو قبلو مقرر ڪيو ته کهڙي انوکي ڳالهه آهي جنهن تي اعتراضن جي وارووار ڪئي ٿي وڃي.

الله تعاليٰ جي حڪمت جي تقاضا ئي اها آهي ته ملت ابراهيميءَ جي علمبردار، نسلِ اسماعيل مان ايندڙ نبي عليه الصلواة والسلام ۽ سندس امت جي لاءِ ڪعبه شريف کي قبلو بڻايو وڃي جيڪو حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما الصلواة والسلام جي مبارڪ ۽ مقدس هٿن سان نهي تيار ٿيو آهي.

فائدو

جيئن نماز لاءِ قبلو ضروري آهي ۽ هر ملڪ وارن جو طرف پنهنجو پنهنجو آهي ڪي اوڀرڏي ته ڪي اولهه ڏي ڪي اتر ڏي ته ڪي ڏکڻ ڏي منهن ڪري ٿا نماز پڙهن، تيئن دل، دماغ، روح، خيال ۽ اعمال جو قبلو به جدا جدا آهي.

نفس جو قبلو دنيا ۽ دنيا جا سينگار آهن، شيطان جو قبلو گناهه ۽ بدڪاري آهي، قلب جو قبلو ايمانداري ۽ تقويٰ آهي. روح جو قبلو الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. مسلمانن کي روحاني ۽ قلبي قبلي تي رهي نيڪين ۾ اڳرائي ڪرڻ گهرجي. ۽ ان اڳرائيءَ جي ڪري سندن دل تي معرفت جا انوار وسندا ۽ حقيقت کي ڪليل سامهون ڏسندا.

آخر ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته: اوهان ڪٿي به هوندؤ الله تعاليٰ اوهان کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪندو ۽ اهو ان لاءِ ناممڪن يا مشڪل نه آهي ڇو ته الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي.

وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ

۽ جتان به نڪرين ته پوءِ پنهنجو منهن مسجد حرام جي طرف ڦيراءِ ۽ بيشڪ

الْحَرَامِ ؕ وَإِنَّهُ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا

اهو حق آهي تنهنجي رب جي طرفان. ۽ نه آهي الله غافل ان کان جيڪو

تَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٤٩﴾ وَمِنۡ حَيۡثُ خَرَجۡتَ فَوَلِّ وَجۡهَكَ

ڪيوٿا ۽ جتان به نڪرين ته پوءِ ڦيراءِ پنهنجو منهن مسجد حرام جي طرف

شَطۡرَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ ؕ وَحَيۡثُ مَا كُنۡتُمۡ فَوَلُّوۡا

۽ جتي به هجو پوءِ ڦيرايو پنهنجن منهن کي ان جي طرف. تان ته

وُجُوۡهَكُمۡ شَطۡرَهٗ لِئَلَّا يَكُوۡنَ لِلنَّاسِ عَلَيۡكُمۡ حُجَّةٌ

نه هجي ماڻهن لاءِ اوهان تي ڪا حجت مگر جن ظلم ڪيو انهن

اِلَّا الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡهُمۡ فَلَا تَخۡشَوۡهُمۡ وَاخۡشَوۡنِىۡ

مان پوءِ نه ڊڄو انهن کان ۽ ڊڄو مون کان ۽ تان ته پوري ڪيان

وَلِاُتِمَّ نِعۡمَتِىۡ عَلَيۡكُمۡ وَلَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿١٥٠﴾

پنهنجي نعمت اوهان تي ۽ تان ته اوهان هدايت وارا ٿيو

تفسير

هنن آيتن ۾ المسجد الحرام ڏي منهن ڪرڻ جو حڪم ٽي ڀيرا آيو آهي ان تاڪيد ۾ اها حڪمت آهي ته قبلي جي تبديليءَ جي حڪم تي مخالفن ته گهڻو شور ٿي ڪيو پر مسلمانن کي به ان جي حڪمت سمجهڻ لاءِ ڪافي اضطراب هو ايتري تاڪيد سان ان حڪم کي بيان ڪرڻ سان هڪ ته انهن جي قلبن کي اطمينان ۽ سڪون حاصل ٿيو پيو ته بار بار دهرائڻ سان اها خبر پئي ته هي قبلي جي تبديلي آخري ۽ قطعي آهي ان کان پوءِ ڪا به تبديلي نه ايندي.

پهرئين ڀيري وارو حڪم "فَوَلِّ وَجۡهَكَ شَطۡرَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ وَحَيۡثُمَا كُنۡتُمۡ

فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ" حضر جي حالت لاءِ آهي يعني جڏهن پنهنجي جاءِ يا شهر ۾ آهيو تہ ڪعبہ شريف ڏي منهن ڪيو ۽ ان ڳالھ پوءِ پوريءَ امت کي ان جو حڪم ڏنو ويو ۽ "حيثما كنتم" جو مفهوم اهو آهي تہ اهو حڪم صرف نبوي مسجد لاءِ نہ پر پنهنجي وطن ۽ شهر ۾ جتي بہ هجو ڪعبه شريف ڏي منهن ڪري نماز پڙهو. ان کان پوءِ "من حيث خرجت" جي لفظن صفا واضح ڪيو آهي تہ هيءُ حڪم وطن کان نڪرڻ ۽ سفر جي حالت لاءِ آهي ۽ جڏهن تہ سفر جون حالتون بہ مختلف هونديون آهن ڪڏهن پنڌ ڏينهن لاءِ ڪنهن ڳوٺ ۾ رهڻ ٿئي ٿو، ڪڏهن سفر ختم ڪرڻ جو سلسلو هوندو آهي انهن ٻنهي حالتن کي عام ڪرڻ لاءِ ٽيون ڀيرو وري هنن لفظن سان وَحَيْثُمَا كُنْتُمْ جو اضافو ڪري ٻڌايو ويو تہ سفر جي ڪهڙي بہ حالت هجي هر حالت ۾ نماز ۾ ڪعبه شريف ڏي سامهون ٿيڻو آهي. ان ٽئين ڀيري جي آڌڻ کان پوءِ قبلي جي تبديليءَ جي هڪ حڪمت اها بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ: ڪعبه شريف ڏي منهن نہ ڪرڻ جي ڪري اهلِ ڪتاب ۽ مشرڪ اوهان تي اعتراض ڪندا ۽ اهو اعتراض صحيح بہ هوندو اهلِ ڪتاب چوندا جڏهن توراة ۽ انجيل ۾ چٽو ۽ واضح طرح لکيل آهي تہ نبي آخر الزمان صلي الله عليه وسلم جن جو قبلو ڪعبه شريف هوندو ۽ پاڻ ان ڏانهن منهن نہ ٿو ڪري تہ پوءِ اهو نبي (صلي الله عليه وسلم) نہ آهي جنهن جو اسان جي ڪتابن ۾ ذڪر آهي ۽ مشرڪ چوندا تہ (حضرت) محمد صلي الله عليه وسلم جن ملت ابراهيميءَ تي هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا پر ان جي قبلي کي قبلو نہ ٿا سمجهن.ان کان پوءِ الله تعاليٰ فرمايو تہ "مان پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ٿو ڪيان" ان نعمت مان مراد ڪعبه شريف کي قبلو بنائڻ آهي ۽ واقعي اها وڏي نعمت آهي ڇو تہ ان سان ملت اسلاميہ کي هڪ مخصوص ۽ محسوس مرڪز عطا ڪيو ويو آهي، جو انهن جي عبادات ۽ توجهات جي مرجع هجي. تانت رنگ، زبان، قوميت ۽ وطن جي سيني اختلافات جي باوجود انهن کي ڏسڻ وارو يقين ڪري تہ هيءَ هڪ قوم آهي جو انهن جي توجهات جو مرڪز بہ هڪ آهي تہ حياتيءَ جو مقصد بہ هڪ. قبلي جي تبديليءَ ۾ ان ڳالھ ڏي بہ اشارو هو تہ هاڻي دنيا جي قيادت بني اسرائيل کان منتقل ٿي بني اسماعيل ۾ آئي آهي. اها سرفرازي ۽ شرف بہ هڪ عظميٰ نعمت آهي.

كَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ

جيئن موڪليوسون اوهان ۾ رسول اوهان مان پڙهي ٿو اوهان جي اڳيان آيتون

اٰيَاتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ وَيُعَلِّمُكُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ

اسان جون ۽ پاڪ ٿو ڪري اوهان کي ۽ پڙهائي ٿو اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت ۽

وَيُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٥١﴾

پڙهائي ٿو اوهان کي اهي ڳالهيون جو اوهان نه ڄاڻندا هئا

مع عند المتاخرين

تفسير

ڪعبه شريف جي تعمير وقت جيڪا دعا حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام گهري هئي ته يا الله! هن شهر ۾ رهندڙن ڏانهن هنن صفتن وارو رسول صلي الله عليه وسلم مبعوث فرماءِ. هن آيت ۾ اهو ٻڌايو ٿو وڃي ته اها دعا مقبول هئي ۽ اهو رسول صلي الله عليه وسلم انهن سڀني صفتن سان موصوف ٿي تشريف فرما ٿيو آهي.

* باطني علوم جي تعليم *

هن آيت سڄوريءَ ۾ "وَيُعَلِّمُكُمْ" ٻيو ڀيرو آڻڻ ۾ ان ڳالهه ڏي اشارو آهي ته اها تعليم ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم کان جدا ٻيو قسم آهي. علامه ثناءُ الله پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته: تڪرار الفعل يدل عليٰ ان هذا التعليم من جنس آخر ولعل المراد به العلم اللدني الماخوذ من بطون القرآن ومن مشكواة صدر النبي صلي الله عليه وسلم الذي لاسبيل اليٰ دركه الا الانعكاس (١)
يعني يُعَلِّمُ جو فعل به ڀيرا آڻڻ ان ڳالهه تي دلالت ٿو ڪري ته اها تعليم ڪتاب ۽

(١) تفسير مظهري ص ١٣٨ ج ١

حڪمت جي تعليم کان جدا آهي ۽ شايد ان مان مراد لدني علم آهي جيڪو قرآن ڪريم جي باطن ۽ نبي مڪرم، نورِ مجسم، صلي الله عليه وسلم جن جي پرنور ۽ روشن سيني کان حاصل ٿيندو آهي. ۽ ان جي حصول جو ذريعو هي مروج پڙهڻ ۽ پڙهائڻ نہ آهي بلڪ انعڪاس آهي. يعني قرآن جي سج جا چمڪارا ۽ نبوت جي چنڊ جا شعاع دل جي آئيني تي ايندا آهن. ڪامل ولي جيڪي نبوت جي انوار جا صحيح وارث هوندا آهن اهي بہ پنهنجن صفائيءَ وارن مريدن تي اهڙي قسم جي علوم ۽ معارف جو القاءُ ڪندا آهن. ڄاڻڻ گهرجي تہ هن آيت سڳوريءَ ۾ غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا.

* فائدو ع‍ ١ *

محبوب عليه الصلواة والسلام جي ذات جو عطا ٿيڻ نعمت آهي. ڇو تہ ڪَمَآ اَرۡسَلۡنَاکَ جي ڪ تشبيه واري جو تعلق "ولاتم نعمتي عليڪم" سان آهي ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ هيءَ نعمت ٻين سڀني نعمتن کان وڏي آهي. ٻيون نعمتون فاني آهن حضور صلي الله عليه وسلم جن جون مهربانيون هميشه آهن مرڻ کان پوءِ ٻيا ڇڏي ويندا حبيب اڪرم صلي اللهعليه وسلم جن جو قبر ۾ بہ ديدار ٿيندو. ۽ ٻيون نعمتون سڀ سندن صدقي وجود ۾ آيون آهن. "لولاڪ لما خلقت الافلاڪ" صحيح حديث آهي جيئن علامه عليَ قاري موضوعات ڪبيره ۾ ثابت ڪيو آهي (١)

* فائدو ع‍ ٢ *

قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ بہ ضروري آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ بہ لازم جو شخص صرف تلاوت ڪري عمل نہ ڪري يا عمل تہ ڪري پر تلاوت نہ ٿو ڪري تہ اهو بدنصيب آهي.

* فائدو ع‍ ٣ *

قرآن پاڪ صرف ٻوليءَ ڄاڻڻ يا عقل سان سمجهہ ۾ نہ ايندو قرآن پاڪ جي سمجهڻ جي لاءِ نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي تعليم جي ضرورت آهي.

(١) تفسير نعيمي ص ٥٦ ج ٢

* فائدو ع۔۴ *

ظاهري، باطني، پاڪائي حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪان ملندي انهن کي ڇڏي ڪري صرف قرآن پاڪ پڙهڻ وارو ڪڏهن به پاڪ نه ٿي سگهندو.

* فائدو ع۔۵ *

قرآن پاڪ جو علم اهو آهي جو ان جي پڙهائڻ لاءِ الله تعاليٰ نبين عليهم الصلواة والسلام جي سردار صلي الله عليه وسلم کي موڪليو سائنس يا ٻين علمن جي پڙهائڻ لاءِ ڪو نبي نه موڪليو ويو مگر قرآن پاڪ انهن سڀني ڪان مٿي آهي جو ان جي تعليم جو ايترو اهتمام ڪيو ويو. ۽ اهو به ثابت ٿيو ته حضور صلي الله عليه وسلم جن هر امتيءَ جي هر عيب ۽ گناه ڪان واقف آهن تڏهن ته انهن کي انهن گناهن ۽ غلطين ڪان پاڪ ٿا ڪن.

ع ١٨ ٥ ٢

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾

پوءِ مون کي ياد ڪيو ته مان اوهان کي ياد ڪيان ۽ منهنجو شڪر ڪيو ۽ منهنجي بي شڪري نه ڪيو

تفسير

ذڪر جي معنيٰ آهي ياد ڪرڻ. جنهن جو تعلق قلب سان هوندو آهي. زبان سان ذڪر ڪرڻ کي به ان جي ڪري ذڪر سڏيو ٿو وڃي جو زبان قلب جو ترجمان آهي قلب جون ڳالهيون زبان سان بيان ڪيون وينديون آهن ۽ زباني ذڪر به اهو معتبر ۽ ڪارائتو آهي جنهن سان گڏ دل ۾ به الله تعاليٰ جي ياد هجي. پلا جيڪڏهن ڪو ماڻهو زبان سان ذڪر، تسبيح ۽ تهليل پڙهي ٿو مگر ان جي دل ذڪر سان نه ٿي لڳي ته به ذڪر ڪندو رهي جو اها به ياد الٰهي ته آهي.

* ذڪر جون پلايون *

ابن ماجه حضرت عبدالله بن بسر رضي الله تعاليٰ عنه ڪان روايت آندي آهي

ته هڪ اعرابيءَ (ٻهراڙين ۾ رهڻ واري عرب) رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته: اسلام جا ڪم گهڻا آهن مون کي ڪا اهڙي شيءِ (خاص) ڏسيو جو مان ان کي چنبڙي پوان؟ پاڻ ان کي فرمايائون ته: "لايزال لسانک رطبا من ذکر الله عزوجل" يعني تنهنجي زبان هميشه الله عزوجل جي ذڪر سان تازي هجي. ۽ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِنَّ اللهَ عَزَّوَجَلَّ يَقُوْلُ اَنَا مَعَ عَبْدِيْ اِذَا هُوَ ذَكَرَنِيْ وَتَحَرَّكَتْ بِيْ شَفَتَاهُ" يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "مان پنهنجي ٻانهي سان گڏ آهيان جنهن وقت اهو مون کي ياد ڪندو آهي ۽ منهنجي ذڪر سان ان جا چپ چرندا آهن. اهي حديثون لکڻ کان پوءِ علامه محمد بن احمد انصاريءَ عليه الرحمة پنهنجي لکيل تفسير ۾ آندو آهي ته وان المراد ذكر القلب الذي يجب استدامته في عموم الحالات (١)
يعني ان ذڪر مان مراد دل وارو ذڪر آهي جنهن تي عام حالات ۾ هميشگي ڪرڻ واجب آهي. علامه پاني پتيءَ عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي ته: جڏهن انهن معرفتن جي حاصل ڪرڻ جو طريقو صرف القاءِ ۽ انعڪاس آهي ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ مراقبي سان ئي اها استعداد پيدا ٿيندي آهي جو اهو حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي سيني کان واسطي سان يا واسطي کان سواءِ فيض جو القاءِ قبول ڪري سگهي ان لاءِ حڪم ڪيو ويو ته منهنجو ذڪر ڪندا ڪيو ۽ ذڪر جي گهڻائيءَ سان ئي اوهان ان مقام تي پهچندؤ جتي انوار ۽ تجليات جي بي حساب بارش هوندي آهي ۽ دوريءَ جا حجاب هڪدم هٽايا ويندا آهن. (٢)

اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جي نعمتن تي ان جو شڪر به گهڻو ڪجي. ۽ رب ڪريم جو شڪر ڪرڻ به وڏي عبادت آهي. شڪر جا ٽي درجا آهن هڪ ته هر نعمت کي الله تعاليٰ جي طرفان ڄاڻي. ٻيو ته هر نعمت تي الله تعاليٰ جو حمد ڪري ٽيون ته پاڻ کي گناهن کان بچائي. چوٿون ته الله تعاليٰ جي نعمت کي گناهن ۾ خرچ نه ڪري ۽ ان کي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ خرچ ڪري. اهو شڪر جو اعليٰ درجو آهي ۽ شريعت ۽ طريقت جو اصل الاصول به اهو آهي. حضرت سفيان رضي الله عنه کان سوال ڪيو ويو ته شڪر ڇا آهي؟ فرمايائون ته جن ڪمن کان الله تعاليٰ منع ڪئي آهي انهن کان پاسو ڪرڻ، اهو شڪر آهي. (٣)

(١) تفسير القرطبي ص ١٧٢ ج ٢ (٢) تفسير مظهري ص ١٣٩ ج ١
(٣) تفسير الدر المنثور ص ٣٧١ ج ١

يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ
اي ايمان وارا! مدد جي طلب ڪيو صبر ۽ نماز (جي ذريعي) سان بيشڪ الله صبر

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٣﴾
ڪندڙن سان گڏ آهي

تفسير

الله تعاليٰ ايمان وارن کي جيڪي بلند ۽ اعليٰ مقامات عطا ڪيا آهن انهن ۾ تڪليفون ۽ مشقتون به اينديون هن آيت ۾ انهن جي برداشت ڪرڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو ويو آهي فرمان آهي ته: دنيا جي امامت جو جيڪو شرف اوهان کي عطا ٿيو آهي ان جي ذميدارين کان پوريءَ طرح نڪرڻ لاءِ صبر جي دامن چڱيءَ طرح ۽ مضبوطيءَ سان ونو مشڪلاتن کان گهبرايو نه. بلڪ الله تعاليٰ جي تائيد ۽ مدد تي ڀروسو ڪندي قدم وڌائيندا هلو ۽ نماز جي ذريعي الله تعاليٰ سان پنهنجي بندگيءَ وارو تعلق پڪو رکندا اچو يقيناً ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي.

* الله تعاليٰ صبر وارن سان گڏ آهي *

ان گڏ هجڻ مان مراد آهي ته الله تعاليٰ جي تائيد ۽ مدد اوهان سان گڏ هوندي. علامه پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته: بل معية غيرمتكيفة يتضح علي العارفين ولا يدرک كنهه غيراحسن الخالقين (١)

يعني الله تعاليٰ جو گڏ هجڻ ڪيئن آهي ان جي ڪيفيت عام معلوم نه آهي مگر عارفن تي روشن ٿيندي آهي ۽ ان جي حقيقت کي الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه نه ٿو پهچي سگهي.

(١) تفسير مظهري ص ١٤١ ج ١

وَلَاتَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ؕ بَلْ

۽ نہ چئو انهن جي لاءِ جو ڪُٺا ٿا وڃن الله جي واٽ ۾ (تہ اهي) مئل آهن بلڪ

اَحْيَآءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿١٥٤﴾

جيئرا آهن ۽ پر اوهان نہ ٿا سمجهو

تفسير

جاڻڻ گهرجي تہ جڏهن بدر جي جنگ ۾ مسلمان شهيد ٿيا تہ ماڻهن چوڻ شروع ڪيو تہ فلاڻو مري ويو ۽ پنهنجي حياتيءَ جي لذتن کان محروم ٿي ويو. خداوندي غيرت ان چوڻ کي پسند نہ ڪيو تہ جن هن دين جي سربلنديءَ جي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون انهن کي مئل چيو وڃي ان جي ڪري هيءَ آيت نازل ڪري الله جي واٽ ۾ ساهہ ڏيڻ وارن کي مئل چوڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي وئي بلڪ ٻڌايو ويو تہ اهي جيئرا آهن.

*شهيدن جي زندگي ڪهڙي قسم جي آهي؟ *

ان مسئلي تي گفتگو ڪندي علامه آلوسيؒ بغداديؒ عليه الرحمه لکيو آهي تہ: فذهب كثير من السلف الىٰ انها حقيقية بالروح والجسد يعني سلف صالحين جي اڪثريت جو اهو مذهب آهي تہ شهيدن جي حياتي حقيقي روح ۽ جسم سان آهي. ان کانپوءِ ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ وذهب البعض الىٰ انها روحانية - ۽ بعض علماء ان مذهب تي آهن تہ انهن جي حياتي روحاني آهي. وري اڳتي هلي لکيو اٿس تہ والمشهور ترجيح القول الاول ونسب الىٰ ابن عباس، وقتادة، ومجاهد، والحسن، وعمرو بن عبيد و واصل بن عطاءِ والجبائي والرماني (١)

(١) تفسير روح المعاني ص ٢٠ ج ١ جزءُ ٢

يعني مشهور مذهب آهي تہ پهريون قول وڌيڪ صحيح ۽ ترجيح وارو آهي ۽ اهو قول حضرت ابن عباس، قتادة، مجاهد، حسن بصريؒ، عمرو بن عبيد، واصل بن عطاء جبائيؒ ۽ رمانيءَ ڏي نسبت ڪيل آهي يعني انهن سڀني جو بہ اهو چوڻ آهي.

علامه پاني پتيءَ عليه الرحمه لکيو آهي تہ: ان الله يعطي لارواحهم قوة الاجساد فيذهبون من الارض والسماء والجنة حيث يشاءون وينصرون اولياءهم ويدمرون اعداءهم انشاءَ الله تعالىٰ (١)

يعني الله تعالىٰ انهن جي روحن کي جسمن واري طاقت ڏيندو آهي پوءِ زمين، آسمان، جنت ۾ جتي گهرن تہ وڃن ٿا ۽ پنهنجن دوستن جي مدد ڪن ٿا دشمنن کي هلاڪ ڪن ٿا. انشاءَ الله تعالىٰ. فائدو

جڏهن شهيدن جي زندگيءَ جو هي حال آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ صديقين رضي الله عنهم جيڪي مرتبي ۽ شان ۾ بالاتفاق ارفع ۽ اعلىٰ آهن انهن جي زندگيءَ ۾ ڪيئن ٿو شبهو ڪري سگهجي.

جنگِ احدکان ڇائيتاليهہ (٤٦) سال پوءِ حضرت عمرو بن جموحؓ ۽ حضرت عبدالله بن جبير رضي الله عنهما (جيڪي هڪ ئي قبر ۾ دفن ڪيل هئا) جي قبر جڏهن سيلاب جي ڪري کلي پئي تہ انهن جا پاڪ جسم ائين تازا تازا ڪليل ۽ خوش لڏا ويا جڻ تہ ڪالهہ دفن ڪيا ويا آهن. ۽ بيهقيءَ شريف ۾ آهي تہ: جڏهن حضرت معاويه رضي الله عنہ جبل احد کان ڪظامه نهرجي وهائڻ جو ارادو ڪيو تہ اعلان ڪرايائين تہ جنهن جو بہ مڙ، مائٽ احد جي شهيدن ۾ هجي سو اچي پوءِ مدينہ شريف مان ماڻهو نڪري آيا ۽ انهن شهيدن جي جسمن کي ڏٺو تہ تازا تازا رکيل هئا نهر کوٽيندي هڪ شهيد جي پير کي ٿورڙي ڪوڏر جي ڪنڊ لڳي وئي تہ ان مان تازو رت وهڻ لڳو ۽ انهن جي قبرن جي مٽيءَ مان مشڪ جي سرهاڻ ٿي آئي. (٢)

مفتي محمد شفيع صاحب ديوبنديءَ لکيو آهي تہ: بعضي اولياءِ ۽ صالح بہ ان فضيلت ۾ شهيدن سان شريڪ آهن. نفس سان مجاهدو ڪندي مري وڃڻ کي بہ معنوي طور شهادت ۾ داخل سمجهيو ويندو آهي. (٣)

(١) تفسير مظهري ص ١٤١ ج ١ (٢) تفسير مظهري ص ١٤٢ ج ١
(٣) تفسير معارف القرآن ص ٣٤٢ ج ١

طبرانيءَ شريف حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اَلْمُؤَذِّنُ الْمُحْتَسِبُ كَالشَّهِيْدِ الْمُتَشَحِّطِ فِيْ دَمِهٖ اِذَا مَاتَ لَمْ يُدَوِّدْ فِيْ قَبْرِهٖ" - يعني بانگ ڏيندڙ جيڪو الله تعاليٰ کان ثواب جي طلب ڪندڙ آهي سو ان شهيد وانگر آهي جيڪو پنهنجي رت ۾ ليٽڙيو پيو هجي. جڏهن اهو بانگو مرندو تہ قبر ۾ ڪيڙا نہ پوندس. ابن منده حضرت جابر بن عبدالله رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِذَا مَاتَ حَامِلُ الْقُرْآنِ اَوْحَي اللّٰهُ اِلَي الْاَرْضِ اَنْ لَّا تَاْكُلَ لَحْمَهٗ فَيَقُوْلُ الْاَرْضُ اَيْ رَبِّ كَيْفَ اٰكُلُ لَحْمَهٗ وَكَلَامُكَ فِيْ جَوْفِهٖ" يعني جنهن وقت قرآن پاڪ جو خدمت ڪندڙ مرندو آهي تہ الله تعاليٰ زمين کي حڪم ڪندو آهي تہ ان جي گوشت کي نہ کائي، پوءِ زمين عرض ڪندي آهي تہ: اي پالڻهار! مان ان جي گوشت کي ڪيئن کائيندس حالانڪ تنهنجو ڪلام ان جي پيٽ ۾ آهي. (١)

هن ويهينءَ صديءَ جو واقعو آهي تہ: جڏهن دجلو درياءُ حضرت عبدالله بن جابر ۽ ٻين شهيدن جي قبرن کي بالڪل ويجهو اچي پهتو هو تہ عراقي حڪومت انهن ٻلارن شهيدن جي جسمن کي ڪڍي حضرت سلمان فارسيءَ رضي الله تعاليٰ عنه جي پر ۾ دفن ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو جڏهن انهن جون بابرڪت قبرون کوٽيون ويون تہ تيرهن صدين جي گذرڻ کان پوءِ بہ سندن پاڪ جسم صحيح ۽ سلامت هئا هزارين ماڻهن اسلام جو هي معجزو ۽ قرآن ڪريم جي هن آيت جي سچائي پنهنجي اکين سان ڏسي ايمان تازو ڪيو. (٢)

وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ وَنَقْصٍ

۽ البتہ ضرور آزمائيندا سون اوهان کي ڪنهن هڪ شئي سان، خوف سان ۽ بک

مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَالثَّمَرٰتِ ؕ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾

سان ۽ مالن ۽ سرن ۽ ميون جي گهٽائڻ سان ۽ بشارت ڏي صبر ڪندڙن کي. اهي

الَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ

جو جنهن وقت پهچي ٿي انهن کي ڪا مصيبت تہ چون ٿا بيشڪ اسان (صرف)

(١) تفسير مظهري ص ١٤٢ ج ١ (٢) تفسير ضياء القرآن ص ١٠٨ ج ١

رَاجِعُوْنَ ﴿١٥٦﴾ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ

الله جا آهيون ۽ بيشڪ اسان ان ڏانهن موٽندڙ آهيون اهي انهن تي مهربانيون آهن

وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿١٥٧﴾

انهن جي رب جي طرفان ۽ رحمت آهي ۽ اهي ئي هدايت وارا آهن

تفسير

جيستائين انسان هن دنيا ۾ آهي ته ڏک، درد، غم ان تي اچن ئي اچن ٿا. قرآن ڪريم پنهنجن مڃڻ وارن کي ان غلط فهميءَ ۾ رهڻ کان بچايو آهي ته اسلام ۾ اچڻ کان پوءِ اهي دنيا ۾ به هر طرح جي ڏکن کان محفوظ رهندا. ائين نه آهي. ها انهن کي صبر جي ڍال قرآن پاڪ ڏني آهي جنهن سان اهي مصيبتن ۽ حادثن جي بي رحم حملن کان بچاءُ وٺي سگهن ٿا انهن کي هڪ اهڙو عقيدو ڏنو اٿس جيڪو انهن جي سڪون ۽ قرار کي نهايت نازڪ حالتن ۾ به سلامت رکي سگهي ٿو. هر شخص ڄاڻي ٿو ته جنهن جي هٿ مان صبر جي دامن ڇڏائي وئي ان ۾ مقابلي ڪرڻ جي همت نه رهندي آهي ۽ مصيبتون ان کي ڪک، پن وانگر وهائي ونديون آهن. پرجيڪڏهن الله تعاليٰ تي توڪل ڪندي مصيبت جي سامهون بيٺو رهندو ته اهي خودبخود ختم ٿي ونديون. پر جنهن جو هي عقيدو هوندو ته مان ۽ منهنجو سڀ ڪجهه منهنجو پنهنجو نه آهي. الله تعاليٰ جو ڏنل آهي اهو ڪنهن به جاني يا مالي نقصان کان ايترو دلگير نه ٿيندو، بلڪ اهو پاڻ کي نئين جدوجهد لاءِ تيار رکندو. ان جي ڪري قرآن ڪريم مصيبتن اچڻ جي ذڪر سان گڏ انهن کي حل ڪرڻ وارو نسخو به بيان ڪيو آهي. ۽ آخر ۾ آيو آهي ته ثابت قدم رهڻ وارن تي الله تعاليٰ جي طرفان طرحين طرحين برڪتون ۽ رحمتون نازل ٿينديون آهن.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ پڙهڻ جو فائدو

مصيبت وقت يا ڪنهن بہ دل کي ايذائيندڙ تڪليف جي وقت انا لله وانا اليه راجعون چوڻ ۾ وڏو ثواب آهي جيئن هنن حديثن مان ثابت آهي.

حديث ع١

مومنن جي ماءُ سيده ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ: "مَا مِنۡ عَبۡدٍ تُصِيۡبُهٗ مُصِيۡبَةٌ فَيَقُوۡلُ اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِيۡ فِيۡ مُصِيۡبَتِيۡ وَاخۡلُفۡ لِيۡ خَيۡرًا مِّنۡهَا اِلَّا اَجَرَهُ اللّٰهُ فِيۡ مُصِيۡبَتِهٖ وَاَخۡلَفَ لَهٗ خَيۡرًا مِّنۡهَا" (١)

يعني ڪنهن بہ ٻانهي کي ڪا مصيبت پهچي ٿي پوءِ انا لله وانا اليه راجعون اللهم اجرني في مصيبتي واخلف لي خيرامنها (بيشڪ اسين صرف الله جي لاءِ آهيون ۽ بيشڪ اسين ان ڏانهن موٽندڙ آهيون. اي الله مون کي هن مصيبت ۾ اجر ڏي ۽ ان کان مون کي ڀلو عوض عطا ڪر) چوي ٿو تہ انکي الله تعاليٰ اجر ڏيندو ۽ ان کان ڀلو عوض بہ عطا ڪندو.

حديث ع٢

طبرانيءَ ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: نبي صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اُعۡطِيَتۡ اُمَّتِيۡ شَيۡئًا لَّمۡ يُعۡطَهٗ اَحَدٌ مِّنَ الۡاُمَمِ، اَنۡ يَّقُوۡلُوۡا عِنۡدَ الۡمُصِيۡبَةِ "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ" (٢)

يعني منهنجي امت کي اهڙي شي عطا ڪئي وئي آهي، جيڪا (اڳين) امتن مان ڪنهن هڪ کي بہ عطا نہ ٿي هئي. (اها هيءَ آهي) جو مصيبت وقت "انا لله وانا اليه راجعون" چون.

حديث ع٣

عڪرمه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو ڏيئو وسامي ويو تہ پاڻ فرمايائون "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ" عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله

(١) تفسير ابن ڪثير ص ١٩٨ ج ١ (٢) تفسير الدرالمنثور ص ٣٧٧ ج ١

(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ وَسَلَّمَ) چا هيءَ به مصيبت آهي؟ پاڻ فرمايائون ته هائو ۽ هر اها شيءِ جيڪا مومن کي ايذائي ٿي اها ان لاءِ مصيبت آهي ۽ ان لاءِ ان ۾ اجر آهي.

اِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَيْتَ
بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان آهن پوءِ جيڪو حج ڪري بيت جو يا

اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ اَنْ يَّطَّوَّفَ بِهِمَا ۭ وَمَنْ
عمرو ڪري پوءِ نه آهي گناهه ان تي جو چڪر هڻي انهن جي وچ ۾ ۽ جنهن خوشيءَ

تَطَوَّعَ خَيْرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٥٨﴾
سان وڌايو چڱائيءَ کي پوءِ بيشڪ الله قدردان گهڻو ڄاڻندڙ آهي

تفسير

صفا ۽ مروه مسجد حرام جي پر ۾ به ننڍڙا جبل آهن جن جي وچ ۾ ڊوڙڻ انهن مناسڪ (حج جي احڪام) مان هو جيڪي الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن کي سيکاريا هئا بعد ۾ جڏهن مڪه پاڪ ۽ ان جي آس پاس ۾ شرڪ ۽ جاهليت پکڙجي وئي ته صفا تي "اساف" ۽ مروه تي "نائله" نالي بت رکيا ويا ۽ مشرڪ انهن جو طواف ڪندا هئا پوءِ جڏهن حبيب اڪرم، رسول معظم صلي الله عليه وسلم جن جي ذريعي اسلام جي روشني اهل عرب تائين پهتي ته مسلمانن جي دلين ۾ اهو سوال اٿڻ لڳو ته صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ حج جي اصلي مناسڪ مان آهي يا محض شرڪ جي زماني جي ايجاد آهي ۽ ٻيو ته ان ڊوڙڻ سان ڪنهن مشرڪانه فعل جا مرتڪب ته نه ٿينداسين ۽ اهل مدينه جي دل ۾ ته اول کان ئي صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ کان ڪراهيت هوندي هئي ڇو ته اهي مناة جا

معتقد هئا. آساف ۽ نائلہ کي نہ مڃيندا هئا. انهن وجهن جي ڪري ضروري هو تہ مسجد حرام کي قبلو مقرر ڪرڻ سان پئن غلط فهمين جو بہ ازالو ڪيو وڃي جيڪي صفا ۽ مروه جي باري ۾ پيدا ٿيون هيون ۽ ماڻهن کي ٻڌايو وڃي تہ انهن ٻنهي مقامن جي وچ ۾ ڊوڙڻ حج جي اصلي مناسڪ مان آهي ۽ انهن مقامات جو تقدس الله تعاليٰ جي طرفان آهي جاهليت وارن جي من گهڙت نہ آهي.

* "شعائر ڇا آهي" *

شعائر شعيرة جو جمع آهي. جنهن جو مادو آهي شعر معنيٰ سنهڙي نشاني، شعائر مان اها شيءِ مراد آهي جنهن جي تعظيم ڪرڻ رب جي عبادت جي نشاني هجي. يا اهي نشان جن جي قائم رکڻ جو الله تعاليٰ حڪم ڪيو هجي. ان جي ڪري اها جاءِ يا اهو وقت ۽ اهي علامات جي دين جون نشانيون آهن سيئي الله جا شعائر آهن. قرآن ڪريم ۾ بہ الله تعاليٰ شعائر جمع جو صيغو آڻي ان ڪان پويان من تبعيضيه آڻي ٻڌايو آهي تہ صفاءِ مروه بہ الله تعاليٰ جي شعائر مَانَ آهن باقي شعائر تہ تمام گهڻا آهن. سورة حج ۾ قربانيءَ جي جانورن کي شعائر الله سڏيو ويو آهي. صفا ۽ مروه الله تعاليٰ جي پياريءَ ٻانهيءَ سيده هاجره رضي الله عنها جا يادگار آهن پاڻ پنهنجي فرزند سيدنا اسماعيل عليه الصلواة والسلام جي لاءِ پاڻي طلب ڪندي انهن ٻنهي جبلن جي وچ ۾ ڊوڙي هئي. لهذا اتي مسلمانن جي حاضري سندن نشاني آهي.

* مسئلہ *

حنفين وٽ حج ۽ عمره ۾ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ واجب آهيءَ ڇڏڻ جي ڪري قرباني ڏني ويندي.

* حج ۽ عمره جي لفظي ۽ اصطلاحي معنيٰ *

حج جي لفظي معنيٰ آهي ارادو ڪرڻ ۽ شرعي اصطلاح ۾ مخصوص ارڪان ادا ڪرڻ جو نالو حج آهي. ڇو تہ ان ۾ بيت الله جو ارادو بہ هوندو آهي ۽ بار

بار حاضري بہ ۽ ان جي چوطرف چڪر لڳائڻ بہ. عمره جي معنيٰ آهي آباد ڪرڻ. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي "وَعَمَرُوهَا أَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوهَا" (١)
(۽ آباد ڪيائون ان کي اڪثر ان کان جو آباد ڪيائون) حياتيءَ کي بہ ان جي ڪري عمر سڏيو ويو آهي جو ان مدت ۾ بدن روح سان آباد هوندو آهي. شرعي اصطلاح ۾ عمره مخصوص احڪام جي ادا ڪرڻ جو نالو آهي.

* حج ۽ عمره ۾ فرق ڇا آهي *

حج ۽ عمره ۾ فرق هي آهي تہ حج صرف عيدالاضحيٰ واري مهيني ۾ادا ٿيندو آهي. ۽ عمره سڄي سال ۾ - حج ۾عرفات ۾ ويهڻ ضروري آهي عمره ۾ نہ آهي بلڪ صرف احرام ٻڌي ڪعبہ شريف جي طواف ڪرڻ ۽ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ جو نالو عمره آهي.

* فائدو *

هن آيت تي، غور ڪرڻ سان ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن پليءَ جاءِ تي ڪو گناهہ جو ڪم ٿئي ٿو تہ ان گناهہ جي ڪم کان منع ڪرڻ گهرجي. ان کي ختم ڪجي. پر ان جاءِ جي عزت پنهنجيءَ جاءِ تي برقرار آهي. الله تعاليٰ جي پيارن ولين سڳورن جي مزارن تي جيڪڏهن ڪي گناهہ ٿين ٿا تہ انهن گناهن کان روڪيو وڃي. مزارات جي زيارت ۽ حاضري کان نہ روڪيو وڃي ۽ نہ مزارات کي ڊاهيو وڃي. بيت الله شريف ۾ ٽي سئو سٺ (٣٦٠) بت هئا تہ الله تعاليٰ انهن بتن جي ڪيڻ جو حڪم ڪيو نہ تہ بيت الله شريف کي ئي ڊاهي ڇڏيو. جيڪڏهن مسجد ۾ ڪتو گهڙي اچي تہ ڪتي کي ڪڍي ڇڏيو مسجد کي ڊاهي نہ ڇڏيو.

* فائدو *

جڏهن صفاءِ مروه پٿر هاجره رضي الله عنها جي قدمن جي برڪت سان شان وارا بڻيا تہ حضرت بيبي آمنہ، بيبي حليمہ سعديہ بہ شان واريون آهن جو حضور پر نور صلي الله عليہ وسلم ڄڻ انهن جون خدمتون حاصل ڪيون. اهڙيءَ طرح حضرت ابوبڪر صديق جي هنج ۽ حضرت عائشہ صديقہ يا ٻيون ازواجِ رسول صلي الله عليہ وسلم بہ شاندار آهن.

(١) سورة الروم رڪوع ١ پ٢١

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالْهُدٰى

بيشڪ اهي شخص جو لڪائن ٿا اهي ڳالهيون جو لاٿيون اسان روشن دليلن ۽

مِنْۢ بَعْدِ مَا بَيَّنّٰهُ لِلنَّاسِ فِي الْكِتٰبِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَلْعَنُهُمُ

هدايت مان ان کان پوءِ جو بيان ڪيوسون انهن کي ماڻهن جي لاءِ ڪتاب ۾ اهي

اللّٰهُ وَيَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ﴿١٥٩﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا

ئي اهي آهن جو لعنت ٿو ڪري انهن تي الله ۽ لعنت ٿا ڪن انهن تي لعنت ڪندڙ

وَاَصْلَحُوْا وَبَيَّنُوْا فَاُولٰٓئِكَ اَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَاَنَا

مگر اهي شخص جو توبه ڪيائون ۽پاڻ سڌاريائون ۽ بيان ڪيائون پوءِ اهي توبه

التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٠﴾

قبول ٿو ڪيان انهن جي ۽ مان توبه قبول ڪندڙ آهيان

تفسير

سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضرت معاذ رضي الله عنہ يهودين کان پڇيو تہ نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن جو ذڪر توراة ۾ ڪيئن آهي؟ تہ انهن ڳالهہ لڪائي نہ ٻڌايو. انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. (١)
يهودي علماء حضور پرنور جن جون صفتون پاڻ تہ بيان نہ ڪندا هئا. پرڪو پڇندو هون تہ بہ نہ ٻڌائيندا هئا. عارف بالله علامہ احمد بن محمدعليہ الرحمہ لکيو آهي تہ: اي صفاتہ واخلاقہ من مولده الیٰ انتهاءاجلہ (٢)
يعني محبوب عليہ الصلواة والسلام جن جون صفتون ۽ اخلاق ڄمڻ کان وٺي دنيا تان رحلت ڪرڻ تائين انهن وٽ لکيل هوندا هئا. پر اهي لڪائي ڇڏيندا هئا. بيان

(١) البحرالمحيط ص ٤٥٨ ج ١ (٢) الصاوي شرح تفسير الجلالين ص ٦٧ جزءُ ١

نہ ڪندا هئا. انهن تي الله تعاليٰ ۽ ان جي مخلوق جي لعنت آهي. هن هلندڙ دور ۾ يا ايندڙ دور ۾ جيڪو بہ سندن صفات، شان ۽ ڪمالات کي لڪائيندو بيان نہ ڪندو تہ ان جي بہ اها سزا آهي.

اِلَّا الَّذِيۡنَ تَابُوۡا - (مگر جن توبہ ڪئي) کان انهن عالمن جو ذڪر آهي. جن يهودي هجڻ يا عيسائي هجڻ کان توبہ ڪري اسلام قبوليو ۽ پاڻ ڪَيَ سُڌاري محبوب صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن جي صفات، اخلاق، عادات بيان ڪري ماڻهن کي ٻڌايو تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن الله تعاليٰ جا آخري نبي آهن. انهن جي الله تعاليٰ توبہ قبول ڪئي ۽ انهن تي سندس رحم ۽ ڪرم قائم ۽ دائم آهي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَمَاتُوۡا وَهُمۡ كُفَّارٌ اُولٰٓـئِكَ عَلَيۡهِمۡ

بيشڪ جن ڪفر اختيارڪيو ۽ مئا ان حال ۾ جو اهي ڪافر هئا اهي انهن تي

لَعۡنَةُ اللّٰهِ وَالۡمَلٰٓـئِكَةِ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَۙ ﴿۱۶۱﴾ خٰلِدِيۡنَ

لعنت آهي الله جي ۽ ملائڪن جي ۽ سيني ماڻهن جي هميشه رهندا ان ۾ نہ هلڪو

فِيۡهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنۡهُمُ الۡعَذَابُ وَلَا هُمۡ يُنۡظَرُوۡنَ ﴿۱۶۲﴾

ڪيو ويندو انهن تان عذاب ۽ نہ اهي مهلت ڏنا ويندا.

تفسير

ڪفر جي اصل معنيٰ لڪائڻ آهي. ان ئي مان انڪار جو مفهوم نڪتو آهي. جو ڪفر جي معنيٰ انڪار لکي ويندي آهي ۽ هي لفظ ايمان جي مقابلي ۾ ڳالهايو ويندو آهي. ايمان جي معنيٰ آهي مڃڻ، قبول ڪرڻ، تسليم ڪرڻ، ان جي ابتڙ ڪفر جي معنيٰ آهي نہ مڃڻ، رد ڪرڻ، انڪار ڪرڻ.

قرآن ڪريم جي روشني ۾ ڪفر جا پنج نمونا بيان ٿيل آهن:

*١- پهريون *

ته انسان صفا خدا کي نه مڃي يا ان جي اقتدار کي تسليم نه ڪري ۽ ان کي پنهنجو ۽ ساريءَ ڪائنات جو مالڪ ۽ معبود مڃڻ کان انڪار ڪري يا ان کي هڪ مالڪ ۽ معبود نه سمجهي.

٢- ٻيون

ته الله تعاليٰ کي ته مڃي پر ان جي احڪام ۽ هدايت کي علم ۽ قانون جو واحد منبع تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري.

*٣- ٽيون *

ته اصولاً هن ڳالهه کي تسليم ڪري ته ان کي الله تعاليٰ جي هدايتن تي هلڻو آهي مگر الله تعاليٰ پنهنجي احڪام ۽ هدايات پهچائڻ لاءِ جن پيغمبرن عليهم الصلٰوٰة والسلام کي موڪليو انهن کي نه مڃي.

٤- چوٿون

ته پنهنجي طرفان نبين عليهم الصلوٰة والسلام ۾ فرق وجهي ۽ تعصبات جي بنا تي هڪڙن کي نه مڃي ٻين کي مڃي.

*٥- پنجون *

هيءُ ته پيغمبرن سڀني عليهم الصلوٰة والسلام الله تعاليٰ جي طرفان ٻڌايل عقائد، اخلاق ۽ حياتيءَ جا قانون جيڪي تعليم ڏنا آهن انهن مان ڪنهن کي قبول نه ڪري. آهي سڀ فڪر ۽ عمل جا نمونا الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ بغاوت وارا آهن ۽ انهن مان هر هڪ کي قرآن ڪريم ڪفر سان تعبير ڪيو آهي. ان کان سواءِ بعض مقامات تي قرآن پاڪ ۾ ڪفر جو لفظ نعمت جي ڪفران (بي شڪريءَ) جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيو آهي ۽ شڪر جي مقابلي ۾ ڳالهايو ويو آهي.

شڪر جي معنيٰ

شڪر جي معنيٰ هيءَ آهي ته نعمت جنهن ڏني آهي ان جو احسانمند رهي. ان جي احسان جو قدر ڪري. ان جي ڏنل نعمت کي ان جي رضا جي مطابق

استعمال ڪري. ۽ ان جي دل ان جي محسن لاءِ وفاداريءَ جو جذبو رکي. "وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ" (۽ ڪفر جي حالت تي مئا) مان اها ڳالهه ثابت ٿي تہ جيڪڏهن موت کان اڳ ۾ ڪفر ڇڏي اسلام قبول ڪيائون تہ انهن جي لاءِ اها سزا نہ آهي.

١٩ ع ١١ ٣

وَإِلٰهُكُمْ إِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ إِلٰهَ إِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٣﴾ ع

۽ معبود اوهان جو هڪ معبود آهي ان کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق نہ آهي اهو وڏو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي

تفسير

هيءَ آيت قرآن حڪيم جي عظيم الشان آيتن مان آهي. ان جي پهرئين حصي ۾ توحيد جو ثبوت، ٻئي ۾ شرڪ جي نفي، ٽئين حصي ۾ ٻنهي ڳالهين جو دليل آهي. يعني اهو رحمٰن ۽ رحيم جنهن جي وسيع رحمتن تي اوهان جي وجود، بقا، نشوونما، آرام ۽ راحت جو مدار آهي تہ ان کان سواءِ اوهان جو معبود ٻيو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

إِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ

بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ ۾ ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦيرقار ۾ ۽ ٻيڙين

وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِيْ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ

۾ جيڪي هلن ٿيون سمنڊ ۾ جيڪي نفعو ٿيون پهچائن ماڻهن کي ۽ جيڪي

النَّاسَ وَمَآ أَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَأَحْيَا بِهِ

لاٿو الله آسمان مان (مينهن جو) پاڻي پوءِ آباد ڪيائين ان سان زمين کي ان جي

الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ص

برباد ٿيڻ کان پوءِ ۽ پکيڙيائين ان ۾ هر قسم جا جانور

وَّتَصْرِيْفِ الرِّيَاحِ وَالسَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ

۽ هوائن جي ڦيرائڻ ۾ ۽ ڪڪرن ۾ جيڪي مطيع ڪيل آهن

السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٦٤﴾

آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ البته نشانيون آهن ان قوم لاءِ جيڪي عقل رکن ٿا“

تفسير

هن آيت کان اڳ ۾ جيڪو الله تعاليٰ جي هيڪڙائيءَ ۽ توحيد جو بيان ٿيو ان جي تائيد ۾ هي دلائل آندا ويا آهن. هن اهم مسئلي کي سمجهائڻ لاءِ قرآن پاڪ جو طرزِ استدلال فلسفين وارو نہ آهي پر ان کان نرالو آهي. قرآن ڪريم فڪر ۽ نظر جا ناهيل دليل پيش نہ ڪندو آهي. جيڪي سمجهڻ لاءِ بہ خاص ذهني ۽ علمي استعداد جي ضرورت هجي. قرآن ڪريم جا دلائل اهڙا هوندا آهن جيڪي ڪائنات جي کليل صفحن تي روشن قلم سان لکيل نظر ايندا آهن ۽ ايترا واضح جو هر شخص انهن کي پنهنجيءَ قابليت جي مطابق سمجهي سگهي ٿو ۽ انهن دليلن ۾ جيڪو بہ شخص سنجيدگيءَ سان غور ڪندو تہ اهو يقين جي دولت سان مالا مال ٿيندو. آسمان جي رنگين، نيري ڇت، ان ۾ لٽڪيل بي شمار تارا ۽ سج ۽ چنڊ ۽ انهن جو مقرر وقت تي اڀرڻ ۽ لهڻ. انهن جي اچڻ وڃڻ جا مقرر رستا، زمين جو هي ڪشادو صحن، ان ۾ ڊوڙندڙ ۽ وهندڙ نهرون ۽ درياءَ، رات ڏينهن مسلسل گردش ۽ انهن جو لهڻ ۽ چڙهڻ، گهٽجڻ ۽ وڌڻ بي ڪنار سمنڊن جي سيني تي مسافرن ۽ سامان سان ڀريل ٻيڙين ۽ بحري جهازن جو ناز سان هلڻ. ڪارن ڪڪرن مان برسات وسائي ويران زمين کي آباد ڪرڻ ۽ ان جو سرسبز ۽ شاداب ٿيڻ. اهڙيون نشانيون آهن جن ۾ هر عقلمند جي لاءِ روشنيءَ جو مينار آهي. انهن ۾ جيڪڏهن غور ڪندئو تہ اوهان ان چوڻ تي مجبور ٿيندئو تہ تنوع ۾ يڪسانيت، اختلاف ۾ توافق، ڪثرت ۾ وحدت ۽ هي بي مثال نظم وضبط بغير ڪنهن خالق،

مالک، عليم، خبير، حڪيم جي ظهور پذير نہ ٿي سگهندو. هنن دليلن مان اهي ٿي فائدو وٺندا جن جي عقل جي اک ڏسندڙ آهي ۽ انهن کي فائدي وٺڻ جو ارادو مستقل آهي. اهي سڀ تڪويني علامتون ۽ دلائل آهن جن کي سمجهڻ گهرجي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا

۽ بعضي ماڻهو اهي آهن جو وٺن ٿا الله کان سواءِ (ٻين کي) شريڪ ڪري محبت

يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ

ٿا رکن انهن سان الله جي محبت جهڙي ۽ جن ايمان آندو وڌيڪ محبت وارا آهن الله جي لاءِ

وَلَوْ يَرَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اِذْ يَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ

۽ جيڪڏهن (هاڻي ئي) سمجهن ها ظالم (جيڪو اڳتي هلي سمجهندا) جنهن وقت ڏسندا عذاب تہ

جَمِيْعًا ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعَذَابِ ﴿١٦٥﴾

بيشڪ سڀ طاقتون الله جون آهن ۽ بيشڪ الله سخت آهي عذاب ڪرڻ ۾

تفسير

مٿي بيان ٿي آيو تہ عقلمند ڪائنات جي مطالعي سان ڪائنات جي خالق جو ثبوت پيش ڪندا آهن. ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪي ماڻهو وري اهڙا بہ آهن جو اهي شيون انهن لاءِ حجاب بڻجنديون آهن ۽ اهي ماسوي الله سان الله تعاليٰ جهڙي محبت رکندا آهن. مگر جيڪي ايمان وارا آهن انهن جي سيني ڪان وڌيڪ محبت الله تعاليٰ سان هوندي آهي. پيءُ ماءُ، اولاد، زال، ڀائرن، دوستن، مال متاع، ڏنڌن، گهرن، ٻنيں ٻارن، واپار، ملازمتن، ڪمائيءَ جي ٻين ذريعن، استادن، مرشدن، بزرگن وغيره سان محبت انسان جي طبيعت ۾ پاڻ الله تعاليٰ رکي آهي مگر ڪو بہ مومن الله تعاليٰ جي محبت ۾ انهن کي شريڪ نہ ڪندو نہ ان سان

برابر ڄاڻندو. علامه ثناءُ الله پاني پتيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته: اهلِ تحقيق صوفي بزرگ ان محبت کي جيڪا خوف يا طمع دنيويءَ يا اخرويءَ تي بنا ڪيل هوندي آهي، محبت ئي نه سڏيندا آهن. انهن وٽ محبت هڪ اهڙي باهه آهي جيڪا محبن جي دلين ۾ شعلا ڪندي آهي ۽ ما سوي المحبوب کي ايتري قدر ساڙي ختم ڪري ڇڏيندي آهي جو انهن کي پنهنجا سر ۽ جانيون به ياد نه رهنديون آهن ۽ اهي ئي محبت جي دعويٰ ۾ سچا آهن ۽ جڏهن محبت ان مقام کي پهچندي آهي ته انهن وٽ محبوب جا ايذاءَ به انعام هوندا آهن بلڪ انعامن کان وڌيڪ لذيذ هوندا آهن. (١)

إِذْ تَبَرَّأَ الَّذِينَ اتُّبِعُوا مِنَ الَّذِينَ اتَّبَعُوا وَرَأَوُا

جنهن وقت بيزار ٿيندا اهي شخص جو تابعداري ڪيا ويا انهن کان جو سندن

الْعَذَابَ وَتَقَطَّعَتْ بِهِمُ الْأَسْبَابُ ﴿١٦٦﴾ وَقَالَ الَّذِينَ

تابعدار ٿيا ۽ ڏسندا عذاب کي ۽ ٽٽي ويندا انهن جا تعلقات ۽ چوندا تابعداري

اتَّبَعُوا لَوْ أَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّأَ مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُوا مِنَّا

ڪرڻ وارا ته جيڪڏهن اسان لاءِ هڪ ڀيرو موٽڻ هجي ها ته پوءِ بيزار ٿيون ها

كَذَٰلِكَ يُرِيهِمُ اللَّهُ أَعْمَالَهُمْ حَسَرَاتٍ عَلَيْهِمْ

انهن کان جيئن بيزار ٿيا اسان کان. اهڙيءَ طرح ڏيکاريندو انهن کي الله عمل

وَمَا هُمْ بِخَارِجِينَ مِنَ النَّارِ ﴿١٦٧﴾ ع

انهن جا پشيمانيون ڪري انهن تي ۽ نه آهن اهي نڪرندڙ باهه مان.

(١) تفسير مظهري ص ١٥١ ج ١

تفسير

جنهن وقت تابعداري ڪيل پنهنجن تابعدارن کان بيزار ٿيندا. انهن تابعداريءَ ڪيلن مان مراد براين، بڇڙاين، شرڪ، ڪفر ۽ گمراهيءَ ۾ سندن اڳواڻ آهن جيئن قتاده سڳوري رضي الله عنه کان عبد بن حميد ۽ ابن جرير روايت آندي آهي (١) ۽ تابعداري ڪرڻ وارا بيزار ٿي چوندا ته اهي اسان جا اڳواڻ دنيا ۾ ته اسان کي بڇڙن ڪمن ڏي وٺي هلندا هئا هاڻي اسان مان هٿ ڇو ٿا ڪڍن. ڪاش جيڪڏهن اسان کي هڪ ڀيرو وري دنيا تي موٽايو وڃي ها ته اسين به انهن کان اهڙيءَ طرح بيزار ٿيون ها جيئن اهي هتي اسان کان بيزار ٿي ويا. مسلمانو! دنيا ۾ ڪيترا وڏيرا، ڪامورا ۽ قائد سڏائڻ وارا اوهان کي غلط ڪمن ڏي ڇڪين ٿا ۽ اوهان کان غلط ڪم ڪرائن ٿا مگر اوهان انهن جي چوڻ تي لڳي برا ڪم نه ڪيو نه ته اهي اوهان کي دنيا ۾ به تباهه ڪندا پر آخرت ۾ به الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ اوهان مان هٿ ڪڍي ويندا. انهن کي قيامت ۾ پشيماني گهڻي ٿيندي. علامه پاني پتيءَ عليه الرحمه لکيو آهي ته انهن جي اڳيان جنت آندي ويندي ۽ ڪين جنتي منظر ڏيکاريا ويندا ته جيڪڏهن اوهان انهن برن ۽ بڇڙن ڪمن وارن جا تابع نه ٿيو ها، الله تعاليٰ ۽ ان جي پيغمبرن عليهم السلام جي تابعداري ڪيو ها ته اها جنت ۽ جنتي منظر ۽ جنتي نعمتون اوهان جي لاءِ هيون. پوءِ ان وقت حسرت جا هٿ هڻندا مگر اهي هٿ هڻڻ ان وقت ڪم جا نه هوندا. (٢)

يَآاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا

اي انسانو! کائو ان مان جو زمين ۾ آهي حلال پاڪ ۽ نه تابعداري

وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ

ڪيو شيطان جي وکن جي. بيشڪ اهو اوهان جو کليو دشمن

(١) تفسير الدر المنثور ص ٢٠٤ ج ١ جزءُ ٢ (٢) تفسير مظهري ص ١٥٢ ج ١

مُّبِيْنٌ ﴿١٦٨﴾ اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَالْفَحْشَآءِ

آهي. تحقيق امر ٿو ڪري اوهان کي برائيءَ ۽ بي حيائيءَ جو ۽ هن

وَاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦٩﴾

ڳالهه جو ته بهتان هڻو الله تي جيڪو اوهان نه ٿا ڄاڻو.

تفسير

ڄاڻڻ گهرجي ته اسلام هڪ ڪامل مڪمل دين آهي جيڪو زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي پوري روشني وجهندو آهي. انسان کي ڪائڻ ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. ان جي هنن آيتن ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي. اڄ جي هن ترقي يافته دنيا ۾ ڪاڌي ۾ استعمال ٿيندڙ شين ۾ ظاهري صفائيءَ جو ته اهتمام ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي پر حلال ۽ حرام جي تميز ڪرڻ ڏي توجهه گهٽ آهي. اسلام پنهنجن مڃڻ وارن کي ٻنهي ڳالهين جي اهتمام ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. يعني ظاهري طرح اها شيءِ غليظ ۽ گندي نه هجي تانت جسماني صحت تي اثر نه پوي ۽ باطني طرح به پليد ۽ نجس نه هجي تانت انسان جو ضمير ختم نه ٿي وڃي ظاهري صفائيءَ کان اهم حلال ۽ پاڪ هجڻ آهي جو قرآن پاڪ اول "حلالا" جو لفظ آٽي ان جي پويان "طيبًا" لفظ آنـدو آهي. طيبًا مان مراد ظاهري صفائي آهي. "حلالاً" مان مراد حقيقي پاڪيزگي آهي. حلال ان شيءِ کي سڏين ٿا جو نه ذاتي طرح حرام هجي. جيئن حرام جانور، سوئر، ڪتو، شراب وغيره ۽ نه اهڙن طريقن سان حاصل ڪيو ويو هجي جن کي شريعت حرام قرار ڏنو آهي. جيئن چوري، جوا، رشوت، وياج وغيره. اسلامي معاشيات جو هيءُ هڪ بنيادي اصول آهي ته اسلام ۾ روزگار ڪمائڻ لاءِ کليل ڇٽي نه آهي. بلڪ اهي سڀ رستا بند ڪيا ويا آهن. جن ۾ ڪنهن جي ڪمزوريءَ، مجبوريءَ، ۽ ناداريءَ مان ناجائز فائدو ورتو وڃي. اوهان خود سوچيو ته

جڏهن وياج ، جوا ، رشوت، ۽ بليڪ مارڪيٽنگ وغيره وارا غلط ڪم بند ٿي وڃن تہ دولت صرف ٿِن هٿن ۾ بند نہ رهندي. دولت جو ناجائز طريقن سان لٽڻ ۽ گڏ ڪرڻ جن معاشي، اخلاقي ۽ سياسي خرابين کي وڌائي ٿو اهي اهل علم و فهم جي اڳيان ڍڪيل نہ آهن. ڪاش! اسين پاڻ ان الٰهي نظام کي سمجهي سنجيدگيءَ سان ان تي عمل ڪيون ها تہ ٻين کي سمجهائڻ آسان ٿئي ها.

حلال روزي ڪمائڻ ۽ حلال کائڻ جون پلايون

ابن مرروديہ ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ مون هيءَ آيت "يَآ اَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا" نبي پاڪ صلي الله عليه جن وٽ تلاوت ڪئي پوءِ سعد بن ابي وقاص (رضي الله تعاليٰ عنه) اٿي عرض ڪيو تہ "يارسول الله! ادع الله ان يجعلني مستجاب الدعوة" اي الله جا رسول. الله تعاليٰ کان دعا گهرو تہ مون کي دعائن جو مقبول ٿيل بنائي. پاڻ فرمايائون تہ:

"يَا سَعْدُ اَطِبْ مَطْعَمَكَ تَكُنْ مُسْتَجَابَ الدَّعْوَةِ وَالَّذِيْ نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِهٖ اِنَّ الرَّجُلَ لَيَقْذِفُ لُقْمَةَ الْحَرَامِ فِيْ جَوْفِهٖ فَمَا يُتَقَبَّلُ مِنْهُ اَرْبَعِيْنَ يَوْمًا وَاَيُّمَا عَبْدٍ نَبَتَ لَحْمُهٗ مِنَ السُّحْتِ وَالرِّبَا فَالنَّارُ اَوْلٰي بِهٖ" (١)

يعني اي سعد! پنهنجي کاڌي کي پاڪ رک تہ دعائن جو مقبول ٿيل بنجندين. قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ ٻلاشبہ مڙس جڏهن حرام جو لقمو پنهنجي پيٽ ۾ وجهي ٿو تہ ان جي (دعا) چاليهن (٤٠) ڏينهن تائين قبول نہ ٿيندي آ ۽ جنهن بہ ٻانهي جو گوشت حرام ۽ وياج مان نهيوان لاءِ (جهنم جي) باهہ وڌيڪ لائق آهي.

حضرت سهل بن عبدالله فرمايو آهي تہ: انسان لاءِ ٽن ڪمن ۾ ڇوٽڪارو آهي. ١- حلال کائڻ ٢- فرضن جو ادا ڪرڻ ٣- هر ڳالهہ ۾ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي تابعداري ڪرڻ. حضرت ابوعبدالله الساجيءَ فرمايو آهي تہ: علم جو ڪمال پنجن (٥) شين سان آهي. ١- الله عزوجل جي معرفت حاصل ڪرڻ ٢- حق سڃاڻڻ ٣- الله تعاليٰ جي لاءِ عمل خالص ڪرڻ ٤- سنت تي عمل ڪرڻ ٥- حلال

(١) تفسير فتح القدير ص ١٦٨ ج ١

ڪاڍو ڪائڻ - انهن مان جيڪڏهن ڪو هڪ به نه هوندو ته ان جو عمل مٿي نه ڪنيو ويندو. (١)

” شيطان جي وکن جي تابعداري نه ڪيو“ ان وکن مان مراد هر اهو ڪم آهي جنهن کي الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن برو چيو آهي. اڳتي ارشاد ٿيو ته: شيطان اوهان کي برائيءَ ۽ بي حيائيءَ ۽ الله تعاليٰ تي بهتان ٻڌڻ لاءِ حڪم ٿو ڪري. ان جو مقصد ته شيطان اوهان کي بدڪاريءَ ۽ بدمعاشيءَ جي دعوت ڏئي ٿو ۽ اهو اوهان جي دل ۾ طرح طرح جا وسوسا وجهي اوهان کي الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ تي پڙڪائي ٿو ته جيڪڏهن اوهان اسلام جي ڏسيل اصولن تي عمل ڪرڻ جو ارادو ڪندئو ته اوهان معاشي بدحاليءَ ۽ بين الاقوامي بدناميءَ جي خطرن ۾ اچي ويندؤ. الله تعاليٰ فرمايو ته: اهڙي دشمن جي چڪرن ۾ نه اچو ۽ الله تعاليٰ جا بي فرمان نه ٿيو.

وَإِذَا قِيلَ لَهُمُ اتَّبِعُوا مَآ أَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَآ

۽ جڏهن چيو ٿو وڃي انهن کي ته تابعداري ڪيو ان جي جو نازل ڪيو الله ته چون ٿا ته (نه) بلڪ

أَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ۗ أَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ

تابعداري ڪنداسين ان جي جو لڌوسون ان تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي. جيتوڻيڪ هجن پيئر ڏاڏا

شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٧٠﴾

انهن جا جو نه ٿا سمجهن ڪا شيءِ ۽ نه ٿا هدايت وارا ٿين.

تفسير

جڏهن ڪافرن کي الله تعاليٰ جي نازل ڪيل ڪتاب تي ايمان آڻڻ جي لاءِ چيو ويندو هو ته جواب ۾ چوندا هئا ته اسين ان تي ايمان نه آڻينداسون. اسان جنهن طريقي ته پنهنجن وڏن کي ڏٺو هو ان تي آهيون ۽ ان تي رهنداسين. الله تعاليٰ

(٢) تفسير القرطبي ص ٢٠٨ ج ٢

فرمايو تہ: انهن جا ابا ڏاڏا ڪٹي گمراھ، بي دين ۽ غيرهدايت يافته هجن تہ بہ انهن جي رستي تي هلندا؟ ائين انهن کي نہ ڪرڻ گهرجي. هن آيت ۾ انهن جي ان جواب تي حسرت ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي.

ڇا ابن ڏاڏن جي ڪنهن بہ طريقي تي نہ هلجي

جيڪڏهن ابا ۽ ڏاڏا سراپا رشد ۽ هدايت هجن تہ انهن جي اتباع ڪرڻ عين مقصود آهي ۽ اها انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي سنت ۽ سندن ارشاد آهي. حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جن مصر جي قيدخاني ۾ اهوئي فرمايو هو تہ: "وَاتَّبَعۡتُ مِلَّةَ اٰبَآءِيۡۤ" ۽ مون پنهنجن ابن ڏاڏن جي ملت جي اتباع ڪئي آهي. ان الفاظ کي قران ڪريم بغير انڪار ۽ ترديد جي بيان ڪيو آهي. هن آيت جي الفاظ "اَوَلَوۡ كَانَ اٰبَآؤُهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ شَيۡـًٔا وَّلَا يَهۡتَدُوۡنَ" مان ثابت ٿيو تہ ابن ۽ ڏاڏن جي تابعداري ۽ تقليد ان جي ڪري منع هئي جو انهن کي نہ عقل هو ۽ نہ هدايت. هدايت مان مراد اهي احڪام آهن جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان صريح طور تي نازل ڪيا ويا آهن ۽ عقل مان مراد اهي احڪام آهن جيڪي اجتهاد جي ذريعي شرعي نصوص مان استنباط ڪري ڪڍيا ويا آهن انهن جي اتباع نہ ڪرڻ جو حڪم ان لاءِ هو جو انهن وٽ اهي ٻئي ڳالهيون نہ هيون - ها جنهن وٽ قرآن وسنت جو وسيع علم آهي ۽ اهو اجتهاد جي درجي کي پهتل آهي جو جيڪي احڪام قرآن ۽ سنت ۾صراحتا نہ ملي سگهن تہ انهن کي قرآن وسنت جي نصوص مان قياس جي ذريعي ڪڍي سگهي تہ اهڙي عالم، مجتهد جي تقليد ۽ اتباع جائز آهي. ان جي ڪري نہ جو اهو ان جو پنهنجو حڪم آهي ان جي اتباع ڪيون بلڪ ان لاءِ جو الله تعاليٰ جو حڪم مڃي ان جي اتباع ڪرڻي آهي مگر جڏهن تہ اسان ۾ ان مسئلي کي سڌو سمجهڻ جي اهليت نہ آهي تہ جنهن ان کي سمجهيو آهي ان جي تحقيق تي هلون.

علامه قرطبيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: تعلق قوم بهذه الآية في ذم التقليد لذم الله تعاليٰ الكفار باتباعهم لآباءهم في الباطل واقتداءهم بهم في الكفر والمعصية. وهذا في الباطل صحيح، اما التقليد في الحق فاصل من اصول الدين وعصمة من عصم المسلمين يلجا اليها الجاهل المقصر عن درک النظر (١)

(١) تفسير القرطبي ص ٢١١ ج ٢

يعني هڪڙن ماڻهن هن آيت مان ڪنهن به امام جي تقليد جي مذمت ورتي آهي. ڇو جو الله تعالىٰ ڪافرن جي مذمت به ان ڪري ڪئي آهي جو پنهنجن ابن، ڏاڏن جي باطل، ڪفر ۽ گناهه ۾ اقتداء ڪندا هئا ۽ باطل ۾ تابعداري ڪرڻ صحيح نه آهي ان جي ڪري ان جي مذمت صحيح آهي. باقي حق ۾ تقليد ڪرڻ ته دين جي اصول مان هڪ اصل آهي ۽ مسلمانن جي بچاءَ وارين شين مان هڪ بچاءَ واري شيءِ آهي جنهن سان جاهل، علمي مقام کان خالي، پناهه وٺندو آهي.

علامه موصوف ڪجهه اڳتي هلي لکيو آهي ته فرض العامي الذي لايشتغل باستنباط الاحكام من اصولها لعدم اهليته فيما لايعلمه من امر دينه ويحتاج اليه ان يقصد اعلم من في زمنه وبلده فيساله عن نازلته فيمتثل فيها فتواه (١) يعني اهو عام ماڻهو جيڪو شرعي اصول مان پنهنجي اهل نه هجڻ جي ڪري احڪام نه ٿو ڪڍي سگهي ان تي فرض آهي ته جيڪو ديني مسئلو نه ٿو ڄاڻي ۽ ان جي ڄاڻڻ جي ضرورت اٿس ته پنهنجي وقت ۾ پنهنجي شهر جي وڏي عالم کان پنهنجي مسئلي جو پڇي ان جي فتويٰ تي عمل ڪري.

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا

۽ مثال انهن جو جو ڪفر ڪيائون انهن وانگر آهي جو دانهون ٿو

يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّنِدَآءً ۭ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ

ڪري ان جي پويان جو نه ٿو ٻڌي مگر سڏ ۽ آواز ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن پوءِ

لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٧١﴾

اهي نه ٿا سمجهن.

(١) تفسير القرطبي ص ٢١٢ ج ٢

تفسير

هن آيت ۾ ڪافرن جو مثال انهن جانورن ٻسان ڏنو ويو آهي جن کي ڌنار پويان هڪلون ڏيندو ڳالهائيندو ايندو آهي اهي صرف آواز ٻڌندا آهن مگر سمجهندا نه آهن ڪافرن جي اڳيان به جڏهن قرآن ڪريم جون آيتون تلاوت ڪيون ويندي يون آهن ته صرف آواز ۽ الفاظ ٻڌندا آهن مگر سمجهڻ جي لاءِ تيار نه هوندا آهن. ابن جرير، ابن ابي حاتم حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان راويت آندي آهي ته اهي ڍڳن، گڏهن، ۽ ٻڪرين وانگر هوندا آهن جو انهن کي ڪاڳالهه چئبي ته آوازٻڌندا آهن پر سمجهندا نه آهن اهڙيءَ طرح انهن ڪافرن کي به الله تعاليٰ جي پياري نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو صرف آواز ٻڌڻ ۾ ايندوآهي سمجهندا نه آهن. (١)

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُلُوا مِنْ طَيِّبَاتِ مَا رَزَقْنَاكُمْ وَ

اي ايمان وارؤ! کائو ان پاڪ (شين) مان جو رزق ڏنو سون اوهان کي ۽ شڪر ڪيو

اشْكُرُوا لِلَّهِ إِنْ كُنْتُمْ إِيَّاهُ تَعْبُدُونَ ﴿١٧٢﴾ إِنَّمَا

الله جو جيڪڏهن خاص ان جي عبادت ڪيو ٿا اوهان تي (صرف) حرام ڪيائين

حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيرِ

مئل ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جو ڪهڻ وقت بلند آواز سان ورتو ويو

وَمَا أُهِلَّ بِهِ لِغَيْرِ اللَّهِ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ

ان تي الله کان سواءِ ٻيو نالو. پوءِ جيڪو مجبور ڪيو وڃي نه سرڪشي ڪندڙ ۽

(١) الدر المنثور ص ٤٠٥ ج ١

وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (١٧٣)

نہ حد کان لنگھندڙ تہ پوءِ نہ آھي کو گناھ ان تي. بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

تفسير

هنن آيتن ۾ الله تعاليٰ حلال شين کائڻ جو حڪم ڪيو ۽ حرام شين کان جهليو آهي. حلال شيون کائي انهن تي الله تعاليٰ جي شڪر ڪرڻ جو بہ امر آهي. حلال کائڻ سان هڪ نور پيدا ٿيندو آهي جنهن سان بد اخلاقيءَ کان نفرت، سهڻن اخلاقن ڏانهن رغبت، ۽ عبادت ۾ ذوق ۽ دعامقبول ٿيندي آهي.

* حلال رزق جي برڪت *

رزق حلال کائڻ جي ايتري اهميت آهي جو الله تعاليٰ پنهنجن سينني رسولن سڳورن عليهم الصلواه والسلام کي حڪم فرمايو تہ "يَآاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا" (١) يعني اي پيغمبرؤ! پاڪ شيون کائو ۽ صالح عمل ڪيو هن آيت ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ پاڪ شين کائڻ جو صالح عمل ڪرڻ ۾ وڏو دخل آهي. اهڙيءَ طرح دعا جي مقبول هجڻ ۾ بہ حلال ۽ پاڪ کاڌي کائڻ جو دخل آهي.

حرام کائڻ کان سختيءَ سان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

اسلام ۾ حرام کائڻ کان سختيءَ سان منع ڪيل آهي ڇوتہ حرام کائڻ سان انسان ۾ خراب عادتون، بداخلاقي، بڇڙا ڪردار پيدا ٿين ٿا. انهن مان عبادت جو ذوق نڪري ٿو وڃي ۽ ان جي دعا بہ بارگاهہ ايزديءَ ۾ قبول نہ پوندي آهي، جيئن حديث پاڪ ۾ آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ " گهڻا ماڻهو ڏگهي سفر وارا، پريشان، الله جي اڳيان دعا جي لاءِ هٿ ڊگها ڪري "يارب"

(١) سوره المؤمنون رکوع ٤ پ ١٨

"يا رب" چوندا آهن مگر انهن جو کاڌو، پيئڻ لباس ۽ غذا حرام مان هوندا آهن ته انهن جي دعا ڪٿان قبول ٿيندي؟(١)

ان جي ڪري الله تعاليٰ انهن حرام ڪيل شين مان چئن شين جو هتي ذڪر انما جي لفظ سان ڪيـو آهي. ۽ آيت شريفه جو مفهوم هيءُ آهي ته الله تعاليٰ صرف اهي شيون حرام ڪيون آهن جيڪي اڳيان ذڪر ٿي رهيون آهن،ان کان سواءِ حرام نه آهن هن آيت ۾ ته اهو حصر اِنَّمَا جي لفظ مان سمجهيو ويو آهي پر ٻيءَ آيت ۾ ته ان کان به زياده صراحت سان ذڪر ڪيو ويو آهي جيئن فرمان ايزدي آهي "قُلْ لَّآ اَجِدُ فِيْمَا اُوْحِيَ اِلَيَّ مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ" (٢)

هن آيت ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن کي حڪم ڪيو ويو آهي ته اوهان اعلان ڪيو ته :مون ڏي جيڪو وحي ڪيو ويو آهي ان ۾انهن ٽن شين کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ حرام نه آهي.

* سوال *

قرآن ڪريم جي آيتن ۽ نبوي احاديث ۾ انهن ٻن ٽن شين کان سواءِ ٻين گهڻين شين جو حرام هجڻ ثابت آهي ته پوءِ حصر ڪيئن ٿيندو ته صرف هي شيون حرام آهن؟

* جواب *

هتي مطلق حرام ۽ حلال جو ذڪر نه آهي، بلڪ انهن مخصوص جانورن جو ذڪر آهي جن جي باري ۾ مڪي مڪرمه جا مشرڪ پنهنجي شرڪ وارن عقيدي جون غلطيون ڪندا هئا. اڳ ۾ اهڙو ذڪر اچي چڪو آهي ته ڪيترن حلال جانورن کي به اهي پنهنجي طرفان حرام ڪري ڇڏيندا هئا ان ڳالهه جي مخالفت ڪندي هتي ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ ته صرف هي جانور حرام ڪيا آهن ٻيا نه باقي جيڪي الله تعاليٰ حلال ڪيا آهن اهي ڇو ٿا حرام ڪيو؟ هتي حصر ضرور آهي مگر حصر مطلق نه آهي حصر اضافي آهي مشرڪن جي شرڪن جي شرڪيه عقائد

(١) تفسير معارف القرآن ص ٣٦٠ ج١ (٢) سورة الانعام رڪوع ١٨ پ٨

جي مقابلي ۾ آهي . هاڻي انهن حرام ڪيل جانورن جي متعلق وضاحت ڪجي ٿي.

چار حرام ڪيل جانور

پهريون ميته -مردار ٢- ٻيو دم - رت ٣- ٽيون لحم الخنزير - سوئر جوگوشت
۴- چوٿون اهو جانور جنهن تي ڪهڻ وقت الله کان سواءِ ٻئي جي نالي سان وڏو آواز ڪيو وڃي.

١- مردار

ان مان مراد اهو جانور آهي جنهنجي حلال هجڻ جي لاءِ شريعت ۾ شرعي طريقن سان ڪهڻ ضروري آهي مگر اهوڪهڻ کان سواءِ پاڻهي مري وڃي يا گلو گهٽي ماريوويو هجي. يا ڪنهن ٻيءَ طرح سان چوٽ کائي مري ويوهجي ته اهو ميته مردار ۽ حرام آهي پر قرآن ڪريم جي ٻيءَ آيت "وَأُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ (١) مان معلوم ٿئي ٿو ته درياءَ ۽ سمنڊ ۾ رهڻ وارن جانورن جي لاءِ ذبح ڪرڻ جو حڪم نه آهي اهي ذبح ڪرڻ کان سواءِ به کائڻ جائز آهن. ان بنا تي صحيح حديثن سان مڇيءَ کي ۽ مڪڙ کي ميته کان جدا ڪري حلال ڪيوويوآهي جيئن احمد، ابن ماجه، دارقطنيءَ، حاڪم ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن عمررضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو" أُحِلَّتْ لَنَا مَيْتَتَانِ وَدَمَانِ اَلسَّمَکُ وَالْجَرَادُ وَالْكَبِدُ وَالطِّحَالُ" (٢) يعني اسان جي لاءِ ٻه پاڻهي مري ويل شيون ۽ ٻه رت حلال ڪيا ويا آهن مڇي ۽ مڪڙ ۽جيئري جو رت ۽ ڦهي- ان حديث مان ثابت ٿيو ته مڪڙ پاڻهي مرن ياڪو ڏک هٽي مارين ته به بغير ذبح جي حلال آهن. ها جيڪا مڇي پاڻيءَ ۾ اندر مري سڙي وڃي پوءِ پاڻيءَ جي مٿان تري بيهي ته اها حرام آهي (٣)

---

(١) سوره المائده رڪوع ١٣ پ ٧ (٢) الدر المنثور ص ۴٠٧ ج ١
(٣) احڪام القرآن للجصاص ص ١٠٨ ج ١

*٢- رت *

هن آيت ۾ ٻيءَ حرام ڪيل شيء جي لاءِ الدم جولفظ آيو آهي دم جي معنيٰ رت آهي.هن آيت۾ الدم مطلق لفظ آيل آهي مگر سورة الانعام ۾ مسفوحا (وهڻ واري رت) جو قيد لڳايوويو آهي ان جي لاءِ امت جي فقيهن عالمن جي تحقيق آهي تہ گردو، زيرا وغيره حلال آهن جو اهو مسفوح رت نہ آهي اهڙيءَ طرح سير وجهڻ ڪان پوءِ جيڪو رت وهي نڪري ويو سو تہ حرام آهي باقي جيڪو گوشت سان گڏ ڪجھ رهجي ويو اهو حرام نہ آهي صحابہ ڪرام، تابعين عظام ۽ فقهاءِ اعلام جوان تي اتفاق آهي ۽ سيني جو اهو قول آهي (١)

*٣- سوئر جو گوشت *

هن آيت ۾ سوئر جي گوشت حرام هجڻ جو بيان آهي پرا ن جو مطلب اهو نہ آهي تہ گوشت ڪان سواءِ باقي حلال آهي !نہ هرگز نہ! علامہ قرطبيءَ عليہ الرحمة لکيو آهي تہ خص الله تعاليٰ ذکر اللحم من الخنزير ليدل عليٰ تحريم عينہ ذُکيَ اولم يذک وليعلم الشحم وما هنالک من الغضاريف وغيرها (٢) يعني ان لفظ جي خاص ذ ڪر ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ اهو سڄو حرام آهي ان جي چربي، کل، وار هر شيءِ حرام آهي. اهو کهونہ کهو هر طرح حرام آهي.

٤- جنهن تي کهڻ وقت اللهڪان سواءِ ٻئي جو نالو وڏي آواز سان ورتو وڃي.

هن جي لاءِ "مَا اُهِلَّ" جو لفظ آيل آهي. اُهِلَّ ماضي مجهول جو صيغو اهلال ڪان ورتل آهي. ان جو جيڪو ترجمو متي لکيو ويو آهي سو بعينہ مشهور ۽معروف مفسر، محدث، اسلامي فلاسفر، ديوبندي، اهلحديث، بريلوي علماء مان چوٽيءَ جي عالمن جي

(١) تفسير معارف القرآن ص٣٦٣ ج١ (٢) التفسير القرطبي ص٢٢٢ج٢

استاد حضرت شاهه ولي الله محدث دهلويءَ كيو آهي سندس فارسي زبان ۾ لکيل قرآن
ڪريم جو ترجمو ڏسو هن آيت وارا الفاظ "مَآ اُهِلَّ" قرآن ڪريم ۾ ڇئن جاين تي آيا آهن
هر هڪ جاءِ تي حضرت شاهه صاحب هيئن ترجمو لکيو آهي. "وآنچه آواز بلنده
كرده شود درذبح وي بغير خدا" يعني جنهن جي مٿان ڪهڻ جي وقت الله تعاليٰ کان
سواءِ ٻئي جو نالو ورتو وڃي. علامه ثناءُ الله پاني پتيءَ عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ"
قال الربيع بن انس يعني ما ذكر عند ذبحه اسم غير الله . (۱)
يعني ان جي معنيٰ لاءِ ربيع بن انس فرمايو آهي تہ جنهن جي ڪهڻ وقت الله تعاليٰ
کان سواءِ ٻئي جو نالو ورتو وڃي - علامه آلوسيءَ بغداديءَ عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ
اي بذبحه الصوت لغير الله تعاليٰ (۲)

يعني جنهن جي ڪهڻ ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي جو نالو ورتو وڃي، علامه
بيضاويءَ جنهن جو تفسير هر مدرسي ۾ پڙهيو ۽ پڙهايو ويندو آهي. هن لفظ جي
معنيٰ بيان ڪندي لکيو آهي تہ: اي رفع به الصوت عند ذبحه للصنم (۳)
يعني جنهن کي بت جي لاءِ ڪهندي ان تي وڏو آواز ڪيو وڃي (۽ ان بت جو نالو
ورتو وڃي) ۽ ڪيترن مفسرن ان آيت جي انهيءَ لفظ جي اهائي معنيٰ بيان ڪئي
آهي.
علامه ابوبكر جصاص عليه الرحمه لکيو آهي تہ ولا خلاف بين المسلمين ان المراد
به الذبيحۃ اذا اهل بها لغير الله عندالذبح (۴)
يعني سڀ مسلمان ان ڳالهه تي متفق آهن تہ ان مان مراد اهو ڪٺل جانور آهي
جنهن تي ڪهڻ وقت غير الله جو نالو ورتو وڃي،

(۱) تفسير مظهري ص ۱۵۸ ج ۱ (۲) تفسير روح المعاني ص۴۲- جلد ۱ جزءِ ۲

(۳) تفسير بيضاوي ص۱۲۳ ج ۱ (۴) احكام القرآن للجصاص ص۱۲۵ ج ۱

* ضروري وضاحت *

بعضي ماڻهو انهن شين کي بہ حرام چوندا آهن جنهن تي ڪنهن نبيءَ سڳوري عليه الصلواة والسلام جو يا ڪنهن وليءَ جو نالو رکيو ويندو آهي پلي ان تي کهڻ وقت الله تعاليٰ جونالو ورتو وڃي، چو تہ ان طرح ڪرڻ سان مشرڪن جي مشرڪانہ عمل سان تشبيہ ٿيندي آهي. جو اهي بہ پنهنجن بتن جي نالي تي ڏيندا وتندا هئا. پر جيڪڏهن انصاف جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ مسلمانن جي هن عمل جي مشرڪن جي عمل سان ظاهري يا باطني صوري يامعنوي ڪنهن قسم جي بہ مشابهت نہ آهي. ڪافر جڏهن اهڙن جانورن کي کهندا هئا تہ پنهنجن بتن جونالووٺي انهن جي گلي تي ڇري هلائيندي چوندا هئا تہ باسم اللات والعزيٰ (لات ۽ عزيٰ جي نالي سان ذبح ٿا ڪيون) ۽ مسلمان ذبح ڪرڻ وقت الله تعاليٰ جي نالي کان سواءِ ——————— ٻئي ڪنهن جو نالو وٺڻ، گوارا نہ ڪندا آهن. ان جي ڪري ظاهري مشابهت بہ نہ ٿي ۽ ڪافر انهن جي بتن کي کهندا ئي انهن بتن جي عبادت جي نيت سان هئا ڪنهن کي ثواب پهچائڻ مقصود نہ هو. ۽مسلمان ڪنهن غيرالله جي عبادت جي نيت سان ان جانورجي جان تلف نہ ڪندا آهن. بلڪ انهن جي نيت اها هوندي آهي تہ، ان جانور کي الله تعاليٰ جي نالي سان ان جي ئي رضا لاءِ ذبح ڪري ان جو گوشت ڪچو يا رڌڻ کان پوءِمسلمانن کي کائڻ لاءِ ڏيندا آهن ۽ ان جو ثواب ڪنهن جي روح کي ملڻ جي دعا گهرندا آهن. مسلمانن ۽مشرڪن جي عمل ۾ فرق واضح آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهوڪنهن جانور جي ذبح ڪرڻ وقت غير الله جونالو وٺي يا غير الله جي عبادت ۽ ان جي تقرب جي نيت سان ڪو جانور کهي تہ اهو ڪٺل جانور حرام آهي ۽ ائين ڪرڻ وارومشرڪ آهي باقي جيڪڏهن مقصد صرف بزرگ يامتمائت يادوست کي ان خير جو ثواب پهچائڻ آهي جيئن مسلمانن ڪلمي پڙهندڙن جوعقيدو هوندو آهي تہ ان کي پنهنجي طرفان تاويل ڪري حرام ڪرڻ ۽ ان ڪندڙ تي شرڪ جي فتويٰ هلائڻ هڪ سني ۽ محقق عالم کي مناسب نہ آهي.

"فَمَنِ اضْطُرَّ"- پوءِ جيڪو مجبور ڪيوويو- يعني جيڪڏهن ڪو شخص مجبوريءَ جي اهڙيءَ حالت ۾ آهي جو ان جي حياتيءَ کي خطرو آهي تہ اهو

ان مردار مان پنهنجيءَ حياتيءَ بچائڻ لاءِ ايترو کائي سگهي ٿو جنهن سان ان جي حياتي بچي ۽ ان ۾ ان تي ڪو بہ گناهہ نہ آهي.

* هڪ عجيب نڪتو *

ان مجبور جي لاءِ حرام مان زندگيءَ بچائڻ لاءِ ڪجهہ کائڻ جي اجازت ۾ الله تعاليٰ فرمايو- فَلَآ اِثۡمَ عَلَيۡهِ .ان تي گناهہ نہ آهي يعني مجبوريءَ جي حالت ۾ بہ اهو حرام رهندو،حلال نہ آهي پر جان بچائڻ لاءِ کائيندڙ کي ان تي پڪڙ نہ ٿيندي. ائين نہ آهي تہ اهو حلال ٿي ويندو (١)

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَكۡتُمُوۡنَ مَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ الۡكِتٰبِ

بيشڪ اهي شخص جو لڪائين ٿا اهو جو نازل ڪيو الله ڪتاب مان ۽ خريد

وَيَشۡتَرُوۡنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ۙ اُولٰٓئِكَ مَا يَاۡكُلُوۡنَ

ڪن ٿا ان جي عوض ملهہ ٿورو اهي نہ ٿا کائن پنهنجن پيٽن ۾

فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ اِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوۡمَ

مگر باهہ ۽نہ ڳالهائيندو انهن سان الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ۽

الۡقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيۡهِمۡ ۖۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿١٧٤﴾

نہ پاڪ ڪندو انهن کي ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

(١) تفسير معارف القرآن ص٣٦٩ ج١

تفسير

يهودي علماء الله تعاليٰ جي حڪمن کي لڪائيندا هئا محبوب مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جو شان ۽ صفتون جيڪي تورات ۾ لکيل هيون اهي به بيان نه ڪندا هئا ۽ چند پئسن جي لالچ جي ڪري شريعت ۾ ردوبدل ڪندا هئا هدايت جي سرچشمي مان نه پاڻ پيئندا هئا ۽ نه ٻين کي پيئڻ ڏيندا هئا پاڻ به گمراهه رهندا هئا ته ٻين لاءِ به هدايت جا دروازا بند رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا اهو گناهه جڏهن ته تمام وڏو هو ته ان جي سزا به تمام سخت رکي وئي ۽ ٻڌايو ويو ته اهي مٺا مٺا لقما جيڪي حق لڪائي کائو ٿا اهي جهنم جا نه وسامڻ وار ٽانڊا آهن جن جو ساڙڻ ختم نه ٿيندو ٻيو ته انهن سان قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ نه ڳالهائيندو جنهن مٺڙي اخلاص ۽ محبت جو رڳو نالو ٻڌو هوندو اهو به اها ڳالهه قبول نه ڪندو ته حقيقي مالڪ، حقيقي محبوب، هميشه مهربانين ڪرڻ وارو، هر وقت بي انداز عنايتون فرمائيندڙ رب پنهنجي رحمت جي نگاهه ان کان ڦيرائي ڇڏي، ان سان نه ڳالهائي الله تعاليٰ پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي صدقي اهڙي گناهه کان ۽ پنهنجي ناراضپي کان بچائي. ٽين سزا هيءَ آهي ته انهن جي منهن تي گناهه جا نشان نمايان هوندا ۽ انهن کي رحمت جي پاڻيءَ سان ڌوئي پاڪ ۽ صاف نه ڪيو ويندو.

حق لڪائڻ جي سزا

هن آيت ۾ صرف يهودين جي عالمن جو حڪم نه آهي هن امت جي عالمن مان جيڪڏهن ڪو اهڙي قسم جو گناهه ڪندو حق لڪائيندو ته ان جي لاءِ به اها سزا آهي حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته: ٽن شخصن سان الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن نه ڳالهائيندو، نه کين پاڪ ڪندو ۽ نه انهن ڏانهن نهاريندو ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ١- پوڙهو زنا ڪندڙ ٢-ڪوڙ ڳالهائيندڙ بادشاهه ٣- مسڪين هٺ ڪندڙ. (١)

(١) مسلم مع النووي ص ٧١ ج ١

أُولَـٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلَالَـةَ بِالْهُدٰى وَالْعَذَابَ

اِهي اُهي (بدنصيب) آهن جو خريد ڪيائون گمراهي عوض هدايت جي ۽ عذاب

بِالْمَغْفِرَةِ ۚ فَمَآ اَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ﴿١٧٥﴾

عوض بخشش جي پوءِ ڪنهن صبر ڪندڙ بنايو انهن کي باهه تي اهو ان سببان

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ ۗ وَاِنَّ الَّذِيْنَ

جو بيشڪ الله نازل ڪيو ڪتاب حق سان ۽ بيشڪ جن اختلاف

اخْتَلَفُوْا فِي الْكِتٰبِ لَفِيْ شِقَاقٍ بَعِيْدٍ ﴿١٧٦﴾

ڪيو ڪتاب ۾ البته اختلاف پرانهين ۾ آهن.

تفسير

هن آيت ۾ تعجب جو اظهار ڪندي بيان ڪيو ويو آهي ته : جن الله تعالىٰ جي فرمانن کي لڪايو ۽ لالچ ۽ رشوت جي طمع تي حق بيان نه ڪيو انهن هدايت وڪڻي گمراهي خريد ڪئي آهي، ڇو ته عذاب گمراهيءَ جي پٺيان ۽ مغفرت هدايت جي پٺيان آهي هتي هنن جي هميشه خساري ۽ نقصان جو بيان آهي ڇو ته دنيا ۾ سٺين ۾ سٺيون ٻه شيون آهن ١- هدايت وارو ٿيڻ ٢- علم حاصل ڪرڻ ۽ بڇڙي ۾ بڇڙيون شيون به ٻه آهن. ١-گمراهي ٢- جهالت- آخرت ۾ سڀ کان نفعي واري شيءِ مغفرت آهي ۽ سڀ کان وڏيڪ نقصان ڪار عذاب آهي. اهڙا ماڻهو ٻنهي جهانن ۾ خساري وارا آهن جو دنيا ۾ سٺيون شيون ڇڏي برين جي پٺيان لڳا ۽ آخرت ۾ نفعو ڏيندڙ شيءِ جي بجاءِ نقصان واريءَ شيءِ جا طالب ٿيا.

"فَمَآ اَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ"- هنن لفظن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته :انهن کي اهڙي عمل ڪرڻ

جي جرئت ڪيئن ٿي جيڪو ڪين جهنم ۾ وڃڻ وارو عمل ڪري ٿو. يعني ڪيترا جهنم جي باه تي صبر ڪرڻ قبول ڪيائون. هن ۾ الله تعاليٰ مخلوق کي عجب ڏياري ٿو ته انهن جي باوجود جو هنن کي خبر هئي ته الله تعاليٰ هن عمل تي راضي نه آهي ته پوءِ اهڙا عمل ڪري ڪيئن ٿا عذاب قبول ڪن؟ ڪتاب ۾ اختلاف ڪرڻ وارا " شقاق بعيد " ۾ آهن. امام رازيءَ لکيو آهي ته اي حبيب صلي الله عليه وسلم! اهي اوهان جي دشمنيءَ خاطر ڪتاب ۾ اختلاف ڪن ٿا پر اوهان انهن جي ڪا پرواهه نه ڪيو (١)

لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ

نه آهي نيڪي (صرف هيءَ) جو ڦيرايو پنهنجن منهن کي اوڀر طرف ۽ اولهه

وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ

طرف ۽ پر نيڪيءَ وارو اهو آهي جو ايمان آڻي الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽

وَالْكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ ۚ وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى

ملائڪن تي ۽ ڪتاب تي ۽ نبين تي ۽ ڏي مال ان (الله تعاليٰ) جي

الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۙ

محبت ۾ قرابت وارن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن ۽ سوال ڪندڙن

وَ السَّآئِلِيْنَ وَفِى الرِّقَابِ ۚ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى

کي ۽ ٻانهن جي آزاد ڪرڻ ۾ ۽ قائم ڪري نماز ۽ ڏئي زڪواة ۽

الزَّكٰوةَ ۚ وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَالصّٰبِرِيْنَ

وفا ڪندڙ آهن پنهنجي وعدي کي جنهن وقت وعدو ڪيائون ۽ صبر ڪندڙ

(١) تفسير ڪبير ص٣٤ ج٥

فِی الْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِیْنَ الْبَاْسِ ؕ اُولٰٓئِکَ

مصيبت ۾ ۽ سختيءَ ۾ ۽ جنگ جي وقت اهي ئي اهي آهن

الَّذِیْنَ صَدَقُوْا ؕ وَاُولٰٓئِکَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۱۷۷﴾

جن سچائي ڪئي ۽ اهيئي پرهيزگار آهن.

تفسير

سمجهڻ گهرجي ته هر دين ۾ بعضي ظاهري اعمال هوندا آهن ۽ بعضي حقيقي مقاصد. جو ته انهن ظاهري عملن سان انسان حقيقي مقصدن کي ماڻيندو آهي ان جي ڪري انهن ظاهري عملن جو بجا آڻڻ ضروري هوندو آهي جيستائين مسلم قوم دين جي دامن کي مضبوطيءَ سان جهلي بيهندي آهي ته اهي ظاهري اعمال ۽ حقيقي مقاصد ان جي نظرن جي اڳيان هوندا آهن ۽ ٻنهي کي هڪ جهڙي اهميت ڏني ويندي آهي پر جڏهن دين جو شوق گهٽجندو آهي ته آهستي آهستي حقيقي مقاصد به نظرن تان لهي ويندا آهن پوءِ اهي عمل روح کان سواءِ صرف رسم طور ادا ڪيا ويندا آهن. مثال طور نماز اسلام جي بنيادي عبادتن مان آهي پر حضور صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي ته "جيڪا نماز بدڪاريءَ کان نه روڪي اها ان شخص کي خدا کان زياده پري رکندي آهي اوکما قال صلي الله عليه وسلم (۱) هن آيت سڄوريءَ ۾ به ان حقيقت کي کولي کولي بيان ڪيو ويو آهي ته محمدي امت علیٰ نبيها الصلواة والسلام اڳين امتن وانگر صرف ٻن ظاهري عملن تي ڪفايت ڪري نه ويهي. ۽ نيڪيءَ ۽ تابعداريءَ کي ان ۾ منحصر نه سمجهي. هن آيت ۾ ليس البر ان تولوا وجوهکم (۽ منهن اوڀر يا اولهه ڏي ڪرڻ نيڪي نه آهي) چيو ويو آهي ان جو مطلب اهو آهي ته صرف اهو ڪم نيڪي نه آهي ٻيا ڪم به آهن جن جي ڪرڻ سان ماڻهو نيڪ، صالح ٿيندو. هن آيت ۾ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اسلام جي ساري تعليم هنن چئن عنوانن ۾ داخل آهي ۱- عقائد ۲- معاملات - ۳- عبادات ۴- اخلاق من آمن کان والنبيين تائين عقائد جو ذڪر آهي اٰتي المال کان وفي الرقاب تائين معاملات جو بيان ۽ اقام الصلواة واٰتي الزکوٰة ۾ عبادات جو ذڪر ۽ ان کان پوءِ اسلام جنهن ضابطهءِ اخلاق جي تعليم ڏئي ٿو والموفون کان پڇاڙيءَ تائين ان جو بيان آهي.

(۱) ضياءُ القرآن ص ۱۱۸ ج ۱

ڪاش جيڪڏهن اهڙي لاثاني دستور العمل رکڻ واري امت ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪري ها تہ اها پاڻ ۾ ۽ پنهنجي گردوپيش ۾ هڪ واضح انقلاب محسوس ڪري ها. مقصد تہ هيءَ آيت اسلامي احڪام جي لاءِ نهايت جامع آيت آهي ۽ هن ڪان پوءِ سورة بقره جي پوري ٽيڻ ٽائين تقريبًا هن آيت جون مزيد تشريحات ۽ اسلامي احڪام ڪي بيان ڪرڻ ۾ نهايت ئي بليغ اشارات آهن مثلاً مال خرچ ڪرڻ جي بيان ۾ "عليٰ حبه" جو لفظ ملايو ويو آهي. ان جي معنيٰ ۾ ٽي احتمال آهن هڪ هيءُ تہ ضمير الله تعاليٰ ڏي موٽي ٿو. معنيٰ تہ الله تعاليٰ جي محبت ۾ الله تعاليٰ جي نالي ٿا خرچ ڪن. انهن جو مقصد صرف نالو، يا ڏيکاءُ نہ آهي نہ سندن ڪو ذاتي يا نفساني غرض آهي. بلڪ ڪامل اخلاص سان مالڪ جي محبت ۾ خرچ ڪن ٿا. ٻيو احتمال هيءُ آهي تہ ۾ ضمير مال ڏي ٿو موٽي پوءِ مراد هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ انهيءَ مال جو خرچ ڪرڻ ثواب جو باعث آهي جنهن مال سان ان خرچ ڪندڙ جي محبت آهي بيڪار ۽ اڇلائڻ جهڙيون شيون الله تعاليٰ جي نالي ڏيڻ سان ڪوبہ ثواب نہ ملندو. جيڪا شيءِ ٻانهي ڪي ئي نہ ٿي وڻي جيڪو محتاج آهي تہ اها الله تعاليٰ جي نالي تي ڪيئن ٿو ڏي جيڪو رب محتاجيءَ ڪان پاڪ آهي. ٽيون احتمال هيءُ آهي تہ "اٰتيٰ" جي لفظ مان جيڪو ايتاءُ (ڏيڻ) سمجهہ ۾ ٿو اچي ۾ ضمير ان ڏي ٿو وري. پوءِ مقصد ٿيندو تہ ان ٻانهي ڪي الله تعاليٰ جي نالي مال ڏيڻ سان محبت آهي. ائين نہ آهي جو مال ڏي بہ ٿو پر دل ۾ ڏک اٿس تہ ڇو ڏنم.

* فائدو *

هن آيت ۾ "وَاٰتَى الْمَالَ" ڪان رب جي نالي تي مال ڏيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي نماز قائم ڪرڻ جو بيان ڪري ان ڪان پوءِ زڪواة جو ذڪر ڪيو ويو آهي ان ۾ هيءُ نڪتو آهي تہ صرف زڪواة ڏيڻ فرض نہ آهي پر ان ڪان سواءِ ٻيا ڪم بہ آهن جن ۾ مال خرچ ڪرڻ فرض يا واجب آهي ۽ ان سان ئي نيڪيءَ جو ڪمال حاصل ٿيندو آهي. مثلا جيڪڏهن ڪو مٽ، مائٽ ڪمائڻ ڪان معذور آهي تہ ان ڪي خرچ ڏيڻ مالدار تي واجب آهي. يا تو زڪواة تہ ڏئي ڇڏي آهي پر ڪو مسڪين تنهنجي پاڙي ۾ بک جي ڪري مري رهيو آهي تہ ان ڪي جان بچائڻ جي لاءِ خرچ

ڏيڻ ۽ ان جي جان بچائڻ توتي فرض آهي. اهڙيءَ طرح جتي ضرورت هجي اتي مسجد ٺهرائڻ يا ڪٿي جاهل ماڻهو آهن انهن جي تعليم جي لاءِ مدرسو ٺهرائڻ، مڪتب کولڻ اهي سڀ مالي فرائض ۾ داخل آهن. دارقطنيءَ حضرت بيبي فاطمه بنت قيس رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِنَّ فِي الْمَالِ حَقًّا سِوَي الزَّكٰوةِ" يعني زڪواة کان سواءِ به مال ۾ حق آهي. اها حديث ابن ماجه پنهنجي سنن ۾ ۽ ترمذيءَ پنهنجي جامع ۾ آندي آهي. (١) فرق ايترو آهي ته زڪواة جو هڪ خاص قانون آهي ان جي موافق زڪواة هر حال ۾ ادا ڪرڻ ضرروي آهي. باقي ٻين ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ انهن جي حال تي موقوف آهي. جتي ضرورت پوندي ته خرچ ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ضرورت نه آهي ته فرضيت به نه آهي "والموفون بعهدهم" وعدي وفائي ڪندڙ. هن ڳالهه کي اسم فاعل جي صيغي سان بيان ڪرڻ ۾ اهو نڪتو آهي ته اها وعدي وفائيءَ واري عادت انهن ۾ هميشه ۽ دائمي هجڻ گهرجي. ان کان پوءِ صبر جو ذڪر آيو جيڪو سيني باطني عملن جو روح آهي. ان جي ذريعي سهڻا اخلاق حاصل ڪيا ويندا آهن. ان طرح سان هن آيت سڳوريءَ ۾ صالح عملن جو روح ۽ اهم اصول بيان ڪيا ويا آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ

اي ايمان وارؤ! فرض ڪيو ويو اوهان تي قصاص (ناحق) قتل ڪيلن ۾. آزاد

فِي الْقَتْلٰى ۭ اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ وَالْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَالْاُنْثٰى

عوض آزاد جي ۽ ٻانهو عوض ٻانهي جي ۽ عورت عوض عورت جي. پوءِ

بِالْاُنْثٰى ۭ فَمَنْ عُفِيَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَيْءٌ فَاتِّبَاعٌ

جنهن کي معاف ڪيو وڃي ان جي ڀاءُ جي طرفان ڪا شيءِ پوءِ (ان جي طلب لاءِ) پٺيان لڳڻ

(١) تفسير القرطبي ص ٢٤١ ج ٢

بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَاَدَآءٌ اِلَيۡهِ بِاِحۡسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخۡفِيۡفٌ

آهي نيڪيءَ سان ۽ (خون بها) ادا ڪرڻ آهي ان ڪي احسان سان. اها هلڪائي

مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَرَحۡمَةٌ ؕ فَمَنِ اعۡتَدٰى بَعۡدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ

آهي اوهان جي رب جي طرفان ۽ رحمت اهي. پوءِ جنهن زيادتي ڪئي ان ڪان بعد

عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿١٧٨﴾ وَلَكُمۡ فِي الۡقِصَاصِ حَيٰوةٌ

پوءِ ان لاءِ دردناڪ عذاب آهي ۽ اوهان جي لاءِ قصاص ۾ حياتي آهي

يّٰۤاُولِي الۡاَلۡبَابِ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿١٧٩﴾

اي عقلمندؤ! تانت اوهان (قتل ڪرڻ ڪان) بچو.

تفسير

اسلام ڪان اول عرب ۾ دستور هو تہ جيڪڏهن ڪنهن طاقتور قبيلي جو ڪو ماڻهو قتل ڪيو ويندو هو تہ اهي ان قتل جي بدلي ۾ صرف هڪ قاتل جي قتل تي ڪفايت نہ ڪندا هئا پر ان جي قبيلي جا ڏهہ، ڏهہ،ويهہ،ويهہ ماڻهو قتل ڪرڻ پنهنجو حق سمجهندا هئا. جيڪڏهن انهن جي آزاد ماڻهوءَ کي ڪنهن قبيلي جي غلام قتل ڪري وڌو تہ اهي ان غلام جي بدلي ۾انهن جي آزاد ماڻهوءَ کي قتل ڪندا هئا ان دستور تي اهي ڪئين صديون عمل ڪندا رهيا۽ عرب پنهنجي نسلي وڏائي ۽ قبائلي برتري ان نموني سان برقرار رکندا هئا. جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي پياري رسول صلي الله عليه وسلم جن تي قرآن پاڪ نازل ڪرڻ شروع ڪيو تہ قرآن پاڪ ان غلط سوچ کي هڪدم ختم ڪرڻ جو فيصلو فرمايو ۽ حڪم ڏنو تہ قتل ڪيل جي عوض قتل ڪندڙ ئي ڪنو وڃي چاهي اهو مرد هجي يا عورت، آزاد هجي يا ٻانهو. اهو رواج صرف عرب ۾ نہ هو پر ٻين قومن ۾ بہ هو.

اڄ تائين يورپ جون حڪمران قومون ان تي عمل پيرا آهن. جنوبي آفريڪا جا حبشي، آسٽريليا جا اصلي رهاڪو، ۽ آمريڪا جا ريڊ انڊين اڄ بہ ان جا شاهد آهن. هيءُ فخر تہ صرف اسلام کي حاصل آهي جو ان ڪوڙن تفاوتن جي بتن کي گهٽي عرصي کان ذرا ذرا ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسلامي مساوات جو صرف قانون ئي پيش نہ ڪيو پر ان تي عمل بہ ڪري ڏيکاريو آهي. ان کان پوءِ حڪم آيو تہ "فَمَنْ عُفِيَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَيْءٌ" (پوءِ جنهن کي ان جي ڀاءُ جي طرفان ڪا شيءِ معاف ڪئي وئي) هيءَ قصاص جي قانون ۾ اهم شيءِ آهي. يعني جيڪڏهن ناحق ڪُٺل جا وارث قاتل سان صلح ڪرڻ گهرن تہ اهي خون بها وٺي صلح ڪري سگهن ٿا. "مِنْ اَخِيْهِ" جو لفظ وڏي شان وارو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ جو قاتل قتل جو ڪم ڪري ويٺو آهي. محبت، پيار ۽ شفقت جا سيئي تعلقات ختم ٿي چڪا آهن. عداوت ۽ انتقام جي باهہ ڀڙڪي رهي آهي. قرآن ڪريم ناحق ڪٺل جي وارثن کي ياد ٿو ڏياري تہ قاتل مجرم آهي، قصور وارو آهي ۽ اوهان جي ڪاوڙ بہ بيجاءِ اجائي نہ آهي پر تڏهن بہ اوهان جو مسلمان ڀاءُ آهي جيڪڏهن ان کي معاف ڪيو تہ ممڪن آهي. ان سان ٽٽل دليون سڃيون ٿي پونديون. سبحان الله. قرآن پاڪ جون اهي لطافتون هيون جنهن عرب جي سرڪشن کي مطيع بنايو. "فَاتِّبَاعٌ بِالْمَعْرُوْفِ" ۾ مقتول جي وارثن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ جنهن تي اوهان ايڏو احسان ڪيو آهي. ان کان خون بها بہ سهڻي طريقي سان گهرو. "وَاَدَآءٌ اِلَيْهِ بِاِحْسَانٍ" ۾ قاتل کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ اهو بہ احسان فراموش نہ ٿئي. خون بها جلدي ادا ڪري ڇڏي. "فَمَنِ اعْتَدٰي". فيصلي ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن زيادتي ڪئي پوءِ اهو قاتل هجي يا مقتول جو وارث تہ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. هر هڪ کي قانون جو احترام ۽ ان جي پابندي ڪرڻ ضروري آهي. ان جي ڪري اسلامي شريعت قصاص وٺڻ، سزائون ڏيڻ جو حق فردن کي نہ پر وقت جي حڪومت کي ڏنو آهي. ڇو تہ عدل ۽ انصاف قائم رکڻ جي صرف هيءَ صورت آهي. جيڪڏهن هر فرد کي اهو حق ملي ها تہ افرا تفري پيدا ٿئي ها. "وَلَكُمْ فِي الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ" (۽ اوهان جي لاءِ قصاص ۾ حياتي آهي اي عقلمندؤ!) هن آيت ۾ قصاص جي علت ۽ حڪمت بيان ڪئي وئي آهي. يعني جيڪڏهن بيگناهہ قتل ڪندڙ کي سزا نہ ملندي تہ ان جو حوصلو وڌندو ۽ مجرمانہ ذهنيت وارا ٻيا ماڻهو

بہ بي ڏِپا ٿي قتل ۽ لٽڻ جي بازار گرم رکندا. پر جيڪڏهن قاتل کي ان قتل جي عيوض قتل ڪيو ويو تہ ٻيا مجرم بہ هن جي حالت کي ڏسي اهڙن جرمن کان هٽي ويندا ۽ هڪ قاتل جي قتل ڪرڻ سان هزارين ماڻهو محفوظ رهندا. اڄ بعض ملڪن ۾ قتل جي سزا منسوخ ڪئي وئي آهي. اهي چون ٿا تہ هيءُ سزا نہ هجڻ کپي. ناحق ڪٺل تہ ويو پر ان جي بدلي ۾ ٻئي جي جان ڇو ختم ڪجي؟ نعوذ باالله من ذالک مگر انهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ قاتل جي قتل ڪرڻ جي ڪري ڪيترو امن قائم ٿئي ٿو ۽ ڪيترن جي جانين جو بچاءُ ٿو ٿئي.

كُتِبَ عَلَيْكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ اِنْ

فرض ڪئي وئي اوهان تي جنهن وقت اچي هڪڙي وٽ اوهان مان موت

تَرَكَ خَيْرَا ۚ ۖ اِلْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ

جيڪڏهن ڇڏي ٿو وجي ڪجهہ مال وصيت ڪرڻ. پيءُ ماءُ لاءِ ۽ ويجهن مائٽن

بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَي الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٨٠﴾ فَمَنْ بَدَّلَهٗ

لاءِ انصاف سان. حق آهي پرهيزگارن تي. پوءِ جنهن مٽايو ان (وصيت) کي

بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَآ اِثْمُهٗ عَلَي الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ؕ

ان کان پوءِ جو ٻڌائين ان کي پوءِ گناهہ ان جو انهن تي آهي جو مٽائن ٿا ان کي.

اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٨١﴾ ؕ فَمَنْ خَافَ مِنْ

بيشڪ الله گهڻو ٻڌندڙ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. پوءِ جنهن خوف ڪيو وصيت

مُّوْصٍ جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَآ اِثْمَ

ڪندڙ کان طرفداريءَ يا گناهہ جو پوءِ صلح ڪرايائين انهن ۾ تہ نہ آهي ڪو

عَلَيۡهِؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ (١٨٢)

گناهہ ان تي بيشڪ الله بخشيندڙ، مهربان آهي.

تفسير

هنن آيتن ۾ عربن جي هڪ بئي جاهلاڻي طريقي جو سڌارو ڪيو ويو آهي. انهن جو دستور هوندو هو تہ مرڻ وقت پنهنجي مال جي وصيت اهڙن ماڻهن جي نالي ڪري ويندا هئاجن سان سندن پري جو واسطو بہ نہ هوندو هو ۽ پنهنجي غلط خيال ۾ ان کي سخاوت سمجهندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو وصيت ڪرڻ کان سواءِ مري ويندو هو تہ ان جو ورثو صرف زال ۽ اولاد ۾ ورهايو ويندو هو.پيءُ ماءُ ۽ بيا مائٽ صفا محروم ڪيا ويندا هئا اهي بئي صورتون جڏهن تہ صريح ظلم واريون هيون ان جي ڪري قرآن حڪيم انهن جي اصلاح ڪئي پر هڪ ئي وقت ساري پروگرام کي درهم برهم ڪرڻ جي بجاءِ ان ۾ آهستي آهستي سڌارو آندائين تانت انهن جي طبيعتن ۾ بي چيني پيدا نہ ٿئي ۽ سڌاري آڻڻ جو مقصد حاصل ٿئي. ان جي ڪري ان کان اول جو وراثت جو مڪمل قانون نافذ ڪيو وڃي هنن آيتن ۾ وصيت ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو ۽ فرمان آيوتہ پنهنجي والدين ۽ مٽن مائٽنن لاءِ وصيت ڪرڻ گهرجي، ۽ هر هڪ کي، ان جي حق مطابق حصو ڏيڻ گهرجي. پر ايتري اهم ڪم کي عوام جي مرضيءَ ۽ صرف انهن جي رحم، ڪرم تي ڇڏي نہ ٿو سگهجي ان جي ڪري ڪجهہ وقت کان پوءِ سورة النساءِ ۾ ورثي جا احڪام تفصيل سان بيان ڪيا ويا. حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن وصيت ۽ ورثي جي حڪمن کي واضح ڪندي بہ قاعدا بيان ڪيا آهن. (١) پهريون تہ انهن مائٽن جي لاءِ وصيت ڪرڻ منع آهي جيڪي وراثت ۾ حقدار آهن. (٢) ٻيو تہ وصيت ڇڏيل مال جي ٽئين حصي تائين محدود آهي.ٽيون حصو پنهنجي نہ وارث ٿيندڙن مائٽن يا ٻين خيرات وٺڻ جي حقدارن يا عوام جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾خرچ ڪرڻ لاءِ ڏئي سگهجي ٿو. اسلام جو هيءُ حڪيمانہ ۽ متوازن نظام آهي جنهن تي مسلمانن کي ناز ڪرڻ گهرجي. مگر

افسوس آهي تہ بعض بدمزاج ، ردي ذهن وارا ماڻهو حضور عليه الصلاة والسلام جن جي ان عائد ڪيل پائبندين کي پنهنجيءَ ٿورڙيءَ سمجهہ جي ڪري قرآن جي خلاف سمجهي مڃڻ کان انڪار ڪندا آهن. جيڪڏهن اهي ٿورو تامل ڪن ها تہ انهن کي معلوم ٿي وڃي ها تہ جيڪڏهن اهي پائبنديون ڪنيون وڃن ها تہ ورثي جو نظام ٻارن جو رانديڪو بڻجي وڃي ها. نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ۽ هنجن اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم کي اهڙيون هدايتون ڏنيون هيون. جيئن حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ مان فتح واري سال اهڙو بيمار ٿي پيس جو موت جي قريب اچي پهتس پوءِ مون وٽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن طبع پرسيءَ لاءِ آيا مون عرض ڪيو تہ يارسول الله! مون وٽ مال گهڻو آهي ۽ منهنجي وارث صرف هڪ نياڻي آهي. ڇا مان پنهنجي سموري مال جي وصيت ڪري ڇڏيان؟ پاڻ فرمايائون تہ "نہ" مون عرض ڪيو تہ ڀلا مال جي ٻن حصن جي وصيت ڪيان؟ فرمايائون تہ "نہ" مون عرض ڪيو تہ ڀلا ٽئين حصي جي وصيت ڪيان؟ فرمايائون تہ "ٽئين حصي لاءِ ڀلي وصيت ڪر. ۽ ٽيون حصو بہ گهڻو آهي. جيڪڏهن تون پنهنجن وارثن کي شاهوڪار ڇڏي ويندين تہ اهو ان کان ڀلو آهي جو انهن کي مسڪين ڇڏي وڃين ۽ ماڻهن کان سوال ڪنداوتن. تون الله ڪارڻ جيڪو بہ خرچ ڪندين تہ توکي ان جو اجر ملندو تانجو اهو لقمو جيڪو پنهنجي زال جي وات تائين پهچائين ٿو."(١) (ان جو بہ توکي اجر ملندو) ٽئين حصي مان وصيت ڪرڻ جي حديث پاڪ ۾ رغبت بہ ڏياريل آهي. حضرت معاذ بن جبل رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو! "اِنَّ اللهَ تَصَدَّقَ عَلَيْكُمْ بِثُلُثِ اَمْوَالِكُمْ عِنْدَ وَفَاتِكُمْ زِيَادَةً فِيْ حَسَنَاتِكُمْ"(٢) يعني الله تعاليٰ اوهان تي خاص مهرباني ڪئي آهي جو اوهان کي مرڻ وقت پنهنجي مال جي ٽئين حصي بابت (وصيت ڪرڻ جي) اجازت ڏني اٿس تہ اوهان جون نيڪيون وڌن. اهڙيءَ طرح وارث جي لاءِ وصيت نہ ڪرڻ بہ حديث شريف ۾ آيل آهي. حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ حجة الوداع واري سال خطبي ۾ ارشاد فرمائي رهيا هئا تہ! "اِنَّ اللهَ اَعْطيٰ

(١) متفق عليه - مشڪواة المصابيح ص ٢٦٥ (٢) بلوغ المرام ص ١٩٩- ٢٠٠

كُلَّ ذِيْ حَقٍ حَقَّهُ فَلَا وَصِيَّةَ لِوَارِثٍ" (١) يعني الله تعاليٰ هر حقدار کي ان جو حق ڏئي ڇڏيو آهي. پوءِ وارث لاءِ وصيت نہ آهي. ها. پر جيڪڏهن ڪنهن وارث لاءِ وصيت ڪئي آهي تہ اها جائز نہ آهي مگر جيڪڏهن ٻيا وارث اها قبول ڪن ٿا تہ پوءِ اها وصيت بہ قبول آهي. جيئن حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما جي روايت ۾ آهي تہ "لَاوَصِيَّةَ لِوَارِثٍ اِلَّا اَنْ تُجِيْزَهَا الْوَرَثَةُ" يعني ڪنهن بہ وارث لاءِ وصيت جائز نہ آهي مگر جيڪڏهن (ٻيا) وارث ان کي جائز ڪن تہ پوءِ جائز آهي (٢)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا

اي ايمان وارا! فرض ڪيا ويا اوهان تي روزا (رکڻ) جيئن فرض ڪيا

كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾

ويا اوهان کان اڳين تي تانتہ اوهان پرهيزگار ٿيو. ڏينهن ڳڻيل.

اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا

پوءِ جيڪو اوهان مان بيمار هجي يا سفر ۾ تہ پوءِ اوترو ڳاڻاٽو آهي ٻين

اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَعَلَى الَّذِيْنَ

ڏينهن مان ۽ انهن تي جو مشڪل سان طاقت ٿا رکن فديو

يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ

آهي هڪ مسڪين جو کاڌو. پوءِ جنهن خوشيءَ سان وڌائي نيڪي

خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ

تہ پوءِ اهو ان لاءِ ڀلو آهي ۽ روزا رکو تہ ڀلو آهي اوهان لاءِ

(١) بلوغ المرام ص ١٩٩ (٢) تفسير معارف القرآن ص ٣٨٤ ج ١

كُنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿١٨٤﴾

جيڪڏهن ڄاڻو ٿا.

تفسير

صيام صوم جو جمع آهي. صوم جي لغوي معنيٰ آهي الامساڪ (روڪڻ) ماٺ ڪري ويهڻ کي به امساڪ چوندا آهن ڇو ته اهو ڳالهائڻ کان رڪجڻ آهي (١) ۽ شريعت ۾ روزي جي تعريف آهي.الامساک عن الاکل والشرب والجماع مع النية في وقت مخصوص (٢) يعني مخصوص وقت ۾ روزي جي نيت سان کائڻ، پيئڻ ۽ جماع کان پاڻ کي روڪڻ. روزي جي لاءِ هيءُ حڪم هجرت کان پوءِ جنگ بدر واري سال نازل ٿيو هو. اڳين امتن تي به روزا فرض هئا مگر تعداد ۽ ڪيفيت ۾ فرق هو.

* روزي رکڻ جو غرض ۽ مقصد *

الله تعاليٰ روزي جي فرضيت بيان ڪرڻ سان گڏ روزي جو غرض ۽ مقصد به بيان ڪيو آهي ته روزي جو مقصد آهي ته اوهان پرهيزگار بڻجو ۽ پاڪباز ٿيو. روزي جو مقصد صرف هيءُ نه آهي ته انهن ٽن ڪمن کان پري رهو پر سيني بڇڙين عادتن ۽ برن ڪمن کان صفا هٽ ڪڍي وڃو. اوهان اڄ ۾ تڙپي رهيا آهيو، اوهان بک ۾ بيتاب آهيو، اوهان کي کير ڏسي به ڪونه ٿو، ٿڌو پاڻي ۽ لذيذ کاڌو اوهان وٽ رکيو آهي. پر اوهان ان ڏانهن هٿ وڌائڻ ته ڇا اک کڻي به نه ٿا نهاريو. ان جو وجهه صرف اهو آهي ته اوهان جي رب پاڪ جو حڪم اهڙو آهي. هاڻي جڏهن حلال شيون اوهان پنهنجي رب جي حڪم سان ڇڏي ڏنيون ته اهي شيون جيڪي الله تعاليٰ هميشه لاءِ حرام ڪري ڇڏيون آهن انهن کي ته اصل ويجها نه

(١) روح المعاني ص ٥٦ جلد ١ جزءُ ٢ (٢) تفسير مظهري ص ١٧٤ جلد ١

وجو. هن پوري مهيني جي تڪليف برداشت ڪرڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته اوهان سال جا باقي يارهن (۱۱) مهينا به الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو ۽ تقويٰ سان گذاريو. جيڪي ماڻهو روزا ته رکن ٿا پر ڪوڙ، گلا ۽ بريءَ نظر کان نه ٿا مڙن، انهن جي لاءِ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي ته! "مَنْ لَّمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّوْرِ وَالْعَمَلَ بِهٖ فَلَيْسَ لِلّٰهِ حَاجَةٌ فِيْ اَنْ يَّدَعَ طَعَامَهٗ وَشَرَابَه" (۱) يعني جنهن ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نه ڇڏيو ته الله تعاليٰ کي ان جي طعام ۽ پاڻيءَ ڇڏڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. ان کان پوءِ مريض مسافر جو حڪم بيان ٿيو آهي. مريض مان مراد اهو شخص آهي جيڪو جيڪڏهن روزو ٿو رکي ته يا ان جي مري پوڻ جو ڊپ آهي يا بيماريءَ وڌڻ جو ۽ سفر مان مراد حنفين جي تحقيق مطابق ٽن ڏينهن جي پنڌ تي سفر ڪرڻ آهي، ايترو پنڌ ڪٽي هڪ ڪلاڪ ۾ هوائي جهاز يا ڪار وغيره جي ذريعي ڪري انهن پنهي لاءِ حڪم آهي ته بيمار بيماريءَ جي حالت ۾ ۽ مسافر سفر جي حالت ۾ روزو نه رکي ته ان کي اجازت آهي بيمار جڏهن صحتياب ٿئي ۽ مسافر جڏهن سفر ڪري موٽي پنهنجي گهر پهچي ته اوترا ڏينهن قضا ڪري. پرجيڪڏهن جهاد ڪرڻجي لاءِ سفر ۾نڪتو آهي ته پوءِ روزو بالڪل نه رکي.

* فائدو *

"كَمَا كُتِبَ عَلَي الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ" مان ثابت ٿيو ته اڳ ۾ جيڪي به امتون حضرت آدم عليه الصلواة والسلام کان وٺي حضور خاتم الانبياءِ عليه الصلواة والسلام جن تائين گذريون آهن انهن تي به روزا فرض هئا. نماز به اڳين سيني امتن تي فرض ڪيل هئي. "وَعَلَي الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ" هنن لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ترجيح وارو قول اهو آهي ته ابتدا ۾ جڏهن روزي رکڻ جو حڪم لٿو هو ته ماڻهن جي آسانيءَ لاءِ اها گنجائش رکي وئي هئي ته جيڪڏهن ڪو روزو نه رکي ته اهو روزي جي بدلي ۾ فديو ادا ڪري. پوءِ جڏهن ماڻهن ۾ روزي رکڻ جي عادت پيدا ٿي ۽ انهن کي روزي جي لذت ۽ برڪت محسوس ٿي ته اها رعايت واپس ورتي وئي ۽ حڪم ڏنوويو ته

(۱) تفسير القرطبي ص ۲۷۳ ج ۲

"فَمَنْ شَهِدَ مِنكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ" (١) (پوءِ جيڪو حاضر هجي اوهان مان ان مهيني ۾ پوءِ پلي روزو رکي ان ۾) مٿيون حڪم ان لاءِ آهي جيڪو مشڪل سان روزو رکي سگهي ٿو. مثلاً گهڻو پوڙهو، هميشه بيمار رهڻ وارو وغيره. ان کان پوءِ الله تعاليٰ اهو به ٻڌايو ته جي روزو رکو ته بلو آهي.

* فديي جو مقدار ۽ ان جي متعلق مسئلا *

هڪ روزي جو فديو اڌ ٽويو ڪڻڪ يا ان جي قيمت آهي. اڌ ٽويو اسان جي ملڪ ۾ هلندڙ سير اسي تولن جي حساب سان تقريبًا پوڻا ٻه سير ٿين ٿا بازار مان ان جي قيمت معلوم ڪري ڪنهن غريب، مسڪين کي ملڪيت ڪري ڏيڻ هڪ روزي جو فديو آهي.

مسئلو: هڪ روزي جي فديي کي ٻن ماڻهن ۾ تقسيم ڪرڻ يا ٻن روزن جو فديو هڪ ئي ڏينهن هڪ ماڻهوءَ کي ڏيڻ درست نه آهي.

مسئلو: جيڪڏهن ڪنهن کي فديي اداڪرڻ جي به طاقت نه آهي ته اهو الله تعاليٰ کان مغفرت طلب ڪندو رهي ۽ دل ۾ نيت رکي ته جڏهن به ٿي سگهيو ته فديو ادا ڪندس. (٢)

* روزي رکڻ جا فضائل ۽ برڪتون *

حديث ع ١

بخاريؒ، ابوداؤد ۽ ترمذيءَ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو! "مَنْ صَامَ رَمَضَانَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ" يعني جنهن رمضان جا روزا رکيا ايمانداريءَ ۽ ثواب جي اميد سان ته ان جا اڳيان گناهه بخش ڪيا ويندا.

حديث ع ٢

احمد، نسائي،ابن خزيمه حضرت ابوامامه رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته مون عرض ڪيو ته يارسول الله! مون کي ڪو اهڙو عمل سيکاريو جنهن

(١) تفسير مظهري ص ١٧٨ ج ١ (٢) تفسير معارف القرآن ص ٣٩٠ ج ١

سان مون کي الله تعاليٰ نفعو ڏي. پاڻ فرمايائون ته "عَلَيْكَ بِالصَّوْمِ فَاِنَّهٗ لَامِثْلَ لَهٗ" روزي کي لازم ڪري وٺ پوءِ بيشڪ ان جو ڪو مثال نه آهي.

حديث ع۳

مسلم ۽ بيهقيءَ حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته بيشڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اَلصَّلوٰاتُ الْخَمْسُ وَالْجُمُعَةُ اِلَي الْجُمُعَةِ وَرَمَضَانُ اِلٰي رَمَضَانَ مُكَفِّرَاتٌ لِمَا بَيْنَهُنَّ اِذَا اجْتَنَبَتَ الْكَبَائِرَ" يعني پنج نمازون ۽ هڪ جمعو ٻئي جمعي تائين ۽ هڪ رمضان ٻئي رمضان تائين انهن جي وچ ۾ ٿيل گناهن کي ميٽيندڙ آهن ان شرط سان جو وڏن گناهن کان پاسو ڪرين (۱)

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى

رمضان جو مهينو اهو آهي جو نازل ڪيو ويو ان ۾ قرآن (ان حال ۾ جو)

لِّلنَّاسِ وَبَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ

هدايت ڪندڙ آهي ماڻهن جي لاءِ ۽ روشن دليل هدايت جا ۽ (حق ۽ ناحق ۾)

مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ۗ وَمَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ

فرق ڪرڻ جا پوءِ جيڪو لهي اوهان مان هن مهيني کي ته پوءِ پلي روزا رکي

عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ۗ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ

ان ۾ ۽ جيڪو آهي بيمار يا سفر ۾ ته پوءِ اهو ڳڻيل ٻيا ڏينهن (روزا رکي)

الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ۡ وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ

ارادو ٿو ڪري الله اوهان سان آسانيءَ جو ۽ نه ٿو ارادو ڪري اوهان سان ڏکيائيءَ جو

(۱) الدر المنثور ص۴۴۵ ج۱

وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدَاكُمْ وَلَعَلَّكُمْ

۽ تانت پورو ڪيو ڳاڻاٽو ۽ تانت الله جي وڏائي بيان ڪيو ان (نعمت) تي جو هدايت ڪيائين

تَشْكُرُوْنَ ﴿١٨٥﴾

اوهان ڪي ۽ تانت شڪر ڪيو.

تفسير

پهرينءَ آيت ۾ روزي رکڻ جي هيءَ حڪمت بيان ڪئي وئي آهي ته اوهان پرهيزگار بنجو. هاڻي هن ڳالهه جي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي ته روزا رمضان شريف ۾ ڇو مقرر ڪيا ويا ۽ ٻڌايو ويو ته هيءُ اهو مهينو آهي جنهن ۾ قرآن پاڪ لاٿو ويو. اهو قرآن پاڪ جو ڪنهن خاص ملڪ يا قوم لاءِ نه آهي بلڪ "هُدًي لِّلنَّاسِ" سيني انسانن جي لاءِ پيغامِ هدايت ۽ رهبري ڪندڙ آهي ۽ ان جي هدايت جي روشني ايتري ڪليل ۽ صاف آهي جو حق ۽ باطل بالڪل ڇٽو ڇٽو نظر اچي. جنهن مهيني ۾ ايڏي وڏي نعمت عطا ٿي اهو مهينو ان ڳالهه جي لائق آهي ته ان جو هر لمحو، هر لحظو پنهنجي حقيقي محسن جي شڪرگذاريءَ ۾ صرف ڪيو وڃي. ۽ ان جي بهترين صورت اها آهي ته ڏينهن جو روزو رکيو وڃي ۽ رات جو قرآن پڙهجي ۽ ٻڌجي، تانت هن مهيني ۾ نفس جي اهڙي تربيت ٿي وڃي جو هن امانت جي بار کي سهڻي نموني ڪڻي ۽ نباهي سگهي. هن آيت جي آخري لفظن "لعلكم تشكرون" ۾ ان ڏي اشارو آهي.

* فائدو *

قرآن پاڪ کان سواءِ ٻيا صحيفا به رمضان شريف ۾ نازل ٿيا هئا.

احمد، ابن جرير، محمد بن نضر، ابن ابي حاتم، طبرانيءَ، بيهقيءَ شعب الايمان ۾ ۽ اصبهانيءَ ترغيب ۾ حضرت واثلة بن الاسقع رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: "حضرت

ابراهيم جا صحيفا رمضان جي پهرينءَ تاريخ ۽ توراة ڇهينءَ تاريخ ۽ انجيل تيرهينءَ تاريخ ۽ قرآن چوڏهينءَ تاريخ نازل ٿيو (١) ۽ حضرت جابر رضي الله عنه جي روايت ۾ هي به آهي ته زبور رمضان جي ٻارهينءَ تاريخ ۽ انجيل ارڙهينءَ تاريخ نازل ٿيو هو. ٻيا ڪتاب جڏهن به نازل ٿيا ته سڄي جا سڄا نازل ٿيا هئا پر قرآن ڪريم جي هيءَ خصوصيت آهي جو اهو رمضان المبارڪ جي هڪ ئي رات ۾ سڄو لوح محفوظ کان لهي پهرئين آسمان تي پهتو ۽ اتاهين کان پوءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ آهستي آهستي ٽيويهن سالن ۾ لهي پورو ٿيو جنهن رات قرآن پاڪ نازل ٿيو هو سا قرآن پاڪ ۾ صاف صاف بيان ڪئي وئي آهي ته اها ليلة القدر (قدر جي رات) هئي.

"فمن شهد منكم الشهر فليصمه" هن ۾ شهد جو لفظ شهود کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي، حاضر هجڻ. مقصد آهي ته جيڪو ماڻهو رمضان شريف ۾ حاضر ۽ موجود آهي ان تي سڄو مهينو روزا رکڻ فرض آهن. هن کان اڳ ۾ جيڪو روزي جي عوض ۾ فديي ڏيڻ جو اختيار مليل هو اهو منسوخ ٿي ويو. هاڻي روزو رکڻ لازم آهي. هن مهيني ۾ موجود ۽ حاضر هجڻ مان مراد اها آهي ته ان ۾ روزي رکڻ جي صلاحيت به هجي يعني مسلمان، عاقل، بالغ، پنهنجي شهر ۾ يا گهر ۾ رهندڙ هجي. جيڪڏهن عورت آهي ته اها وري حيض ۽ نفاس کان پاڪ هجي "ومن كان مريضا او علىٰ سفر" ۾ بيمار ۽ مسافر کي روزي نه رکڻ جي اجازت جو ذڪر آهي. اهو اڳئين آيت ۾ به ذڪر ٿي چڪو آهي مگر هن آيت ۾ جڏهن فديه ڏيڻ کي منسوخ ڪيو ويو آهي ته اهو شبهو ٿي سگهيو ٿي ته شايد بيمار ۽ مسافر واري رخصت به منسوخ ٿي وئي ان جي ڪري ان کي وري ذڪر ڪيو ويو ته انهن جو ساڳيو حڪم برقرار آهي.

مسئلو

مٿي بيان ٿي آيو ته جيڪو رمضان مهينو صحيح معنيٰ ۾ لهي ته ان تي روزو رکڻ فرض آهي ان لهڻ مان مراد آهي ته پاڻ رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسي يا ان وٽ ٻين جو ڏسڻ صحيح طريقي سان ثابت ٿئي. ٻيو ته چنڊ جي ايرڻ وارين جاين جو مختلف هجڻ هڪ مڃيل حقيقت آهي. ان جي ڪري فقيهن سڀني تصريح ڪئي آهي ته جيڪڏهن پرانهن ملڪن ۾ چنڊ ڏٺو وڃي ته ان جو

(١) الدر المنثور ص ۴۵٦ ج ١

اعتبار نہ آهي. علامه قرطبيءَ قرآن پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ ان البلاد اذا تباعدت کتباعد الشام من الحجاز فالواجب عليٰ اهل کل بلد ان تعمل عليٰ رويته دون روية غيره (۱) يعني جيڪڏهن شهر هڪ ٻئي کان تمام گهڻو پري آهن جيئن شام حجاز کان پري آهي تہ انهن شهر وارن تي واجب آهي تہ پنهنجي طرفان چنڊ ڏسڻ تي عمل ڪن ٻين جي ڏسڻ تي عمل نہ ڪن.

* روزي رکڻ لاءِ قمري سال ڇو مقرر ڪيو ويو *

قمري سال جي ان مهيني مقرر ڪرڻ ۾ اهو راز آهي تہ هي مهينو مختلف موسمن ۾ ايندو رهندو آهي. ڪڏهن گرميءَ ۾ تہ ڪڏهن سرديءَ ۾ ۽ جڏهن مسلمان هر موسم ۾ روزو رکڻ جو عادي هوندو تہ ڪنهن بہ گرميءَ يا سرديءَ جي تڪليف کان نہ گهٻرائيندو ۽ هر تڪليف بک جي يا اڃ جي ان کي برداشت ڪندو. "يريدالله بکم اليسر" (الله تعاليٰ اوهان سان آسانيءَ ڪرڻ جو ارادو ٿو ڪري) يعني هي حڪم تعزيري نہ آهي جو سزا طور ڪيو وڃي ۽ ان مان مقصد ڪنهن کي تنگ ڪرڻ يا تڪليف ڏيڻ هجي. بلڪ الله تعاليٰ جو ارادو ٿي آهي تہ اوهان کي آساني ڪري ڏي. ان جي ڪري نابالغ ۽ چرين تي، روزو فرض نہ آهي. بيمار ۽ سفر واري کي بہ مهلت ۽ فرصت ڏني وئي آهي صحتياب ٿي يا سفر کان موٽي پوءِ روزا قضا ڪن. پر جيڪڏهن غور ڪري سوچجي تہ الله تعاليٰ جو سچو دين سارو آسان آهي جيئن ابن سعد، احمد، ابويعلي، طبرانيءَ ۽ ابن مردويہ حضرت عروه تميميءَ کان روايت آندي آهي تہ ماڻهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن کان پڇيو تہ، اسان تي فلاڻي ڪم ۾ حرج آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ "ياايهاالناس ان دين الله يسر" (اي انسانو! الله جو دين آسان آهي) پاڻ اهو ٽي ڀيرا فرمايائون. محدث بزار حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "يَسِّرُوْا وَلَا تُعَسِّرُوْا وَسَكِّنُوْا وَلَا تُنَفِّرُوْا" (۲) يعني ماڻهن لاءِ آساني ڪيو ۽ انهن تي تنگي نہ ڪيو ۽ ماڻهن کي تسڪين (تسلي ۽ دلجاءِ) ڏيو ۽ انهن کي نفرت نہ ڏياريو. يعني رمضان شريف جي روزن جو عدد پورو ڪيو جيڪڏهن ڪنهن شرعي عذر جي ڪري روزو نہ رکيو اٿو تہ

(۱) تفسير القرطبي ص ۳۱۰ جلد ۲ (۲) الدر المنثور ص ۴۶۵ ج ۱

قضا ڪري پورا ڪيو. جيئن "وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ" (۽ تانت عدد پورو ڪيو) حضرت ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "اَلشَّهْرُ تِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ فَلَا تَصُوْمُوْا حَتّٰى تَرَوُا الْهِلَالَ وَلَا تُفْطِرُوْا حَتّٰى تَرَوْهُ فَاِنْ غُمَّ عَلَيْكُمْ فَاَكْمِلُوا الْعِدَّةَ ثَلَاثِيْنَ (متفق عليه)[1] يعني مهينو اوڻٽيھہ ڏينهن آهي. (مراد شعبان مهيني جا اوڻٽيھہ ڇڏي پوءِ چنڊ ڏسڻ جي ڪوشش ڪيو) پوءِ جيستائين چنڊ نہ ڏسو تيستائين روزو نہ رکو ۽ روزو رکڻ بہ تيستائين نہ ڇڏيو جيستائين (عيد جو چنڊ) نہ ڏسو پلا جيڪڏهن اوهان تي جهڙ آهي تہ (روزن جو) تعداد ٽيھہ پورا ڪيو. "ولتكبروا الله علىٰ ما هداكم" (۽ تانت الله جي وڏائي بيان ڪيو ان (نعمت) تي جو اوهان کي هدايت ڪيائين) ان مان مراد عيد جي ڏينهن واريون تڪبيرون آهن. "ولعلكم تشكرون" (۽ تانت اوهان شڪر ڪيو) يعني روزن جو اهڙي مهيني ۾ فرض ٿيڻ جنهن ۾ قرآن نازل ٿيو آهي ۽ ان ۾ اوهان لاءِ آساني ڪرڻ تہ سهوليت سان روزن جو تعداد پورو ڪيو ۽ بيمارن ۽ مسافرن لاءِ سولائي ڪرڻ هي سڀ نعمتون آهن. انهن تي الله جو شڪر ادا ڪيو ڇو تہ شڪر سان نعمتون وڌنديون آهن.

وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِىْ عَنِّىْ فَاِنِّىْ قَرِيْبٌ ؕ اُجِيْبُ

۽ جنهن وقت پڇن توکان منهنجا ٻانها منهنجي (متعلق) پوءِ بيشڪ مان ويجهو آهيان. قبول

دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِىْ

ڪندو آهيان دعا گهرندڙ جي دعا جنهن وقت مون کان گهرندو آهي پوءِ پلي تہ قبول ڪن

وَلْيُؤْمِنُوْا بِىْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿١٨٦﴾

منهنجو حڪم ۽ پلي تہ ايمان آڻينِ مون تي تانت اهي هدايت وارا ٿين.

(١) تفسير مظهري ١٨٤ جلد ١

تفسير

حضرت سفيان بن عينيه ۽ عبدالله بن احمد اُبيَّ کان روايت آندي آهي تہ مسلمانن حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ "اَقَرِيْبٌ رَبُّنَا فَنُنَاجِيْهِ اَمْ بَعِيْدٌ" يعني اسان جو رب ويجهو آهي تہ ان کي آهستي عرض ڪيون يا پري آهي تہ ان کي وڏي آواز سان سڏ ڪيون پوءِ الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪئي (١) هن آيتِ سڳوريءَ تي غور ڪيو تہ ڪيتري پياري آهي. بلائن جي هجوم، مصيبتن جي طوفان، هلاڪت جي ڪنن ۾ گهيريل، پريشان ۽ حيران انسان جي لاءِ هنن پيارن ٻورن لفظن ۾ اطمينان ۽ سڪون جو ڪهڙو نہ روح پرور پيغام آهي "عبادي" (منهنجا ٻانها) هن ۾ الله تعاليٰ ٻانهن جي پاڻ ڏي نسبت ڪري فرمايو تہ هي منهنجا آهن. هي ڪيڏو نہ وڏي پيار ۽ ڪشش وارو لفظ آهي ان کان پوءِ "اني قريب" مان ويجهو آهيان. هنن لفظن راحت ۽ اطمينان جي هڪ دنيا گڏ ڪري رکي آهي. ڪنهن بہ بهار واري فصل جي رات واري خوشبودار هوا ۽ ڪنهن بہ وسندڙ ڪڪر جي حياتي بخشيندڙ ڦڙن ۾ اهو اثر ڪٿي آهي جيڪو قرآن پاڪ جي هنن لفظن ۾ آهي. ڏکن ۽ دردن جو مارجل جڏهن هي ٻڌي ٿو تہ منهنجو مالڪ، منهنجو خالق، مون کان بالڪل پري نہ آهي جو ان کي منهنجي حال جو علم، رنج ۽ تڪليف جي خبر نہ هجي، بلڪ اهو مون کي منهنجي ساه جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو ۽ منهنجون دعائون قبول ڪندڙ آهي تہ ان کي ڪيترو قرار ايندو. اهو ايترو تہ ويجهو آهي جو اوهان جي زبان تي آيل دعا تہ ڇا اوهان جي دل جا اهڙا راز جيڪي زبان تي آڻڻ کان بہ اوهان شرمائجو ٿا فڪرن ۽ انديشن جا اهي نازڪ ۽ لطيف شيشا جيڪي هوائي آوازن جي لهرن کي بہ برداشت نہ ٿا ڪري سگهن انهن سيني کي اهو ڄاڻي ٿو. اهو قادر بہ آهي تہ رحمٰن ۽ رحيم بہ آهي اوهان دعا جي لاءِ هٿ تہ کڻي ڏسو. اوهان ان جي اڳيان طلب جي دامن جهلي تہ ڏسو. اوهان دل جي هٿن سان ان جي رحمت واري دروازي تي هٿ هڻي تہ ڏسو. اهو اوهان جون دانهون ٻڌندو ۽ عرض ۽ التجائون قبول ڪري. اوهان جي بگڙيل

(١) تفسير روح المعاني ٦٣ جلد ١ جزءُ ١

قسمت ناهي ڇڏيندو. پر اهو جڏهن ڪرم ڪري ته سرڪش نه ٿجو هميشه ان جي مقدس دروازي تي نيازمنديءَ سان جهڪندا رهجو. اسلام قبول ڪرڻ تي جيڪي ذميداريون اوهان قبول ڪيون هيون ۽ جيڪي وعدا اوهان ڪيا هئا اهي نباهيندا رهجو ته هدايت حاصل ڪندؤ ۽ ڪامياب رهندئو.

* دعا گهرڻ جي پلائي *

حديث ع ۱

احمد، ابوداؤد، ترمذيؒ، ابن ماجه ۽ الاسماء والصفات ۾ بيهقيءَ حضرت سلمان فارسيءَ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ رَبَّكُمْ حَيِيٌّ كَرِيْمٌ يَسْتَحْيِيْ مِنْ عَبْدِهٖ اِذَا رَفَعَ يَدَيْهِ اِلَيْهِ اَنْ يَّرُدَّهُمَا صِفْرًا" يعني اوهان جو رب زنده، ڪرم ڪرڻ وارو آهي جنهن وقت ٻانهو ان ڏي هٿ کڻندو آهي ته الله تعاليٰ ان جي هٿن کي خالي موٽائڻ کان حياءُ ڪندو آهي.

حديث ع ۲

طبرانيءَ حضرت سلمان رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "مَارَفَعَ قَوْمٌ اَكُفَّهُمْ اِلَي اللهِ عَزَّوَجَلَّ يَسْئَالُوْنَهٗ شَيْئًا اِلَّاكَانَ حَقًّا عَلَي اللهِ اَنْ يَّضَعَ فِيْ اَيْدِيْهِمُ الَّذِيْ سَاَلُوْهُ" يعني ڪي به ماڻهو پنهنجا هٿ الله عزوجل ڏانهن کڻي ڪا شيءِ گهرندا آهن ته الله تعاليٰ تي حق آهي ته اها شيءِ انهن جي هٿن ۾ رکي.

حديث ع ۳

ابن ابي شيبه، نسائيؒ، ابن ماجه ۽ حاڪم حضرت ثوبان رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "لَايَرُدُّ الْقَدَرَ اِلَّا الدُّعَاءُ وَلَا يَزِيْدُ فِي الْعُمُرِ اِلَّا الْبِرُّ" يعني تقدير کي دعا رد ڪندي آهي ۽ (ڪنهن سان) نيڪي ڪرڻ عمر ۾ واڌارو آڻيندي آهي. (۱)

(۱) الدر المنثور ص ۴۷۱- ۴۷۲ جلد ۱

* دعا گهرڻ جا آداب *

الله تعاليٰ مهربان آهي پنهنجـن ٻانهن جون دعائون قبول ڪري ٿو پر دعا جي قبوليت لاءِ شرائط به آهن جيڪي قرآن پاڪ جي ٻين آيتن ۽ حديثن مان ملن ٿا. (١) هڪ ته دعا گهرڻ وارو اهڙي دعا نه گهري جنهن ۾ گناهه يا مائٽيءَ ڇنڻ جي ڳالهه هجي (٢) ٻيو ته حرام ڪائڻ کان به سخت پرهيز ڪري ڇو جو حرام خور جي دعا قبول نه آهي (٣) ٽيون ته اهو يقين رکي ته منهنجي حاجت پوري ڪرڻ وارو صرف هڪ الله تعاليٰ آهي ۽ ٻيا واسطا ۽ ذريعا سڀ ان جي هٿ ۾ آهن (۴) چوٿون ته سچي نيت ۽ قلب جي حضور سان دعا گهري. ڇو ته غافل دل جي دعا قبول نه آهي. (٥) پنجون ته جنهن ڪم جي لاءِ دعا ٿو گهري اهو جائز هجي الله تعاليٰ جي ڪامل ولي حضرت سهل بن عبدالله التستريؒ عليه الرحمة فرمايو آهي ته دعا جي قبول ٿيڻ لاءِ ست (٧) شرط آهن ١- زاري ڪرڻ ٢- خوف رکڻ ٣- اميد رکڻ ۴- دعا تي هميشگي ڪرڻ ٥- نياز ۽ نوڙت سان گهرڻ ٦- سڀني لاءِ گهرڻ ٧- حلال کاڌو کائڻ

۽ حضرت ابن عطاء عليه الرحمة فرمايو آهي ته دعا جا رڪن، پَرَ، اسباب ۽ وقت آهن. جيڪڏهن دعا رڪنن سان موافق ٿي ته قوة واري ٿيندي ۽ جيڪڏهن پرن سان موافق ٿي ته آسمان ڏانهن اڏامندي ۽ جيڪڏهن مقبوليت جي وقتن سان موافق ٿي ته ڪامياب ٿيندي ۽ جيڪڏهن اسباب سان موافق ٿي ته فتح واري ٿيندي. ان جا رڪن دل جو حضور، نرمي، عاجزي ۽ نوڙت ڪرڻ آهي. ۽ ان جا پر سچائي آهي ۽ ان جو وقت رات جو پويون حصو آهي ۽ ان جي مقبوليت جا اسباب حضرت محمد ﷺ جن تي صلواة شريف پڙهڻ آهي. حضرت ابراهيم بن ادهم رضي الله تعاليٰ عنه کان پڇيو ويو ته: اسين دعا گهرون ٿا ته ڇو نه ٿي قبول پوي؟ پاڻ فرمايائين ته: اوهان الله کي سڃاتو پر ان جي فرمانبرداري نه ڪيوَ ۽ رسول الله ﷺ جن کي سڃاتوَ پر سندن سنت جي تابعداري نه ڪيوَ ۽ قرآن کي سڃاتُوَ پر ان تي عمل نه ڪيوَ ۽ الله تعاليٰ جون نعمتون کاڌيوَ پر ان جو شڪر نه ڪيُوَ ۽ جنت سڃاڻي ان جي طلب نه ڪيوَ، جهنم جي ڄاڻ رکي ان کان ڀڄڻ

جي نہ ڪَيَوَ، شيطان ڪي سچاٽي ان سان جنگ نہ ڪَيَوَ، بلڪ ان سان موافقت ڪَيَوَ، موت جي چاڻ رکي ان لاءِ تياري نہ ڪَيَوَ، مئلن کي دفن ڪري اوهان عبرت نہ ورتي، پنهنجن عيبن کان غافل ٿي ٻين جي عيبن ۾ مشغول ٿي ويئو. (۱) ان جي ڪري اوهان جي دعا قبول نہ ٿي پوي.

اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآئِكُمْ ؕ

حلال ڪئي وئي اوهان لاءِ روزي جي رات ۾ صحبت ڪرڻ پنهنجين زالن سان.

هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ

اهي ڍڪ آهن اوهان لاءِ ۽ اوهان ڍڪ آهيو انهن لاءِ. ڄاتو الله تہ بيشڪ اوهان

اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ

خيانت ۾ ٿي وڌو پنهنجي پاڻ کي پوءِ (ٻاجهہ سان) موٽيو اوهان تي ۽

عَلَيْكُمْ وَعَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْئٰنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَابْتَغُوْا

معاف ڪيائين اوهان کي پوءِ هاڻي صحبت ڪيو انهن سان ۽ طلب ڪيو

مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۠ وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ

جيڪي لکيو الله اوهان جي لاءِ ۽ کائو ۽ پيئو تان جو ظاهر ٿئي اوهان لاءِ

لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ

(باک ڦٽڻ وارو) اڇو ڌاڳو ڪاري ڌاڳي کان فجر جي وقت ان کان

الْفَجْرِ ۠ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ

پوءِ پورو ڪيو روزو رات تائين ۽ نہ صحبت ڪيو انهن سان

(۱) تفسير القرطبي ص۳۱۲ ج ۲

وَلَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَاَنْتُمْ عَاكِفُوْنَ فِي الْمَسَاجِدِ ؕ

ان حال ۾ جو اوهان ڏهي ۾ ويٺل آهيو مسجدن ۾ آهي حدون آهن الله

تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ

جون پوءِ انهن کي ويجها ئي نه وڃو. اهڙيءَ طرح بيان ٿو ڪري الله پنهنجون

اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۷﴾

آيتون ماڻهن لاءِ من اهي تقويٰ وارا ٿين.

تفسير

ابتدا ۾ رمضان المبارڪ ۾ رات جو به عورتن کان جدا رهڻ جو حڪم هو. بعد ۾ آساني ڪري رات جو مڙسن کي پنهنجين زالن سان صحبت ڪرڻ جي موڪل ڏني وئي. الرفث - هڪ جامع لفظ آهي جيڪو زال ۽ مڙس جي خصوصي تعلقات جي سيني درجن کي شامل آهي. علامه قرطبيءَ لکيو آهي ته قال الزجاج، الرفث كلمة جامعة لكل ما يريد الرجل من امرأته (١) يعني الرفث جامع ڪلمو آهي. مرد پنهنجي زال کان جو به ارادو رکندو آهي ان کي هي لفظ شامل آهي. "هُنَّ لِبَاسٌ" هن آيت سڳوريءَ جو حصو خصوصي توجه طلب آهي جنهن ۾ مرد ۽ عورت جي هڪبئي سان تعلقات کي انتهائي سهڻي نموني سان بيان ڪيو ويو آهي. يعني جهڙيءَ طرح اهي اوهان لاءِ لباس آهن ته اوهان به انهن لاءِ لباس آهيو ان لحاظ سان ٻنهي جا هڪ ٻئي تي حقوق آهن. هڪ ٻئي جي لاءِ لباسُ چوڻ ۾ عجيب معنيٰ سمايل آهي. لباس پردو آهي، هر عيب لڪائيندو آهي. زينت آهي حسن ۽ جمال کي ڪوليندو آهي. راحت آهي، سرديءَ ۽ گرميءَ کان بچائيندو آهي. ڇا هڪ سٺي زال پنهنجي مڙس لاءِ ۽ سٺو مڙس پنهنجي زال جي لاءِ پردو،

(١) تفسير القرطبي ص ٣١٥ ج٢

زينت ۽ راحت نہ آهي؟ يقيناً آهي. جنهن ملت جي هر گهر ۾ زال، مڙس هجڻ جو هي بلند ۽ اعليٰ معيار هجي ان جي لاءِ هيءُ دنيا جنت نہ آهي تہ پيو ڇا آهي؟ عجب تہ انهن ناسمجهن جو آهي جيڪي اسلام تي اعتراض ڪندا آهن تہ اسلام ۾ عورتن جي حقوق جي حفاظت نہ آهي. اهي جيڪڏهن هن آيت جي هن حصي ڪي غور سان پڙهن ها تہ ڪين پنهنجيءَ غلطيءَ جو احساس ٿئي ها. ها-اسلام مسلمان عورتن جي منهن تان شرم ۽ حياءَ جي نقاب لاهڻ جو حڪم نہ ڪيو آهي. ان عورت ڪي محفلِ رقص ۽ سرود جي زينت بنجڻ جي موڪل نہ ڏني آهي. اسلام هڪ مستقل دين آهي ان جو پنهنجو نظامِ قانون ۽ ضابطهٔ حيات آهي ۽ ان جي مستقل هجڻ جي اهائي نشاني آهي تہ اهو هر حالت ۾ ان ضابطي جو پائبند رهي. ڀئي ڪنهن کي اها ڳالهہ پسند اچي يا نہ، ڪو خوش هجي يا نہ، اسلام جي حڪمن ۾ ماڻهن جي راضي ڪرڻ لاءِ ڪا بہ گهٽ وڌ ڳالهہ نہ ٿي ڪري سگهجي. "وَابْتَغُوْا مَاكَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ" (جيڪي الله اوهان جي لاءِ لکيو آهي اهو طلب ڪيو) ان مان مراد آهي تہ پنهنجن زالن سان صحبت ڪرڻ ۾ صرف شهوت پوري ڪرڻ جي نيت نہ ڪيو بلڪ اولاد جي طلب بہ رکو. جيئن حضرت معقل بن يسار کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو آهي تہ: "تَزَوَّجُوا الْوَدُوْدَ الْوَلُوْدَ فَاِنِّي مُكَاثِرٌ بِكُمُ الْاُمَمَ" (رواه ابوداؤد والنسائي) (١) يعني محبت رکندڙ، ٻار ڄڻيندڙ (عورت) سان شادي ڪيو. پوءِ بيشڪ مان اوهان سان (ٻين) امتن کان گهڻائي ثابت ڪندڙ آهيان. "اَلْخَيْطُ الْاَبْيَضُ" اڇو ڌاڳو. ان مان مراد صبح صادق آهي يعني صبح جي اها روشني جيڪا ڏکڻ ۽ اتر ڏانهن پاسن ۾ پکڙجندي آهي. ان جي اڀرڻ تائين رات جو کائڻ، پيئڻ جي موڪل آهي. ان کان پوءِ روزي جو وقت شروع ٿي ٿو وڃي. هاڻي کائڻ، پيئڻ، جماع ڪرڻ بند آهي. "ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَي الَّيْلِ" (ان کان پوءِ روزو رات جي اچڻ تائين رکو) اهو روزي جو آخري وقت بيان ڪيو ويو آهي. يعني سج لهڻ جو يقين ٿي وڃي تہ روزو کوليو. "عَاكِفُوْنَ فِي الْمَسَاجِدِ" هن ۾ اعتڪاف ۾ ويهڻ وارن لاءِ بيان ڪيو ويو تہ جيڪو مسجد ۾ ڏهي ۾ ويٺل آهي ان کي رات جو بہ پنهنجيءَ زال سان صحبت ڪرڻ جي موڪل نہ آهي. اڳتي ارشاد ٿيو تہ هي الله تعاليٰ جي طرفان

(١) تفسير مظهري ص٢٠٤ ج ١

مقرر ڪيل حدون آهن اهي ٽوڙيو تہ نہ پر انهن کي ويجها بہ نہ وڃو. ائين نہ ٿئي جو جذبات جي وهڪري ۾ وهي الله تعاليٰ جي نافرماني ڪري ويهو. الله تعاليٰ پنهنجون آيتون اوهان جي اڳيان کولي کولي ٿو بيان ڪري تہ من اوهان پرهيزگار ٿي پئو.

وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَتُدْلُوْا

۽ نہ کائو مال هڪ ٻئي جا پاڻ ۾ باطل (طريقي) سان ۽ نہ رسائي حاصل ڪيو

بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ

انهن سان حاڪمن ڏانهن تانت کائو حصو مالن ماڻهن جي مان گناهہ سان

النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٨﴾ ع

رکوع ۲۳

حالانڪ اوهان ڄاڻو ٿا (تہ اهو حرام آهي)

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ اسلامي معاشي نظام جو هڪ ٻيو قانون بيان ٿي رهيو آهي يعني ناجائز طريقي سان ماڻهن جو مال نہ کائو. ان ۾ جوا، غصب، ٺڳي، حق تلفي ۽ جنهن ۾ مالڪ ناراض آهي، سڀ داخل آهن. اهڙيءَ طرح رشوت، ڪوڙي قسم يا ڪوڙيءَ شاهديءَ سان ڪنهن جو مال ڪورٽ مان حاصل ڪرڻ بہ حرام آهي. قرآن ڪريم جي هن حڪم تي هلڻ سان ڪيترا فتنا دفع ٿي وڃن ٿا. پر افسوس جو اڄ تائين مسلمان حاڪمن کي رشوت ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي. ۽ پورو عالم انسانيت ان کان متاثر آهي. نبي پاڪ ﷺ جن جا ڪيترا فرمان آهن تہ پرائو مال ناحق سان نہ کائو. امام احمد ابي حميد ساعديءَ کان روايت آندي آهي تہ: بيشڪ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ "لَايَحِلُّ لِامْرِئٍ اَنْ يَّاْخُذَ مَالَ

اَخِيْهِ بِغَيْرِ حَقِّهٖ وَذَالِكَ لِمَا حَرَّمَ اللّٰهُ مَالَ الْمُسْلِمِ عَلَي الْمُسْلِمِ" (١) يعني ڪنهن
بہ مڙس لاءِ حلال نہ آهي جو پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جو مال ناحق سان
کائي ۽ اهو ان جي ڪري جو مسلمان جو مال مسلمان تي (ناحق کائڻ
سان) الله تعاليٰ حرام ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح حضرت معاذ بن
جبل رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: "مَا تَزَالُ
قَدَمَا عَبْدٍ يَوْمَ الْقِيَامَةِ حَتّٰي يُسْاَلَ عَنْ اَرْبَعٍ عَنْ عُمْرِهٖ فِيْمَا اَفْنَاهُ وَعَنْ شَبَابِهٖ فِيْمَا
اَبْلَاهُ وَعَنْ مَالِهٖ مِنْ اَيْنَ اكْتَسَبَهٗ وَفِيْمَا اَنْفَقَهٗ وَعَنْ عِلْمِهٖ مَاذَا عَمِلَ فِيْهِ" (البيهقي -
الترغيب) يعني قيامت جي ڏينهن ٻانهو پنهنجيءَ جاءِ کان اڳيان پير ئي نہ کڻندو
تہ چئن شين جي باري ۾ ان کان سوال ڪيو ويندو. ان جي عمر جو تہ کهڙي ڪم
۾ گذاريائين؟ ۽ ان جي جوانيءَ جو تہ ڇا ۾ برباد ڪيائين؟ ۽ ان جي مال جو تہ
ڪٿان ڪمايائين؟ ۽ ڇا ۾ کپايائين؟ ۽ ان جي علم جو تہ ان تي ڪهڙو عمل ڪيائين.؟

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ
جن هڪ ڀيري خطبو ڏيندي فرمايو تہ "اي مهاجرن جي جماعت پنج خصلتون اهڙيون
آهن جن جي متعلق مان الله تعاليٰ کان پناهہ ٿو گهران تہ اهي اوهان ۾ پيدا نہ ٿين.
١- هڪ تہ جڏهن ڪنهن قوم ۾ بي حيائي پيدا ٿيندي آهي تہ انهن ۾ طاعون
وباءِ نوان نوان مرض پيدا ٿيندا آهن جيڪي انهن جي ابن، ڏاڏن بہ نہ ٻڌا هوندا.
٢- ٻيو تہ جڏهن ڪنهن قوم ۾ ماپ ۽ تور ۾ گهٽ وڌ ڪرڻ جو مرض پيدا ٿيندو
آهي تہ انهن تي ڏڪار، مهانگ، مشقت، محنت ۽ حاڪمن جا ظلم لاٿا ويندا
آهن. ٣- ٽيون تہ جڏهن ڪا قوم زڪواة ادا نہ ڪندي آهي تہ انهن تي برسات بند
ڪئي ويندي آهي. ٤- چوٿون تہ جڏهن ڪا قوم الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان ڪيل
عهد ٽيجندي آهي تہ الله تعاليٰ انهن تي ڌاريان دشمن غالب ڪندو آهي جيڪي
انهن کان ناحق مال کسي ويندا آهن ۽ ٥- پنجون تہ جڏهن ڪنهن قوم جا حاڪم
الله جي قانون تي فيصلو نہ ڪندا آهن ۽ الله جا نازل ڪيل احڪام انهن جي دلين
سان نہ لڳندا آهن تہ الله تعاليٰ انهن جي پاڻ ۾ لڙائي ۽ جهيڙو وجهندو آهي." هيءَ
روايت ابن ماجه ۽ بيهقيءَ نقل ڪئي آهي ۽ حاڪم ان کي مسلم شريف جي شرط
تي صحيح چيو آهي (٢)

(١) الدر المنثور ص ٤٨٩ ج ١ (٢) تفسير معارف القرآن ص ٤٠٧ ج ١

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ

پڇن ٿا توکان (اي رنڌڙ) چنڊن جي باري ۾. فرماءِ تہ اهي وقت سڃاڻڻ جون نشانيون آهن ماڻهن

وَالْحَجِّ ؕ وَلَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ

جي لاءِ ۽ حج جي لاءِ (هيءَ ڪا) نيڪي نہ آهي جو اچو (پنهنجن) گهرن ۾ انهن

ظُهُوْرِهَا وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ وَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ

جي پوين پاسن کان ۽ پر نيڪي ان جي آهي جو تقويٰ اختيار ڪيائين ۽ اچو گهرن ۾

اَبْوَابِهَا ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٨٩﴾

انهن جي دروازن کان ۽ ڊڄو الله کان (ان اميد تي) تہ ڪامياب ٿيو.

تفسير

چنڊ جو اڀرڻ، لهڻ، گهٽ وڌ ٿيڻ، قدرت جون اهڙيون ظاهري نشانيون آهن جن کي ڏسي انسان انهن جي خالق، مالڪ، مدبر جو پتو لڳائي سگهي ٿو مگر ان مان سبق حاصل ڪرڻ جي بجاءِ سوال ڪيو ويو تہ اهو ڇو ٿو گهٽ وڌ ٿئي؟

حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ! سَاَلَ النَّاسُ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنِ الْاَهِلَّةِ فَنَزَلَتْ هٰذِهِ الْاٰيَةُ (١) يعني ماڻهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان پڇيو تہ چنڊ گهٽ وڌ ڇو ٿا ٿين؟ پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي ۽ ٻڌايو ويو تہ هي سڀ ان قادر جي قدرت جي ڪرشمه سازي آهي جنهن هڪ طرف پنهنجيءَ قدرت سان فطرت جي مظهرن کي اهڙو تہ حسين ۽ جميل بنايو

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٢٢٥ ج ١

آهي، جو دل بي اختيار انهن ڏانهن ڇڪجي ويندي آهي ۽ هئي طرف انهن ۾ ايتري ته اونهائي رکي اٿس جو کير لک پيرا مغز ماري ڪري ته به انهن جي راز کي لهي نه ٿو سگهي. وڏي ڳالهه ته ان محنت ڪرڻ ۽ تڙپ جون صلاحيتون به طبيعتن ۾ پاڻ ئي لکل رکيون اٿس ڇوته انهن کان سواءِ ساري ڪائنات جو نه ته حسن کلي بيهي ها ۽ نه خبر پوي ها ته هن خالي انسان جي پيدا ڪرڻ ۾ ڇا ڇا حڪمتون رکيل آهن. هڪ اهڙو وقت به آيو جو انسان جڏهن انهن رازن تان پردو کڻي نه سگهيو ته حسن جي هيبت ۽ قدرتي جلال جي دلربائيءَ اڳيان سربسجود ٿي پنهنجي عاجزيءَ جو اظهار ڪيائين. پوءِ ڇا ٿيو. سڄيءَ ڪائنات تي جمود طاري رهيو هر شيءِ ۽ هر نظارو ڪوماٽيل نظر اچڻ لڳو ڇو ته جيڪو هٿ سڄيءَ دنيا کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو هو اهو بيڪار بنجي ويو ۽ ان جي عقل ۽ سمجهه جا سڀ ڏيا وسامي چڪا هئا. تانجو الله تعاليٰ ڪرم ڪري پنهنجي آخري پيغمبر، محبوب مڪرم، نور مجسم ﷺ جن کي موڪلڻ فرمايو. پاڻ اچي انسانن جي اکين تان جهالت جي پٽي لاٿائون. انهن جي دل وارين ديدن کي بينائي بخشيائون ۽ انهن کي ٻڌايائون ته هي سج، چنڊ، زمين، آسمان، جبل، جهنگل، درياءَ ۽ ميدان اوهان جا معبود، مسجود نه آهن اهي سڀ اوهان جي خدمت لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. اوهان پنهنجي حقيقي معبود، الله جل شانه عم نواله ڏانهن وک وڌائي ته ڏسو. اهي سڀ شيون اوهان جي قدمن تان قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهن. پاڻ ڪريمن ﷺ جن انسان جي فڪري غلطيءَ جي اصلاح ڪئي ۽ انهن کي ٻڌايو ته مخلوقات ۾ وڏيءَ کان وڏي شيءِ به اوهان جي معبود هجڻ جي لائق نه آهي اوهان سيني جو خالق هڪ الله وحده لاشريڪ له آهي. انهن ڳالهين کي سمجهڻ جي باوجود به ڪڏهن ڪڏهن ذهني الجهن کي دور ڪرڻ لاءِ اهڙا سوال پيش ڪيا ويندا هئا. ان سوال جي جواب ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته "قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَالْحَجِّ" يعني اهو نظام اصل ۾ ان جي ڪري رکيو ويو آهي ته ان سان اوهان پنهنجين عبادتن، ڏيتي ليتيءَ جا وقت صحيح ڄاڻو ۽ مقرر ڪري سگهو. هيءَ هڪ اهڙي ڪليل جنتري آهي جنهن سان هر شخص پڙهيل يا اڻ پڙهيل شهري يا ٻهراڙيءَ جو وقت معلوم ڪري سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح طلاق، ايلاء، عدت وغيره جو به انهن ڏينهن ۽ وقتن سان تعلق رهي ٿو.

* گهرن ۾ پوئين پاسي کان اچڻ نيڪي نہ آهي *

"لَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا" قرآن پاڪ جي مفسرعلامہ ابوحيان اندلسيءَ غرناطيءَ عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ براءِ بن عازب، زهريءَ ۽ قتاده فرمايو آهي تہ جاهليت ۽ اسلام جي ابتدائي دور ۾ جيڪي ماڻهو حج يا عمري جو احرام ٻڌندا هئا اهي پنهنجن گهرن ۾ دروازن کان نہ ايندا هئا گهرن جون پويون ڀتيون ڀڃي انهن مان دروازا ڪري پوءِ اندر ايندا هئا جيڪڏهن تنبن ۾ رهڻ وارا هوندا هئا تہ اهي انهن جي پويان رسيون کولي اندر ايندا هئا ۽ جيستائين احرام نہ کوليندا هئا تہ ان تي سختيءَ سان پابندي ڪندا هئا ۽ ان کي نيڪي ۽ سهڻو عمل سمجهندا هئا انهن جي باري ۾ آيت جو هي حصو نازل ٿيو (١) ۽ الله تعالىٰ فرمايو تہ اها نيڪي نہ آهي نيڪي اها آهي تہ اوهان پرهيزگار بنجو ۽ اهي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي اوهان پنهنجيءَ سوچ، ويچار ۽ عقل سان بہ سمجهي سگهو ٿا:

وَقَاتِلُوْا فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ

۽ جنگ ڪيو الله جي واٽ ۾ انهن سان جو جنگ ٿا ڪن اوهان سان ۽ نہ

وَلَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿١٩٠﴾

زيادتي ڪيو. بيشڪ الله نہ ٿو محبت رکي زيادتي ڪندڙن سان

وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَاَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ

۽ قتل ڪيو انهن کي جتي بہ لهو انهن کي ۽ ڪڍو انهن کي اتاهين جو

حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ وَالْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ

ڪڍيائون اوهان کي ۽ فتنو اٿارڻ زور سخت آهي قتل ڪرڻ کان

(١) البحر المحيط ص ٦٢ - ٦٣ ج ٢

وَلَا تُقَاتِلُوهُمْ عِندَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتَّىٰ

۽ نہ جنگ ڪيو انهن سان مسجد حرام وٽ تانجو جنگ ڪن اوهان سان ان ۾

يُقَاتِلُوكُمْ فِيهِ ۖ فَإِن قَاتَلُوكُمْ فَاقْتُلُوهُمْ ۗ

پوءِ جيڪڏهن جنگ ڪن اوهان سان تہ پوءِ قتل ڪيو انهن کي.

كَذَٰلِكَ جَزَاءُ الْكَافِرِينَ ﴿١٩١﴾

اهڙيءَ طرح آهي سزا ڪافرن جي

تفسير

هنن آيتن جي شان نزول جي باري ۾ علامه ابن الجوزيءَ عليه الرحمه لکيو آهي تہ جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ۽ سندن اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم کي حديبيه جي ميدان کان اڳتي عمري ڪرڻ جي لاءِ بہ ڪافرن نہ ڇڏيو ۽ سيني قربانيءَ لاءِ آندل جانور بہ اتي ئي ڪٺا ۽ صلح ڪيو ويو تہ ايندڙ سال اچي عمرو ڪجو تہ پاڻ مدينہ شريف ۾ ئي موٽي آيا. ۽ ٻئي سال جڏهن وري عمري لاءِ تياري ڪيائون تہ اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم سوچيو تہ قريشي اڳئين سال وارو وعدو وفا ڪندا الاءِ نہ ۽ ڪين هن سال ۾ بہ مڪه مڪرمه ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي جنگ ڪندا الائي ڇا؟ جيڪڏهن جنگ ڪن تہ پوءِ انهن سان اهڙي مهيني ۾ جنهن ۾ جنگ نہ ڪرڻ جو حڪم هوندو آهي جنگ ڪجي تہ سٺو نہ آهي. تڏهن الله تعاليٰ هي آيتون نازل ڪيون. (١) ۽ هنن آيتن ۾ انهن مظلومن کي طاقت جو جواب طاقت سان ڏيڻ لاءِ اجازت ڏني وئي جن تي ٻارهن، تيرهن سال مسلسل ظلمن جا جبل ٽوڙيا ويا هئا ۽ تسليم ۽ رضا

(١) زاد المسير ص ١٩٧ ج ١

جا صاحب ماڻ ڪري برداشت ڪندا رهيا. قرآن ڪريم جي هن جهاد واري حڪم کي سمجهڻ لاءِ ٽن شين جو سمجهڻ ضروري ۽ اهم آهي هڪ تہ جهاد کهڙي مقصد لاءِ ڪيو وڃي ٻيو تہ ڪنهن سان جهاد ڪيو وڃي ٽيون تہ کهڙن شرطن سان ١- جهاد ڪرڻ جو مقصد "في سبيل الله" جي لفظ سان ٻڌايو ويو. يعني ڦرڻ، مارڻ، لٽڻ جي لاءِ نہ پر حق جي سربلنديءَ لاءِ جهاد ڪيو. تجارتي، صنعتي، وطني يا نسلي عداوت ۽ تعصب يا اهڙا ڪريل قسم جا مقصد مومن جي جنگ ۾ پيش نظر نہ هوندا آهن ٢- ڪنهن سان جنگ ڪيو "اَلَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ" ۾ ان جي وضاحت بيان ٿي آهي. يعني انهن سان لڙو جيڪي اوهان سان لڙن ٿا. ۽ اوهان سان لڙڻ جي تيارين ۾ آهن. پر ان ۾ بہ شرط آهي "ولاتعتدوا" انهن تي بہ زيادتي نہ ڪيو ڇو تہ جڏهن انسان جذبات تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهندو آهي تہ زيادتي ڪري وٺندو آهي. ڇو تہ ان ۾ انتقام، بدلي وٺڻ جي باهہ ڀڙڪندي آهي. الله تعالىٰ کولي ٻڌايو تہ زيادتي ڪندڙن سان سندس محبت نہ هوندي آهي. عورتن، پوڙهن، اپاهجن، هارين، مزدورن ۽ دنيا جي تارڪن تي جيڪڏهن اهي جنگ ۾ شريڪ نہ آهن تہ هٿ وڌائڻ کان اسلام منع ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح وڻن جي وڍڻ، اَنن ۽ کير ڏيڻ وارن حلال جانورن جي ختم ڪرڻ کان بہ منع آهي پر مستشرق، يورپي يا ٻيا دانشور اسلام جي جهاد واري نظريہ تي طرحين طرحين اعتراضات ڪندا آهن اهي جيڪڏهن هنن آيتن تي غور ڪن ها تہ پنهنجن اعتراضن کي پاڻ ئي غلط سمجهن ها. ۽ هي فيصلو ڏيڻ تي مجبور ٿين ها تہ هن وقت ۾ مهذب ۽ متمدن دنيا ۾ اهڙي ٻي ڪابہ قوم نہ آهي جن جي جنگي قانونن ۾ عدل ۽ انصاف جو اهڙو لحاظ رکيو ويو هجي. هاڻي تہ جنگ شروع ٿيندي ئي پرامن شهرين ۽ آباد ڳوٺن کي بمن سان اڏايو ٿو وڃي ننڍڙا ٻار، بيمار، پوڙها سڀ ماريا ٿا وڃن، اسپتالن، درسگاهن، عبادت خانن کي بہ تباهہ ڪيو ويندو آهي. "وَالْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ" (فتنو قتل کان بہ سخت آهي) علامہ ابن الجوزيؒ عليہ الرحمة لکيو آهي تہ ابن عباس، حسن، مجاهدؒ قتاده جو قول آهي تہ هتي اَلْفِتْنَۃ مان مراد شرڪ آهي. (١) يعني هن آيت ۾ فتني مان مراد شرڪ آهي. اهي ڪافر جيڪي الله تعالىٰ سان ٻين کي شريڪ ٿا

(١) زاد المسير ص ٢٠٠ ج ١

بنائين بيت الله شريف ۾ بت رکيو ويٺا آهن اهو گناهه احترام واري مهيني ۾ جنگ ڪرڻ کان به وڏو ۽ سخت گناهه آهي انهن سان انهن جي وڙهڻ کان پوءِ وڙهڻ منع نه آهي. ۽ الفتنه اصل ۾ سون کي پگهاري ان مان ميرنهن ڪڍڻ کي چوندا آهن پر هاڻي ان جو سخت آزمائش جي لاءِ به استعمال ٿيندو آهي. ۽وڏي ۾ وڏي آزمائش اها آهي جيڪا دين قبول ڪرڻ يا دين کان ڦيرائڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. مڪي پاڪ ۾ رهڻ وارا ڪافر مسلمانن کي دين کان ڦيرائڻ جي لاءِ سخت کان سخت سزائون ڏيندا هئا. الله تعاليٰ فرمايو ته قتل ڪرڻ به وڏو گناهه آهي پر ڪنهن کي ان جي عقيدي کان جنهن تي هو دل جي سچائيءَ سان يقين رکيو ويٺو آهي، ڦيرائڻ قتل کان به وڏو گناهه آهي.

فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٢﴾

پوءِ جيڪڏهن بس ڪن (ته اوهين به بس ڪيو) پوءِ بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي

تفسير

پهريان جنگ ڪرڻ جو حڪم هو ۽ ان جو وجه به بيان ڪيو ويو ته ڇالاءِ جنگ ڪيو ۽ هاڻي ٻڌايو ٿو وڃي ته جڏهن مخالف اطاعت ڪن ۽ دين جي معاملي ۾ مداخلت ڪرڻ ۽ ماڻهن کي روڪڻ واري سندن طاقت ختم ٿي وڃي ۽ هر شخص آزاديءَ سان سچي دين کي قبول ڪري سگهي ته ان وقت جنگ بند ڪرڻ جو حڪم آهي. قرآن پاڪ جي مفسر احمد مصطفيٰ مراغي لکيو آهي ته ”اي فان كفوا عن القتال او عن الكفر فان الله يقبل منهم عملهم فهو رحيم بعباده يغفر لهم ما سبق من زلاتهم ويمحو خطيئاتهم اذا هم تابوا عما اقترفوا واحسنوا واتقوا (١) يعني جيڪڏهن جنگ ڪرڻ ۽ ڪفر کان بند رهيا ته الله تعاليٰ سندن عمل قبول ڪندو اهو پنهنجي ٻانهن سان مهربان آهي سندن اڳيون غلطيون بخشيندو ۽ خطائون ميٽيندو جڏهن پنهنجن غلط ڪمن کان توبه ڪندا ۽ سهڻا عمل ڪري متقي بنجندا.

(١) تفسيرالمراغي ص ٩٠ جلد ١ جزء ٢

وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَاتَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ط

۽ جنگ ڪيو انهن سان تانجو نہ رهي فتنو ۽ هجي دين (خالص) الله جي لاءِ.

فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹۳﴾

پوءِ جيڪڏهن بس ڪن تہ پوءِ نہ آهي زيادتي مگر ظالمن تي

اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ

عزت وارو مهينو بدلو آ عزت واري مهيني جو ۽ عزتون بدلو

وَالْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ط فَمَنِ اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ

آهن پوءِ جنهن زيادتي ڪئي اوهان تي پوءِ زيادتي ڪيو

فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ ص وَاتَّقُوا

ان تي اهڙي زيادتي جو ڪيائين اوهان تي ۽ ڊڄو الله کان ۽ يقين

اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۹۴﴾

ڄاڻو تہ بيشڪ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي.

تفسير

هنن آيتن ۾ بہ جنگ جو حڪم آهي. علامه محمد بن احمد انصاريءَ عليه الرحمه لکيو آهي تہ هيءَ آيت متئين آيت کي منسوخ ڪندڙ آهي جنهن ۾ حڪم هو تہ جيڪڏهن ڪافر مشرڪ اوهان سان جنگ ڪن تہ پوءِ اوهان جوابي جنگ ڪيو. هنن آيتن ۾ حڪم آهي تہ اهي ڪافر جيڪي ڪفر ۽ شرڪ تي آهن اهو

هڪ وڏو فتنو آهي ان کي ختم ڪرڻ جي لاءِ انهن سان جنگ ڪيو. هو جنگ نه ڪن ته به انهن سان جنگ شروع ڪري ڏيو. تانجو اهي حقيقي خالق کي مڃي ان جو دين قبول ڪن. جيئن نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو آهي! "اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّيٰ يَقُوْلُوْا لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوا الزَّكٰوةَ فَاِذَا فَعَلُوْا ذَالِكَ عَصِمُوْا مِنِّيْ دِمَآءَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ اِلَّا بِحَقِّهَا وَحِسَابُهُمْ عَلَي اللّٰهِ" (١) يعني مون کي امر ڪيو ويو آهي ته مان ماڻهن سان تيستائين جنگ ڪيان جيستائين لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (هڪ الله کان سواءِ ڪوبه عبادت جو لائق نه آهي) چون جنهن وقت اهو تسليم ڪندا ته پوءِ سندن رت ۽ مال محفوظ آهن مگر (ڪنهن جو) حق هوندو (ته ان ۾ ڏنا ويندا) ۽ انهن جو حساب الله وٽ آهي. ان کان پوءِ انهن عزت وارن مهينن ۾ جنگ ڪرڻ جو حڪم بيان ڪيو ويو آهي، جن مهينن ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دين ۾ جنگ ڪرڻ حرام هئي ۽ مسلمان به انهن مهينن ۾ جنگ ڪرڻ پسند نه ڪندا هئا. اهي چار مهينا آهن ١- محرم ٢- رجب ٣- ذوالقعدة ۴- ذوالحج. الله تعاليٰ فرمايو ته اهي مهينا واقعي عزت وارا آهن پر جيڪڏهن ڪافر اوهان سان جنگ ڪن ٿا ته انهن مهينن ۾ اوهان به انهن سان جنگ ڪري سگهو ٿا ان ۾ ڪابه شرعي ممانعت، قباحت ۽ خرابي نه آهي. ۽ هر حال ۾ تقويٰ کي ملحوظ رکو. تقويٰ سان درجا بلند ٿين ٿا ۽ الله تعاليٰ پنهنجي رحم، ڪرم ۽ فضل سان پرهيزگارن سان گڏ آهي.

وَاَنْفِقُوْا فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَی

۽ خرچ ڪيو الله جي واٽ ۾ ۽ نه اڇلايو پاڻ کي هلاڪت ۾ ۽

التَّهْلُكَةِ ۚ وَاَحْسِنُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٩٥﴾

احسان ڪيو. بيشڪ الله محبت تو رکي ڀلائي ڪندڙن سان

(١) تفسير طبري ص ١١٣ ج ٢

تفسير

هن کان اڳ ۾ جاني جهاد جو حڪم هو هاڻي مالي جهاد جو حڪم ڪيو ويو آهي جيئن علامه محمد بن محمد عماديءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ: امر بالجهاد بالمال بعد الامر به بالانفس (١) علامه شوڪانيءَ لکيو آهي تہ: جيڪو بہ خير الله تعاليٰ جي راضي ڪرڻ لاءِ ان جي واٽ ۾ ڏنو وڃي اهو ان ۾ داخل آهي ۽ هي لفظ ان کي شامل آهي (٢) "وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَي التَّهْلُكَةِ" (پنهنجن سرن کي هلاڪت ۾ نہ اڇلايو) هن آيت جي باري ۾ حضرت ابوايوب انصاريءَ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ هلاڪت ۾ اڇلائڻ مان مراد آهي جهاد ڇڏي ڏيڻ. اسلم بن عمران کان روايت آهي تہ جڏهن اسان قسطنطنيه تي حملو ڪيو هو تہ رومي ڪافرن جو وڏو لشڪر اسان جي مقابلي ۾ آيو. اسان مان هڪ مسلمان مجاهد اڪيلي سر انهن تي حملو ڪري انهن جي لشڪر ۾ گهڙي پيو ۽ مسلمانن مان ڪن ڌانهون ڪري چيو تہ هن تہ پاڻ کي پاڻهي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيو. اتي حضرت ابوايوب انصاريءَ رضي الله تعاليٰ عنه اٿي فرمايو تہ: اي مسلمانو! اوهان هن آيت جو مطلب صحيح نہ سمجهيا آهيو اڇو تہ مان اوهان کي ان جو شانِ نزول ٻڌايان. جڏهن الله تعاليٰ اسلام کي غلبو ڏنو ۽ مسلمانن جي قوت ۽ تعداد وڌيو تہ اسان مدينہ منوره جي اصلي رهاڪن، انصارن پاڻ ۾ مشورو ۽ لڪل طريقي سان صلاح ڪئي تہ هاڻي مجاهدن جي ڪوٽ نہ آهي ۽ الله تعاليٰ اسلام کي عزت، بلندي ۽ غلبو عطا ڪيو آهي ۽ گهٽي وقت کان اسان پنهنجي زمين آباد ڪرڻ لاءِ بہ توجهہ نہ ڪيو آهي. هاڻي اسان کي ان ڏانهن توجهہ ڪرڻ گهرجي. تڏهن الله تعاليٰ اها آيت نازل ڪري حڪم فرمايو تہ اوهان جهاد ڇڏي زراعت ۽ تجارت ڏي ڪلي طرح توجهہ ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو. "وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَي التَّهْلُكَةِ" مان مراد اِهاتہ آهي تہ اڪيلي سر وڃي جهاد ڪرڻ هلاڪت آهي ———— علامه ابن جرير عليه الرحمة

(١) تفسير ابي السعود ص ٢٠٥ جلد ١ جزءِ ١ (٢) فتح القدير ص ١٩٣ ا
(٣) تفسير روح المعاني ص ٧٧ جلد ١ جزءِ ٢

لکيو آهي تہ هت پاڻ کي هلاڪت ۾ اڇلائڻ مان مراد آهي پنهنجو مال الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪرڻ. حضرت حذيفه، حضرت ابن عباس، عامر، محمد بن ڪعب قرظيؒ، قتاده ۽ مجاهد کان ان ئي مطلب جي تائيد ۾ روايتون آيل آهن. (١)

* حضرت ابوايوب انصاريؒ رضي الله تعاليٰ عنه جي مزارکان برکتون ۽ فيض حاصل ڪرڻ *

ديوبندي عالمن ۾ برک عالم، اديب ۽ دار العلوم ديوبند ۾ پڙهائيندڙ استاد علامه اعزاز علي صاحب ديوبنديؒ، پنهنجي ڪتاب نفحة العرب ۾ لکيو آهي تہ قسطنطنيه جنگ ۾ لڙندي حضرت ابوايوب انصاري رضي الله تعاليٰ عنه شهيد ٿيو ۽ اتي سندس مزار مشهور آهي ان جي تعظيم ڪئي ويندي آهي ماڻهوءَ سان شفا حاصل ڪرڻ جي طلب ڪندا آهن پوءِ شفا ڏنا ويندا آهن. (٢)

علامه پاني پتيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ حضرت ابوايوب انصاريؒ رضي الله تعاليٰ عنه کي قسطنطنيه قلعي جي پاڙ ۾ دفن ڪيو ويو! فهم يستسقون به (٣) يعني اهي قسطنطنيه وارا ان جي وسيلي سان الله تعاليٰ کان مينهن جي طلب ڪندا آهن.

علامه محمد اسماعيل حقيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ حضرت ابوايوب انصاري رضي الله تعاليٰ عنه قسطنطنيه جي قلعي جي پاڙ ۾ دفن ڪيو ويو هم يستشفون به (٤) يعني قسطنطنيه وارا ان جي مهابي شفا جي طلب ڪندا آهن. قرآن پاڪ جي تفسيرن جي انهن عبارتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ جي پيارن جي مزارات جي زيارت ڪرڻ، انهن جي وسيلي سان دعائون گهرڻ، شفا طلب ڪرڻ، الله تعاليٰ کان انهن جي واسطي سان مينهن وغيره گهرڻ اڳين مسلمانن کان هلندو آيو آهي ۽ جيڪڏهن اهو ڪم ناجائز هجي ها تہ قرآن ڪريم جا اهي تفسير ان ڪم جي ناجائز هجڻ کي بہ بيان ڪن ها.

(١) تفسير طبري ص ١١٦ جلد ٢ (٢) نفحة العرب ص ٨٤
(٣) تفسير مظهري ص ٢٠٠ جلد ١ (٤) تفسير روح البيان ص ٣٠٩ جلد ١

وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا
۽ پورو ڪيو حج ۽ عمرو الله جي لاءِ. پوءِ جيڪڏهن گهيري ۾ آندا وڃو پوءِ

اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَلَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى
جيڪو آسان ٿيو قرباني ۽ جي جانورن مان ۽ نه ڪوڙيو پنهنجا مٿا تانجو

يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ
پهچي قرباني ۽ جو جانور پنهنجيءَ جاءِ تي. پوءِ جيڪو هجي اوهان مان بيمار

بِهٖٓ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ
يا ڪجهه تڪليف آهي ان جي مٿي ۾ ته پوءِ فديو ڏيڻ آهي روزن سان يا

اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ ٚ فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى
خيرات سان يا قرباني ۽ سان پوءِ جڏهن امن وارا ٿيو ته پوءِ جيڪو فائدو وٺي

الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ
عمري جو حج سان (گڏي) پوءِ جيڪا آسان ٿئي قرباني (اها ڏي) پوءِ جيڪو

فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِى الْحَجِّ وَسَبْعَةٍ اِذَا
(قرباني) نه لهي ته پوءِ ٽي روزا حج جي ڏينهن ۾ ۽ ست روزا جڏهن (حج

رَجَعْتُمْ ؕ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ
کان) موٽو (ته رکو) اهي ڏهه (روزا) پورا آهن اهو (حڪم) ان لاءِ آهي جو نه

اَهْلُهٗ حَاضِرِي الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ

آهي اهل ان جو رهندڙ عزت واري مسجد جي ويجهو. ۽ ڊڄو الله کان ۽ يقين

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٩٦﴾

ڄاڻو تہ بيشڪ الله سخت آهي سزا ڏيڻ ۾

ع ٢٤/٨

تفسير

هنن ٻن آيتن ۾ حج ۽ عمري جو ذڪر آهي. اهي ٻئي يا انهن مان هڪ جيڪو بہ ماڻهو ادا ڪري تہ ان ۾ الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ جي نيت ڪري. ان کي ميلو، يا تماشو سمجهي ادا نہ ڪري. اسلام کان اڳ ۾ عرب ان کي صرف تجارت ۽ واپار جو ذريعو سمجهندا هئا. ڪي وري سير ۽ تفريح لاءِ ايندا هئا پوءِ ان سان گڏ حج بہ ڪري ويندا هئا. حالانڪ حج ۽ عمرو هڪ مخصوص عبادت آهن. حج تہ اسلام جي پنجن رڪنن مان هڪ رڪن ۽ فرضن مان هڪ اهم فرض آهي. جنهنجو تاڪيد ۽ اهميت قرآن پاڪ جي آيتن ۽ نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي حديثن مان ثابت ۽ روشن آهي.

* حج ڪڏهن فرض ٿيو *

جمهور علماء جي قول مطابق حج جي فرضيت هجرت جي ٽئين سال (احد جي جنگ واري سال) ۾ سورة آل عمران سڳوريءَ جي آيت "وَلِلّٰهِ عَلَي النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ" (۽ الله جي رضا لاءِ ماڻهن تي بيت الله جو حج(فرض)آهي) جي نازل ٿيڻ سان ٿي. ان آيت ۾ حج جي فرضيت سان گڏ ان جي شرطن ليڻ جي باوجود حج نہ ڪرڻ واري تي عذاب جو ذڪر آهي. مٿين آيت "وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ" مفسرن جي اتفاق سان حديبيه جي قصي وقت سنہ ٦ هجريءَ ۾ نازل ٿي ۽ ان مان مقصد حج ۽ عمري جا ڪجهہ احڪام بيان ڪرڻا آهن.

* حج ڪرڻ تہ فرض آهي عمرو ڪرڻ ڇا آهي *

ترمذيؒ، احمد ۽ بيهقيءَ حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان عرض ڪري پڇيو تہ ڇا عمرو ڪرڻ واجب آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "واجب نہ آهي پر عمرو ڪرڻ ڀلو ۽ افضل آهي." ان جي ڪري حضرت امام ابوحنيفه ۽ حضرت امام مالڪ رحمة الله عليهما جن وٽ عمرو ڪرڻ سنت آهي. (١)

* نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن عمره ڪيترا ڪيا هئا *

علامه عماد الدين عليه الرحمة لکيو آهي تہ اها ڳالهہ ثابت آهي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جملي چار عمره ڪيا هئا. ۽ سيئي ذوالقعده مهيني ۾. ۽ هجرت کان پوءِ ٻئي ڪنهن بہ مهيني ۾ سندن عمره ڪرڻ ثابت نہ آهي. رمضان المبارڪ ۾ عمره ڪرڻ جي ڀلائي پاڻ بيان ڪئي اٿن ۽ فرمايو اٿن تہ "عُمْرَةٌ فِيْ رَمَضَانَ تَعْدِلُ حَجَّةً مَعِيَ" يعني رمضان ۾ عمره ڪرڻ مون سان گڏ حج ڪرڻ جي برابر آهي (٢)

"فان احصرتم" کان ٻيو مسئلو بيان ٿي رهيو آهي. يعني احرام ٻڌڻ کان پوءِ جيڪڏهن اوهان بيماريءَ يا دشمنيءَ يا ڪنهن ٻيءَ مجبوريءَ جي ڪري حج جي ڏينهن ۾ اتي نہ ٿا پهچي سگهو تہ هاڻي احرام مان نڪرڻ جي هيءَ صورت آهي جو جيڪڏهن اوهان پاڻ سان قربانيءَ لاءِ ڪو جانور بہ ڪاهيو آهي تہ جانور يا ان جي قيمت ڪنهن جي هٿان موڪلي ڏيو ۽ اهو ماڻهو ان جانور کي يا قيمت مان ٻيو وٺي ان کي اوهان جي پاران حرم جي حدود ۾ وڃي قربان ڪري ۽ جڏهن اوهان کي يقين ٿي وڃي تہ اهو جانور هاڻي قربان ٿي ويو هوندو تہ اوهان مٿو ڪوڙائي يا ڪترائي احرام کوليو. (٣) اهڙيءَ طرح احرام جي حالت ۾ جيڪڏهن بيماريءَ يا ڪنهن ٻيءَ مجبوريءَ (مٿي ۾ جون پوڻ وغيره) جي ڪري مٿي يا جسم جي ڪنهن ٻئي

(١) تفسير معارف القرآن ص ٤٢٤ جلد ١ (٢) تفسير ابن ڪثير ص ٢٣٠ جلد ١
(٣) تفسير ضياء القرآن ص ١٣٦ جلد ١

. حصي جا وار ڪوڙائڻا پون تہ جائز آهي. مگر ان جو فديو ادا ڪرڻو پوندو ۽ اهو ٽي قسم آهي ١- يا حرم جي حد ۾ قرباني ڪري ٢- يا روزا رکي ٣- يا صدقو ڏئي. آيت مبارڪ ۾ روزن جو عدد يا صدقي جو وزن مقرر ٿيل نہ آهي پر حضرت ڪعب بن عجرة رضي الله عنه حضور ﷺ جن ڪان روايت آندي آهي تہ:ٽي روزا رکي يا ڇهن مسڪينن ڪي اڌ ٽويو ڪڻڪ جو صدقي جي نيت سان عطا ڪري، اڌ ٽويو اسان جي اسي (٨٠) تولي جي حساب سان تقريبا پوڻا ٻہ سير ڪڻڪ ٿيندي. ڪڻڪ جي بجاءِ ان جي قيمت صدقو ڪري تہ بہ جائز آهي. (١) پر جيڪڏهن رستي جو خطرو ٽري وڃي يا بيماريءَ ڪان شفاياب ٿي وڃي ۽ حج جي ڏينهن ۾ اتي پهچي سگهي ٿو تہ وڃي حج ادا ڪري.

* حج ڪرڻ جا قسم *

احرام ٻڌڻ جي لحاظ سان حج جون ٽي صورتون هونديون آهن هڪ افراد. يعني حج جي ڏينهن ۾ صرف حج جو احرام ٻڌي حج ادا ڪرڻ عمرو ادا نہ ڪرڻ. ان ۾ قرباني واجب آهي. ٻيو تمتع. يعني هڪ ئي سفر ۾ حج جي ڏينهن ۾ پهريان عمري جو احرام ٻڌي طواف ڪرڻ، صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ ۽ مٿو ڪوڙائي يا ڪترائي احرام ڪان واندو ٿيڻ ۽ وري جڏهن حج جو وقت اچي تہ حج جو احرام ٻڌي حج ڪرڻ. ان ماڻهوءَ هڪ ئي سفر ۾ ٻہ نفعا ورتا ان جي ڪري ان ڪي متمتع (نفعو وٺندڙ) سڏيو ويو آهي. ٣- ٽيون قِران- يعني حج ۽ عمري جو گڏي احرام ٻڌڻ. پهريان عمري جا احڪام پورا ڪرڻ ۽ ان ئي احرام ۾ رهي حج جي وقت حج جا ارڪان ادا ڪري ان ڪان پوءِ احرام کولڻ. انهن پوين ٻنهي صورتن ۾ هڪ ئي سفر ۾ ٻن نفعن وٺڻ جي ڪري قرباني ڏيڻ لازم ڪئي وئي آهي.

* مسئلو *

اها قرباني الله تعاليٰ جي شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ آهي. ان مان پاڻ بہ کائي سگهي ٿو ۽ ٻين ڪي بہ کارائي سگهي ٿو. (٢)

(١) تفسير معارف القرآن ص ۴۲۶ جلد ١ (٢) نور العرفان ص ۴۷

* ميقات ڇا آهي *

ميقات ان جاءِ کي چوندا آهن جو ٻاهر کان حرم ۾ داخل ٿيڻ جو ارادو رکندڙ جڏهن اتي پهچي ته ان تي لازم آهي ته ان جاءِ کان بغير احرام جي اڳتي نه وڌي. اهي ميقات مختلف ملڪن جي لاءِ مختلف آهن. ١- مدينه منوره جي رهاڪن ۽ ان طرف کان اچڻ وارن لاءِ ميقات ذوالحليفه آهي. جنهن کي هاڻي بئر علي رضي الله عنه يا ابيار علي جي نالي سان سڏيندا آهن. ٢- ذات عرق، عراق ۽ ان طرف کان اچڻ وارن لاءِ اهو ميقات آهي. ٣- جحفه- شام ملڪ ۾ رهندڙن ۽ ان طرف کان اچڻ وارن لاءِ اهو ميقات آهي. ۴ - قرن - نجد ۾ رهندڙن ۽ ان طرف کان اچڻ وارن لاءِ ٥- يلملم- هي هڪ جبل جونالو آهي. پاڪستان، هندستان وارن لاءِ اهو ميقات آهي. جڏهن بحري جهاز بحيره احمر ۾ داخل ٿيندو آهي ته يلملم جي سامهون لنگهندو آهي ۽ حاجين ۽ عمري ڪندڙن کي احرام ٻڌڻ لاءِ جهاز وارا ٻڌائيندا آهن ۽ هر هڪ ماڻهو احرام ٻڌندو آهي.

* حج ۽ عمره جون ڀلايون ۽ برڪتون *

حديث ع ١

ابن ماجه حضرت طلحة بن عبيد الله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته! مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمائي رهيا هئا ته: "اَلْحَجُّ جِهَادٌ وَّالْعُمْرَةُ تَطَوُّعٌ" حج ڪرڻ جهاد آهي ۽ عمره ڪرڻ (نيڪين ۾) واڌارو آهي.

حديث ع ٢

امام مالڪ، ابن ابي شيبه، بخاريؒ، مسلم، ترمذيؒ، نسائيؒ، ابن ماجه ۽ بيهقيؒ حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اَلْعُمْرَةُ اِلَي الْعُمْرَةِ كَفَّارَةٌ لِمَا بَيْنَهُمَا وَالْحَجُّ الْمَبْرُوْرُ لَيْسَ لَهٗ جَزَآءٌ اِلَّا الْجَنَّةَ" يعني هڪ عمرو ٻئي عمري تائين وچ وارن (گناهن) جو ڪفارو آهي ۽ قبول پيل حج جو بدلو جنت کان سواءِ نه آهي.

* عمره ننڍو حج آهي *

حضرت امام شافعيؒ ڪتاب الام ۾ عبدالله بن ابي بڪر کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جيڪو خط عمرو بن حزم ڏي لکيو هو ان ۾ هيءُ به ذڪر هو ته: "اِنَّ الْعُمْرَةَ هِيَ الْحَجُّ الْاَصْغَرُ" يعني عمرو اهو ننڍو حج آهي. (۱)

اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمَاتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ

حج (جو وقت) معلوم مهينا آهن پوءِ جنهن نيت ڪئي انهن ۾ حج جي پوءِ

فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ؕ وَمَا

نه آهي بيحيائيءَ جي ڳالهه ۽ نه بي فرماني ۽ نه آهي جهيڙو ڪرڻ حج ۾ ۽

تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ

جيڪو ڪيو ٿا چڱو ڪم ڄاڻي ٿو ان کي الله. ۽ سمرڪٽو پوءِ بيشڪ

الزَّادِ التَّقْوٰى ۡ وَاتَّقُوْنِ يٰاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۷﴾

پرهيزگاري آهي. ۽ ڊڄو مون کان اي عقل وارئو.

تفسير

يعني حج جي لاءِ احرام ٻڌڻ جا مهينا سڀ ڪنهن کي معلوم آهي ته شوال، ذوالقعده ۽ ذوالحج مهيني جا پهريان ڏينهن آهن علامه رازيؒ عليه الرحمة لکيو آهي ته: هن ڳالهه تي مفسرن جو اجماع آهي ته: شوال ۽ ذوالقعده ته سڄا حج جا مهينا آهن، باقي رهيو ذوالحج مهينو امام ابوحنيفه عليه الرحمة وٽ ان جا پهريان ڏينهن حج

(۱) تفسير الدر المنثور ص ۵۰۵ جلد ۱

جي مهينن ۾ داخل آهن. ابن عباس، ابن عمر (رضي الله عنهم) نخعيءَ، شعبيءَ، مجاهد ۽ حسن جو قول به اهوئي آهي. (١)

* فائدو *

هنن مهينن کي اشهر الحج ان جي ڪري ٿو سڏيو وڃي جو انهن ۾ ئي حج جو احرام ٻڌي سگهجي ٿو انهن کان اڳ ۾ نه ٿو ٻڌي سگهجي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو شوال کان اڳ ۾ حج جو احرام ٻڌي ويهي رهي ۽ ان سان حج ادا ٿو ڪري ته امام اعظم عليه الرحمه فرمايو آهي ته ان جو حج ادا ٿي ويندو مگر مڪروه ٿيندو. (٢)

* رفث ، فسوق ۽ جدال جي معنيٰ ۽ مطلب *

هن آيت ۾ الله تعاليٰ ٻڌايو ته جنهن حج جي نيت ڪئي ته هاڻي متيان ٽئي ڪم نه ڪري. رَفَثَ جي معنيٰ: رفث هڪ جامع لفظ آهي جنهن ۾ عورت سان گڏ ٿيڻ ۽ ان سان واسطو رکندڙ سڀ ڪم تانجو اهڙي قسم جي ڪلي گفتگو ڪرڻ به داخل آهي. احرام واري کي احرام جي حالت ۾ انهن سڀني کان پرهيز ڪرڻ ضروري ۽ لازم آهي.

فُسُوق: جي لفظي معنيٰ آهي نڪرڻ- قرآن ڪريم جي اصطلاح ۾ بي فرمانيءَ ۽ حڪم کان منهن موڙڻ کي فسوق سڏيو ويو آهي. جيڪو معنيٰ جي عام هجڻ جي لحاظ سان سڀني گناهن کي شامل آهي. ان جي ڪري بعضي حضراتن هتي عام گناهه مراد ورتو آهي مگر حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمايو آهي ته هت فسوق مان مراد اهي ڪم آهن جن کان احرام جي حالت ۾ منع آيل آهي. ۽ هت حج جي ذڪر جي لحاظ سان به اهوئي تفسير مناسب آهي. ڇوته عام گناهه ته هر وقت منع آهي احرام هجي يا نه.

(١) تفسير ڪبير ص ١٦٠ جزءِ ٥ (٢) تفسير مظهري ص ٢١٤ جلد ١

احرام جي حالت ۾ احرام جي ڪري حرام ڪيل ڪم

احرام ۾ ڇهه (٦) ڪم ڪرڻ حرام آهن. ١- هڪ زال سان گڏ يا گڏ ٿيڻ لاءِ ڪشش ڏياريندڙ شيون يا ڳالهيون ڪرڻ. ٢- ٻيو پٽ ۾ رهندڙ جانورن جو پاڻ شڪار ڪرڻ يا ٻئي ڪي ڏس ڏيڻ. ٣- ٽيون وار ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ. انهيءَ ۾ ننهن به شامل آهن ۴- چوٿون خوشبوءِ لڳائڻ. هي چار شيون مردن، عورتن ٻنهي لاءِ حرام آهن. باقي به شيون صرف مردن لاءِ حرام آهن. ١- هڪ سبيل ڪپڙو پائڻ ٢- ٻيو مٿو ۽ منهن ڍڪڻ. انهن مان پهرين شيءِ يعني زال سان گڏ ٿيڻ جيتوڻيڪ فسوق ۾ داخل آهي پر ان ڪي جدا ۽ رفث جي لفظ سان ذڪر ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته ان ڪان سخت پرهيز ڪئي وڃي. جدال جي معنيٰ هڪ ٻئي ڪي چيڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ. سخت قسم جي جهيڙي ڪي جِدَال سڏيو ويندو آهي. حج جي وقت ۾ انهن ڳالهين ڪان روڪڻ ۾ اها حڪمت آهي ته حج جي جاءِ تي ۽ حج جي وقت ۾ انهن ڪمن ۾ ڦاسڻ جا گهڻا موقعا ٿيندا آهن. زال ۽ مڙس جو ميل جول ته ٿيندو آهي پر ٻين ڪيترين عورتن سان گڏجي ڪيترا حڪم ادا ڪرڻا پوندا آهن. خاص ڪري طواف ڪرڻ ۽ صفا ۽ مروي جي وچ ۾ ڊوڙڻ وقت ۽ عرفات، مزدلفيءَ منيٰ جي ميدانن ۾ نفس تي ڪنٽرول ڪرڻ تمام ڏکيو هوندو آهي. ان جي ڪري اول "فلا رفث" آندو ويو. اهڙيءَ طرح ٻين گناهن جي ٿيڻ جو به گهڻو انديشو هوندو آهي. انهن ڪان روڪڻ جي لاءِ "ولافسوق" آندو ويو. ۽ سفر ۾ جاءِ جي تنگيءَ يا پاڻيءَ وغيره جي ڪوٽ جي ڪري رفيقن سان جهيڙي جو امڪان به هوندو آهي ان جي ڪري "ولا جدال" آندو ويو آهي. ۽ "وما تفعلوا من خير يعلمه الله" ۾ ٻڌايو ويو ته اوهان جيڪي به چڱا ڪم ڪيوٿا ٻيو ڪير جيڪڏهن اهي نه ٿو ڏسي ته الله تعاليٰ ته انهن ڪي ڄاڻي ٿو اهوئي اوهان ڪي جذبات ۽ نفساني خواهشات تي ڪنٽرول ڪرڻ، نفس جي چڪتاڻ ڪي منهن ڏئي روڪڻ جو وڏو اجر عطا ڪندو. "وَتَزَوَّدُوا" ڪان حج ڪندڙن ڪي ٻي هدايت ڪئي وئي آهي. اصل ۾ ڇا هو ته عرب جا ڪيترا ماڻهو خاص ڪري يمن جا رهاڪو سمر ڪان سواءِ حج لاءِ نڪرندا هئا. ڪي چوندا هئا ته الله تعاليٰ جي گهر جو حج ٿا ڪيون اهو نه ڪارائيندو ڇا؟ تڏهن الله تعاليٰ هيءُ فرمان موڪليو ته حج جي سفر ۾ سمر ڪٽي

نڪرو تانت ڪنهن ڪان سوال ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي. حضرت ابن عباس ۽ عڪرمه رضي الله عنهم ڪان اها روايت آيل آهي. (١)

لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ

ناهي اوهان تي ڪو گناهہ جو طلب ڪيو فضل پنهنجي رب

رَّبِّكُمْ ؕ فَاِذَآ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفَاتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ

ڪان پوءِ جڏهن موٽو عرفات ڪان تہ پوءِ ياد ڪيو الله ڪي

عِنْدَ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۠ وَاذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَاِنْ

مشعر حرام (مزدلفه) وٽ ۽ ياد ڪيو ان ڪي جيئن هدايت ڪيائين

كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿١٩٨﴾ ثُمَّ

اوهان ڪي جيتوڻيڪ هُيئو ان ڪان اڳ ۾ گمراهن مان. ان ڪان پوءِ

اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَاسْتَغْفِرُوا

موٽو جتان موٽيا ماڻهو ۽ مغفرت گهرو الله ڪان. بيشڪ الله

اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٩﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمْ

بخشيندڙ مهربان آهي. پوءِ جڏهن پورو ڪيو حج جا احڪام تہ

مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ

پوءِ ياد ڪيو الله ڪي مثل ياد ڪرڻ اوهان جي پيئرن پنهنجن ڪي يا

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٢٣٨ جلد ١

اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى

وڏيڪ ياد ڪرڻ. پوءِ بعضي ماڻهو اهي آهن جو چون ٿا تہ اي اسان جا رب اسان کي

الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿۲۰۰﴾

(صرف) دنيا ۾ ڏيءِ ناهي ان لاءِ آخرت ۾ ڪو ڀاڱو

تفسير

حج تي وڃڻ وارن ماڻهن ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ هوندا هئا جيڪي ويندا تہ خالص حج ڪرڻ جي نيت ۽ ارادي سان هئا، پر حج سان گڏ ٿورو گهڻو واپار بہ ڪندا هئا. ٻيا ماڻهو انهن جي ان واپارکي برو سمجهي انهن کي روڪيندا هئا. الله تعاليٰ انهن جي باري ۾ فرمايو تہ: حج جي سفر ۾ حج جي احڪام کي باقاعده ادا ڪرڻ سان گڏ جيڪڏهن اوهان حلال رزق جي طلب ڪندي الله تعاليٰ کان ان جو فضل گهرندي واپار ڪيو ٿا تہ ان ۾ ڪو بہ گناهہ نہ آهي. پر حج جي سفر ڪرڻ وقت نيت خالص حج ڪرڻ جي هجي. واپار جي يا ٻيءَ ڪمائيءَ جي نہ هجي. (١)

"فَاِذَآ اَفَضْتُمْ" کان ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن عرفات ۾ حاضري وارو فرض ادا ڪري موٽو تہ مشعر حرام يعني مزدلفي ۾ رات رهي الله تعاليٰ جو ذڪرڪيو ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪندي تسبيح ۽ تهليل ۾ وقت گذاريو، مشعر حرام مزدلفو آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ: مشعر حرام ان مسجد کي چيو ويندو آهي جيڪا مزدلفي جي واديءَ ۾ قُزح نالي جبل تي واقع آهي. جتي امام قيام ڪندو آهي. مُحسر واديءَ کان سواءِ سڄو مزدلفو رهڻ جي جاءِ آهي.

(١) تفسير ڪبير ص ١٧١ جزءُ ٥

* عرفات جي معنىٰ *

عرفات عرفه جو جمع آهي. ان مان مراد اهو ميدان آهي جنهن ۾ حاجي صاحبان گڏ ٿي حج ادا ڪندا آهن. جمع جي صيغي آڻڻ جو وجه هيءُ آهي جو عرفات جي چئني پاسن ڪان جيڪي ٽڪرا آهن اهو هڪ هڪ عرفه آهي ۽ گڏجڻ جي لحاظ سان عرفات سڏيا ويا آهن. (١) علامه اسماعيل حقيؒ عليه الرحمه لکيو آهي ته عرفات جمع جو صيغو نه آهي. هيءُ ته ان مخصوص جاءِ ۽ ميدان جو نالو آهي جتي حاجي صاحبان گڏ ٿيندا ۽ بيهندا آهن پر هن جي اهميت جي ڪري ان ۾ لفظ وڌايا ويا آهن

* ميدانِ عرفات کي ان نالي سان سڏڻ جو سبب *

ان مخصوص جاءِ ۽ ميدان کي عرفات ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو حضرت جبرئيل سڳوري حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام سان هن جي تعريف ڪئي هئي ۽ جڏهن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام ان ميدان کي ڏٺو ته ان کي ڏسڻ سان سڃاتائين ياجبرئيل عَلَيْهِ السَّلَامُ ۽ حضرت ابراهيمؑ کي اهو مقام ڏيکاريندي فرمايو هو ته عَرَفْتَ (سڃاتئي) پاڻ فرمايائين ته هائو. ان جي ڪري ان تي عرفات نالو پئجي ويو. (٢) يا حضرت آدم ۽ بيبي حواء جڏهن جنت مان لاٿا ويا هئا ته هڪ ٻئي کان جدا ٿيپري هيا. جڏهن الله تعالىٰ سندن توبه قبول ڪري کين ملايو ته ان ميدان تي هڪ ٻئي کي سڃاڻي مليا ان جي ڪري هن کي عرفات سڏيو ويو آهي. (٣) "ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ" (ان کان پوءِ موٽو جتان موٽيا ماڻهو) هن حصي ۾ مکي پاڪ جي رهڻ وارن قريشين جي هڪ متڪبرانه عادت جو رد ڪيو ويو آهي. اهي پاڻ کي پلو سمجهندا هئا ۽ جڏهن حج ڪرڻ لاءِ نڪرندا هئا ته عرفات جي ميدان ۾ ٻين سان گڏ بيهڻ کي عيب سمجهندا هئا ۽ پاڻ مزدلفي ۾ رهي پوندا

(١) تفسير مظهري ص ٢١٨ جلد ١ (٢) روح البيان ص ٣١٦ جلد ١
(٣) تفسير مظهري ص ٢١٨ جلد ١

هئا ۽ چوندا هئا تہ اسين الله وارا ۽ ان جي حرم جا رهاڪو ۽ آباد ڪندڙ آهيون. ۽ عرفات جڏهن تہ حرم جي حدود ڪان ٻاهر آهي ان جي ڪري اوڏانهن نہ هلنداسون. الله تعاليٰ انهن جي ان غلط ۽ هٺ واري خيال کي رد ڪندي ارشاد فرمايو تہ: جتان ٻيا ماڻهو ٻيهي موٽن ٿا (عرفات مان) اوهان بہ اتي وڃو پوءِ انهن سان گڏجي موٽو. حج ڪرڻ جو حڪم آهي ٿي ان لاءِ تہ باطل امتيازات، ڪوڙا فخر ۽ وڏايون ختم ڪيو. جيڪڏهن حج واري ڏينهن بہ اوهان پنهنجي برتريءَ ۽ بلنديءَ جي نشي ۾ هوندئو تہ انساني مساوات جو مظاهرو ڪيئن ٿيندو. ۽ اوهان تواضع، انڪساريَ ۽ هيناهينءَ واري سبق کي ڪيئن ياد ڪندئو. ان ڪان پوءِ مڪه مڪرمه وارن جي ٻـي جاهلاڻه رسم جي اصلاح ڪئي وئي آهي. "فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَاۗءَكُمْ " (پوءِ الله جو ذڪر ڪيو جيئن پنهنجن ابن ڏاڏن جو ذڪر ڪندا آهيو) اهي جڏهن حج ڪان فارغ ٿيندا هئا تہ بيت الله شريف وٽ ويهي پنهنجن ابن، ڏاڏن جي تعريف ڪندا هئا. الله تعاليٰ حڪم ڪيو تہ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو جيئن پنهنجن ابن ڏاڏن جو ذڪر ڪندا آهيو. بلڪ ان ڪان بہ گهڻو الله تعاليٰ کي ياد ڪيو. "اَوْ اَشَدَّ " ۾ او اختيار ڏيڻ لاءِ نہ پر ترقيءَ لاءِ بل جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي. يعني سيني ڪان ڏيک الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو. (١) "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ" ڪان مشرڪن جي دعا جو بيان آهي. انهن کي آخرت جي زندگيءَ تي ڪوبہ اعتماد ۽ يقين نہ هو ان جي ڪري حج ڪرڻ وقت يا ٻين مخصوص وقتن ۾ دنيا جي ترقيءَ ۽ خواهشات لاءِ دعائون گهرندا هئا. الله تعاليٰ بيان فرمايو تہ: انهن لاءِ آخرت ۾ ڪو بہ حصو نہ آهي. جو اهي آخرت کي مڃيندا ئي نہ آهن تہ ان لاءِ دعا ڪيئن گهرن.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً

۽ انهن (ماڻهن) مان اهي بہ آهن جو چون ٿا تہ اي اسان جا رب ڏي اسان کي

وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾

دنيا ۾ ڀلائي ۽ آخرت ۾ ڀلائي ۽ بچاءِ اسان کي عذاب باهہ جي ڪان

(١) تفسير ابن جرير ص ١٧٢ جلد ٢

اُولٰۗئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا ۭ وَاللّٰهُ

اهي انهن لاءِ ڀاڱو آهيِ ان مان جو ڪمايائون ۽ الله تڪڙو

سَرِيْعُ الْحِسَابِ (٢٠٢)

حساب ڪندڙ آهي.

تفسير

هن ڪان اڳ ۾ دنيا جي محبت وارن جي دعا جو ذڪر هو هاڻي ايمان وارن جي دعا جو بيان آهي ته مومن صرف دنياوي نفعي ۽ مقصد تي اڪتفا نه ڪندو آهي بلڪ دنيا ۽ آخرت ٻنهي لاءِ وسيع دامن وڇائيندو ۽ جهولي جهليندو آهي. "حسنة" مان مراد هڪ مخصوص شيءِ يا ڳالهه نه آهي بلڪ هر سٺي شيءِ مراد آهي. علامه قرطبيؒ هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي ته والذي عليه اكثر اهل العلم ان المراد بالحسنتين نعم الدنيا والآخرة وهذا هو الصحيح (١) يعني اڪثر علم وارن جو چوڻ آهي ته: حسنة جيڪو ٻه دفعا آيو آهي ان مان مراد دنيا ۽ آخرت ٻنهي جون نعمتون آهن ۽ اهوئي قول صحيح آهي.

* "رَبَّنَآ اٰتِنَا" دعا جي پڙهڻ جون ڀلايون ۽ برڪتون *

هيءَ قرآن ڪريم ۾ آيل پياري ۽ برڪت واري دعا آهي. هن جون فضيلتون گهڻيون آهن جيئن هنن حديثن مان معلوم ٿئي ٿو

حديث عــ ١

بخاريَ ۽ مسلم ۾ حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه ڪان روايت آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن "رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ" دعا گهڻي پڙهندا هئا. (٢)

(١) تفسير القرطبي ص ٤٣٢ جلد ٢ (٢) تفسير ابن ڪثير ص ٢٤٤ جلد ١

حديث ع ٢

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته! پاڻ طواف کندي ۽ عرفات ۾ ويهڻ وقت اها دعا گهڻي پڙهندا هئا. (١)

حديث ع ٣

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته بيت الله شريف جي رکن يمانيءَ وٽ آسمانن ۽ زمينن جي پيدا ٿيڻ جي وقت کان وٺي هڪ ملائڪ بيٺل آهي جيڪو (اوهان جي دعا لاءِ) آمين چوندو آهي. پوءِ "ربنا آتنا" واري دعا پڙهندا ڪيو.

حديث ع ٤

حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته (رکن يمانيءَ سان) ستر (٧٠) هزار ملائڪ مقرر ڪيل آهن پوءِ جيڪو به هيءَ (هيٺ لکيل) دعا پڙهندو ته اهي ملائڪ آمين چوندا. اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُکَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ (٢)

حديث ع ٥

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن هڪ شخص کي ڏٺو جو تمام گهڻو ڪمزور، ڪڪڙ جي ٻچي وانگر ٿي ويو هو. پاڻ ان کي فرمايائون ته: "تون الله تعاليٰ کان ڪا دعا گهرندو آهين ڇا؟" ان عرض ڪيو ته هائو اي الله جا رسول (ﷺ)! مان هيءَ دعا گهرندو آهيان ته اي مالڪ! جيڪو عذاب مون کي آخرت ۾ ڏيڻ گهرين اهو مون کي هت دنيا ۾ ڏي. پاڻ فرمايائون ته "تو ۾ الله تعاليٰ جي عذاب برداشت ڪرڻ جي طاقت ڪٿي آهي؟ تون هيءَ دعا ڇونه ٿو گهرين" رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ" (٣) اڳتي ارشاد ٿيو ته انهن دعائن گهرندڙن ٻانهن لاءِ سندن نيڪ

(١) تفسير القرطبي ص ٤٣٣ جلد ٢ (٢) ساڳيو حوالو ص ٤٣٤
(٣) تفسير ضياء القرآن ص ١٣٩ جلد ١

كمائيءَ مان پاڳو آهي ۽ الله حساب ڪرڻ ۾ تڪڙو آهي. "سريع الحساب" (حساب ۾ تڪڙو) هيءَ الله تعاليٰ جي صفت آهي جيئن سندس ذات بي مثال آهي تيئن سندس سيئي صفتون به بي مثل آهن. انهن تي تمثيل ۽ تاويل کان سواءِ ايمان آڻڻو آهي. يعني ان جهڙو تڪڙو حساب ڪير به نه ٿو ڪري سگهي. ڇوته اهو ڳڻڻ يا حساب ڪرڻ جو محتاج نه آهي ۽ نه ڪيس عام حساب ڪندڙن وانگر ڪو فڪر آهي.

وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ۭ فَمَنْ تَعَجَّلَ

۽ ياد ڪيو الله کي ڏينهن ڳڻيلن ۾ پوءِ جنهن جلدي ڪئي ٻن ڏينهن

فِيْ يَوْمَيْنِ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَمَنْ تَاَخَّرَ فَلَآ اِثْمَ

۾ پوءِ نه آهي ڪو گناهه ان تي ۽ جنهن ديرڪئي (رهي پيو) پوءِ ناهي ڪو گناهه

عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ

ان تي ان جي لاءِ جو ڊڄندو رهيو ۽ ڊڄو الله کان ۽ يقين ڄاڻو تحقيق

اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾

اوهان ان ڏانهن اٿاريا ويندئو

تفسير

هن آيت ۾ الله تعاليٰ جي يادڪرڻ جو درس ڏنل آهي. الله تعاليٰ جو ذڪرڪرڻ ته هر وقت مومن تي لازم آهي پر هتي منيٰ ۾ رهڻ وارن ڪي انهن ڏينهن ۾ ذڪر ڪرڻ جو بيان آهي. عرفات کان موٽندي ڏهين ذوالحج جي رات مزدلفي ۾ گذاري صبح جو سوير انڌيري ۾ فجر جي نماز پڙهي حاجي سڳورا منيٰ ڏي روانا ٿيندا آهن. اتي قرباني ڪري مٿو ڪوڙائي يا ڪترائي احرام جي پابندين کان

آزاد ٿي ڪپڙا پائيندا آهن. ان کان پوءِ جمرات کي پٿريون هڻڻ لاءِ منيٰ ۾ رهندا آهن. ذوالحج مهيني جي ٻارهين؀ (١٢) يا تيرهين؀ (١٣) تاريخ تائين اتي رهڻو پوندو آهي. انهن ڏينهن ۾ ضروريات زندگيءَ کان سواءِ باقي وقتن ۾ ستي، ويٺي، هلندي الله تعاليٰ جو ذڪر گهڻو ڪرڻ گهرجي. قرآن ڪريم جي تلاوت، درود شريف پڙهڻ ۽ مسنون دعائن ۾ مشغول رهڻ گهرجي. ابوداؤد ۽ حاڪم مومنن جي ماءُ سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِنَّمَا جُعِلَ الطَّوَافُ بِالْبَيْتِ وَبَيْنَ الصَّفَا وَالْمَرْوَةِ وَرَمْيُ الْجِمَارِ لِاِقَامَةِ ذِكْرِ اللهِ" (١) يعني بيت الله جو طواف ۽ صفا ۽ مروي جي وچ ۾ (ڊوڙڻ) ۽ جمرن کي پٿريون هڻڻ (سڀ) الله تعاليٰ جي ذڪر کي قائم ڪرڻ لاءِ آهن. جيڪڏهن ڪو حاجي صاحب ٻارهين؀ جي ڏينهن شام جو سج لڙڻ کان پوءِ پٿريون هڻي مڪه مڪرمه ۾ واپس موٽي اچي ته به صحيح آهي پر جيڪڏهن تيرهين؀ جي رات منيٰ ۾ رهيو ته تيرهين؀ جي ڏينهن سج لڙڻ کان پوءِ پٿريون هڻي واپس ٿيندو. منيٰ ۾ رهڻ وارا ڏينهن تسبيح، تهليل، حمد ۽ ثنا ۾ مشغول رهي پنهنجي اندر جي اصلاح ڪندو رهي. زندگيءَ ۾ اهي ڏينهن ڀاڳن تي نصيب ٿيندا آهن. ان جي ڪري انهن ڏينهن ۾ پنهنجي نجات ۽ فلاح جي لاءِ ڪوشان رهي. هن آيت ۾ الله تعاليٰ جلدي موٽندڙ ۽ دير ڪندڙ ٻنهي لاءِ فرمايو آهي ته" انهن تي ڪوبه گناهه نه آهي" ان مان ٻنهي پاسن جي رخصت ثابت آهي. ۽ "واتقوا الله" **فرمائي وري پنهنجو خوف ڏياريائين.** ۽ آخر ۾ سمجهائيندي ارشاد فرمايائين ته جيئن عرفات جي ميدان ۾ سڀئي حاجي اچي گڏ ٿيندا آهن. اوهان کي به هڪ ڏينهن قبرن مان يا جتي به هوندئو اتي الله تعاليٰ جي دربار ۾ گڏ ٿيڻو آهي. ۽ فيصلي کان پوءِ هڪڙا جنت ڏانهن ۽ ٻيا جهنم ڏانهن موٽڻ وار آهيو.

(١) الجامع الصغير ص ١٠٢ جلد ١

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ

۽ ماڻهن مان ڪو (اهڙو) آهي جو وڻي ٿو توکي ڳالهائڻ ان جو دنيا جي

الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا فِيْ قَلْبِهٖ وَهُوَ اَلَدُّ

حياتيءَ ۾ ۽ شاهد ٿو ڪري الله کي ان تي جو ان جي دل ۾ آهي ۽ اهو سخت

الْخِصَامِ ﴿۲۰۴﴾ وَاِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِي الْاَرْضِ

جهيڙاڪار آهي ۽ جنهن وقت موٽي ٿو (اوهان وٽان) تہ ڪوشش ٿو ڪري

لِيُفْسِدَ فِيْهَا وَيُهْلِكَ الْحَرْثَ وَالنَّسْلَ ۭ وَاللّٰهُ

زمين ۾ تانت فساد وجهي ان ۾ ۽ هلاڪ ڪري پوک ۽ نسل کي. ۽ الله نہ ٿو

لَا يُحِبُّ الْفَسَادَ ﴿۲۰۵﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ

پسند ڪري فساد ڪرڻ کي ۽ جنهن وقت چيو ٿو وڃي ان کي تہ ڊڄ الله کان تہ

اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ۭ

آڪڙ ڪرائيندي آهي ان کي وڏائي گناهہ ڪرڻ تي پوءِ ڪافي آهي ان لاءِ جهنم.

وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۲۰٦﴾

۽ ضرور اهو بڇڙو هنڌ آهي

تفسير

هنن آيتن ۾ منافقن جو بيان آهي. اخنس بن شريق نالي هڪڙو منافق ڳالهائڻ جو مٺو هوندو هو ۽ جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت

۾ ايندو هو تہ نرميءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي عرض ڪندو هو تہ مون کي اوهان سان محبت آهي ۽ مان مسلمان آهيان ۽ الله تعاليٰ منهنجي دل کي ڄاڻي ٿو اهو شاهد آهي تہ مان ان ڳالهہ ۾ سچو آهيان. ان جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون. (١) علامه ابوحيان اندلسيءَ لکيو آهي تہ ان جو نالو اُبَيٌّ هو. (٢) المقصد تہ منافق حبيب اڪرم، محبوب معظم، صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ايندا هئا ۽ مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري ۽ پنهنجي مسلمان هجڻ جون وڏيون وڏيون دعوائون ڪندا هئا. ۽ انهن تي الله تعاليٰ جا قسم کڻندا هئا ۽ جڏهن سندن خدمت مان نڪرندا هئا تہ اسلام جا سڀ کان وڏا دشمن بہ اهي ئي هوندا هئا ۽ فتني ۽ فساد، قتل ۽ لٽڻ جي بازار گرم ڪندا هئا. ماڻهن جا فصل تباهہ ڪندا هئا چوپاين جانورن کي کهندا هئا. يا "تَوَلّٰي" مان مراد آهي تہ جڏهن اهي ملڪ جا والي، حاڪم ٿين ٿا تہ ظلم ۽ بي رحميءَ سان دنيا کي تباهہ ڪن ٿا (٣) ۽ جڏهن انهن کي ڪو نصيحت ڪندي چوندو هو تہ الله تعاليٰ کان ڊڄو ايڏو ظلم نہ ڪيو تہ هو ان تي وڌيڪ اڪڙ ڪندا هئا.

هي تہ ان وقت جي منافقن جو بيان آهي. مگر معاذ الله اڄ اسان جي ملڪ ۾ مسلمانن بہ اهوئي رستو وٺڻ شروع ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن گناهہ جي ڪم کان منع ڪر تہ ضد تي اچي وڌيڪ گناهہ ٿو ڪري. شال الله تعاليٰ اسان سڀني کي صراط مستقيم تي هلائي ۽ استقامت عطا ڪري. اها منافقن جي عادت ۽ ڪم جو طريقو هو ۽ سندن انجام جهنم کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ

۽ ماڻهن مان ڪو (اهڙو آهي) جو وڪڻي ٿو پنهنجو پاڻ الله جي رضا طلب ڪرڻ لاءِ

وَاللّٰهُ رَءُوْفٌ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠٧﴾

۽ الله ٻاجهہ ڪندڙ آهي ٻانهن سان

(١) الڪشاف ص ٣٥٢ جلد ١ (٢) البحر المحيط ص ١١٣ جزءُ ٢
(٣) تفسير بيضاوي ص ١٤٠ ج ١

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ منافقن جو ذڪر هو ۽ هن آيت ۾ الله تعالىٰ جي انهن ٻانهن جو ذڪر آهي جيڪي پنهنجو ساه به الله تعالىٰ جي نالي تي ۽ ان جي رضا منديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ قربان ڪندي خوشي محسوس ڪندا آهن. هن آيت جو شان نزول هيءُ آهي ته حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي پياري صحابيءَ حضرت صهيب بن سنان روميءَ رضي الله تعالىٰ عنه جڏهن مڪي پاڪ ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان بڻيو ته مشرڪن ڪيس تنگ ڪيو ۽ ايذاءَ ڏيڻ شروع ڪيا. پاڻ انهن کي فرمايائين ته مان پوڙهو ۽ مسڪين ماڻهو آهيان. مان نه اوهان کي نفعو ٿو ڏئي سگهان نه نقصان. جيڪڏهن اوهان مون کان مال ونو جيڪو مون وٽ آهي ۽ مون کي ڇڏيو ته مان مديني شريف ڏانهن هجرت ڪري وڃان ته هيءُ مال اوهان جي حوالي آهي. اهي ان ڳالهه تي راضي ٿيا ۽ پاڻ هجرت ڪري مديني منوره ۾ آيو، ان جي باري ۾ اها آيت نازل ٿي (١) علامه مصطفىٰ مُرَاغيءَ هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته ماڻهن مان ڪي اهڙا ٻانها به آهن جيڪي پنهنجي سر جي بدلي ۾ صرف الله تعالىٰ جو رضامندو حاصل ڪرڻ جي خواهش رکندا ۽ نه ماڻهن ۾ ٻين منهن سان ايندا جو هڪ جاءِ تي هڪ ڳالهه ڪن ته ٻاهر نڪري ٻي ڪن. "وَاللّٰهُ رَءُوْفٌ بِالْعِبَادِ" (الله ٻانهن سان ٻاجهارو آهي) جو انهن کي ٿوري عمل جي ڪري هميشه واريون نعمتون عطا ڪندو آهي. ۽ انهن کي انهن عملن جي لاءِ حڪم ڪندو آهي جيڪي انهن جي وس ۾ هوندا آهن ۽ ساه ۽ مال به پاڻ ڏنا اٿس اهو ڪيڏو نه ان جو ڪرم آهي جو پنهنجي ڏنل شيءِ وٺي ۽ ان جو بدلو ان کان به وڌيڪ سهڻو عطا ڪري (٢)

---

(١) تفسير صاوي ٨٨ جلد ١ جزءُ ١ وتفسيرالقرطبي ص ٢٠ جلد ٣
(٢) تفسيرالمراغي ص ١١٢ج ١

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً وَّلَا
اي ايمان وارا - داخل ٿيو اسلام ۾ پورا پورا ۽ نہ تابعداري
تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۲۰۸﴾
ڪيو شيطان جي وکن جي بيشڪ اهو اوهان جو کليو دشمن آهي. پوءِ
فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ
جيڪڏهن ترڪي پئو ان کان پوءِ جو آيا اوهان وٽ روشن دليل پوءِ يقين
فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۰۹﴾ هَلْ
ڄاڻو تہ بيشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي. نہ ٿا انتظارڪن
يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ
مگر هن ڳالهہ جو تہ اچي انهن وٽ الله (جو عذاب) ڪڪرن جي ڇانئن
الْغَمَامِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ وَاِلَى اللّٰهِ
۾ ۽ ملائڪ ۽ فيصلو ڪيو وڃي معاملو ۽ الله ڏانهن ٿا
۲۵ عٓ ۹ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۲۱۰﴾
موٽايا وڃن معاملا

تفسير

هنن آيتن ۾ اسلام جي مزاج بيان ڪئي وئي آهي تہ هي مستقل دين، مڪمل ضابطهٔ حيات ۽ زندگيءَ جو پورو دستور آهي. ان جا عقائد، دفتري ۽

فوجداري قانون پنهنجا آهن ۽ ان جا سياسات ۽ معاشيات لاءِ نرالا نظريا آهن. اسلام انسان جي ذهني، روحاني ۽ مادي ترقيءَ جو بہ ضامن آهي. پر ان جون برڪتون تڏهن ظاهر ٿينديون آهن جڏهن ان جا مڃڻ وارا ان کي پوريءَ طرح پنهنجو بنائي ان جي سيني قانونن ۽ ضابطن تي عمل ڪن. ان جي ڪري الله تعالىٰ حڪم فرمايو تہ "ان ۾ پورا پورا داخل ٿيو" ان جو ڪو بہ حصو بناعمل جي نہ ڇڏيو ۽ ملت اسلاميہ جو ڪوبہ فرد هن ڪان پري نہ رهي.

السلم جي معني آهي مٿو جهڪائڻ ۽ ان مان مراد آهي اسلام يعني بغير ڪنهن شرط جي اطاعت ڪرڻ السلم بالكسر والفتح الاستلام والطاعة. (۱) سلم زير ۽ زبر سان - معنىٰ مڃڻ ۽ تابعداري ڪرڻ "كَآفَّةً" جو لفظ "اُدۡخُلُوا" ۾ لڪل ضمير انتم ڪان حا ل آهي. يعني اسلام ۾ سيئي داخل ٿيو ۽ سيني ڳالهين تي عمل ڪيو. علامہ ابن الجوزيؒ هن آيت جي شان نزول ۾ ٽي قول آندا آهن ۱- هڪ قول هيءُ آهي تہ اهل ڪتاب جي باري ۾ لٿي آهي جيڪي مسلمان ٿيڻ ڪان پوءِ بہ اٺ جي گوشت کائڻ ڪان پرهيز ڪندا هئا ۽ ڇنڇر جي ڏينهن جي تعظيم ڪندا هئا. علامہ رازيؒ هن قول جي وضاحت ۾ آندو آهي تہ حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنہ ۽ ان جي ساٿين ائين ڪيو هو ۽ انهن جو چوڻ هو تہ ترڪ هذه الاشياءِ مباح في الاسلام وواجب في التوراة ونحن نتركها احتياطا (۲) يعني (اٺ جي گوشت جو کائڻ وغيره) اسلام ۾ ڇڏڻ جائز آهي ۽ توراة ۾ لڪيل آهي تہ انهن شين جو ڇڏڻ واجب آهي. انهن کي احتياطا ڇڏيون ٿا. الله تعالىٰ کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي ان فرمايو تہ اسلام ۾ پورہ پورا داخل ٿيو بنهي پاسي نہ هلو. ۲- ٻيو قول اهو آهي تہ اها آيت انهن ماڻهن جي باري ۾ لٿي جيڪي حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ عليهما الصلواة والسلام تي تہ ايمان آڻيو وينا هئا پر الله تعالىٰ جي حبيب صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن تي ايمان نہ ٿي آندائون انهن کي حڪم ڪيو ويو تہ اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿيو ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن حبيب ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن تي بہ ايمان آڻيو. ۳- ٽيون قول اهو آهي تہ عام مومنن کي حڪم آهي تہ اسلام ۾ ڪامل طرح داخل ٿيو صرف

(۱) تفسير بيضاوي ص ۱۴۰ جلد ۱ (۲) تفسير ڪبير ص ۲۰۷ جزء ۵

اڏورا سڏورا مسلمان نہ ٿيو. (۱) قرآن پاڪ جي مفسر ۽ متصوف بزرگ علامه اسماعيل حقيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ! الله تعاليٰ جي فرمان "يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوا ادْخُلُوا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً" جون بہ معنائون آهن ۱- هڪ عام. جنهن ۾ سيني ايمان وارن کي خطاب آهي تہ جيئن اسلام جا ظاهري احڪام مڃيو ٿا تيئن باطني احڪام بہ مڃيو. جيئن نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو فرمان آهي تہ "مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان مسلمان سلامت رهن. مومن اهو آهي جنهن کان ايمان وارا امن ۾ رهن. ۲- ٻي خاص ۽ اها هيءَ آهي تہ هن آيت ۾ انسان ۽ ان جي جميع ظاهري ۽ باطني جزن کي حڪم آهي تہ اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿيو. اکيون، ڪن، وات، اگهڙ، هٿ پير هر هڪ انهن ڪمن ۾ استعمال ڪيو وڃي جنهن سان الله تعاليٰ راضي ٿئي. ۽ قلب (دل) جو اسلام ۾ داخل ٿيڻ هن طرح آهي تہ ان کي رذيل ۽ گندين عادتن کان محفوظ رکي ۽ سهڻن اخلاقن سان سينگاري ۽ روح جو اسلام ۾ داخل ٿيڻ هن طرح آهي تہ ان کي الله تعاليٰ جي اخلاق سان متخلق بنائي. ازلي احڪام تسليم ڪري ۽ جذبات الوهيت جي تصرف سان ماسوي الله کان نظر ۽ تعلق ڪٽي ڇڏي ۽ سر جو اسلام ۾ پورو پورو داخل ٿيڻ هن طرح آهي تہ فنا في الله کان بقا بالله ڏي اچي. (۲) ڪن بزرگن لکيو آهي تہ جن زبان سان ايمان آندو هو انهن کي حڪم آهي تہ دل سان اسلام ۾ داخل ٿيو. حضرت مقاتل فرمايو آهي تہ حضرت عبدالله بن سلام ۽ ان جي ساٿين موکل گهري هئي تہ جيئن قرآن پاڪ نماز ۾ پڙهيو ٿو وڃي تيئن توراة جي پڙهڻ جي بہ اجازت ملي ۽ ان جي ڪجھ ڳالهين تي هلڻ گهرجي. تڏهن الله تعاليٰ اها آيت سڳوري نازل ڪري فرمايو تہ ٻيا سڀ رستا ڇڏيو اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿيو. (۳)

اڳتي فرمان ٿيو تہ "وَلَاتَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ" (شيطان جي وکن تي نہ هلو) مراد آهي تہ حق کي باطل سان نہ ملايو. ا هڙيءَ طرح ڪرڻ سان حق جو حسن داغدار ٿيو ٿو پوي. مگر افسوس اڄ اسان مسلمانن جي ڇا حالت آهي. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ جيڪو اسلام جي نالي تي ورتو ويو هو ڇا ڇا هلي رهيو آهي. ان کان پوءِ فرمان آيو تہ: جيڪڏهن اوهان اهڙا چٽا ۽ روشن دليل ڏسي بہ حق جي وات

(۱) زاد المسير ص ۲۲۴ جلد ۱ (۲) تفسير روح البيان ص ۳۲۷ ج ۱
(۳) تفسير القرطبي ص ۲۴ جلد ۳

ڪان ٽڙي ويئوتہ الله تعاليٰ غالب، قوي حڪمتن وارو آهي. اهو اوهان ڪان ان جو حساب ضرور وٺندو. ان جي حڪمن مان هڪ حڪم هي بہ آهي جو اهو بي فرمان ۽ مجرم ٻانهي کي ڍر ڏيندو آهي تہ من اهو رجوع ڪري، توبہ ڪري، پنهنجي براين ڪان باز اچي. پر جڏهن اهو نہ مڙندو آهي تہ ان جون سڀ حجتون ختم ڪري پوءِ ان کي پڪڙ ڪندو آهي ۽ سندس پڪڙ بہ سخت آهي. الله تعاليٰ اهو بہ بيان ڪيو تہ ڪافر قيامت جي ڏينهن جي انتظار ۾ آهن تہ اچي تہ ڏسون پوءِ ايمان آڻيون. حالانڪ ان وقت ايمان آڻڻ نفعو نہ ڏيندو. "اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ" الله تعاليٰ انهن وٽ اچي ۽ هن اچڻ جي متعلق قرآن پاڪ جي مفسرن لکيو آهي تہ هي آيت جا الفاظ يا ٻيون اهڙيون آيتون متشابهات مان آهن انهن جي حقيقي مفهوم ۽ مطلب الله تعاليٰ ۽ ان جو رسول ﷺ تا ڄاڻن. ڇو تہ هن ۾ بظاهر اچڻ جي نسبت الله تعاليٰ ڏي ڪيل آهي. اچڻ، وڃڻ جسم جي صفت آهي ۽ الله تعاليٰ جسم ۽ جسماني صفتن ڪان پاڪ، مقدس ۽ منزه آهي. علامہ پاني پتيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ اجمع علماء اهل السنة من السلف والخلف ان الله سبحانه منزه عن صفات الاجسام وسمات الحدوث. يعني اڳين ۽ پوين علماءِ اهلسنت سيني جو هڪ ئي فيصلو آهي تہ الله سبحانه جسمن جي صفتن ۽ حادث هجڻ جي نشانين ڪان پاڪ آهي. ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ قال سفيان بن عيينه کل ما وصف الله تعاليٰ به نفسه في کتابه فتفسيره قرائته والسکوت عنه ليس لاحد ان يفسره الا الله ورسوله وبه قال ابوحنيفة" (١) يعني حضرت سفيان بن عيينه فرمايو تہ الله تعاليٰ جن صفتن سان پاڻ کي پنهنجي ڪتاب ۾ موصوف ڪيو آهي انهن جو تفسير اهو آهي تہ پڙهي ماٺ ڪرڻ گهرجي. ڪنهن کي الله ۽ ان جي رسول (ﷺ) ڪان سواءِ ان جو تفسير معلوم نہ آهي. متاخرين مفسرن جو طريقو آهي تہ انهن آيتن جي اهڙي تاويل ڪرڻ جيڪا ان جي شان جي لائق هجي صحيح آهي. مفسر بيضاويءَ ۽ ٻين هن آيت ۾ مضاف محذوف ڪديو آهي. يعني اصل عبارت هيئن آهي. ان ياتيهم امره او باسه (٢) يعني ڪافر ان انتظار ۾ آهن تہ انهن وٽ الله جو قيامت قائم ڪرڻ لاءِ امر اچي يا ان جو عذاب اچي. عربيءَ ٻوليءَ ۾ مضاف جو محذوف هجڻ عام استعمال ۾ آهي. ۽ ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي ترجمي ۾ "اچي انهن وٽ الله" (جو عذاب) لکيو ويو آهي. ذرا غور ڪري پڙهو.

(١) تفسير مظهري ص ٢٣٠ جلد ١ (٢) بيضاوي ص ١٤٠ ج ١

سَلۡ بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ كَمۡ اٰتَيۡنٰهُمۡ مِّنۡ اٰيَةٍۢ بَيِّنَةٍ ؕ

پڇ بني اسرائيل کان ته کيترا ڏناسون انهن کي دليل روشن ۽

وَمَنۡ يُّبَدِّلۡ نِعۡمَةَ اللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَتۡهُ فَاِنَّ اللّٰهَ

جيڪو مٽائي ٿو الله جي نعمت ان کان پوءِ جو آئي ان وٽ پوءِ بيشڪ الله

شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿٢١١﴾ زُيِّنَ لِلَّذِيۡنَ كَفَرُوا

ڏاڍو عذاب (ڏيندڙ) آهي. سينگاري وئي ڪافرن جي لاءِ حياتي دنيا

الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا وَيَسۡخَرُوۡنَ مِنَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۘ

جي ۽ چٿر ٿا ڪن انهن تان جو ايمان آندائون ۽ جيڪي

وَالَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا فَوۡقَهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ وَاللّٰهُ يَرۡزُقُ

پرهيزگار ٿيا انهن کان مٿي هوندا قيامت جي ڏينهن ۽ الله رزق ٿو ڏي

مَنۡ يَّشَآءُ بِغَيۡرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾

جنهن کي گهري حساب کان سواءِ

تفسير

هن آيت ۾ فرمان آهي ته بني اسرائيل کان پڇو ته اسان انهن (جي وڏن) کي ڪيترا روشن دليل ڏنا هئا. پر انهن هدايت حاصل ڪرڻ جي بجاءِ گمراهيءَ تي ضد ڪندي الله تعاليٰ جي نعمتن جي بي قدري ڪئي. ان جي ڪري انهن کي سزائون به مليون. مثال طور انهن کي توراة مليو اهو هنن کي خوشيءَ سان قبول

ڪرڻو هو پر قبول نہ ڪيائون. نيٺ انهن جي مٿان جبل آٽي ڌمڪي ڏئي مجرايو. ويو تہ جيڪڏهن نہ مڃيندئو تہ تباه ٿي ويندؤ. اهڙيءَ طرح ڪين من ۽ سلويٰ قدرتي طرح تيار ٿيل ڪاڏا ملندا هئا ان تي ڪين شڪر ڪرڻ ڪپندو هو پر بي شڪريءَ جي ڪري ڪانئن اها نعمت کسجي وئي. اهڙيون ٻيون بہ ڪيتريون نعمتون انهن کي عطا ٿيون هيون پر انهن قدر نہ ڪيو ۽ نقصان ۾ ويا. الله تعاليٰ مسلمانن کي نعمتون عطا ڪندي ٻڌايو تہ متان اوهان بہ بي قدري ڪيو جيئن اوهان کي عزت، وقار ۽ امانت ڏني ٿي وڃي ائين پهرين کي بہ عطا ٿيل هئي بي قدريءَ ڪرڻ جي ڪري جيئن انهن جو حشر ٿيو اوهان جو بہ اهو ٿيندو. ان چاڻ لاءِ اوهان وڏي تڪليف نہ ڪيو پاڙي وارن يهودين کان پڇو تہ اهي بہ اها ڳالهہ مڃيندا تہ واقعي جيڪو الله تعاليٰ جي نعمت کي بدلائي ٿو ان لاءِ سخت عذاب آهي. اڳتي ڪافرن جي طبيعت جو بيان ٿي رهيو آهي تہ انهن کي دنيا جي حياتي سينگاريل ۽ سهڻي لڳندي آهي. هت ڪافرن مان مراد صرف الله ۽ ان جي رسول مقبول ﷺ جو انڪار ڪندڙ نہ آهن پر نعمت جو انڪار ڪندڙ احسان فراموش بہ ان ۾ داخل آهن. جڏهن انهن هدايت واريءَ نعمت جو قدر نہ ڪيو نہ انهن جو نظرون حقيقت کان ڦري دنيوي زيب ۽ زينت ۾ محو ٿي ويون ۽ اهي حق تي هلندڙن، مومنن، متقين، ديندارن تان چٿرون ڪرڻ لڳا جيڪي دنيوي عيش ۽ آرام کان صفا هٿ ڪٽي سچائيءَ ۽ تنگدستيءَ تي قناعت ڪندڙ رهيا. قيامت ۾ جڏهن حقيقتون کلنديون تہ پوءِ انهن بي ايمانن کي خبر پوندي تہ جن کي اوهان گهٽ سمجهندا هئا اهي حقيقي مالڪ وٽ ڪيتريءَ عزت ۽ ڪرامت جا حقدار آهن. "وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ" ۽ الله تعاليٰ ٻڌايو تہ منهنجي مرضي آهي جنهن کي گهران حساب کان سواءِ رزق ڏيان. پر ماڻهو پنهنجي گهٽي دولت، سازوسامان، جاه وجلال ڏسي دل ۾ اهو ٿا سوچين تہ الله تعاليٰ جي عنايت صرف اسان تي آهي اسان کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ لطف لاءِ منتخب ڪيو آهي. هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ دولت جي گهٽائي هدايت ۽ دولت جي گهڻتائي گمراهہ هجڻ جو ثبوت نہ آهي. حقيقت ۾ هيءَ آيت ابوجهل ۽ ان جي ساٿين قريشي رئيسن جي باري ۾ لٿي هئي جيڪي مسلمانن، مومنن تان چٿرون ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ جيڪڏهن (حضرت) محمد (ﷺ) نبي هجي ها تہ اسان جا وڏا ماڻهو ان جي تابعداري ڪن ها. (١)

(١) تفسير روح المعاني ص ١٠٠ جلد ١ جزءُ ٢ - زادالمسير ص ٢٢٨ جلد ١

كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً قف فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ

(شروعات ۾) ماڻهو هڪ (ئي) جماعت هئا. پوءِ موڪليو الله نبين کي

مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ صلے وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ

خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري ۽ لاٿائين انهن سان ڪتاب کي حق سان

بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ط

تانت فيصلو ڪري ماڻهن ۾ ان ڳالهين جو جو اختلاف ڪيائون انهن ۾ ۽ نہ

وَمَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا

اختلاف ڪيو ان ۾ مگر انهن جو ڏنا ويا اهي (ڪتاب) ان ڪان پوءِ جو آيا

جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ ج فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ

انهن وٽ روشن دليل. سببان حسد ڪرڻ جي پاڻ ۾. پوءِ هدايت ڪئي الله

اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ط وَاللّٰهُ

انهن کي جو ايمان آندائون ان جي لاءِ جو اختلاف ڪيائون ان ۾ پنهنجي توفيق سان ۽ الله

يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢١٣﴾

هدايت ٿو ڪري جنهن کي گهري سڌيءَ واٽ ڏانهن

تفسير

جاڻڻ گهرجي تہ دين جي تاريخ، ان جي شروعات، ان جي وڌڻ ۽ مٽي اچڻ جي بيان کي لکندڙ ان سوال جي جواب ڳولڻ ۾ ڪيترين مدتون پريشان

رهيا تہ هن دين جي ابتدا کيئن ٿي. انهن جي ڏکيءَ ۽ وڏيءَ تحقيق جو نتيجو اهو نڪتو تہ انسان پهريان مشرڪ هو، توحيد جي عقيدي تائين ان جي پهچ آهستي آهستي ڪيترا وقت پريشان رهڻ کان پوءِ ٿي. مگر الله تعاليٰ جي مقدس ڪتاب قرآن ڪريم فيصلو ڏنو تہ اها ڳالهہ ائين نہ آهي. انسان (حضرت آدم عليه الصلواة والسلام) الله تعاليٰ جي هيڪڙائي دل سان مڃيندڙ هو. شرڪ سان ان جو ڪوبہ ۽ ڪنهن قسم جو بہ تعلق نہ هو. ۽ گهڻي وقت تائين ان جي اولاد ۾ بہ توحيد جو عقيدو مستحڪم ۽ مضبوط رهيو. شروع ۾ قرآن پاڪ جي ان بيان کي يورپي ريسرچ ڪندڙ مڃڻ لاءِ تيار نہ هيا پر هاڻي مجبور ٿي اهي بہ اها ڳالهہ تسليم ڪري رهيا آهن. آثار قديمه جا ماهر، انسانيت ۽ اجتماعيت جا علماءَ سر چارلس مارسٽن، پروفيسر لنگڊن ۽ پروفيسر شمڊٽ جو اهوئي فيصلو آهي تہ انسان جو پهريون دين توحيد وارو دين هو. (١) علامه طنطاويءَ لکيو آهي تہ! هندستان ۾ برهمڻن جي شروعات واري حالت، يونان جي مشهور پراڻي شاعر هوميروس جي اشعار مان ۽ جديد تحقيقات مان بہ اهو ثابت ٿئي تہ ابتداءِ ۾ سڀ ماڻهو هڪ ئي اسلام تي هئا. (٢)

* هڪ علمي نڪتو *

"اُمَّةً وَّاحِدَةً" ۽ "فَبَعَثَ اللّٰهُ" جي وچ ۾ هڪ ننڍو جملو فاختلفوا محذوف آهي. جنهن تي پويان آيل جملو "فيما اختلفوا فيه" دلالت ڪري رهيو آهي. ان کان سواءِ معنيٰ پوري نہ ٿي بيهي. يعني سيئي ماڻهو هڪ جماعت هڪ توحيد واري دين تي هئا. پوءِ اختلاف ڪيائون تہ پوءِ الله تعاليٰ نبي سڀڳورا موڪليا. جيئن قرآن پاڪ جي تفسير ۾ علامه رشيد رضا صاحب لکيو آهي تہ لابد من تقدير في العبارة فيكون الكلام كان الناس امة واحدة فاختلفوا فبعث الله النبيين مبشرين ومنذرين (٣) (ترجمو مٿيون ساڳيو آهي) پوءِ جڏهن مزاجن، طبيعتن ۽ ذهنن جي مختلف هجڻ جي ڪري پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا ۽ مختلف ٽولين ۽ جماعتن ۾ ورهائجي ويا تہ سندن رهبريءَ ۽ اختلافن جي ٻرندڙ باهہ کي وسائڻ لاءِ الله

(١) تفسير ضياءُ القرآن ص ١۴۴ جلد ١ (٢) الجواهر في تفسير القرآن ص ١٩٠ جلد ١
(٣) تفسير المنار ص ٢٧٧ جلد ٢

تعاليٰ نبي سڀورا عليهم السلام موڪليا ۽ انهن کي آسماني ڪتاب عطا ڪيا. نبين سڀورن عليهم الصلواة والسلام اچي انهن کي توحيد جي نڪتي تي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اتحاد جي دعوت ڏني. محدث بزار پنهنجي مسند ۾ ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ ابن المنذر پنهنجن لکيل تفسيرن ۾، حاڪم مستدرڪ ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته حضرت آدم ۽ حضرت نوح (عليهما السلام) جي وچ ۾ ڏهه (١٠) صديون (هڪ هزار ورهه) گذريون هيون ته آدم عليه السلام جي اولاد ۾ ڪوبه اختلاف نه هو. ان کان پوءِ انهن ۾ اختلاف پيدا ٿيو. (١)

* الله تعاليٰ ڪيترا نبي سڀورا دنيا تي موڪليا *

امام احمد حضرت ابوذر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن کي مون عرض ڪيو ته نبين جو تعداد ڪيترو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "هڪ لک چوويهه هزار (١٢۴٠٠٠) انهن مان ٽي سؤ پندرهن (٣١٥) مرسل آهن وڏي جماعت آهي ۽ هڪ روايت ۾ ٽي سئو تيرهن (٣١٣) مرسلن (عليهم السلام) جو ذڪر آهي. انهن مان جن جا نالا قرآن ڪريم بيان ڪيا آهن اهي هي آهن. ١- حضرت آدم ٢- حضرت ادريس ٣- حضرت نوح ۴- حضرت ابراهيم ۵- حضرت اسحاق ٦- حضرت اسماعيل ٧- حضرت يعقوب ٨- حضرت يوسف ٩- حضرت داؤد ١٠- حضرت سليمان ١١- حضرت ايوب ١٢- حضرت موسيٰ ١٣- حضرت هارون ١۴- حضرت زڪريا ١۵- حضرت يحييٰ ١٦- حضرت الياس ١٧- حضرت يسع ١٨- حضرت يونس ١٩- حضرت لوط ٢٠- حضرت هود ٢١- حضرت صالح ٢٢- حضرت شعيب ٢٣- حضرت ذوالڪفل ٢۴- حضرت عزير ٢۵- حضرت عيسيٰ ٢٦- حضرت محمد مصطفيٰ عليهم الصلواة والسلام - ڪن بزرگن حضرت لقمان ۽ بيبيءَ مريم کي نبي ڪري ڳڻيو آهي. انهن وٽ قرآن پاڪ ۾ اٺاويهن (٢٨) نبين جو ذڪر آهي مشهور قول موجب قرآن پاڪ ۾ چويهن (٢٦) نبين جي نالن جو ذڪر آهي.

(١) تفسير مظهري ص ٢٣۴ جلد ١ معارف القرآن ص ۴۴٩ جلد ١

"لِيَحْكُمَ" تانت فيصلو ڪري. ڪير فيصلو ڪري. ان مان مراد ڇا آهي ان ۾ مفسرن جا ٽي (٣) قول آهن ١- الله تعاليٰ فيصلو ڪري ٢- ڪتاب فيصلو ڪري ٣- نبي سڳورو عليه الصلواة والسلام فيصلو ڪري (١) ان ڪان پوءِ "وما اختلف فيه" ڪان انساني تاريخ جي هڪ وڏي ڏک واريءَ ڳالهه جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي ۽ اهو هيءُ آهي تہ جيڪو ڪتاب اتحاد ۽ ٻڌيءَ پيدا ڪرڻ لاءِ نازل ڪيو ويو هو ان ڪي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ وارن ان ئي ڪتاب سان ان جي مڃڻ واريءَ امت ڪي پاڻ ۾ ويڙهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ اهو اختلاف تحقيقي نہ پر حسد، عناد ۽ سرڪشيءَ جي خيال سان وجود ۾ آندو ويو جنهن ملت جي وحدت ڪي ذرا ذرا ڪري ڇڏيو. "فَهَدَي اللّٰهُ" ڪان اهو ٻڌايو ويو تہ هن ڪتاب سان انهن ڪي هدايت نصيب ٿيندي جيڪي سچيءَ دل سان ايمان آڻيندا ۽ هن ڪتاب جي احڪام جي تعميل ڪندا. پر جيڪي ماڻهو هٺرادو معنائن جو لباس الله تعاليٰ جي انهن روشن آيتن ڪي ڍڪائي پنهنجي علمي ڪمال جومظاهرو ڪندا. اهي هن مان هدايت حاصل ڪري نہ سگهندا.

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ

ڇا اهو خيال ٿا ڪيو تہ (ائين) داخل ٿيندئو بهشت ۾ ۽ اجان نہ آئي آهيَ

الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ

اوهان وٽ حالت انهن واري جو گذريا اوهان ڪان اڳ ۾ پهتي انهن ڪي سختي

وَالضَّرَّآءُ وَزُلْزِلُوْا حَتّٰي يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ

۽ ڏک ۽ لوڏيا ويا تان جو چوڻ لڳو (ان وقت جو) رسول ۽ جن ايمان آندو ان

اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰي نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿٢١٤﴾

سان گڏ تہ ڪڏهن ايندي مدد الله جي. خبردار، بيشڪ الله جي مدد ويجهي آهي

(١) تفسير مظهري ص ٢٣٦ جلد ١

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ مسلمانن کي تنبيه ڪئي وئي آهي ته اوهان انهن اختلافن کان پاڻ کي بچايو جن جي ڪري اڳيون امتون تباهه ۽ برباد ٿيون هيون. اهڙا فتني باز ماڻهو اوهان ۾ به پيدا ٿيندا جيڪي پنهنجي ذاتي وقار ۽ نالي جي لاءِ ملت جي اتحاد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندا. اوهان ان ڀل ۾ نه رهجو ته اسلام ۾ اچڻ سان اوهان جي لاءِ جنت جا دروازا هڪدم کلي ويندا بلڪ اوهان تي وڏيون آزمائشون ۽ امتحان ايندا جيئن اوهان کان اڳ ۾ گذريل امتن تي به امتحان آيا هئا. انهن کي ايتري قدر سختيون ۽ ڏک مليا هئا جو انهن جي طرف موڪليل ان وقت جي نبي سڳوري ۽ ان تي ايمان آڻڻ وارن الله تعاليٰ جي دربار ۾ عرض ڪيو ته يا الله! تنهنجي مدد ڪڏهن ايندي؟ علامه ابوحيان اندلسيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته متيٰ سوال عن الوقت فقيل ذالک عليٰ سبيل الدعاء لله تعاليٰ والاستعلام لوقت النصر فاجابهم الله تعاليٰ فقال "الا ان نصر الله قريب" يعني متيٰ جي لفظ سان وقت پڇيو ويو هو. پوءِ هڪڙو قول هيءُ آهي ته اهو الله تعاليٰ کان دعا گهرندي مدد جو وقت پڇيو هيائون الله تعاليٰ انهن کي جواب ۾ فرمايو ته الله تعاليٰ جي مدد ويجهي آهي ۽ ٻيو قول آهي ته انهن مدد اچڻ ۾ دير سمجهي هئي ڇو ته ڪين جيڪا سخت تڪليف ۽ ايذاءُ پهتو هو ان کان بي قرار ٿي پيا هئا تان جو ائين چوڻ لڳا ته الله تعاليٰ جي مدد الاءِ ڪڏهن ايندي؟ علامه موصوف اهي ٻئي قول لکي آخر ۾ لکيو آهي ته تحقيق جي تقاضا اها آهي ته ٻئي جملا "متيٰ نصر الله" ۽ "الا ان نصر الله قريب" يقول جو مقولو آهن. پهريون جملو "متيٰ نصر الله" (الله جي مدد ڪڏهن ايندي) مومنن چيو هو ۽ ٻيو مقولو "الا ان نصر الله قريب" (الله جي مدد ويجهي آهي) انهن جي نبي سڳوري سندن سوال جي جواب ۾ چيو هو. اهو مناسب آهي ۽ مجموع جي مجموع لاءِ نسبت آهي. (١) ان تقرير سان الله تعاليٰ جي نبي سڳوري جي صبر ۽ استقلال واري مقام تي ڪوبه اعتراض نه رهندو ته نبي سڳوري ائين ڇو ٿي فرمايو غور سان سمجهو

(١) تفسير البحر المحيط ص ١٤٠ جلد ٢

هن آيت جو شان نزول :

هيءَ آيت سڄوري ان وقت نازل ٿي جڏهن خندق جي جنگ ۾ مسلمانن کي. بک، گرمي، اڃ ۽ ٻيون قسمين قسمين تڪليفون آيون. ڪن جو چوڻ آهي ته هيءَ آيت احد جي جنگ جي باري ۾ نازل ٿي هئي. (١)

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ

پڇا ٿا ڪن توکان ته ڇا خرچ ڪن. فرماءِ ته جيڪي خرچ ڪيو

خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ وَالْيَتٰمٰي

(پنهنجي)مال مان اهو پيءُ ماءُ ۽ ويجهن مائٽن ۽ يتيمن ۽

وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ

مسڪينن ۽ مسافر لاءِ. ۽ جيڪا به ڪندئو نيڪي پوءِ بيشڪ

فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢١٥﴾

الله اها ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي ته عمرو بن جموح نالي وڏي عمر واري هڪ شخص جيڪو گهڻي مال ۽ ملڪيت وارو هو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته منهنجي ملڪيت گهڻي آهي اها صدقو ڪري ڇڏيان يا ڪنهن کي ڏيان؟ ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل ڪري فرمايو ته اهوماءُ پيءُ، مائٽن، يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن کي ڏيو انهن جي نگهداشت ۽ سنڀال ڪيو. امام احمد ۽ نسائيءَ

(١) تفسير القرطبي ص ٣٣ جلد ٣

حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو : "صدقو ڏيو" هڪ شخص عرض ڪيو تہ مون وٽ هڪ دينار آهي. پاڻ فرمايائون تہ "اهو پنهنجي سر تي صدقو (خرچ) ڪر" عرض ڪيائين تہ ٻيو دينار بہ آهي. فرمايائون تہ "اهو پنهنجي گهر واريءَ تي خرچ ڪر" عرض ڪيائين تہ ٻيو (ٽيون) دينار بہ آهي. فرمايائون تہ! "اولاد تي خرچ ڪر. عرض ڪيائين تہ ٻيو (چوٿون) دينار بہ آهي. فرمايائون تہ "پنهنجي خادم تي خرچ ڪر" عرض ڪيائين تہ ٻيو (پنجون) دينار بہ آهي. فرمايائون تہ "ان لاءِ تون وڌيڪ سوچيندڙ آهين" (١)

"مِنْ خَيْرٍ" جي لفظ مان اهو بہ ثابت آهي تہ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ حلال ۽ پاڪ مال خرچ ڪيو. ان جي پاڪ دربار ۾ حرام ۽ پليد مال قبول نہ آهي. ان کان پوءِ تفصيل سان ٻڌايو ويو تہ اول اول پنهنجن تي خرچ ڪيو ان کان پوءِ ٻين تي. اٿين نہ ٿئي جو پنهنجا مائٽ مسڪين پريشان هجن، پراون تي سخاوت جي بارش وسائيندا ۽ انهن کي نوازيندا هجو.

كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰٓى اَنْ

فرض ڪيو ويو اوهان تي جهاد ۽ اهو ناپسند آهي اوهان کي ۽ ٿي سگهي ٿو

تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰٓى اَنْ تُحِبُّوْا

جو نہ پسند ڪيو اوهان ڪا شيءِ ۽ اها ڀلي آهي اوهان لاءِ ۽ ٿي سگهي ٿو

شَيْـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ۗ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ

جو پسند ڪيو ڪا شي ۽ اها بڇڙي آهي اوهان لاءِ. ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽

لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾

اوهان نہ ٿا ڄاڻو

٢٦ ع ١٠

(١) تفسير المراغي ص ١٣٠ جلد ١ جزءُ ٢

تفسير

هن آيت ۾ الله تعاليٰ جهاد جي فرض هجڻ جو ذڪرڪري ٻڌايو آهي تہ اهو اوهان کي (طبعًا) تہ ڪٿي پسند نہ هجي پر اوهان لاءِ ان ۾ ڀلائي آهي ۽ ڪيتريون اهڙيون شيون يا ڳالهيون آهن جن کي اوهان پسند نہ ڪندا آهيو پر انهن ۾ اوهان جي ڀلائي هوندي آهي ۽ ڪيتريون اهڙيون شيون يا ڳالهيون آهن جيڪي اوهان کي پسند آهن پر حقيقت ۾ اهي اوهان لاءِ بريون ۽ بڇڙيون آهن. اللهتعاليٰ کي حقيقتن جو علم آهي اوهان کي نہ آهي. هن آيت ۾ غور ڪرڻ سان انهن ماڻهن جو رد ٿونڪري جن اسلامي جهاد کي عجيب رنگ ۾ پيش ڪيوآهي. چون ٿا تہ مسلمان طبعي طرح ماڻهن جي مال لٽڻ، مارڻ، جنگ ۽ جهيڙي کي پسند ڪندا هئا. وقت بي وقت تلوارون ڪٽي امن پسند ماڻهن جي ڳوٺن ۾ گهڙي پوندا هئا. انهن جو سڪون ۽ آرام ختم ڪري زبردستيءَ سان انهن کي مسلمان بنائي پنهنجي دين ۾ داخل ڪندا هئا. پر تاريخي صفحات انهن جي دعوي کي ڪوڙو قرار ڏنو آهي.جيڪڏهن ڪا قوم طاقت جي نشي ۾ مست هجي. انهن وٽ جنگ جا وسائل بہ گهڻا هجن،انهن جي مقابلي واري ذر ڪمزور هجي. حملي ڪندڙن جي دين ۽ اخلاق جو ڪو بہ ضابطو يا قانون انهن کي روڪيندڙ نہ هجي تہ اهي پنهنجي جنگ جواعلان ڪري ڪمزور دشمن کي نيست ۽ نابود ڪري پنهنجي حڪومت کي وسعت ڏئي ۽ پنهنجي خدمت گذارن جي صفن ۾ اضافو آڻي مخالفن جي دولت، خزانن ۽ ملڪيت کي هڙپ ڪري سگهن ٿا. پر تاريخ اهڙو ڪوبہ مثال پيش ڪري نہ سگهي آهي تہ ڪنهن ڪمزور،تعداد ۾ گهٽ، سامان کان صفا خالي ۽ محروم قوم پنهجي طاقتور ۽ قوي ۽ گهڻي تعداد واري دشمن کي للڪاريو هجي. مسلمانن کي اڳرائي ڪندڙ قرار ڏيڻ وارن مستشرقين جي خيال کي ڪيئن درست چئجي تہ جنگ ڪرڻ مسلمانن جومشغلو هو. مسلمانن اهڙين حالتن ۾ اسلام قبول ڪيو هو جو نہ اڳرائي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هئا ۽ نہ اها ڳالهہ سوچي ٿي سگهيا. قرآن پاڪ جي هن آيت کولي ٻڌايو تہ مسلمانو! اوهان تي جهاد فرض ڪيو ويوآهي پر " وَهُوَكُرۡهٌ لَّكُمۡ " اهو اوهان کي ناپسند آهي. جيڪڏهن

مسلمان طبعي طور جنگ کي پسند ڪندڙ هجن ها ته انهن لاءِ قرآن پاڪ ۾ اهي الفاظ نه اچن ها. قرآن پاڪ ۾ جنگ ۽ جهاد جو حڪم ڏيڻ سان گڏ ٻڌائڻ ته اهو اوهان کي نا پسند آهي ان مان ثابت ٿو ٿئي ته انسانن جا نفس جنگ کان پڇندا آهن پر اهو پڇڻ ۽ ڊڄڻ خراب آهي. ڇو ته جڏهن دشمن کي خبر پوندي ته اوهان آرام جا يار، راحت جا طلبگار آهيو تو اهواوهان تي حملي ڪرڻ کان نه ڊڄندو پر جيڪڏهن ان کي خبر پوندي ته اوهان همت ۽ جرأت سان جنگ کان نه ڊڄندڙ پهلوان آهيو ته اهو اوهان تي حملو نه ڪندو. (١)

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ۭ قُلْ

پڇن ٿا توکان عزت واري مهيني جو (يعني) ان ۾ جنگ ڪرڻ جو فرماءِ ته ان

قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ۭ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌ بِهٖ

۾ جنگ ڪرڻ هي وڏو گناهه آهي ۽ روڪڻ الله جي وات کان ۽ ان تي ايمان نه آڻڻ

وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۤ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ

۽ عزت واريءَ مسجد کان (روڪڻ) ۽ ڪڍڻ ان جي رهاڪن کي ان مان وڏو

عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ۭ وَلَا يَزَالُوْنَ

گناهه آهي الله وٽ ۽ فتنو، قتل کان به تمام وڏو گناهه آهي ۽ هميشه لڙندا

يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ

رهندا اوهان سان تانجو ڦيرائن اوهان کي اوهان جي دين کان جيڪڏهن ڪري

اسْتَطَاعُوْا ۭ وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ

سگهن. ۽ جيڪو ڦرندو اوهان مان پنهنجي دين کان پوءِ مري ان

(١) الجواهر في تفسير القرآن ص ١٩١ جلد ١

وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا

حال ۾ جو اهو ڪافر آهي. پوءِ ڇٽ ٿيا عمل انهن جا دنيا

وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ

۽ آخرت ۾ ۽ اهي جهنمي آهن اهي ان ۾ هميشه

فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢١٧﴾

رهندڙ آهن

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ ڪافرن جي ظلمن جو جواب ڏنو ويو آهي. انهن اهي طعنا هڪ واقعي کان پوءِ هنيا هئا. واقعو هيءُ هو ته سهڻي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن بدر جي جنگ کان ٻه مهينا اڳ جمادي الثانيه مهيني جي آخري تاريخن ۾ پنهنجي پڦاٽ حضرت عبدالله بن جحش رضي الله تعاليٰ عنه کي اصحابن سڳورن جي ڪجهه جماعت ڏئي هڪ خط به لکي ڏنو ۽ فرمايائونس ته "الله جي نالي سان سفر شروع ڪر ٻن ڏينهن جي سفر ڪرڻ کان پوءِ اهو خط کولي ڏسجانءِ ۽ جيڪي ان ۾ لکيل آهي ان تي عمل ڪجانءِ ۽ پنهنجن ساٿين مان ڪنهن کي به مجبور نه ڪجان." عرض ڪيائين ته: ڪهڙي پاسي وڃان؟ پاڻ فرمايائون ته: "نجد واري پاسي ڏانهن" اهو حڪم ٻڌي حضرت عبدالله بن جحش سفر شروع ڪيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ منزل ڪري اهو خط مبارڪ کولي پڙهيائين ته ان ۾ لکيل هو ته "الله جي نالي سان شروع ٿو ڪيان ۽ الله جي نالي جي برڪت سان سفر شروع ڪر جڏهن نخله واديءَ ۾ پهچين ته اتي قريشين جي واپاري قافلي جو انتظار ڪر اميد ته تون اسان وٽ خير جي خبر ڪٽي ايندين" حضرت عبدالله رضي الله تعاليٰ عنه خط پڙهي فرمايو ته مان اطاعت لاءِ حاضر آهيان. ان

ڪان ٻوءِ پنهنجن ساٿين کي فرمايائين ته مون کي حڪم آهي ته اوهان کي مجبور نه ڪيان. جنهن کي شهادت جو شوق هجي اهو مون سان گڏ هلي. اهو چئي اڳتي روانو ٿيو سندس ساٿي به سڀ ساٿس گڏجي هليا ۽ ڪوبه واپس نه ٿيو. رستي ۾ سندن قريشين جي ان قافلي سان مقابلو ٿيو انهن مان هڪ ماڻهو مارجي پيو ۽ ٻي جيئرا گرفتار ٿيا. اهو واقعو جنهن ڏينهن پيش آيو مسلمانن جي خيال ۾ اها جمادي الثانيه مهيني جي ٽيهين (۳۰) تاريخ هئي مگر حقيقت ۾ اها رجب شريف جي پهرين تاريخ هئي. ان واقعي سان مڪي پاڪ جي مشرڪن، مدينه منوره جي يهودين ۽ منافقن کي سخت پروپيگنڊا ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ انهن شور ڪيو ته ڏسو مسلمانن جا حال. ٻين کي چون ٿا ته چڱا ڪم ڪيو ۽ پاڻ عزت واري مهيني رجب شريف ۾ به قتل ڪرڻ کان نه مڙيا. مسلمانن جي بي خبريءَ ۾ ڪيل ان ڪم کي هنن غلط استعمال ڪيو الله تعاليٰ انهن کي جواب ۾ فرمايو ته رجب شريف وڏي عزت ۽ احترام وارو مهينو آهي ان ۾ ڪنهن کي قتل ڪرڻ به منع آهي مگر اهو ڪم اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم عمدًا انهيءَ مهيني جي خبر هوندي نه ڪيو آهي پر اي ڪافرو!اوهان پنهنجا ڪم ته ڏسو. الله تعاليٰ جي ملائڻ واري رستي کان روڪيو ٿا. الله تعاليٰ جي پياري مسجد حرام ۾ ڪنهن به مسلمان کي عبادت ڪرڻ نه ٿا ڏيو. امن ۽ سلامتيءَ جي هن شهر مان ان جي اصلي رهاڪن کي جلاوطن ٿا بنايو. جيڪو مسلمان ٿو ٿئي ان کي سخت سزائون ٿا ڏيو. ان جي دل ۾ شڪوڪ ۽ شبهات ٿا پيدا ڪيو. مسلمانن کي اسلام کان هٽائڻ جي ڪوشش ۾ آهيو. اهي سيئي ڪم الله تعاليٰ وٽ رجب مهيني ۾ قتل ڪرڻ کان به وڏو گناهه آهن انهن جي لاءِ چو نه ٿا سوچيو (۱) ان ڪان پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته اهي اوهان سان لڙندا رهندا ۽ جيڪڏهن سندن وس ۾ هوندو ته اوهان کي اسلام کان هٽائڻ تائين اوهان سان ٺاهه نه ڪندا. انهن جون دليون اوهان سان ڪڏهن به نه ملنديون انهن جي مڪرن کان هشيار رهو.

* مرتدن جو حڪم *

هن آيت جي آخر ۾ مرتدن جو حڪم ٻڌايو ويو آهي يعني جيڪو اسلام قبول ڪري ان ڪان پوءِ ڪافر ٿو ٿئي ان جا دنيا ۽ آخرت ۾ سڀ عمل ڇڻ ٿي ٿا وڃن. دنيا ۾ عملن جو ضايع ٿيڻ هيءُ آهي ته ان جي زال ان جي نڪاح مان

(۱) تفسير مظهري ص ۲۴۰ ج ۱

نڪري ٿي وڃي. جيڪڏهن ان جو ڪو اهڙو مائٽ مري ٿو وڃي جنهن جو هيءُ وارث ٿئي ٿو ته اسلام کي ڇڏڻ جي ڪري ورثي کان محروم ٿي ويندو. اسلام جي حالت ۾ جيڪي نمازون، روزا ادا ڪيا هيائين سڀ ڪالعدم ٿي ٿا وڃن. مرڻ کان پوءِ نه ان جي جنازي جي نماز پڙهي ويندي ۽ نه مسلمانن جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويندو ۽ آخرت ۾ عمل جو ضايع ٿيڻ هي آهي جو ان کي عبادتن جو درجو ۽ثواب نه ملندو ابد الآباد جهنم ۾ سڙندو رهندو.

* مسئلو *

مرتد جيڪڏهن وري مسلمان ٿئي ته آخرت ۾ دوزخ کان بچندو ۽ دنيا ۾ وري ان تي اسلامي احڪام جاري ٿيندا.

* مسئلو *

جيڪڏهن ڪو ڪافر چڱاڪم ڪري ٿو ته ان جي انهن عملن جو ثواب روڪيل آهي. جيڪڏهن ڪڏهن به مسلمان ٿيو ته ان کي سڀ ثواب ملندو ۽ جيڪڏهن ڪفر تي مري ويو ته سندس سڀ عمل برباد ٿي ويا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ جن هجرت ڪئي ۽ جهاد ڪيو الله جي واٽ ۾ اهي

اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۱۸﴾

اميد ٿا رکن الله جي رحمت ۾ ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي

تفسير

هن آيت ۾ الله تعاليٰ پنهنجن پلن ٻانهن جو ذڪر ڪيو آهي. يعني جن ايمان آندو ۽ ايمان تي ثابت قدم رهيا ۽ جن الله تعاليٰ جي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن سان گڏجي اڳي يا پوءِ سندن رضا سان هجرت ڪئي ۽ جن

الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جهاد ڪيو اهي الله تعاليٰ جي رحمت ۾ اميد رکڻ جا لائق آهن ڇو ته انهن پنهنجي وسعت آهر الله تعاليٰ جي دين لاءِ قرباني ڏني.

* فائدو *

هن آيت ۾ جهاد جو لفظ آيو آهي، جهاد جي معنيٰ آهي ڪنهن مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرفان انتهائي ڪوشش ڪرڻ. هي صرف جنگ جي معنيٰ ۾ نه آهي. جنگ لاءِ ته قتال جو لفظ ايندو آهي. جهاد جي لفظ جو مفهوم ان کان وسيع آهي ۽ ان ۾ هر قسم جي جدوجهد داخل آهي. مجاهد اهو شخص آهي جو هر وقت پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ جي فڪر ۾ رهي، دماغ سان ان لاءِ تدبيرون سوچي، زبان ۽ قلم سان ان جي تبليغ ڪري. هٿن ۽ پيرن سان ان لاءِ محنت ڪري. پنهنجا سيئي امڪاني وسائل ان جي فروغ ڏيڻ ۾ صرف ڪري هر ان مزاحمت جو پوري قوت سان مقابلو ڪري جيڪا ان جي واٽ ۾ اڳيان اچي تان جو جڏهن جان جي بازي لڳائڻ جو وقت اچي ته ان ۾ به پوئتي نه پوي. ان جو نالو آهي "جهاد" جهاد في سبيل الله هيءُ آهي جو سڀ ڪجهه صرف الله جي رضا ۽ ان لاءِ ڪري ته هن زمين تي الله جو دين قائم ٿئي ۽ الله جو ڪلمو ٻين سڀني ڪلمن تي غالب اچي ان کان سواءِ مجاهد جو ٻيو ڪو به غرض نه هوندو آهي.

يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ ؕ قُلْ فِيْهِمَآ

پڇن ٿا توکان شراب ۽ جوا جي باري ۾. فرماءِ ته انهن ٻنهي ۾ گناه وڏو ۽

اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ ؗ وَاِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ

نفعا آهن ماڻهن لاءِ ۽ گناهه انهن ٻنهي جو وڏو آهي انهن جي نفعي کان ۽

نَّفْعِهِمَا ؕ وَيَسْئَلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلِ الْعَفْوَ ؕ

پڇن ٿا توکان ته ڇا خرچ ڪن؟ فرماءِ ته گهرج کان وڌيڪ

كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ

اهڙيءَ طرح بيان ٿو ڪري الله اوهان لاءِ آيتون تانت اوهان

تَتَفَكَّرُوْنَ (٢١٩) فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ

فڪر ڪيو. دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ۽ پڇن ٿا توکان يتيمن

وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى ؕ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ خَيْرٌ ؕ

(جي باري) ۾. فرماءِ ته انهن جي لاءِ ڀلائي ڪرڻ ڀلي آهي

وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

۽ جيڪڏهن گڏ رکندؤ ته ڀائر آهن اوهان جا ۽ الله ڄاڻي ٿو فساد ڪندڙ کي

الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ؕ اِنَّ

ڀلائي ڪندڙ کان ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته تڪليف ڏي ها اوهان کي

اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ (٢٢٠)

بيشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي

تفسير

هنن ٻن آيتن ۾ ٻن سوالن جا جواب ذڪر ڪيل آهن. پهرين آيت ۾ بيان ٿيو ته اوهان کان شراب ۽ جوا جي باري ۾ پڇن ٿا ته اهي ڪيئن آهن ۽ انهن جو حڪم ڪهڙو آهي؟ حضرت عمر ۽ حضرت معاذ ۽ ڪجهه ٻين اصحابن سڳورن رضي الله عنهم نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي عرض ڪيو ته يَا رَسُوْلَ

اللّٰهِ اَفْتِنَا فِي الْخَمْرِ فَاِنَّهَا مُذْهِبَةٌ لِلْعَقْلِ مُسْلِبَةٌ لِلْمَالِ فَنَزَلَتْ الخ (١)
يعني يارسول اللّٰه! اسان کي شراب جي باري ۾ فتويٰ ڏيو جو اهو عقل وڃائيندڙ ۽ مال کسيندڙ آهي. پوءِ اها آيت نازل ٿي. هيءُ شراب ۽ جوا جي متعلق پهريون حڪم آهي. جنهن ۾ صرف انهن جو ناپسنديده هجڻ بيان ڪيو ويو آهي. تانته ذهن ان جي حرام هجڻ واري فيصلي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار رهي. ان کان پوءِ شراب پي نماز پڙهڻ کان منع آئي. ان کان پوءِ شراب پيئڻ ۽ جوا ۽ ان قسم جي سيني شين کي قطعي حرام قرار ڏنو ويو. جيئن سورة نساءِ آيت ع ـــ ۴۳ ۽ سورة مائده آيت ع ـــ ۹۰ ۾ بيان آهي. مٿي بيان ٿيو ته شراب ۽ جوا ۾ نفعو به آهي شراب سان عارضي خوشي ۽ جوا سان محنت کان سوا دولت ملي ٿي پر انهن جا نقصان ايترا زياده آهن جو اهو عارضي نفعو کا به اهميت نه ٿو رکي. شراب ۾ اها ڪيڏي نه وڏي خرابي آهي جو ان جي پيئڻ سان عقل ۽ هوش ڇڏايو وڃي جيڪو جميع ڪمالات ۽ انساني شرف جو اصل آهي. شراب پيئڻ ڪيترين خرابين جو سبب آهي. ان جي ڪري نبي پاڪ ﷺ جن ۽ انهن کان اڳ ۾ جيترا به انبياء سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام آيا ڪنهن به ڪڏهن شراب نه پيتو (٢)

* شراب پيئندڙ لاءِ سزائن جو بيان *

حديث ع ـــ ١

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "لَايَدْخُلُ الْجَنَّةَ عَاقٌ وَّلَا مُدْمِنُ خَمْرٍ" يعني ماءُ پيءُ جو بي فرمان ۽ هميشه شراب پيئندڙ جنت ۾ داخل نه ٿيندا.

حديث ع ـــ ٢

حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِنَّ عَلَي اللّٰهِ عَهْدًا لِمَنْ شَرِبَ الْمُسْكِرَ اَنْ يَّسْقِيَهُ اللّٰهُ مِنْ طِيْنَةِ الْخِبَالِ قِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَمَا طِيْنَةُ الْخِبَالِ؟ قَالَ: عِرْقُ اَهْلِ النَّارِ اَوْ عُصَارَةُ اَهْلِ

(١) تفسير الڪشاف ص ٣٥٨ جلد ١
(٢) تفسير روح المعاني ص ١١۴ جلد ١ جزءُ ٢

النَّارِ" يعني الله تعاليٰ جو وعدو آهي تہ جيڪو نشو پيئندو ان کي طينة الخبال مان پياريندو. عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله طينة الخبال ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: "جهنم وارن جو پگهر يا جيڪو انهن مان نپوڙجي نڪرندو."

حديث ع ٣

حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "مُدْمِنُ الْخَمْرِ كَعَابِدِ وَثَنٍ" شراب تي هميشگي ڪندڙ بت جي پوڄاريءَ وانگر آهي.

حديث ع ٤

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ: ٽن شخصن تي جنت حرام آهي. ١- هڪ شراب تي هميشگي ڪندڙ ٢- ٻيو والدين جو بي فرمان ٣- ٽيون بي غيرت (١) هن روايت ۾ شرابيءَ کي بي غيرت جي برابر سڏيو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح جوا ڪرڻ بہ حرام آهي ڪهڙي طريقي سان بہ ڪئي وڃي. ان لاءِ بہ سخت سزا جو ذڪر آيو آهي. ان ۾ ڪيتريون خرابيون آهن. ١- هڪ تہ جوارين جي پاڻ ۾ عداوت ٿيندي. ٢- ٻيو تہ الله جي ذڪر ۽ نماز کان غفلت پيدا ٿيندي. ٣- ٽيون تہ بداخلاقي پيدا ٿيندي. اهڙيون ڪوڙ خرابيون آهن جن جي ڪري جوا کان سخت نفرت ڪرڻ گهرجي.

"وَيَسْئَلُوْنَکَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ" (۽ پڇن ٿا توکان تہ ڇا خرچ ڪن) اصحابن سڀني رضي الله تعاليٰ عنهم حضور صلي الله عليه وسلم جن کان پڇيو تہ قرآن پاڪ ۾ ڪيترا ڀيرا آيو آهي تہ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيو. ان مان ڇا مراد آهي ڪيترو خرچ ڪجي؟ ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ فرمايو "العفو" يعني پنهنجين ضرورتن کان جيڪو زياده هجي اهو الله جي واٽ ۾ خرچ ڪيو. ان کان پوءِ اهو بہ واضح ڪيو ويو آهي تہ اهڙو نہ ڏيو جو پاڻ محتاج ٿي ٻين کان پنندا وتو. سوچي سمجهي خرچ ڪندا ڪيو. هن آيت ۾ ضرورت کان وڌيڪ بچيل مال جي

(١) ڪتاب الڪبائر للذهبي ص ٨٨

خرچ ڪرڻ جو ذڪر آهي. ان ڪي حضرت ابوذر غفاريؒ رضي الله تعاليٰ عنه ائين سمجهيو ته ضرورت کان وڌيڪ ڪا به شيءِ نه رکو. اهڙيءَ طرح حضرت بختيار ڪاڪيؒ عليه الرحمة جن به هفتي هفتي ۾ گهر جي تلاشي وٺندا هئا ۽ جيڪو ضرورت کان وڌيڪ سامان هوندو هو سو الله تعاليٰ جي نالي خيرات ڪري ڇڏيندا هئا. گهڻن اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم جو خيال هوندو هو ته جيڪو مال ضرورت کان وڌيڪ آهي سڀ خرچ ڪرڻ ضروري نه آهي. ضرورت جي وقت لاءِ بچائي رکڻ به جائز آهي. ان کان پوءِ يتيمن جي باري ۾ سوال هو ته انهن جي مال ملڪيت ڪي پاڻ سان گڏ رکجي يا نه؟ ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته شريعت پاڪ جو مقصد هي آهي ته يتيمن جي ڀلائي ۽ مصلحت نظر ۾ رکي وڃي ۽ ڏسجي ته ان جي بهتري گڏ رهائڻ ۾ آهي يا جدا رکڻ ۾ جنهن ۾ به انهن جي ڀلائي هجي ان تي عمل ڪجي. ڀلا جيڪڏهن ڪو ماڻهو ظاهر ۾ چوي ته مان يتيمن جي ڀلائي ٿو ڪيان ۽ دل ۾ انهن جي لٽڻ، ڦرڻ، جي نيت اٿس ته الله تعاليٰ فرمايو ته مان انهن کي ڄاڻان ٿو اهي مون کان لڪل نه آهن. هيءَ ته الله تعاليٰ اوهان کي سهوليت ڏني آهي. جيڪڏهن اوهان کي يتيمن جي سنڀال لاءِ سخت حڪم ڏي ها ته به ممڪن هو. پر هي ان جو ڪرم آهي ان جو قدر ڪيو.

وَلَا تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ۭ وَلَاَمَةٌ

۽ نه نڪاح ڪيو مشرڪياڻن سان تانجو ايمان آڻين ۽ بيشڪ ٻانهي ايمان

مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكَةٍ وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا

واري ڀلي آهي مشرڪياڻيءَ کان جيتوڻيڪ وڻي اوهان کي ۽ نه پرڻايو

تُنْكِحُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ۭ وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ

مشرڪن کي تانجو ايمان آڻين ۽ البته ٻانهو مومن ڀلو آهي

خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكُمْ ط اُولٰٓئِكَ يَدْعُوْنَ

(آزاد) مشرڪ کان جيتوڻيڪ وڻيو اوهان کي. اهي سڏين ٿا باهہ ڏانهن

اِلَى النَّارِ ۚ وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِاِذْنِهٖ ۚ

۽ الله سڏي ٿو بهشت ۽ بخشش ڏانهن پنهنجي توفيق سان ۽ بيان ٿو ڪري

٢٧ ع ١١ وَيُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٢١﴾ ع

پنهنجون آيتون ماڻهن لاءِ من اهي نصيحت وٺن

تفسير

اسلام جي ابتدائي دور ۾ مسلمان، مومن، ڪافرن ۽ مشرڪن سان مڱڻي مائٽي ڪندا هئا. هن آيت ۾ انهن کي منع ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ عورتن ۽ مردن جي آزاد هجڻ يا خريد ڪيل، ٻانهي هجڻ کي نہ ڏسو. جيستائين ڪنهن ۾ ايمان جي صفت نہ آهي تہ نہ ڪافر عورت سان مسلمان نڪاح ڪري ڀلي مال، دولت، حسن، ڪمال، جمال سان گڏ آزاد بہ هجي ۽ نہ ڪافر مرد ڪي مسلمان عورت سان شادي ڪرايو ڀلي اهو ڪافر مرد ڪيترو بہ حسين، جميل، پئسي وارو ۽ آزاد هجي. هر صفت کان اڳ ۾ ڏسڻو آهي تہ اهو مرد يا عورت ايمان جي صفت سان موصوف آهي يا نہ. جيڪڏهن مومن آهي تہ ڀلو ۽ جيڪڏهن بي ايمان آهي تہ ان سان ڪوبہ رشتو، مڱڻي، مائٽي نہ ڪيو. شرڪ ۽ ڪفر اهڙا عيب آهن جو ٻيون سڀ خوبيون ختم ڪري ٿا ڇڏين. جاڻڻ گهرجي تہ مشرڪن ۽ مشرڪاڻين سان نڪاح ڪرڻ ۾ وڏو خطرو هي آهي تہ مومن مرد يا مومن عورتون جيڪڏهن انهن مشرڪن جي محبت ۾ اچي ويا تہ انهن جو پنهنجو ايمان تہ خطري ۾ آهي پر انهن جا مائٽ واسطيدار بہ خطري ۾ آهن متان اهي بہ ايمان ڇڏي مشرڪ ٿي پون. پر جيڪڏهن ايمان واري مرد جو ايمان واريءَ عورت سان نڪاح ٿيندو تہ انهن جي

زندگيءَ گذارڻ جا طور ۽ طريقا اسلامي هوندا انهن جي اولاد تي بہ اهو اثر رهندو.
مرد جو اهو شان نہ آهي تہ اهو محض پنهنجي شهوت جي جذبات کي سڪون
ڏيڻ لاءِ اهڙو خطرو قبول ڪري. جو ان جي گهر ۽ خاندان ۾ مشرڪن جا خيال ۽
عقيدا وڌندا وڃن.

* تنبيه *

جيئن مشرڪن ۽ مشرڪاڻين سان مائٽي ڪرڻ منع آهي تيئن الله
تعاليٰ سان محبت رکندڙن ۽ ان جي حبيب صلي الله عليه وسلم جي پروانن ۽
اصحابن سڳورن ۽ اهلبيتن پاڪن ۽ اولياءِ ڪرام جي عقيدت وارن کي بہ الله
تعاليٰ ۽ ان جي حبيب صلي الله عليه وسلم ۽ اصحابن ۽ اهلبيتن ۽ اولياءِ عظام
جي دشمنن سان دوستي ۽ مٽي مائٽيءَ ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. بدمذهب
وارا پنهنجون ڇوڪريون ماڻهن کي پرڻائي انهن جي پوري خاندان جو خانوخراب
ڪندا آهن پر انهن جي فريب ۽ مڪر کان محفوظ رهڻ جي هر ممڪن ڪوشش
ڪرڻ ضروري آهي.

وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ۭ قُلْ هُوَ اَذًى ۙ

۽ پڇن ٿا توکان حيض جي (باري) ۾ فرماءِ تہ اهو گندگي آهي پوءِ پري رهو

فَاعْتَزِلُوا النِّسَاۗءَ فِي الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ

عورتن کان حيض جي حالت ۾ ۽ نہ ويجها وڃو انهن کي تانجو پاڪ ٿين پوءِ

حَتّٰى يَطْهُرْنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ

جڏهن پاڪ ٿين تہ پوءِ اچو انهن ڏانهن اتاهين جو امر ڪيو اوهان کي الله.

اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ

بيشڪ الله محبت ٿو رکي توبه ڪندڙن سان ۽ محبت ٿو رکي پاڪائي

الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿٢٢٢﴾ نِسَآؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ فَأْتُوْا

ڪندڙن سان زالون اوهان جون پوک آهن اوهان جي لاءِ پوءِ اچو پوک پنهنجيءَ

حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا

ڏانهن جيئن گهرو ۽ اڳتي موڪليو پنهنجن سرن لاءِ (چڱا عمل) ۽ ڊڄو الله

اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ؕ وَبَشِّرِ

کان ۽ يقين ڄاڻو تہ بيشڪ اوهان ان سان ملاقات ڪندڙ آهيو ۽ خوشخبري

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٢٣﴾

ڏي مومنن کي

تفسير

عرب ۾ رهڻ وارا يهودي پنهنجين زالن سان حيض وارن ڏينهن ۾ صفا تعلق ڇني ڇڏيندا هئا ۽ انهن سان اٿڻ، ويهڻ تہ ڇا کائڻ، پيئڻ بہ بند رکندا هئا. انهن جي هٿن جو تيار ٿيل کاڌو بہ حرام سمجهندا هئا. عرب جي مشرڪن جو بہ تقريبًا ساڳئو حال ۽ خيال هو. نصاريٰ وري انهن جي ابتڙ حيض جي حالت ۾ بہ گڏ ٿيندا هئا. جڏهن نبي پاڪ، صاحب لولاڪ، سياح افلاڪ صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن جي خدمت عاليہ ۾ عرض ڪري ان بابت پڇيو ويو تہ الله تعاليٰ اها آيت نازل ڪري صاف ۽ سڌو رستو ٻڌايو ۽ ٻين ڳالهين کان روڪيو ويو نہ افراط جو ذڪر نہ تفريط جو بلڪ وچولو رستو اختيار ڪندي حڪم ڏنو ويو تہ حيض جي حالت ۾ جماع نہ ڪيو ڇو تہ حيض گندگي آهي. ان مان بيماري ٿيڻ جو وڏو امڪان آهي. مڙس ۽ زال ٻنهي جي ان ۾ ڀلائي ۽ بهتري آهي. باقي

ڪائڻ، پيئڻ، اٿڻ، ويهڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي پر جڏهن حيض بند ٿيڻ جو يقين ٿئي ۽ اهو ٽن طريقن سان ٿيندو آهي ــــــــــــــــــ يا رت بند ٿيڻ کان پوءِ هڪ نماز جو وقت گذري وڃي يا ڏهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ رت بند ٿيو آهي يا رت بند ٿيڻ کان پوءِ زال وهنجي صاف ٿي آهي تہ پوءِ مڙس کي پنهنجيءَ ان زال سان گڏ ٿيڻ جي منع نہ آهي. ان کان پوءِ ٻڌايو ويو تہ گڏ ٿيڻ ۾ اهو لحاظ رکو ۽ ان طريقي سان گڏ ٿيو جيئن الله تعاليٰ جو حڪم آهي. پنهنجيءَ زال سان بہ لونڊي بازيءَ وارو رستو اختيار ڪرڻ حــرام ۽ سخت گناهہ آهي. اڳتي ارشاد ٿيو تہ اوهان جون زالون اوهان جي پوک آهن. يعني زالون مڙسن لاءِ صرف سير ۽ تفريح جي جاءِ نہ آهن پر ٻنهي جي وچ ۾ زمين ۽ هاريءَ وارو تعلق آهي جيئن هاريءَ جو مقصد زمين مان پيداوار آهي تيئن مڙس جو مقصد بہ اولاد جي پيداوار ڪڍڻ آهي. هن جاءِ تي هيءَ نازڪ حقيقت تمام سهڻي انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي تہ شادي ڪرڻ وقت سوچ رکڻي آهي. زال اهڙي ونجي جيڪا نيڪوڪار، پرهيزگار، ديندار ۽ امانت واري هجي. جيئن ردي زمين مان سٺي پيداوار جي اميد رکڻ غلط آهي تيئن بي دين، بدمعاش ۽ بدڪردار زال ۾ سٺي نسل جي اميد رکڻ بہ صحيح نہ آهي. جيئن هاريءَ جي ظاهري خوشحاليءَ ۽ بقا جو مدار پوک جي حفاظت، نگهداشت ۽ خدمت تي آهي تيئن مڙس جي عزت، وقار ۽ ڀلائيءَ جو مدار بہ زال جي حفاظت، سنڀال، حق ادا ڪرڻ تي آهي! اَنّٰى جو لفظ هتي ڪيف جي معنيٰ ۾ آيل آهي. يعني پنهنجيءَ زال سان جيئن وڻيوَ تيئن گڏ ٿيو پرهڪ شرط آهي تہ ٻج اتي ڇٽيو جتان اولاد ٿيڻ جو امڪان آهي. لونڊي بازي ڪرڻ جي اجازت نہ آهي ان سان هڪ تہ اولاد ٿيڻ جو مقصد فوت ٿي ويندو ٻيو تہ زال جا طبعي حق بہ ضايع ٿي ويندا. "وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ" (۽ پنهنجن سرن لاءِ (چڱا عمل) اڳتي موڪليو) هي وڏو جامع جملو آهي ۽ تمام وسيع مفهوم تي دلالت ڪري رهيو آهي. يعني انهن لذتن ۾ ئي ٻڌل نہ رهو بلڪ اڳيان ايندڙ برزخي ۽ اخروي زندگيءَ لاءِ نيڪ عملن جو توشو ۽ سمر ڪٺو. شاديءَ ڪرڻ مان بہ اولاد جي طلب رکو تانتہ انهن جي ذريعي اوهان جو نالو زنده ۽ باقي رهي ۽ اوهان جي مرڻ کان پوءِ انهن جي چڱن عملن جي صدقي اوهان تي الله تعاليٰ جون مهربانيون ٿينديون رهن. ۽ زال بہ اهڙي پرڻجو جيڪا نيڪ ۽ سعاتمند ٻچن جي ماءُ بنجي.

وَلَا تَجۡعَلُوا اللّٰهَ عُرۡضَةً لِّاَيۡمَانِكُمۡ اَنۡ تَبَرُّوۡا

۽ نہ بنايو الله کي نشان پنهنجن قسمن لاءِ هن طرح جو (نہ) نيڪي ڪيو

وَتَتَّقُوۡا وَتُصۡلِحُوۡا بَيۡنَ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيۡعٌ

۽ (نہ) تقويٰ ڪيو ۽ (نہ) صلح ڪرايو ماڻهن ۾ ۽ الله ٻڌندڙ،

عَلِيۡمٌ ﴿۲۲۴﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغۡوِ فِيۡٓ

ڄاڻندڙ آهي نہ پڪڙ ڪندو اوهان کي الله اجاين قسمن اوهان

اَيۡمَانِكُمۡ وَلٰكِنۡ يُّؤَاخِذُكُمۡ بِمَا كَسَبَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ ؕ

جن ۾. ۽ پر پڪڙ ڪندو اوهان کي ان سان جو نيت ۾ ڪيو دلين اوهان جي.

وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿۲۲۵﴾

۽ الله بخشيندڙ، بردبار آهي

تفسير

هن آيت ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ کي پنهنجن قسمن لاءِ "عُرۡضَةً" نشان نہ بنايو. عرضه غرفه جي وزن تي آهي. ان جي معنيٰ آهي: المانع المعترض دون الشيء (١) يعني ڪنهن بہ شيءِ کان روڪيندڙ، وچ ۾ پوندڙ. بعضي نادان ماڻهو قسم کڻي ويهندا آهن تہ فلاڻو نيڪي جو ڪم نہ ڪنداسين. مثلاً ماءُ پيءُ سان نہ ڳالهائيندا يا ڀاءُ وغيره سان واسطو ۽ تعلق ٽوڙي ڇڏيندا، ڪوڙي شاهدي ڏيندا ۽ انهن قسمن جي ڪري پاڻ کي چڱن ڪمن نہ ڪرڻ جو پائبند سمجهندا

(١) تفسيرالمراغی ص ١٦٠ جلد ١ جزء ٢

آهن. هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهڙا قسم نه کڻو جن جي ڪري نه نيڪي ڪيون نه تقويٰ ۽ نه ماڻهن ۾ صلح ڪرايو علامه ابن الجوزيءَ لکيو آهي ته هيءَ آيت حضرت عبدالله بن رواحه رضي الله تعاليٰ عنه جي باري ۾ لٿي هئي جنهن قسم کنيو هو ته پنهنجي ڀيڻيوي بشير بن نعمان رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر نه ويندو ۽ نه ان سان ڳالهائيندو (١)

* مسئلو *

جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙو قسم کڻي ويهي جنهن جي پڄڻ ۾ ڀلائي آهي ۽ ان تي پڪو ٿي رهڻ گناهه آهي ته اهڙي قسم کي ٽوڙي ڀلو ڪم ڪري ۽ ان قسم جي ڪفارتَ ادا ڪري، جيئن حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ حَلَفَ بِيَمِيْنٍ فَرَاٰي غَيْرَهَا خَيْرًا مِّنْهَا فَلْيُكَفِّرْ عَنْ يَمِيْنِهٖ وَلْيَفْعَلِ الَّذِيْ هُوَ خَيْرٌ" رواه مسلم (٢) يعني جنهن قسم کنيو (ڪنهن ڳالهه تي) پوءِ ٻي ڳالهه ان کان ڀلي ڏٺائين ته انهيءَ پنهنجي قسم جي ڪفارت ڏي ۽ جيڪو ڀلو ڪم آهي اهو ڪري اهڙيءَ طرح نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو ٻيو فرمان آهي ته "وَاللّٰهِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَا اَحْلِفُ عَلٰي يَمِيْنٍ فَاَرٰي غَيْرَهَا خَيْرًا مِّنْهَا اِلَّا اَتَيْتُ الَّذِيْ هُوَ خَيْرٌ وَكَفَّرْتُ عَنْ يَمِيْنِيْ" (٣) يعني الله جو قسم آهي ته انشاءَ الله مان ڪنهن ڳالهه تي قسم نه کڻندس جو ان کان سواءِ ٻئي ڪي ڀلو ڏسان مگر مان اهو ڀلو ڪم ڪندس ۽ پنهنجي قسم جي ڪفارت ڏيندس. ان کان پوءِ ارشاد ٿيو ته الله تعاليٰ اوهان کي لغو قسم ۾ پڪڙ نه ڪندو. لغو قسم جون ٻه معنائون آهن ١- هڪ هيءَ ته ڪنهن گذريل ڳالهه تي بنا ارادي جي زبان مان قسم نڪري وڃي ٢- ٻيو ته ارادي سان کڻي ٿو ۽ پنهنجي گمان ۾ ان کي صحيح سمجهي ٿو پر اها ڳالهه حقيقت ۾ ائين ناهي. مثلا قسم کڻي چوي ته فلاڻو آيو هو ۽ اهو گمان به اٿس پر اهو آيو نه هو ته اهڙي قسم ۾ گناهه ۽ الله تعاليٰ وٽ پڪڙ نه آهي ۽ ان تي ڪفارت نه آهي. ٻيو قسم آهي غموس. يعني قصد ۽ ارادي سان ڄاڻي واڻي ڪوڙو قسم کڻي. امام

(١) زادالمسير ص ٢٥٣ جلد ١ (٢) تفسير مظهري ص ٢٦٦ جلد ١
(٣) تفسير فتح القدير ص ٢٣١ جلد ١ تفسير ابن ڪثير ص ٢٦٦ جلد ١

ابوحنيفه عليه الرّحمة وٽ ان ۾ ڪفارت نہ آهي. ٽيون قسم آهي منعقده ان جي معنيٰ آهي تہ قصد ۽ ارادي سان قسم کڻي تہ مان هيءُ ڪم ڪندس يا نہ ڪندس پوءِ جيڪڏهن قسم پورو نہ ڪيائين تہ ان تي ڪفارت لازم آهي. (١) آخر ۾ آيو آهي تہ الله بخشيندڙ، بردبار آهي جيڪو ٻانهن جي گناهن کي بخشي ٿو ۽ انهن کي تڪڙي سزا نہ ٿو ڏي ۽ طاقت کان مٿي انهن کي تڪليف نٿو ڏي.

لِلَّذِيْنَ يُؤْلُوْنَ مِنْ نِّسَآءِهِمْ تَرَبُّصُ اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ

انهن لاءِ جو قسم ٿا کڻن پنهنجين زالن سان ترسڻ آهي چار مهينا پوءِ جيڪڏهن

فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢٦﴾ وَاِنْ عَزَمُوا

موٽيا تہ پوءِ بيشڪ الله بخشيندڙ، مهربان آهي ۽ جيڪڏهن پڪو ارادو ڪيائون

الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٢٧﴾

طلاق جو پوءِ بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اسلام کان اڳ ۾ عرب ۽ ٻيءَ ساري دنيا ۾ عورتن، ٻارن ۽ جانورن تي طرحين طرحين جي ظلمن کي اهڙو رواج مليل هو جنهن جو بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. هندستان ۾ مڙس جي مرڻ کان پوءِ زال ٻيو مڙس ڪري نہ سگهندي هئي. بلڪ ان کي جيئري خلايو ويندو هو. ڌيئرن کي ٻئي جو ورثو قطعًا نہ ملندو هو. جانورن کي ٻہ ٻہ مهينا کهڻ ۾ لڳائيندا هئا هڪ ڄنگهہ اڄ وڍي کاڌائون تہ انن ڏينهن کان پوءِ وري ٻي ڄنگهہ وڍي کائيندا هئا اهڙيءَ طرح ٿورو ٿورو ڪٽيندا ويندا هئا ۽ ان ۾ وڏو عرصو اهو جانور ايذاءُ برداشت ڪندو رهندو هو.

(١) معارف القرآن ص ٤٩١ جلد ١

جيئريون نياڻيون ڪڏون ڪٽي پورينديا هئا اهي سڀ غلط ڪم الله تعاليٰ پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي موڪلي ان تي قرآن پاڪ نازل ڪري ختم ڪرايا. انهن ظلمن مان هڪڙو ظلم هيءَ به هو جو ڪو مڙس پنهنجي زال کان پئسا گهرندو هو. جيڪڏهن اها مسڪين پئسا نه ڏئي سگهندي هئي ته اهو قسم کڻندو هو ته مان به يا چار سال ان کي نه ويجهو ويندس ۽ نه ڳالهائيندس. ان غريب عورت کي بيڪسيءَ جي حالت ۾ پريشان رکندو هو نه اها گهر ۾ آرام حاصل ڪري سگهندي هئي ۽ نه ٻيو مڙس ڪري سگهندي هئي. انگ پيٽ نه ملڻ جي ڪري يا مائٽن تي بار هوندي هئي يا مزدوري ڪندي هئي يا پنندي هئي. ان کي ايلاءُ سڏيندا هئا ايلاءَ جي معنيٰ آهي قسم کڻڻ. يعني ڪنهن جي حق مارڻ جو قسم کڻڻ (١) ان قسم کي الله تعاليٰ پسند نٿو فرمائي ڇو ته ان ۾ زال، مڙس جي محبت ۾ هڪ ٻئي تي رحم ڪرڻ جو سلسلو ختم ٿي ٿو وڃي ۽ ڪيترا فساد ٿين ٿا. هتي شرعي لحاظ سان ايلاءَ ۾ چار مهينا انتظار ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن چئن مهينن جي اندر مڙس پنهنجو قسم ٽوڙيو ته اها زال سندس نڪاح ۾ آهي ۽ قسم ٽوڙڻ جي ڪفارت ڏيندو پر جيڪڏهن چئن مهينن ۾ قسم نه ٽوڙيائين ته ان جو نڪاح ختم ٿي ويندو ۽ عورت کي حق آهي ته اها ڪنهن ٻئي مڙس سان نڪاح ڪري. ائين شرعي اجازت نه آهي جو مڙس ان ڏانهن نه اچي ۽ اها سندس نڪاح ۾ قائم رهي. ها جيڪڏهن نڪاح ٽٽڻ کان پوءِ به ان ساڳئي مڙس سان راضي ٿي نئون نڪاح ڪري ته جائز آهي.

وَالْمُطَلَّقَاتُ يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلَاثَةَ قُرُوْٓءٍ

۽ طلاق ڏنلون (زالون) انتظار ڪرائن پاڻ کي. ٽي حيض ۽ نه ٿو

وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ

حلال ٿئي انهن لاءِ ته لڪائن جيڪي پيدا ڪيو الله انهن جي ڳيرڻ

(١) تفسير نعيمي ص ۴۲۲ جلد ۲

اَرۡحَامِهِنَّ اِنۡ كُنَّ يُؤۡمِنَّ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ

۾ جيڪڏهن ايمان آڻن الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ سندن مڙس وڌيڪ

وَبُعُوۡلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ اِنۡ اَرَادُوۡۤا

حقدار آهن سندن موٽائڻ جا ان (مدت) ۾ جيڪڏهن ارادو ڪن سڌاري جو.

اِصۡلَاحًا ؕ وَلَهُنَّ مِثۡلُ الَّذِىۡ عَلَيۡهِنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ۖ

۽ انهن (زالن) لاءِ اهڙائي (حق) آهن جهڙا انهن تي (مڙسن جا حق آهن) چڱائيءَ سان

وَلِلرِّجَالِ عَلَيۡهِنَّ دَرَجَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿٢٢٨﴾ ع ٢٨ ١٢

۽ مردن کي انهن تي فضيلت آهي ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي.

تفسير

جيئن نڪاح ڪرڻ سان عورت مڙس تي حلال ٿئي ٿي ۽ ان جي حڪم ۾ رهي ٿي تيئن اختلاف جي صورت ۾ طلاق ڏيڻ سان زال مڙس کان جدا ٿي وڃي ٿي پر هتي اهو ٻڌايو ويو آهي ته طلاق ملڻ سان زال هڪدم ٻيو مڙس نه ٿي ڪري سگهي جيئن يهودين جو قاعدو هوندو هو. بلڪ ان لاءِ حڪم آهي ته ٽن حيضن گذرڻ جو انتظار ڪري. جيڪي غالبًا ٽن مهينن ۾ پورا ٿيندا آهن. ان انتظار جي وقت کي شرعي اصطلاح ۾ عدت سڏيندا آهن. ان ۾ ڪئين مصلحتون آهن. جيڪڏهن عورت کي پيٽ ۾ ٻار ٿيڻ جو شڪ آهي ته ٽن مهينن تائين ظاهر ٿي پوندو ۽ ٿي سگهي ٿو ان ٻار جا حقوق محفوظ ٿي پوندا نه ته شڪ ٿي پوندو ته اهو پهرئين مڙس مان آهي يا ٻئي مان. ان کان سواءِ طلاق جي اهميت به ظاهر ٿيندي ته طلاق ڪا هلڪي شيءِ نه آهي جو هرڪو هر هر

پيو طلاق ڏي، پر ڄاڻ گهرجي تہ هيءَ عدت ان عورت لاءِ آهي جنهن سان مڙس گڏ ٿيو آهي ۽ رجوع ڪرڻ بہ تڏهن جائز آهي جڏهن طلاق مغلظ نہ هجي. جنهن جو بيان اڳتي ايندو. اڳتي ارشاد ٿيو تہ عورت پنهنجي پيٽ واري ٻار کي ٻئي مڙس ڪرڻ جي شوق ۾ نہ لڪائي. جيڪڏهن ايمان واري آهي تہ سچ ڳالهائي جيڪو معاملو آهي صاف صاف بيان ڪري ۽ مڙسن کي اختيار آهي جيڪڏهن اهي اصلاح ۽ گهرن جي آباد ڪرڻ جي نيت سان پنهنجين طلاق ڏنلن زالن کي گهرن ۾ وري نڪاح يا رجوع ڪري ويهارين تہ ويهاري سگهن ٿا بشرطيڪ طلاق مغلظ نہ هجي. ”وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ“ ۽ انهن عورتن جا بہ اهڙا ئي حق آهن جهڙا انهن تي (مردن جا) حق آهن. هن حصي ۾ عورتن جي حقوق جو بيان آهي. غور ڪرڻ گهرجي تہ دنيا ۾ ٻہ شيون اهڙيون آهن جن جو جهان جي بقا، تعمير ۽ ترقيءَ ۾ بنياد جو درجو آهي. ١- هڪ عورت. ٢- ٻي دولت. پر ٻئي پاسي جيڪڏهن ڏنو ٿو وڃي تہ دنيا ۾ فساد، خونريزيءَ ۽ طرح طرح جي فتنن جو سبب بہ اهي ٻہ شيون آهن. اهي ٻئي دنيا جي ترقيءَ ۽ رونق جو ذريعو آهن پر تڏهن جڏهن انهن کي سندن اصلي مقام تي رکيو وڃي. پر جيڪڏهن انهن کي هيڏي هوڏي ڪيو ويو تہ پوءِ دنيا ۾ سڀ کان وڏو زلزلو بہ اهي ئي بڻجنديون آهن. قرآن پاڪ انسان کي جيڪو زندگيءَ جو نظام ڏنو آهي ان ۾ انهن ٻنهي شين کي سندن اصلي مقام تي اهڙو رکيو ويو آهي جو انهن مان فائدا گهڻا حاصل ٿين ۽ فتني ۽ فساد جو نالو ۽ نشان نہ رهي هتي جڏهن تہ عورت جي حقوق جو بيان آهي ان جي ڪري انهيءَ کي لکجي ٿو. عورتن جا حق بہ مردن وانگر آهن مگر مردن جو درجو عورتن کان مٿي آهي پر اهو بہ صرف دنياوي زندگيءَ ۾. باقي اخروي لحاظ سان ۽ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لحاظ سان تہ سڄو معاملو ايمان ۽ صالح عمل سان ٻڌل آهي. اتي درجات جي بلندي، ترقي ۽ تنزل ايمان ۽ صالح عمل سان وابستہ آهي. اتي تہ بعض عورتون پنهنجيءَ اطاعت ۽ عبادت جي ڪري گهڻن مردن کان فائق ۽ بلند هونديون. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ هڪ جاءِ تي ارشاد فرمايو آهي تہ ”وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصَّالِحَاتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً“ يعني جيڪو صالح عمل ڪندو مرد هجي يا عورت ۽ اهو ايمان وارو آهي تہ ان کي پاڪيزه حياتي عطا ڪنداسين.

* سوال *

متئين آيت ۾ "ولهن" سان اول عورتن جي حقوق جو ذڪر آيو آهي مردن جي حقن جو ذڪر پوءِ ڇو آيو؟

* جواب *

ٻن وجهن جي ڪري ١- هڪ ته مرد پنهنجيءَ قوت ۽ خداداد بلنديءَ ۽ تفوق جي بنا تي عورت کان پنهنجا حق وصول ڪري سگهي ٿو. فڪر عورتن جي حقوق جو ڪرڻ گهرجي جو اهي زبردستيءَ پنهنجا حق وصول ڪري نه ٿيون سگهن. ٢- ٻيو ته ان ۾ اهو اشارو ڏنو ويو آهي ته مردن کي عورتن جي حقن ادا ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ گهرجي.

* توجه جي قابل هڪ نڪتو *

هت مثل جو لفظ آيو آهي ان مان ٻنهي جي حقن جي مثليت ۽ برابريءَ جو ارشاد ملي ٿو. پر ان جو مطلب اهو اصل نه آهي ته جهڙا ڪم مرد ڪري عورت به اهڙا ڪم ڪري مرد ۽ عورت جا ڪم فطرتًا جدا جدا آهن. بلڪ مراد هيءَ آهي ته ٻنهي جا حق ادا ڪرڻ ۾ هڪجهڙا واجب آهن. انهن جي نه ادا ڪرڻ يا ادا ڪرڻ ۾ سستي ڏيکارڻ جي سزا به هڪجهڙي آهي. قرآن پاڪ جو هيءُ اعجاز آهي ان هڪ مختصر ۽ ننڍي جملي ۾ حقن ۽ فرضن جي پوري دفتر کي آڻي ڇڏيو آهي. ڇو ته آيت جي مفهوم ۾ عورت جا سيئي حق مرد تي ۽ مرد جا سيئي حق عورت تي داخل آهن. آخر ۾ "بالمعروف" لفظ آڻي پيش ايندڙ سڀني جهيڙن جو خاتمو ڪيو ويو آهي ته حقن جي ادائيگي معروف طريقي سان ڪئي وڃي ڇو ته معروف جي معنيٰ آهي شرعًا به منع نه هجي ۽ عام عادت ۽ عرف جي لحاظ سان به ان ۾ ڪو تشدد يا زيادتي نه هجي. زال ۽ مڙس جي حقن ۾ عرف عام ۽ رواج کي به ڏسڻ گهرجي. "وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ" جي معنيٰ ۽ مطلب بيان ڪندي حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي ته مردن کي الله تعاليٰ عورتن جي

مقابلي ۾ وڏو درجو عطا ڪيو آهي ان جي ڪري انهن کي زياده تحمل ڪرڻ گهرجي. صبر ۽ برداشت کان ڪم وٺندي عورتن جي حقن ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ نه کپي.

* عورتن کي اسلام وڏا حق ڏنا آهن *

اسلام کان اڳ ۾ جاهليت جي دور ۾ سڄي دنيا جي قومن ۾ عورت جي حيثيت گهريلو ڪمن ۾ استعمال ٿيندڙ شين کان زياده نه هئي. انهن کي چوپاين وانگر سمجهيو ويندو هو. انهن کي ڪنهن به ڳالهه ۾ ڪو اختيار نه هو انهن کي پنهنجن مائٽن جي ملڪيت مان ڪو به ورثو نه ملندو هو. اهي مردن جي ملڪيت سمجهيون ويندڙيون هيون ۽ جيڪي شيون انهن جي ملڪيت ۾ هونديون هيون اهي به پنهنجن مڙسن جي اجازت کان سواءِ استعمال ڪري نه سگهنديون هيون. ها انهن جا مڙس اها شيءِ سندن پڇڻ کان سواءِ استعمال ڪري سگهندا هئا. ايترو ظلم هو جو يورپ جي ڪن ملڪن ۾ جيڪي هاڻي سڀني کان زياده متمدن سمجهيا وڃن ٿا. عورت کي انسان ئي نه سمجهندا هئا. عورتن لاءِ دين، مذهب ۾ ڪو حصو نه هو انهن کي نه عبادت جو لائق سمجهندا هئا نه جنت ۾ وڃڻ جو حقدار. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ عورت کي قتل ڪري ڇڏيو ته نه ان تي قصاص هوندو هو نه خون بها. ڪيترن علائقن ۾ جيڪڏهن مڙس مري ويندو هو ته ان جي جيئري زال کي باهه ۾ ساڙي ان سان گڏ پوري ڇڏيندا هئا. المقصد ته پوري دنيا ۾ رهندڙ قومن ۽ مذهبن عورت سان اهڙو رويو اختيار ڪيو هو جو ٻڌي بدن جا وار ڪانڊارجي وڃن ٿا. انهن ويچارين لاءِ نه ڪٿي عقل کان ڪم ورتو ويندو هو نه عدل ۽ انصاف سان. قربان وڃون رحمة للعالمين صلي الله عليه وسلم جي ذات و صفات تان ۽ سندن آندل سچي دين تان جنهن دنيا جون اکيون کوليون ۽ انسان کي انسان جو قدر سيکاريو. عدل ۽ انصاف قائم ڪيو عورتن جا مردن تي ۽ مردن جا عورتن تي حق لازم ڪيا. عورتن کي آزادي ڏيندي پنهنجيءَ جان ۽ مال جو مالڪ بنايو ڪو به شخص پلي پيءُ، يا ڏاڏو هجي بالغ عورت جو نڪاح ان جي اجازت کان سواءِ نه ٿو ڪري سگهي نه ان کي مجبور ٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن عورت جو ان جي پڇڻ کان سواءِ نڪاح ڪيو ويو ته اهو ان جي

رضامنديءَ تي موقوف آهي قبول ڪري تہ صحيح آهي قبول نہ ڪري تہ نڪاح ٽيندو ئي ڪونہ. ان جي مال ۾ ان جو مڙس بہ موڪل کان سواءِ تصرف ڪري نہ ٿو سگھي. مڙس جي طلاق ڏيڻ يا مرڻ کان پوءِ بہ اها مرضيءَ واري آهي تہ ٻيو مڙس ڪري يا نہ ڪري. پنهنجن مائٽن جي ملڪيت ۾ انهن جي مرڻ کان پوءِ وارث ٿي سگھي ٿي. ان تي خرچ ڪرڻ ۽ ان کي راضي رکڻ کي محمدي شريعت علىٰ صاحبها الصلوٰة والسلام عبادت ۾ شمار ڪيو آهي. مڙس جيڪڏهن ان جا ضروري حق ادا نہ ڪري تہ اها اسلامي عدالت جي ذريعي ان کان پنهنجا حق وٺي سگھي ٿي نہ تہ طلاق تي مجبور ڪرائي سگھي ٿي. پر ان سان گڏ اسلام ان کي ڪليءَ مهار ڇڏڻ ۽ مڙسن جي نگرانيءَ کان آزاد رهڻ کان بہ منع ڪئي. ڇو تہ ان ۾ بي حيائي، فحاشي عام ٿيندي. دنيا جهڙن ۽ فسادن سان ڀرجي ويندي.

اَلطَّلَاقُ مَرَّتَانِ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ تَسْرِيْحٌۢ

طلاق ٻہ ڀيرا آهي پوءِ روڪڻ آهي چڱائيءَ سان يا ڇڏڻ آهي مهربانيءَ سان. ۽ نہ

بِاِحْسَانٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ

ٿو حلال ٿئي اوهان لاءِ جو وٺو ان مان جو ڏني اوهان انهن کي ڪا شيءِ مگر جي

اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَيْئًا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ

ڊڄن ٻئي تہ نہ قائم ڪري سگھندا حدون الله جون پوءِ جيڪڏهن ڊڄو ٿا تہ نہ قائم

اللّٰهِ ؕ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ

ڪري سگھندا حدون الله جون پوءِ ناهي گناه انهن ٻنهي تي ان ۾ جو فديو ڏي

عَلَيْهِمَا فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا

(عورت) ان سان اهي حدون الله جون آهن پوءِ نہ اڳتي

تَعۡتَدُوۡهَا ۚ وَمَنۡ يَّتَعَدَّ حُدُوۡدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ

وڌو انهن کان ۽ جيڪي اڳتي وڌن ٿا حدن الله جي کان پوءِ اهي ئي

الظّٰلِمُوۡنَ ﴿٢٢٩﴾ فَاِنۡ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنۡۢ

ظالم آهن پوءِ جيڪڏهن (ٽين) طلاق ڏنائين ان کي ته پوءِ نه ٿي حلال ٿئي ان لاءِ تانجو نڪاح

بَعۡدُ حَتّٰى تَنۡكِحَ زَوۡجًا غَيۡرَهٗ ؕ فَاِنۡ طَلَّقَهَا فَلَا

ڪري (ٻئي) مڙس سان ان کان سواءِ پوءِ جيڪڏهن طلاق ڏنائين ان کي (ٻئي مڙس) پوءِ ناهي گناهه

جُنَاحَ عَلَيۡهِمَآ اَنۡ يَّتَرَاجَعَآ اِنۡ ظَنَّآ اَنۡ يُّقِيۡمَا

انهن ٻنهي تي جو موٽي (وري نڪاح ڪن) جيڪڏهن خيال ٿا ڪن ته قائم

حُدُوۡدَ اللّٰهِ ؕ وَتِلۡكَ حُدُوۡدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوۡمٍ

ڪندا حدون الله جون ۽ اهي الله جون حدون آهن بيان ٿو ڪري انهن کي انهن

يَّعۡلَمُوۡنَ ﴿٢٣٠﴾

ماڻهن لاءِ جو ڄاڻن ٿا

تفسير

نڪاح ۽ طلاق جا احڪام پوري قرآن ڪريم ۾ گهڻين آيتن ۾ اچن ٿا پر هي ٻه ٽي آيتون جيڪي هتي ذڪر ڪيون ويون آهن طلاق جي معاملي ۾ اهم قانونن جي حيثيت رکن ٿيون. انهن کي سمجهڻ جي لاءِ پهريان نڪاح جي شرعي حيثيت کي ڄاڻڻ ضروري آهي.

* نڪاح ۽ طلاق جي شرعي حيثيت ۽ حڪيمانہ نظام *

نڪاح جي هڪڙي حيثيت تہ هڪ ٻئي سان معاملي ۽ معاهدي جي آهي جيئن وڪڻڻ، وٺڻ جا معاملا هوندا آهن. ٻي حيثيت سان هڪ سنت ۽ عبادت آهي ان ڳالهہ تي پوري امت جو اتفاق آهي تہ نڪاح عام معاملات ۽ معاهدن کان مٿي هڪ حيثيت، عبادت ۽ سنت جي رکي ٿو ان جي ڪري امت جي اجماع سان نڪاح جي منعقد ٿيڻ لاءِ ڪجهہ اهڙا ضروري شرط آهن جيڪي عام معاملات ۾ نہ هوندا آهن. هڪ شرط هيءُ آهي تہ هر عورت ۽ مرد سان نڪاح نہ ٿو ٿي سگهي ان لاءِ شريعت جو هڪ مستقل قانون آهي جنهن جي ڪري ڪيترن مردن ۽ عورتن جو هڪ ٻئي سان نڪاح نہ ٿو ٿي سگهي. ٻيو تہ ڪيترن معاملات ۽ معاهدات جي منعقد ٿيڻ ۽ مڪمل هجڻ لاءِ ڪابہ شاهدي ضروري نہ آهي. شاهديءَ جي ضرورت ان وقت پوندي آهي جڏهن انهن ڌرين ۾ اختلاف پيدا ٿئي. پر نڪاح جي منعقد ٿيڻ لاءِ شرط آهي تہ شاهد ضرور هجن. جيڪڏهن مرد ۽ عورت پاڻ ۾ نڪاح ڪن ۽ ٻنهي ۾ ڪو اختلاف نہ بہ ٿو ٿئي پر ان وقت بہ اهو نڪاح شرعي لحاظ سان باطل آهي. ڄڻ نڪاح ٿيو ئي نہ آهي. ۽ سنت آهي تہ نڪاح جو عام اعلان ڪيو وڃي.

* طلاق جي حيثيت *

طلاق جو مقصد نڪاح واري معاملي ۽ معاهدي کي ختم ڪرڻ آهي پر اهو بہ عام معاملن وانگرنہ آهي ان لاءِ بہ حڪمت وارو قانون ٺهيل آهي جنهن جو بيان هنن آيتن ۾ آهي. اسلامي تعليمات جي اصل تقاضا تہ اها آهي تہ نڪاح سڄي عمر قائم رهي ۽ ختم ڪرڻ جي نوبت نہ اچي ڇو تہ ان جو اثر صرف ٻنهي ڌرين تي نہ پر نسل ۽ اولاد جي تباهيءَ بلڪ ڪڏهن تہ خاندان ۽ قبيلن تائين فساد پکڙجي ٿو ۽ پورو معاشرو ان کان متاثر ٿئي ٿو ان جي ڪري جيڪي معاملا ۽ اسباب نڪاح جي ٽوڙڻ جو سبب ٿا بنجن قرآن ۽ سنت جي تعليمات

انهن سببن کي هنائڻ جو انتظام ڪيو آهي. زال مڙس جي هر معاملي ۾ هر حال جي لاءِ جيڪي هدايتون قرآن ۽ سنت ۾ ذڪر ڪيل آهن انهن سڀني جو مقصد اهو آهي ته هيءُ تعلق هميشه زياده کان زياده مستحڪم ۽ مضبوط رهي پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون حالتون پيش اچن ٿيون جو اهي سڀئي ڪوششون ناڪام وينديون آهن ۽ نڪاح جي فائدن حاصل ڪرڻ جي بجاءِ اختلافن جي ڪري ٻنهي جي زندگي عذاب بنجي ويندي آهي. اهڙيَ حالت ۾ ان زال مڙس واري تعلق کي ختم ڪرڻ ئي ٻنهي لاءِ راحت ۽ سلامتيءَ جو رستو هوندو آهي. ان جي ڪري اسلامي شريعت ٻين مذهن وانگر نه ڪيو ته هرو ڀرو نڪاح قائم رهي بلڪ طلاق ۽ نڪاح ٽوڙڻ جو قانون ٺاهيو آهي. پر طلاق ڏيڻ جو حق صرف مڙس کي ڏنو آهي جنهن ۾ عادتًا فڪر، تدبر، ۽ تحمل جو مادو عورت کان وڌيڪ هوندو آهي عورت کي طلاق ڏيڻ جو پاور نه ڏنو ويو آهي تانت وقتي تاثرات کان مغلوب ٿي طلاق نه ڏئي ويهي ۽ عورت کي ان حق کان صفا محروم به نه ڪيو ويو آهي ان کي حق آهي ته شرعي حاڪم جي عدالت ۾ پنهنجو معاملو پيش ڪري ۽ شڪايتن جو ثبوت ڏئي نڪاح ٽوڙائي. مٿين آيتن ۾ طلاق جي نظام جو ذڪر آهي ۽ حڪم آهي ته "اَلطَّلَاقُ مَرَّتَانِ" (طلاق ٻه ڀيرا آهي) پر ان ۾ ايتري لچڪ آهي جو انهن ٻن ڀيرن سان صفا حرام نه ٿيندي عدت جي مدت اندر رجوع ڪري نڪاح محفوظ نه ٿو رکي ته نڪاح ختم ٿي ويندو. جيئن فرمان ايزدي آهي "فَاِمۡسَاكٌۢ بِمَعۡرُوۡفٍ اَوۡ تَسۡرِيۡحٌۢ بِاِحۡسَانٍ" يعني يا شرعي قاعدي جي موافق رجعت ڪري زال کي پنهنجي نڪاح ۾ رکي يا ان کي خوش اسلوبيءَ سان عدت پوري ڪرڻ ڏي تانت اها آزاد ٿي وڃي. اجان ٽينَ طلاق جو ذڪر نه آيو ته وچ ۾ هڪ ٻيو مسئلو بيان ڪيو ويو. اهو هيءُ آهي ته بعض ظالم مڙس زالن کي رکڻ به نه گهرندا آهن نه انهن جي حقن جو فڪر ڪندا آهن نه طلاق ڏيندا آهن نيٺ زال تنگ ٿيندي آهي هي ان جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي طلاق ڏيڻ لاءِ ان کان ڪجهه مال يا گهٽ ۾ گهٽ مهر جي معافي يا ڏنل مهر جي واپسيءَ جو مطالبو ڪندا آهن. قرآن ڪريم ان کي حرام قرار ڏيندي فرمايو ته "وَلَا يَحِلُّ لَكُمۡ" يعني اوهان لاءِ حلال نه آهي جو طلاق جي بدلي ۾ انهن کان ڏنل مال واپس وٺو. ها هڪ صورت ۾ ڏنل مال وٺڻ جائز آهي جو عورت ۽ مرد ٻئي سمجهن ته اهي هڪ ٻئي جا حق ادا نه

ڪري سگهندا تہ پوءِ عورت اهو ورتل مال واپس ڏئي يا مهر معاف ڪري آزاد ٿي سگهي ٿي اهو مسئلو وچ ۾ آٽي وري ٽين طلاق جو ذڪر هن طرح ڪيو ويو آهي "فَإِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهُ مِنْ بَعْدُ حَتَّىٰ تَنْكِحَ زَوْجًا غَيْرَهُ" يعني جيڪڏهن ان مڙس ذڪرڪيل ٻن طلاقن کان پوءِ ٽين طلاق بہ ڏني تہ هاڻي نڪاح جو معاملو بلڪل ختم ٿي ويو ان مڙس کي رجعت جو ڪو بہ اختيار نہ رهيو ۽ جڏهن تہ ان شرعي حدن کان تجاوز ڪيو ۽ ٽين طلاق بہ ڏئي ڇڏي تہ هاڻي ان لاءِ سزا هيءَ آهي تہ پلي زال ۽ مڙس راضي ٿي وڃن تڏهن بہ نہ رجعت ٿا ڪري سگهن نہ نئون نڪاح ڪم جو ائن. هاڻي انهن جي ٻئي ڀيري نڪاح لاءِ شرط هيءَ آهي تہ اها عورت طلاق جي عدت پوري ڪري ڪنهن ٻئي مڙس سان نڪاح ڪري ۽ اهو ان سان جماع ڪري گڏ رهي پوءِ جيڪڏهن اتفاق سان اهو ٻيو مڙس بہ هن کي طلاق ڏي يا مري وڃي تہ ان جي عدت پوري ڪرڻ کان پوءِ پهرئين مڙس سان نڪاح ڪري سگهي ٿي.

وَإِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَاءَ فَبَلَغْنَ أَجَلَهُنَّ فَأَمْسِكُوهُنَّ

۽ جڏهن طلاق ڏيو عورتن کي پوءِ پوروڪن مدو پنهنجو پوءِ جهليو انهن کي

بِمَعْرُوفٍ أَوْ سَرِّحُوهُنَّ بِمَعْرُوفٍ ۚ وَلَا تُمْسِكُوهُنَّ

چڱائيءَ سان يا ڇڏيو انهن کي چڱائيءَ سان ۽ نہ جهليو انهن کي نقصان ڏيڻ لاءِ

ضِرَارًا لِتَعْتَدُوا ۚ وَمَنْ يَفْعَلْ ذَٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ

تانت زيادتي ڪيو ۽ جيڪو ڪندو هارُ (زيادتي) پوءِ بيشڪ ظلم ڪيائين

نَفْسَهُ ۚ وَلَا تَتَّخِذُوا آيَاتِ اللَّهِ هُزُوًا ۚ وَاذْكُرُوا

پاڻ تي ۽ نہ وٺو آيتن الله جي کي مذاق ڪري ۽ ياد ڪيو الله جي

نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ

نعمت (جيڪا) اوهان تي آهي ۽ (يادڪيو) جيڪو لاٿائين اوهان تي

الْكِتٰبِ وَالْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ۗ وَاتَّقُوا اللّٰهَ

ڪتاب ۽ حڪمت نصيحت ٿو ڪري اوهان کي ان سان ۽ ڊڄو الله کان

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٣١﴾ وَاِذَا

۽ يقين ڄاڻو تہ بيشڪ الله هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي ۽ جڏهن طلاق ڏيو

طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ

زالن کي پوءِ پورو ڪن مدو پنهنجو پوءِ نہ روڪيو انهن کي (هن ڳالهہ کان)

يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ

جو نڪاح ڪن پنهنجن مڙسن سان جڏهن راضي ٿيا پاڻ ۾

بِالْمَعْرُوْفِ ۗ ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ

چڱائيءَ سان اها نصيحت ڪيو ٿو وڃي ان سان اوهان مان اهو جنهن ايمان

يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۗ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ

آندو الله تي ۽ قيامت تي اهو وڌيڪ صاف آهي اوهان لاءِ ۽

وَاَطْهَرُ ۗ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٢﴾

وڌيڪ پاڪ ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نہ ٿا ڄاڻو

تفسير

هت رجعي طلاق جو بيان آهي جنهن ۾ مڙس رجوع ڪري اها زال پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو. مقصد ته جيستائين اوهان ٽي پيرا طلاق نه ڏني آهي ان وقت تائين اوهان کي اختيار آهي. وڌيڪ ته رجوع ڪري پنهنجو گهر آباد ڪيو ۽ ان سان سهڻي سلوڪ سان هلو. ۽ جيڪڏهن اها اوهان کي نه ٿي وڻي ۽ اوهان جو رجوع جو ارادو نه آهي ته پوءِ ان کي آرام سان جدا ڪري ڇڏيو. جيڪا به صورت اختيار ڪيو چڱائيءَ جي نيت سان ڪيو. عورت کي تنگ ڪرڻ يا نقصان ڏيڻ لاءِ نه سوچيو ۽ جيڪو ان کي تنگ ڪرڻ يا ايذائڻ جي ڪوشش ڪندو ان جي گهرو زندگي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي سوچيندو ۽ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل قانونن تي عمل ڪرڻ ۾ تاويل ڪان ڪم وٺڻ شروع ڪندو ته ان جو اهو گناهه ۽ جرم نظر انداز نه ٿي سگهندو ڇو ته ان الله تعاليٰ جي فرمانن سان مذاق ڪئي آهي اهو وڏو گناهه آهي ان جي سزا ان کي ملندي. ان ڪان پوءِ حڪم آهي ته اوهان الله جي نعمت کي به ياد ڪيو ۽ ان ڪتاب (قرآن ڪريم) ۽ حڪمت کي به نه وساريو. الله تعاليٰ اوهان کي اها نصيحت ٿو ڪري ان جو هميشه خيال رکو ان جي احسانن جو شڪر ڪندا رهو. الله ڪان ڊڄندا به رهو. بي خوف ٿي نه هلو ڇوته اهو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي ان ڪان اوهان جو ڪوبه گناهه لڪل نه آهي. پلا جيڪڏهن طلاق ڏنل عورت عدت پوري ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي ساڳئي مڙس سان نڪاح ڪرڻ گهري ۽ مڙس به ان ڳالهه تي راضي آهي ته جيڪي ان جا وارث آهيو سي ان کي منع نه ڪيو. ان طلاق ڏنل عورت جا وارث طلاق ڏيڻ جي ڪري ڪاوڙ ۾ ان عورت کي اهو ساڳئو مڙس ڪرڻ نه ڏيندا آهن پر الله تعاليٰ حڪم ڪيو ته وارث منع نه ڪن جيڪڏهن اها عورت ساڳئو مڙس قبول ٿي ڪري ته ان ۾ ڀلائي آهي ۽ ان ۾ صفائي ۽ پاڪائي به آهي جيڪي ٻار ڇاول هوندا آهن انهن جي به ڀلائي ان ۾ آهي. حضرت معقل بن يسار رضي الله تعاليٰ عنه ڪان روايت آهي ته مون وٽ ڀيڻ هئي منهنجو سوٽ آيو ۽ مون ڪان اها گهريائين مون پنهنجي ڀيڻ جو سوٽ سان نڪاح ڪرائي پرڻائي ڏني ۽ اها ان وٽ هئي ڪجهه وقت ڪان پوءِ منهنجي سوٽ

منهنجي ڀيڻ کي طلاق ڏني ۽ ان جي عدت گذرڻ تائين رجعت بہ نہ ڪيائين پر ڪجھہ وقت کان پوءِ ٻنهي هڪ ٻئي جي خواهش ڏيکاري ۽ سوٽ مون کان وري اچي گهر ڪئي مون ان کي چيو تہ اي ملامت جا لائق. مون تنهنجي عزت ڪري پنهنجي ڀيڻ توکي ڏني پر تو ان کي هرو ڀرو طلاق ڏئي ڇڏي ۽ هاڻي وري گهرڻ آيو آهين؟ الله جو قسم آهي تہ هاڻي اها توڏي نہ موٽندي. اهو اهڙو مڙس نہ هو جو ان کي ڪا وڏي اهميت ڏني وڃي پر منهنجي ڀيڻ کي ان ڏانهن موٽڻ جو ارادو هو الله تعاليٰ کي ٻنهي جي حالت جو علم هو ان اها آيت سڳوري نازل فرمائي ۽ مون اها آيت ٻڌي، پنهنجي قسم جي ڪفارت ڏئي انهن ٻنهي کي نڪاح ڪرڻ جي موڪل ڏني. هڪ روايت ۾ آهي تہ اها آيت ٻڌي حضرت معقل رضي الله عنه فرمايو تہ "اَرْغَمُ اُنْفِيْ وَاُزَوِّجُ اُخْتِيْ وَاُطِيْعُ رَبِّيْ" (١) پنهنجي منهن ۾ مٽي وجهي ڀيڻ جي شادي ٿو ڪرايان ۽ پنهنجي رب جي اطاعت ٿو ڪيان.

وَالْوَالِدَاتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ

۽ مائرون کير پيارين اولاد پنهنجي کي ٻہ سال پورا (هيءَ مدت) ان لاءِ آهي جو

لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَعَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ

ارادو ڪري تہ پوري ڪري کير جي (مدت) ۽ پيءُ تي انهن جو کاڌو ۽ لباس

رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ

آهي چڱائيءَ سان نہ تڪليف ڏنو ويندو ڪو بہ شخص مگر ان جي وسعت موافق

اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌۢ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ

نہ نقصان ڏني وڃي ماءُ سببان اولاد پنهنجي ۽ نہ پيءُ سببان اولاد پنهنجي ۽

(١) تفسير المراغي ص ١٨٢ جلد ١ جزء ٢

بِوَلَدِهٖ ۚ وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا

وارث تي بہ ان جهڙي (ذميداري) آهي. پوءِ جيڪڏهن ارادو ڪيو ٻنهي ڪيـر

فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ

ڇڏائڻ جو رضامندي ۽ مشوري سان پوءِ ناهي ڪو گناھ انهن ٻنهي تي ۽

عَلَيْهِمَا ؕ وَاِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ

جيڪڏهن ارادو ڪيو تہ ڪير پيارڻيو (دائيءَ ڪان) پنهنجي اولاد ڪي تہ پوءِ ناهي

فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ

گناھ اوهان تي جڏهن ادا ڪيو جيڪي ڏيڻو ڪيو هُيُوَ چڱائيءَ

بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا

سان ۽ ڊڃو الله ڪان ۽ يقين ڄاڻو تہ بيشڪ الله جيڪي

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۳﴾

ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ ٻار ڪي ڪير پيارڻ جي متعلق بيان آهي ۽ هن آيت مان هيءُ مسئلا معلوم ٿين ٿا. ١- هڪ تہ ٻار ڪي ڪير پيارڻ ڏيڻي لحاظ سان ماءُ تي واجب آهي عذر ڪان سواءِ هرو ڀرو ضد يا ناراضپي جي ڪري ٻار ڪي ڪير نہ پياريندي تہ گنهگار ٿيندي ۽ ڪير پيارڻ جي بدلي ۾ جيڪڏهن مڙس ڪان ڪو بدلو

يا اجورو وٺندي ته به گنهگار ٿيندي ڇو ته کير پيارڻ ته مٿس فرض آهي. ٢- ٻيو ته کير پيارڻ جي مدت ٻه سال آهي جيڪڏهن کو خاص عذر مانع نه هجي ته اها مدت پوري ڪرڻ ٻار جو حق آهي هن آيت ۾ ٻن سالن جي ٻار جو ذڪر آهي مگر ٻيءَ آيت سڳوريءَ "وَحَمْلُهٗ وَفِصَالُهٗ ثَلَاثُوْنَ شَهْرًا" (١) جي بنا تي حضرت امام ابوحنيفه عليه الرحمة جن وٽ جيڪڏهن کنهن ٽيهن (٣٠) مهينن جي عمر تائين کير پيتو ته رضاع جو حڪم ثابت ٿيندو ۽ جيڪڏهن ٻار جي ڪمزوريءَ يا ٻئي عذر جي ڪري ٻار کي ايترو عرصو کير پياريو ويو ته به گناهه نه ٿيندو ها جيڪڏهن ماءُ اڍائن سالن جي عمر کان پوءِ به کير پياريندي ته اهو حرام آهي.

* هڪ نڪتو *

هن آيت جي ٻئي جملي ۾ آهي "وَعَلَي الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ" (۽ پيءُ تي انهن جو کاڌو ۽ لباس آهي چڱائيءَ سان) مٿي مائرن لاءِ "وَالْوَالِدَاتُ" آيو ۽ پيءُ جي لاءِ والوالد ڇونه آيو، حالانڪ ٻيءَ جاءِ تي پيءُ لاءِ به والد جو لفظ آيو آهي. "لَايَجْزِيْ وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ شَيْئًا" (٢)

هن آيت ۾ پيءُ جي لاءِ مولود له آيو آهي ان ۾ خاص راز هيءُ آهي، ته قرآن ڪريم کنهن به قانون کي مربيانه ۽ مشفقانه انداز سان بيان ڪندو آهي تانت انسان کي ان تي عمل ڪرڻ آسان ٿئي. هتي ٻار جو خرچ پيءُ تي رکيو ويو آهي حالانڪ اهو ٻچو ته ماءُ جو به آهي ممڪن هو ته اهو خرچ پيءُ کي ڳرو لڳي "علي المولود له" جو لفظ آڻي پيءُ کي متنبه کيو ويو ته ٻار ته ٻنهي جو آهي پر سڄو پيءُ جي نالي ۽ نسب به پيءُ کان هلندو آهي. جڏهن سڄي پيءُ جو ٿو ته خرچ به پيءُ تي آهي ۽ اهو ان کي ڳرو نه لڳڻ کپي. ٣- ٽيون هيءُ شرعي مسئلو به ثابت ٿيو ته جيتوڻيڪ ٻار کي کير پيارڻ جي ماءُ ذميدار آهي پر ماءُ جو خرچ ۽ زندگيءَ جون ٻيون ضرورتون پيءُ جي ذمي آهن ۽ اها ذميداري تيستائين آهي جيستائين اها ٻار جي ماءُ ان جي پيءُ جي نڪاح ۾ يا عدت ۾ آهي ۽ طلاق جي عدت پوري ٿيڻ کان پوءِ جيڪو مڙس تي ان عورت جي زال هجڻ جي ڪري خرچ لازم هو اهو ته ذمي ۾ نه رهيو پر ٻار کي کير پيارڻ جو

(١) سورة الاحقاف رڪوع ٢ پ٢٦ (٢) سورة لقمان رڪوع ٤ پ٢١

معاوضو ڏيڻ پيءُ جي ذمي پوءِ بہ رهندو. ۴- چوٿون هيءُ مسئلو بہ معلوم ٿيو تہ ٻار جي ماءُ کي خرچ پيءُ جي حيثيت مطابق ڏنو ويندو غريب آهي تہ غريباڻو امير آهي تہ اميراڻو. ائين نہ آهي تہ جيڪڏهن عورت کنهن مالدار گهراڻي جي آهي تہ مسڪين مڙس کان پنهنجي خاندان جي لحاظ سان اميراڻو خرچ گهري. ان کان پوءِ ٻڌايو ويو تہ جيڪڏهن ٻار جو پيءُ جيئرو نہ آهي تہ ٻار کي کير پيارڻ جو انتظام سندس وارثن کي ڪرڻو آهي.

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا

۽ جيڪي وفات ڪرايا وڃن اوهان مان ۽ ڇڏين زالون تہ انتظار ڪرائين

يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا ۚ فَاِذَا

(زالون) پاڻ کي چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن پوءِ جڏهن پهچن پنهنجيءَ (عدت جي)

بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْٓ

مدت کي پوءِ ناهي گناهہ اوهان تي ان ۾ جو ڪيائون پنهنجي حق ۾ چڱائيءَ

اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٣٤﴾

سان ۽ الله جيڪو بہ ڪيو ٿا ان جي پوريءَ طرح خبر رکندڙ

وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ

آهي ۽ ناهي گناهہ اوهان تي ان ۾ جو اشاري سان ڇڻو پيغام

مِنْ خِطْبَةِ النِّسَاۗءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ۭ عَلِمَ

نڪاح جو عورتن سان يا لڪايو پنهنجين دلين ۾ ڄاڻي ٿو الله تہ

اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَلٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ

بيشڪ اوهان جلدي يادڪندؤ انهن کي ۽ پر نہ وعدو وٺجو

سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۚ وَلَا تَعْزِمُوْا

انهن کان لڪل مگر هيئن جو چئو چوڻ سھڻو ۽ نہ پڪو ڪيو

عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ۚ

معاملو نڪاح جو تانجو پهچي عدت پنهنجي مدت کي ۽ يقين ڄاڻو تہ بيشڪ

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ

الله ڄاڻي ٿو جيڪو اوهان جي دلين ۾ آهي پوءِ ڊڄو ان کان ۽ يقين ڄاڻو تہ

فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿٢٣٥﴾ ع ٣٠ ١٤

بيشڪ الله بخشيندڙ،بردبار آهي

تفسير

هنن ٻن آيتن ۾ انهن عورتن جي عدت ۽ ٻين مسئلن جو ذڪرآهي جن جا مڙس مري ويا آهن الله تعاليٰ فرمايو تہ: جيڪي مرد مري ۽ پٺيان زالون ڇڏي وڃن تہ اهي زالون چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن عدت ۾ ويهن. ۽ عدت جي ڏينهن ۾ خوشبوءِ لڳائڻ، سينگار ڪرڻ، سرمو، تيل ۽ ضرورت کان سواءِ دوا لڳائڻ، رنگين پرڪشش ڪپڙو پائڻ درست نہ آهي ۽ نہ ٻئي مڙس سان نڪاح لاءِ سلام ڪلام ڪري ۽ ٻئي جي گهر ۾ رات رهي ۽ وفات جي عدت ۾ ويٺل عورت سان مردن کي کليءَ طرح نڪاح ۽ شاديءَ جو ذڪر ڪرڻ بہ منع آهي. ڏک ۽ غم جي انهن گهڙين ۾

جڏهن هڪ گهر اونداهه ٿي چڪو آهي ته پين کي خوشي ملهائڻ ڪيتري قدر برو فعل آهي ۽ ان مري ويل مرحوم سان ڪيتري نه زيادتي آهي جو اجان ان جو ڪفن ئي نه ڦاٽو آهي ته ان جي گهرواريءَ کي شاديءَ جا پيغام ملي رهيا آهن ها پردي ۾ راز ۾ جيڪڏهن اهڙي ارادي جو اظهار ڪيو وڃي ته ان ۾ ڪو حرج نه آهي بلڪ بهتر اهو آهي ته اها ڳالهه بالڪل دل ۾ رهي زبان تي نه اچي.

لَاجُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَالَمْ

ناهي گناهه اوهان تي جيڪڏهن طلاق ڏيو زالن کي جيستائين نه

تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۖ وَّمَتِّعُوْهُنَّ ۚ

هٿ لاتو اٿوَ انهن کي يا نه مقرر ڪيوَ انهن لاءِ مهر ۽ خرچ ڏيو انهن کي

عَلَي الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا

وسعت واري تي ان جي اندازي سان ۽ غريب تي ان جي اندازي سان خرچ ڏيڻ

بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٣٦﴾

چڱي نموني سان آهي نيڪن تي

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ ان عورت جي طلاق جو حڪم بيان ٿيو آهي جنهن سان مهر مقرر ڪرڻ کان سواءِ نڪاح ڪيو ويو آهي ۽ مڙس نه ان سان جماع ڪيو آهي ۽ نه خلوت صحيح ڪئي آهي. اهڙيءَ عورت کي طلاق ڏيڻ ۾ ڪو گناهه نه آهي پر ان کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيڻ گهرجي تانته ان جي دلجوئي ٿئي فقيهن ان مان ٽي جوڙا ڪپڙن جا مراد ورتا آهن. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته مڙس ان ۾ نه

تنگدليءَ کان کم وني ۽ نہ فضول خرچي کري بلک پنهنجي حيثيت آهر جيترو ٿي سگهي ڏي "حقا" جي لفظ مان ثابت ٿيو تہ اهو خرچ، جوڙو وغيره ڏيڻ لازم آهي.

وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ

۽ جيکڏهن طلاق ڏني اوهان انهن کي ان کان اڳي جو هٿ لايو انهن کي ۽

فَرَضْتُمْ لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ

تحقيق مقرر ڪيو انهن لاءِ مهر پوءِ اڌ ان مان جو مقرر ڪيو مگر هي جو (پاڻ)

يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَ الَّذِىْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَاَنْ

معاف ڪن يا اهو معاف ڪري جنهن جي هٿ ۾ آهي معاملو نڪاح جو ۽ اوهان

تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ؕ وَلَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ؕ

معاف ڪيو تہ وڌيڪ ويجهو آهي پرهيزگاريءَ لاءِ ۽ نہ وساريو ڀلائي ڪرڻ کي پاڻ ۾

اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٧﴾

بيشڪ الله جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي

تفسير

هن آيت ۾ وري ان عورت جو حڪم ٻڌايو ويو آهي جنهن سان نڪاح ڪرڻ وقت تہ مهر مقرر ٿيو پر جماع ۽ خلوت صحيحه کان پهريان ئي ان کي طلاق ڏني وئي تہ ان صورت ۾ مڙس مقرر ڪيل مهر جو اڌ زال کي ڏيندو پر جيڪڏهن عورت پنهنجي طرفان ان کي بخشي يا مڙس سڄو مهر ڏي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي. "اَلَّذِيْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ" مان مراد مڙس آهي. ڇو تہ نڪاح جي ڳنڍ ٻڌڻ يا ڇوڙڻ جو حق ان

كي آهي ۽ "وان تعفوا" مان مراد آهي تہ معاف ڪرڻ ۽ فراخ دليءَ جا زياده حقدار مڙس آهن انهن کي اهڙن خراب حالتن ۾ جو طلاق جي نوبت اچي وئي آهي احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي۔ قرآن ڪريم ڀنهنجن مڄڻ وارن کي هدايت ٿو ڪري تہ اهي ان بگڙيل صورت ۾ بہ سهڻي اخلاق جو مظاهرو ڪن. ۽ جيڪڏهن ٻي ڌر اوهان جي ان سهڻي سلوڪ ۽ مهربانيءَ جو اعتراف ۽ قدر نہ ڪري تہ بہ ڇا ٿيو؟ اوهان جو رب اوهان کي سڌي ڀيو اهو راضي ٿيو تہ باقي ڇا گهرجي.

حَافِظُوْا عَلَى الصَّلَوَاتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ق

حفاظت ڪيو سڀني نمازن جي ۽ (خاص ڪري) وچ واريءَ نماز جي

وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قَانِتِيْنَ ﴿٢٣٨﴾

۽ بيهو الله جي لاءِ عاجزي ڪندڙ

تفسير

الله تعاليٰ جو ذڪر اسلام جو روح آهي اهوئي اها قوت آهي جنهن سان انسان شريعت جي سڀني قانونن تي خوشيءَ سان عمل ڪري سگهي ٿو. ان جي ڪري قرآن ڪريم جو هيءُ اسلوب آهي تہ جتي احڪام ۽ قوانين جو بيان ٿيندو آهي تہ اتي الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ يادگيريءَ ڏانهن بہ رغبت ڏياريندو آهي. تانت انهن قانونن جي پابندي آسانيءَ سان ڪري سگهجي. هتي بہ گهرو معاملن، طلاق، خلع، عدت وغيره کي بيان ڪري نماز جي حفاظت ۽ پابنديءَ جو امر ڪيو ويو آهي ڇو تہ نمازئي الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ ياد جوسڀ کان اعليٰ ۽ اثرائتو طريقو آهي. نماز پڙهڻ سان جسم، روح، دل ۽ دماغ سڀئي عبادت ۾ مصروف رهندا آهن. هن آيت سڳوريءَ جي لفظن تي غور ڪري ڏسو. "حَافِظُوْا عَلَى الصَّلَوَاتِ"

فرمايو ويو. احفظوا علي الصلوات نہ چيو ويو. حالانڪ حفاظت جي معنيٰ تہ احفظو ۾ بہ آئي ٿي. وجہ هيءُ آهي تہ حافظوا محافظت کان ورتل مفاعلة جو باب آهي ۽ مفاعلت جي باب کان ورتل لفظ تي جڏهن عليٰ جو لفظ آيو تہ اتي معنيٰ آهي بار بار ۽ هميشه ڪرڻ. هتي بہ اهوئي بڌائڻ مقصود آهي تہ نماز بار بار ۽ هميشه پڙهو ائين نہ تہ هڪ ڀيرو نماز پڙهي وري اٺ ڏينهن نہ پڙهو. اسلام ۾ نماز کي وڏي اهميّت آهي قرآن پاڪ جي ڪيترين آيتن ۾ نماز جو حڪم آهي. الله تعاليٰ جي پياري رسول صلي الله عليه وسلم جن ان کي دين جو ٿنڀ سڏيو آهي "وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى" مان ڪهڙي نماز مراد آهي؟ ان ۾ مفسرن جو اختلاف آهي. ڪي فجر جي نماز ٿا چون تہ ڪي ٻپهري تہ ڪي ٽپهري(۱). علامہ قرطبيءَ عليه الرحمہ لکيو آهي تہ ان ۾ ڏهہ قول آهن (۲) پر وڏيڪ قول اهو آهي تہ ان مان مراد ٽپهري نماز آهي. حضرت عليٰ، حضرت ابن مسعود ۽ سيده عائشہ رضي الله عنها وعنهما جو اهو قول آهي. امام اعظم عليہ الرحمةَ جو بہ اهوئي مذهب آهي. "قُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ" مان مراد آهي نماز ۾ ماٺ ڪري بيهو. صحيح بخاريءَ ۽ صحيح مسلم حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنہ کان روايت ڪئي آهي تہ اسين پهريائين نماز ۾ ڳالهائيندا هئاسين، جيڪو اسان جي پاسي ۾ بيٺل هوندو هو ان سان همڪلامُ ٿيندا هئاسين، پر جڏهن مٿيان لفظ "قوموا لله قانتين" نازل ٿيا تہ نماز ۾ ماٺ ڪري بيهڻ جو حڪم مليو ۽ ڳالهائڻ بند ڪيوسين. ابن جرير مجاهد کان روايت آندي آهي تہ اسلام جي شروعات ۾ نماز پڙهندي هڪ ٻاءُ ٻئي ٻاءُ کي ڪم ڪار چوندو هو. الله تعاليٰ اها آيت نازل ڪري ان ڳالهہ ٻولهہ کان منع فرمائي. قانتين القنوت کان ورتل آهي، معنيٰ خشوع، نياز نوڙت ڪرڻ(۳)

(۱) الدر المنثور ص ۷۲۷ جلد ۱ (۲) تفسير القرطبي ص ۲۰۹ جلد ۳

(۳) تفسيرمظهري ص ۳۱۱ جلد۱

فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا فَاِذَآ اَمِنْتُمْ

پوءِ جيڪڏهن ڊڄو (دشمن کان) پوءِ پيادا يا سوار- پوءِ جڏهن امن وارا ٿيو ته

فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّالَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾

پوءِ ياد ڪيو الله کي جيئن سيکاريائين اوهان کي جيڪي نه ٿي ڄاتوَ

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ نماز جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي ته هيءَ عبادت ايتري ته ضروري آهي جو جيڪڏهن دشمن جي حملي جو خطرو آهي ته به نه ڇڏيو ۽ ضروري پڙهو پوءِ جهڙي به صورت ممڪن هجي بيٺي يا سواريءَ تي ويٺي. اوهان جي سواريءَ جو منهن ڪهڙي پاسي به هجي ته به پڙهو. پوءِ جڏهن خطرو ٽري وڃي ۽ امن جي حالت محسوس ٿئي ته نماز اهڙي طرح ٺاهي ٺاهي پڙهو جيئن الله تعاليٰ سيکاري آهي. يعني قبلي کي سامهون ٿي سيني شرطن ۽ رڪنن سان ادا ڪيو. پر افسوس آهي هن وقت جي مسلمانن تي جو اهڙي اهم فرض کي بي توجهيءَ جو شڪار بنايو اٿن. ترمذيءَ شريف ۾ آهي ته! "كَانَ اَصْحٰبُ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَايَرَوْنَ شَيْئًا مِّنَ الْاَعْمَالِ تَرْكُهٗ كُفْرٌ غَيْرَ الصَّلٰوةِ " يعني رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جا اصحابي نماز کان سواءِ ڪنهن به عمل جي ڇڏڻ کي ڪفر نه سمجهندا هئا. مقصد ته نماز ڇڏڻ کي ڪفر سمجهندا هئا.

امام احمد ۽ اصحاب السنن حضرت بريدة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته مون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته "اَلْعَهْدُ الَّذِيْ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ الصَّلٰوةُ فَمَنْ تَرَكَهَا فَقَدْ كَفَرَ" (١) يعني اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ جيڪو عهد آهي اهو نماز آهي جنهن نماز ڇڏي ان ڪفر ڪيو.

(١) تفسير المراغي ص ٢٠٢ جلد ١ جزءِ ٢

نماز جي ڇڏڻ جي ڪري ئي شهرن ۾ ڳوٺن ۾ بي حيائي ۽ بڇڙائي گهڻي ٿي آهي
شراب، رقص، فجور، جوا، حلال حرام جي تميز ڪان سواءِ مال گڏ ڪرڻ، رحمدليءَ
جو ختم ٿيڻ انهيءَ ساريءَ بيماريءَ جو علاج نماز آهي. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان
آهي ته "بيشڪ نماز بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان روڪي ٿي." نماز ڪنهن به صورت
۾ معاف نه ٿي ٿئي وڏيڪ خوف جي حالت ۾ نماز جو طريقو ڪهڙو آهي ان جو
بيان سورة النساءِ ۾ ايندو. انشاءَ الله تعاليٰ

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۖۚ وَّصِيَّةً

۽ جيڪي وفات ڪرايا وڃن اوهان مان ۽ (پوئتي) ڇڏين ٿا زالون وصيت ڪن

لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ خَرَجْنَ

پنهنجين زالن جي لاءِ خرچ ڏيڻ جي سال تائين سواءِ (گهر مان) ڪڍڻ جي، پوءِ جيڪڏهن پاڻهي نڪرن

فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ

ته پوءِ ناهي گناهه اوهان تي ان ۾ جو پاڻ ڪيائون پنهنجي معاملي ۾

مَّعْرُوْفٍ ۭ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٤٠﴾ وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌ ۢ

مناسب نموني ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي ۽ طلاق ڏنلن لاءِ دستور موجب

بِالْمَعْرُوْفِ ۭ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٤١﴾ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ

پرهيزگارن تي خرچ لازم آهي اهڙيءَ طرح الله پنهنجا ڪم اوهان لاءِ پڌرا ڪري ٿو

لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٤٢﴾

ته من اوهين سمجهو

تفسير

هن آيت مبارڪه ۾ اسلام جي ابتدا وارين ٻن ڳالهين جو بيان آهي جيڪي
پوءِ منسوخ ٿي ويون. ١- هڪ ته جنهن عورت جو مڙس مري ويندو هو ته اها عورت
مڙس جي گهر ۾ هڪ سال عدت ۾ ويهندي هئي ۽ ان سال جو سڄو خرچ ان کي مڙس
جي ملڪيت مان ڏيڻو پوندو هو. ۽ اها وصيت ڪرڻ مڙس تي لازم هوندي هئي.

پوءِ جڏهن "يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا" آيت نازل ٿي تہ پورو سال عدت ۾ ويهڻ وارو حڪم منسوخ ٿي ويو ۽ چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن عدت مقرر ٿي. ۽ جڏهن زال کي وارث ڪيو ويو تہ ورثي جي آيت سان ان جي لاءِ وصيت ڪرڻ وارو حڪم بہ منسوخ ٿي ويو مقصد تہ هيءَ آيت تلاوت جي لحاظ سان منسوخ نہ آهي باقي ان ۾ جيڪي حڪم آيل آهن اهي منسوخ آهن.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ

ڇا نہ ڏٺو تو انهن کي جو نڪتا پهنجن گهرن مان ۽ اهي هزارين

اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ثُمَّ

هئا موت جي ڊپ کان پوءِ فرمايو انهن کي الله تہ مري پئو ان کان پوءِ

اَحْيَاهُمْ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ

جيئرو ڪيائين انهن کي. بيشڪ الله ٻاجهہ ڪرڻ وارو آهي ماڻهن تي

اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۲۴۳﴾

۽ پر گهڻا ماڻهو شڪر نہ ٿا ڪن.

تفسير

علامه بغويؒ لکيو آهي تہ واسط (موجوده عراق ۾ هڪ شهر آهي) جي ويجهو داوردان نالي هڪ ڳوٺ ۾ وبا جي بيماري پئي پوءِ اتاهين ڪجهہ ماڻهو نڪري ويا ۽ ڪجهہ اتي رهي پيا. ان ڳوٺ ۾ رهيل گهڻا هلاڪ ٿي ويا ۽ جيڪي نڪري ويا هئا اهي سلامت رهيا. ان ڳوٺ مان جيڪي ٿورا بچيا هئا انهن چيو تہ جيڪڏهن اسان جا مائٽ مٽ بہ نڪري هلن ها جيئن هو هليا ويا تہ نہ مرن ها.

جيڪڏهن وري اهڙي ڪا بيماري آئي ته اسين به نڪري اهڙيءَ زمين ڏي ويندا سين جتي اها بيماري نه هوندي. الله تعاليٰ جي قدرت سان وري ٻئي سال اها بيماري آئي ۽ ان ڳوٺ جا گهڻا ماڻهو نڪري وڃي ٻيا ۽ جڏهن هڪ واديءَ ۾ پهتا ته هڪڙي ملائڪ هيٺئين طرف کان ٻئي مٿئين طرف کان سڏ ڏي چيو ته سڀ مري وڃو. ان چوڻ سان سڀ مري ويا. (١) آس پاس جي ماڻهن کي جڏهن خبر پئي ته اهي آيا پر انهن هزارن ماڻهن کي ڪفن ڏيکارڻ ۽ دفن ڪرڻ جوڪم آسان ڪم نه هو. ان ڪري انهن جي چئني پاسن کان وڏي ڀت کڻائي ڇڏيائون ۽ انهن جا لاش آهستي آهستي سڪڻ سڙڻ لڳا ڪل، گوشت وغيره سڀ جڏهن ختم ٿي ويا ته باقي سڙيل هڏا وڃي رهيا. تمام گهڻي وقت کانپوءِ بني اسرائيل جي هڪ نبي سڳوري حضرت حزقيل عليه الصلواة والسلام جو اتاهين لنگهڻ ٿيو ان ڪوٺ جي اندر انسانن جي ٽڙيل پکڙيل هڏين کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. الله تعاليٰ وحي جي ذريعي ڪيس اهو سمورو واقعو ٻڌايو. حضرت حزقيل عليه السلام بارگاه ايزديءَ ۾ دعا گهري ته يا الله! انهن سڙيل هڏين ۾ وري ساهه وجهه. الله تعاليٰ سندس دعا قبول ڪري فرمايو ته تون انهن کي سڏ ڪري چئو ايتها العظام البالية ان الله يامرک ان تجتمعي! اي سڙيل هڏا. الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ٿو ڪري ته سڀ گڏ ٿي وڃو. الله جي نبي جي زبان سان انهن هڏين الله تعاليٰ جو اهو فرمان ٻڌو ۽ حڪم جي تعميل ڪيائون. وري حڪم ٿيو ته اي نبي سڳورا! انهن گڏ ٿيل هڏين کي جيڪي پاڻ ۾ ملي ويا آهن هن طرح سان سڏ ڪر. ايتها العظام ان الله يامرک ان تکتسي لحما وعصبا وجلدا. اي هڏا- الله تعاليٰ اوهان کي امر ٿو ڪري ته گوشت ۽ پنا ۽ کلون ڍڪيو. ان چوڻ ٻڌڻ سان ئي هر هڪ جو لاشو پوريءَ طرح تيار ٿي ويو وري الله تعاليٰ حڪم ڪيو ته هاڻي ارواح کي سڏي چئو ته ايتها الارواح ان الله يامرک ان ترجع کل روح الي الجسد الذي کانت تعمرهٗ. اي ارواحو! الله تعاليٰ اوهان کي امر ٿو ڪري ته هر هڪ روح پنهنجي ان جسم ڏي موٽي وڃي جنهن کي آباد ڪيو ويٺو هو. اهو آواز ٻڌڻ شرط سڀ لاشا زنده ٿي اٿي ويٺا ۽ حيرت ما چئني پاسن ڏي نهاري چوڻ لڳا سبحانک لا اله الا انت (٢)

هن واقعي مان ٻئي فائدا ملن ٿا.

(١) تفسير مظهري ص ٣١٧ جلد ١ (٢) معارف القرآن ص ٥٣٨ ج ١

* فائدو ع ١ *

الله تعاليٰ جي پيارن جي دعا سان مئلن جو جيئرو ٿيڻ

جيڪي هزارين ماڻهو الله تعاليٰ جي حڪم جي انحرافي ڪري موت کان ڀڄا هئا ۽ الله تعاليٰ جي ملائڪن جي سڏڻ تي مري ويا هئا ۽ انهن جا هڏا به چمڪيا پئي، هڪ ٻئي کان جدا ۽ منتشر ٿي ويا هئا. الله جي پياري نبي صلى الله عليه وسلم جي دعا گهري ته الله تعاليٰ انهن هزارين مري ويلن کي جيئرو ڪيو ته پوءِ جيڪڏهن سيدنا غوث اعظم عليه الرحمة جي دعا سان ٻڌي مري ويل الله تعاليٰ جيئرا ڪري ته ڇو ناممڪن آهي؟ ۽ بعضي عالم ان کي ڇو ٿا محال ۽ ناممڪن سمجهن.

* فائدو ع ٢ *

جن شين کي ناڪارو، بي شعور سمجهيو ٿو وڃي اهي به الله تعاليٰ جي حڪم کي ٻڌن، سمجهن ۽ مڃين ٿا. سڙيل ۽ منتشر هڏا الله تعاليٰ جي نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جي پاڪ زبان مان الله تعاليٰ جو حڪم ٻڌي جيئرا ٿي، هڪ ٻئي سان ملي گڏ هلڻ لڳا. دنيا جي فلاسفرن ۽ عقلمندن لاءِ ان ۾ سبق آهي ته هر شيءِ الله تعاليٰ جي تابع، مطيع ۽ فرمانبردار آهي ۽ پنهنجي وجود جي مناسب عقل ۽ ادراڪ رکي ٿي.

* فائدو ع ٣ *

هن وڏي واقعي ۾ قيامت، حشر ۽ نشر جي منڪرن لاءِ فڪر جي دعوت ۽ انهن تي پڪي حجت آهي ته جيڪو الله (تعاليٰ شانه) انهن هڏن کي جيئرو ڪرڻ تي قادر آهي اهو مئلن کي قبرن مان اٿاري زنده ڪرڻ تي به قادر آهي.

* فائدو ع ــ ۴ *

هيءَ ڳالهہ بہ ثابت ٿي تہ موت جي ڊپ کان ڀڄڻ پوءِ اهو وباء جي بيماريءَ جي صورت ۾ يا جهاد جي ميدان ملهائڻ جي صورت ۾ هجي الله تعاليٰ ۽ ان جي تقدير تي ايمان رکڻ واري جي لاءِ ممکن ناهي. جنهن جو هي ايمان آهي تہ موت جو هڪ وقت مقرر آهي نہ ان کان اڳ ۾ ايندو نہ ان کان پوئتي ٿيندو. ان جي کري هيءَ ڀڄ ڊڪ فضول بہ آهي ۽ الله تعاليٰ جي ناراض ٿيڻ جوسبب بہ آهي.

وبا جي بيماري کنهن شهر ۾ اچي تہ اتاهين ڀڄڻ منع آهي ۽ جتي هجي اتي وڃڻ بہ منع آهي. ڇو تہ ڀڄڻ وارو يا صحتمند آهي يا بيمار. جيکڏهن صحت وارو آهي تہ ان جي ڀڄي وڃڻ جي کري بيمارن جي دل تي اثر پوندو ۽ انهن جي دوا، سار، سنڀال ۽ خدمت کير کندو. ٻيلا جيکڏهن ڀڄڻ وارو بيمار آهي تہ ان جي بيماريءَ جا جراثيم ٻين علائقن ۾ پکڙجندا ۽ اتي ان بيماريءَ جي پکڙجڻ جو انديشو آهي ۽ اصل حکمت ڀڄڻ کان روکڻ ۾ اها آهي تہ مسلمان جو پکو ۽ راسخ اعتقاد اهو هجڻ کپي تہ موت ۽ حياتي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي اهو جيئرو رکندو تہ کير ماري نہ سگهندو ۽ جيکڏهن اهو ماريندو تہ کير جيئرو رکي نہ سگهندو. ۽ ان ڀڄڻ کان ۽ جنهن علائقي ۾ اڳي ئي بيماري آهي اتي وڃڻ کان نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن منع کئي آهي. جيئن امام احمد، بخاريَ، مسلم ۽ نسائيَ حضرت اسامه بن زيد رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو! "اِذَا سَمِعْتُمْ بِالطَّاعُوْنِ فِيْ اَرْضٍ فَلَا تَدْخُلُوْا عَلَيْهَا وَاِذَا وَقَعَ بِاَرْضٍ فَلَا تَخْرُجُوْا مِنْهَا (١) يعني جنهن وقت کنهن سرزمين ۾ وبا جي بيماريءَ جو ٻڌو تہ اتي داخل نہ ٿيو ۽ جيکڏهن کنهن سرزمين ۾ وبا اچي وڃي تہ اتان نکرڻ جي کوشش نہ کيو. اهڙيءَ طرح جڏهن حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه شام جي ملڪ ڏي وڃڻ جو ارادو کيو تہ کين ٻڌايو ويو تہ اتي وبا جي بيماري آهي نہ وڃو ڇو تہ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي! "اِنَّ هٰذَا السَّقَمَ عُذِّبَ بِهِ الْاُمَمُ قَبْلَكُمْ فَاِذَا سَمِعْتُمْ بِهٖ فِيْ اَرْضٍ فَلَا تَدْخُلُوْهَا وَاِذَا وَقَعَ بِاَرْضٍ وَّاَنْتُمْ بِهَا فَلَا تَخْرُجُوْا فِرَارًا" (٢) يعني هي (وبا جي) بيماري ان

(١) تفسير مظهري ص ٣١٧ جلد ١ (٢) تفسير ابن کثير ص ٢٩٩ جلد ١

سان اڳين امتن کي عذاب ڪيو ويو هو. پوءِ جڏهن ان جو ڪنهن سرزمين ۾ ٻڌو ته ان ۾ داخل نه ٿيو ۽ جيڪڏهن ڪٿي اچي وڃي ۽ اوهان اتي آهيو ته اتاهين نڪرڻ جي ڪوشش نه ڪجو.
حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه اها نبوي حديث ٻڌي ان بيماريءَ واري علائقي ڏي وڃڻ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو.

* اهي شهر مان نڪري ڀڄڻ وارا ڪيترا هزار هئا؟ *

ان ۾مختلف قول آهن. حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما جي هڪ روايت ۾آهي ته اهي چار هزار هئا. ٻيءَ روايت ۾ آهي اٺ هزار هئا. ٽينءَ روايت ۾ آهي ته چاليهه (٤٠) هزار هئا. (١)

* غور ڪرڻ جومقام *

هيءُ واقعو حضور سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي بعثت کان ڪئين هزار ورهه اڳ ۾ ٿي چڪو هو ته پوءِ "اَلَمۡ تَرَ"(ڇا تو نه ڏٺو) چئي ڪانئن سوال ڪيئن ڪيو ويو آهي؟ مفتي محمد شفيع صاحب ديوبنديءَ لکيو آهي ته اهڙا مقام جيڪي آهن جتي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان "اَلَمۡ تَرَ" سان سوال ڪيو ويو آهي. حالانڪ اهو واقعو سندن آمد کان اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. ان مان مراد رؤيت قلبي آهي. جنهن جي معنيٰ ۽ مراد آهي علم ۽ ادراڪ. (٢) يعني حضور صلي الله عليه وسلم جن کي ان واقعي جو علم ۽ پروڙ آهي. علامه شوڪانيءَ صاحب لکيو آهي ته ويجوز ان تكون بمعني الرؤية البصرية (٣) يعني جائز آهي ته هتي ڏسڻ مان مراد اک سان ڏسڻ هجي. المقصد ته ڇا اوهان اهو واقعو اکين سان نه ڏٺو هو؟ تفسير نعيميءَ واري لکيو آهي هن جي معنيٰ آهي اي نبيﷺ ڇا تو نبوت جي نور سان انهن ماڻهن کي ڪونه ڏٺو هو جيڪي هزارن جي تعداد ۾ موت جي ڊپ کان ڀڄي نڪتا هئا؟ معنيٰ ڏٺو هو. ان کان اڳتي هڪ صفحه تي لکيو اٿس ته

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٢٩٨ جلد ١ (٢) تفسير معارف القرآن ص ٥٣٩ ج١
(٣)فتح القدير ص ٢٦١ ج ١

حضور سيدِ عالم صلي الله عليه نے بنور نبوت عالم کے سارے اگلے پچھلے واقعات ملاحظہ فرمائے (١)

هن آيت جي پڇاڙيءَ ۾ غفلت ۾ رهندڙن انسانن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته انسانن جي اڳيان الله تعاليٰ جي رحمت جا هزارين مظهر ايندا رهن ٿا پر انهن جي باوجود به اهي بي شڪر آهن. الله تعاليٰ جي انهن مهربانين جو شڪر ادا نه ٿا ڪن

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ

۽ جنگ ڪيو الله جي واٽ ۾ ۽ يقين ڄاڻو ته بيشڪ الله ٻڌندڙ،

عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾ مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا

ڄاڻندڙ آهي ڪير آهي جيڪو قرض ڏي الله کي قرض

حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ؕ وَاللّٰهُ

سهڻو پوءِ ٻيڻو ڪري ڏي (الله) ان لاءِ ٻيڻايون گهڻيون ۽ الله

يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۖ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٤٥﴾

تنگ ٿو ڪري ۽ ڪشادو ٿو ڪري ۽ ان ڏانهن موٽايا ويندئو

تفسير

مٿيون واقعو بيان ڪري اها ڳالهه ذهن ۾ ويهاري وئي ته موت ۽ حياتي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي هاڻي مسلمانن کي الله تعاليٰ جي رضا ۽ دين جي سربلنديءَ لاءِ جهاد ڪرڻ جي رغبت ڏياريندي حڪم ڪيو ويو آهي ته الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جهاد ڪيو. "مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا" (ڪير آهي جو قرض ڏي الله کي سهڻو قرض) قرض جو لفظ عام طرح ان لحاظ سان استعمال ٿيندو آهي

(١) تفسير نعيمي ص ٥١٣ ج ١

تہ کنهن ماڻهوءَ کي کنهن شيءِ جي ضرورت هجي پر پاڻ وٽ نہ هجڻ جي ڪري ٻئي کان اوڌاري وٺي پنهنجي ضرورت پوري ڪري. ان معنيٰ جي لحاظ سان الله تعاليٰ جي شان ۾ قرض جو لفظ استعمال ڪرڻ صحيح نہ آهي ڇو تہ الله تعاليٰ وٽ کهڙي شيءِ نہ آهي جو ٻئي کان اوڌاري ٿو وٺي. الله تعاليٰ غني حميد آهي اهو ضرورت جي تصور کان بہ پاڪ آهي هتي مراد ڇا آهي. علامه قرطبيءَ لکيو آهي تہ القرض اسم لکل ما يلتمس عليه الجزاءُ (١) يعني هر ان شيءِ جو نالو قرض آهي جنهن تي بدلو طلب ڪيو وڃي. اسلام جي ابتداء ۾ جڏهن جهاد جو حڪم ڏنو ويو ۽ جهاد جي هٿيارن وغيره وٺڻ لاءِ پئسن جي ضرورت هئي تہ مسلمانن کي سهڻي طريقي سان پنهنجو سرمايو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جو شوق ڏياريو ويو.

يعني ائين نہ سمجهو تہ هيءَ رقم جيڪا الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ٿي وئي واپس نہ ٿيندي. الله تعاليٰ ان کان ڪئين حصا وڌيڪ اوهان کي عنايت ڪندو ۽ جيڪڏهن قرض جو لفظ اسم مفعول جي معنيٰ ۾ ڇئبو تہ قرض سهڻي مان مراد آهي جيڪو مال الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيو اهو حلال ۽ پاڪ هجي ۽ جيڪڏهن (قَرْضًا) پنهنجي مصدريءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿيل ڇئبو تہ پوءِ ان مان مراد اهو قرض آهي جيڪو دل جي خلوص ۽ خوشيءَ سان ڏنو وڃي (٢) آخر ۾ اها ڳالهہ ذهن نشين ڪئي وئي آهي تہ رزق جي تنگي ۽ ڪشادگي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي جيڪڏهن ان جي واٽ ۾ خرچ ڪندؤ تہ الله تعاليٰ اوهان لاءِ پنهنجي رحمت جي خزانن جا دروازا کولي ڇڏيندو ۽ اوهان ڪٽندا رهجو ۽ جيڪڏهن بخيلي ڪري ان کي ناراض بنائيندؤ تہ اهو اوهان تي تنگي ڪندو ۽ اوهان محتاج ۽ مفلس رهندؤ. جيئن محدث بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: اِنَّ مَلَكًا بِبَابٍ مِّنْ اَبْوَابِ السَّمَآءِ يَقُوْلُ: مَنْ يُّقْرِضُ اللهَ الْيَوْمَ يُجْزَ غَدًا وَّمَلَكٌ بِبَابٍ آخَرَ: يُنَادِيْ اَللّٰهُمَّ اَعْطِ مُنْفِقًا خَلَفًا وَّاَعْطِ مُمْسِكًا تَلَفًا وَمَلَكٌ بِبَابٍ آخَرَ يُنَادِيْ: يَاَيُّهَا النَّاسُ هَلُمُّوا اِلٰى رَبِّكُمْ مَا قَلَّ وَكَفٰى خَيْرٌ مِّمَّا كَثُرَوَ اَلْهٰى وَمَلَكٌ بِبَابٍ آخَرَ يُنَادِيْ: يَا بَنِيْ آدَمَ لِدُوْا لِلْمَوْتِ وَابْنُوا لِلْخَرَابِ" (٣) يعني آسمان جي دروازن مان هڪ دروازي تي هڪ ملائڪ چوندو آهي تہ جيڪو الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ڏيندو تہ صبحاڻي ان کي ان جو

(١) تفسيرالقرطبي ص ٢٣٩ جلد ٣ (٢) تفسيرالمظهري ص ٣١٩ جلد ١
(١) تفسيرالدرالمنثور ص ٧٤٨ جلد ١

بدلو عطا كيو ويندو ۽ هڪ ملائڪ ٻئي دروازي کان سڏي (الله تعاليٰ کي) عرض ڪندو آهي تہ: اي الله! خرچ ڪندڙن کي ٻيو ڏي ۽ نہ ڪپائيندڙن کي تلف ۽ تباهہ ڪر ۽ هڪ ملائڪ ٻئي دروازي تي سڏيندو آهي تہ: اي انسانو! پنهنجي رب ڏانهن اچو جيڪو (رزق) ٿورو ۽ ڪافي ٿئي ان کان ڀلو آهي جيڪو گهڻو ۽ غافل ڪري ۽ هڪ ملائڪ (اجان ڪنهن) ٻئي دروازي کان سڏيندو آهي تہ مرڻ لاءِ ڄمو ۽ ويران ٿيڻ لاءِ جايون ٺاهيو.

أَلَمْ تَرَ إِلَى الْمَلَإِ مِنْ بَنِي إِسْرَائِيلَ مِنْ بَعْدِ

ڇا نہ ڏٺو تو ان ٽولي ڏانهن بني اسرائيل مان (جيڪي) موسيٰ (عليه السلام)

مُوسَىٰ إِذْ قَالُوا لِنَبِيٍّ لَهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا

کان پوءِ (هئا) جڏهن چيائون پنهنجي نبي کي تہ مقرر ڪر اسان لاءِ بادشاهہ تہ

نُقَاتِلْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ ۖ قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ إِنْ كُتِبَ

جنگ ڪيون الله جي واٽ ۾ فرمايائين ڇا ويجها آهيو (هن ڳالهہ کي)

عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ أَلَّا تُقَاتِلُوا ۖ قَالُوا وَمَا لَنَا أَلَّا

جيڪڏهن فرض ڪيو وڃي اوهان تي جهاد تہ نہ جنگ ڪيو چيائون ۽ ڇا آهي

نُقَاتِلَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَقَدْ أُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا

اسان کي جو نہ جنگ ڪنداسين الله جي واٽ ۾ حالانڪ تحقيق ڪڍيا وياسون

وَأَبْنَائِنَا ۖ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا إِلَّا

پنهنجن گهرن مان ۽ پنهنجن پٽن مان. پوءِ جڏهن فرض ڪئي وئي انهن تي جنگ

قَلِيلًا مِنْهُمْ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ بِالظَّالِمِينَ ﴿٢٤٦﴾

تہ ڦري ويا مگر ٿورڙا انهن مان ۽ الله ڄاڻندڙ آهي ظالمن کي

وقف لازم

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ هڪ وڏي واقعي کي بيان ڪيو ويو آهي جيڪو حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کان هزار يا يارهن سؤ سال پهريان جو آهي ان جو مختصر ذڪر هن طرح آهي ته فلسطين جي اڪثر حصن تي عمالقه قوم جو قبضو ٿي ويو هو ۽ بني اسرائيل رامه جي علائقي ۾ بند رهجي ويا هئا ان وقت انهن جو نبي حضرت شمويل عليه السلام هو جيڪو انتهائي وڏي عمر جو ٿي ويو هو. عمالقه جي طرفان بني اسرائيل کي ايذائڻ ۽ زيادتين ڪرڻ جو سلسلو روزبروز وڌندو ٿي ويو. بني اسرائيل گهرندا هئا ته عمالقه جي قوم کي تنبيهه ٿئي ۽ اهي پنهنجو وڃايل اقتدار،حڪومت واپس وٺن. ان جي ڪري اهي بار بار پنهنجي نبي حضرت شمويل عليه السلام کي اها درخواست ڪندا ٿي رهيا ته اهو الله تعاليٰ کان انهن جي لاءِ هڪ بادشاهه جو سوال ڪري حضرت شمويل عليه السلام انهن جي عادتن کان چڱيءَ طرح واقف هو ته اهي دعوائون ته وڏيون وڏيون ڪن ٿا پر عمل جي وقت انهن جو سمورو جوش سرد ٿي ويندو آهي. ان جي ڪري پاڻ انهن کي فرمايائين ته ائين نه ٿئي جو الله تعاليٰ اوهان تي جهاد فرض ڪري ۽ اوهان جهاد کان منهن موڙي ويهو. انهن چيو ته نه ائين ڪڏهن به نه ٿيندو پر جڏهن جهاد فرض ٿيو ته ٿورن کان سواءِ سڀ انڪار ڪري ويهي رهيا (١)

هن آيت ۾ به "اَلَمۡ تَرَ" (ڇاتو نه ڏٺو) جو لفظ آيو آهي ۽ ان مان مراد آهي "الم تر يا محمد بقلبک" اي محبوب! اوهان پنهنجي دل سان نه ڏٺو ڇا؟ يعني الله تعاليٰ جي عطا سان اوهان کي اها خبر آهي "مَلَاٌ" مان مراد ان قوم جا رئيس ۽ وڏا ماڻهو آهن. علامه شوڪانيءَ لکيو آهي ته والملا الاشراف من الناس (٢) حضرت شمويل عليه السلام جي خدمت ۾ اها درخواست بني اسرائيل جي وڏن رئيسن ۽ اميرن ڪئي هئي ان جي ڪري الملا جو لفظ آندو ويو آهي.

(١) جامع البيان للطبري ص ٣٧٣ جلد ٢ (٢) تفسير فتح القدير ص ٢٦٤ جلد ١

حضرت شمويل عليه السلام کنهن جي اولاد مان هو

هن آيت ۾ جنهن نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جو ذڪر آهي اهو شمويل عليه السلام حضرت موسيٰ جي ياءُ حضرت هارون عليهما الصلواة والسلام جي اولاد مان هو جڏهن ته ان وقت ملڪي سربراهه جو انتخاب نبي جي معرفت وحي جي ذريعي ٿيندو هو ان جي ڪري انهن پنهنجي وقت جي نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪيو هو. (١) قرآن پاڪ جي هنن آيتن ۾ "مَلِڪُ" جو لفظ آيل آهي ان مان اهو نه سمجهڻ گهرجي ته شايد اسلام ملوڪيت جو حامي ۽ سياسي طور تي بادشاهي نظام جو علمبردار آهي بلڪ هتي ملڪ مان مراد امير آهي. اي اقم لنا اميرا ننهض معه للقتال (٢) يعني اسان لاءِ امير مقرر ڪر ته اسين ان سان گڏجي جهاد ڪيون. ان تصريح سان ثابت ٿيو ته هتي مَلِڪُ مان مراد سپه سالار آهي. عربي زبان ۾ رئيس ۽ امير جي لاءِ به مَلِڪٌ جو لفظ استعمال ٿيندو آهي

* غور ڪرڻ جي ڳالهه *

ملوڪيت ۽ بادشاهي نظام جو مفهوم هيءُ آهي ته حڪومت جو سربراهه ڇڙواڳ ۽ آزاد هوندو آهي قانون ناهڻ، مملڪت جو انتظام سنڀالڻ ۽ حڪومت جا سڀ خزانا ان جي هٿ ۾ هوندا آهن ۽ ٻيا سڀ ان وٽ جوابدار هوندا آهن پر اهو پاڻ ڪنهن وٽ جوابدار نه هوندو آهي. هن آيت سڳوريءَ ۾ آهي ته انهن حضرت شمويل عليه الصلواة والسلام کي عرض ڪيو هو جڏهن نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جي هوندي ڪو قانون ٺهندو يا ان جي دعا سان ڪو سربراهه منتخب ٿيندو ته اهو ان جي شريعت تي ۽ ان سان موافق هوندو. اقتدار اعليٰ ان جو ئي سمجهيو ويندو. الله تعاليٰ جي نبي جي هوندي ڪنهن ڇڙواڳ شخص جو تقرر ناممڪن آهي صرف ملڪ جي لفظ ڪي ڏسي اسلام ڪي ملوڪيت جو حامي نه ٿو سڏي سگهجي.

(١) تفسير نعيمي ص ٥٢٥ جلد ٢ (٢) تفسير بيضاوي ص ١٦٠ جلد ١

وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ

۽ چيو انهن کي انهن جي نبي ته بيشڪ الله تحقيق مقرر ڪيو اوهان لاءِ طالوت

مَلِكًا ؕ قَالُوْٓا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا

کي امير چيائون ته ڪيئن هوندو ان کي حڪومت ڪرڻ (جو حق) اسان تي ۽

وَنَحْنُ اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ سَعَةً مِّنَ

اسين وڌيڪ حقدار آهيون حڪومت ڪرڻ جا ان کان ۽ نه ڏنو ويو گهٽائي مال ۾

الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰهُ عَلَيْكُمْ وَزَادَهٗ

فرمايائين بيشڪ الله برگزيدو ڪيو ان کي اوهان تي ۽ وڌايائين ان کي گهڻو

بَسْطَةً فِى الْعِلْمِ وَالْجِسْمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤْتِىْ مُلْكَهٗ

علم ۾ ۽ جسم ۾ ۽ الله ڏي ٿو ملڪ پنهنجو جنهن کي گهري. ۽ الله وسعت وارو

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٧﴾ وَقَالَ لَهُمْ

ڄاڻندڙ آهي ۽ چيو انهن کي نبي انهن جي ته بيشڪ نشاني ان جي حاڪم ٿيڻ

نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ

جي هيءَ آهي ته اچي اوهان وٽ صندوق جنهن ۾ سڪون آهي اوهان جي رب

سَكِيْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى

وٽان ۽ بچيل شيون آهن. ان مان جو ڇڏيو اولاد موسيٰ جي ۽

وَاٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

۽ اولاد هارون جي ڪٽي ٿا اچن ان کي ملائڪ بيشڪ ان ۾ البته

لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۴۸﴾ ع فَلَمَّا

(الله جي) وڏي نشاني آهي اوهان لاءِ جيڪڏهن آهيو مومن. پوءِ

٣٢
ع
١٦

فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ

جڏهن نڪتو طالوت لشڪرن سان تہ فرمايائين بيشڪ الله آزمائيندڙ آهي اوهان جو

بِنَهَرٍ ۚ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ لَّمْ

نهر (جي پاڻيءَ) سان. پوءِ جنهن پيتو ان مان پوءِ ناهي منهنجيءَ جماعت مان ۽ جنهن نہ

يَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّيْٓ اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةً ۢ بِيَدِهٖ ۚ

چکيو ان مان پوءِ بيشڪ اهو منهنجيءَ (جماعت) مان آهي مگر جنهن ڀريو هڪ

فَشَرِبُوْا مِنْهُ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَالَّذِيْنَ

چرو پنهنجي هٿ سان پوءِ پيتائون مگر ٿورا انهن مان. پوءِ جڏهن لنگهيو ان کان پاڻ ۽ جن

اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ

ايمان آندو هو ان سان گڏ تہ چيائون تہ ناهي طاقت اسان کي اڄ (مقابلي ڪرڻ جي) جالوت

وَجُنُوْدِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ

۽ ان جي لشڪر سان چيو انهن جو يقين رکيائون تہ بيشڪ اهي ملندڙ آهن الله سان

كَمۡ مِّنۡ فِئَةٍ قَلِيۡلَةٍ غَلَبَتۡ فِئَةً كَثِيۡرَةً بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ

تہ کيترين ٿورين جماعتون غالب ٿيون گهڻين جماعتن کان الله جي اذن سان

وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿٢٤٩﴾

۽ الله گڏ آهي صبر ڪندڙن سان

تفسير

جڏهن انهن جي اصرار ۽ گهڻيءَ خواهش ڏيکارڻ تي الله تعاليٰ طالوت کي سندن سربراه مقرر ڪيو تہ انهن مان ڪي اعتراض ڪرڻ لڳا تہ هيءُ شخص نہ لاوي بن يعقوب عليہ السلام جي اولاد مان آهي جن ۾ نسل درنسل نبوت هلندي آئي آهي ۽ نہ يهود بن يعقوب عليہ السلام جي اولاد مان جن ۾ پيڙهين کان حڪومت هلندي آئي آهي. هيءُ مسڪين ڪيئن سپہ سالار ٿي سگهندو؟ سربراهيءَ جا حقدار تہ اسين آهيون جن وٽ دولت گهڻي آهي. حضرت شمويل عليہ السلام انهن کي سمجهائيندي فرمايو تہ سربراہ هجڻ لاءِ اوهان جو قائم ڪيل معيار صحيح نہ آهي. ان جو معيار تہ علم ۽ بهادري آهي ۽ طالوت انهن ٻنهي ڳالهين ۾ اوهان کان مٿي آهي.

* اصل واقعو *

بني اسرائيل جي عرض ڪرڻ تي جڏهن حضرت شمويل عليہ السلام الله تعاليٰ کان دعا گهري تہ ان کي هڪ لٺ ملي ۽ حڪم ڪيو ويو تہ جنهن جو قد هن لٺ جي برابر هجي اهو اوهان جو امير ٿيندو ۽ بيت المقدس مان تيل جي هڪ شيشي پري پاڻ وٽ رکو. جنهن شخص جي اچڻ جي ڪري تيل جوش ڪري تہ اهو اوهان جو امير ٿيندو. انهن نشانين سان ڪيترا آزمايا ويا پر ڪو بہ پورو نہ ٿي آيو.

طالوت جو والد چمڙي جو واپاري هو ۽ ڪن جي چوڻ مطابق پاڻي پياريندو هو. اتفاق سان سندس سواريءَ وارو وهٽ گم ٿي ويو ان جي ڳولڻ لاءِ پنهنجي پٽ طالوت ۽ هڪ غلام کي موڪليائين. رستي ۾ حضرت شمويل عليه السلام جو گهر هو طالوت کي سندس ساٿيءَ (غلام) چيو ته اچ ته هِتان به پڇا ڪندا هلون ته اتي ته ناهي. جيئن جو طالوت ۽ غلام اندر آيا ته اهو شيشيَ ۾ رکيل تيل جوش ڪرڻ لڳو. حضرت شمويل انهن ٻنهي کي بيهاري ان لٺ سان ماپ ڪئي ته طالوت جو قد ان سان پورو نڪتو. حضرت شمويل عليه السلام اهو تيل ان جي مٿي تي هڻي فرمايو ته اي طالوت! مان رب پاڪ جي حڪم سان توکي بني اسرائيل جو امير مقرر ڪيان ٿو. وڃ لشڪر تيار ڪري عمالقه ظالم قوم جو مقابلو ڪر. طالوت عرض ڪيو ته مان نه شاهي خاندان مان آهيان نه مون کي بني اسرائيل سٺي نظر سان ڏسندا. حضرت شمويل عليه السلام کيس فرمايو ته تون الله تعاليٰ جي طرفان چونڊجي چڪو آهين. طالوت عرض ڪيو ته ان جي نشاني ڪهڙي آهي؟ حضرت شمويل عليه السلام فرمايو ته ان جي نشاني اها آهي ته تنهنجي پيءُ جي سواري وارو وهٽ تنهنجي گهر بيٺو آهي. ان کان پوءِ حضرت شمويل عليه السلام بني اسرائيل ۾ طالوتَ جي امير هجڻ جو اعلان ڪيو. جنهن تي بني اسرائيل اهو ئي اعتراض ڪرڻ لڳا هئا جو قرآن ڪريم ذڪر ڪيو آهي (١) بائبل ۾ آهي ته طالوت ٽيهن (٣٠) سالن جو نوجوان، حسن ۽ جمال ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ان جو قد ايترو وڏو هو جو ٻيا ماڻهو ان جي ڪلهي جي برابر مس ٿي پهچي سگهيا ۽ طالوت بنيامين جي اولاد مان هو. (٢) ڄاڻڻ گهرجي ته جڏهن حضرت شمويل عليه السلام طالوت جي امير مقرر ٿيڻ جو اعلان ڪيو ته انهن فوڙا گهر ڪئي ته ان جي امير مقرر ٿيڻ لاءِ دليل ڪهڙو آهي؟ حضرت شمويل فرمايو ته اها صندوق جيڪا عمالقه قوم وارا کڻي ويا هئا ۽ ان ۾ اوهان جي اطمينان جو سامان ۽ حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون عليهما السلام جا تبرڪات آهن ۽ الله تعاليٰ جا ملائڪ اها کڻي اوهان کي واپس آڻي ڏيندا. جيڪڏهن اوهان ۾ ايمان آهي ته ان کان مٿي اوهان لاءِ ڪهڙو دليل ۽ حجت آهي. الله تعاليٰ جي حڪم سان اها صندوق ملائڪ سڳورا کڻي آيا ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته اها صندوق عمالقه قوم وارن ڏاند

(١) تفسير نعيمي ص ٥٣٤ جلد ٢ (٢) تفسيرضياءُ القرآن ص ١٧١ جلد ١

گاڏيءَ تي رکي هئي ۽ ملائڪ اهاڪاهي آيا تہ پوءِ بني اسرائيل کي پڪ ٿي تہ واقعي طالوت اسان جي لاءِ قدرتي امير مقرر ٿيل آهي ۽ اهو بہ ڪين يقين ٿيو تہ هاڻي اهي دشمن تي غالب ٿيندا. ڇوتہ نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي تبرڪات واري صندوق جو اچڻ سندن ڪاميابيءَ ۽ فتح جو دليل ۽ پڪو ثبوت آهي.

* صندوق ۾ ڪهڙا تبرڪات هئا؟ *

علامہ محمد بن انصاريؒ عليه الرحمة قرآن پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ اها صندوق شمشاد جي ڪاٺ جي هئي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ ان صندوق ۾ اها ٿالهي پيل هئي جنهن ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي دلين کي ڌوتو ويندو آهي ۽ حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهما الصلواة والسلام جا ڪپڙا، لٺ، جتي مبارڪ ۽ جن تختين تي توراة شريف لکيل هو انهن جا ڪجھہ ٽڪرا هئا. (١)

علامہ ثناءُ الله پاني پتيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ فيزف التابوت نحو العدو وهم يتبعونه واذا استقر ثبتوا وسكنوا ونزل النصر ذكره البغوي (٢) يعني بني اسرائيل اها صندوق دشمن ڏانهن ڪري بيهندا هئا ۽ اها ان طرف وڌنڌي هلندي ويندي هئي ۽ پاڻ ان جي پويان هلندا ويندا هئا. جڏهن هلي ڪنهن جاءِ تي قرار وٺندي هئي تہ پاڻ بہ بيهي رهندا هئا ۽ سڪون وارا ٿيندا هئاءِ انهن جي لاءِ مٿان مدد ايندي هئي. علامہ اشرف علي صاحب ٿانويؒ جي خليفي مفتي محمد شفيع صاحب ديو بنديءَ لکيو آهي تہ

بني اسرائيل اس صندوق كو لڑائي مين آگے رکھتے. الله تعالىٰ اس كي بركت سے فتح ديتا (٣)

عبد بن حميد ۽ ابن المنذر وهب بن منبه کان روايت آندي آهي تہ اها صندوق ٽي هٿ ڊگهي ۽ ٻہ هٿ ويڪري هئي (۴) علامہ ابن جرير طبريؒ عليه الرحمةٰ لکيو آهي تہ وكانت الانبياءِ اذا حضروا قتالا قدموا التابوت بين ايديهم

(١) تفسيرالقرطبي ص ٢٥٠-٢٤٨ جلد ٣ (٢) تفسير مظهري ص ٣٢٢ جلد ١
(٣)معارف القرآن ص ٥٥١ جلد١ (۴) تفسير الدر المنثور ص ٧٥٧ جلد ١

ويقولون ان آدم نزل بذالک التابوت وبالركن وبلغني ان التابوت وعصا موسيٰ في بحيرة طبرية وانها يخرجان قبل يوم القيامة"(١) يعني (بني اسرائيل جا) نبي سڳورا جنگ تي ايندا هئا ته اها صندوق اڳيان کندا هئا ۽ اهو به چون ٿا ته آدم عليه السلام جنت مان نکرڻ وقت اها صندوق ۽ رکن يماني پاڻ سان کڻي لٿو هو. ۽ مون وٽ اها ڳالهه به پهتي آهي ته اها صندوق ۽ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي لٺ بحيره طبريه ۾ آهن ۽ اهي ٻئي قيامت جي اچڻ کان اڳ ۾ ان مان نکرنديون. اها ساڳي ڳالهه بعينه علامه شوکانيءَ لکي آهي (٢) سيد ابوالاعليٰ مودوديءَ لکيو آهي ته "آل موسيٰ اور آل هارون کے چھوڑے هوئے" تبرکات" جو اس صندوق ميں رکھے هوئے تھے ان سے مراد پتھر کي وه تختياں هيں، جو طورسينا پر الله تعاليٰ نے حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کو دی تھیں. اس کے علاوه توراة کا وه اصل نسخه بھی اس میں تھا جسے حضرت موسیٰ نے خود لکھوا کر بني لاوي کے سپرد کیا تھا نیز ایک بوتل میں من بھي بھر کر اس ۾ رکھدیا گیا تھا تاکه آئنده نسلیں الله تعاليٰ کے اس احسان کو یاد کرین جو مصر میں ان کے باپ دادا پر کیا تھا. اور غالبًا حضرت موسیٰ کا وه عصا بھي اس کے اندر تھا جو خدا کے عظیم الشان معجزات کا مظهر تھا (٣) وکیع، سعید بن منصور، عبد بن حمید ۽ ابن ابي حاتم ابوصالح کان آندو آهي ته انهيءَ صندوق ۾ موسيٰ ۽ هارون عليهما السلام جون لٺيون ۽ انهن ٻنهي جا ڪپڙا، توراة جون ٻه پٽيون، من ۽ مشکلات حل کرڻ وارو کلمه لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، وَسُبْحَانَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ به هو. (٤)

علامه عماد الدين دمشقيءَ لکيو آهي ته انهيءَ صندوق ۾ مٿيون لکيل شيون به هيون پر محدث عبدالرزاق فرمايو آهي ته ان ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي جتي هئي. (٥) علامه ابوحيان اندلسيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته مقاتل فرمايو آهي ته ان صندوق ۾ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي دستار (پڳ) مبارک پيل هئي. علامه موصوف ان ئي صندوق جي ذکر ۾ اڳتي لکيو

(١) تفسير ابن جرير طبري ص ٣٨٤ جلد ٢ (٢) فتح القدير ص ٢٦٦ جلد ١ (٣) تفهيم القرآن ص ١٨٨ ج ١ (٤) الدر المنثور ص ٧٥٨ جلد ١ روح المعاني ص ١٦٩ جلد ١ پ ٢ (٥) تفسير ابن کثير ص ٣٠١ جلد ١

آهي ته كانوا يستنصرون بالتابوت اينما توجهوا فينصرون (١) يعني ان صندوق (جي بركت) سان مدد گهرندا هئا پوءِ مدد ڏنا ويندا هئا. علامه رازيءَ بيا قول بيان ڪندي لکيو آهي ته ان صندوق ۾ حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جا ڪپڙا به رکيل هئا! (٢) علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته وكانوا اذا حضروا القتال يقدمونه بين ايديهم ويستفتحون به علىٰ عدوهم (٣) يعني ان صندوق کي جنگ ۾ اڳيان رکندا هئا ۽ ان جي برکت سان دشمن تي فتح طلب ڪندا هئا.

* فائدو *

انهن سيني تفسيرن جي عبارتن ۾ غور ڪرڻ سان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿيون. ١- هڪ ته پيارن ۽ انهن جي تبرڪات کان فائدو وٺڻ بلڪ انهن جي وسيلي ۽ برکت سان جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ الله تعاليٰ جي نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو اهڙو پيارو ۽ پسند ڪيل طريقو آهي جنهن تي صرف اهلسنت وجماعت جو هن هلندڙ فتني ۽ بدمذهبيءَ جي شور ۽ غوغا واري دور ۾ عمل آهي. بدمذهب انهن تي هزارين فتوائون ڏين ٿا بتن ۽ انهن جي پوڄارين مشرکن سان نسبت ڪندي سني مسلمانن کي مشرڪ ۽ ڪافرچون ٿا پر اهو ڪفر سندن گهرن ۾ آهي جو الله تعاليٰ جي قرآن پاڪ جي صحيح مفهوم ۽ معنيٰ جيڪا اڳين تفسيرن لکي آهي ان کان روگرداني ڪن ٿا متي جن بزرگن جي تفسيرن جا حوالا ڏنا ويا آهن ڇا اهي سيئي غيرمسلم، مشرڪ، ڪافر ۽ اڻ ڄاڻ هئا؟ معاذ الله ثم معاذالله. سيدنا يوسف عليه السلام پنهنجي والد حضرت يعقوب عليه السلام جي اکين کي روشن ڪرڻ لاءِ پنهنجي قميص موڪلي هئي جيئن سورة يوسف ۾ انشاءَ الله تعاليٰ ايندو. ڇا اهو به شرڪ هو؟ الله تعاليٰ جا ٻانها ذرا غور ڪيو. الله تعاليٰ جو خوف رکو. ان جي سچن، پڪن سني مسلمانن کي ڪافر نه چئو. حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه جي متي تي ڪپڙي جي ٽوپي هوندي هئي جنهن ۾ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جو وار مبارڪ هوندو هو ۽ جنگ ۾ اها ٽوپي متي تي رکي فرمائيندو هو

(١) البحر المحيط ص ٢٦٣ جلد ٢ (٢) تفسير كبير ص ١٧٨ جلد ٣ جزءُ ٦
(٣) روح البيان ص ٣٨٥ جلد ١

تہ جنهن جنگ ۾ هيءَ ٽوپي پائي ويندو آهيان فتح حاصل ڪندو آهيان. (۱)

۲- پيو هي بہ معلوم ٿيو تہ بزرگن جي لٺ، جتي، ڪپڙن، پڳ وغيره جي صدقي مصيبتون ٽرنديون آهن ۽ دلين کي سڪون ۽ آرام ملندو آهي. مومنن جي ماءُ سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها وٽ حضور پرنور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو جبو مبارڪ هوندو هو جيڪو ڌوئي بيمارن کي پياريندي هئي تہ شفاياب ٿيندا هئا. صحابي سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جا وار مبارڪ ۽ ننهن مبارڪ برڪت خاطر پاڻ وٽ رکندا هئا (۲)

"فَلَمَّا فَصَلَ" (جڏهن طالوت لشڪر وٺي نڪتو) عَمَالقه قوم سان جنگ ڪرڻ معمولي ڳالهہ نہ هئي پر الله تعاليٰ جي مدد ۽ ڪرم جي سهاري طالوت انهن سان وڙهڻ لاءِ نڪتو ۽ ان سان گڏ بني اسرائيل جي وڏي جماعت بہ نڪتي. گرميءَ جي موسم ۽ اڃ جي حالت ۾ رستي ۾ هڪ نهر سندن اڳيان آئي. جنهن تان کين لنگهڻو هو. طالوت کين ٻڌايو تہ اوهان کي امتحان درپيش آهي هن نهر مان اوهان کي ڍؤ ڪري پاڻي پيڻ جي اجازت نہ آهي جنهن بہ پيتو اهو اسان جي جماعت مان ناهي. ها- جنهن هڪ لپ يا چرو ڀري پيتو اهو اسان مان آهي.

امتحان ۾ حڪمت

جهاد تي هلڻ جو اعلان ٻڌي پهريان تہ تمام گهڻا نڪري پيا هئا. پر اهي سيئي جهاد ۾ مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪري نہ سگهن ها. اتي پهچي پوءِ ڀڄن ها تہ ٻين کي بہ سست ڪري وجهن ها. ان جي ڪري الله تعاليٰ انهن کي آزمايو تہ سستي ڪندڙ هينئر ئي نڪري ۽ نسري نروار ٿين باقي پڪا ۽ سچا مجاهد هلن جيڪي ميدان ملهائن. قرآن پاڪ جي بيان ڪيل هن واقعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ طالوت سان نڪرڻ وارا ماڻهو ٽي قسم هئا. هڪڙا ناقص الايمان جيڪي امتحان ۾ پورا نہ آيا. ٻيا ڪامل الايمان جيڪي امتحان ۾ ڪامياب ٿيا پر سندن عدد ٽي سؤ تيرهن (۳۱۳) هو. ان ٿورائيءَ کي ڏسي فڪرمند رهيا تہ ايڏي لشڪر کي

(۱) تفسير ضياءُ القرآن ص ۱۷۲ ج ۱ (۲) تفسير نعيمي ص ۵۴۲ جلد ۲

منهن کيئن ڏبو. ٽيان - اکمل الايمان. جن کي صفا فکر ٿي نہ هو. پوءِ جڏهن
طالوت پنهنجن ٽي سؤ تيرهن (٣١٣) ساٿين کي وٺي هليو تہ سندن مقابلي ۾
جالوت وڏو لشکر وٺي آيو جڏهن طالوت جي لشکر وارن انهن کي ڏٺو تہ حيرت
۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان ۾ جالوت ۽ ان جي لشکر سان وڙهڻ جي طاقت نہ
آهي. پر انهن ۾ کي اهڙا مخلص بہ هئا جن انهن جي همت افزائي ڪندي کين دل
ٻڌائي تہ فتح ۽ مدد الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي ۽ اهڙا کيترا واقعا گذريا آهن جو
الله تعاليٰ ٿورن ماڻهن کي گهڻن تي فتح ۽ غلبو عطا کيو آهي.

وَلَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ

۽ جڏهن ظاهر ٿيا جالوت ۽ ان جي لشڪرن جي لاءِ تہ عرض ڪيائون اي اسان

عَلَيْنَا صَبْرًا وَّثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَي الْقَوْمِ

جا رب پلٽ اسان تي صبر ۽ ثابت رک پير اسان جا ۽ مدد ڪر اسان جي قوم

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٥٠﴾ فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۣۙ وَقَتَلَ دَاوٗدُ

ڪافرن جي تي پوءِ ڀڃايائون انهن کي حڪم الله جي سان ۽ ڪٺو دائود

جَالُوْتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا

جالوت کي ۽ ڏني ان (داؤد) کي الله بادشاهي ۽ حڪمت ۽ سيکاريائين ان کي

يَشَآءُ ۭ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ

ان مان جو ٿو گهري ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها ٽارڻ الله جو ماڻهن کي هڪڙن جو

لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى

ٻين سان تہ ويران ٿئي ها زمين ۽ پر الله ڀلائي ڪرڻ وارو آهي

الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ

جهانن تي اهي آيتون الله جون آهن پڙهون ٿا توتي سچ

بِالْحَقِّ ۭ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٥٢﴾

سان ۽ بيشڪ تون البته مرسلن مان آهين

تفسير

جڏهن اهي مجاهد مرد هٿن تي سر رکي جنگ جي ميدان ۾ پهتا تہ الله تعاليٰ جي دربار ۾ فتح ۽ ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهرڻ سان گڏ اول صبر ۽ ثابت قدم رهڻ لاءِ دعا گهريائون. ڇو تہ ڪاميابي بہ ان سان حاصل ٿيندي آهي ۽ هن دعا مان ثابت ٿيو تہ مومن وٽ سڀ کان زياده مؤثر هٿيار دعا آهي ۽ اهائي نبي مڪرم ، محبوب معظم صلي الله عليه وسلم جن جي سهڻي سنت آهي. ”فَهَزَمُوْهُمْ“ (پوءِ ڀڄايائون انهن کي) يعني انهن ٿورن مجاهدن الله تعاليٰ جي تائيد ۽ مدد سان دشمن جي لشڪر کي شڪست ڏني ۽ عمالقه قوم جي وڏي بهادر، دلير ۽ تجربيڪار جنرل جالوت کي حضرت دائود عليه السلام (جيڪو ان وقت عمر ۾ ننڍو، ضعيف ۽ بيمار بہ هو) هڪ پٿر هڻي ختم ڪري ڇڏيو.

* حضرت دائود عليه السلام جو ذڪر *

قرآن پاڪ جي مفسر ابوالسعود محمد بن محمد العماديءَ لکيو آهي تہ حضرت دائود عليه الصلواة والسلام جو والد ايشي (روح المعاني ايشا لکيو آهي) پنهنجن ستن پٽن سميت طالوت جي لشڪر ۾ هو. حضرت دائود عليه السلام انهن ستن ۾ سيني کان آخري ۽ ننڍو هو. ٻڪريون چاريندو هو. الله تعاليٰ انهن جي نبي سڳوري کي وحي ڪري ٻڌايو تہ جالوت کي حضرت دائود عليه السلام قتل

ڪندو. پوءِ ان حضرت دائود عليه السلام جي سندس والد کان گھر ڪئي ۽ جڏهن حضرت دائود عليه السلام اچڻ لڳو ته واٽ ۾ پيل ٽن پٿرن کيس سڏ ڪري عرض ڪيو ته اسان کي کڻيو هل. اسان سان ئي جالوت کي قتل ڪندين. پاڻ اهي پٿر کڻي آيو. جالوت به ميدان جنگ ڏي نڪري آيو هو. حضرت دائود عليه السلام ان کي اهي پٿر هڻي قتل ڪري ڇڏيو ۽ طالوت پنهنجيءَ نياڻيءَ جي شادي حضرت دائود عليه السلام سان ڪرائي. طالوت جي مري وڃڻ کان پوءِ بادشاهي حضرت دائود عليه السلام کي ملي (١) الله تعاليٰ کيس نبوت به عطا ڪئي جنهن کي قرآن پاڪ حڪمت ڪري سڏيو آهي. حضرت دائود عليه السلام کان اڳ ۾ ڪنهن کي به ٻئي نعمتون نبوت ۽ بادشاهي، گڏ نه مليون هيون نبوت هڪ قبيلي ۾ ته بادشاهي ٻئي قبيلي ۾ هوندي هئي. اڳتي فرمان آهي "وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ" (۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ هڪڙن سان ٻين جو بچاءُ نه ڪري ها ته زمين ويران ٿي وڃي ها) هن حصي ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته الله تعاليٰ جو دستور ۽ سنت آهي ته جڏهن به ڪو ظالم ظلم ۽ ستم سان مضبوط ٿي بيهندو آهي ته الله تعاليٰ ان جي هلاڪ ڪرڻ لاءِ ٻين کي ميدان ۾ آڻيندو آهي جيڪي ان ظالم جو خاتمو آڻيندا آهن. الله تعاليٰ جيڪڏهن پنهنجيءَ قدرت ۽ حڪمت سان ٻانهن ۾ طاقت جو توازن برقرار نه رکي ها ته سرڪش فرد ۽ قومون آباد علائقن کي برباد ڪري ڇڏين ها ۽ زمين جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ڪنهن کي سک جو ساهه کڻڻ نصيب نه ٿئي ها.

* ڀلارن جي صدقي بُرن تان مصيبتون ٽرن ٿيون *

تفسير ابن جرير ۽ تفسير مظهريءَ لکيو آهي ته: "وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ" الاٰية - مان مراد بعضي مفسرن هن طرح لکي آهي ته: جيڪڏهن الله تعاليٰ مومنن جي مهابي ڪافرن تان ۽ نيڪن جي مهابي بدڪارن تان عذاب دفع نه ڪري ها ته اهڙو عام عذاب اچي ها جو زمين تي رهڻ وارا تباهه ٿي وڃن ها. (٢) جيئن هنن روايتن مان ثابت آهي.

(١) تفسير ارشاد العقل السليم الي مزايا القرآن الكريم المعروف بتفسير ابو السعود ص ٢٤٤ جلد ١ (٢) تفسير مظهري ص ٣٢٦ جلد ١ تفسير ابن جرير ص ٤٠٤ جلد ٢

* روايت عـ١ـ *

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ اللهَ لَيَدْفَعُ بِالْمُسْلِمِ الصَّالِحِ عَنْ مِائَةِ اَهْلِ بَيْتٍ مِنْ جِيْرَانِهِ الْبَلَاءَ" بيشڪ الله هڪ صالح مسلمان جي صدقي ان جي پاڙي وارن سؤ گهرن تان مصيبت دفع ڪندو آهي. (١٠٠)

* روايت عـ٢ـ *

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو! "اِنَّ اللهَ لَيُصْلِحُ بِصَلَاحِ الرَّجُلِ الْمُسْلِمِ وَلَدَهُ وَوَلَدَ وَلَدِهٖ وَاَهْلَ دُوَيْرَتِهٖ وَدُوَيْرَاتٍ حَوْلَهُ وَلَا يَزَالُوْنَ فِي حِفْظِ اللهِ عَزَّ وَجَلَّ مَا دَامَ فِيْهِمْ" (١) يعني بيشڪ الله تعاليٰ هڪ مسلمان صالح مرد جي ڪري ان جي اولاد، اولاد جي اولاد، ان جي ڪوٺ ۾ رهڻ وارن ۽ پاڙي ۾ رهڻ وارن کي ٺاهيندو آهي. ۽ جيستائين اهو انهن ۾ هوندو تہ الله تعاليٰ جي حفاظت ۾ رهندا.

* فائدو *

هنن روايتن کي علامه ابن ڪثير ضعيف لکيو آهي پر ضعيف روايتون بہ فضائل ۾ قبول هونديون آهن.

* روايت عـ٣ـ *

علامه ثناءُ الله عليه الرحمة لکيو آهي تہ وفي الحديث "لَوْلَا رِجَالٌ رُكَّعٌ وَصِبْيَانٌ رُضَّعٌ وَبَهَائِمُ رُتَّعٌ لَصُبَّ عَلَيْكُمُ الْعَذَابُ صَبًّا" (٢) يعني جيڪڏهن رڪوع ڪندڙ مرد ۽ کير پيئندڙ ٻار ۽ گاهہ کائيندڙ چوپايا نہ هجن ها تہ اوهان تي عذاب پلٽايو وڃي ها.

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٣٠٣ جلد ١ (٢) تفسير مظهري ص ٣٢٦ جلد ١

علامه سيوطيءَ عليه الرحمه "وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ" واري آيت جي تفسير ۾ هيٺ لکيل روايتون آنديون آهن

* روايت نمبر ١ *

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما مٿين لفظن جي تفسير ۾ فرمايو آهي تہ يَدْفَعُ اللّٰهُ بِمَنْ يُّصَلِّيْ عَمَّنْ لَّا يُصَلِّيْ وَبِمَنْ يَحُجَّ عَمَّنْ لَّا يَحُجَّ وَبِمَنْ يُّزَكِّيْ عَمَّنْ لَّا يُزَكِّيْ- يعني الله تعاليٰ نمازيءَ جي صدقي بي نمازيءَ تان حج ڪرڻ واري جي صدقي حج نہ ڪرڻ واري تان ۽ زڪواة ڏيندڙ جي صدقي زڪواة نہ ڏيڻ واريءَ تان (مصيبتون) دفع ڪندو آهي.

* روايت نمبر ٢ *

احمد، حڪيم ترمذيءَ ۽ ابن عساڪر حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "اَلْاَبْدَالُ بِالشَّامِ وَهُمْ اَرْبَعُوْنَ رَجُلاً كُلَّمَا مَاتَ رَجُلٌ اَبْدَلَ اللّٰهُ مَكَانَهُ رَجُلاً يُسْقيٰ بِهِمُ الْغَيْثُ وَيُنْتَصَرُ بِهِمْ عَلَي الْاَعْدَاءِ وَيُصْرَفُ عَنْ اَهْلِ الشَّامِ بِهِمُ الْبَلَاءُ ولفظ ابن عساڪر "وَيُصْرَفُ عَنْ اَهْلِ الْاَرْضِ الْبَلَاءُ وَالْغَرَقُ" يعني شام (ملڪ) ۾ ابدال آهن ۽ اهي چاليهہ (٤٠) مڙس آهن. جڏهن بہ انهن مان هڪ مري ويندو تہ الله تعاليٰ ان جي جاءِ تي ٻيو آڻيندو. انهن جي صدقي مينهن وسندو آهي ۽ دشمنن تي مدد ملندي آهي ۽ شام وارن تان بلائون ٽاريون ويندون آهن ۽ ابن عساڪر جي روايت جي لفظن ۾ آهي تہ "زمين وارن تان مصيبت ۽ غرق ٿيڻ انهن جي صدقي ڦيرايو ويندو آهي.

* روايت نمبر ٣ *

طبرانيءَ اوسط ۾ حسن سند سان حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ : رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو : "لَنْ تَخْلُوَا الْاَرْضُ مِنْ اَرْبَعِيْنَ رَجُلاً مِثْلَ خَلِيْلِ الرَّحْمٰنِ فَبِهِمْ تُسْقَوْنَ وَبِهِمْ تُنْصَرُوْنَ مَا مَاتَ مِنْهُمْ اَحَدٌ اِلَّا اَبْدَلَ اللّٰهُ مَكَانَهُ آخَرَ" يعني هيءَ زمين چاليهن مڙسن کان اصل خالي نہ ٿيندي

جيڪي الله جي خليل (جي قدم تي) هوندا. انهن جي صدقي پاڻي ٿو ملي ۽ انهن سان اوهان جي مدد ڪئي ويندي آهي ۽ انهن مان هڪڙو مرندو تہ الله تعاليٰ ان جي جاءِ تي ٻيو آڻيندو.

* هن امت ۾ مجدد ايندا *

الله تعاليٰ جي پياري حبيب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان پوءِ ڪنهن بہ نبي جو اچڻ ناممڪن ۽ محال آهي ڇاڪاڻ خاتم النبيين آهن. ان جي ڪري سندن دين جي احياء، مدد، نئين ۽ تازي ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ پنهنجا اهڙا ڪامل ٻانها پيدا ڪندو جيڪي هن امت محمديءَ (عليه السلام) ۾ دين کي تازگي بخشيندا. جيئن علامه سيوطيءَ مٿئين آيت جي تفسير ۾ هيءَ روايت آندي آهي.

ابودائود ۽ حاڪم حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ۽ حاڪم ان کي صحيح چيو آهي تہ نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ اللّٰهَ يَبْعَثُ لِهٰذِهِ الْاُمَّةِ عَلٰي رَاْسِ كُلِّ مِائَةِ سَنَةٍ مَنْ يُجَدِّدُ لَهَا دِيْنَهَا" يعني الله تعاليٰ هن امت لاءِ هر سؤ سال جي آخر ۾ اهڙو ماڻهو پيدا ڪندو جيڪو هن امت کي دين تازو ڪري ڏيندو. (١)

* محمدي نبوت تي استدلال *

آخر ۾ آيو "تلڪ آيت الله" تہ اهي الله تعاليٰ جون آيتون آهن جيڪي اسين تنهنجي مٿان سچ سان پڙهون ٿا. "وانک لمن المرسلين" (۽ بيشڪ تون مرسلين مان آهين) جڏهن تہ قرآن ڪريم جو هڪ وڏو مقصد نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي نبوت جو اثبات بہ آهي ان جي ڪري جتي بہ مضمون جي لحاظ سان مناسب آهي تہ اهو ذڪر ورائي ورائي ڪيو ٿو وڃي. هتي بہ جڏهن پاڻ انهيءَ قصي جي صحيح صحيح خبر ڏني اٿن حالانڪ پاڻ نہ ڪنهن وٽ پڙهيا آهن نہ ڪنهن کان اهو ٻڌو هيائون تہ اهو سندن معجزو آهي جيڪو سندن نبوت جو چٽو دليل آهي.

(١) تفسير الدر المنثور ص ٦٨٧ جلد ١

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰي بَعْضٍ مِنْهُمْ

اهي (سڀ) رسول ڀلو ڪيوسون انهن مان هڪڙن ڪي ٻين تي. انهن مان ڪنهن

مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجَاتٍ وَاٰتَيْنَا

سان الله ڳالهايو ۽ بلند ڪيائين انهن مان بعض جا درجا ۽ ڏناسون عيسيٰ پٽ

عِيْسَي ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنَاهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ

مريم جي کي چٽا دليل ۽ تائيد ڪئي سون ان جي روح پاڪ سان ۽

وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ مِّنْ

جيڪڏهن گهري ها الله تہ نہ وڙهن ها اهي جو هئا انهن کان بعد ان کان پوءِ جو آيا

بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ

انهن وٽ چٽا دليل ۽ پر اختلاف ۾ پئجي ويا پوءِ انهن مان ڪنهن

مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا

ايمان آندو ۽ انهن مان ڪنهن ڪفر ڪيو ۽ جيڪڏهن گهري ها الله تہ نہ

اقْتَتَلُوْا وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿٢٥٣﴾

وڙهن ها ۽ پر الله ڪري ٿو جيڪو ارادو فرمائي.

الجزءِ الثالث ٣ وقف لازم

٣٣ع ٥-

تفسير

جاڻڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جيڪي بہ رسول ۽ نبي موڪليا اهي سڀئي نفس رسالت ۽ نبوت ۾ برابر آهن پر فضائل، ڪمالات، مرتبن، مقامات، معجزات

۽ شان ۾ هڪ ٻئي تي فضيلت رکن ٿا. ڪنهن کي هڪ ڪمال سان موصوف ڪيو ويو آهي تہ ڪنهن کي ٻئي شرف سان مشرف بنايو ويو آهي مگر محبوب مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم جن ٿي هڪ اهڙا حبيب آهن جيڪي سيني جلالي ۽ جمالي ڪمالن جو مظهر آهن. جيڪي مرتبا ٻين نبين کي هڪ هڪ ڪري عطا ڪيا ويا اهي سيئي تہ اعليٰ ۽ ڪمال صورت ۾ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن کي ڏنا ويا هئا پر انهن کان سواءِ بہ بيشمار فضيلتون ۽ ڀلايون ڪين مليون جن ۾ ڪو بہ نبي ۽ رسول ساڻن برابري تہ ڇا پر شريڪ ٿيڻ جي دعويٰ بہ نہ ٿو ڪري سگهي پاڻ ساريءَ ڪائنات لاءِ محدود وقت جا نہ پر هميشه ۽ ابدالاباد نبي آهن. ڪين قرآن ڪريم جهڙو عظيم ۽ بي مثال ڪتاب مليو. پاڻ رحمة للعالمين بنجي آيا سندن مٿان ختمِ نبوت جو تاج رکيو ويو. قرآن پاڪ جي تفسير لکندڙ عالمن صراحت سان لکيو آهي تہ بلند درجن وارن مان مراد سندن ذات عالي صفات آهي.

* سوال *

هڪ روايت ۾ آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "نبين جي وچ ۾ ڀلائي بيان نہ ڪيو" ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ "(منهنجي باري ۾) ڪو بہ نہ چوي تہ مان يونس بن متىٰ (نبي سڳوري عليه السلام) کان ڀلو آهيان" پوءِ ڪيئن ٿا چئو تہ هڪڙا نبي ٻين کان ڀلا آهن؟

* جواب *

مٿي لکي آيا آهيون تہ رسالت جي اصل ۾ سيئي برابر آهن ۽ مٿين روايتن مان بہ اهائي مراد آهي باقي شان ۽ مرتبي ۾ هڪڙن جو ٻين کان ڀلوهجڻ قرآن پاڪ جي مٿينءَ آيت سان گڏ هن آيت مان بہ ثابت آهي

"وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيِّيْنَ عَلىٰ بَعْضٍ وَّاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا" (١)

"۽ البتہ بيشڪ ڀلو ڪيوسون هڪڙن نبين کي ٻين تي ۽ ڏنوسون دائود کي زبور"

علامه قرطبيءَ مٿيون بيان آڻي لکيو آهي تہ وهذا قول حسن جمع بين الآي والاحاديث (٢) يعني هيءُ قول سهڻو آهي جنهن آيتن ۽ حديثن کي گڏي ڇڏيو آهي

(١) سورة بني اسرائيل رکوع ٦ پ ١٥ (٢) الجامع لاحكام القرآن ص ٢٦٣ جلد٣

قرآن پاڪ جي انهن ٻنهي آيتن سان گڏ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي حديثن مان به ثابت آهي ته پاڻ گهڻين فضيلتن ۾ پلاين جا صاحب آهن

* حديث ع ١ *

ابن المنذر ۽ حاڪم صحيح سند سان حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "اَتَعۡجَبُوۡنَ اَلۡخُلَّةُ لِاِبۡرَاهِيۡمَ وَالۡكَلَامُ لِمُوۡسيٰ وَالرُّؤۡيَةُ لِمُحَمَّدٍ(صلي الله عليه وسلم) يعني ڇا اوهان عجب ۾ آهيو ته خليل هجڻ ابراهيم لاءِ ۽ ڪليم هجڻ موسيٰ لاءِ ثابت آهي (پر ان کان وڌيڪ) الله تعاليٰ جو ديدار ڪرڻ آهي (جيڪو حضرت) محمد صلي الله عليه وسلم جن جي لاءِ ثابت آهي.

* حديث ع ٢ *

حضرت ابو سعيد خدريؒ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته" اَنَا سَيِّدُ وُلِدِ آدَمَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ وَلَا فَخۡرَ وَبِيَدِيۡ لِوَاءُ الۡحَمۡدِ وَلَا فَخۡرَ وَمَا مِنۡ نَبِيٍّ آدَمُ فَمَنۡ سِوَاهُ اِلَّا تَحۡتَ لِوَائِيۡ وَاَنَا اَوَّلُ مَنۡ تَنۡشَقُّ عَنۡهُ الۡاَرۡضُ وَلَافَخۡرَ وَاَنَا اَوَّلُ شَافِعٍ وَّ اَوَّلُ مُشَفَّعٍ وَّلَا فَخۡرَ"(١) يعني مان قيامت جي ڏينهن آدم (عليه السلواة والسلام) جي اولاد جو سردار آهيان ۽ ڪو فخر نه آهي ۽ منهنجي هٿ ۾ حمد جو جهنڊو هوندو ۽ ڪو فخر نه آهي ۽ سڀ نبي (سڀورا) (حضرت) آدم (عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ) ۽ جيڪي ان کان سواءِ آهن منهنجي جهنڊي جي هيٺان هوندا ۽ مان پهريون آهيان جنهن جي (ٻاهر نڪرڻ جي خاطر قيامت جي ڏينهن) زمين ڦاٽي پوندي ۽ ڪو فخر نه آهي ۽ مان پهريون شفاعت ڪندڙ ۽ پهريون شفاعت قبول پيل آهيان ۽ ڪو فخر نه آهي.

* حديث ع ٣ *

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله

(١) تفسير مظهري ص ٣٢٧ ج ١

عليه وسلم جن جي اصحابن مان ڪجهہ ماڻهو ويٺا هئا ۽ نبي صلي الله عليه وسلم جن (پنهنجيءَ جاءِ مان) ٻاهر نڪتا تہ اهي ڳالهہ (نبين سڳورن جو) ذڪر پيا ڪن هڪڙن چيو تہ الله تعاليٰ ابراهيم کي خليل بنايو. ٻئي چيو تہ موسيٰ سان الله تعاليٰ ڳالهايو. ٻئي (ٽئين) چيو تہ عيسيٰ الله جو ڪلمو ۽ روح آهي ۽ آدم کي الله تعاليٰ برگزيدو بنايو. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن (سڀ ڪجهہ ٻڌي) فرمايو تہ "مون اوهان جي گفتگوءَ ۽ عجب ۾ پوڻ کي ٻڌو آهي. بيشڪ ابراهيم خليل ۽ موسيٰ نجي ۽ عيسيٰ الله جو ڪلمو ۽ روح آهي ۽ آدم کي الله تعاليٰ برگزيدو بنايو. اهي سڀئي ائين آهن. پر خيال سان ٻڌو تہ مان الله جو حبيب آهيان ۽ ڪو فخر نہ آهي ۽ قيامت ۾ مان حمد جي جهنڊي جو کڻندڙ آهيان آدم ۽ ٻيا سڀ ان جي هيٺان هوندا ۽ ڪو فخر نہ آهي (۽ قيامت ۾) مان پهريون شفاعت ڪندڙ ۽ شفاعت قبول پيل آهيان ۽ ڪو فخر نہ آهي ۽ مان پهريان جنت جي ڪڙي کي کڙڪائيندس پوءِ الله تعاليٰ مون لاءِ (جنت) کوليندو ۽ مون کي (جنت ۾) داخل ڪندو." علامه رازيءِ عليه الرحمة لکيو آهي تہ امت جو هن ڳالهہ تي اجماع آهي تہ نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام مان شان جي لحاظ سان هڪڙا ٻين کان پلا آهن ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن تہ سيني نبين کان افضل، ارفع ۽ اعليٰ آهن جيئن هنن دليلن مان ثابت آهي.

* دليل ع ١ *

الله تعاليٰ فرمايو آهي: "وَمَا اَرْسَلْنَاكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ" (١) يعني اسان اوهان کي سيني جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي. جڏهن پاڻ سيني جهانن (جن ۾ انبياء عليهم السلام ۽ ملائڪ بہ داخل آهن) جي لاءِ رحمت آهن ۽ ٻيا سڀ سندن رحمت مان مستفيض ٿيندڙ آهن تہ پاڻ سيني کان پلا بہ آهن . سندن مرتبو ۽ منصب سيني کان مٿي، بلند ۽ بالا آهي.

(١) سورة الانبياء رڪوع ٧ پ ١٧

* دليل ع۲ *

الله تعاليٰ فرمايو آهي: "وَرَفَعْنَا لَکَ ذِكْرَکَ" (١) ۽ اسان تنهنجي لاءِ تنهنجي ذڪر کي بلند ڪيو آهي. ان جي وضاحت ۾ مفسرن لکيو آهي تہ ڪلمي، بانگ، التحيات، خطبي وغيره ۾ هر جاءِ تي الله تعاليٰ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ذڪر کي جيئن پنهنجي ذڪر سان گڏ رکيو آهي. ائين ڪنهن بہ نبي سڳوري جو ذڪر نہ آيو آهي.

*دليل ع۳ *

الله تعاليٰ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي اطاعت کي پنهنجي اطاعت سڏيو آهي. جيئن فرمان ايزدي آهي: "مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰہَ" (٢) يعني جيڪو رسول (ﷺ) جي اطاعت ٿو ڪري، اهو الله جي اطاعت ٿو ڪري. حضور صلي الله عليه وسلم جن جي بيعت ڪرڻ کي الله تعاليٰ پنهنجي بيعت ٿو سڏي جيئن فرمان مبارڪ آهي: "اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَکَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰہَ" (٣) يعني بيشڪ جيڪي(ماڻهو)تنهنجي بيعت ٿا ڪن (حقيقت ۾ اهي) الله جي بيعت ٿا ڪن. حضور صلي الله عليه وسلم جن جي عزت کي الله تعاليٰ پنهنجي عزت سان گڏي بيان فرمايو آهي جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي: "وَلِلّٰہِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِہٖ" (٤) ۽ الله جي لاءِ عزت آهي ۽ ان جي رسول (ﷺ) جي لاءِ. ۽ الله تعاليٰ پنهنجي راضي ڪرڻ کي نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن‌جي راضي ڪرڻ سان گڏ بيان ڪرڻ فرمايو آهي. جيئن ارشاد رباني آهي تہ: "وَاللّٰہُ وَرَسُوْلُہٗ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْہُ" (١) يعني الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ حقدار آهن جو انهن کي راضي ڪن ۽ محبوبِ خدا صلي الله عليه وسلم جن جي سڏ کي جيءُ چوڻ اصل ۾ الله تعاليٰ جي حڪم کي جيءُ چوڻ آهي. جيئن حڪم آهي: "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰہِ وَلِلرَّسُوْلِ" (٢) اي ايمان وارا الله ۽ ان جي رسول جي (سڏ)کي قبول ڪيو.

(١) سورة الانشراح پ ٣٠ (٢) النساء رڪوع ١١ پ ٥ (٣) سورة الفتح رڪوع ١ پ ٢٦ (٤) سورة المنافقون رڪوع ١ پ ٢٨
(٥) سورة التوبه رڪوع ٨ پ ١٠ (٦) سورة الانفال رڪوع ٣ پ ٩

* دليل ع ٤ *

الله تعاليٰ پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي حڪم ڪيو آهي تہ جن ماڻهن کي قرآن پاڪ جي ڪلام الله هجڻ ۾ شڪ آهي انهن کي چئلينج ڏي تہ قرآن پاڪ جي هڪ ننڍيءَ سورة جهڙي سورة ٺاهي پيش ڪن. قرآن پاڪ جي سڀني سورتن ۾ ننڍي سورة - الڪوثر - آهي جنهن ۾ ٽي (٣) آيتون آهن. ساري قرآن پاڪ ۾ سڀئي ڇهہ هزار ڇهہ سؤ ڇاهٺ (٦٦٦٦) آيتون آهن انهن مان ٽن (٣) آيتن واريون ننڍيون سورتون ٺاهيو تہ ٻہ هزار ٻہ سؤ ٻاويهہ (٢٢٢٢) ٿينديون. جڏهن ٽن آيتن واري هڪ ننڍي سورة معجزو آهي تہ سارو قرآن ڪريم هڪ معجزو نہ پر ٻہ هزار ٻہ سؤ ٻاويهہ معجزا آهي. حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي نو (٩) معجزا مليا ۽ ٻين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي بہ محدود معجزا مليا. ڪنهن کي پنج ڪنهن کي چار يا گهٽ وڌ معجزا مليا. تہ جنهن حبيب عليه الصلواة والسلام کي هڪ قرآن پاڪ ۾ ايترا معجزا مليا ان جو شان ڪيڏو نہ بلند ۽ بالا هوندو.

* دليل ع ٥ *

اسان جي نبي عليه الصلواة والسلام کي مليل معجزو (قرآن پاڪ) ٻين نبين جي معجزن کان ڀلو آهي تہ خود نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن بہ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام کان ڀلا آهن.

* دليل ع ٦ *

ٻين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جا معجزا سندن دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پوءِ نظرن کان غائب ٿي ويا مگر اسان جي آقا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو معجزو قرآن مقدس سندن رحلت کان پوءِ بہ قائم آهي ۽ ساري دنيا کي للڪاري رهيو آهي تہ منهنجي پيغام جهڙو ڪو پيغام پيش تہ ڪري ڏيکاريو.

* دليل ع‍ـ ٧ *

حضور پرنور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ساري مخلوق ڏانهن نبي ڪري موڪليا ويا آهن ۽ ساري مخلوقات جي رهنمائيءَ ڪرڻ ۾ محنت ۽ مشقت گهٽي هوندي آهي ۽ جنهن جي محنت گهٽي هوندي آهي ته ان جو اجر به گهٽو هوندو آهي ۽ جنهن جو اجر گهٽو هوندو آهي اهوئي افضل هوندو آهي.

* دليل ع‍ـ ٨ *

نبي پاڪ، صاحب لولاڪ، سياح افلاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو دين ٻين دينن کان پلو آهي ڇو ته انهن سڀني کي منسوخ ڪرڻ وارو آهي. جڏهن هيءُ دين پلو آهي ته هن دين جا اصول وضع ڪندڙ نبي عليه الصلواة والسلام جن به ٻين نبين کان پلا آهن.

* دليل ع‍ـ ٩ *

سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي امت ٻين امتن کان پلي آهي جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي: "كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ" توهان پلي امت آهيو ته انهيءَ امت جو آقا ۽ سرواڻ سڀني امتن جي اڳواڻن کان پلو آهي.

* دليل ع‍ـ ١٠ *

پاڻ سڀني نبين کان آخر ۾ آيا، سندن وجود مسعود تي ئي نبوت ۽ رسالت ختم آهي ان جي ڪري پاڻ سڀني کان پلا آهن ڇو ته ٻيو ڪو خاتم النبيين جي صفت سان موصوف نه آهي.

* دليل ع‍ـ ١١ *

قيامت جي ڏينهن سڀ انبياءِ عليهم الصلواة والسلام سندن جهنڊي جي هيٺان هوندا. پاڻ ٻئي ڪنهن جي جهنڊي جي هيٺان نه هوندا. ان جي ڪري پاڻ ئي اعليٰ ۽ افضل آهن.

* دليل ع ١٢ *

نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام مان هڪڙن جو ٻين کان پلو هجڻ ٻن وجهن جي ڪري هوندو آهي. ١- هڪ معجزن جي گهڻي هجڻ جي ڪري جيڪي انهن جي صداقت ۽ حقانيت تي دلالت ڪندا آهن ۽ اهي معجزا ٻه اسان جي حبيب صلي الله عليه وسلم جن جا گهڻا آهن ۽ اهي معجزا مختلف نمونن جا آهن. ڪي قدرت سان تعلق ٿا رکن جيئن ٿوري پاڻيءَ يا کاڌي مان گهڻن ڪي ڍؤ ڪرائڻ - ڪي علم سان واسطو ٿا رکن جيئن غيبي (ڳجهيون) ڳالهيون ٻڌائڻ، ڪي قرآن پاڪ جي فصاحت سان ته ڪي سندن ذات سان متعلق آهن جيئن اعليٰ نسب مان هجڻ، وڏو بهادر ۽ دلير هجڻ، بردباري، وفاداري، فصاحت، بلاغت ۽ سخاوت جو صاحب هجڻ. انهن سيني ڳالهين ۾ سندن مقام نرالو آهي ڪو به سندن همسر، برابر ته ڇا پر سندن مرتبي کي ويجهو به نه ٿو وڃي سگهي. ڪين علم، حڪمت، برڪت، رحمت، فيض، سخاوت، شفقت جون اهي ڪاٽيون عطا ٿيون جو ڪو سوچي به نه ٿو سگهي.

* دليل ع ١٣ *

قرآن ڪريم ۾ ٻئي جنهن به نبي کي سڏيو ويو آهي ته صرف نالي سان جيئن يا آدم يا نوح، يا ابراهيم، يا موسيٰ وغيرهم مگر جڏهن سرتاج انبياءِ عليه وعليهم الصلواة والسلام جن جي سڏڻ جو ذڪر آيو آهي ته ڪين پيارن لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. جيئن يا ايها النبي، يا ايها الرسول يا ايها المزمل، يا ايها المدثر وغيره. اهي فضائل ذڪرڪري آخر ۾ علامه رازيؒ عليه الرحمه لکيو آهي ته ان محمدا صلي الله عليه وسلم ڪان مستجمعا للڪل فمنصبه اعليٰ ومعجزاته ابقيٰ واقويٰ وقومه اڪثر ودولته اعظم واوفر (١) يعني هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته (حضرت) محمد (مصطفيٰ) صلي الله عليه وسلم جن سيني پلاڻن جا جامع آهن. سندن مرتبو اعليٰ معجزا گهڻا هميشه هر دوارا قوي ۽ سندن امت تمام گهڻي ۽ دولت وسيع ۽ وڏي آهي.

(١) تفسير ڪبير ص ٢٠١ جزء ٦

* سوال *

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي تہ "اُولٰٓئِکَ الَّذِيۡنَ هَدَي اللّٰهُ فَبِهُدَاهُمُ اقۡتَدِهۡ" (١) يعني اهي (نبي سڳورا) اهي آهن جو هدايت ڪئي انهن کي الله پوءِ انهن جي هدايت جي تابعداري ڪر. هن مان ثابت ٿيو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن کي حڪم ٿيل آهي تہ پاڻ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي تابعداري ڪن. ان اقتداءِ ۽ تابعداريءَ مان مراد ڇا آهي؟ دين جي اصول ۾ يا فروع ۾ اصول ۾ تہ اقتداءِ جائز ناهي ڇو تہ اها تقليد آهي ۽ اصول ۾ تقليد نہ هوندي آهي. جيڪڏهن فروع ۾ اقتداءِ چونداسين تہ اها بہ صحيح ناهي. ڇو تہ محمدي شريعت تہ اڳين شريعتن کي منسوخ ڪندڙ آهي ۽ ناسخ منسوخ جي اقتدا ڪيئن ڪندو؟

* جواب *

ان فرمان مان مراد آهي تہ اي حبيب! اسان توکي اڳين نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جا احوال بيان ڪري ٻڌايا. انهن مان جيڪي پسند فرمايو انهن تي عمل ڪيو. باقي حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن جا تابع نہ آهن.

علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمه لکيو آهي تہ! وعليٰ قدر غلبات انوار التوحيد عليٰ ظلمات الوجود كانت مراتب الانبياءِ بعضهم فوق بعض فلما غلب نور الوحدانيه عليٰ ظلمة انسانية النبي عليه السلام اضمحلت و تلاشت وفنيت ظلمة وجوده بسطوات تجلي صفات الجمال فكل نبي بقدر بقية ظلمة وجوده بقي في مكان من اماكن السموات فانه صلي الله عليه وسلم ما بقي في مكان ولا في الامكان لانه كان فانيا عن ظلمة وجوده باقيا بنور وجوده ولهذا سماه الله نورا وقال "قد جاءكم من الله نور وكتاب مبين" فالنور هو محمد صلي الله وسلم والكتاب هو القرآن (٢) يعني نبين جا مرتبا وجود جي انڌيرن تي توحيد جي انوار جي غلبي موافق هڪ ٻئي کان مٿي هوندا آهن. جڏهن نبي صلي الله عليه وسلم جن جي انسانيت تي وحدانيت جو نور غالب ٿيو تہ اها انسانيت واري

(١) سورة الانعام رڪوع ١٠ پ ٧ (٢) روح البيان ص ٣٩٥ جلد ١

ظلمت جمال، جلال جي صفات جي تجليءَ جي غلبي جي ڪري گم، فنا ۽ ختم ٿي وئي. هر هڪ نبي سڳورو پنهنجي وجود ۾ باقي رهيل ظلمت آهر آسمانن جي مڪانن مان ڪنهن نه ڪنهن مڪان ۾ رهيو پر (اسان جو) نبي صلي الله عليه وسلم نه مڪان ۾ نه امڪان ۾ (بلڪ انهن کان مٿي ويا) ڇوته پاڻ وجود جي ظلمت کي فنا ڪري ان جي نور سان باقي رهيا ۽ ان سبب جي ڪري الله تعاليٰ کين نور ڪري سڏيو آهي. جيئن سندس فرمان آهي ته "تحقيق آيو آهي اوهان وٽ الله جي طرفان نور ۽ روشن ڪتاب" نور مان مراد حضرت حبيب صلي الله عليه وسلم جن آهن ۽ ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم آهي.

"مِنۡهُمۡ مَّنۡ كَلَّمَ اللّٰهُ" مان مراد حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام آهي جو ته ان سان الله تعاليٰ طورسينا تي ڳالهائي ان کي پنهنجو ڪليم بنايو. "وَاٰتَيۡنَا عِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ الۡبَيِّنٰتِ" اسان عيسيٰ بن مريم کي معجزا، روشن دليل ڏنا. جو سندس دعا سان مئل جيئرا، انڌا سجا ۽ ڪوڙهه جا مريض صحتياب ٿيندا هئا.

* هڪ عجيب نڪتو *

هن آيت سڳوريءَ ۾ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام جا نالا مبارڪ ذڪر ڪيل نه آهن حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام جو نالو صراحت سان ان جي ڪري آندو ويو آهي جو هي نبي سڳورو پنهنجن ۽ پراون جي افراط ۽ تفريط جو نشانو رهيو آهي. نصارن کيس الله تعاليٰ جو پٽ سڏيو ۽ ظالم يهودي ته ان کي هڪ شرف وارو انسان سڏڻ يا مڃڻ لاءِ به تيار نه آهن. تنهن جي ڪري سندس نالي سان گڏ سندس والده جو نالو به بيان ڪيو ويو آهي تانته سندس الوهيت (الله سمجهڻ) جو رد به ڪيو وڃي ته حضرت عيسيٰ نه الله آهي نه الله جو پٽ آهي هي ته هڪ دينڊار پاڪدامن بيبي مريم عليها السلام جو پٽ آهي. "وَاَيَّدۡنٰهُ بِرُوۡحِ الۡقُدُسِ" ڇئي يهودين جي الزام تراشيءَ جو رد ڪيو ويو آهي ته حضرت عيسيٰ الله تعاليٰ جو پيارو، شان ۽ شرف وارو نبي آهي نه الله آهي نه الله تعاليٰ جو پٽ آهي بلڪ معجزن ڏيکارڻ وارو الله تعاليٰ جو رسول آهي. "وَلَوۡ شَآءَ اللّٰهُ" کان آيت سڳوريءَ ۾ وڏي غور، فڪر ۽ توجهه جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪنهن به هن الفاظ تي وڏو خيال نه لڳايو ته اهو هن غلط فهميءَ جو شڪار ٿيندو ته انسان صفا مجبور آهي. سندس وس ۾ ڪجهه به ناهي. هڪ اڻ ڏني قوت جي هٿ ۾ هي هڪ رانديڪو آهي ان جو

ڪوبہ سٺو يا خراب ڪم سندس ارادي سان ناهي. اهي ڪم ان ڪان بي وس ڪرايا ٿا وڃن. مگر جيڪو غور ڪندو تہ اهو سمجهندو تہ هن آيت جا الفاظ پاڻ ئي ان جي ترديد ڪري رهيا آهن. اختلفوا (پاڻ ۾ اختلاف ڪيائون) "فمنهم من آمن" پوءِ انهن مان اهي ڪي آهن جن ايمان آندو "ومنهم من كفر" ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جن ڪفر ڪيو. سوچي ٻڌايو تہ اهي ٽئي ڪم ڪنهن جي بہ ارادي ۽ اختيار کان سواءِ صادر نہ ٿيندا ڇو تہ انهن ٽنهي ڪمن جو تعلق ظاهري عضون سان ناهي جن تي سختيءَ سان هلي سگهجي. بلڪ انهن جو تعلق ذهن ۽ قلب سان آهي. آيت جو مطلب هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ انسانن کي عقل ۽ فڪر جي صلاحيت عطا ڪئي آهي ۽ عمل ڪرڻ جي لياقت بہ بخشي آهي. پوءِ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي ذريعي الله تعاليٰ انهن جي لاءِ هدايت جو مينار روشن ڪيو ۽ انهن کي مجبور ڪرڻ جي بجاءِ اختيار ڏنو ويو تانتہ سڌيءَ واٽ تي هلي سگهن. بعضي ماڻهن صرف عقل جي اتباع ڪندي پنهنجيءَ مرضيءَ سان سڌي واٽ ورتي. ۽ بعضي ماڻهن دنياوي خواهشات ۽ نفساني شهوتن تي پنهنجيءَ خوشيءَ سان پنهنجي روحاني ترقي قربان ڪري ڇڏي. "وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا" مان مقصد صرف اهو ٻڌائڻو آهي تہ انسانن کي اختيار تہ ڏنل آهي پر الله تعاليٰ جي قدرت کان ٻاهر نہ آهي. الله تعاليٰ جي قوت ۽ قدرت ايتري زبردست ۽ همه گير آهي جو اهو جيڪي گهري ٿو ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح پاڻ انسان کي ڪم ڪرڻ جي قوت عطا ڪئي اٿس اهڙيءَ طرح انسان کان اها قوت کسڻ تي بہ قادر آهي. اهوئي سڌو، صحيح ۽ سالم رستو آهي جنهن سان اختلافن کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ

اي ايمان وارا - خرچ ڪيو ان مان جو ڏنوسون اوهان کي ان (وقت کان) اڳ ۾ جو

قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا

اچي اهو ڏينهن جو ناهي واپار ان ۾ ۽ نہ دوستي ۽ نہ شفاعت (ڪافرن لاءِ) ۽

شَفَاعَةٌ ۭ وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٢٥٤

ڪافر اهي ئي ظالم آهن

تفسير

مٿي ذڪرڪيل آيتن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ حق ۽ باطل جي جنگ جاري رهندي ۽ ان ۾ حق جي علمبردارن کي جاني ۽ مالي قرباني ڏيڻي پوندي. هن آيت ۾ ان قربانيءَ کي واضح ۽ کولي بيان ڪيو ويو آهي ۽ مسلمان کي امر ٿيو آهي تہ اهي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ مال خرچ ڪن. ۽ ان ڏينهن کان اڳ ۾ خرچ ڪن جنهن ۾ نہ وڪرو يا خريداري هلندي، نہ دوستي ڪم ايندي ۽ نہ شفاعت هلندي.

* الله تعاليٰ جي اذن کان سواءِ ڪنهن لاءِ بہ شفاعت نہ هوندي *

هن آيت جي الفاظ کي سطحي نظر سان ڏسڻ وارا شفاعت جو ۽ الله تعاليٰ جي پيارن ٻانهن جي محبت ۽ دوستيءَ جي فائدي ڏيڻ جو انڪار ڪري ماڻهن کي گمراهہ ڪندا آهن تہ ميان! قيامت ۾ ڪنهن جي بہ شفاعت يا دوستي ڪم نہ ايندي. پر قرآن ڪريم جي سيني آيتن ۽ محبوب مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي حديثن تي غور ڪرڻ سان ثابت آهي تہ مومنن لاءِ شفاعت بہ حق آهي ۽ خدا تعاليٰ جي ٻانهن جي محبت ۽ دوستي بہ نفعو ڏيڻ واري شيءِ آهي. علامه فخر الدين رازيؒ هن آيت جو تفسير بيان ڪندي لکيو آهي تہ ان سائر الدلائل دلت عليٰ ثبوت المودة والمحبة بين المؤمنين وعليٰ ثبوت الشفاعة للمؤمنين (١) يعني سڀ دليل دلالت ٿا ڪن تہ مومنن جي دوستيءَ محبت هڪ ٻئي جي لاءِ (فائديمند) آهي ۽ مومنن لاءِ شفاعت ثابت آهي. قرآن پاڪ جو احاديث ۽ آثار سان تفسير لکندڙ علامه جلال الدين سيوطيؒ عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ فلاخلة الا خلة المتقين (٢) يعني قيامت ۾ صرف پرهيزگارن جي دوستي (ڪم ايندي ۽) اهائي ڪارائتي آهي.

(١) تفسير ڪبير ص ٢٠٦ جزء ٦ (٢) تفسير الدر المنثور ص ۴ جلد ٢

قرآن ڪريم جي لاثاني مفسر علامه قرطبيءَ عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ اخبر الله تعاليٰ ان لا خلة في الآخرة ولا شفاعة الا باذن الله وحقيقتها رحمة منه تعاليٰ شرف بها الذي اذن له في ان يشفع (١) يعني الله تعاليٰ بيان فرمايو آهي تہ قيامت ۾ دوستي ۽ شفاعت الله جي اذن کان سواءِ (فائدو نہ ڏينديون) ۽ حقيقت ۾ اها الله تعاليٰ جي طرفان رحمت آهي جنهن سان ان ٻانهي کي شرف بخشيو اٿس جنهن کي شفاعت جو اذن ٿو عطا ڪري. علامه حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ ان الدلائل قائمة عليٰ ثبوت الشفاعة للمومنين (٢) مومنن جي لاءِ شفاعت ڪرڻ جي ثبوت لاءِ دليل قائم آهن. علامه بيضاويءَ لکيو آهي تہ لا شفاعة الا لمن اذن له الرحمن ورضي له قولا (٣) يعني شفاعت صرف ان جي هلندي جنهن کي الله اذن ڏنو ۽ ان جي قول کان راضي آهي. علامه ثناءُ الله پاني پتيءَ لکيو آهي تہ ولا شفاعة الا باذن الله (۴) يعني الله تعاليٰ جي اذن کان سواءِ شفاعت نہ آهي. هنن سيني قرآن پاڪ جي مفسرن، محدثن جي عبارتن کي غور سان پڙهو تہ نتيجو اهو ٿو نڪري تہ ڪافرن لاءِ شفاعت بالڪل ناهي. ايمان وارن لاءِ شفاعت قرآن پاڪ جي ٻين آيتن ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جي متواتر حديثن مان ثابت آهي. جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي علماءِ حق اهل سنت وجماعت ان موضوع تي خصوصي طرح وڏا وڏا ڪتاب لکي شفاعت جي منڪرن کي لاجواب ڪري ڇڏيو آهي.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اَلْحَیُّ الْقَیُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ

سچو معبود. ناهي ڪو عبادت جو لائق ان کان سواءِ. جيئرو، (سيني کي)

وَّلَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ ؕ

قائم رکندڙ. نہ ٿي وٺي ان کي اوجهرائي ۽ نہ ننڊ ان جي ملڪيت آهي جيڪو

(١) تفسير القرطبي ص ٢٦٦ جلد ٣ (٢) روح البيان ص ٣٩٦ جلد ١ (٣) تفسير بيضاوي ڪامل ص١٦۴ (۴) تفسير مظهري ص ٣٣٠ ج ١

مَنْ ذَا الَّذِیْ یَشْفَعُ عِنْدَہٗۤ اِلَّا بِاِذْنِہٖ ؕ یَعْلَمُ مَا بَیْنَ

آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي، ڪير آهي جو شفاعت ڪندو ان وٽ ان

اَیْدِیْھِمْ وَمَا خَلْفَھُمْ ۚ وَلَا یُحِیْطُوْنَ بِشَیْءٍ مِّنْ

جي اجازت کان سواءِ ڄاڻي ٿو جيڪي انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن جي

عِلْمِہٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ کُرْسِیُّہُ السَّمٰوٰتِ

پويان آهي ۽ نہ ٿا گهيرو ڪن ڪنهن شيءِ جو ان جي علم مان مگر جيترو گهري ڪشادي آهي

وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا یَئُوْدُہٗ حِفْظُھُمَا ۚ وَھُوَ الْعَلِیُّ

ڪرسي ان جي آسمانن ۽ زمين کان ۽ نہ ٿي ٿڪائي ان کي حفاظت انهن جي ۽ اهو

الْعَظِیْمُ ﴿٢٥٥﴾

مٿاهون، وڏو آهي

تفسير

هن آيت سڳوريءَ کي آيت الڪرسي سڏيندا آهن. قرآن ڪريم جي آيتن ۾ وڏي شان واري آيت آهي. مسند امام احمد بن حنبل ۾ روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هن آيت کي سيني آيتن کان پلو چيو آهي (١)

مسلم شريف ۾ حضرت ابي بن ڪعب رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اي ابا المنذر الله جي ڪتاب جي ڪهڙي آيت وڏي شان واري آهي؟" مون عرض ڪيو تہ (جنهن جي اول ۾) "الله لا اله اِلَّا هو الحي القيوم" آهي. پاڻ منهنجي سيني تي هٿ هڻي فرمايائون تہ:

(١) تفسير معارف القرآن ص ٥٥٧ جلد ١

"توکي علم جي مبارک آهي" ابن مسعود، عوف بن مالک، ابوذر، ابوهريره رضي الله عنهم کان مرفوعًا روايت آهي تہ: "سَيِّدُ آيِ الْقُرْآنِ آيَةُ الْكُرْسِيِّ" يعني قرآن جي آيتن جي سردار آية الکرسي آهي. حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان روايت کئي آهي تہ (پاڻ فرمايائون) "مَنْ قَرَءَ آيَةَ الْكُرْسِيِّ دُبُرَ كُلِّ صَلوٰةٍ لَمْ يَمْنَعْهُ مِنْ دُخُولِ الْجَنَّةِ إِلَّا الْمَوْتُ" (١)

يعني جنهن هر نماز کان پوءِ آيت الکرسي پڙهي تہ ان کي جنت ۾ وڃڻ لاءِ موت کان سواءِ ڪوبہ نہ روڪيندو. (يعني مرڻ شرط جنت ۾ داخل ٿيندو) هن آيت ۾ الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جي وحدانيت عجيب وغريب انداز سان بيان ڪيل آهي. الله جي موجود هجڻ، زنده هجڻ سميع، بصير، واجب الوجود هجڻ، تغيرات ۽ تاثرات کان بالاهجڻ جو ذڪر ڪيل آهي. ان جي بي پرواهہ ذات جي اڳيان سندس اذن ۽ اجازت کان سواءِ ڪوبہ نہ ٿو ڳالهائي سگهي. ساريءَ ڪائنات جو موجد ۽ خالق انهن جي نظام کي محڪم ۽ مضبوط رکندڙ بہ اهوئي آهي ذري ذري کي سنڀالڻ ۾ ڪيس ڪابہ ٿڪاوٽ نہ ٿيندي آهي. هن آيت ۾ ڏهہ (١٠) جملا آهن پهريون - "الله لا الٰه الا هو" ان ۾ الله جو لفظ اسم ذات آهي جنهن مان مراد آهي. جميع ڪمالات جو جامع ۽ سيني ڪمزورين کان پاڪ." لا الٰه الا هوَ" ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ان کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق نہ آهي. ٻيو جملو آهي "الحي القيوم" حيّ جي لفظ جي معنيٰ آهي جيئرو. هتي ان لفظ کي آڻي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اهو هميشه رهندڙ ۽ بقا وارو آهي موت جي اچڻ کان پاک ۽ مٿي آهي. قيوم قيام کان ورتل مبالغي جو صيغو آهي جنهن جي معنيٰ آهي پاڻ بيهندڙ ۽ ٻين کي قائم رکندڙ ۽ سنڀاليندڙ. قيوم - الله تعاليٰ جي خاص صفت آهي جنهن ۾ ڪابہ مخلوق ان سان شريڪ ٿي نہ ٿي سگهي. ان جي ڪري ڪنهن بہ مخلوق کي قيوم چوڻ جائز نہ آهي. عام ماڻهو تہ ڇا ڪيترا لکيل، پڙهيل ماڻهو بہ جنهن جوعبد القيوم نالو هوندو آهي ان کي قيوم سڏيندا آهن حالانڪ اهو جائز نہ آهي. بلڪ ائين چوڻ وڏو گناهہ آهي. گهڻن بزرگن وٽ الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان حيّ، قيوم گڏيل اسم اعظم آهن. حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: بدر جي جنگ ۾ مون هڪ ڀيري گهريو تہ

(١) تفسير مظهري ص ٣٣٥ جلد ١

نبي صلي الله عليه وسلم جن کي ڏسان تہ ڇا ڪري رهيا آهن. جڏهن سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ پاڻ سجدي ۾ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ. يَا حَيُّ يَا قَيَّامُ پڙهي رهيا هئا. ٽيون جملو آهي "لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ" سنة - س جي زير سان اوجهرائيءَ کي چوندا آهن جيڪا ننڊ جو ابتدائي اثر هوندي آهي. مڪمل ننڊ کي نوم سڏيندا آهن. هن جملي جو مطلب آهي تہ الله تعاليٰ ننڊ ۽ اوجهرائيءَ کان پاڪ آهي. اڳئين جملي ۾ قيوم جي لفظ جڏهن ٻڌايو تہ سڀني آسمانن، زمينن ۽ انهن ۾ رهندڙ مخلوق کي سنڀاليندڙ الله تعاليٰ آهي. ساري ڪائنات ان جي سهاري هلي ٿي تہ فطرتي طور انسان جي خيال جو هن طرف وڃڻ ممڪن هو تہ جيڪا ذات ايڏو ڪم سنڀالي ٿي ان کي ٿڪ ٿيندو هوندو ۽ ان کي ڪجهہ وقت ننڊ ۽ آرام لاءِ بہ گهرجي. "لَا تَاْخُذُهٗ" کان ٻڌايو ويو تہ مٽي مالڪ کي ٻين شين تي قياس ڪرڻ نہ گهرجي اهو بي مثل ۽ بي مثال آهي مثل هجڻ کان پاڪ آهي. ان کي نہ ٿڪاوٽ ٿيندي آهي نہ اهو آرام ۽ ننڊ جو محتاج آهي. چوٿون جملو آهي "لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ" هن ۾ لہ وارو لام تمليڪ جو آهي جنهن مان مراد آهي تہ سڀ شيون آسمانن واريون يا زمين واريون الله تعاليٰ جي ملڪيت آهن. اهو مختار آهي جهڙي نموني گهري انهن ۾ تصرف ڪري. پنجون جملو "مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗ اِلَّا بِاِذْنِهٖ" آهي يعني ڪير آهي جو ان جي اذن کان سواءِ ان جي اڳيان ڪنهن لاءِ سفارش ڪري سگهي. هن جملي ۾ بہ ٽي مسئلا بيان ٿيل آهن. هڪ تہ جڏهن الله تعاليٰ ساريءَ ڪائنات جو مالڪ آهي تہ ڪوبہ ان کان وڏو ۽ ان جي مٿان حاڪم ناهي. نہ ان کان ڪو ڪنهن ڪم جي باز پرس ڪري سگهي ٿو اهو جيڪو حڪم جاري ڪندو ان ۾ ڪنهن کي بہ چون چرا ڪرڻ جي مجال ناهي پر پنهنجن پيارن ٻانهن مان جن کي اجازت ڏني اٿس اهي شفاعت ڪندا. جيئن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو آهي "اَنَا اَوَّلُ شَافِعٍ" مان پهريون شفاعت ڪندڙ آهيان. ان کي شفاعت عظميٰ بہ سڏيو ويو آهي ۽ اهوئي مقامِ محمود آهي جيڪو ڪين عطا ڪيو ويو آهيءِ سندن خصوصيات مان آهي. ڇهون جملو "يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ" آهي. يعني الله تعاليٰ انهن جي اڳين ۽ پوين سڀني حالتن کي ڄاڻي ٿو، سڀني کان باخبر آهي انهن ٻانهن جي پيدائش کان اڳ جون حالتون ۽ جيڪي سندن مرڻ کان پوءِ ٿينديون اهي سڀ ڄاڻي ٿو انسان جي اڳيان ڪي شيون کليل ۽ ڪي بند آهن ڪنهن جي خبر اٿس تہ ڪنهن

جي ڪانءِ اٿس پر رب العالمين جو علم سيني کي محيط آهي. ستون جملو "وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهِ إِلَّا بِمَا شَآءَ" آهي. يعني ساري مخلوقات وارا ان جي علم جي ڪنهن حصي جو بہ اندازو لڳائي نہ ٿا سگهن پر پاڻ جنهن کي جيترو علم عطا ڪرڻ گهري ٿو اهو عنايت ڪري ٿو. اٺون جملو "وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوَاتِ وَالْأَرْضَ" آهي. يعني سندس ڪرسي ايتري وڏي آهي جنهن جي وسعت ۾ ست ئي آسمان ۽ زمينون سمائجي وڃن ٿا. ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ اٿڻ، ويهڻ ۽ ٽيڪ ڏيڻ کان پاڪ آهي. ان جي شان کي پنهنجي معاملن تي قياس ڪرڻ نہ گهرجي سندس شان جي حقيقت ۽ ڪيفيت کي سمجهڻ انساني عقل کان مٿي اهي. البته حديث جي مستند روايتن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ عرش ۽ ڪرسي عظيم الشان اجسام آهن جيڪي سيني آسمانن ۽ زمينن کان ڪئين حصا وڏا آهن. ابن جرير، ابوالشيخ، ابن مردويہ ۽ بيهقيءَ حضرت ابوذر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان (الله تعاليٰ جي) ڪرسيءَ جي باري ۾ پڇيو. پاڻ فرمايائون تہ ست ئي آسمان ۽ زمينون ڪرسيءَ جي مقابلي ۾ ائين آهن جيئن منڊيءَ جو ڪڙو هڪ وڏي ميدان ۾ اڇلايل هجي ۽ عرش تہ ڪرسيءَ کان بہ ايترو وڏو آهي جيئن اهو ميدان ان ڪڙي کان وڏو آهي. (١) علامه رازيَ ۽ طنطاويَ لکيو آهي تہ هن مان مراد الله تعاليٰ جي شان جي عظمت ۽ وڏائي بيان ڪرڻ آهي. الله تعاليٰ مخلوق سان پنهنجي ذات ۽ صفات بيان ڪرڻ ۾ انهن جي عقل ۽ سمجهہ آهر ارشاد فرمائيندو آهي الله تعاليٰ جي ذات کي خبر آهي تہ ماڻهو دنيا جي بادشاهن جي گهرن کي پيا ڦرندا آهن تہ انهن جي چڪرن هڻڻ جي لاءِ پنهنجي پاڪ ۽ مقدس بيت کي مقرر ڪيائين ۽ ماڻهو بادشاهن جي هٿن کي چمندا آهن تہ پنهنجن ٻانهن جي لاءِ حجر اسود جو چمڻ مقرر ڪيائين ۽ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "جنهن حجر اسود کي هٿ ملايو، تنهن ڄڻ تہ الله جي هٿ ۾ هٿ ملايو" اهڙيءَ طرح جيئن بادشاهن جا تخت ۽ ڪرسيون هونديون آهن جن جي تعريف ڪئي ويندي آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي شان جي لائق پنهنجي لاءِ عرش (تخت) ۽ ڪرسي بيان فرمايا آهي. مگر وڏيڪ صحيح ۽ مستند قول پهريون آهي. ان کي قرآن ۽ حديث

(١) الدر المنثور ص ١٧ ج ٢

جي دليل کان سواءِ ڇڏي نہ ٿو سگهجي. (١) نائون جملو "وَلَا يَـُٔودُهُ حِفْظُهُمَا" آهي. يعني الله تعاليٰ کي انهن ٻنهي وڏين شين آسمانن ۽ زمين جي حفاظت ٿڪائي نہ ٿي سگهي. ڇو تہ ان قادر مطلق جي اڳيان اها ڳالهہ آسان آهي. ڏهون جملو "وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيمُ" آهي يعني اهوئي بلند ۽ وڏي شان وارو آهي. ڀهرين نون (٩) جملن جي سمجهڻ کان پوءِ يقينًا اهوئي فيصلو ڏيٺو پوندو تہ وڏائي ۽ شان جي بلندي بہ ان جو حق آهي. (٢)

لَآ اِكْرَاهَ فِى الدِّيْنِ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ فَمَنْ

ناهي ڪا زبردستي دين ۾ تحقيق ظاهر ٿي هدايت گمراهيءَ کان پوءِ جيڪو

يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَيُؤْمِنْ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ

انڪار ٿو ڪري شيطان جو ۽ ايمان ٿو آڻي الله تي پوءِ تحقيق ورتائين ڪڙو

بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى لَا انْفِصَامَ لَهَا وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾

مضبوط جو ناهي ٽٽڻ ان لاءِ ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اسلام جي دشمنن جو مسلمانن تي الزام هوندو آهي تہ انهن ماڻهن کي زوريءَ مسلمان بنايو هو. قرآن ڪريم جي هن آيت ۾ انهن جو رد آهي تہ دين جي معاملي ۾ جبر ۽ زبردستيءَ جو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي. ڇو تہ دين جو بنياد ايمان تي آهي ۽ ايمان جو مرڪز دل آهي دل جبر، سختيءَ ۽ زبردستيءَ جي اڳيان نہ ٿي جهڪي ۽ اسلام دين جي حيثيت سان انسان جي باطني ۽ قلبي اصلاح ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي

(١) تفسير ڪبير ص ١٣ جزءُ ٧ الجواهر في تفسير القرآن ص ٢٣٦ جزءُ ١
(٢) معارف القرآن ص ٥٦٠ ج ١

ٻچيءَ ۾ اوهان زوريءَ ڪا شيءِ وجهندؤ ته ڇا ان جي روحاني اصلاح ٿيندي؟ ۽ ان جي مسلمان ٿيڻ جو مقصد حاصل ٿيندو؟ جيڪڏهن ائين ناهي ۽ يقيناً ناهي ته پوءِ ڪنهن کي زبردستيءَ مسلمان ڪرڻ مان ڇا ملندو. هي ان بهتان جو نظري تجزيو آهي. پر ان جو عملي پهلو به ڏسندا هلو. چوڏهن سوَ سالن گذرڻ ڪان پوءِ به اڄ هندستان ۽ پاڪستان جي ميدانن، مراڪش جي صحرائن، هماليه جي چوٽين، بحر اوقيانوس جي جزيرن، يورپ جي هنگامه آرا شهرن ۽ ايشيا جي گهٽن ملڪن ۾ روزانو پنج ڀيرا بانگ جو آواز گونججندو آهي. ڇا جنهن دين کي ظلم ۽ ستم جي خوف ڪان قبول ڪيو ويو هجي ان سان ماڻهن جي عقيدت جو اهو جهان ٿي سگهي ٿو. بلڪ هتي ته اسلام جي شيدائين ۽ محبن کي تڪليفون ڏنيون ويون، انهن تي طرحين طرحين ظلم ڪيا ويا، ڪيترا ته ڦاسيءَ چاڙهيا ويا ۽ پروپيگنڊا جا مٿن طوفان آيا پر انهن کي جيڪا الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري نبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان محبت ۽ اسلام سان عشق هو ان ۾ ڪا به ڪمي نه آئي. ها. هڪ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته اسلام جهڙيءَ طرح ڪنهن کي مسلمان ٿيڻ جي لاءِ مجبور نه ٿو ڪري ته اهڙيءَ طرح مسلمانن تي تشدد ۽ سختيءَ ڪرڻ جي يا جيڪو خوشيءَ سان مسلمان ٿيو آهي ان کي زبردستيءَ اسلام ڪان روڪڻ جي به موڪل نه ٿو ڏي. جيڪڏهن ڪٿي ڪا اهڙي صورت پيدا ٿي پوي ته اسلام پنهنجي مڃڻ وارن کي حڪم ٿو ڪري ته اهي ان ظالم قوت جو مقابلو ڪن. جهاد جو اهوئي نظريو آهي. اسلام تي نڪته چيني ڪندڙ جهاد کي اسلام لاءِ مجبور ڪرڻ سان تعبير ڪري ان تي پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪندا آهن. انهن کي سمجهڻ گهرجي ته اسلام سندن خوشنوديءَ جو پروانو حاصل ڪرڻ لاءِ مسلمانن کي سندن دشمنن جي ظلم ۽ ستم جو مرڪز بڻجڻ جي اجازت نه ڏيندو. اسلام سيني مظلومن جو حامي آهي. الله تعاليٰ فرمايو ته دين ۾ مجبور ڪرڻ ۽ زوري ناهي حق ۽ ناحق، هدايت ۽ گمراهي ظاهر آهن. جنهن شيطان جو انڪار ڪري الله تعاليٰ کي مڃيو ان الله تعاليٰ جي اهڙي مضبوط ڪڙي کي ورتو آهي جيڪو ڇڄڻ وارو نه آهي. هن آيت ۾ طاغوت لفظ آيو آهي. طاغوت طغيان ڪان ورتل آهي معنيٰ سرڪشي، برائيءَ جي هر اڳواڻ کي طاغوت سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح شيطان ۽ غلط مذهب، غلط نظريه ۽ نقصان ڏيندڙ عمل جي بانيءَ کي به طاغوت سڏيو ويندو آهي.

جيڪو شخص الله تعالىٰ جي احڪام جي خلاف پنهنجن ناهيلن قانونن جي مطابق ماڻهن جا فيصلا ڪري اهو بہ طاغوت آهي ۽ اهو طاغوت جو لفظ واحد ۽ جمع ٻنهي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. (١)

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۥ وَ

الله مددگار آهي مومنن جو ڪڍي ٿو انهن کي اونداهين مان روشنيءَ ڏانهن ۽ جن

الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰٓـــُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ

ڪفر ڪيو انهن جا ساٿي شيطان آهن ڪڍن ٿا انهن کي روشنيءَ مان اونداهين

النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥٧﴾

ڏانهن اهي جهنمي آهن اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندڙ آهن

تفسير

ولي فعيل جي وزن تي صفت مشبہ جو صيغو ولي ڪان ورتل آهي ولي جي معنىٰ قريب (ويجهو) جيڪو بہ ويجهو هوندو آ ان کي ولي چئبو آهي. پوءِ اهو جاءِ ۾ يا نسب ۾ يا نسبت ۾ يا دين ۾ يا صداقت ۾ يا اعتقاد جي لحاظ سان سڏيو ويندو آهي. ان جي ڪري مددگار کي بہ ولي سڏيو ويندو آهي. الله تعالىٰ مسلمانن کي قريب آهي، مسلمانن جو دوست آهي. مسلمانن جو مددگار آهي، مسلمانن جي ڪمن جو متولي آهي. ۽ مددگار مان مراد ديني مدد آهي. ڇو تہ سندس دنياوي مدد تہ نہ مڃڻ وارن کي بہ پهچندي آهي. هتي ٻڌايو ويو تہ الله تعالىٰ مومنن کي ظلمت مان ڪڍي نور ۾ ٿو آڻي. ظلمٰت ظلمۃ جو جمع آهي. ظلمۃ جي معنىٰ اونڌيرو آهي ۽ نور جي لغوي معنىٰ روشني ۽ اصطلاحي معنىٰ جيڪو پاڻ بہ ظاهر هجي ۽ ٻين

(١) تفسير القرطبي ص ٢٨٢ جلد ٣

كي بہ ظاهر كري. هن متي وارين اكين لاءِ انڌيرو ۽ روشني پيا آهن پر دل وارين اكين لاءِ پيا هوندا. دل جي اکين لاءِ كفر، گمراهي، حسد، بغض انڌيرو آهي ۽ رب جي رحمت، ايمان، عرفان ۽ نيک اعمال نور آهن اک جو سرمو ۽ عينڪ جدا آهي تہ دل جو جدا ۽ جڏهن تہ گمراهيون دهريت، عيسائيت، يهوديت ۽ بت پرستي وغيره گهڻيون ۽ مختلف نمونن جون آهن ۽ اسلام هڪ آهي ان جي كري ظلمٰت جمع جو صيغو ۽ نور واحد كري آندو ويو آهي. ظلمٰتُ مان كڍڻ جو مطلب آهي تہ مومنن كي كفر كان بچائي ٿو. اڳتي ارشاد ٿيو تہ كافرن ا ساٿي شيطان آهن جيكي انهن كي نور مان كڍي اونداهين ۾ ٿا آڻين. كافر ڦهڙي نور ۾ هئا جنهن مان كڍيا ويا. ان مان مراد فطرت وارو نور آهي يا مراد انهن جي ... ڏي اچڻ نہ ٿا ڏين. ۽ شيطان جي چوڻ تي هلڻ وارا جهنمي آهن.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْ حَآجَّ اِبْرٰهِيْمَ فِيْ رَبِّهٖٓ اَنْ اٰتٰىهُ اللّٰهُ

ڇا نہ ڏٺو تو ان ڏانهن جو جهيڙو كيائين ابراهيم سان ان جي رب جي (باري

الْمُلْكَ ۘ اِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّيَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۙ

۾) ان سببان جو ڏني الله ان كي بادشاهي جڏهن چيو ابراهيم تہ منهنجو رب اهو

قَالَ اَنَا اُحْيٖ وَاُمِيْتُ ۭ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ فَاِنَّ اللّٰهَ يَاْتِيْ

آهي جو جياري ٿو ۽ ماري ٿو. چيائين تہ مان بہ جياريان ۽ ماريان ٿو چيو

بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ

ابراهيم پوءِ بيشڪ الله آڻي ٿو سج اوڀر كان پوءِ آڻ تون اهو اولهہ كان پوءِ حيرت

الَّذِيْ كَفَرَ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۚ ⁅٢٥٨⁆

۾ پيو (اهو) كافر ۽ الله نہ ٿو هدايت كري ظالم قوم كي

وقف لازم

تفسير

مٿي بيان ٿيو تہ مومنن جو حامي ۽ مددگار الله تعالىٰ آهي. ۽ اهوڪين اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻيندو آهي ۽ ڪافرن جا ساٿي شيطان آهن جيڪي انهن کي نور جي بجاءِ انڌيرن ۾ رکندا آهن. هاڻي ان جي وضاحت لاءِ مثال ڏيندي ٽي واقعا پيش ڪيا ويا آهن پهريون مثال اهڙي شخص جو آهي جنهن جي اڳيان واضح دليلن سان حقيقت پيش ڪئي وئي. ۽ اهو انهن جي اڳيان لاجواب بہ رهيو پر ان پنهنجي واڳ شيطان جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏي هئي. تنهن جي ڪري حق جي واضح ٿيڻ ڪان پوءِ بہ روشنيءَ ۾ اچي نہ سگهيو ۽ڪفر جي انڌيرن ۾ ڀٽڪندو رهيو. اهونمرود بن ڪنعان بن سام بن نوح هو. پهريان پهريان مٿي تي تاج بہ ان ڍڪيو هو. وڏو جابر، سرڪش ۽ هٺيلو هو. پاڻ کي خدا سڏائيندو هو.

ڄاڻڻ گهرجي تہ ساريءَ دنيا تي بادشاهي[1] چئن ڄڻن ڪئي هئي. ٻہ مسلمان ۽ الله کي مڃڻ وارا رب جا پيارا هئا. هڪ حضرت سليمان عليه السلام - ٻيو[2]- ذوالقرنين سڳورو ۽ ٻہ ڪافر هئا. هڪ نمرود[1] ٻيو بخت[2] نصر- بخت نصر اهوئي شداد آهي جنهن عدن جي ميدانن ۾ جنت جهڙو باغ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي (١) حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام نمرود کي الله تعالىٰ جي سچي دين جي دعوت ڏني پر ان مڃڻ جي بجاءِ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام سان بحث شروع ڪيو تہ ٻڌاءِ تنهنجو رب ڪهڙو آهي؟ حضرت ابراهيم عليه السلام فرمايو تہ منهنجو رب اهو آهي جيڪو جياري ۽ ماري ٿو. هن بددماغ، ڪج فهم، ڪندذهن بہ قيدي گهرائي هڪ مارائي ٻئي کي سلامت ڇڏي چيائين تہ مان بہ اهو جيارڻ ۽ مارڻ وارو ڪم ڪيان ٿو. حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام سمجهيو تہ هن مون واريءَ ڳالهہ کي نہ سمجهيو آهي. ان کي اهڙو مثال ڏجي جو جلدي سمجهي وڃي. پاڻ نمرود ڏي متوجهہ ٿي فرمايائون تہ الله تعالىٰ سج کي اوڀر کان اوڀاري ٿو جيڪڏهن تون سچو آهين تہ سج کي اولهہ کان اوڀار. نمرود اهو ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو ڇو تہ اهو ڪم سندس وس کان ٻاهر هو. اڳتي ارشاد ٿيو تہ الله تعالىٰ جي هدايت ظالمن کي نصيب نہ ٿيندي آهي.

(١) روح البيان ص ٤١٠ جلد ١

* فائدو *

ڪن روايتن ۾ آيو آهي ته قيامت جي ڏينهن حجت پوري ڪرڻ خاطر سج کي اولهه کان اوڀاريو ويندو ته سيئي ڏسن ته واقعي الله تعاليٰ سج کي اولهه کان به اوڀاري سگهي ٿو.
انهيءَ نمرود کي دنيا ۾ الله تعاليٰ ايتري دير ۽ مهلت ڏني هئي جو چار سؤ (٤٠٠) سال مٿي ۾ سور به نه ٿيو هوس. الله تعاليٰ ڪيس مهلت ڏني ته من سڌري پر جڏهن ان ۾ سڌرڻ جي ڪا به اميد نه رهي ته الله تعاليٰ هڪ مڇر جي ذريعي ان کي ختم ڪرايو.

* فائدو *

حضرت ابراهيم عليه السلام جي ولادت ملڪ عراق جي ننڍڙي شهر ۾ ٿي هئي جنهن جو نالو -اُرُ- هو. اتي ئي ڪين باهه ۾ اڇلائڻ وارو واقعو پيش آيو. پوءِ پاڻ اتاهين هجرت ڪري پهريان حاران نالي شهر ۾ تشريف فرما ٿيا. اتي ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ فلسطين ڏي آيا ۽ اتي بيت عيل، صبرون ۽ بير شبع کي پنهنجي تبليغ جو مرڪز بنايائون. ان کان پوءِ پنهنجي ڀائٽي حضرت لوط عليه السلام کي بحرلوط جي اوپر پاسي مقرر ڪري پاڻ مصر جو ارادو فرمايائون جيڪو ان وقت عراق کان پوءِ تهذيب ۽ تمدن جو ٻيو نمبر گهوارو هو. آهستي آهستي اتاهين به سفر ڪري مڪي پاڪ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪعبه شريف جي تعمير ڪيائون. حضرت اسماعيل عليه السلام کي اتي پنهنجو جاءِ نشين مقرر ڪري پاڻ فلسطين ڏانهن موٽي آيا. صبرون ۾ رهائش اختيار ڪيائون ۽ اتي ئي رحلت فرمايائون سندن ٻيو پٽ حضرت اسحاق عليه الصلواة والسلام اتي سندن جاءِ نشين ٿيو.

اَوْ كَالَّذِیْ مَرَّ عَلٰی قَرْيَةٍ وَّهِیَ خَاوِيَةٌ عَلٰی

يا ان شخص وانگر جو لنگهيو هڪ ڳوٺ وٽان ان حال ۾ جو اهو ڪريل هو پنهنجين ڇتين

عُرُوْشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰی يُحْیٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعْدَ مَوْتِهَا ۚ

تي چيائين ته ڪهڙيءَ طرح وسائيندو هن کي الله پڇاڙان ان جي برباد ٿيڻ کان. پوءِ مئل رکيو ان کي الله

فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمْ لَبِثْتَ ؕ

سؤ سالن تائين ان کان پوءِ جيئرو ڪيائين ان کي. فرمايو (الله ته) ڪيتري (مدت هتي)

قَالَ لَبِثْتُ يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالَ بَلْ لَّبِثْتَ

رهيو آهين عرض ڪيائين ته رهيس ڏينهن يا حصو ڏينهن جو. فرمايو (الله) بلڪ رهيو آهين

مِائَةَ عَامٍ فَانْظُرْ اِلٰی طَعَامِكَ وَشَرَابِكَ لَمْ

سؤ سال پوءِ ڏس تون پنهنجي طعام ۽ پنهنجي پيئڻ واري شيءِ ڏانهن جو نه بدبودار

يَتَسَنَّهْ ۚ وَانْظُرْ اِلٰی حِمَارِكَ وَلِنَجْعَلَكَ اٰيَةً لِّلنَّاسِ

ٿي ۽ ڏس پنهنجي گڏهه ڏانهن ۽ تانت ڪيون توکي نشاني ماڻهن جي لاءِ ۽ ڏس تون هڏن

وَانْظُرْ اِلَی الْعِظَامِ كَيْفَ نُنْشِزُهَا ثُمَّ نَكْسُوْهَا لَحْمًا ؕ

ڏانهن ته ڪهڙيءَ طرح ٿا ڳنڍيون انهن کي ان کان پوءِ ڍڪايون ٿا انهن تي گوشت - پوءِ جڏهن ظاهر

فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۵۹﴾

ٿيو ان لاءِ ته چيائين يقين سان ٿو ڄاڻان ته بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي

تفسير

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ مثل کي جيئري ڪرڻ جو ذڪر آهي. اهو واقعو ڪنهن کي درپيش آيو ان جي نالي جي وضاحت نه قرآن پاڪ ڪئي آهي نه مستند، صحيح حديث ۾ آئي آهي. ان جي ڪري قرآن پاڪ جي مفسرن سڳورن جو ان جي تعين ۾ اختلاف آهي. اڪثر مفسرن لکيو آهي ته اهو واقعو حضرت عزير عليه الصلواة والسلام جو آهي. علامه رازيءَ عليه الرحمه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته بخت نصر ڪافر بادشاهه، بني اسرائيل سان جنگ ڪري گهڻن کي قتل ڪيو ۽ ڪيترن کي قيدي بنايو. انهن قيدين ۾ حضرت عزير عليه الصلواة والسلام جن به هئا. جڏهن قيد مان آزاد ٿي پنهنجي گڏهه تي سوار ٿي واپس موٽيا ته رستي ۾ سندن گذر ايليا شهر کان ٿيو جنهن کي بخت نصر بادشاهه ڊاهي ڦٽائي تباهه ڪري ڇڏيو هو. پاڻ اتي پنهنجيءَ سواريءَ واري گڏهه تان لهي ان کي هڪ وڻ سان ٻڌي شهر ۾ گهڙي آيا ته اتي ڪين ڪير به نظر نه آيو. گهر سڀ ڊٺا پيا هئا. پاڻ عجب ۾ پئجي چوڻ لڳا ته الله تعاليٰ هن ڳوٺ کي وري ڪيئن آباد ڪندو؟(هيءُ انڪار نه پر عجب طور هو) پاڻ اتي ويٺلن وڻن مان انجير ۽ انگور کاڌائون ۽ انگورن جو نپوڙو ڪجهه پيتائون ۽ ڪجهه رکي سمهي رهيا. نوجوان هئا. ننڊ ۾ ئي الله تعاليٰ سندن ساهه قبض ڪري ورتو. ان حال ۾ پورا سئو (١٠٠) سال اتي پيا هئا. مگر الله تعاليٰ ڪين ماڻهن، ڦاڙيندڙن جانورن ۽ پکين کان لڪل ۽ مخفي رکيو. بعد ۾ الله تعاليٰ ڪين جيئرو ڪري سڏي پڇيو ته هت گهڻو وقت ٿيو اٿوَ؟ عرض ڪيائون ته ڏينهن يا اڌ ڏينهن گذريو آهي. الله تعاليٰ جي طرفان فرمان آيو ته توهان هتي سؤ (١٠٠) سال رهيا آهيو. ڏسو ته جيڪي انجير ۽ انگور توهان چني رکيا هئا اهي صحيح ۽ سالم پيا آهن انگورن جو نپوڙو به محفوظ رکيو آهي. خراب نه ٿيو آهي. حضرت عزير عليه الصلواة والسلام جن ڏٺو ته واقعي پاڻي ۽ ميوا تازا رکيا آهن. وري فرمان آيو ته پنهنجي گڏهه ڏي نهاريو ڏٺائون ته اهو سڙي هڏا ٿي ويو آهي ۽ اهي هڏا چمڪي رهيا آهن. ان کان پوءِ ٻڌڻ ۾ آئين ته انهن هڏن کي حڪم ٿي رهيو آهي ته اي سڙيل

هڏا! مان اوهان ۾ روح ٿو وجهان. ان حڪم پڄاڻ شرط اهي هڏا هڪ ٻئي جي ويجها ٿيا ۽ هر هڪ هڏي پنهنجي جاءِ ورتي. سيئي پاڻ ۾ جڏهن مليا ۽ گڏهه جي جسم جو خاڪو تيار ٿي ويو ته انهن تي گوشت پيدا ٿيو ۽ کل چڙهي ۽ کل مان وار به ظاهر ٿيا. جڏهن الله تعاليٰ ان ۾ روح ورائي وڌو ته گڏهه جيئرو ٿي اٿي بيٺو ۽ هينگ ڏنائين. حضرت عزير عليه الصلواة والسلام جن اهو قدرتي ڪرشمو ڏسي بارگاه ايزديءَ ۾ سجدو ڪيو ۽ عرض ڪيائون ته مان يقين سان ٿو چوان ته بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. (١) تفسير خازن لکيو آهي ته حضرت عزير عليه الصلواة والسلام جن اتاهين اٿڻ کان پوءِ ان پنهنجيءَ سواريءَ واري گڏهه تي چڙهي گهر آيا ته ڪين ڪنهن به نه سڃاتو ڇو ته سؤسالن تائين سندن پٽ ته ڇڏيو پر پوٽا به پوڙها ٿي ويا هئا. سندن گهر ۾ هڪ ٻانهي جيڪا سندن شروعاتي وقت ۾ ويهن ورهن جي هئي سا هن وقت هڪ سؤ ويهن ورهن جي ٿي چڪي هئي. تنهن کي اچي فرمايائون ته مان عزير آهيان. ٻانهي عزير جو نالو ٻڌي روئي ويئي ۽ عرض ڪيائين ته اسين عزير کي سؤ ورهن (١٠٠) کان وڃايو ويٺا آهيون اوهان ڪٿان آيا آهيو؟ ڀلا جي اوهان عزير آهيو ته عزير عليه السلام جن جي دعا قبول هوندي آهي. اوهان دعا گهرو ته مان سڄي ۽ تندرست ٿيان ته پوءِ اوهان کي ڏسي سڃاڻان. حضرت عزير عليه السلام جن دعا گهري ۽ سندن دعا جي برڪت سان ان ٻانهيءَ جون اکيون روشن ٿيون. حضرت عزير عليه الصلواة والسلام جن کي ڏسي سڃاتائين ۽ عرض ڪيائين ته بيشڪ اوهان عزير آهيو. پوءِ انهيءَ ٻانهيءَ وڃي بني اسرائيل کي ٻڌايو ته عزير عليه السلام جن آيا آهن. اها ڳالهه ٻڌڻ شرط سندن پٽ، پوٽا وغيرهم اچي گڏ ٿيا ۽ سندس پٽن فرمايو ته اسان جي پيءُ کي ڪلهي تي تر جو نشان هو ڏٺائون ته واقعي نشان بيٺو آهي. وري چيائون ته عزير عليه الصلواة والسلام جن کي توراة ياد هو جيڪڏهن اوهان عزير آهيو ته اهو اسان کي ياد ٻڌايو حضرت عزير عليه الصلواة والسلام جن توراة ڪين لکي ڏنو ۽ ٻڌايو. تڏهن چوڻ لڳا ته هيءُ ته (معاذ الله) الله جو پٽ آهي. حالانڪ ان کي زنده ڪرڻ ته الله تعاليٰ جي قدرت جو ڪمال هو. هڪ اهڙي شخص جو جيئرو ٿي موٽي اچڻ جنهن جي وفات کي سؤ سال گذري ويا هجن خود سندس همر عصرن ۾ هڪ حيرت ۾ وجهڻ جهڙي ڳالهه آهي.

(١) تفسير ڪبير ص ٣١ جزءُ ٧

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِيْ كَيْفَ تُحْيِ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو ابراهيم ته اي منهنجا رب - ڏيکار مون کي ته ڪيئن تو

الْمَوْتٰي ۭ قَالَ اَوَلَمْ تُؤْمِنْ ۭ قَالَ بَلٰي وَلٰكِنْ لِّيَطْمَىِٕنَّ

جيئرو ڪرين مئلن کي فرمايائين ڇا نه ايمان آندو تو؟ چيائين هائو ۽ پر تانت

قَلْبِيْ ۭ قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّيْرِ فَصُرْهُنَّ

مطمئن ٿئي دل منهنجي. فرمايائين پوءِ وٺ چار پکي پوءِ هيراءِ انهن کي پاڻ

اِلَيْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰي كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ

ڏانهن تنهن کان پوءِ رک هر جبل تي انهن مان ذرو ذرو تنهن کان پوءِ سڏ ڪرانهن

٣٥ ادْعُهُنَّ يَاْتِيْنَكَ سَعْيًا ۭ وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٦٠﴾

کي ته ايندا تو وٽ ڊوڙندي ۽ يقين ڄاڻ ته بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي

تفسير

هن آيت ۾ بہ الله تعاليٰ مئلن کي جيئري ڪرڻ وارو واقعو بيان فرمايو آهي. جنهن سان ايمان وارا ظلمات مان نڪري نور ڏي اچن واقعو هن طرح آهي ته حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام الله تعاليٰ جي دربار ۾ دعا گهري ته اي پالڻهار! مون کي ڏيکار ته مئل ڪيئن تو جيئرا ڪرين؟ الله تعاليٰ کيس پنهنجي قدرت ڪامله جو مشاهدو ڪرائڻ لاءِ فرمايو ته چار پکي (١- مور ٢- ڪبوتر ٣- ڪڪڙ ٤- ڪانءُ) وٺي. انهن کي پاڻ وٽ پالي هيراءِ ان کان پوءِ انهن کي کهي سندن گوشت ۽ هڏن کي ذرا ذرا ڪري پاڻ ۾ ملاءِ پوءِ چار حصا ڪري چئن

پاسي جبلن تي اڇلاءِ بعد ۾ انهن کي سڏ ڪر ته اهي گوشت ۽ هڏن جا ذرا هر هڪ پکيءَ جا حصا پاڻ ۾ ملندا ۽ جيئرا ٿي توڏانهن ڊوڙندا ايندا. حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام ائين ڪيو ته اهي ذرا پاڻ ۾ ملي جيئرا ٿي سندس خدمت ۾ ڊوڙندي حاضر ٿيا.

* پکين جو تعداد چار ڇو رکيو ويو؟ *

انهن پکين جو تعداد چار رکڻ ۾ هيءَ حڪمت هئي ته انسان جن عنصرن مان ٺهيو آهي اهي به چار آهن ١- مٽي ٢- پاڻي ٣- هوا ۴- باهه. جيئن اهي چارئي پکي ذرا ذرا ڪري جبلن تي اڇلايا ويا هئا تيئن موت جي اچڻ سان انسان جا اهي چار عنصر به جدا جدا ٿي ويندا آهن ۽ جيئن حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي سڏ سان چارئي پکي جيئرا ٿي ڊوڙندا آيا تيئن الله تعاليٰ جي حڪم سان انسان جا اهي چارئي عناصر به گڏ ٿيندا ۽ انسان جيئرو ٿي بارگاهه ايزديءَ ۾ حاضر ٿيندو. بعضي عيسائي اعتراض ڪندا آهن ته ائين مئل جيئرا نه ٿيندا. پر اهو سندن بائيبل جي به خلاف آهي. ڪتاب حزقيل ۾ سوين مئلن جي جيئري ٿيڻ جو ذڪر آهي ڪتاب التاريخ جي تيرهين باب ايڪويهين (٢١) درس ۾ آهي ته! الله تعاليٰ جي نبي اليسع (عليه الصلواة والسلام) جي قبر (مبارڪ) ۾ هڪ ميت کي لاٿو ويو ۽ جڏهن انهيءَ جو جسم قبر ۾ حضرت اليسع عليه الصلواة والسلام جي پاڪ جسم سان لڳو ته جيئرو ٿي پيرن تي بيهي رهيو. مئلن جي جيئري ٿيڻ جو انڪار اصل ۾ انهن ملحدن ڪيوآهي جيڪي محسوسات کان سواءِ معقولات جا مڃڻ وارا نه آهن ۽ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ ان جي خارق عادت ڪمن جا صفا منڪر آهن. انهن جي نگاهه چوپاين جي نگاهه وانگر آهي. (١) متي ذڪر ڪيل واقعن ۾ ڪي ماٺهو عجيب عجيب تاويل ڪندا آهن مگر انهن کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته الله تعاليٰ جو پنهنجن پيغمبرن عليهم السلام سان جيڪو برتاؤ آهي اهو بين ڪان نرالو ۽ جدا آهي. عام مومنن کي هن حياتيءَ ۾ جيڪي ڪم ڪرڻا آهن انهن لاءِ ته ايمان بالغيب ڪافي آهي پر نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام تي جيڪو ڪم رکيل آهي ان جي تقاضا هئي ته اهي پنهنجن اکين سان اهڙيون حقيقتون ڏسن

(١) تفسير حقاني ص ٧٦ جلد ٣

جنهن تي ايمان آڻڻ لاءِ دنيا کي دعوت ڏين ۽ زور زور سان ٻڌائن ته اوهان صرف عقل ٿا هلايو اسين اکين سان ڏٺل ڳالهيون ٿا ڪيون. ان جي ڪري سندن اڳيان ڪڏهن ڪڏهن ملائڪ به کلي ايندا هئا ۽ ڪين آسمانن ۽ زمينن جو نظام وغيره به ڏيکاريو ويندو هو جنت ۽ دوزخ به سندن نگاهن جي اڳيان ايندا هئا. مئلن کي جيئرو ڪرڻ به سندن مشاهدو ٿيندو هو. ايمان بالغيب جي منزل ته اهي اڳ ۾ ماٽيو وڃنا آهن پر بعثت کان پوءِ ڪين ايمان بالشهادة جي نعمت عطا ٿيندي آهي ۽ اها نعمت انهن سان ئي مخصوص هوندي آهي.

* سوال *

حضرت ابراهيم عليه السلام مئلن کي جيئرو ڪري ڏيکارڻ جو سوال ڇو ڪيو؟

* جواب *

حضرت ابراهيم عليه السلام جن جي سوال ۾ ڪيف جو لفظ آيل آهي ۽ ڪيف سان سوال ان شيءِ جي حالت معلوم ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي جنهن جي موجود هجڻ جو يقين هوندو آهي. علامه قرطبيءَ لکيو آهي ته ان الاستفهام بکيف انما هو سوال عن حالة شيءِ موجود متقرر الوجود عند السائل والمسئول. يعني ڪيف سان ان شيءِ جي حالت پڇي ويندي آهي جنهن جي موجود هجڻ جو سائل ۽ مسئول ٻنهي کي يقين هوندو آهي. هتي به حضرت ابراهيم عليه السلام جن کي شڪ يا شبهو نه هو صرف پڇڻو هو ته ڪهڙي طريقي سان زنده ڪندو آهين؟ علامه موصوف ٿورو اڳتي لکيو آهي ته ولا يجوز علي الانبياءِ صلوات الله عليهم مثل هذا الشڪ فانه ڪفر (١)

يعني نبين عليهم السلام تي اهڙو شڪ ڪرڻ جائز ناهي ڇو ته اهو ڪفر آهي. ان شڪ جي وڃائڻ لاءِ ته حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جن کان اقرار ڪرايو ويو هو. "بلیٰ" يعني مون کي يقين آهي ته الله تعاليٰ مئلن کي جيئرو ڪري سگهي ٿو.

(١) تفسير القرطبي ص ٢٩٩ ج ٣

پر ڪين جيڪو علم اليقين جو مرتبو مليل هو اڪين سان مئلن ڪي جيئرو ٿيندو ڏسي ان ڪان مٿي تي پاڻ عين اليقين جي منزل تي پهچڻ جو ارادو ڪيو هيائون. تانت جيڪا ڳالهه ڪين برهان سان معلوم هئي سا اڪين سان ڏسن.

* فائدو *

هن سوال مان ثابت ٿيو تہ دل کي مطمئن بنائڻ لاءِ شاگرد استاد کان، مريد مرشد کان اهڙا سوال ڪري تہ بہ جائز آهي.

مَثَلُ الَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ

مثال انهن جو جي خرچ ٿا ڪن مال پنهنجا الله جي واٽ ۾ ان داڻي وانگر

كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنۡۢبَتَتۡ سَبۡعَ سَنَابِلَ فِيۡ كُلِّ سُنۡۢبُلَةٍ

آهي جو ڄمايائين ست سنگ هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻا آهن ۽ الله ٻيڻو ڪري ٿو

مِّائَةُ حَبَّةٍ‌ ؕ وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنۡ يَّشَآءُ ‌ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۶۱﴾

ڏي جنهن لاءِ بہ گهري ۽ الله ڪشادگيءَ وارو، ڄاڻندڙ آهي

تفسير

هتان ڪان الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جي پلائي ۽ خرچ ڪرڻ ڏانهن ترغيب جو ذڪر آهي. جڏهن ڪو بہ انسان خرچ ڪندو آهي تہ ان ۾ ذاتي يا برادري يا قومي مفاد ڪي اڳ ۾ رکندو آهي الله تعاليٰ ڏانهن توجهہ گهٽ رکندو آهي انهيءَ جي ڪري هتي خالص الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جا ظاهري ۽ باطني نفعا بيان ڪيا ويا آهن. "في سبيل الله" خرچ ڪرڻ جو مطلب آهي تہ شرعي حڪمن جي مطابق چڱن ڪمن ۾ خرچ ڪري. ان ۾ خير جا سڀ ڪم اچي ٿا وڃن. "كَمَثَلِ حَبَّةٍ"

(داڻي وانگر) سان هڪ عام فهم مثال ڏئي سمجهايو ويو آهي ته الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪندڙن جي درجي ۽ ثواب جي گهٽائيءَ تي حيرت ڇاجي؟ اهڙا مثال ته ماڏيات ۾ به روز ملن ٿا. تجارتي ۽ ڪاروباري تلميحون ته قرآن مجيد ۾ گهڻيون ٿيون ملن پر زرعي تمثيلون به موجود آهن. هتي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ کي هڪ پوک سان تشبيهه ڏني وئي آهي. ان مان اهل الله ۽ اهل دل هي به نڪتا به ورتا آهن ١- هڪ ته پنهنجي خير جي ڪمن جي حفاظت پوک وانگر ڪرڻي آهي. رياءُ، ڏيکاءُ، تڪبر، ايذاءُ ۽ احسان ڪرڻ سان ان کي برباد نه ڪجي ٢- ٻيو ته جيئن ٻج چٽڻ ۽ پاڻي ڏيڻ جي مختلف هجڻ جي ڪري پيداوار، قيمت ۽ نفعو مختلف هوندو آهي اهڙيءَ طرح نيت ۽ اخلاص مختلف هجڻ جي ڪري قبوليت جي سونهن ۽ قرب جي درجات جي ڪيفيت به مختلف هوندي آهي. "وَاللّٰهُ وَاسِعٌ" (۽ الله ڪشادگيءَ وارو آهي) چئي ٻڌايو ويو آهي ته مٺي مالڪ جي وسعتن جي ڪا انتها نه آهي ٻانهن تي سندس عطا ۽ بخشش جي ڪري سندس خزانن ۾ ڪا ڪوٽ نه ايندي. "عليم" سان ٻڌايو ويو آهي ته سندس علم کان ڪائنات جو ڪو ذرو به مخفي نه آهي تنهنجي ڪري ڪو به ائين نه سمجهي ته ڪو مخلص ۽ حقدار ٻانهو نظرانداز ٿي ويندو. ڄاڻڻ گهرجي ته الله غني، حميد پنهنجيءَ واٽ ۾ خرچ ڪندڙن کي ته ڏيندو ئي آهي پر سندس خزانن کي ورهائيندڙ،محبوب صلي الله عليه و آله وسلم جن ڪيءَ مٺي مالڪ جي بي پايان خزانن جو علم آهي ۽ مالڪ جي شانِ ڪريميءَ کي به ڄاڻندڙ آهن هن آيت سڳوريءَ جي نازل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجيءَ امت تي وڌي مهرباني فرمايائون. محدث بستيءَ عليه الرحمة پنهنجي صحيح مسند ۾حضرت ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "رَبِّ زِدْ اُمَّتِيْ" اي پالڻهار! منهنجي امت کي وڌائي ڏي. پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي "مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضَاعِفَهٗ لَهٗ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً" يعني ڪير آهي جيڪو الله کي سهڻو قرض ڏي ته پوءِ ٻيڻو ڪري ڏي ان کي الله ٻيڻايون گهڻيون. وري پاڻ فرمايائون ته "رَبِّ زِدْ اُمَّتِيْ" يعني اي منهنجا پالڻهار! منهنجيءَ امت کي وڌائي ڏي. پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي "اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ" يعني صابرن کي سندن اجر حساب کان سواءِ ڏنو ويندو. علامه قرطبيءَ مٿين روايت آڻي لکيو آهي ته جڏهن سيدنا رسول

الله صلي الله عليه وسلم جن تبوڪ جي جنگ ۾ اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم کي مدد ڪرڻ جو حرص ڏياريو تہ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله تعاليٰ عنه چار هزار ڪٽي آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ يارسول الله! مون وٽ اٺ هزار هئا انهن مان چارهزار پنهنجي سر ۽ عيال لاءِ رکي چار هزار اوهان جي خدمت ۾ ڪٽي آيو آهيان. پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "بَارَکَ اللّٰہُ لَکَ فِيْمَا اَمْسَکْتَ وَفِيْمَا اَعْطَيْتَ" يعني جيڪي رکي آيو آهين ۽ جيڪي ڏنو اٿئي، الله توکي ان (سموري) ۾ برڪت وجهي ڏي. حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه عرض ڪيو تہ يارسول الله! جنهن وٽ جنگ جو سامان نہ آهي ان جو سامان منهنجي ذمي آهي. انهن ٻنهي جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. (١)

* پوک پوکڻ سنتِ وکم آهي *

هن آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ پوک جو ڏنڊو پلو ڏنڊو آهي ۽ روزي ڪمائڻ جي ذريعن مان تمام گهڻو باعزت ذريعو آهي. ان جي ڪري الله تعاليٰ نيڪيءَ کي ان سان تشبيهہ ڏئي ذڪرڪيو آهي. صحيح مسلم ۾ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو فرمان آهي تہ "مَا مِنْ مُسْلِمٍ يَغْرُسُ غَرَسًا اَوْ يَزْرَعُ زَرْعًا فَيَاكُلُ مِنْهُ طَيْرٌ اَوْ اِنْسَانٌ اَوْ بَهِيْمَةٌ اِلَّا کَانَ لَهٗ صَدَقَةٌ" يعني ڪو بہ مسلمان باغ ٿو لڳائي يا پوک ٿو پوکي پوءِ ان مان ڪو پکي يا ڪو انسان يا ڪو چوپايو کائي ٿو تہ اهو ان لاءِ صدقو آهي ۽ ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِلْتَمِسُوا الرِّزْقَ فِيْ خَبَايَا الْاَرْضِ" يعني زمين جي اندرين حصن مان رزق طلب ڪيو. مراد آهي تہ پوک پوکيو. (رواه الترمذي)

* مسئلو *

پوک پوکڻ فرض ڪفايه آهي وقت جي حاڪم تي لازم آهي تہ ماڻهن کي پوک پوکڻ ۽ باغ لڳائڻ تي مجبور ڪري ۽ معتضد روايت ڪئي آهي تہ مون خواب

(١) تفسير القرطبي ص ٣٠٣ ج ٣

۾ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي زيارت ڪئي پاڻ مون کي هٿ ۾ ڪوڏر ڏئي فرمايائون تہ هيءَ وٺ. اهي زمين جي خزانن جون ڪنجيون آهن. (١)

* هن آيت جو شان نزول *

علامه رازيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ حضرت عثمان جڏهن تبوڪ جي جنگ ۾ مجاهدن کي هزار اٺ پاڪڙن سميت ۽ هزار دينار ڏنا تہ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن ٻئي هٿ مبارڪ کڻي هيءَ دعا گهري.

"يَا رَبِّ عُثْمَانَ رَضِيْتُ عَنْهُ فَارْضَ عَنْهُ" اي عثمان جا رب. مان عثمان کان راضي آهيان تون بہ ان کان راضي ٿيءُ. تڏهن هيءَ آيت سندس حق ۾ نازل ٿي (٢) علامه قرطبيءَ لکيو آهي تہ حضرت عثمان جي لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "مَا ضَرَّ ابْنَ عَفَّانَ مَا عَمِلَ بَعْدَ الْيَوْمِ اَللّٰهُمَّ لَاتَنْسَ هٰذَا الْيَوْمَ لِعُثْمَانَ" يعني (عثمان) بن عفان اڄ ڏينهن کان پوءِ جو عمل بہ ڪندو ان کي نقصان نہ ڏيندو. يا الله! عثمان جي اڄوڪي ڏينهن واري قرباني وسارڻ جهڙي نہ آهي.

حضرت ابوسعيد خدريءَ رضي الله عنه فرمايو آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي عثمان لاءِ هٿ کڻي دعا گهرندي ڏٺو جو فرمائي رهيا هئا تہ "اي عثمان جا رب! مان عثمان کان راضي آهيان تون بہ ان کان راضي ٿيءُ." اها دعا فجر تائين گهرندا رهيا، پوءِ مٿين آيت نازل ٿي. (٣)

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا

جيڪي خرچ ٿا ڪن پنهنجا مال الله جي واٽ ۾ تنهن کان پوءِ ان جي پويان

يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَآ اَذًى لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ

جيڪي خرچ ڪيائون نہ احسان ٿا لائن نہ ڏک. انهن لاءِ انهن جو اجر آهي انهن

(١) القرطبي ص ٣٠٦ ج ٣ (٢) تفسير الڪبير ص ٤٥ جزء ٧

(٣) تفسير القرطبي ص ٣٠٦ جلد ٣

رَبِّهِمْ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾ قَوْلٌ

جي رب وٽ ۽ ناهي ڪو خوف انهن تي ۽ نه اهي ڏک ڪندا. ڳالهائڻ چڱو ۽

مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَا اَذًى

بخش ڪرڻ ڀلو آهي ان صدقي ڪان جنهن جي پويان ڏک پهچايو وڃي ۽ الله

وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾

شاهوڪار ۽ وڏو بردبار آهي.

تفسير

هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خيرات ڏئي پوءِ ان خيرات وٺندڙ کي نه ٻڌايو وڃي جيڪڏهن خيرات ڏيڻ کان پوءِ احسان بيان ڪرڻ يا ايذائڻ شروع ڪيو ويو ته ان خيرات جو درجو نه ملندو. بعضي ٿورڙي دماغ وارا ماڻهو جيڪڏهن پنج روپيه ڪنهن کي خيرات ڏيندا آهن ته هر هر پيا ان کي بيان ڪندا يا ان کي اذيتون پهچائيندا. هتي انهن جي اصلاح مقصود آهي ۽ اهو ٻڌائڻو آهي ته اهڙيءَ خيرات کان ڪنهن سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ يا اُن جي سخت ڪلاميءَ کي بردبار ٿي برداشت ڪرڻ ڀلو آهي. دين جو مقصد ئي اهو آهي ته اوهان جي سيرت سينگارجي وڃي. جيڪو خيرات ڏئي احسان بيان ڪندو آهي ان لاءِ سخت وعيد آيل آهي. نسائيءَ شريف ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "ثَلَاثَةٌ لَا يَنْظُرُ اللّٰهُ اِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَلْعَاقُّ لِوَالِدَيْهِ وَالْمَرْاَةُ الْمُتَرَجِّلَةُ تَتَشَبَّهُ بِالرِّجَالِ وَالدَّيُّوْثُ وَثَلَاثَةٌ لَا يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ اَلْعَاقُّ لِوَالِدَيْهِ وَمُدْمِنُ الْخَمْرِ وَالْمَنَّانُ بِمَآ اَعْطٰي" يعني ٽن شخصن ڏي

الله تعاليٰ قيامت ۾ نہ نهاريندو. ١- پيءُ ماءُ جو بي فرمان. ٢- جيڪا عورت مٿي
کي ڦٽي ڏئي مردن سان مشابهت ڪري ٣- بي غيرت ۽ اهڙيءَ طرح ٽي شخص جنت ۾ نہ
ويندا. ١- ماءُ پيءُ جو بي فرمان ٢- هميشه شراب پيئندڙ ٣- خيرات ڏئي احسان
بيان ڪندڙ (١)

يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ

اي ايمان وارا! نہ ضايع ڪيو پنهنجن صدقن کي احسان ٻڌائڻ ۽ ڏکوئڻ سان ان

وَالْاَذٰى كَالَّذِىْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ

وانگر جو خرچ ٿو ڪري پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ۽ نہ ٿو ايمان آڻي الله

بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ

تي ۽ نہ ڏينهن قيامت تي. پوءِ ان جو مثال انهيءَ پٿر وانگر آهي جنهن تي مٽي

تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ

پيل آهي پوءِ پهتو ان کي زوردار مينهن پوءِ ڇڏيائين ان کي صاف ڪري نہ ٿا

عَلٰى شَىْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ

قادر ٿين ڪنهن شيءِ تي انهيءَ مان جو ڪمايائون ۽ الله نہ ٿو هدايت ڪري

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾

ڪافر قوم کي

(١) القرطبي ص ٣٠٨ ج ٣

تفسير

هيءُ منافق ۽ رياءُ ڪندڙ جي عمل جو مثال آهي ته جهڙيءَ طرح پٿر تي مٽي نظر ايندي آهي، پر جڏهن برسات وسندي آهي ته ان مٽيءَ کي وهائي ويندي آهي ۽ پٿر پٿر ئي رهجي ويندو آهي. منافق جي خير واري عمل جي به اهائي حالت هوندي آهي جو بظاهر ڏسڻ ۾ گهڻو هوندو آهي، پر قيامت جي ڏينهن اهو ائين گم ٿي ويندو، جيئن پٿر تان مٽي لهي وئي. نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان روايت آهي ته پاڻ فرمايائون:

"اِيَّاكُمْ وَالْاِمْتِنَانَ بِالْمَعْرُوفِ فَاِنَّهٗ يُبْطِلُ الشُّكْرَ وَيَمْحَقُ الْاَجْرَ" يعني پاڻ کي چڱائيءَ جي بدلي ۾ احسان ڪرڻ کان بچايو، ڇو ته اهو شڪر کي ختم ٿو ڪري ۽ اجر کي ميٽي ٿو ڇڏي. ائين فرمائڻ کان پوءِ مٿين آيت تلاوت ڪيائون (١)

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ

۽ مثال انهن (ماڻهن) جو جيڪي خرچ ٿا ڪن پنهنجا مال الله جي رضا حاصل

اللّٰهِ وَتَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍ بِرَبْوَةٍ

ڪرڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي نفس کي ثابت رکڻ لاءِ، ان باغ وانگر آهي جيڪو مٿانهينءَ

اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ

زمين تي آهي، پهتو ان کي زور وارو مينهن، پوءِ ڏنائين پنهنجو ميوو ٻيڻو ڪري. پوءِ جيڪڏهن

يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ۗ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٦٥﴾

نه پهتو ان کي مينهن ته پوءِ ماڪ ۽ الله جيڪي ڪيو ٿا، ڏسندڙ آهي.

(١) تفسير القرطبي ص٣١٢ ج٣

تفسير

هن آيت ۾ اخلاص واري مومن جي عملن جو مثال بيان ٿيل آهي تہ جيئن زمين جي مٿاهينءَ ٽڪريءَ تي پلو باغ هجي ۽ اهو ڀيڻا ميوا ڏي، تيئن موءمن مخلص جيڪو مال الله تعاليٰ جي واٽ ۾ ان کي راضي ڪرڻ لاءِ خرچ ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ ان کي وڌائي ٿو ۽ ان جي دل ۾ مال ۽ جان قربان ڪرڻ جو پڪو عزم ٿو پيدا ٿئي. مال تمام پياري شيءِ آهي ۽ ان جو خرچ ڪرڻ ابتدا ۾ بيشڪ ڳورو ٿو لڳي، پر جڏهن انسان خرچ ڪرڻ جو عادي ۽ ان جي لذتن کان آگاهہ ٿو ٿئي تہ ان جو استعداد ۽ لياقت پڪي ٿي ويندي آهي. پوءِ مال ڇا، پنهنجي پياري جان گهور ڪرڻ کي بہ سعادت سمجهندو آهي.

اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ

ڇا پسند ٿو ڪري ڪو اوهان مان هيءَ (ڳالهہ) تہ هجي ان لاءِ باغ کجين ۽

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ

انگورن مان جو وهن هيٺان انهن جي نهرون، ان لاءِ انهن ۾ هر قسم جا ميوا آهن

الثَّمَرٰتِ ۙ وَاَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۚ

۽ پهتي ان کي پوڙهائپ ۽ ان جو اولاد ضعيف آهي. پوءِ لڳو ان کي

فَاَصَابَهَآ اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ۭ كَذٰلِكَ

جهولو، جنهن ۾ باهہ آهي، پوءِ سڙي ويو (اهو باغ). اهڙيءَ طرح بيان ٿو ڪري الله

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٦٦﴾ ع ركوع ٣٦

اوهان لاءِ آيتون تہ اوهان فڪر ڪريو.

تفسير

هن آيت ۾ ٻانهي جي نيت جي اخلاص کي هڪ مثال سان بيان ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن هڪ ماڻهو باغ لڳائي، رات ڏينهن محنت ۾ وڏو خرچ ڪري. ان ۾ رنگ برنگي ميوا پيدا ڪندڙ وڻ رکي. انهن وڻن جي پاڙن ۾ ۾ مٺي ۽ صاف پاڻيءَ جون نهرون وهن، پر هاڻي ان باغ رکندڙ کي پيريءَ اچي ورتو آهي ۽ ان جي قوت آهستي آهستي جواب ڏيندي ٿي وڃي. ان جا ٻار اڃان ضعيف ۽ ننڍا آهن ۽ اهو پاڻ مطمئن آهي تہ هاڻي اهو پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ ان جو ڦل کائيندو ۽ ان جي پلي باغ جي آمدنيءَ مان ان جا پيريءَ وارا ڏينهن آرام سان گذرندا ۽ پنهنجي ٻارن ۽ ٻچن جي روزيءَ لاءِ بہ ان کي ڪو تردد يا فڪر نہ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا

اي ايمان وارؤ! خرچ ڪيو پاڪ شين مان، جيڪي ڪمايو ۽ ان مان جيڪي

كَسَبْتُمْ وَمِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَلَا

ڪڍيون اسان اوهان لاءِ زمين مان ۽ نہ ارادو ڪيو خراب شين جو

تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ

،ان مان خرچ ڪيو ٿا ۽ نہ آهيو (پاڻ) وٺندڙ ان جا مگر هي جو اکيون

اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ۭ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾

پوريو ان ۾ ۽ يقين ڄاڻو تہ بيشڪ الله شاهوڪار، ساراهيل آهي.

تفسير

هن آيت ۾ طَيِّبٰتِ جي خرچ ڪرڻ جو حڪم آهي طَيِّبٰتِ مان مراد اهي شيون آهن جيڪي سٺيون، حلال ۽ حلال طريقي سان ڪمايل آهن. ڇو ته ان خرچ ڪرڻ مان ٽي فائدا آهن. ١- غريب جي ڀلائي ٢- پنهنجي نفس جي اصلاح ٣- الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ ۽ اهي مقصد تڏهن حاصل ٿي سگهندا جڏهن سٺيون ۽ پاڪ شيون خرچ ڪيون وينديون. جيڪڏهن ردي شيءِ ڏني ويندي ته نه غريب جي ڀلائي ٿيندي ۽ نه پنهنجي نفس کي بخيليءَ جي مرض کان ڇوٽڪارو ملندو. الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جو ته ان مان سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. ڇو ته الله تعاليٰ ڀلي ڪان ڀلن انعامن جي اوهان تي بارش وسائي ٿو جڏهن ان جي نالي تي ڏيڻ جو وقت اچي ته بيڪار شيون ان جي نالي ۾ نه ڏجن. جڏهن پاڻ ردي شيون قبول نه ٿيون ڪجن ته اهي ردي شيون مالڪ مٿو ڪيئن قبول فرمائيندو؟ پر جيڪڏهن ان باغ کي باه وارو جهولو ساڙي ڇڏي ته انهيءَ پوڙهي جي حالت کهڙي ٿيندي ۽ ڇا اهو اها ڳالهه پسند ڪندو؟ نه هرگز نه- بالڪل ائين ئي سمجهو ته جڏهن قيامت جي ڏينهن اوهان ڪمائڻ کان عاجز هوندا ۽ ڪوبه اوهان جي مدد نه ڪندو ته اتي اوهان کي پنهنجي نيڪ عملن جي ضرورت محسوس ٿيندي پرجيڪڏهن پنهنجن نيڪ عملن کي رياءَ جي باه سان ساڙي ڇڏيندئو ته اوهان جي حسرت، ندامت ۽ دل سوزيءَ جو ڇا جهان هوندو؟ ها- جيڪڏهن اوهان ان خطرناڪ حالت کان بچڻ ٿا چاهيو ته پنهنجن عملن کي ڏيکاءَ ۽ رياءَ کان بچايو (١) هن آيت جي تفسير ڪندي علامه سيوطيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته طبرانيءَ ۽ حاڪم حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هيءَ دعا گهرندا هئا. "اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ اَوْسَعَ رِزْقِكَ عَلَيَّ عِنْدَ كِبَرِ سِنِّيْ وَانْقِطَاعِ عُمُرِيْ (٢) اي الله منهنجي پيريءَ ۽ عمر جي پوري ٿيڻ وقت مون کي پنهنجو رزق وڌ ۾ وڌ ڪشادو عطا ڪجانءِ.

اڳتي ارشاد ٿيو ته "وَاللّٰهُ يَعِدُكُمْ" الله تعاليٰ اوهان کي نيڪيءَ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جي رغبت ٿو ڏياري ڇو ته ائين ڪرڻ سان اوهان جا گناه معاف ٿيندا ۽ غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ سان اوهان تي رزق ۽ نعمت جا دروازا کوليا

(١) تفسير ڪبير ص ٦٠ جزءُ ٧ (٢) الدر المنثور ص ٣٤٩ ج ٢

ويندا. هيءَ آيت ۾ حڪمت جو ذڪر آهي حڪمت مان مراد اهو صحيح علم آهي جو ايترو پڪو ۽ طاقت وارو هجي جو انساني ارادي کي خير جي ڪم ڪرڻ طرف متوجهہ ڪري. علامه محمد ابن احمد انصاريءَ لکيو آهي تہ علماء جو حڪمت جي معنيٰ ۾ اختلاف آهي. سديءَ فرمايو تہ ان مان مراد نبوة آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ ان مان مراد قرآن پاڪ جي معرفت آهي. يعني سمجهڻ تہ ڪهڙو ناسخ آهي، محڪم آهي، متشابهہ آهي، مقدم يا مؤخر آهي (١) بيا مختلف اقوال بہ آهن پر سيني جو جامع مٿيون قول آهي الله تعالىٰ حڪمت کي خيرڪثير ۽ دنيا کي متاع قليل سڏيو آهي. ان هوندي بہ جيڪڏهن ڪو علم جو صاحب اميرن ۽ شاهوڪارن کان پاڻ کي گهٽ سمجهي تہ هيءَ ان جي نگاهہ جي ڪوتاهي آهي نہ تہ جيڪا نعمت ۽ دولت ان کي عطا ڪيل آهي ان جي اڳيان قارون جي دولت، فرعون ۽ نمرود جو دٻدٻو ڪا وقعت نہ ٿو رکي.

اَلشَّيْطَانُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَاۤءِ ۚ

شيطان ڊيڄاري ٿو اوهان کي مسڪينيءَ کان ۽ امر ٿو ڪري اوهان کي بي

وَاللّٰهُ يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَفَضْلًا ۗ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ

حيائيءَ جو ۽ الله وعدو ٿو ڪري اوهان سان بخشش جو پنهنجي طرفان ۽ فضل جو ۽ الله وڏي وسعت وارو

عَلِيْمٌ ﴿٢٦٨﴾ يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَاۤءُ ۚ وَمَنْ يُّؤْتَ

ڄاڻندڙ آهي. عطا ٿو فرمائي حڪمت جنهن کي گهري ۽ جنهن کي حڪمت عطا

الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا ۗ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ

ڪئي وئي پوءِ تحقيق ڏنو ويو ڀلائي گهڻي ۽ نٿا نصيحت وٺن

اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾

مگر عقلمند.

(١) تفسير القرطبى ص ٣٣٠ ج ٣

تفسير

پهرينءَ آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ شيطان طرح طرح جا وسوسا وجهي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ کان روڪي ۽ چوي ٿو تہ جيڪڏهن هي خرچ ڪيئي تہ تنهن جي ڪاڻ لاءِ ڇا بچندو؟ ۽ ٻچن جو پيٽ ڪيئن پرينڊين ۽ در در پنڻ جي ذلت برداشت ڪرڻي پونديئي ۽ بخيليءَ کي دوراندیشيءَ ڪفايت شعاريءَ جو رنگين عنوان ڏئي پيش ڪندو آهي. هتي هيءَ ڳالهہ غور طلب آهي تہ قرآن ڪريم بخيليءَ کي فحشاءِ (سخت بي حيائي) جي لفظ سان تعبير ڪيو آهي. ۽ اها آهي بہ حقيقت. ان کان وڌيڪ بي حيائيءَ جي ڳالهہ ڪهڙي ٿي سگهندي جو انسان پاڻ عيش ڪندو رهي ۽ ڪنهن غريب ياءُ جي مدد ڪرڻ جوان کي ڪڏهن خيال بہ نہ اچي.

وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ

۽ جيڪي خرچ ڪيُوَ يا باس باسيُوَ پوءِ بيشڪ الله ان کي

يَعْلَمُهٗ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٢٧٠﴾ اِنْ تُبْدُوا

ڄاڻي ٿو ۽ ناهن ظالمن جا ڪي بہ مددگار. جيڪڏهن ظاهر ڪندئو

الصَّدَقَاتِ فَنِعِمَّا هِيَ ۚ وَاِنْ تُخْفُوْهَا وَتُؤْتُوْهَا

خيرات کي تہ تمام ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن لڪائيندئو ان کي ۽ ڏيندئو اها

الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَيُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ

فقيرن کي تہ پوءِ اهو ڀلو آهي اوهان لاءِ ۽ ميٽيندو (الله) اوهان کان

سَيِّاٰتِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٧١﴾

اوهان جا گناهہ ۽ الله ان جي جيڪي ڪيو ٿا خبر رکندڙ آهي.

تفسير

هنن آيتن ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي ته اوهان جيڪو به خرچ ڪيو ۽ جتي به ڪيو ۽ جا به باس باسيو ۽ جنهن لاءِ به باسيو الله تعاليٰ سڀ ڄاڻي ٿو ۽ اوهان جي نيت مطابق اوهان کي ثواب يا عذاب ملندو. هت نذر جو لفظ آيل آهي. علامه ابن الجوزيؒ عليه الرحمة لکيو آهي ته النذر ما اوجبه الانسان عليٰ نفسه وقد يكون مطلقا ويكون معلقا بشرط(١) يعني نذر اهو آهي جيڪو انسان پاڻ پنهنجي مٿان واجب ڪري اهو ڪڏهن مطلق هوندو آهي ته ڪڏهن شرط سان معلق نذر خاص الله تعاليٰ جي لاءِ هوندو آهي پر جيڪڏهن نذر خاص الله تعاليٰ جي لاءِ مقرر ڪري ۽ ان جي خرچ ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ولي، بزرگ جي درگاهه تي رهندڙن فقيرن يا ايندڙن زيارت ڪندڙن کي محل مقرر ڪري ته اهو جائز آهي. مثال طور هيئن چوي ته يا الله مان باس ٿو باسيان يا نذر ٿو ڪيان ته جيڪڏهن تو منهنجو فلاڻو مقصد پورو ڪيو يا فلاڻي بيمار کي شفا ڏني ته مان تنهنجي رضا خاطر تنهنجي فلاڻي نيڪ ٻانهي ولي سڳوري جي درگاهه تي فقيرن يا زيارت ڪندڙن کي کاڌو کارائيندس يا ٽڪو يا نڪ وغيره يا ان جي مسجد جي لاءِ تيل وٽي ڏيندس ته اهو نذر يا باس جائز آهي (٢) ان کان پوءِ خيرات کي ظاهري ڪري ڏيڻ يا لڪائي ڏيڻ جو ذڪر آهي. ان ۾ صحيح راءِ هيءَ آهي ته فرضي صدقا ظاهر ڪري ڏيڻ ۽ نفلي لڪائي ڏيڻ ڀلا آهن. علامه ابن الجوزيؒ عليه الرحمة لکيو آهي ته واتفق العلماءُ عليٰ ان اخفاءِ الصدقة النافلة افضل من اظهارها (٣) يعني علماء جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي ته نفلي صدقي جو لڪائي ڏيڻ ان جي ظاهر ڪرڻ کان وڌيڪ آهي. ۽ فرضيءَ ۾ ٻه قول آهن ١- هڪ ته اظهار افضل آهي ٢- ٻيو ته لڪائي ڏيڻ افضل آهي حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب رضي الله عنه جو فرمان آهي ته چڱائي ٽن ڳالهين سان ڪمال حاصل ڪندي آهي ١- جلدي ڪرڻ سان ٢- انکي ٿورو سمجهڻ سان ٣- لڪائي ڪرڻ سان- جڏهن تو چڱائي ڪرڻ ۾ جلدي ڪئي ته تو ان

(١) زادالمسير ص- ٣٢٤ ج ١ (٢) ضياءُ القرآن (بحواله رد المحتار) ص ١٩٠ ج ١
(٣) زاد المسير ص ٣٢٦ ج ١

ڪي سٺو بڻايو. جڏهن ان کي ٽوڙڻو سمجهيئي تہ ان جو قدر وڌايئي. جڏهن ان کي لڪائيئي تہ ان کي مڪمل ڪيئي.

لَيْسَ عَلَيْكَ هُدَاهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

ناهي تنهنجي (ذمي) انهن کي هدايت ڪرڻ. ۽ پر الله هدايت ٿو ڪري جنهن کي

وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْنَ

گهري ۽ جيڪي خرچ ٿا ڪيو مال مان پوءِ پنهنجي لاءِ (ٿا ڪيو) ۽ نہ خرچ ڪيو

اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ

مگر الله جي رضا لاءِ. ۽ جيڪي خرچ ڪندئومال مان پورو بدلو ڏنو ويندو اوهان

اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٢﴾

کي ۽ اوهان ظلم نہ ڪيا ويندؤ.

تفسير

- حضور صلي الله عليه وسلم جن جي اصحابن انصارن سڳورن جا ڪيترا مائٽ مسلمان نہ ٿيا هئا ۽ انصار سڳورا انهن جي مالي مدد ڪرڻ گهرندا هئا مگر ان جي ڪري نہ ڪندا هئا تہ اهي مسلمان نہ آهن ۽ حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن بہ مسلمانن کي حڪم ڪري ڇڏيو هو تہ اهي پنهنجا صدقا خيراتون مسڪينن مسلمانن کي ڏين - الله تعاليٰ هن آيت ۾ حڪم ڏنو تہ انهن ڪافرن کي بہ بکيو نہ ڇڏيو انهن کي بہ خيرات ڏيو تہ اهي بہ پيٽ پالين.

* مسئلو ع ١ *

هن صدقي مان مراد نفلي خير آهي جيڪو غيرمسلمان کي بہ ڏيڻ جائز آهي. صدقو واجب مراد نہ آهي ڇو تہ اهو مسلمان کان سواءِ ٻئي کي ڏيڻ جائز نہ آهي.

* مسئلو ع ٢ *

حربي ڪافر کي تہ ڪنهن بہ قسم جو صدقو ڏيڻ جائز نہ آهي باقي غيرحربي کي زڪواة ۽ عشر ڏيڻ جائز نہ آهي ٻيا صدقا ڏيڻ جائز آهن (١)

لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا

(خيرات) انهن فقيرن جي لاءِ آهي جيڪي روڪيا ويا آهن الله جي واٽ ۾ نہ ٿا

يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ يَحْسَبُهُمُ

ڪري سگهن سفر زمين ۾ (روزي ڪمائڻ لاءِ) سمجهي ٿو انهن کي اڻ واقف

الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ تَعْرِفُهُمْ

شاهوڪار سوال نہ ڪرڻ جي ڪري. (اي حبيب) اوهان انهن کي سڃاڻو ٿا انهن

بِسِيْمَاهُمْ لَا يَسْئَلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا وَمَا تُنْفِقُوْا

جي صورت مان نہ ٿا گهرن ماڻهن کان چنبڙي پوڻ سان. ۽ جيڪي خرچ ڪندئو

مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢٧٣﴾ ع

مال مان پوءِ بيشڪ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي.

(١) معارف القرآن ص ٥٨٣ ج ١

تفسير

پهرينءَ آيت ۾ ٻڌايو ويو تہ جيڪڏهن غيرمسلم مسڪين ڪي پنهنجي نفلي خيرات ۽ صدقات ڏيو تہ ان ۾ ڪو حرج نہ آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ صدقي جا حقدار اهي ماڻهو آهن جن پنهنجيون زندگيون دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن کي ايتري فرصت بہ ڪانہ ٿي ملي جو اهي پنهنجي معاش جو فڪر ڪن. حضرت حبيب خدا صلي الله عليه وسلم جن جي صحبت ۾ اچڻ وارن مان ٽن چئن سون جي قريب اهڙا مهاجر اصحابي بہ هئا. جن وٽ نہ مال هو. نہ اهل نہ متي ڍڪڻ لاءِ اجهو. اهي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر رهندا هئا ۽ جنهن ڪم جي لاءِ حڪم ملندو هو ان تي عمل ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪٿي جنگ لاءِ ٿورڙي لشڪر موڪلڻ جي ضرورت پوندي هئي تہ هي بي فڪر حاضر ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن فارغ ٿيندا هئا تہ قرآن ڪريم ۽ سنت نبوي عليٰ صاحبها الصلواة والسلام کي ياد ڪندا هئا. انهن جي رهائش لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن مسجد ۾ ئي هڪ ڇپر ٺهرايو هو انهن جو فقر ۽ مسڪينيءَ جي باوجود عزتِ نفس ۽ خودداريءَ جو هي جهان هو جو ڪنهن جي اڳيان هٿ ڊگهو ڪرڻ تہ گويا ڄاڻندا ئي نہ هئا جيئن بہ وقت گذريو ٿي ماٺ ۽ خاموشيءَ سان گذاريندا هئا. الله تعاليٰ هن آيت جي ذريعي مسلمانن جو توجهہ انهن ڏانهن ڇڪرايو. مگر هي حڪم انهن لاءِ مخصوص نہ آهي هن وقت بہ جيڪي حضرات اهڙي خدمت ۾ مشغول آهن ۽ گذران جي لاءِ وقت نہ ٿا ڪڍي سگهن انهن لاءِ اهو ساڳيو حڪم قائم آهي؛ جيئن ديني مدرسن ۾ پڙهندڙ طلباء وغيره.

* پنڻ کان پاسو ڪجي *

اسلام پنڻ کان سخت منع ڪئي آهي. امام احمد، بخاريءَ ۽ مسلم حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "لَاَنْ يَّغْدُوَ اَحَدُكُمْ فَيَحْتَطِبَ عَليٰ ظَهْرِهٖ فَيَتَصَدَّقَ مِنْهُ وَيَسْتَغْنِيَ بِهٖ عَنِ النَّاسِ خَيْرٌ لَّهٗ مِنْ اَنْ يَّسْاَلَ رَجُلًا اَعْطَاهُ اَوْ مَنَعَهٗ" يعني اوهان مان ڪو شخص صبح جو وڃي پنهنجي گذر لاءِ ڪاٺيون ڪري پٺيءَ تي کڻي

اچي پوءِ ان مان صدقو ڪري ۽ ماڻهن جي محتاجيءَ ڪان بچي پوي ته اهو انهيءَ لاءِ ان ڪان پلو آهي جو ڪنهن ڪان سوال ڪري، اهو ڏي يا نه ڏي.

امام احمد ۽ ابن ماجه حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه ڪان راويت آندي آهي ته نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو "مَنْ سَاَلَ النَّاسَ اَمْوَالَهُمْ تَكَثُّرًا فَاِنَّمَا يَسْاَلُ جَمْرًا فَلْيَسْتَقِلَّ مِنْهُ اَوْ لِيَسْتَكْثِرْ" (١) يعني جيڪو ماڻهن ڪان مال گهڻي ڪري لاءِ پني ته اهو (جڻ) ٽاندا ٿو پني پوءِ ٿورا گڏ ڪري يا گهڻا. مرضيءَ وارو آهي.

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا

جيڪي خرچ ٿا ڪن پنهنجا مال رات جو ۽ ڏينهن جو ڳجهو

وَّعَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ

۽ ظاهر پوءِ انهن لاءِ انهن جو اجر آهي انهن جي رب وٽ ۽ نه آهي ڪو خوف

عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾ اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا

انهن تي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا. جيڪي کائن ٿا وياج

لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ

نه ٿا بيهن مگر جيئن بيهي ٿو اهو شخص جو چريو ٿو ڪري ان کي

الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا

شيطان هٿ لڳائڻ سان. اهو ان سببان جو انهن چيو ته

الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ

واپار وياج وانگر آهي. حالانڪ حلال ڪيو الله واپار کي ۽ حرام ڪيائين وياج کي

وقف منزل

وقف لازم

(١) تفسير المراغي ص ٥١ جزءُ ٣ جلد ١

فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا

پوءِ جنهن وٽ آئي نصيحت ان جي رب وٽان پوءِ (وياج کان) رڪجي پيو پوءِ ان لاءِ ته اهو آهي

سَلَفَ ؕ وَاَمْرُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ

جو اڳتي موڪليائين ۽ ان جو معاملو الله جي حوالي آهي ۽ جيڪو وري ڪاڻ لڳو ته پوءِ اهي

اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۷۵﴾

جهنمي آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ آهن.

تفسير

هتي پهرينءَ آيت ۾ سخيءَ ۽ ڪريم الطبع ماڻهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي خالص الله تعاليٰ جي رضا لاءِ ماڻهن جي مدد ٿا ڪن ۽ ڪنهن معاوضي بلڪ شڪريه ادا ڪرڻ جي به توقع نه ٿا رکن. انهن لاءِ وڏو درجو ۽ ثواب آهي ۽ انهن کي ڪو خوف ۽ غم نه ٿيندو ۽ ٻيءَ آيت ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر آهي جيڪي دولتمند هجڻ جي باوجود ايترا تنگدل بلڪ سنگدل آهن جو پنهنجي معذور ۽ مجبور ڀاءُ جي مدد ته نهيو پر ان کي قرض به وياج کان سواءِ نه ٿا ڏين.

* وياج جو حڪم *

هنن آيتن ۾ وياج جو حرام هجڻ بيان ڪيل آهي. پر ڏسڻو اهو آهي ته ان وقت عرب ڇا کي ربوا (وياج) سڏيندا هئا ۽ انهن ۾ وياج جون ڪهڙيون ڪهڙيون شڪليون رائج هيون. عربيءَ لغت ۾ ربوا جي معنيٰ زيادتي آهي. ۽ اصطلاح ۾ ان مقرر ڪيل زياديءَ کي ربوا سڏيو ٿو وڃي جيڪا ڪنهن رقم جي دير سان ادا ڪرڻ جي ڪري وصول ڪئي وڃي. عرب ۾ ان جون مروج شڪليون هي هيون ته ڪنهن ماڻهوءَ کا شيءِ خريد ڪئي جيڪڏهن اهو نقدي قيمت نه ٿو ادا ڪري سگهي ته هڪ وقت مقرر

ڪيو ٿي ويو. جيڪڏهن ان وقت تي به ادا نه ٿو ڪري ته وقت ۾ واڌارو ۽ قيمت ۾ اضافو ڪيو ٿي ويو. مثال طور ڪنهن ڏهين روپيه جي ڪا شيءِ ورتي ۽ هڪ مهيني کان پوءِ قيمت ادا ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ مهيني گذرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ان کي ڏهه روپيه ميسر نه ٿيا ته اهو هڪ مهيني جي زياده مهلت طلب ڪندو هو ۽ ڏهن جي بجاءِ ٻارهن روپين ادا ڪرڻ جو وعدو ڪندو هو. ۽ هڪ صورت هيءَ به هئي ته ڪنهن کان هڪ سؤ روپيه قرض ورتو ويو ۽ اهو طيءِ ٿيو ته مقروض هر سال سؤ سان گڏ ڏهه روپيه زياده ادا ڪندو. انهن ٻنهي صورتن کي ان وقت ربوا سڏيندا هئا. هتي هڪ ٻي شيءِ به تحقيق طلب آهي ته ڇا ان وقت جا ماڻهو صرف نجي ضروريات جي لاءِ وياج وارو قرض ڪڍندا هئا يا ڪاروبار ڪرڻ جي لاءِ به؟ بعضي ماڻهو جن کي عرب جي حالات، رسم ورواج جي تفصيلي مطالعي لاءِ فرصت نه ٿي ملي. چون ٿا ته ان وقت صرف ذاتي ضرورتن لاءِ قرض ڪڍندا هئا ۽ ڪاروبار جي لاءِ قرض وٺڻ جو ان قديم، غيرمتمدن معاشري ۾ ڪو تصور به نه هو. پر جيڪڏهن اهي دنيا جو نقشو ڏسن ته انهن کي معلوم ٿي ويندو ته ان وقت جڏهن نهر سوئيز ڪوٽيل نه هئي، وڏا وڏا بحري جهاز وجود ۾ نه آيا هئا، مشرق ۽ مغرب جي تجارت خشڪيءَ جي رستي سان ٿيندي هئي ۽ ان وقت تجارتي قافلن جو گذر جزيرهٔ عرب مان ٿيندو هو ته عرب جا ماڻهو عمومًا ۽ مڪ وارا خصوصًا تجارت ۾ خوب حصو وٺندا هئا. ان ڳالهه جو ذڪر ته خود قرآن ڪريم ۾ به آهي ته مڪي پاڪ وارن جا تجارتي قافلا سردين ۾ يمن ۽ فارس ڏي ۽ گرمين ۾ شام ۽ روم ڏي ويندا هئا ۽ اهوئي انهن جي معاش جو ذريعو هو. ۽ تاريخ ان تي صاف صاف شاهد آهي ته جيڪو قافلو ابوسفيان جي قيادت ۾ شام کان مڪي پاڪ ڏي وڃي رهيو هو جنهن جو مسلمانن مدينه منوره مان نڪري گهيري ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو ان ۾ سيني مڪي وارن جو سرمايو هو. مڪي پاڪ ۾ اهڙو گهر ڪوبه ڪونه هو جنهن ان ۾ پنهنجو حصو نه وڌو هو ۽ ان حصي جون متي لکيل ٻئي صورتون ان ۾ جاري هيون. سرمايي ڏيڻ وارو يا ته نفعي ۾ شريڪ ٿيندو هو يا پنهنجو حصو مقرر ڪندو هو. قرض وٺڻ واري کي ان ۾ نفعو هجي يا نقصان. انهن تاريخي حقيقتن جي باوجود هي فرض ڪري وٺڻ ڪٿي جائز آهي ته ان وقت جا عرب ڪاروبار جي لاءِ وياج وارو قرض نه وٺنداهئا.

قرآن ڪريم هر قسم جي وياج کي حرام سڏيو آهي. ڪوبہ ڪٿي اها اجازت ڏيڪاري نہ سگهندو تہ ڪاروبار جي لاءِ وياج وٺڻ جائز آهي. قرآن ڪريم وياج کائيندڙ جي ڪيفيت بہ بيان ڪئي آهي تہ جيئن آسيب، جن وغيره وارو چريو عجيب ۽ غريب حرڪتون ڪندو آهي جنهن کي ڏسي ماڻهو بي اختيار ٿي کلندا آهن ۽ کل تي ڪنٽرول ڪري نہ سگهندا آهن اهڙيءَ طرح وياج خور بہ حشمت ۽ مرتبي جي باوجود دولت جي محبت ۾ مست ٿرندو آهي ۽ ان کان اهڙيون نامعقول ڳالهيون ۽ ناشائسته حرڪتون وجود ۾ ايندڀون آهن جو ڏسڻ واري کي گمان ٿيندو آهي تہ شايد ان تي ڪنهن شيءِ تسلط ڄمائي رکيو آهي. ان جي دنياوي زندگي تہ ائين گذرندي آهي پر قيامت ۾ ان جو حال وڌيڪ برو هوندو. وياج جي جائز هجڻ لاءِ جيڪو دليل اڄ ڏنو ٿو وڃي بعينه اهوئي دليل چوڏهن صديون اڳ عرب جا غيرمتمدن وياج خور پيش ڪندا هئا تہ جڏهن ٻن جنسن ۾ ڏي وٺ سان نفعو حاصل ڪرڻ درست آهي تہ پئسا جيڪي هڪ جنس آهن انهن ۾ نفعو وٺڻ ڪيئن حرام آهي. ان جو بہ جواب قرآن ڪريم ڏنو آهي تہ ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي واپار کي ان جي فائدن جي ڪري الله تعاليٰ حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي ان ۾نقصانن جي ڪري الله تعاليٰ حرام ڪيو آهي تنهن جي ڪري ٻنهي کي هڪ جهڙو سمجهڻ صحيح نہ آهي.

هيءَ ڳالهہ بہ سمجهڻ گهرجي تہ واپار جي ڪمائڻ ۽ وياج ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ قرآن ڪريم مان اشارةً فرق واضح آهي. تجارت ۾ پيسي لڳائڻ سان گڏ ماڻهو محنت بہ ڪري ٿو ۽ پنهنجون سيئي ذهني صلاحيتون، قابليتون صرف ڪري ۽ وقت سيڙائي ٿو. ان جي باوجود بہ نفعو يقيني نہ آهي. نفعو بہ ٿي سگهي ٿو تہ نقصان بہ ٿي سگهي ٿو. پر وياج کائڻ وارو صرف پيسو ٿو ڏي. نہ وقت نہ محنت نہ جفا- اهو صرف نفعي جو طالب ڇو ٿو ٿئي؟ اسلام سرمايه دار لاءِ ٻہ رستا تجويز ڪيا آهن. يا تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي پنهنجا پئسا قرض حسنه طور ڏي يا ڪاروبار ۾ شريڪ ٿئي ۽ نفعي ۽ نقصان ۾ حصي دار رهي. ان لاءِ ٽيون رستو بالڪل نہ آهي. اخلاقي حيثيت سان بہ وياج خور گندو هوندو آهي.

علامه ابن الجوزيؒ عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ قيامت ۾ جڏهن ماڻهو

قبرن مان نڪرندا تہ تڪڙا هلندا پر وياج خور اٿي هلڻ جي ڪوشش ڪندا تہ ڪري پوندا. وياج جو مال سندن پيٽ ۾ ايترو وڌندو جو ڳرا ٿي پوندا. (١)

يَمۡحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرۡبِى الصَّدَقٰتِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ

ميٽي ٿو الله وياج کي ۽ وڌائي ٿو خيرات کي ۽ الله محبت نہ ٿو رکي

كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيۡمٍ ﴿٢٧٦﴾

هر ناشڪر، گنهگار سان.

تفسير

هن آيت ۾ يمحق جو لفظ محق کان ورتل آهي. ڪنهن شيء جي ميٽجڻ ۽ گم ٿيڻ کي محق چوندا آهن. چنڊ جي پوين ٽن راتين کي محاق چوندا آهن. ڇو تہ چنڊ انهن راتين ۾ بالڪل گم هوندو آهي. هن آيت مان مقصد هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ جو هيءُ قائدو مقرر آهي تہ وياج کائيندڙ کي برڪت نہ هوندي، نہ مال مان ان کي ڪو فائدو پهچندو، نہ ان جي عزت هوندي، نہ ان کي قلبي سڪون نصيب ٿيندو. هيءَ ان جي حالت دنيا ۾ هوندي ۽ اهو آخرت ۾ ثواب ۽ الله تعاليٰ جي رضا منديءَ کان محروم هوندو پر الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خيرات ڪندڙ دنيا ۾ بہ عزت واري زندگي گذاريندو تہ آخرت ۾ بہ وڏو اجر ۽ ثواب حاصل ڪندو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا

بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ قائم ڪيائون

الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمۡ اَجۡرُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۚ

نماز ۽ ڏنائون زڪواة. انهن لاءِ انهن جو اجر آهي انهن جي رب وٽ

(١) زاد المسير ص ٣٣٠ ج ١

وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾ يَآ اَيُّهَا

۽ نہ کو خوف آهي انهن تي ۽ نہ اهي کو ڏک کندا. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوٓا

ايمان وارا. ڊڄو الله کان ۽ ڇڏيو جيکي باقي رهيو وياج مان

اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ

جيڪڏهن آهيو ايمان وارا. پوءِ جيڪڏهن ائين نہ ڪيو تہ پوءِ تيار ٿيو جنگ ڪرڻ لاءِ

مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ

الله ۽ ان جي رسول سان. ۽ جيڪڏهن توبه ڪندئو پوءِ اوهان لاءِ آهن اصل

اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٩﴾ وَاِنْ كَانَ

مال اوهان جا. نہ ظلم ڪيو ۽ نہ ظلم ڪيا وڃو. ۽ جيڪڏهن قرضدار تنگدست

ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ۗ وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ

آهي تہ پوءِ ان کي مهلت ڏيڻ آهي خوشحال ٿيڻ تائين ۽ صدقو ڏيو تہ ڀلو آهي

لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨٠﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ

اوهان لاءِ جيڪڏهن ڄاڻو ٿا ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جو موٽايا ويندئو

فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ

ان ۾ الله ڏانهن تنهن کان پوءِ پورو بدلو ڏنو ويندو هر نفس جيڪي ڪيائين

۳۸ رکوع

وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ ﴿٢٨﴾

۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا.

تفسير

وياج کائڻ جي ڪري اخلاقي، معاشرتي ۽ اقتصادي ناتلافي نقصان آهن ان جي ڪري وياج جي حرام هجڻ ڪي اهڙي شديد ۽ سخت انداز سان بيان ڪيو ويو آهي جنهن جو مثال نہ آهي. ارشاد آهي تہ جيڪڏهن انهن حڪمن ٻڌڻ کان پوءِ بہ وياج کائڻ جي جرت ڪندئو تہ اوهان سان الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان جنگ جو اعلان آهي. حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن وياج خورن جي لاءِ سخت سزائون بيان ڪيون آهن.

* وياج خورن لاءِ سزائون *

* حديث ع ١ *

مسلم ۽ بيهقيءَ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وياج کائيندڙ، وڪالت ڪندڙ، شاهدن ۽ لکندڙ تي لعنت ڪري فرمايو آهي تہ "اهي سيئي برابر آهن."

* حديث ع ٢ *

حاڪم صحيح حديث ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان ۽ ان نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان راويت آندي آهي تہ الله تعاليٰ تي حق آهي تہ چئن شخصن کي جنت ۾ داخل نہ ڪري ۽ نہ انهن کي جنت جون نعمتون چکائي ١- شراب پيئندڙ ٢- وياج کائيندڙ ٣- يتيم جو ناحق مال کائيندڙ ٤- والدين جو بي فرمان.

* حديث عـــ٣ـــ *

طبرانيءَ اوسط ۾ حضرت براءِ بن عازب رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَلرِّبَا اِثْنَانِ وَسَبْعُوْنَ بَابًا اَدْنَاهَا مِثْلُ اَنْ يَّاْتِيَ الرَّجُلُ اُمَّهٗ" (١) يعني وياج ڪاٺڻ جا ٻاهتر دروازا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ائين آهي جڻ تہ مرد پنهنجيءَ ماءُ ڏي تو اچي. يعني ان سان زنا تو ڪري مسلمان ذرا سوچيو غيرت مند مسلمان لاءِ هن ڪان وڌيڪ اجان ڪهڙو گناهہ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ اِلٰۤى اَجَلٍ

اي ايمان وارؤ! جنهن وقت ڏيتي ليتي ڪيو اوڌر تي مدي مقرر تائين تہ اهو لکو ۽

مُّسَمًّى فَاكْتُبُوْهُ ؕ وَلْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ

گهرجي تہ اوهان جي وچ ۾ ڪو لکندڙ انصاف سان لکي ۽ نہ انڪار ڪري لکندڙ

بِالْعَدْلِ ۪ وَلَا يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ

هن ڪان جو لکي. جيئن الله سيکاريو اٿس پوءِ ان کي گهرجي تہ لکي ۽ پل تہ

اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَلْيُمْلِلِ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَلْيَتَّقِ

لکرائي اهو شخص جنهن تي حق آهي ۽ گهرجي تہ ڊڄي الله

اللّٰهَ رَبَّهٗ وَلَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ فَاِنْ كَانَ الَّذِيْ

رب پنهنجي کان ۽ نہ گهٽائي ان مان ذري برابر. پوءِ جيڪڏهن آهي اهو

(١) الدر المنثور ص ١١٠ ج ٢

عَلَيْهِ الْحَقُّ سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَايَسْتَطِيْعُ اَنْ

جنهن تي حق آهي بيوقوف يا ضعيف يا نہ تو طاقت رکي هن ڳالهہ جي جو

يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ؕ وَاسْتَشْهِدُوْا

لکارائي اهو تہ گهرجي تہ لکارائي ان جو ڪم هلائيندڙ انصاف سان ۽ ٻہ شاهد

شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ

بنايو پنهنجن مردن مان پوءِ جيڪڏهن ٻہ مرد نہ آهن تہ هڪ

فَرَجُلٌ وَّامْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنْ

مرد ۽ ٻہ عورتون. انهن مان جو پسند ٿا ڪيو شاهدن مان. ان جي ڪري تہ متان

تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ؕ وَلَا يَاْبَ

وساري هڪڙي انهن مان تہ ياد ڏياري هڪڙي انهن مان ٻيءَ کي. ۽ نہ انڪار ڪن

الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ وَلَا تَسْئَمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ

شاهد جڏهن سڏيا وڃن ۽ نہ ڍڄو هن ڳالهہ کان جو لکو ان کي

صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ اَقْسَطُ عِنْدَ

ننڍو هجي يا وڏو ان جي مدت تائين اهو وڌيڪ عدل وارو آهي الله وٽ

اللّٰهِ وَاَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰٓى اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ اَنْ

۽ وڌيڪ قائم ڪندڙ آهي شاهديءَ لاءِ ۽ وڌيڪ آسان آهي هن ڳالهہ لاءِ تہ ڪو شڪ نہ ڪيو مگر هي جو

تَكُوْنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ فَلَيْسَ

هجي واپار هٿئون هٿ جو ڏي وٺ ٿا ڪيو ان جي پاڻ ۾. پوءِ نه آهي

عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَلَّا تَكْتُبُوْهَا ؕ وَاَشْهِدُوْٓا اِذَا

اوهان تي ڪو گناهه جو ان کي نه لکو ۽ شاهد بنايو جنهن وقت

تَبَايَعْتُمْ ۪ وَلَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّلَا شَهِيْدٌ ؕ وَاِنْ

واپار ڪيو ۽ نه نقصان ڏنو ويندو لکندڙ ۽ نه شاهد ۽ جيڪڏهن ڪندئو

تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ بِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ

ته پوءِ اهو فسق آهي اوهان جو ۽ ڊڄو الله کان ۽ سيکاري ٿو اوهان کي

اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٢﴾

الله ۽ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

هيءَ قرآن ڪريم جي آيتن ۾ وڏي آيت آهي. ۽ ان ۾ معاملات جا احڪام شرح ۽ تفصيل سان لکيل آهن. پهريون حڪم هي آهي ته جڏهن اوڌر تي ڪاروبار ڪيو ته ضرور لکو ڇو ته گهڻا وقت انسان پهريان لکڻ کان شرمائيندو آهي پر بعد ۾ طرحين طرحين جون غلط فهميون ۽ رنجشون پيدا ٿينديون آهن. جهيڙي تائين ڳالهه پهچندي آهي ۽ پاڻ ۾ تعلقات به خراب ٿيندا آهن پر جيڪڏهن معاملي جا سڀ تفصيل مقدار قسم ۽ ادائيگيءَ جو وقت مقرر لکيو وڃي ته انهن خرابين کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. انهيءَ لکپڙهه ڪرڻ جي اهميت ۽ افاديت کان ڪوبه

انڪار نہ ٿو ڪري سگھجي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڪان روايت آهي تہ "جيڪو شخص (قرض جي ڏيتيءَ ليتيءَ ۾) لکت نہ ٿو ڪري ۽ سندس حق ضايع ٿو ٿئي تہ نہ ان کي اجر ملندو ۽ نہ ان جي بددعا لڳندي" چو تہ ان الله تعاليٰ جي هن واضح حڪم جي پيچڪڙي ڪئي آهي (١) ۽ هيءَ ڳالھہ بہ ذهن ۾ رکڻ گھرجي تہ لکڻ وارو بہ اهڙو شخص هجي جيڪو صاف ۽ چٽن لفظن ۾ لکي گڏيل ۽ ٻٽن معنائن وارا الفاظ استعمال نہ ڪري ۽ انهن سيني شرطن جو پورو پورو لحاظ رکي جيڪي شريعت ان واپار جي صحيح هجڻ لاءِ مقرر ڪيا آهن ۽ لکندڙ کي لکڻ کان انڪار نہ ڪرڻ گھرجي. فقهاءَ سڀڳورا لکي ويا آهن تہ جيڪڏهن لکندڙ لکڻ جو اجورو وٺي تہ بہ جائز آهي. لکڻ سان گڏ شاهدن مقرر ڪرڻ جو بہ حڪم آهي تہ ضرورت وقت پريشاني نہ ٿئي. هن باري ۾ تفصيلي احڪام فقه جي ڪتابن ۾ ڏسڻ گھرجن.

وَإِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهَانٌ

۽ جيڪڏهن آهيو سفر ۾ ۽ نہ لهو ڪو لکندڙ تہ پوءِ ڳھہ رکڻ آهي هٿ ۾ ورتل

مَّقْبُوْضَةٌ ۭ فَإِنْ أَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِي

پوءِ جيڪڏهن اعتبار ڪن هڪڙا اوهان مان ٻين تي پوءِ گھرجي تہ ادا ڪري اهو

اؤْتُمِنَ أَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ۭ وَلَا تَكْتُمُوا

جو امانت رکيو ويو امانت پنهنجي ۽ گھرجي تہ ڊڄي الله رب پنهنجي کان ۽ نہ لڪايو

الشَّهَادَةَ ۭ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَإِنَّهٗٓ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا

شاهديءَ کي ۽ جيڪو لڪائي.ٿو ان کي پوءِ بيشڪ گنهگار آهي دل ان جي ۽ الله جيڪي

تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ ع

ڪيو ٿا چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي.

ع ٣٩ / ٧

(١) ضياءُ القرآن ص ١٩٧ ج ١

تفسير

هن آيت ۾ ڳهه رکڻ جو ذڪر آهي ته جيڪڏهن اوهان مان ڪو ماڻهو سفر ۾ آهي ۽ اتي ڪو دستاويز لکندڙ ۽ شاهد به نه آهي ۽ اوهان اوڌرتي ڪجهه ڏيڻ وٺڻ گهرو ٿا ته ان جي هيءَ صورت آهي ته خريدار قيمت جي عيوض وڪڻندڙ وٽ ڪا شيءِ ڳهه رکي ۽ جڏهن قيمت ادا ڪري ته پنهنجي اها ڳهه رکيل شيءِ واپس وٺي. هتي ته سفر جي حالت جو ذڪر آهي پر ان جو مقصد اهو نه آهي ته سفر کان سواءِ ڳهه رکڻ جائز نه آهي. پر جڏهن ته اها حالت گهڻو ڪري سفر ۾ پيش ايندي آهي جو اتي نه دستاويز لکندڙ ملندو آهي نه شاهد ان جي ڪري سفر جي حالت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. نه ته حضر ۾ به ڳهه رکي سگهي ٿو. پر ڳهه رکيل شيءِ مان ڪوبه فائدو وٺڻ شرعًا منع آهي.

لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَاِنْ تُبْدُوْا

الله جو ئي آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ۽ جيڪڏهن ظاهر ڪندئو

مَا فِىْٓ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ اللّٰهُ ؕ

جيڪو اوهان جي دلين ۾ آهي يا لڪائيندئو ان ڪي ته حساب ڪندو اوهان سان ان جو الله

فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى

پوءِ بخشيندو جنهن کي گهرندو ۽ عذاب ڪندو جنهن کي گهرندو ۽ الله

كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٨٤﴾

هر شيءِ تي قادر آهي.

تفسير

جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ اصحابن سڳورن رضي الله تعالىٰ عنهم بي قرار، بي چين، مغموم ۽ ڪوماڻيل ٿي حبيبِ خدا صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اي الله جا پيارا رسول! (ﷺ) اڄ تائين جيڪي احڪام نازل ٿيا آهن (نماز، روزه، حج وغيره) ان تي تہ اسان عمل ڪري سگهياسون ٿي پر هن آيت تي عمل ڪرڻ جي طاقت ڪٿان اچي؟ پاڻ انهن کي تسلي ڏيندي فرمايائون تہ اوهان يهودين ۽ نصارن جو قول "سمعنا وعصينا" (ٻڌوسون ۽ بي فرمان ٿياسون) نہ چئو پر الله تعالىٰ جي حڪم کي تسليم ڪندي الله رب العزة جل شانه جي بارگاه ۾ عرض ڪيو تہ "سمعنا واطعنا" (اسان ٻڌو ۽ مڃيو) اصحابن سڳورن رضي الله تعالىٰ عنهم محبوب عليه الصلواة والسلام جي حڪم کي تسليم ڪري اهي دعا جا الفاظ چيا تہ الله تعالىٰ "آمن الرسول" واري آيت نازل ڪري انهن جي ايمان جي تصديق ڪئي! مولانا نعيم الدين مرآباديؒ المعروف بہ صدر الافاضل قدس سره لکيو آهي تہ! انسان جي دل ۾ ٻن قسمن جا خيال هوندا آهن. هڪ وسوسي طور جو ان ڪان دل کي خالي ڪرڻ انسان جي وس ۾ نہ هوندو آهي. ان کي حديثِ نفس يا وسوسو سڏيندا آهن ۽ ان تي پڪڙ نہ هوندي آهي. بخاريؒ ۽ مسلم شريف ۾ آهي تہ سيدِ عالم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "جيڪي وسوسا منهنجي امت جي دلين ۾ ايندا آهن الله تعالىٰ اهي معاف ڪندو آهي. جيستائين انهن تي عمل نہ ٿو ڪيو وڃي يا زبان سان بيان نہ ٿا ڪيا وڃن" هي وسوسا هن آيت ۾ داخل نہ آهن ٢- ٻيا اهي خيال آهن جن کي انسان پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ ڏيندو آهي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو بہ قصد ۽ پڪو ارادو ڪندو آهي انهن تي پڪڙ ٿيندي آهي هن آيت ۾ انهن جو ئي بيان آهي.

آمَنَ الرَّسُولُ بِمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡهِ مِنۡ رَّبِّهٖ وَالۡمُؤۡمِنُوۡنَ ؕ

ايمان آندو (هن) رسول ان (ڪتاب) تي جو لاٿو ويو ان ڏانهن ان جي رب وٽان ۽ (ايمان آندو) مومنن

كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۟ لَا نُفَرِّقُ

مڙني دل سان مڃيو الله کي ۽ ان جي ملائڪن ۽ ان جي ڪتابن ۽ ان جي رسولن کي (۽ چون ٿا ته) نه ٿا فرق

بَيۡنَ اَحَدٍ مِّنۡ رُّسُلِهٖ ۟ وَقَالُوۡا سَمِعۡنَا وَاَطَعۡنَا ۗ

ڪيون ڪنهن هڪ ۾ ان جي رسولن مان ۽ چيائون ته ٻڌوسون ۽ اطاعت ڪئي سون

غُفۡرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيۡكَ الۡمَصِيۡرُ ﴿٢٨٥﴾

طلب ٿا ڪيون تنهنجي بخشش اي اسان جا رب ۽ تو ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

تفسير

هن آيت ۾ ايمان جو اجمالي ذڪر آهي ته! الله تعاليٰ کي وحده لاشريڪ له مڃڻ ملائڪن کي نوري مخلوق ۽ فرمانبردار تسليم ڪرڻ، سڀني آسماني ڪتابن کي صحيح مڃڻ، سڀني رسولن جي رسالت تي بنا استثناءِ جي ايمان آڻڻ ۽ قيامت جي ڏينهن تي يقين رکڻ اهو آهي ايمان. پر هتي هي نڪتو به عجيب رکيل آهي ته الله تعاليٰ اول پنهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ايمان جو ذڪر هڪ پوري جملي ۾ ڪيو ان کان پوءِ مومنن جي ايمان کي ان تي عطف ڪري جدا اشاري سان بيان فرمايو ته اگرچه نفس ايمان جي لحاظ سان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن به مومن آهن پر سندن ايمان ۽ ٻين مومنن جي ايمان جي درجات ۾ بي انتها فرق آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو ايمان مشاهدي سان ۽ وحي جي سماع سان آهي ۽ ٻين مسلمانن جو ايمان بالغيب ۽

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ٻڌائڻ تي بنا ڪيل آهي ۽ اهو بہ واضح ڪيو
ويو تہ هن امت جا مومن اڳين امتن وانگر نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام ۾
فرق نہ ڪندا جيئن يهودين حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام کي ۽ نصارن حضرت
عيسيٰ عليه السلام کي مڃيو پر خاتم الانبياء صلي الله عليه وسلم جن کي نبي
ڪري نہ مڃيائون هيءَ هن امت جي مدح آهي جن ۾ الله تعاليٰ اهي سڀئي خوبيون
رکيون آهن.

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتْ

نہ ٿو تڪليف ڏي الله ڪنهن نفس کي مگر ان جي طاقت آهر. ان جي لاءِ اهو (ثواب) آهي جو ڪيائين

وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ

۽ ان تي ان جو (وبال) آهي جو (برو عمل) ڪيائين. اي اسان جا رب نہ پڪڙ اسان کي جي وساريو سون

اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ اِصْرًا كَمَا

يا خطا ڪئي سون اي اسان جا رب ۽ نہ وجهہ تون اسان تي اهڙو بار جيئن

حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا

وڌو تو انهن تي جيڪي گذريا اسان کان اڳ ۾ اي اسان جا رب ۽ نہ کڻاءِ اسان کي اهو (بار)

لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ۗ وَاغْفِرْ لَنَا ۗ

جو نہ آهي (ان جي کڻڻ جي) طاقت اسان ۾. ۽ معاف ڪر اسان کي ۽ بخش ڪر اسان کي

وَارْحَمْنَا ۗ اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى

۽ رحم ڪر اسان تي تون ئي اسان جو مددگار آهين پوءِ مدد ڪر اسان جي

ع ۸ ۴۰

الْقَـوْمِ الْكَافِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾

كافر قوم تي.

تفسير

هي پيارا پيارا دلنشين، اثر آفرين دعائيہ كلما ۽ شاندار جملا آهن. كريم ، بنده پرور ۽ ذره نواز مولا تبارڪ وتعالىٰ پنهنجي ٻانهن كي پاڻ سيكاريو آهي تہ مون كان هيءَ ۽ هن طرح دعا گهرندا كيو ۽ منهنجيءَ رحمت واري دروازي تي عرض كرڻ جو هيءُ طريقو آهي ۽ جڏهن كريم بہ نهايت كريم ۽ سخي بہ نهايت سخي. گداگر بي نوا كي فرمائي تہ اچ مون كان گهر ۽ اهو عرضدار پينو نهايت عجز ۽ زاريءَ سان عرض كري تہ اهو عرض ضرور قبول پوندو هن دعا ۾ جسماني ۽ روحاني،، انفرادي ۽ اجتماعي، ديني ۽ دنيوي هر قسم جي سعادتن، نعمتن، سرافرازين جي لاءِ التجا آهي. امام احمد، نسائيءَ، طبرانيءَ، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ صحيح سند سان حضرت حذيفه رضي الله عنه كان روايت آندي آهي تہ نبي كريم صلي الله عليه وسلم جن فرمائيندا هئا تہ! "اُعْطِيْتُ هٰذِهِ الْآيَاتِ مِنْ آخِرِ سُوْرَةِ الْبَقَرَةِ مِنْ كَنْزٍ تَحْتَ الْعَرْشِ لَمْ يُعْطَهَا نَبِيٌّ قَبْلِيْ" يعني مون كي سورة بقره جون هي آخري آيتون عرش جي هيٺان خزاني مان عطا كيل آهن جيكي مون كان اڳ ۾ كنهن بہ نبي كي عطا نہ كيون ويون ۽ حاكم ۽ بيهقيءَ حضرت ابوذر رضي الله تعالىٰ عنه كان روايت آندي آهي تہ. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ اللّٰهَ خَتَمَ سُوْرَةَ الْبَقَرَةِ بِاٰيَتَيْنِ اَعْطَانِيْهِمَا مِنْ كَنْزِهِ الَّذِيْ تَحْتَ الْعَرْشِ فَتَعَلَّمُوْهُمَا وَعَلِّمُوْهُمَا نِسَاءَكُمْ وَاَبْنَاءَكُمْ فَاِنَّهُمَا صَلٰوةٌ وَّقُرْآنٌ وَّدُعَاءٌ" (١) يعني الله تعالىٰ سورة بقره كي ٻن آيتن تي ختم كيو آهي جيكي مون كي پنهنجي ان خزاني مان عطا كيون اٿس جيكو سندس عرش جي هيٺان آهي. پوءِ اهي ٻئي آيتون پڙهو ۽ پنهنجي عورتن ۽ پٽن كي پڙهايو. بيشڪ اهي ٻئي آيتون نماز ۽ قرآن ۽

(١) الدر المنثور ص ١٣٨ جلد ٢

دعا آهن.

هنن آيتن کي رات جو سمهڻ وقت پڙهڻ وڏي برڪت آهي. حضرت عمر ۽ حضرت علي رضي الله عنهما جو فرمان آهي ته اسان جو خيال آهي ته ڪوبه عقلمند ماڻهو انهن آيتن جي پڙهڻ کان سواءِ نه سمهندو (١)

انهن ٻنهي آيتن جون معنوي خصوصيتون ته گهڻيون آهن، پر هڪ نمايان خصوصيت هيءَ آهي ته سورت بقره ۾ شرعي احڪام وغيره اجمالاً ۽ تفصيلاً ذڪر ڪيا ويا آهن،جيئن اعتقادات، عبادات، معاملات، اخلاقيات، معاشرت وغيره. پر آخر ۾ انهن تي عمل ڪرڻ وارن جي عجز ۽ نيازمنديءَ ڪي ذڪر ڪيو ويو آهي.

الحمد لله! اڄ مؤرخه ١٣- رجب المرجب سنه ١٤١٣ھ الموافق تفسير" احسن البيان في تفسير القرآن" جو پهريون جلد لکي پورو ڪيو اٿم. الله رب العزت جي سهاري ٻيو جلد سوره آل عمران سڳوريءَ کان شروع ڪيو اٿم. الله تعاليٰ کان دعا آهي ته ٻئي جلد کي ترت پورو ڪرڻ جي پڻ توفيق عطا فرمائي. اميد اها اٿم ته پوري قرآن مجيد جو تفسير جلد از جلد پورو ڪريان. بارگاه رب العالمين ۾ التجا آهي ته انهيءَ سعادت حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين ثم آمين يا رب العالمين


بحرمة حبيبک سيد الاولين والآخرين

صلي الله عليه وعليٰ آله واصحابه اجمعين

الفقير محمد ادريس ڏاهري نقشبندي عفي عنه

---

(١) معارف القرآن ص ٩٣٢ ج١


www.maktabah.org

